# شاھ جي رسالي جي سُڃاڻي

جلد ٻيون



تحرير ۽ تحقيق
محمد حسين "ڪاشف"

# شاهه جي رسالي جي سُڃاڻي

## (جلد ٻيون)

تحرير ۽ تحقيق

محمد حسين "ڪاشف"

COMPLIMENTARY COPY
Culture Department,
Government of Sindh

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: شاهه جي رسالي جي سُڄاڻي (جلد ٻيون)
ليکڪ: محمد حسين ڪاشف
پهريون ڇاپو: 2011ع
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
قيمت: =/500 رپيا

Title of Book: Shah Je Risale Ji Sujjani _ 2
Written By: Mohammad Hussain Kashif
Edition: First 2011
Quantity: 1000
Printer: Sindhica Academy, Karachi.
Published By: Culture Department,
Government of Sindh.

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
ثقافت کاتو ڪتاب گهر
سامهون ايم پي اي هاستل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400، سنڌ
فون: 021_99206073

# فهرست/وچور


| | |
|---|---|
| 1- پبلشر پاران | 3 |
| 2- عرض حال | 5 |
| 3- سُر سري راڳ | 15 |
| 4- سُر سري راڳ داستان پهريون | 44 |
| 5- سُر سري راڳ داستان ٻيون | 78 |
| 6- سُر سري راڳ داستان ٽيون | 104 |
| 7- سُر سري راڳ داستان چوٿون | 131 |
| 8- سُر سامونڊي | 157 |
| 9- سُر سامونڊي داستان پهريون | 207 |
| 10- سُر سامونڊي داستان ٻيون | 261 |
| 11- سُر گهاتو | 291 |
| 12- سُر گهاتو داستان پهريون | 309 |
| 13- سُر گهاتو داستان ٻيون | 327 |
| 14- سُر ڪاهوڙي | 339 |
| 15- سُر ڪاهوڙي داستان پهريون | 379 |
| 16- سر ڪاهوڙي داستان ٻيون | 404 |
| 17- سر ڪاهوڙي داستان ٽيون | 429 |
| 18- سُر ڪاپائتي | 453 |
| 19- سُر ڪاپائتي داستان پهريون | 475 |
| 20- سُر ڪاپائتي داستان ٻيون | 506 |

## پبلشر پاران

ثقافت کاتو گھڻي وقت کان ثقافتي سرگرمين سان گڏوگڏ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، موسيقي، تاريخ، قديم آثارن ۽ ٻين موضوعن تي ڪتاب ڇپائيندو رهيو آهي. خاص طور تي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو ڪلام، سندس شخصيت، فن ۽ فڪر تي ڪيترائي تحقيقي ڪتاب ثقافت کاتي جي ڪوشش سان منظر عام تي اچي چڪا آهن.

هيءَ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ موجوده حڪومتي دور ۾ اشاعت جي حوالي سان تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي ۽ ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن جا تحقيقي ڪتاب منظرعام تي ايندا رهيا آهن. جن ۾ "شاهہ جي سجاڻي" پڻ قابل ذڪر آهي. مشهور ليکڪ ۽ لطيف جي پارکو محمد حسين "ڪاشف" جو ترتيب ڏنل هن ڪتاب جو پهريون جلد گذريل سال شاهہ سائينءَ جي 266 هين عرس جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو هو، جنهن پڙهندڙن وٽ وڏو مانُ ماڻيو. ڪتاب جو ٻيو جلد پڻ ڪاشف صاحب تيار ڪري ورتو هو، افسوس جو سندس حياتيءَ ساٿ نہ ڏنو پر سندس شاهہ سان محبت جو هي پورهيو ابدي ۽ لازوال آهي. ثقافت کاتو "ڪاشف" صاحب جي هن پورهئي "شاهہ جي سجاڻي" جو ٻيو جلد ڇپائيندي بيحد خوشي محسوس ڪري رهيو آهي ۽ اميد

ڪري ٿو تہ هن ڪتاب سان پڙهندڙن کي شاهہ سائينءَ جو رسالو سمجهڻ ۾ وڏيڪ مدد ملندي.

آءٌ دلي طور تي اهڙي ڪتاب جي اشاعت تي خوشي محسوس ڪريان ٿو جيڪو سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي حوالي سان سندس فڪر کي سمجهڻ ۾ وڏيڪ سهنجائي ۽ آساني پيدا ڪري سگهندو. آءٌ ٿورائتو آهيان محترمہ سسئي پليجو وزيرِ ثقافت حڪومت سنڌ جو جيڪا پڻ علم، ادب، ثقافت، فن ۽ لطيفيات سان گهري دلچسپي رکندڙ آهي ۽ بحيثيت ثقافت کاتي جي وزير سندس رهنمائي ۽ دلچسپي اسان لاءِ ميلي جي انتظامن ۽ ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ وڏي مددگار ثابت ٿي آهي. ان کان سواءِ کاتي جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جون ڪاوشون پڻ لائقِ تحسين آهن، جنهن هن ڪتاب سميت ٻين انتظامن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

علم الدين ٻُلو

سيڪريٽري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي

12 جنوري 2011ع

# عرضِ حال

”شاھ جي رسالي جي سڄاڻي“ جلد پهريون جي اشاعت وقت ”پڙا پڳائي نہ تيا“ جي عنوان سان سڄاڻي جي اهميت ۽ ان جي لطيفيات جي سلسلي سان افاديت تي قدري روشني وجهڻ سان گڏ مون شروع ۾ انهي امر جو اظهار ڪيو هو تہ ”شاعر پنهنجي تخيل جي ڪارفرمائي سان انسانن جي علم ۽ فهم جي سلطنت کي فروغ ڏئي ٿو.“ دنيا جي شاعرن ۾ ڪنهن جو ڪهڙو مقام آهي، قطعہ نظر ان جي حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت پنهنجي انفراديت ۽ اعليٰ آدرشي عظمت جي، سنڌ ڌرتي جو هي شاعر فڪري ۽ نظري طور تي جيڪو مقام رکي ٿو. ان مقام سان عطار، مولانا رومي، حافظ، سعدي، عرفي ۽ قدوس گنگوهي ۽ ان ليول جا ٻيا شاعر ڪلهو ملايل نظر اچن ٿا. ليڪن ڪو بہ انهن مان وڪ وڌائي لطيف جي ”مقام لطيف“ ڪان اڳتي نڪتل نظر نٿو اچي.

مون شروع ۾ شاعر جي تخيل جي ڪارفرمائي جو ذڪر ڪيو آهي تہ ”اهو انسان جي علم ۽ فهم جي سلطنت کي فروغ ڏئي ٿو.“؟ انهيءَ سوال جو ڪما حقہ جواب منهنجي ذهني استطاعت کان مٿي آهي. ليڪن انهي ضمن ۾ پنهنجي علمي بي بضاعتي جي بنياد تي ايترو ضرور عرض ڪندس تہ ”ان امر جو بنيادي ڪارڻ آهي ”شاعرانہ شعور“ جيڪو خارجي دنيا جي حواسن جي دروازن جي وسيلي شاعر جي خون جگر ۾ جاءِ گزين ٿي ۽ خلاقانہ صلاحيتن ۾ رچجي لفظن جي پيرهن ۾ وجود وٺي سندس

تخليق جو نالو ماڻي ٿو، جتي شاعر جو مان هزارين "مان" مان جڙي ٿو ۽ ائين شاعر جي پنهنجي فڪري ۽ فني انفراديت وجود وٺي ٿي. جيڪا ان شاعر جي شعوري تشخص جو مظهر هوندي آهي. تاريخ جي هر دور ۾ هر سماج ۾ مضبوط فڪري روين سان حقيقي معنيٰ ۾ شاعر ۽ فنڪار جو وجود تمام ٿورو هوندو آهي. جيڪي پنهنجي دور جي تاريخ جا نمائنده ۽ سنبل هوندا آهن، جن تي انهي قوم ۽ سماج کي فخر هوندو آهي. اهي نہ صرف پنهنجي اتهاس ۽ ٻولي جا ترجمان هوندا آهن پر انهن جي عالمي حيثيت هوندي آهي. جاگرافيائي حدون انهن جي پيغام کي روڪي نہ سگهنديون آهن، انهن مهان شاعرن ۾ ڏاهپ رکندڙ انسانن جي داخلي زندگي ۾ پيدا ٿيندڙ بحران يا ائين چئجي تہ ان دور جي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ مختلف حالات جن مان اهي گذرن ٿا. اهي انهي حساس شخصيت لاءِ نهايت شديد هوندا آهن. جن جو رد عمل هڪ نرالي صورت اختيار ڪندو آهي. جنهن کي شاعر پنهنجي شعري زبان ۾ بيان ڪندو آهي. واقعيت جو اهو تسلسل تاريخ جو پيرهن هوندو آهي. جنهن ۾ صداقت ۽ دائميت جا قدر ان دور جي تاريخ جي زبان جي حيثيت رکن ٿا. شاعر جي زندگي جا تاثرات، ذاتي ڏک سُک، غم ۽ غصو، ذاتي خوشگواري يا ناگواري، نفسي ڪيفيتن جا مختلف مرحلا روح جي تڙپ، ذاتي علم ۽ ادراڪ تائين محدود نٿا رهن، بلڪ اهي انهن جي سرحدن کي ٽوڙي وجدان يا جمالياتي احساس جي عالم ۾ پهچي وڃن ٿا ۽ شعوري تنظيم جي صورت اختيار ڪري پنهنجي دور ۾ انسانيت جي نمائندگي ڪن ٿا. شاعري جو مقصد اسان کهڙو بہ سمجهون ليڪن "ان جو حقيقي مقصد "بلند ترين وجداني ڪيفيات، جمالياتي شعور، سماجي صداقت ۽ انسانيت جا قدر پيدا ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي." شاعر جي اها ڪيفيت ۽ شعور پنهنجي جاءِ تي خود هڪ بلند ترين مقصد آهي. جنهن کي دنيا جي عظيم شاعرن نڀايو آهي. اسان شاهہ سائين جي شاعري جو

باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪنداسون تہ اهي عالمي قدر سنڌن شاعري ۾ اتم درجي سان اسان کي نظر ايندا، جيڪي سنڌن ڪلام جي اعليٰ ترين سماجي سچائي ۽ روحاني بلندي جو دليل مهيا ڪندڙ آهن.

افسوس انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ اسان اڃا تائين شاهہ سائين جي ڪلام جي صحيح متن ۾ پڙهڻي تي متفق نہ ٿي سگهيا آهيون، اسان وٽ شاهہ سائين جي ڪلام جا مولف ۽ مرتب مختلف دعوائن جا علمبردار آهن. جن بجاءِ اسان کي ڪلام جي مقداري صورتحال جي عيوض معيار کي نظر ۾ رکڻ گهرجي ۽ ڪلام جي فڪري ۽ معنوي صورتن کي وسعت ڏيارڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. نہ صرف اهو پر سنڌ ڌرتي جي هن عظيم شاعر جي آفاقي ڪلام مان علمي ۽ نظري طور تي نوان موضوع ۽ شعوري رخ تلاش ڪرڻ گهرجن تہ هي مهان شاعر پنهنجي ڪلام ذريعي ڇا ٿو چوڻ چاهي، هن سماجي روين ۽ روحاني رمز آفريني جي سلسلي سان ڇا چيو آهي ۽ دنيا کي ڪهڙو پيغام ڏيڻ ٿو گهري، جنهن لاءِ هن پنهنجي رسالي جا سڄا سارا ٽيهہ سُر رچيا آهن ۽ انهن کي مختلف نوع جي صورت سان بيان ڪيو آهي. هي تاريخ جي ايڪويهين صدي آهي. جنهن ۾ فڪر ۽ فهم جي ماڻ جا ماپا اهي نہ رهيا آهن، جيڪي اڳ ۾ هئا. جڳ مشهور سائنسدان ”اسٽيفن هاڪنگ“ ڪائنات جي بليڪ هول بابت پنهنجي پيش ڪيل پهرئين نظريہ تي نظرثاني ڪري ٽيهن سالن بعد پنهنجي اڳئين نظريہ کي غلط قرار ڏئي ٿو. جنهن ۾ بليڪ هول ۾ شيون تباهہ ٿي وينديون هيون، پر هاڻي هو اهو اعلان ڪري ٿو تہ ”جيڪڏهن اوهين بليڪ هول ۾ ٽپي پئو تہ اوهان جي مادي جي توانائي اسان جي ڪائنات ۾ واپس اچي ٿي، اها هڪ جسماني شڪل ۾ نہ پر ٻي صورت اختيار ڪري ٿي ۽ فنا نٿي ٿئي.“ اهڙي ريت آمريڪي نژاد فرانسيسي مفڪر ”فوڪر ياما“ پنهنجي ڪتاب ”دي اينڊ آف هسٽري“ ۾ ارتقائي حيات ۽ انساني ترقي جو تجزيو ڪندي لکي ٿو تہ ”موجوده انسان کي

جيڪا ترقي ڪرڻي هئي اها ڪري ورتي ارتقائي حيات ۾ انسان جي هن ڪان بهتر شڪل اچي يعني انسان جنم ڪان وٺي جيڪو هن ڪان "ڪوالٽي" ۾ بهتر هجي، اهو ئي وڏي جست لڳائي سگهي ٿو. مون هتي صرف ٻن مثالن تي اڪتفا ڪئي آهي. تہ ورلڊ طور انسان جو مئنڊ/دماغ ڪهڙي منزل تي آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ اسين ڇا سوچيون ٿا. اهڙي سائنسي صورتحال ۾ اسان کي لطيف جي فڪر ۽ فلسفي کي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح سان پيش ڪرڻ گهرجي. تصوف جي القائي صورت، ڪشف، الهام، تحديث وغيره جي روين لاءِ روحاني طور اسان کي سائنسي انداز سان سوچڻو پوندو ۽ انهن روايتي روين کي تبديل ڪرڻ بجاءِ انهن جي حقيقت جي ماهيت/ ڳجهہ کي تلاش ڪرڻو پوندو ۽ تصوف کي روحاني سائنس ۾ تبديل ڪرڻ جا جتن ڪرڻا پوندا. تڏهن ئي سريت، سريلزم ۽ وجوديت جو جن ۾ نراجيت جو عنصر آهي انهن جو سدباب ٿي سگهي ٿو. منطق جي قضايا جي بجاءِ مشاهدي ۽ تجربي ڏانهن انسان مائل آهي. اهڙي صورتحال ۾ انسان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟ ان جي عافيت ڇا ۾ آهي؟ گلوبلائيزيشن سبب دنيا جي اندر وڌندڙ افراتفري انساني ذهن جي سڪوني ڪيفيت کي ختم ڪري رهي آهي. معاشي عدم استحڪام سبب اخلاقي قدر پسپائي مائل آهن. تصوف کي جنهن نموني سان ماڊرائيز ڪرڻ جي ڪوشش هلي رهي آهي. اها روحاني طور تي ثمر آور ثابت ٿي سگهي ٿي؟ انهن سيني روين جي سلسلي سان لطيفؒ ڪان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو. اسان کي اهي مقصد تلاش ڪرڻ گهرجن. بجاءِ ڪنهن دعويداري جي اسان کي اعلىٰ آدرش رکندڙ روين سان لطيف جي پيغام لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. جيڪي بين الاقواميت، انسانيت جي بقاءُ، انسان شناسي ۽ روحاني باليدگي جا حامل هجن

راقم جي "شاهہ جي رسالي جي سُڄاڻي" انهيءَ سسلي سان هڪ وک آهي جنهن کي آئون اڻپورو تصور ڪريان ٿو. انهيءَ لاءِ تہ هر تحرير

تاريخ جي ڏارن جي بنياد تي اٽڪل آهي ۽ هر انساني تحرير نامڪمل آهي ان لاءِ دعويٰ ڪرڻ غلط آهي. تڪميل جو نڪتو ڪمال حد جي نشاني آهي جيڪا ڳالهه انسان جي وس کان ٻاهر آهي.

تحقيق جو ميدان وسيع آهي. جنهن ۾ هر محقق آڌو پنهنجو هڪ دائره ڪار هوندو آهي. جنهن لاءِ هو حيثيت ۽ فارم وسيلي مطلب ۽ معنيٰ جا نتيجا اخذ ڪرڻ لاءِ هڪ طريقه ڪار اختيار ڪري ٿو. انهي سڄي مامري ۾ صداقت جي تلاش ڪي بنيادي اهميت آهي. ٻئي طرف شاعر جو وجود آهي. جنهن وٽ پنهنجي فڪري اظهار لاءِ واقفيت ۽ صداقت سان گڏ جمالياتي ذوق ۽ وجدان جا قدر شعوري ڌارا سان هوندا آهن، محقق ۽ سرجڻهار جو پنهنجو، پنهنجو جهان آهي ۽ اظهار جي پنهنجي، پنهنجي نوعيت، فني توڙي فڪري تشخص آهي. جنهن جي بنياد تي سندن مقام جو تعين ٿئي ٿو. تحقيق جي مقابلي ۾ اعليٰ شاعر جي اندر پوري انساني دنيا آباد آهي. يا ائين چئجي ته پوري ڪائنات تي هن جي وجداني ڪيفيت جو چار وچايل آهي. شاعر جي شعوري روين جو صحيح اندازو شاعر پاڻ ئي لڳائي سگهي ٿو. جيڪو پنهنجي تخليق جو خالق ۽ سرجڻهار آهي. باقي ٻيو جيڪو به شاعر جي فن ۽ تخليقي صلاحيتن، ذهني روين ۽ فڪري اغماض بابت لکيو وڃي پيو ان جي حيثيت ثانوي آهي. حضرت شاهه عبداللطيفؒ جو ته معاملو ئي ٻيو آهي. هو نه صرف باڪمال شاعر آهي پر هو حق جي حقيقت جو غواص ۽ عارف بالله پڻ آهي. ان لاءِ سندن انهن روين ۽ ڳوڙهائي وارن خيالن جن تحت هن پنهنجي حقيقت شناسي ۽ خرد افروزي جو اظهار فرمايو آهي. ان جي صحيح طور تي توجيهه ڪرڻ مشڪل آهي. انهي رمز آشنائي ۽ رمز شناسي جي عقده ڪشائي ڪو اهل دل ڪري سگهي ٿو. جنهن جو قلب حيقل ۽ صاف هجي ۽ انهيءَ پنڌ جو پانڌيئڙو هجي باقي اسان جو ڪجهه لکون ٿا يا لکون پيا

اهو هڪ ٻوند جي برابر آهي. ۽ هن عظيم انسان جي فڪري، معنوي ۽ روحاني مقام ڏانهن هڪ ننڍڙي وک جي حيثيت کان وڌيڪ نہ آهي.

افسوس انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ اسان اهل سنڌ پنهنجي هن عظيم شاعر ۽ اعليٰ آدرش رکندڙ انسان کي اهو مقام ڏيئي نہ سگهيا آهيون جنهن جو هو اسان کان حقدار آهي. اسان کي اهو ڏسڻ گهرجي تہ اسان پنهنجي ڌرتي جي ماڻهوءَ ۾ لطيف شناسي لاءِ ڪهڙا جتن ڪيا آهن ۽ حقيقت پسندي وارا رويہ ڪيتري قدر پيدا ڪري سگهيا آهيون. بين الاقوامي فورم تي لطيف جي فڪر کي ڪيترو روشناس ڪرايو ويو آهي. لطيف تي تحرير، تاليف ۽ تدوين وارو ڪم هڪ هلندڙ عمل آهي. اهو هلندو رهندو ان ۾ ڪا بہ شيءِ حرف آخر نہ آهي. اسان سيئي لطيفي باغ مان گل چونڊڻ وارن مان آهيون جنهن ۾هر گل جي پنهنجي سونهن ۽ خوشبوءِ آهي.

”ٻر وڏو بار گهڻو“ وقت جي مهلت ڪيتري آهي، ان لاءِ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهان. اميدن جي آسري تي پنڌ پيل آهيان، منزل ملي ٿي يا نہ؟ اها خبر خدا کي جيڪو غيب جو مالڪ آهي. مون اڳ ئي عرض ڪيو تہ ڪا بہ تحرير حرف آخر نہ آهي. نہ تخليق نہ تاليف نہ وري تحقيق. هي جهان جو هلندڙ عمل آهي. لطيفؒ سمونڊ آهي جيڪو موتين، سپن سان پريو پيو آهي. هن جالاري جر ۾ هيرن جواهرن جي ڪا ڪوت ڪا نہ آهي. انساني علم محدود ۽ عارف جي اڪتشاف جي حد لامحدود، هو ذات احديت ۾ مقام اعراف جو سير ڪندڙ، اسين هن مادي دنيا جي روين ۽ لفظن جي جار ۾ ڦاٿل، ان لاءِ منهنجي تاويلات ۽ معنيٰ سان لازم ناهي تہ هر پڙهندڙ اتفاق ڪري، ڪن هنڌن تي ڪيل تعبير سان متفق ٿئي. هي علم ۽ فڪر جو جهان آهي. پڙهندڙ جي ذهن جي عدم اطميناني کي منهنجي علمي نارسائي تي محمول ڪرڻ گهرجي. پڙهندڙ کي پاڻ ۾ خودشڪوري ۽ اها فڪري باليدگي پيدا ڪرڻ گهرجي. جيئن سندس

ذهني تقاضا جي رهنمائي ٿئي. مون ڪوشش ڪري ڪا بہ غير ذميدارانہ ڳالهہ نہ ڪئي آهي. جيڪا روحاني سلسلي سان ابهام پيدا ڪري. جيڪڏهن ڪٿي ڪا ڪمي نظر اچي ٿي تہ ان کي منهنجي علمي بي بضاعتي ۽ فڪري نارسائي سان تعبير ڪرڻ گهرجي، شاهہ جو ڪلام حُسن بياني، صوري ۽ معنوي حقائق سان، ابلاغ ۽ اغماقن جي ذريعي فڪري ۽ روحاني طور تي نهايت اعليٰ مقام رکي ٿو. اچو تہ اسان سيئي گڏجي هن عظيم انسان جي لافاني ڪلام جي آدرش ۽ تصديق جي حصول لاءِ ڪوشش ڪريون جنهن سان سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مان مٿاهون ٿئي:

شاهہ جي رسالي جي سُجاڻي پنهنجي نوعيت جو هڪ علمي پورهيو آهي. جنهن لاءِ راءِ جو حقدار پڙهندڙ ئي آهي. پنهنجي هن پورهئي جو ٻيو جلد جيڪو "سري راڳ، سامونڊي، گهاتو، ڪاهوڙي ۽ ڪاپائتي سُرن تي مشتمل آهي." اهو اهل علم ۽ لطيف جي محبتين آڏو پيش ڪري رهيو آهيان. ڇا آهي ۽ ڪيئن آهي ان لاءِ آئون ڪجهہ چوڻ جي لائق نہ آهيان. مون کي خوشي آهي تہ لطيفي سلسلي سان "سجاڻي" جي پهرئين جلد کي سڄاڻ علمي حلقن جيڪو مان ڏنو انهيءَ مون ۾ هن ڪم لاءِ وڌيڪ اتساهہ پيدا ڪيو.

جناب محترم "شمس جعفراڻي" صاحب پبلشر پاران پهرئين جلد ۾ پنهنجي تحرير ۾ جن خيالن جو اظهار ڪيو، اهو "شمس صاحب" جن جو پنهنجو ظرف هو، جن مون کي انهيءَ جي لائق تصور ڪيو. مون پاڻ لاءِ "اڱلڙي آئون" جا لفظ استعمال ڪيا آهن. اڄ بہ اهي ئي لفظ ورجايان ٿو. منهنجي هن پورهئي جي سلسلي ۾ روبرو توڙي غائبانہ جناب ڊاڪٽر غلام علي الانہ صاحب محترمہ ڀيڻ ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ، محترم حميد سنڌي صاحب، محترم ڊاڪٽر حبيب الله صديقي صاحب، عزيز، شوڪت حسين شوري، محترم تاج جويو ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

ويچار ونديا آهن. انهن جو ٿورائتو آهيان. آئون جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جو پڻ شڪر گذار آهيان جن جي ترتيب ڏنل شاھ جي رسالي ڪي مون هن سُڃاڻي جي سلسلي ۾ ڪم آندو آهي. هن رنڍن روڙيلن ڪي ”ڪاشف“ جو پورهيو نہ سمجھڻ گهرجي پر هي سڀ انهن باوقار مهربانن جي همت افزائي جو نتيجو آهي، جن راقم ڪي ثابوت سندري لاءِ آماده ڪيو.

آگسٽ 2010

طالب لطيف
محمد حسين ”ڪاشف“
چمبڙ سنڌ

(هي تحرير مرحوم محمد حسين ”ڪاشف“ پنهنجي زندگي ۾ آگسٽ 2010ع ۾ لکي ڇڏي هئي)

# سري راڳ

# "سري راڳ"

هن راڳ جو نالو اصل ۾ "شري راڳ" آهي هندي ۾ شري جي معنيٰ آهي جناب، وڏو، محترم اهڙي طرح هن راڳ جي نالي مان ئي ظاهر آهي تہ هي راڳ دنيا جو نهايت محترم ۽ ادب وارو راڳ آهي. لفظ "شري" ڪثرت استعمال ڪري اڳتي هلي "سري"تيو ۽ انهي نسبت سان هي "سري راڳ" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. راڳ جي قديم هندي ڪتابن ۾ بہ هن راڳ جو ذڪر ملي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي ۾ هن راڳ بابت لکي ٿو تہ: "سري راڳ مول ڇهن راڳن مان هڪ آهي." قديم زماني ۾ هن راڳ کي موسيقي جي دنيا ۾ اهميت حاصل هئي هن راڳ کي پوربي ٺاٺ جو راڳ تسليم ڪري ڳايو وڃي ٿو. هن راڳ کي گائڪ ۽ نائڪ سنڌي پرڪاش يعني سنڌي روشنيءَ يا سنڌ ڏرتيءَ جو راڳ تسليم ڪن ٿا ۽ انهي نسبت سان هي راڳ ڳايو وڃي ٿو. راڳ داري ۾ سري راڳ سان ڪي ملندڙ جلندڙ راڳ بہ آهن. جيڪي هن راڳ جي گائڪي سان قدري مشابهت رکن ٿا. جن ۾ گوري، ريوا، راڳ ترون يا تربيني بہ سري راڳ جي انداز ۾ ڳايو ويندو هو. قديم زماني ۾ هن راڳ کي ڪافي اهميت حاصل هئي ڇاڪاڻ تہ اهو هند جي راڳ جي آڳاٽين روايتن توڙي هندستاني موسيقي جي تشريحن ۾ هڪ خاص راڳ طور شامل آهي. بقول "ڊاڪٽر بلوچ" تہ "شري راڳ" انهن مول، ميل ڄڻڪ (ڄڻيندڙ) مکيہ راڳن جي دفعي ۾ شمار ٿيل آهي. جن مان ٻيا راڳ ۽ راڳڻيون نڪتيون آهن. ڪن روايتن موجب اهي راڳ ۽

راڳڻيون جيڪي "شري راڳ" مان نڪتل ڄاڻايل آهي اهي سڀ سنڌ جا راڳ معلوم ٿين ٿا. مثلاً: سنڌوار ڌنياسي يا ڌناسري، سالگ ٻيروي آساوري وغيرهہ"

اڳتي هلي سري راڳ کي ڪافي ٺاٺ مان ڳايو ويو پر جڏهن ڪان ڳائڻ وارن "ڏيپڪ راڳ" ڳائڻ ڇڏيو تہ هن راڳ جي سرن ۾ بہ ڦيرو اچي ويو. هن راڳ جي رکب کي ڪومل ڪري ڳائڻ لڳا. موجوده زماني ۾ "سري راڳ" کي پوربي ٺاٺ جو راڳ تسليم ڪري ڳايو وڃي ٿو. سري راڳ هند جي مشهور گائڪ "ياويٿ" جي طريقي سان سنڌي راڳ آهي. هند - پاڪ جي موسيقي جي ترتيب ۾ هن راڳ کي ڪافي دخل رهيو آهي.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هن راڳ کي ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ ڪنيات ڪان پوءِ ڳايو آهي. ليڪن شاهہ جي رسالي جي مرتبين مان هر مرتب هن سُر کي پنهنجي، پنهنجي انداز ۾ رسالي جي ترتيب ۾ رکيو آهي. گنج ۾ هن راڳ جي منزل هن طرح سان آهي. سسئي، ڪلياڻ يمن، ڪنيات ۽ پوءِ "سري راڳ" ڏنل آهي.

سري راڳ ڇهن راڳن مان چوٿون نمبر راڳ آهي هن راڳ جون رڳتون، گوري، پوربي، گورا، مزون، ماليري ۽ جيسري آهن. هن راڳ جي تمثيلي تصوير مطابق هڪ سهڻو جوان سفيد پوشاڪ ڍڪيو ۾ لعلن ۽ بلورن جي مالا هٿ ۾ ڪنول گل.

## سرُ سري راڳ (اسم)

ڪائو، موتي، سيهي (سيهو)، صرافن (صراف)، ڪچ، پچرو، ويمي (ويمو)، ماڻڪ، ماسو، پونجيارا (پوڃارا)، جواهرن (جواهر)، لعلون (لعل)، چلڙ، سانگوٽا، ستيون، ڪشتيبان، ڪرنفل، ڦوٽا، پارچا، پاٽيٺ، بيرقون (بيرق)، ساندارو، ڏُنگي، اوڙاهہ، مڪُرا، ڪُن، تُرهو، خيمو، واهڙا، لهر، وچ، نکيتن (نکٽ)، ڪَپَرُ، سڙهہ، پڳهہ، اوليون، لاڄو، ڪوها،

ونجهه، چَپا، ڪشتي، آچاڙا، جنگ جهاز، ناڪئا، سائر، ڪُن، وير، ڪتوري، غراب (غوراب)، پربندر، پتڻ، شهباز، وينجهار، ايهر، امل، سونارا (صراف)، جوهري، سون چاندي، رپو، ميزان، گڏونءَ، بهارُ، پتنگ.

## ڪائو

ڪائو، شيشي کي چيو ويندو آهي. جنهن کي ڪو بقاءُ ڪو نہ آهي. تورو ڏڪ لڳو يا ڪريو تہ ٽڪر ٽڪر ٿي پوندو ۽ کهڙي بہ قيمت وارو هجي پر ان کي ڪو جهلو ڪو نہ هوندو. ڪائو/شيشو هڪ قسم جي واري ٿيندي آهي. جنهن کي سليگ واري ڪري ڪونيو وجي ٿو. ان کي بڻيءَ ۾ آٽي انتهائي گرمي جي درجي تي پهچائبو تہ اها پاٽي ٿي پوندي ان مان شيشو ڪائو تيار ڪيو وڃي ٿو.

هن سُر ۾ لفظ ”ڪائو“ ٻي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيل آهي ”ويا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي“

هتي لفظ ڪائو جي معنيٰ آهي. سمونڊ جي پاڻي جي لات، جڏهن سمونڊ ۾ پاڻي جي لات اچي ويندي آهي تہ ٽوٻا، سمونڊ جي عميق وارن هنڌن تي سپون ڳولڻ لاءِ لهي پوندا آهن ۽ ٻيو وري ناڪئا جهاز وڏي سمونڊ ۾ بہ هاڪاري هلندا آهن.

## موتي

هي نهايت ئي قيمتي شيءِ آهي. موتي سپ ۾ سپبو آهي. جيڪي سمونڊ جي خاص هنڌن تي ٿينديون آهن. اڪثر ڪري ايراني نار، بحرين، ملرن ۽ يمن واري سامونڊي علائقي ۾ سپون ٿينديون آهن جن ۾ موتي سپبو آهي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن برسات پوندي آهي تہ سپ پنهنجو منهن کولي ڇڏيندي آهي جيئن برسات جي مينهن جا ڦڙا سندس پيٽ ۾ وڃن. انهن ڦڙن مان سپ جي اندر موتي پيدا ٿيندو آهي.موتي وڏ ۾ وڏ مگ جي

داڻي جيترو ٿئي. هن جو رنگ سفيد قدري ميراڻ مائل يا ائين چئجي تہ ڪير وانگر هوندو آهي. هي دوا جي طور بہ حڪيم ڪم آڻيندا آهن.

اڄ ڪلهہ آرٽيفشل موتي بہ تيار ڪيا وڃن ٿا. هن سلسلي ۾ جپان ۽ فلپائين ۾ هن جو وڏو ڪاروبار آهي. اتي سپن کي مڇيءَ جي تلاڻن جيان تلاءَ جوڙي ان ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ مصنوعي طريقي سان انهن مان موتي حاصل ڪيا وڃن ٿا. جيڪي طاقت ۽ حسن ۾ اصل موتين کان گهٽ آهن.

## سيهي/سيهو

سيهو هڪ ڌاتو جو قسم آهي جيڪو نرم لوهہ جي خاندان مان تصور ڪيو وڃي ٿو. لوهہ کان هي گهٽ درجي وارو ۽ نهايت نرم قسم جو ٿئي ٿو. هي مرڪوب قسم جي گئس وارو لوهہ آهي. هن کي گرم ڪبو يا وڌيڪ گرمي ڏبي تہ پگهرجي پاڻي جي صورت وجي وڃندو. هي دوائن جي ڪم اچي ۽ ان سان گڏ بندوقن جا ڇيرا، وغيرہ پڻ هن مان تيار ڪيا وڃن ٿا.

## صراف

سون ۽ چاندي کي پرکڻ واري کي صراف ڪوٺيو ويندو آهي جيڪو سون جي کوٽ ۽ ان جي ملاوٽ کي ڌار بہ ڪري ڄاڻي، اڪثر ڪري صراف سون جي وڏي واپاري يا دڪاندار کي بہ چئبو آهي. جيڪو سون مان ڳهہ ڳڻا ناهڻ ۽ ان جي سچ ۽ ڪوڙ جي خبر رکڻ وارو هجي، دراصل صراف اهو آهي جيڪو سچائي کي ظاهر ڪري، سچ ڏي ۽ سچ وٺي. سون جو ڪاروبار بہ سچ تي مدار رکي ٿو. جيترو سون سچو ۽ صحيح هوندو اوترو ان جي هاڪ ۽ زينت ۽ جتان خريد ڪبو ان جو ناماچار هوندو آهي.

## ڪچ

ڪچ ڪائي ڪي ٻہ ڪوئيو ويندو آهي ۽ اڪثر ڪري ڪچ انهن شين کي چيو ويندو آهي. جن جو ڪو ملهہ ۽ ڪا قيمت نہ هجي، جيئن اڳ ۾ ڪوڏيون ۽ ڪوڏيا سمونڊ مان اچي قسم جون ننڍڙيون سفيد ڪوڏيون ملنديون آهن جن کي ڪچ ڪوڏيون ٻہ چيو ويندو آهي. هت مراد آهي اهي شيون يا وٿون جن جي ڪا قيمت يا اهميت نہ هجي.

## پڃرو

پکين مان طوطو، تتر يا انهي قسم جي ٻئي ڪنهن پکي کي پالڻ ۽ ان کي رکڻ لاءِ بانس جي سنهين ڪاٺين يا لوهہ جي تارن ۾ لئي يا ڪٻڙ جي لامن مان پڃرا تيار ڪيا وڃن ٿا. جنهن ۾ پکي کي ويهاري بند ڪري ڇڏبو آهي.

دراصل پڃري مان مراد آهي، ڍانچو، اسٽرڪچر يا ڏيل وغيره جنهن کي پوءِ رنگ روغن ڪري سوڏي سنواري سٺو ڪجي.

انساني جسم جيڪو اسان کي نظر اچي ٿو، ان مان جيڪڏهن گوشت ۽ ساهہ يا جيڪي ٻہ سندس هڏن تي چڙهيل آهي اهو ڪڍي وٺبو تہ باقي خالي هڏائون پڃرو وڃي رهندو. هن پڃري لفظ کي انهي صورت ۾ آندو ويو آهي تہ هي جيڪو وجود هڏن، ماس ۽ کل وغيره سان ٺهيل نڪيل نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ساهہ جو پکي بند آهي. جيئن پڃري ۾ تتر يا طوطو بند هوندو آهي تيئن انسان جي هن پڃري جي ٻہ اهائي حيثيت آهي. لطيف انهي جي ياد ڏياري ٿو تہ پڃرو جنهن سان انسان جو وجود قائم آهي اهو پنهنجي ڏوهن ۽ گناهن ڪري چوٽيءَ تائين چور ٿيل آهي. يعني پرزيل آهي.

## ويمو

واپار ۾ سودي ستہ ۾ جوکم کٽي ڪاروبار ڪرڻ واري طريقي کي ويمي وارو ڪاروبار چيو ويندو آهي. جنهن ۾ مال جي حفاظت جي ذميداري پهچائڻ واري تي هوندي آهي، هو انهي جي عيوض اڳهه پاڙ واري سلسلي کان ڀي ڪجهه وڌيڪ رقم وٺندو آهي ۽ مال جي جوکم لاءِ جوابدار هوندو آهي. ڪي واپاري جوکم واري رقم، خريد ۽ نفعو ملائي سودو ڪندا آهن هو انهي ۾ معمولي نفعو رکندا آهن. اڪثر ڪري ستي وارا واپاري انهي قسم جو ڪاروبار ڪندا آهن. هن ۾ مال جي ڏي وٺ جي صحيح ڪاتي ۽ ان جي مارڪيٽ ويليو کي نظر ۾ رکندا آهن.

اڄ ڪلهه جي زماني ۾ ڪاروباري شين کان سواءِ ماڻهن، گاڏين، پوکن وغيره جو ويمو ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ ويمي جي رقم جي قسط هر سال ۾ پيارپي آهي جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي ڪو حادثو پيش اچي وڃي ته ڪمپني انهي جي جوکم واري رقم پوري ڏيندي.

## ماڻڪ

هي هڪ قسم جو قيمتي سرخ رنگ جو پٿر هوندو آهي جيڪو جبلن جي ڪاڻين مان ملي ٿو. جنهن کي تراشي سوڏي سنواري وينجهار تيار ڪندا آهن. هنن جي قيمت منجهن سمايل ڪهربائي قوت جي بنياد تي طئہ ڪئي ويندي آهي ۽ اوندهه ۾ بہ جيڪڏهن ماڻڪ کي رکبو تہ بہ هن جي چمڪ کي محسوس ڪري سگهبو. هي پٿر نہ صرف جواهرات جي سلسلي سان ڪم اچي ٿو پر هن مان حڪيم دوائون وغيره بہ تيار ڪندا آهن. هن پٿر کي بادشاهي تاج جي چٽ ۾ يا گلي ۾ پيل هار وغيره ۾ هڻندا آهن. ڪي ماڻهو انهن سان ستارن جي علم جي بنياد تي ڪئين ڳالهيون ڳنڍيندا آهن. بهرحال لڳي تہ لک لهي.

## ماسو

تولي جو ٻارهون حصو، هن ۾ اٺ رتيون ٿينديون آهن. اڳي سونارا رتين، ماسي ۽ تولي وغيره جي حساب سان هلندا هئا، اڄ ڪلهه اهو سرشتو ختم ٿي ويو آهي. ان جي جاءِ تي گرام آهن.

هت ماسي مان مراد آهي ٿورو ذرو. قيمتي شيءِ جهڙوڪ سون، جواهر يا ٻي ڪنهن اهڙي شيءِ جهڙوڪ عنبر، مشڪ، زعفران وغيره انهن جي ماسي جي قيمت به وڏي هوندي آهي هتي "ماسو ملئي مال... الخ" جي اصطلاح سان اهو لفظ ڪم آيل آهي ته قيمتي ۽ بي بها شيءِ جو ذرو به ملي وڃي ته اهو وڏي اهميت وارو آهي.

## پوڄارا/پونجيارا

اڪثر رسالن ۾ لفظ پوڄارا استعمال ٿيل آهي. ليڪن ڊاڪٽر بلوچ صاحب "پونجيارا" جو لفظ پڻ استعمال ڪيو آهي. ضروري آهي ته هت ٻنهي لفظن جي مطلب کي واضح ڪجي.

پوڄارا: پوڄارا پوڄا ڪرڻ وارن کي چيو ويندو آهي. هندو قوم ۾ به "پوڄارا" ذات آهي جيڪي چيتي چنڊيا اسوءَ ۾ يا ٻين ڏڻن تي "ٻهرانو" ڪڍندا آهن ۽ جهانجهه وڄائيندا آهن. پوڄا مان مراد آهي ڪنهن شيءِ کي پوڄڻ، ان آڏو نمڻ ان کي پنهنجي مطلب وغيره جي برآوري لاءِ پڪارڻ، هي هندي لفظ آهي. جيڪو هندن جي عبادت وغيره لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

هندو قوم ۾ "جل پوڄا" جو تصور آهي. بيت ۾ سمونڊ جي سيوا جو لفظ اچي ٿو ان جي ساڌنا يا پوڄا واري کي پوڄارو چئجي ٿو. انهي پوڄا ڪندڙ کي سمونڊ تان هيرن جواهرن جي جوتي جو جي ماسو ملي وڃي ته ان لاءِ عيد ٿي پوي.

پونجيارا: پونجي موڙي-رقم+آرا= وارو): پونجي وارو يعني رقم رکندڙ جنهن وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ مال ملڪيت هجي. اهو سمونڊ جو سفر ڪري واپار ڪري تہ ڪيس نفعو حاصل ٿئي. هت غالباً انهي لفظ کي انهي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

## جواهر

جواهر مان مراد آهي قيمتي پٿر جيڪي سمونڊ جي تري ۾ قدرتي طور تي ٿين ٿا. جهڙوڪ موتي، مرجان، انهن جي اعليٰ ڪوالٽي وارن جي وڏي قيمت آهي. هونئن بہ جواهرات ۾ ٻيا بہ پٿر اچن ٿا جهڙوڪ پکراج، هيرو، عقيق، زمرد، اوسن/پنو، ياقوت، سليماني، يمني، فيروزه، نيلم، زهرمورو زرقون، لال وغيره. اهي پٿر جبل جي معدن جي پيداوار آهن. هنن پٿرن ۾ پنهنجي ڪهرماني قوت هوندي آهي. حڪمت ۾ حڪيم انهن پٿرن کي ماري ڪشتا ۽ خاڪا تيار ڪندا آهن، جيڪي نهايت قيمتي هوندا آهن.
ٻئي پاسي وري جوهري ۽ وينجهر انهن پٿرن کي گهڙي نڪرِ، ان مان سنديِن هارن ۽ ٻين ڳهن لاءِ ٻڙا تيار ڪندا آهن. هر پٿر جي قيمت ان ۾ سمايل پنهنجي قوت ۽ جان جي حساب سان هوندي آهي. جيڪا سون، هزارن، لکن تائين بہ ٿئي ٿي.

## لعل، لعلون

هي هڪ قسم جو پٿر آهي، جيڪو هزارين سالن جي ڪيميائي تبديلي سان جبل جي ڪاٽين ۾ پيدا ٿئي ٿو. هن جو رنگ سرخ ڏاڙهونءَ جي داڻي جيان هوندو آهي. هي پٿر سوڌي سنواري پالش ڪري منڍيءَ ۾ پائبو تہ رات جو بہ اونده ۾ هن جي چمڪ محسوس ٿيندي.

## چلڙ

چلڙ دراصل دبي کي چيو ويندو آهي. اهو پاڻي جيڪو وهندڙ نہ هجي ۽ تمام ٿوري مقدار ۾ هجي ۽ سندس ڪا ايڏي اونهائي بہ نہ هجي تہ ان کي ڏُبو يا چلڙ چئبو آهي. اڪثر ڪري پاڻي جي لاٽ ڪان پوءِ ڍنڍن، ڍورن ۽ ڪسين ۾ جيڪو پاڻي وڃي بچندو آهي ان ۾ پکي پنهنجي روزي ڳوليندي نظر ايندا آهن، جنهن ۾ قديم ڊيندڀ، گهونگها، ڪوڏ وغيره يا پاڻي وارا جيت هوندا آهن، جيڪي انهن پکين جو کاڄ آهن. اهڙي قسم واري پاڻي کي چلڙ چئبو آهي.

## سانگوٽا

اڪثر ڪري دڀن واري پاڻي ۾ جيڪو کهري زمين جي ناوڪن ۾ بيهي ويندو آهي ان ۾ قدرتي طور تي هڪ قسم جو جيت پيدا ٿئي ٿو. جنهن مان ڪوڏ ۽ گهونگها وغيره ٿين ٿا جيڪي انهي جيت جي مري وڃڻ بعد مٽيءَ ۾ گڏيا پيا هوندا آهن پر جڏهن پاڻي وارو اهو جيت جيئرو هوندو آهي تہ اهو انهن ۾ لڪل هوندو آهي ۽ اهي خول نرم هوندا آهن، پاڻي جي سڪڻ بعد اهي سخت ٿي پوندا آهن.

## سُتيون/سِپي

هي هڪ قسم جو جيت آهي جيڪو لاڙ واري علائقي يا پراڻ واري پاسي پاڻي جي ڍنڍن ۾ ٿيندو آهي. اڳ جڏهن اجا ڇمڇا ميدان تي نہ آيا هئا تہ گهرن ۾ ٻارن کي مائرون سپي جي وسيلي کير پياريندون هيون ۽ ستي ٻکي پڻ ڏينديون هيون. سُتي يا سپي پاڻي واري جيت جو خول آهي. جيڪو انهي جيت جي مري وڃڻ يا ان کي جيئرو جهلي ٻاهر پاڻي کان رکڻ سان هن جو وجود ختم ٿي وڃي ٿو ۽ سندس خول سپي يا سُتي جي صورت ۾ ڪم ايندو آهي. هن کي ڪوڙي سپ بہ چئبو آهي. ڇاڪاڻ

تہ هن مان موتي پيدا نہ ٿيندو آهي. ليڪن اها سپ جنهن مان سپي يا ستي ملي ٿي اها سپ جي خاندان سان واسطو ضرور رکي ٿي.

## ڪشتيبان

ڪشتيبان دراصل ناڪئي کي چيو ويچي ٿو. جنهن جو ڪم آهي ٻيڙي هلائڻ. اڳي جڏهن مشيني يا دخاني جهاز نہ هوندا هئا تہ وڏن ٻيڙن ۽ غورابن کي هلائڻ ۽ انهن کي سنڀالڻ لاءِ ڪشتيبان هوندا هئا. جيڪي ونجهہ ۽ سڙهن ذريعي غورابن کي سمنڊ ۾ هاڪاري هلندا هئا ۽ منزل تي اچي لنگر انداز ٿيندا هئا.

## ڪرنفل

”ڪرنفل“ اصل ۾ عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”لونگ“ لونگ اسان جي سنڌ جو عام وکر آهي. هي ڏکڻ هندستان، سوماترا ۽ سلون وارن علائقن ۾ٿيندو آهي. هن جي شڪل مانداڻي جي گل جيان ٿئي ۽ ڏانڊي وڏ ۾ وڏ هڪ سينٽي ميٽر ٿئي. سندس ذائقو تکو ۽ تاثير گرم آهي. ڏندن جي سور لاءِ هي فائديمند آهي ۽ دوا طور هن جو تيل ڪم ايندو آهي. ڪي عورتون ڦلڙي طور نڪ ۾ بہ وقتي پائيندي‌ون آهن. اڪثر ماڻهو سودي ۽ لونگ ڪٽي باريڪ ڪري تيل سان ملائي مٽي ۽ لوڙن تي مالش ڪندا آهن. مصالحي ۾ بہ لونگ ڪم ايندو آهي. هارن ۽ ڳانن ۾ بہ لونگ پوئيندا آهن. جو هن جي خوشبو سٺي هوندي آهي.

## ڦوٽا

ڦوٽا: هن کي ايلاچي بہ چيو ويندو آهي. هي نم جي نموري جيترو ٿئي، هن جي کل ساوڪ مائل ٿئي ۽ اندر ڪاري رنگ جا داڻا ٿينس، ڦوٽن جي خوشبوءِ نهايت وڻندڙ ۽ ذائقي واري آهي. هي گهرن ۾ مصالحي طور بہ ڪم اچي تہ حڪيمن وٽ دوا جي طور تي بہ ڪم اچي، هن جو تاثير

گرم ۽ خشڪ آهي. ڳلي ۾ ڪنگهہ لاءِ هن جو ڇهاڙي ڪائڻ فائدي وارو آهي. قوتن کي سرهاڻ لاءِ هارن ۾ بہ پوئندا آهن. هن شربت بہ تيار ڪيو ويندو آهي. هي گهڻ ڪاريو وکر آهي. ڪيترن ئي دوائن ۽ ٻين شين ۾ ڪم ايندو آهي. هي سوماترا، ڪرچين، سلون، ڏکڻ هندستان ۽ آفريڪا جي ڪن ملڪن ۾ ٿئي ٿو.

## پارچا/پارچو

پارچو يا پارچا، ڪپڙي کي چيو ويندو آهي، هتي مراد آهي ڪپڙي جا قسمين قسمين، تان يا تاڪيا اهو ڪپڙو سوٽي هجي، ريشمي هجي يا اوني.

بنيادي طور تي لفظ "پارچہ" فارسي آهي، لطيف ان کي سنڌي ۾ استعمال ڪري ان جي هيئت کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ضم ڪري ڇڏيو آهي. اڳئين زماني ۾ ڪپڙي جي ڪاروبار ڪندڙ کي ڪاپڙي يا پارچہ باني ڪندڙ ڪري ڪوٺيو ويندو هو.

## پاٽيث

لفظ پاٽيث هتي مختلف قسمن جي عرقن ۽ خوشبوئن جي سلسلي سان استعمال ڪيل آهي. جدا، جدا قسمن جي گلن، ٻوٽين ۽ وکرن کي چمڪائي انهن جو ست ڪڍي ان مان خوشبوئون تيار ڪيون وينديون هيون ان کي بہ پاٽيث ڪري چيو ويندو هو.

ٻئي طرف هي لفظ ڪنهن تکي اوزار کي جهڙوڪ تلوار، ڪهاڙي، خنجر، چاقو وغيره کي تيار ڪري ان کي ڏار جي تيزي لاءِ ڪاريگر جيڪو پاٽي ڏيندا آهن ان کي بہ پاٽيث ڪري چئبو آهي.

## بيرق/بيرقون

بيرق جهنڊي کي چيو ويندو آهي. جهاز راني ۾ جهازن تي پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي ڪمپني جي بنياد تي جهنڊي جو قسم مقرر ڪيو ويندو آهي ۽

اهو ان جهاز جي وچ، اڳيان ۽ پوئين حصن تي چاڙهيا ويندا آهن. ان لاءِ تہ جهاز يا غوراب جي سڃاڻپ ٿئي.

محرم جي پهرئين عشره ۾ امام بارگاهن ۾ علم پاڪ لاهي وري نئين سري سان بيرق چاڙهي ويندي آهي. ڪي ماڻهو باس طور بہ امامن جي بارگاهہ ۾ علم جي چاڙهڻ وقت ننڍيون بيرقون ناهي نذراني طور تي ڏيندا آهن.

اسلامي لڙاين ۾ بہ لشڪر جي سڃاڻپ ۽ ان جي وقار ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ بيرق يا جهنڊو ڪنهن وڏي ڪاٺي يا لڙهي ۾ ٻڌي ان کي هنيو ويندو هو يا وري سالار جي تنبوءَ جي مٿان ان کي چاڙهيو ويندو هو.

## ساندارو

ساندارو جي لفظي معنيٰ آهي ور وارو ڦيرو، هت ساندارو يا سانداري مان مراد آهي، سمونڊ جو پيٽ يا اهو حصو جنهن ۾ پاڻي گهيرو ڪندو هجي ۽ پوءِ اڇل سان ڇولي کي ڪناري ڏانهن نيئي، سمونڊ جو اهو ساندارو ڪن جيان هوندو آهي. ان جي پيٽ ۾جيڪو اچي ويو ان جو انهيءَ مان نڪرڻ محال آهي. لطيف انهي لفظ ۾ ان جي حقيقت کي سُر سري راڳ توڙي ساموندي ۾ بيان ڪيو آهي.

## دنگي

هي ڪاٺ جي ٺهيل ننڍي قسم جي ٻيڙي هوندي آهي. هن کي گهڻو ڪري ونجهہ يا چپو سان هلائبو آهي، ڪي ناکئا هن کي وڏي پاڻي ۾ سفر ۾ سڙهہ بہ چاڙهيندا آهن، جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ ”دنگي ۾ داڻا وٺي وجهہ وکر جا.“

## اوڙاهه

اونهون سمونڊ يا اونهون پاڻي جنهن جي اونهائي لهي نہ سگهجي ان کي اوڙاهه ڪري چيو ويندو آهي سمونڊ ۾ ڪو حصو تانگهو ٿئي ۽ اتي پاڻي جو ايترو زور ڪو نہ ٿئي ليڪن سمونڊ جي اونهائي واري هنڌ تي پاڻي ڪڏهن ڪڏهن گهيرو ڪندو آهي. اها اوڙاهه جي خاص نشاني آهي. ناکئا جهازن ۽ غورابن کي سمونڊ ۾ هاڪاريندي اوڙاهه واري سامونڊي حصي کان پاسو ڪندا آهن. جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ ”هي چاڙهون ۽ چيچ اوڙاهه اڃا اڳاهون ٿيو“ (سر سامونڊي)

## مڪُرا/مڪڙي

ڪاٺ جي ٺهيل ننڍي ٻيڙي کي مڪري يا مڪڙي چيو ويندو آهي جيئن لطيف هن ساڳئي سرُ ۾ فرمائي ٿو تہ:

مون ٿي چيئي ڪانڌ، پتي پاڙ مَر مڪڙي“

هي ننڍيون ٻيڙيون جهازن مان سامان ڍوئي ڪناري تي يا ڊڪي تي آڻڻ ۾ ڪم اينديون هيون ڇاڪاڻ تہ اڳي ڪرين وغيره نہ هونديون هيون، ان کان سواءِ هي ٻيڙيون مڇي جي شڪار ۽ ڪاٺ وغيره ڍوئڻ ۾ بہ ڪم اچن ٿيون.

## ڪُن

سمونڊ، توڙي درياهہ ۾ بہ ڪُن ٿيندا آهن. اهي ڪُن پاڻي جي وهڪري ۾ لاهي چاڙهي ڪري وجود وٺن ٿا. سمونڊ جا بہ وهڪرا آهن. سمونڊ جو پاڻي بنهہ بيٺل نہ هوندو آهي، پر هڪ وڏي ايراضي ۾ هئڻ سبب هن تي هوا جو دٻاءُ ۽ ان جي گهيري جو اثر هوندو آهي. جيڪو واچوڙي جيان هوندو آهي اهي هوائي گهيرا جن جو قطر سوين ميلن ۾ هوندو آهي. سمونڊ جي پاڻي کي تحرڪ ڏين ٿا ۽ هن ۾ چولي ۽ وهڪ پيدا ٿئي ٿي. جنهن ڪري سمونڊ ۾ گهرائي يا اونهائي واري هنڌن تي

پاڻي جا ڪن ٿهي پوند آهن. سمونڊ ۾ ”نڪونج“ وارو ڪن مشهور آهي. يعني اهڙو ڪن جنهن جي اونهائي جو ڪو پتو نہ پوي. اهي ڪن جهازن جي رفتار ۽ اچ وڃ کي تڏهن متاثر ڪندا آهن جڏهن انهن جو لنگهہ وٽانئن ٿيندو آهي. اجگر جهاز بہ لڏي پوندا آهن.

## تُرهو

ڪک، ڪانن ۽ ڪانين جو نهيل مڏ جنهن تي چڙهي درياهہ پار ڪجي يا سمونڊ ۾ تراڪڙي پاڻي ۾ ان سان مڇي جو شڪار ڪجي يا سمونڊ جو ڊورو پار ڪجي اڄ ڪلهہ ٻيڙيون مشين واريون آهن، ۽ تڙ سٺاوا بہ آهن، اڳ ۾ ملاح يا سمونڊ تي گذارو ڪندڙ ماڻهو ترهو ٺاهي ان جي وسيلي تري وڃي پار پوندا هئا.

## خيمو

هي ڪپڙي يا تاٽ مان تيار ڪيو ويندو آهي، جيئن تہ تنبو وڏو هوندو آهي، ان جي مقابلي ۾ خيمو ننڍو ٿئي ان کي وچ ۾ سرائي يا وڏي ڪاٺي ڏبي آهي ۽ سندس پاسا لاهاوان ٿيندا آهن ۽ چوڏاري قناتون بہ هونديون اٿس ۽ هڪ دروازو رکندا آهن. اڪثر ڪري سفري ۽ سيلاني ماڻهو هن کي ڪم آڻيندا آهن.

## واهڙا/واهڙ

سمونڊ تي وير جي چڙهڻ سان ڪناري جي ڪاڌ ٿئي تي ۽ پاڻي مٿي چڙهي وڃي ٿو. جڏهن وير لهندي آهي تہ پاڻي واپس سمونڊ ڏانهن اچڻ شروع ٿيندو آهي. ان ۾ ڪناري جي هيٺ مٿي هئڻ سبب پاڻي جي واپسي جو زور هيٺانهن هندن تي هوندو آهي جتي وهڪري سبب زمين جي ڪاڌ ٿيندي آهي ۽ واهڙ جڙي پوندا آهن.

## لَهَر

سمونڊ، درياهَ، ڍنڍ وغيره جي پاڻي ۾ هوا لڳڻ تي لهرون پيدا ٿينديون آهن ۽ اهي هوا جي رخ سان هلي ڪناري سان اچي لڳنديون آهن. لهرن جي پيدا ٿيڻ ۽ ڪناري سان لڳڻ جو اڻ ڪٽ سلسلو هوندو آهي. سمونڊ تي لهرن جو عجيب منظر هوندو آهي. سامونڊي هوائن جي زور سبب اهي لهرون آسمان سان پيئون ڳالهيون ڪنديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن انهن لهرن ۾ ايترو تہ زور هوندو آهي جو وڏا وڏا ٻيڙا بہ انهن جي زور سبب لاچار ٿي لنگر لاهي ويهي رهندا آهن.

## وِڄُ

آسماني بجلي جيڪا برسات جي مند ۾ ڪڪرن جي هڪ ٻئي سان گسڻ ۽ لڳڻ ڪري پيدا ٿيندي آهي. ان کي ڪنوڻ ۽ وڄُ ڪري چيو ويندو آهي. هن جو چمڪاٽ يا روشني اهڙي تہ تيز ۽ طاقتور هوندي آهي جو ماڻهو اک کولي نہ سگهندو آهي. هن سلسلي ۾ ٻي بہ هڪ ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي يا ائين چئجي تہ روايت قائم ڪيل آهي. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ وڄ يا ڪنوڻ حضرت ميڪائيل جو چهبڪ آهي جيڪو هو ڪڪرن کي هڪل ڪري هڻي ٿو تہ هلو هلي هتي يا هُتي وسو. انهي ڳالهہ جي ڪا سند ڪا نہ آهي. باقي ايترو چئي سگهجي ٿو تہ مذهبي طبقي پنهنجي خوش اعتقادي لاءِ اهو مفروضو قائم ڪيو آهي. جنهن جي تہ ۾ حضرت ميڪائيل جيڪو رب تعاليٰ جي ملائڪن مان هڪ آهي. ان جي قوت ڪماليہ ڏانهن اشارو ملي ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن برسات ۾ وڄ ڪري بہ پوندي آهي ۽ نقصان پڻ ڪندي آهي هن جو فعل ساڳيو بجلي وارو آهي. وڄ زمين تي ڪري لهرو ڏيئي وري بہ مٿي هلي ويندي آهي. سندس انهي لهر جي زد ۾ وڻ يا ڪو ساهہ وارو اچي ويو تہ اهو ختم ٿي ويندو آهي.

## نِکٽ!

نکٽ/نکيٽن دراصل تارن جي کن جهمٽن يا کن تارن جي لهڻ اڀرڻ واري حالت کي نکٽ چئبو آهي، آسمان تي انهن نکيٽن جي خاص وقتن تي اڀرڻ، لهڻ وارين حالتن جو اڀياس کندي قديم زماني کان ماڻهن انهن لاءِ کئين خيال يا انهن سان موسم، پوک، برسات وغيره جي هئڻ ۽ نه هئڻ سان ڳنڍيندا آهن. مثلاً کتي جنهن کي فارسي ۾ ثريا چيو ويندو آهي هي تارن جو جهمٽو آهي، جيکو اونهاري ۾ لڪن واري مند ۾ اڀري ۽ سياري جي پڇاڙيءَ ۾ لهي، هن لاءِ چيو ويندو آهي ته کتي اڀرندي به ساڙ کري ته لهندي به ساڙ کري. ٽيڙو، يا پٽون، يا کتي يا وهائو تارو، يا پيچڙ تارو، يا سانجهي وارو تارو، اهي سڀ نکٽ آهن.
(نکٽ سنسکرت جي لفظ نکشتريا نکشتر مان نکتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي آسماني تارن جو ميڙ).

## کَپرُ

”کَپرُ“ کنڌي يا کناري کي چيو وڃي ٿو کي کپر تانگهيا ته کي وري مثانهان ۾ ڏکيا ٿين، هتي کَپر کي اتاهين کناري جي طور آندو ويو آهي چو ته پويان کارونيار جو لفظ اچي ٿو جيکو ڏکئي کپر ڏانهن اشارو آهي. جيئن شاهہ صاحب فرمائي ٿو ته ”کَپرُ کارونيار، اکارئين احسان سين.“

## سِڙهُ

ٻيڙين کي سمونڊ ۾ هلائڻ لاءِ واءَ جي رخ جي وڏي خبرداري کرڻي پوي ٿي. ان لاءِ ٻيڙي جي مستول يا اڀي کيل کاٺي ۾ ٽکندو يا چورس کپڙو ٻڌندا آهن. ان جي پاسن کي رسن ذريعي ٻيڙي کنارن سان لڳل کڙن ۾ ٻڌبو آهي. هوا لڳڻ کري سِڙهَ واءَ سان ڀرجي پوندو آهي ۽ ٻيڙي هاکارجي هلندي آهي. دراصل سِڙَه اهو ٽکندو يا چوکندو

ڪپڙو آهي جيڪو ٻيڙي ۾ باد بان طور ڪم آندو ويو ٿو. ٻيڙي تہ سِڙهُہ چاڙهي ان کي اهڙي طرح کولبو جيئن واءُ کوهي جي ٻن پاسن کي ڀري.

## پگهہ

پگهہ دراصل تڙ جي ڪناري تي لڳل اهو ڪلو آهي جيڪو تڙ تي ٻيڙي يا غوراب جي اچي بيهڻ سان ان ۾ انهي ٻيڙي جو رسو ٻڌي ڇڏيو آهي، جيئن ٻيڙي پاڻي جي ڇولين يا جيڪڏهين درياهہ آهي تہ ان جي وهڪ تي وهي نہ وڃي پر هڪ جاءِ تي بيٺي هجي، جيستائين ان مان ماڻهو يا سامان لهي وڃي.

## آولِيون

اوليون (جمع) واحد اولي (واحد) ۾ ڳن ٻيڙياتا ٻيڙي هلائڻ لاءِ ونجهہ هٽندا آهن. ونجهہ جي انهي ڳن کي جيڪو هٿ ۾ جهلي ونجهہ هلائبو آهي ان کي اولي يا مهري ڇيو ويو ٿو. ٻيڙياتا شوق ڪري انهن ونجهن جا ڳن عاج جا نهرائيندا هئا. جيڪي لسا ۽ هلائڻ ۾ سولائي وارا ٿيندا هئا.

## لاڄو

لاڄو اهي رسا جن سان سڙهہ کي ٻيڙي جي مستول يعني ايي تيل وڏي ڪاٺي جنهن ۾ سِڙهُہ چاڙهبو آهي، سڙهن جي مختلف هنڌن کان اهي رسا وري ٻيڙي جي پاسن سان مضبوطي سان ٻڌبا آهن، جيئن هوا جي زور تي جڏهن سِڙهُہ پرجي ٻيڙي کي هاڪاري يا هلائي تہ اهي لاڄو يا رسا انهي سڙهہ جي هوا جي زور کي قابو ڪري جهلين ۽ انهي کي برداشت ڪن. ڪمزور لاڄو يا رسو سڙهہ جي سٽ سهي نہ سگهندو ان ڪري ٻيڙياتا لاڄن جي هر وقت سنڀال ڪندا ۽ انهن کي جاچيندا آهن ۽ تڏهن تہ لطيف فرمايو تہ ”سِڙهہ سنوان لاڄو نوان، “

ٻئي طرف لفظ لاڄو لڄ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي رکڻ

عزت رکڻ، لاهو دراصل بيڙي جي لچ ۽ پرم آهن ڇو جو بيڙي سڙهہ سان هلڻ جو سڄو مدار لاهن تي هوندو آهي.

## ڪُوها

ڪوها (جمع) آهي، واحد ٿيندو ڪُوهو بيڙي جو شڪيلو يا شيخلو هي بيڙيءَ جو سڪان يا سڪاڻ آهي، شيخلو هن ۾ اڏ ٻڌبي آهي. يعني ڪاٺي جو ڏگهو ٿوهو جنهن تي سِڙهُ پڪيڙيو ويندو آهي. سڪان دراصل بيڙي لاءِ سونهي جي حيثيت رکي ٿو هن جي وسيلي بيڙياتا بيڙي کي اونهي يا تانگهي ۾ هلائڻ جي خبر رکندا آهن. هن کي بيڙي جو نڪ چئجي تہ بجاءِ آهي.

## وَنَجهُ

ونجهہ دراصل بيڙي هلائڻ وارن ڏگهن ڇڙهن يا ڇَپُن کي چئبو آهي. جن جي مٿين کي جهلي بيڙياتا ونجهہ جي ذريعي پاڻي کي پوئتي ڌڪيندا آهن ۽ بيڙي انهي جي زور تي اڳتي هلندي آهي. هنن کي ڪاٺ جي خاص قسم مان تيار ڪيو ويندو آهي. جيئن اهي هلڪا بہ هجن ۽ مضبوط بہ هجن جيئن پاڻي جي زور ۽ سمونڊ يا درياهہ جي لهرن کي برداشت ڪري سگهن. اڳئين وقت ۾ ونجهن لاءِ ڪاٺ خاص طور تي ملباريا مالابار جي جهنگلن مان بيڙياتا آڻائيندا هئا جيڪو پاڻي جي زور کي برداشت ڪرڻ ۾ وڏو ڪم ڏيندو هو.

ٻيو ونجهہ بانس جي ڏگهي ڪاٺي کي بہ چئبو آهي. هڪ تہ انهي ڪاٺيءَ سان بيڙي کي ڪناري جي تانگهي پاڻي ۾ هلائجي، وجهہ کي هيٺ زمين ۾ هٽي پوئتي ڌڪبو تہ بيڙي اڳتي هلندي بعضي ونجهہ کي زور سان هيٺ پاڻي جي تر ۾ کوڙي ان سان بيڙي کي ٻڌي ڇڏبو جڏهن بيڙي هلائڻي هوندي آهي تہ ونجهہ کي لوڏي ڌوڏي اليڙي ڪڍي ڇڪي ٻاهر ڪڍبو تہ جيئن بيڙي سير تي چڙهي.

## چَپا

چپا جمع واحد چَپُو هي ٻيڙي کي پاڻي ۾ اوپارو يا آرپار هلائڻ وقت استعمال ٿيندو آهي. هن کي ونجهه به چئبو آهي. جيئن ته ونجهه وڏو ۽ وڏيڪ طاقت ور ٿئي ٿو چپو هلڪين ٻيڙين ۽ تانگهي پاڻي ۾ ٻيڙياتن کي سٺو ڪم ڏيندو آهي. هي به ڪاٺ مان تيار ٿئي ۽ هن کي ڳن ۽ هٿيو پڻ هوندو آهي جنهن کي جهلي ٻيڙي جي ٻنهي پاسي پاڻي کي ڌڪبو ته ٻيڙي اڳتي هلندي.

## ڪَشتِي

ڪشتي: ننڍي ٻيڙي کي ڪشتي چئبو آهي هي پڻ ڪاٺ مان تيار ٿئي ٿي هن لاءِ به اهي ساڳيا وسيلا ڪم اچن ٿا جيڪي ٻيڙي ۾ ڪم اچن، ڪشتي جا طبقا ڪين ٿين، ٻيڙن يا وڏين ٻيڙين ۾ طبقا ٿيندا آهن هن جي بناوت فقيرن جي ڪِشتي جيان هوندي آهي ان ڪري هن کي ڪشتي چيو وڃي ٿو.

## آچاڙا

سمونڊ ۾ جڏهن موج ايندي آهي ته وڏيون لهرون اٿنديون آهن ايئن محسوس ٿيندو آهي ته اهي ڪو آسمان سان پيون لڳن سمونڊ جي انهي چاڙهه ۽ ويرن جي وهڪ کي اٿلون، اوساند يا وڏيون ويرون ڪري چئبو آهي. انهن کي ايتري طاقت ۽ زور هوندو آهي جو وڏا وڏا جهاز به انهن جي زور آڏو بيهي ويندا آهن. اهي آچاڙا يا آچارا اڪثر اونهي ۽ عميق سمونڊ جي پاڻي ۾ اٿندا آهن.

## جُنگ جهازَ

اڳئين زماني ۾ مشيني ياد خاني جهاز نه هوندا هئا پر ڪاٺ ۽ لوهه سان جڙيل ٽن چئن طبقن تي گهڻن سڙهن وارا جهاز هوندا هئا جيڪي

ونجهن تي گهڻ هلندا هئا پر انهن جو هلڻ جهاز جي انهن گهڻن سڙهن جي بنياد تي هوندو هو جن ۾ هوا جي زور تي ناڪئا انهن کي نڪتن جي آڌار تي سمونڊ ۾ هلائيندا هئا. گهڻن سڙهن وارن جهازن جو رواج يا بنياد واديءِ سنڌ جي سيد نسل جي ماڻهن وڌو جيڪي مالابار ۽ ڏکڻ اوڀر اولهه ڏکڻ ڪنڌ وارن ملڪن ڏانهن ويندا هئا. انهن کي پوءِ چيني ماڻهن وڌيڪ ترقي ڏني، مشيني دور جي ايندي انهن سڙهن وارن جنگ جهازن جي جاءِ تي اڄ دخاني ۽ تل جي قوت تي وڏا وڏا جهاز هلندڙ آهن.

## ناکُئا

ناڪئا جمع واحد ناڪئو ٻيڙي هلائيندڙ کي "ناڪئو" ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. ناڪئن کي ٻيڙي جي هلائڻ ان جي ساز سامان ۽ سمونڊ يا درياهه جي لهرن موسمن ۾ پيدا ٿيندڙ سمونڊ ۾ حالتن، ويرن، اوچاڙن توڙي سمونڊ جي لهرن جي بنياد تي ان جي اونهائي تانگهائي ۽ سمونڊ جي وهڪ ڪري پيدا ٿيندڙ ڪُن جي خبر پوندي آهي، "ناڪئو" وڏي سونجهه ۽ سمجهه رکندڙ هوندو آهي هن کي تارن نکتن ۽ هوائن جي رخ ۽ موسمي حالات جي ڄاڻ هوندي آهي، اڳئين زماني ۾ جڏهن اڄا جهاز راني جا اوزار نہ هئا ۽ اڄ جيڪو ڪم اوزارن ۽ مشين ذريعي ساموندي سفر ۾ ٿئي ٿو. اهو اهي "ناڪئا" پنهنجي فهم ۽ تجربي جي بنياد تي انجام ڏيندا هئا. انهي ڪري ٻوليءَ ۾ ڪي اصطلاح پڻ جڙيا جيئن عقلمند ۽ ڳولهائو ماڻهو لاءِ چوندا آهن تہ "تون تہ ڪو ناڪئو لڳو پيو آهين" ناڪئو ٻيڙياتو، ۽ جهاز ران پڻ آهي.

## سائر

"سائر" لفظ سنسڪرت جي لفظ "ساگر" جنهن جي معنيٰ آهي سمونڊ ان جي بگڙيل صورت آهي، سائر جو لفظ جتي سمونڊ لاءِ استعمال ٿئي ٿو اتي وڏي وهندڙ درياهه کي بہ سائر چيو ويندو آهي، جيئن لطيفؒ

سر سهڻي ۾ فرمايو "سائر ٻوڙي سهڻي نہ ڪنهن ڏوري ڏنڊ" يا "سهسين سائر ٻوڙيون منڊ ٻوڙيو مهراڻ" سائر اهو سمونڊ يا دريا جنهن ۾ تڪ تار ۽ عميق جا اوچاڙا هجن، وڏيون لهريون ۽ پاڻي جي اٿل پٿل هجي.

جيئن مٿي ڏيڪاريل آهي تہ "سائره" ساگر جي صورت آهي اهڙيءَ ريت هن امر کي بہ نظر انداز ڪري نہ ٿو سگهجي تہ هي لفظ بحر جيڪو سمونڊ يا اٿاهہ اڻ ڏنگي پاڻي لاءِ ڪم اچي ٿو اهو مختلف قومن جي لهجي سبب ڦيريان بدلجي "باحر" ٿيو هجي ۽ پوءِ ان جي سير جي تصور سبب سائر تي پيو هجي، ٻوليءَ جي ساختياتي روين سبب انهي خيال کي بہ نظر انداز ڪري نٿو سگهجي يا "سائر" (سا+ ئر=وير) تر ٿي سگهي ٿو تہ وير اورڪ انهن مان تر وجود ورتو هجي جيڪو مخفف ٿي سگهي ٿو ۽ پوءِ وير سبب اهو سمونڊ جو تصور سائر يا اٿاهہ پاڻي لاءِ بدلجي ويو هجي ۽ "سائر" انهي تصور جي پيداوار هجي.

## ڪُن

سمونڊ يا درياهہَ ۾ پاڻي جي گهيري کي ڪُن يا گرداب ڪوٺيو وڃي ٿو دراصل سمونڊيا درياهہَ ۾ ڪُن انهي هنڌ ٿيندو آهي جتي اونهائي گهڻي هوندي آهي ۽ انهي اونهائي ويجهو درياهہَ جي ڪپ جي ڪا ڀڪ يا سمونڊ ۾ اونهائي جي پاسي ۾ ڪا ٽڪري يا روڪ جو ڪو سلسلو هوندو آهي، پاڻي لس وهڪ بجاءِ جڏهن ان هنڌ پهچي ٿو تہ اوٽ سبب وهڪ گهيرو ڪري ٿي ۽ پاڻي ٻونئر وانگيان ڦرندو نظر ايندو آهي سمونڊ ۾ اهو پاڻي جو ڦيرو لهرن کي گولائي ۾ وجود ڏئي ٿو ۽ هوا جي زور سبب اهي وڏي وجن ٿيون انهي ڦيري يا گرداب ۾ ايتري طاقت هوندي آهي جو ڪو ٻيڙو يا جهاز ان جي لپيٽ ۾ اچي ويو تہ اهو پنهنجي سڌ/ سڌائي تي هلڻ بجاءِ انهي ڪُنَ ۾ ونجي ويندو آهي ۽ ان جو انهي مان نڪرڻ محال هوندو آهي، سمونڊ ۾ ڪئين ڪُنَ موجود آهن. جن ۾ نڪونج جو ڪن

مشهور آهي، جيڪو چيو وڃي ٿو ته يونوچ سمونڊ ۾ آهي سڪندر اعظم ان کان بچاءَ لاءِ هڪ مناري تي هٽ ٺهرايو هو جيڪو روشن هوندو هو ۽ جهازن کي ان طرف اچڻ کان روڪ لاءِ هو.

## وِيرَ

چنڊ جي ڪشش ڪري سمونڊ جي پاڻي ۾ اپار ايندو آهي، جيڪو وڏي هڪ وڏي لهر جي شڪل وٺندو آهي. اهي لهرون هوا جي زور سبب وڏي سمونڊ ۾ هڪ طلاطم يعني وڏي هلچل پيدا ڪري وجهنديون آهن. سمونڊ ۾ هر صبح ۽ شام جو وير اٿندي آهي جيڪا ڪجهہ وقت هلي پوءِ ساڻي تي ويندي آهي، ناڪئا انهي کي ننڍي وير چوندا آهن ۽ چنڊ جي چوڏس جي رات ۽ چنڊ جي اوڻٽهين جي رات جنهن کي اماس چيو ويندو آهي، وڏيون ويرون سمونڊ ۾ اٿنديون آهن. جن ويرن کي پورنماسي ۽ اُماسي ويرون چيو ويندو آهي. انهن ٻنهين وڏين ويرن ۾ ساموندي ويرن جو چاڙهہ ڪڏهين ڪڏهين خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويندو آهي، ناڪئا انهن ڏاڻن تي سمونڊ ۾ سفر ڪان لهرائيندا آهن.

## ڪَتُوري

هي هڪ خوشبودار وٿ آهي، جيڪا ڪاري هرڻ جي دن مان ملندي آهي، ڪتوري کي ڪستوري به چيو ويندو آهي. هي هڪ ناياب ۽ اڻ لڀ شيءِ آهي هن کي مشڪ به چيو وڃي ٿو. اها خوشبوءِ واري شيءِ ”مشڪ ختو“ يعني ختن ملڪ جي مشڪ جي نالي سان به سڏبي آهي، هي جتي خوشبوءِ دار آهي اتي نهايت ئي زور اثر دوا جو به ڪم ڏئي ٿي، خصوصاً سرسام قوت باهہ وغيره ۾ هي سخن ۾ ڪم ايندي آهي، هن مان عطر به تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن کي عطر وحي يا مشڪ چيو وڃي ٿو.

ازانسواءِ ”ڪتوري“ هڪ گاهہ به آهي جيڪو برساتن ۾ جبل ۽ ٿر ۾ ٿئي انهي گاهہ کي ٿر ۾ مارئي جو پٽر چيو وڃي ٿو ۽ اهو گاهہ ڪٽڪ جي

سنگ وانگر ٿئي ھن ۾ بہ خوشبوءِ آھي. انھي گاھ تي اھو نالو غالباً ڪٿوري جي خوشبو سبب ٿيو، ان گاھ کي، دراڙ ڪٿوري چيو ويندو آھي، مال وند ماڻھو انھي گاھ کي ھٿ ڪري ان مان ڪير جي ٿانون ڌوئڻ لاءِ مُترا ٺاھيندا آھن جن سان ڪير ۽ ڏڌ جي ماٽين، لوٽن کي مانجھين تہ جيئن ٿانون ۾ انھي جي خوشبوءِ ٿئي. ڏنار ڪٿوري يا دراڙ ڪٿوري ڀارن کي ملي لاءِ پسائي پيار بي آھي.

## غراب/ غُراب

جڏھن دخاني يا مشيني جھاز نہ ھوندا ھئا تہ ڪاٺ جي تختن ۽ لوھ جي وڏن پٽيچن سان وڏا ٻيڙا تيار ڪيا ويندا ھئا. جن ۾ بہ ٽي طبق ھوندا ھئا. اھي سڙھن جي گھٽائي تي ھوا جي زور ۽ ونجھن ذريعي ھلندا ھئا لفظ غوراب جتي غرب مان نڪتل محسوس ٿئي ٿو اتي انھي تي فارسي جي لفظ گرداب جو بہ اثر آھي يعني گھيري مان نڪرندڙ.

سيد نسل جا سنڌي ماڻھو جھاز راني جي فن م پڙ ھئا اھي گھڻن سڙھن وارن ٻيڙن جا موجد چيا وڃن ٿا، واديءِ سنڌ جي ماڻھن جو واپار مالابار، جاوا، لنڪا، سوماترا ۽ اوير ۽ اوير ڏکڻ وارن ملڪن سان عام ھوندو ھو، جتان گرم مصالحہ ۽ ٻيون وٿون عمدو ڪاٺ عاج وغيره آڻيندا ھئا. انھن جي جھازن کي غالباً گراب چيو ويندو ھو جيڪو اڳتي ھلي غراب/ غوراب جي صورت ۾ ٿيو، ٻيو تہ الھندي ڪان آيل ھجڻ سبب انھي تي غراب جي ال پئي جنھن اڳتي ھلي غوراب جي صورت اختيار ڪئي.

## پُربندر

پُربندر ڪاٺياواڙ رياست جيڪا اڳي قديم سنڌ جو حصو ھئي ان جو مشھور بندر آھي پُر اصل ۾ لفظ پورب جو حصو آھي جڏھن سنڌ جو ڪراچي بندر نہ ھوندو ھو تہ سنڌ جي ٻين بندرن جھڙوڪ اورنگا بندر، ڪيٽي بندر، شاھ بندر، علي بندر، سنڌي بندر ھوندا ھئا. سنڌ جي

بندرن جي مقابلي ۾ پُر بندر جيئن تہ اولهہ ۽ اوڀر وارن ملڪن کي وڏيڪ سٽائو هو. ممبئي جو بندر ۽ سورت بندر بعد ۾ ٺهيا هندستان جو سڄو ڪاروبار پُربندر ذريعي هوندو هو انهي سبب اهو بندر ڪالهہ بہ ناليوارو هو ۽ اڄ بہ ناليوارو آهي، سنڌ جا ناڪئا پنهنجي بندرن تان ٻيڙا هاڪاري پُربندر پهچي مال خريد ڪري اوڀر وارن ملڪن ڏانهن نيندا هئا. پورب ۾ هئڻ ڪري هن بندر تي پُربندر نالو پيل آهي.

## پتڻ

پتڻ هي بہ ٻيڙي جو هڪ قسم آهي، جنهن مان درياهہَ جي هڪ پر کان ٻي پر ٻيڙياتا پاتڻي ماڻهو اڪاريندا آهن، پتڻ جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي وڃڻ واري عمل کي پورُ چئبو آهي. سمونڊ تي بہ پتڻ هوندا آهن جيڪي اونهي پاڻي ۾ ڪين لهن پر سمونڊ جي پاڏن ۽ پاندن ۾ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي يا ڪناري سان گڏوگڏ پاتڻي هلائيندا آهن، پتڻ جي تڪڙي اڇڻ وڃڻ واري نظاري کي لطيف هيئن بيان فرمايو آهي:

"پتڻ تو پور ڪري جيئن ماڻي منجهہ مهي"

## شَهبازُ

شهباز هي باز جو هڪ قسم آهي جيڪو شڪار جي ڪم ايندو آهي شهباز معنيٰ آهي وڏو باز هي پکي ٿڌن علائقن ۾ ٿيندو آهي، جڏهن برف باري پوندي آهي تہ نقل مڪاني ڪري سماني علائقن ۽ سامونڊي ڪناري وارن هنڌن تي ايندو آهي، سنڌ جي سامونڊي علائقي، ٿر جي ڪس ۽ چولستان ۽ ڪيرٿر وارن علائقن ۾ هي پکي سياري جي مند ۾ ايندو آهي. ماڻهو هن کي جهلي شڪار لاءِ تربيت ڏيندا آهن. هي گوشت خور پکي آهي.

حضرت عثمان مروندي لال قلندر جو لقب پڻ "شهباز" آهي، حضرت لال شهباز قلندر جي نالي سان سنڌ هند ۾ مشهور آهن. حضرت

لال شهباز قلندر جو ولايت ۾ اعليٰ مقام سبب بہ اهو لقب چيو وڃي ٿو.

## وِينجهارُ

وينجهار موتين جي ڪم ڪرڻ وارن، انهن کي پرڪڻ، انهن ۾ سوراخ ڪرڻ، موتين جي جڙاوت ڪرڻ، موتين جي باريڪ بيني سان اهليت ۽ اهميت جي ڪٽ ڪٽڻ واري کي وينجهار چئبو آهي.

ڪنهن منجهيل ڳالهہ يا مسئلي کي آسان ۽ سولو ڪرڻ، ان ڳالهہ جي تعبير ۽ اهميت کي بيان ڪرڻ يا عقلمندي واري ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ واري کي بہ وينجهار ڪوٺيو ويندو آهي، وينجهار لفظ گهڻ معنائون ۽ وڏي معنيٰ خيزي وارو لفظ آهي.

## اَمُلُ

"امُل" اهي موتي ۽ اها شيءِ جنهن جو ڪو ملهہ ئي نہ ڪٿي سگهجي، بي بها ۽ لاثاني شيءِ کي "اَمُل" ڪري ڪوٺيو ويندو آهي.

## اِيهَر

ايهر لفظ دراصل "اُهر" آهي جنهن جي معنيٰ آهي آرسي يا اهڙو شيشو جنهن کي اکين تي پائي وينجهار موتين کي سوراخ ڪيندا آهن ۽ ان جي تراش خراش سان جيڪي پهلو ۽ پاسا ٺاهڻا پوندا آهن ان جي هڪ جهڙائي، لسائي ۽ زينت بيهارڻ لاءِ وينجهار انهي شيشي ذريعي اهو نازڪ ۽ نفيس ڪم ڪندا آهن، انهي کي عڪسي شيشو يا محرب شيشو ڪري چئجي تہ بہ بجاءِ آهي. آهري لفظ اسان وٽ آرسي لاءِ بہ ڪم ايندو آهي، ايهر انهي لفظ جي بگڙيل نہ پر ڪم جي لحاظ کان صورت بيان ڪيل آهي.

## سونارا

سون مان ڳهہ ڳنا ٺاهيندڙ ۽ سون پرکيندڙ کي سونارو چيو وڃي ٿو. سونارا ان جو جمع آهي، هي ذات بہ آهي تہ ڌنڌي جي لحاظ کان لقب بہ

آهي، هندن ۾ سونارو ذات آهي، اهي ڪم ٺي سون جو ڪن، مسلمانن ۾ ميمڻ، سما پڻ سونارڪو ڌنڌو ڪندا آهن، انهي ڪري اهي پڻ سونارا سڏبا آهن.

## صَرافُ

سون ڪي پرکڻ ان جي ڪٽ ڪٽڻ ۽ سون جي واپاري ڪي صراف چيو ويندو آهي، سونارا صرف ڳهه ڳٺا ٺاهڻ جو ڪم ڪن پر صراف سون جو واپار ۽ ڪاروبار ڪن، سون جي وڏي واپاري ۽ سون جي ڳهن رکڻ واري دڪاندار ڪي صراف، ڪري ڪوٺبو آهي صرافن وٽ سون جي پرکڻ لاءِ ڪسوٽي ۽ ٻيا اڄ ڪلهہ جديد اوزار آهن جن سان سون جي سٺي ۽ مٺي هئڻ جي خبر پوندي آهي.

## جوهَرِي

جوهري ان ڪي چئبو آهي جيڪو هيرن جواهرن جهڙوڪ، هيرو، موتي، پکراج، لعل، ياقوت، الماس، پنو، ڌر نجف، عقيق، مرجان، ٽائيگر، زمرد، فيروزه، نيلم، زرقون وغيره جهڙن جواهرن ڪي پرکي تہ اهي اصلي آهن يا نقلي جاندار آهن يا بي جان آهن. انهن جي پرک ڪرڻ واري ڪي جوهري چئبو آهي. انهن جواهرن جي واپار ڪندڙ ڪي سون جوهري چيو ويندو آهي.

قدرتي ڌاتن ۾ سون هڪ اهڙي ڌات آهي جنهن ڪي ڪڏهن بہ ڪس نہ لڳندو آهي ۽ نہ وري ان ڪي ڪا ٻي شيءِ يا موسم جا اثرات ان تي اثر ڪندا آهن، سون ڪاٽين مان معدني صورت ۾ ملندو آهي. ڪن هنڌن تي هي پٿر گاڏڙ هوندو آهي پر ڪن هنڌن تي هن جي قريب قريب سالٽ صورت هوندي جيئن سوڊان جي ملڪ ۾ غالباً دارفور واري علائقي ۾ سون گهٽو ڪري سالم نہ تہ بہ سالم جي قريب هوندو آهي پاڪستان ۾ بلوچستان سينڌڪ جي علائقي ۾ سون جو ذخيرو آهي هي ٽامي سان

سِنبت ۾ اچي ٿو. سون کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪوٺاري ۾ وجهي آٽبو آهي ۽ سالو ڏبو آهي تہ هن مان غير ضروري مواد نڪري وڃي. سون کي ڪسوٽي تي پرکيو ويندو آهي اصل ۾ بنار سون 42 قيراط ۾ هوندو آهي، دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ سون جي ذخيري تي ڪاروبار هلندو آهي ۽ ڏي وٺ ۾ سون جي قيمت تي شين جي اگهن جي گهٽائي وڌائي ٿيندي آهي، حڪومتون زر ضمانت طور سون رکنديون آهن ۽ ان جي بدلي ۾ نوٽ جاري ڪنديون آهن، پهاڪو آهي تہ سون کي ڪس ٽئي ڪا نہ، سچائي کي سون سان نسبت ڏني ويندي آهي، سون کي عربي ۾ ذهب انگريزي ۾ گولڊ چئبو آهي. سون کي طلا ۽ زر بہ چيو ويندو آهي.

## چاندِي

هي هڪ ڌات آهي جيڪا معدني کاڻين ۾ ٿيندي آهي هن جي اصل صورت پٿر گاڏڙ هوندي آهي جنهن کي صاف ڪري اصل شڪل ۾ آندو ويندو آهي. هي ڌاتو سون کان پوءِ ٻئي نمبر تي آهي هن کي بہ سونِ وانگر سوڊيو ويندو آهي ۽ هن مان ڪنگڻ، ڪڙيون، چوڙيون پازيب، نورا ۽ ٻيا ڳهہ ٺهندا آهن، اڳئين زماني ۾ چاندي جي سڪي جو رواج هو، چاندي جا رپيا مشهور هوندا هئا.

## رپو

چاندي جي سڪي کي رپيو/رپو چيو ويندو.هو. چاندي مان ٺهيل ڳهن کي رپئي جي نسبت سبب رپي جا ڳهہ ڪوٺيو ويو، ائين ”رپو“ چاندي جو نعم البدل بڻجي ويو.

## مِيزانُ

سونارن جي تور واري ساهمي کي نِنڍي هئڻ سبب ميزان چيو ويندو آهي، ميزان وزن مان نڪتل آهي، ميزان مان مراد اهڙو توراڙو يا تور جو

اوزار جنهن ۾ تور ۾ رتيءَ جيترو بہ فرق ظاهر نہ ٿئي، جي مگ وجهجي تہ بہ ميزان ان جو وزن ڏيکاري. اهڙي توراڙي کي ميزان چئبو آهي، جيئن تہ سون ۽ چاندي املهہ وٿون آهن انهن جي وزن لاءِ عام ڪانٽو يا ساهمي ڪارائتي بہ هوندي آهي، پر ميزان ئي انهن جو وزن ڏيکاريندو آهي. ميزان عدل جو ڪانٽو آهي قيامت جي ڏينهن بہ انسانن جي اعمالن جي تور گناهہ ۽ ثواب جي ڪمن جي جاچنا ميزان ذريعي ٿيندي. سورت الرحمان ۾ بہ ميزان جو ذڪر آهي جيڪو الاهي عدل جي نشاني آهي. ڪورٽن تي انصاف ۽ عدل جي نشاني طور ميزان جو نشان ڏنل هوندو آهي.

## گَڏُون

هي پتل يا ٽامي يا ڪَٽ مان ٺهيل هڪ قسم جو ٿانو آهي جنهن جو پاندو گولائي وارو ۽ ڳچي ننڍي ٿئي ڪنا ڪن جا وريل نہ ڪن جا ٿور سدا نڪتل هوندا آهن ۽ هيٺان ڪن کي چلي وانگر بيهڪ وارو گول هوندو آهي ڪن جو ترو ائين هوندو آهي. گڏون اڪثر پتل جا هوندا آهن، پتل جو رنگ سون جهڙو ٿيندو آهي، سونارا سون ۾ مٺ طور پتل ملائيندا آهن. هتي شاعر سون جي بي قدري جو بيان ڪندي ان لاءِ چوي ٿو تہ "پوءِ توکي بہ پتل جي گڏونءَ سان گڏي ڇڏيندا" يعني هنن جي ڪا قدر قيمت ڪا نہ هوندي.

## لُهارُ

لوهہ جي ڪم ڪندڙ کي جيڪو لوهہ مان ڏاٽا، ڪهاڙيون، ڪاتيون ۽ لوهہ جون ٻيون شيون ٺاهي ان کي لوهار چئبو آهي، يعني لوهہ جو ڪم ڪندڙ، لوهار سانداڻ تي لوهہ کي ڪٽيندو آهي تہ هن جي ڌڪ ۾ انتهائي زور هوندو آهي، انهي ڪري چيو ويندو آهي تہ سوناري جا سئو ڌڪ لوهار جو هڪڙو ئي ڪافي، هن ڪم ڪرڻ وارن جي انهي ڪم سبب ذات پڻ سڏجي ٿي.

## پتنگ

سنهڙي هوائي يا لغڙي ڪاغذ مان باسن جي سنهين ڪاٺين مان ڪمان جي صورت ڏيئي پتنگ تيار ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ ڏور ٻڌبي آهي، جنهن کي مانجهو چئبو آهي متي اڏائبو آهي. پتنگ اڏائڻ جي خاص موسم هوندي آهي، اڪثر ڪري بهار جي اچڻ وقت پتنگ بازي جام هوندي آهي.

پتنگ هڪ ننڍڙو جيت پڻ آهي، جنهن کي ڪڙڪپيتو بہ چئبو آهي هن جي پرن ۽ پيچ جي وچ ۾قدرت عجيب رمز رکي آهي. جو رات جي اونداهي ۾ جڏهن هي هلندو آهي تہ هن جي پير واري حصي مان روشني نڪرندي آهي هي جيت باهہ جو عاشق آهي جتي بہ باهہ ٻرندي تہ هي پاڻ کي ان ۾ اڇلي وجهندو آهي. اڪثر ڪري جهنگ ۾ ڪرڙ ٻارڻ يا برسات جي موسم ۾ بتي وغيره ٻارڻ وقت هي ان تان پاڻ کي گهوري جان جلائي ڇڏيندا آهن، هي مچ جو عاشق جيت آهي.

# سُر_ سري راڳ

## داستان پهريون

جيڪي مَنجهہ جَهان، سو تاريءَ تڳي تُنهنجي،
لُطف جي لطيف چَئي، تو وٽ ڪمي ڪا نہ
عدل چُٽان آن نہ، ڪو قَيرَو ڪج فَضُل جو

(دا-ا-ب-ا) *

- جيڪين = جو ڪجهہ بہ آهي سڀ جهان ۾ جو ڪجهہ خلقيل آهي اهو.
- جهان = عالم، دنيا، جڳت، سنسار.
- تاريءَ تڳي = تارڻ مصدر+ تڳڻ مصدر، امرتار ۽ تڳ تاريءَ تڳڻ اصطلاح = ڪنهن جي آسري، سهاري پرجهلي تي هلڻ ڪنهن جي مدد ۽ واهہ تي هلڻ، گذارو ڪرڻ.
- تنهنجي = هت مقصد آهي اي خالق، مالڪ هي جهان تنهنجي آسري، سهاري تي پيو هلي.
- لطف = (ع) ڪرم، مهر، هي اللطيف جي مخفف صفت آهي جيڪو اسماءُ الحسنيٰ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي لطف ڪندڙ

---

* انصاري صاحب هن بيت کي داستان ٻئي ۾ پهرئين بيت طور پيش ڪيو آهي ۽ سُر-سري راڳ جي شروع يعني داستان پهرئين ۾ هي بيت ڏنو آهي:

مان پڇنئي سپرين، چتان لاهہ مَ چُر
انين جا اُمرُ ڪڻ تہ خالي نہ تيين،

ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهي بيت کي سر ساموندي ۾ داستان ٽئين ۾ بيت نمبر 32 سان ڏنو آهي.

مهرباني ڪندڙ رب جي ذات پنهنجي ٻانهن ۽ هن جهان تي لطف ڪندڙ يعني مهر ۽ ڪرم وارو آهي.

- ڪمي = کوٽ، اڻاٺ، گهٽتائي.
- ڪمي آهي ڪا نہ = هن وٽ يعني ذات الاهي وٽ لطف ۽ مهرباني جي، ٻاجهہ جي ڪا بہ گهٽتائي يا کوٽ ڪا نہ آهي.
- عدل (ع) = انصاف "العادل" هي بہ اسماءُ الحسنیٰ مان هڪ صفت آهي يعني عدل ڪندڙ، انصاف ڪندڙ.
- عدل ڇتان آن نہ = عدل+ ڇتان مصدر ڇٽڻ = آزاد ٿيڻ ڪو حرف نہ هئڻ آن= اوهان کان يا اوهان جي، اوهان يعني اي رب اوهان عدل ڪيو انصاف ڪيو تہ آئون ڇٽي نہ سگهندس.
- ڦيرو ڪج = ڪج مصدر ڪرڻ مضارع ڪج ڦيرو ڪج اي رب تون پنهنجي نظر ڪج پنهنجي دائري ۾ آڻج.
- فضل = بخشش، مهر، ٻاجهہ.
- ڦيرو ڪج فضل جو = پنهنجي بخشش، مهر ۽ ٻاجهہ جي نظر يا پالوٽ ڪج.

سُر- سري راڳ جو هي پهريون بيت دراصل بنيادي طور تي دعائي بيت آهي. جنهن ۾ لطيف فرمائي ٿو تہ هن جهان ۾ جو ڪجهہ آهي ڳجهو يا پڌرو اهو سڀ آدجڳاد کان انهي مالڪ مهربان جيڪو الرحمن الرحيم ۽ وهو علیٰ کل شيءٍ قدير آهي انهي جي حڪمت ۽ قوت قدرت سان هلي رهيو آهي.

هن مالڪ وٽ! جيڪو جهانن جو پالڻهار ۽ سنڀاليندڙ آهي. انهي وٽ پنهنجي لطف، ڪرم مهرباني جي ڪا کوٽ ۽ ڪمي ڪا نہ آهي. هن جو لطف بي پايان ۽ بيمثال آهي.

شاعر فرمائي ٿو تہ اهو مالڪ مهربان جنهن جي فضل ڪرم، لطف ۽ ٻاجهہ جو ڪو سنڌو ڪو نہ آهي انهيءَ ذات ڪريمي جيڪا العادل ۽ القهار

پڻ آهي انهي جي ميزان واري ڏينهن انصاف جي تارازي توري تہ پوءِ اسان جو پنهنجي گناهن، غلطين ۽ نافرمانين سبب ڇٽڻ محال آهي. اتي انهي مالڪ مهربان جو فضل گهرجي ڇاڪاڻ تہ سندن ذات رئوف الرحيم يعني درگذر ڪرڻ ۽ رحم واري آهي، ان جو فضل ئي ٻانهي کي گهرجي. هن بيت ۾ هڪ خاص التجا ۽ توبهہ جو عنصر موجود آهي، جنهن ۾ ٻانهو پنهنجي رب کان فضل ۽ ڪرم جي طلب ڪري ٿو ۽ اميدوار آهي.

جيڪين منجهہ جهان، سو سڀ صفت تنهنجي
قادر تنهنجي قدرت جا، مڙيئي مڪان
پد مان ئي پري ٿيا، آڳي جا احسان
ظاهر ساڻ زبان، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا.

(دا -1- بيت2)

- صفت = ساراهہ، واکاڻ

**صفت تنهنجي** =

جهان ۾ جو ڪجهہ آهي، جيڪي آهي، اکيون جيڪو ڪجهہ پسن ٿيون اهو تنهنجي ذات جي وجود جي گواهي ۽ هئڻ جي صفت آهي. اهو سڀ تنهنجي ۽ جهلڪ يا ائين چئجي تہ تنهنجي ذات جي اظهاري صورت آهي.

**قادر (ع) قدر** =

قدرت رکندڙ، طاقت رکندڙ، پنهنجي هٿ وس ڪندڙ "وهو عليٰ ڪُل شيءِ قدير" هو سيني شين تي قادر آهي سندس قبضہءِ قدرت ۾ آهن. قدرت قادر جي تخليق عمل جو ڦهلاءُ، حڪمت، قوت، تدبير تخليق.

- مڙيئي = سڀ، جملي، ڪل، هڙ ڀڪو بہ رهيل نہ

**مڙيئي مڪان** =

اي قادر يعني مروت وارا، طاقت رکندڙ، رب، الله تنهنجي تخليقي عمل قدرت جا سڀ نظارا آهن ڪو هنڌ ماڳ انهي کان خالي نہ آهي.

- پد مان (جمِع) واحد پدم = ڳاڻيٽي جو اسم جيڪو ارب – ده – ارب کان پوءِ اچي پدم.
- پدمان تي پري = يعني پدمن کان تي اڳتي جنهن جو ڪو ڇيهه نہ هجي، انگ نہ اچي.
- آگي، آگو اصل لفظ آقا جيڪو بگڙجي تيو آغا ۽ آگا، آگو = مالڪ ڌڻي الله .
- آگي جا احسان = آگي + احسان = تورا، مهربانيون، ٻاجهون، ڪرم معنيٰ تہ آگي يعني رب جي ذات جا پنهنجي ٻانهن ۽ مخلوق تي ايترا تہ احسان آهن جو پدمن کان ئي ڳالهہ متي آهي.
- ظاهر = پڌرو، چٽو، ڪليل.
- ڳڻي ڳڻيان = ڪيترا ڳڻين، ڳڻڻ کان ٻاهر، ڳڻي نہ سگهجن.

هن جهان ۾ جيڪي ڪجهہ ڳجهو پڌرو آهي، ان جي هئڻ باوجود ذات حق جي صفت جي برابر آهي ان جي ذات جي گواهي ڏيندڙ ۽ اظهاري صورت آهي.

رب العالمين جيڪو هن سڄي جهان تي قادر ۽ قوت رکندڙ آهي هر شيءِ سندس قبضہءِ قدرت ۾ آهي، هو سيني شين تي ڇانيل آهي. سڀ شيون سندس ڪامل قدرت جو مظهر آهن. جهان جو ڪو بہ زرو ۽ هنڌ سندس قدرت جي اظهار کان خالي نہ آهي.

انهي مالڪ حقيقي ۽ قادر ڪل جي احسان ۽ ڪرم جو ڪو سنڌو ئي ڪو نہ آهي. اهو بي پايان ۽ بي ڪنار آهي هي سڄو جهان سندس انهي احسان جي پردي ۾ انهي جي ڦهلاءَ ۾ سمايو پيو آهي. ان ڪري ئي شاعر فرمائي ٿو تہ اهو پدمان ئي پري آهي مالڪ جي انهي احسان جي ڪيفيت جو ڪو سنڌو ۽ پرو پاند ڪو نہ آهي.

ظاهري طور زبان سان انهي احسان ۽ ڪرم جي ڪهڙي پچار ڪري سگهبي جيڪا ڳڻڻ کان ئي ٻاهر آهي. سواءِ عجز ۽ نهايت جي.

ساري رات سُبحان، جاڳي جني ياد ڪيو
اُن جي عبداللطيف چئي، متيءَ لڏو مانُ
ڪوڙين ڪن سلام، آڳهہ اچئو ان جي

(د - ا - ب 3)

- سبحان: الله سبحانہ تعاليٰ جهان جو خالق.
- جاڳي مصدر جاڳڻ امر جاڳ = ننڊ کي ڇڏي سجاڳ تي سالم هوش ۽ دل سان عبادت مان.
- جَني، جَن = اهي جيڪي ننڊ نٽا ڪن.
- ياد ڪيو= الله سبحانہ تعاليٰ کي سنڀاليو ان جو ذڪر ڪيو ان جو اسم اوريو.
- متيءَ = متي پڇاڙان هڏن جو خاڪ تي وجڻ قبر جي متي.
- لڏو مان = مان لڏو، عزت ماڻي، وڏو شان ٿيو.
- ڪوڙين = تمام گهڻا، حساب کان ٻاهر هت اصل لفظ ڪروڙ جيڪو ڪوڙين جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي، يعني بي حساب.
- سلام = زيارت، حاضري پرڻ جيئن اسلام عليڪم توتي سلامتي هجي ان جو مخفف. يعني انهن تي جن جو اچي سلام ڪجي ٿو انهن تي سدائين سلامتي آهي.
- آڳهہ = ماڳ، اڳيان، مارڳ، هنڌ، جاءِ.

الله تعاليٰ جي جن نيڪ ۽ صالح ٻانهن ساري رات جاڳي پنهنجي مالڪ ۽ خالق کي جنهن هي جهان پيدا ڪيو آهي جيڪو ساراهہ جي لائق آهي ان کي ياد ڪيو، ان جي بندگي ڪئي، ان جي ذات ولا صفات تي غور ڪيو ۽ هڪ پل بہ انهي مالڪ جي ياد کان غافل نہ رهيا ۽ هر وقت هر لمحو اهو محسوس ڪيو تہ منهنجو رب مون کي ڏسي ٿو ۽ مون ساڻ آهي هر طرف سندس ذات جو اظهار آهي.

شاهه عبداللطيف چئي ٿو تہ انهن جي متيءَ مان واري آهي انهن جو وجود جيڪو متي ٿي متيءَ سان ملي ويو صرف انهن جي آخري آرام گاهه يعني قبر جو نشان آهي. اها وڏي مان واري آهي عزت واري آهي، ڇاڪاڻ تہ اها جنهن وجود جي آهي انهي وجود حق کي لوچي لڌو اڃ هو ماڻ واري آهي.

ڪوڙين ماڻهو، ڪئين ماڻهو، ڪتان، ڪتان ڪهي انهي جاءِ تي حاضر ٿي اچي سلام پرين تا رحمت جا گل نڇاور ڪن ٿا.

ڪائو ڪمايوم، موتي مون نہ وڻجيا،
سيهي جو سيد چئي، وڪر وهايوم،
اوچتو آيوم، سودو صرافن سين

(دا-ا ــ ب 4)

- ڪائو = شيشو، شيشي جهڙي گهٽ قيمت واري شيءِ يا جنس.
- ڪمايوم (مون ڪمايو"م" ضمير متڪلم جي نشاني ڪمايو، مصدر ڪمائڻ، امر ڪماءِ، ڪمايو اسم فاعل) = مون ڪمايو، مون حاصل ڪيو، مون ڪم ڪري ورتو، وڻجيو.
- موتي = املهہ پٿر، قيمتي پٿر جهڙوڪ لال، زمرد، هيرو، پکراج، موتي، نيلم وغيره.
- مون نہ وڻجيا = مون نہ ورتا، مون نہ حاصل ڪيا، نہ ڳڏا، نہ وهايا.
- سيهي، سيهو = لوهہ جي ذات جو هڪ هلڪو قسم.
- وڪر وهايوم = مون وهايو اهو وڪر اهي شيون سيهي جهڙيون غير جنسون جن جي ڪا قيمت ۽ اهميت ڪا نہ هئي مون اهي خريد ڪيون
- آيوم = مون آيو، مون کي آيو، مون وٽ آيو.
- سودو = واپار (سود = نفعو، وياج) واپار جي ڏي وٺ.
- صرافن (جمع)، واحد = صراف، سون ۽ چاندي جو واپار ڪندڙ صراف، شراف.

هن بيت ۾ سڄو بيان انسان جي ڪچ ڪمائڻ يا صراف جو اوچتو اچڻ انهي ۾ ڳوڙهائي سان غور ڪبو تہ جيئن دنياوي واپار آهي هيرن جواهرن يعني سٺين جنسن جو واپار انسان ڪندو تہ ان کي انهي سودي ۾ انهي حساب سان ملهہ ۽ نفعو ملندو.

ساڳي ريت هي دنيا دارالعمل آهي، شاعر انهي واپار جي اوٽ ۾ بنيادي طور تي نيڪ عملن جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ مون سڄي عمر ڪو سڦلو عمل ڪو نہ ڪيو آهي. جنهن کي هو موتين سان تشبيهہ ڏئي ٿو.

سيد عبداللطيف چئي ٿو تہ غير ضروري شيون خريد ڪيون جن جو ڪو ملهہ ئي ڪو نہ هو يعني هن ۾ انسان کي پنهنجي بي عمل زندگي ڏانهن ڏيان ٿو ڇڪائي، تو ڪهڙو وڪر وهايو آهي ڪا نيڪ ۽ صالح عمل جي وتا ڪئي ڪا نہ آهي.

ٽئين سِٽ ۾ صراف جي نسبت سان هڪ طرف موت ڏانهن اشارو آهي تہ ٻئي طرف انهي پڇاڻي جي ڳالهہ آهي جيڪا قبر جي پڇاڻي ۽ آخرت سان لاڳو آهي. اهڙي صورت ۾ ڪهڙو سودو ٿيندو. هن بيت ۾ هڪ تنبيهہ ۽ انسان کي پنهنجي غفلت ڏانهن اشارو آهي.

يڳـم عهـد الله جـا، ڪـچ ڪمـايم ڪـوڙ
پڇـرو جـو پـاپن جـو، سـو چـوتيءَ تـائين چـور
معلـوم اٿـئي مـور، ڳوڙهـو انهـين ڳالهـہ جـو*

*(دا -1 – ب – 5)*

- يڳم = مون يڳا (م) ضمير متصل جي نشاني، يڳا جو مصدر يڳڻ، يڃڻ، صحيح طور تي يڃڻ = ڪنهن شيءِ جو ٽڪرا ٽي پوڻ، يڳا ۾ ڳ نعم البدل آهي ڄ جو.

---

* عثمان علي انصاري انهي بيت کي داستان پهرئين ۾ 8 نمبر تي آندو آهي ۽ پوئين سٽ جو پويون اڌ هن طرح لکيو آهي، "ڳوڙها انهيءَ ڳالهہ جو" معنيٰ تہ اي منجهيل بي سُڌ توکي انهي ڳالهہ جي ڪا خبر آهي.

- عهد = اقرار، قاعدا، اصول، واعدا.
- پيجرو = انساني جسم جو هڏائون ڍول، هڏائين بناوت جنهن کي هڏائون پيجرو. لفظ "پيجر" اها ڪاني جيڪا وزن جهلي، پيجرو انساني جسم جو سڄو مدار آهي ان جي بيهڪ جو اهل آهي.
- چوٽيءَ تائين چور = مٿان کان وٺي هيٺ تائين چور آهي نهن کان چوٽيءَ تائين.
- مور = اصل قيمت.
- ڳوڙهو = ڳتيل، گهرو ڳجهه، ڳجهارت.
- ڳوڙهو انهي ڳالهه جو = انهي ڳالهه جي ڳجهه، گهرائي جيڪا خبر آهي.

مون الله تبارڪ و تعاليٰ سان ڪيل واعدا تہ تون منهنجو رب آهين آئون تنهنجو ٻانهو ٻندو آهيان تنهنجي حڪمن جي قاعدي قانون جي هر طرح سان پيروي ڪندس پر مون الله جي انهن حڪمن ڏسيل سڌي واٽ جي ڪا پوئواري نہ ڪئي ان جي قانون تي ڪو عمل نہ ڪيو. عمليءِ حق جي واٽ کان پري رهيس.

منهنجو هي انساني پيجرو منهنجو هي وجود چوٽي کان وٺي نهن تائين گناهن ۾ الله جي ڏسيل سنئين واٽ کان پري هلڻ ڪري گناهن سان پريل آهي.

اي نادان انسان! توکي انهي نيڪ عمل ۽ بد عمل جي مور يعني قيمت جي ڪا خبر آهي تہ نيڪ عمل ۽ چڱاين عيوض رب جي عنايت ڪهڙي آهي ۽ بد عمل ۾ الله جي ڏسيل سڌي واٽ کان پري ٿي هلڻ ان جو انڪار ڪرڻ ان جو عيوض ڇا آهي، اها ڳجهارت آهي اهو هڪ راز آهي توکي انهي ڳالهه جو مقصد سمجهڻ گهرجي.

وت ويمي جي لهين تہ ٻي ڪار نہ ڪرين ڪا،
سا پروڙج ڳالهڙي، وڻجارن وتا،
موتي جن هٿا، آنديءِ گهٽي ادب سين.

(دا - ا - ب 6)

- وت = مقدار، حقيقت، ڀالو، طاقت، فائدو، سگهه، حقيقت
- ويمي (ع) بيمه = يعني ڪنهن شيءِ جي حفاظت جي ذميداري، جوابداري، ويمو تحفظ جي هڪ صورت آهي، هن جو رواج تمام پراڻو آهي. واپاري پنهنجي مال ڪي منزل تائين پهچائڻ لاءِ جيئن ان ڪي ڪو جوکم نه ٿي پوي ان لاءِ ڪجهه رقم تحفظ ڪندڙ کي ڏيندا هئا ۽ محافظ جي اها جوابداري هوندي هئي ته هو انهي رقم جي عيوض انهي مال ۽ شيءِ جي حفاظت ڪري، جي ڪو نقصان ٿي پيو ته محافظ ان جو هرجاڻو ڀري ڏيندو هو. هن وقت ويمي لاءِ وڏيون وڏيون ڪمپنيون ۽ ادارا آهن، جيڪي انهي جوکم جي تحفظ جو ڪاروبار ڪندا آهن. انساني حياتي جو ويمو اڄ ڪلهه عام جام آهي، گاڏين وغيره پر سڌريل ملڪن ۾ مال ۽ پوکن جو به ويمو ٿئي.
- ڪار نه ڪرين ڪا = ويمي جي ڪاروبار جي اهميت محسوس ڪرين ته ٻيو ڪو ڪاروبار يا ڌنڌو يا ڪرت ئي ڪو نه ڪرين.
- پروڙج = مصدر (پروڙڻ) سمجهڻ پر+ ووڙ = پر= وڏو+ووڙڻ= ڳولڻ. سمجهڻ، امر پروڙ = سمجهه، سڌ، سار پروڙج، مضارع.
- ڳالهڙي = ڳالهه اسم تصغير جو صيغو.
- وڻجارن= (وڻج= واپار) = واپارين، ڏيڻ وٺڻ وارن.
- ادب سين= احترام سان، نياز مندي سان.

هن بيت ۾ لطيف ويمي جي ڪاروبار جي اهميت جي اوٽ ۾ انسان جي نيڪ عمل جي ڳالهه ڪري ٿو چو ته نيڪي صفاف آهي انسان جي انهن خطائن ۽ جوکم جي جيڪي هن ڪان ٿين ٿا. نيڪ عمل جا ثواب انهي جي اثرات کي جيڪي بد عملي ڪري انسان تي اثر انداز ٿين ٿا انهن کي ختم ڪن ٿا نيڪي انسان ذات جو تحفظ ڪري ٿي. شاعر چوي ٿو ته تون انهي ڳالهه کي پروڙ، سمجهه ته نيڪي اهو موتي آهي جيڪو ويمي جي صورت ۾ آهي ۽ انسان لاءِ آخرت جو توشو آهي، سندس گناهن جي ڪفاري جي ادائيگي وانگيان آهي.

سيوا ڪر سبحان جي، جت جر وهي تو جال
سوين وهن سمونڊ ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو مليئي مال، ته پوڄارا پر ٿئين *

(دا -۱ ـ ب 7)

- سيوا (س) سيو = خدمت ڪرڻ، ٽهلچاڪري، تات.
- سبحان = الله تعاليٰ ذات حق جيڪو ساراهڻ ۽ عبادت جي لائق آهي.
- جت = جتي، اُتي، انهي هنڌ، ماڳ.
- جر = پاڻي.
- جال = گهڻو، اٿاهه، الاهي.
- سوين = سون ڪان متي تمام گهڻا.
- ماڻڪ، موتي، لال = قيمتي جواهرات.
- ماسو = تولي جو ٻارهون حصو، تورو ذرو، قدري.
- پوڄارا = اسم فاعل ( پرا، پڄڻُ، سن، پوڄن، پوڄ = بندگي ڪرڻ) پوڄارا = بندگي ڪرڻ وارا عزت ڏيڻ وارا، مڃڻ وارا.
- ٻي معنيٰ، پونجيارا، پونج = وڙي، پونجيارا = وڙي وارا، ناڻي وارا، مال ملڪيت رکندڙ.
- پر ٿئين = پرجي وڃين، خوشحال ٿي وڃين، وڏي پونجي، مال ملڪيت وارو ٿي وڃين.

---

* هن بيت کي ڊاڪٽر گربخشاڻي "سيوا ڪر سمونڊ جي" ڪري لکيو آهي سندس تتبع تي ٻين مؤلفين به ائين لکيو آهي جڏهن ته شاهه جي آڳاٽن ٽن قلمي نسخن 1270ھ ۽ 1269ھ ۾ لکيل نسخن ۾ لفظ سبحان ڪري لکيل آهي جڏهن "ٽرمپ صاحب" جنهن جو ڇاپي نسخن ۾ سڀ کان آڳاٽو نسخو آهي انهي به "سبحان" ڪري لکيو آهي. انصاري صاحب پڻ "سبحان" ڪري لکيو آهي. متين پڙهٽي ڊاڪٽر بلوچ جي مرتب شاهه جي رسالي تان ورتل آهي ڊاڪٽر صاحب سبحان کي سمونڊ ڪري لکيو آهي، اسان هت عام مستعمل لفظ سمونڊ کي ترجيح ڏني آهي جيڪو ٻولي ۽ محاوري ۾ عام هلندڙ آهي (ڪاشف")

در اصل هي بيت ٻه معنيٰ وارو آهي، هڪڙو مقصد جيڪو اسان مٿي لفظي معنيٰ ۾ بيان ڪيو آهي، ليڪن بنيادي طور تي هت شاعر جو مقصد الله سبحانہ و تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ آهي تہ انهي مالڪ جي عبادت ڪر، سيوا ڪر انهي ڪي هر دم حاضر ڄاڻ هو ئي عبادت جي لائق آهي. جنهن جو رحم، ڪرم ۽ لطف بي پايان ۽ حد حساب کان ٻاهر آهي هن جي رحمت بي مثال آهي، پنهنجي ٻانهن لاءِ شفيق ۽ رئوف آهي سندس رحم جي درياهہَ ۾ جنهن سمونڊ جيان ڪو سنڌو نہ آهي ان ۾ ٻانهي لاءِ ڪئين نعمتون سمايل آهن. اي! عبادت ڪندڙ عبوديت وارا، اي پوڄارا، سيوا ڪندڙ توکي جيڪڏهن رب جي عنايت مان ٿورڙو ذرو بہ ملي وڃي تہ هوند تون مالا مال ٿي وڃين. يعني تنهنجي اندر جو قلب روشن ٿي پوي اها اهڙي نعمت آهي جنهن جو ڪو مثال ئي ڪو نہ آهي، توکي پنهنجي رب جي ديدار ۽ وصال بعد ٻئي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت ڪا نہ ٿيندي.

سيوا ڪر سمونڊ جي جت اگو چرُ آهي،
لکين واڻ لطيفُ چئي تو نيڏو نمائي
ٻڏي اولي عاجَ جي، وڃ چٽي چلائي
نظر هيٺ نبيءَ جي هيجان هلائي
تہ مُهري متائي، تو سڃيائي معاف ٿئي

(دا-ا- ب 8)

- سيوا= (س) سيو = خدمت ڪرڻ تهل، چاڪري، تات.
- اگوچرُ = هي لفظ بنيادي طور تي اگهور+ چر جي بگڙيل صورت تہ نہ پر ٻوليءَ جي لهجي سبب اگهور جيڪو لاڙي تلفظ ۾ اگور ٿي ويو، اگر رچ وري بہ لهجي جي ڪري اگرچ ٿيو، اگهور (س. اگهور. اَ = نہ+ گهور= خوفناڪ ڊيڄاريندڙ گهري نند) چر بنيادي طور لفظ چَرَ آهي اگهوچر

يعني سمونڊ جو اهو حصو يا سنڌ جيڪو اونهائي ۾ پاڻي جي وڏين ڇولين سبب خطرناڪ هجي جتان ٻيڙا خبرداري سان متين يا اڪرن.

- واڻ = وڏا ٻيڙا.
- نيڏو = هي ساموندي نار آهي.
- اولي = ڳن مهري.
- اولي عاج = عاج جا ڳن مهري جا ڳن عاج جا.
- چٺي = خط، اهو لکيل پنو جنهن تي ويمي وغيره جو احوال هجي.
- نظر هيٺ نبيءَ جي = نبيءَ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي شفاعت انهن جي ذات بابرڪات جو آسرو.
- متائي، مت = متيون محصول جيڪو مال تي ورتو وڃي ٿو.
- سڄائي = سڄو، سڀ.

شاعر ”سمونڊ“ جي اصطلاح ۾ جيڪو بي پايان بحر آهي انهي تصور کي رحمت ربيءَ ڏانهن انهي ذات حق ڏانهن جيڪا واجب الوجود = الا اليعبدون آهي يعني منهنجي عبادت ڪريو جي متقاضي آهي. انهيءَ جي بندگي ۽ عبادت ڪريو ڇاڪاڻ تہ هي جهان دارالعمل آهي هن ۾ ”اگرچہ“ يعني سمونڊ جي خطرناڪ گهيڙن جيان خطرا آهن.

شاعر لطيف فرمائي ٿو تہ انهي نيڏو يعني پرخطر زندگي جي لانگهن مان ڪئين لنگهي نہ سگهيا آهن.

تون عاج جي لهري جيان اڇي اجري اولي يعني پنهنجا عمل انهي طرح نيڪ رک تہ جيئن ڪائنات جي سرتاج سرور نبيءَ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي شفاعت جو پاڳو توکي ملي ۽ توتان اهي محصول يعني گناهن جو بوجهہ ۽ وزن ۾ پچاڻو سڄو سارو انهي برڪت پري چٺيءَ سان جيڪا نبي سڳوري تي صلوات سڳوري آهي ان جي طفيل معاف ٿئي.

سيوا ڪر سمونڊ جي، جتي لهر ڏڪاءُ
انما يوفي الصابرون، ايءُ ٻيڙي ٻنڌڻ پاءِ*
تہ سامونڊي سندياءِ، ڪنين مدي نہ سُڻان.

(دا ـ ا- بيت 9)

- سيوا = بيت نمبر 7 ۾ معنيٰ ڏنل آهي اتي ڏسو.
- جتي لهر ڏڪاءُ = لهرين جا سمونڊ ۾ هڪ ٻئي جي ڏڪن مٿان ڏڪ اچا هڪڙيون لهرون هلن ٿي پئيون تہ ٻيون اچيو انهن جي مٿان ڪڙڪن، ڏڪ هڻن.
- انما يوفي الصابرون....... هن آيت ڪريمہ جو ترجمون هيٺ ڏنو ويو آهي، هي سورت الزمر جي آيت 10 جو پويون حصو آهي. مقصد آهي تہ پنهنجي ٻيڙي/ زندگي جي سلسلي ڪي صبر جي زيور سان سينگار، ڏک تڪليف ۾ صبر ڪي پنهنجي هٿان نہ ڇڏ پر ان ڪي پنهنجي وجود لاءِ هڪ الاهي امتحان تصور ڪر.
- ساموڏي= اي سمونڊ ۾ سفر ڪندڙ، سمونڊ وارا.
- سندياءِ = سندءِ، تنهنجي.
- ڪنين = ڪنن سان.
- سڻان= (مصدر سڻڻ = ٻڌڻ، آئون ٻڌان، منهنجي ڪن پوي.

شاعر فرمائي ٿو تہ تون، انهي اجهاڳ سمونڊ/ رحمت جي بي پايان درياهہ/ بحر جي مالڪ جي عبادت ڪر عبوديت اختيار ڪر، جو تہ قدرت جي انهي ڪارخاني ۾ ڪئين اسرار آهن جن ۾ وڏا وڏا ڏک ۽ تڪليفون آهن، جڏهن انهن تڪليفن جو بار تنهنجي سر تي اچي تہ صبر اختيار ڪر پنهنجي زندگي جي ٻيڙي ڪي صبر جو ڏاڍو ٻڌ، انهي سان حالتن ڪي منهن ڏي چو تہ اهي سڀ سلسلا انسان جي امتحان جا آهن. رب العالمين

---

* انما يوفي الصبرون اجرهم بغير حساب 0 سورت الزمر جي آيت 10 جو پويون حصو (صبر وارن کي بنا حساب جي ئي سندن پورو بدلو ڏنو ويندو)

فرمائي ٿو تہ جن صبر ڪيو منهنجي راھہ ۾ ان ڪي اختيار ڪيائون آئون انهن سان ساڻ آهيان انهن کي انهي صبر جو پورو، پورو بدلو ڏنو ويندو.

سـي پونجيـارا پـر يـا، سـمونڊ سـيوئو جـن
نـداڻون عميـق مـان جهـوتي جـواهرن،
لـڌائون لطيـف چئـي، لعلـون مـان لهـرن،
ڪـانهي قيمـت تـن، مُـل مهـانگو ان جـو:

(دا -ا — ب 10)

- سي پونجيارا = اهي پونجي وارا، اهي ناڻي وارا جن وٽ پنهنجي ناڻي جو ثمر هو. پونجي هئي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پونجيارا جو لفظ استعمال ڪيو آهي.
- ليڪن اڪثر رسالن جي مولفين = "سي پوڇارا" = اهي پوڇڻ وارا.
- پر تيا = ڪافي ڪمايائون جام ناڻو/ پونجي پلئہ پين.
- سمونڊ سيويو = جن سمونڊ کي سلام ڪيو، هت مقصد آهي جن الاهي عبادت ڪئي.
- آنداڻون = انهن آندا.
- عميق = (عمق (ع) اونهو، اونهائي، گهرو، گهرائي، تمام هيٺ جنهن جو ترو ئي نہ ملي.
- جهوتي = جهوتون ڏيئي، ٻُولهي ڦولهي، ٽبيون ڏيئي گهتون هٽي
- جواهرن = واحد جواهر، موتي، سمونڊ جا قيمتي موتي جيڪي سپن ۾ سپجن ٿا. استعاري طور قيمت جي لحاظ کان انهن کي لعلون چيو ويو آهي.
- ڪانهي = ڪا نہ آهي.
- ڪانهي قيمت تن = انهن جي ڪا قيمت ئي ڪتي نٿي سگهجي، تمام قيمتي ۽ وڏي ماڻ وارا اهي موتي آهن.
- مُل مهانگو = انهن جي جنس جي لحاظ کان قيمت تمام وڏي آهي.

هن بيت ۾ شاعر ذو معنيٰ جو طريقو اختيار ڪيو آهي، هڪ طرف انهن پونجي وارن ناٽي وارن جي ڳالهہ آهي. انهن سمونڊ جو سفر اختيار ڪري انهي جي سلامي پري سمونڊ جي اونهائي ۾ عميق هنڌن تان ڳولهي ڦولهي جهوتون ڏيئي جواهر آندا.

لطيف فرمائي ٿو تہ انهن سمونڊ مان جهوتون ڏيئي اونهي عميق مان جيڪي موتي آندا آهن انهن جو ملهہ املهہ آهي يعني انهن جي ڪا قيمت ئي ڪتي نٿي سگهجي ٻئي طرف انهيءَ ڪي انسان جي عملي زندگي ۾ راتيون جاڳي عبادت ڪري پنهنجي رب کي جيڪو راضي ڪري ٿو انهيءَ کي جيڪي ڪجهہ پلئہ پوي ٿو انهي جو ملهہ ئي ڪو نہ آهي.

سمونڊ جي سيوين، ماڻڪ تين ميڙيا
چلڙ جي چوئين، تني سانگوتا سُتيون

- سمونڊ جي سيوين = مٿي معنيٰ ڏنل آهي.
- مالڪ = اسمن ۾ وصف ڏنل آهي.
- تني ميڙيا = انهن ميڙيا، انهن گڏ ڪئا، تن گڏ ڪيا.
- چلڙ = دُٻا، گپ واري پاڻي وارا هنڌ.
- چوئين = چٽن، ڳولين، ڦولهين، جانچين.
- تن = انهن، انهن کي، انهن لاءِ.
- سانگوتا = ورن، وارن وارا ڪوڏ.
- ستيون = سپيون.

جن سمونڊ جي سيوا ڪئي ان جي سلامي پري انهي جي هيبت ۽ ڌهڪاءَ کي خاطر ۾ نہ آڻي ڪاهي پيا، انهن کي ماڻڪ مليا قيمتي ستيون مليون. پر جيڪي سمونڊ جي دهشت ۾ جوکمر کان ڊڄي چلڙ ننڍن دٻن ۾ وڃي پيا انهن کي ڪوڏ ۽ سپيون مليون جن جي ڪا قيمت ڪا نہ هئي.

انسان پنهنجو پاڻ کي حق جي حاصلات لاءِ مشڪلات ۾ وجهي جڏهن انهي راهہ ۾ قدم کڻي ٿو تہ هن کي پنهنجي مقصد جو موتي حاصل

تئي ٿو ظاهري توڙي باطني طور پر جي هو ڪو جوکم نہ ٿو ڪٽي ۽ آساني تو ڳولهي تہ پوءِ ان کي ڪو خاص توشو يا مقصد پلئہ نہ ٿو پوي اهو ائين آهي جيئن چلڻ ۾ چوئڻ.

سيوئو جن سبحان، وير نہ وڙهي تن سين،
ٻـڏي توڪـل ترهـو، آر لنگهئـا آسـان،
توبہ جـي تسبيح سين، تـري وئـا طوفـان،
ڪامـل ڪشـتيبان، وچ ۾ گـڏين واهـرو:

(دا - ا - ب 12)

- سيوئو جن سبحان = بيت نمبر 7 ۾ معنيٰ ڏسڻ گهرجي.
- ويرَ = پاڻيءَ جي وڏي ڇولي سمونڊ ۾ صبح توڙي شام پاڻي جو چاڙهہ ٿيندو آهي، جنهن کي وير ڪوٺبو آهي.
- وير نہ وڙهي = سمونڊ جي اها وڏي لهر ڪو نقصان نہ پهچائي.
- تن سين = انهن سان، تن ساڻ اهي جيڪي سبحان کي سڏين ٿا الله کي ياد ڪن ٿا.
- توڪل ترهو = الله جي مدد تي اعتماد، الله تي ڀروسو، مالڪ جو آسرو.
- آرُ = پاڻي جو وڏو وهڪرو وير، چاڙهہ تڪ.
- ڪامل ڪشتيبان = وڏي سمجهہ وارو، ڄاڻو، ناکئو، ٻيڙن کي عقل سان هلائڻ وارو.
- *واهرو = مددگار.
- گڏين واهرو = مددگار اچي گڏين.

هن ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ پنهنجي رب کي ياد ڪري انهيءَ جي ساراهہ ۽ ثنا ڪري يعني الله جو نالو وٺي سمونڊ ۾ ڪاهي پون ٿا يعني زندگي جي لاهين چاڙهين ڏوهن گناهن جي وير ۾ اچي وڃن ٿا. انهن کي اها وير اهو عتاب ويجهو نٿو اچي انهن سان نہ ٿو وڙهي ڇو تہ هنن وٽ الله جي اسم جو ورد ۽ ان ڏانهن توجهہ آهي.

اهي ناڪئا/ اهي انسان توڪل جو ترهو ٻڌي الله جي حوالي پاڻ کي ڪري، ”ومن يتوڪل عليٰ الله وهو حسبہ“ تي ڪاربند آهن. اهي انهي جي سهاري انهي وڏي وير يعني شيطاني فريب جيڪو سمونڊ جي وير جيان آهي. ان مان آسانيءَ سان وڃي پار پون ٿا. ڇو تہ هنن وٽ توبہ جي تسبيح آهي استغفرالله جو ورد ۽ ان تي ڪاربند آهن، خوف ۽ رجاءَ جي درميان آهن. اهي انهي طوفان ان حرص و هوا وارين حالتن مان نڪري ويا. ڇاڪاڻ تہ جيئن وير چڙهيل ٻيڙي کي ڏاهو ناڪئو طوفان ۽ ويرن مان پنهنجي اٽڪل سان وڃيو ٻاهر ڪڍي تيئن ڪامل مرشد طالب کي انهي حرص و هوا واري حالت مان خوف ۽ رجاءَ واري ڪيفيت مان جنهن ۾ هن جي ذڪر جو عمل متزلزل ٿي وڃي ٿو روحاني ڪيفيت اوهام جو شڪار ٿي وڃي ٿي ان کي پنهنجي قلبي توجهہ ۽ القاءَ الاهي جي وسيلي ڌڪ لايو ان جي واهر ڪري ٿو.

ساري رات سبحان، سودو ڪن صاحب سان
پري ٻانهپ ٻيڙيون، هلئا جوپ جوان،
پاڻي پهلوان لحظي منجهہ، لنگهي وئا*

*(دا - ا ـ ب-13)*

- سبحان (سُڃاڻ = سُ + ڃاڻ) = وڏي ذهن ۽ سرُت وارو سمجهہ وارو گهڻي ڄاڻ رکندڙ.
- سودو = واپار، ڏي وٺ.
- ڪن = اهي ڪن.
- صاحب = سائين وڏي مرتبي وارو (ذاتي تعاليٰ).
- ٻانهپ = بندگي، عبادت، خدا کي ياد ڪرڻ، ياد الاهي واري ڪيفيت.
- ٻانهپ ٻيڙيون = تمام گهڻي عبادت ذڪر فڪر زُهد رياضت وغيرهہ.
- جوپ = همت ۽ طاقت لڪندڙ، حوصلي وارا، مضبوط.

---

* انصاري صاحب بہ ساري رات سبحان ڪري لکيو آهي ۽ انهي بيت کي داستان ٻئي ۾ 6 نمبر تي ڏنو آهي (ڪاشف)

- لحظي = تمام جلدي، ٿوري وقت ۾، اک ڇنڀ ۾.
- لنگهي وئا = اڪري وئا، وڃي پار پيئا.

اهي سڄاڻ، وڏي ذهن ۽ سوچ وارا جن جي دل ۾ خوف خدا ۽ ان جي هئڻ جو هر وقت ڌپ موجود آهي اهي سڄي رات الله تعاليٰ جي يادگيري ۾ گذارين ٿا. اهي عابد زاهد جيڪي روحاني طور وڏي همت رکندڙ آهن. پنهنجي عبادت ۽ ذڪر الاهي سان رب کي ريجهائين ٿا. ان جو قرب حاصل ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته ”اياڪ نعبد و اياڪ نستعين... تنهنجي عبادت ڪريون ٿا تو کان ئي مدد گهرون ٿا. انهن جو ڪو دم ياد الاهي کان غافل نه آهي. اهي صالح ٻانها زماني جي آلائشن ان جي فريب ۽ مڪر کان اک ڇنڀ ۾ اها منزل اڪري پار ٿيئا.

ڪـــر قـــل قوتـــا پارچـــا، پاٽيـــث پاتـــائون
ڪوٺيـــون قيمـــت ســـنديون تـــرَ ۾ طاقيـــائون
بيرقـــون بحـــرن ۾ ڇـــوڙي ڇـــڏيائون
لاڄـــن منجهـــ لطيـــف چئـــي ٻيـــڙا ٻـــڌائون
نـــذر نبـــيءَ ڄـــام جـــو چڙهنـــدي چيـــائون.
جي ڄوهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين.

*(دا - ا - ب 14)*

- ڪرقل = (ع) ڪرنفل لونگ وڏيڪ لاءِ تفصيل سمونڊ جي احوال ۾ ڏسو.
- پارچا = قسمين، قسمين ڪپڙا.
- پاٽيث = جدا جدا قسمن جا عرق.
- ڪوٺيون = جهازن يا ٻيڙن جا هيٺيان ته خانا جن ۾ مال رکبو آهي.
- طاقيائون = (جمع) واحد طاق مال ڪوٺين ۾ پري انهيءَ کي طاق يا تختا ڏيئي بلائتو ڪيائون.
- بيرقون = ٻيڙن جا جهنڊا جيڪي انهن جي سڃاڻپ ڏيکارين.

- بحرن = (جمع واحد بحر) = سمونڊ ڪليل سمونڊ.
- لاڄن = (جمع واحد لاڄو) = ٻيڙين جا سڙهہ وارا رسا.
- ٻيڙا = رنگين ڳانا، رنگ دار ڪپڙن جا ٽڪرا يا ٽڪما.
- نذر = نذرانو، سُکا، خير.
- نذر نبيءَ ڄام = پاڻ نبيءَ سڳوري جي نالي تي نذرانو ۽ سکائون ڏنائون.
- چڙهندي چيائون = ٻيڙن تي چڙهندي هنن نبيءَ سڳوري جي نذر جي باس باسي.
- ڇوهي = تکي، زوردار.
- ڀاڄهہ سين = خير سان، سلامتيءَ سان.

هي بيت شاعر جي مشاهداتي عمل جي تصوير پيش ڪري ٿو محسوس ائين ٿئي ٿو ڄڻ شاعر پاڻ انهن جي انهي عمل ۾ شريڪ آهي. انهن سان گڏ آهي. هن ٻيڙياتن جو مال پرڻ انهي ڪي ٻيڙي جي هيٺين خانن جنهن ڪي تهہ خانو / خانا چئجي جيڪي مال برداري لاءِ هوندا آهن انهن ۾ مال پرڻ جو جيڪو نقشو چٽيو آهي اهو بي مثال آهي.

شاعر فرمائي ٿو تہ ٻيڙياتن لونگن ڦوٽن ۽ ٻين اهڙين شين جا عرق ريشمي ڪپڙو ۽ ٻيو قيمتي سامان انهن تهہ خانن جي ڪونين ۾ رکي انهن ڪي طاق ڏيئي بند ڪيو. ٻيڙاها ڪاري جڏهن ڪليل بحر بي پايان ۾ پهتا تہ بيرقون ڪولي ڇڏيائون جئن ٻيڙا/ ٻيڙو پري کان ٻين ٻيڙياتن ۽ ناڪئن ڪي سڃاڻپ ۾ اچي تہ هي ٻيڙو هن شاهوڪار/ يا ڏر جو آهي.

ٻيڙياتن لاڄن جي رسن ۾ سينگار لاءِ ڪپڙن جا جدا جدا رنگين ٽڪر ۽ ريشمي ڳانا ٻڌا، ٻيڙن ڪي هاڪارڻ کان اڳ ۾ نبيءَ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي شان وٽان نذر ڪيائون، خيرات ڪيائون انهي نيت سان تہ نبيءَ ڄام صلي الله عليہ وسلم جن جي صدقي انهن جي ذات برڪات جي طفيل هي ٻيڙا پنهنجي منزل تي صحيح سلامت پهچن/ رسن، اهو نذر

۽ نياز ڪري ٻيڙن جا سڙھ ڪولي هاڪارڻ لڳا. سڙھ واءَ ڀريا ٻيڙا چوها هلڻ لڳا. دل ۾ چيائون تہ سرڪار دو عالم صلي الله عليہ وسلم جي صدقي هي ٻيڙا مالڪ ! ٻاجھ سان رکجانءِ سلامت رکجانءِ چو تہ تون ئي ٻاجهارو ڏٺي ۽ مالڪ آهين.

ٻانهـــپ جـــو ٻيـــڙين ۾ وڪـــر وڌائـــون
مـــوتي معرفـــت جـــا ســـچا ســـوڏيائون
”التائب من الـذنب ڪمـن لاذنب لـه“ اي ڪٽ ڪٽيائون.
اُنـــي جـــي آئـــون برڪـــت بـــارُ لنگهائيـــان

*(دا - ا - ب 15)*

- ٻانهپ = عبادت، بندگي.
- وڪر = سامان، مختلف شيون، سودي وارو مال، جنسون.
- ”التائب من الذنب ڪمن لاذنب له“ = گناھ کان توبھ ڪندڙ تائب تيندڙ گناھ نہ ڪندڙ جهڙو آهي.
- ڪٽ ڪٽيائون = نفعو ڪمايائون. ڪٽ ڪٽڻ اصطلاح = نفعو ڪمائڻ، ڪامياب ٿيڻ، سوڀارو ٿيڻ.
- اُني = انهن جو.
- برڪت بار لنگهائيان = نفعي سان، چڱائي سان، سٺي نموني ۾ اهو بار لنگهائيان.
- معرفت = هن جو بيان جلد پهرئين ۾ ڏسڻ گهرجي.
- معرفت جا موتي = سچائي جو ثمر، حقيقت جي ڄاڻ.
- سوڏيائون = حاصل ڪيائون.

پنهنجي زندگي جي ٻيڙي ۾ عبادت، بندگي ۽ خشيت الاهي واري عمل جهڙن حقيقتن سان هنن پاڻ کي سنواري عبوديت جي اها راھ اختيار ڪئي جنهن ۾ پاڻ هئڻ جو ڪو نالو ئي ڪو نہ هو.

اهي وکر (عمل) منجهن معرفت جي حقيقت پيدا ڪئي، شاعر انهي ڪيفيت کي معرفت جي موتين جي حصول سان تعبير ڪري ٿو.

فرمائي ٿو تہ گناهن کان، پنهنجي خطائن کان توبهہ ڪندڙ اهڙو آهي جهڙو گناهہ ڪندڙ نہ آهي معنيٰ تہ هن قانون الاهي جي ڪا انحرافي ڪا نہ ڪئي آهي.

جن رب جي قانون صراط المستقيم جي ڪا انحرافي يا انڪار نہ ڪيو آهي. اهي آسانيءَ سان لنگهي پار پيا.

جنـــي ســـوري ســـچ ســـين وکـــر وهـــايو
بخـــرو "لهـــم البشـــريٰ" جـــو اُنـــي نئـــي آيـــو
تـــن کـــي لالـــڻ لنگهـــايو، ســاندارو ســمونڊ جـــو

*(دا - ا ـــ ب 16)*

- سچ = حق، خالص، حقيقت حق سچ آهي ۽ سچ حق آهي.
- سچ سين وکر وهايو = حق جي عبادت جو پورو حق ادا ڪيو. پاڻ ۾ حق کي سچاڻ جي سمجهہ پيدا ڪئي اها ڳالهہ وهائي، حاصل ڪئي.
- اهم البشريٰ في الحيوت الدنيا = انهن لاءِ دنيوي حياتي ۾ خوشخبري آهي. مقصد آهي تہ انهن جي نيڪ عملن سبب اها بشارت آهي حياتي ۾ بہ، تہ اوهان لاءِ آخرت ۾ بہ نعمتون آهن.
- اُني = انهن لاءِ، انهن واسطي جيڪي حق ۽ سچ جي سڏي وات تي آهن.
- تن = تنهين، انهين کي.
- لالڻ لنگهايو = اشارو نبيءَ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات مبارڪ ڏانهن جيڪي پنهنجي امت لاءِ رئوف ۽ رحيم آهن، ڏکي مان پار ڪرڻ وارا آهن.
- ٭ساندارو سمونڊ جو = سمونڊ جو ڪُنُ سمونڊ جي پاڻي جو گهيري وارو هنڌ.

اصل اشارو آهي پُل صراط ڏانهن تہ نبيءَ ڪريم صلي الله عليہ وسلم پنهنجي ٻانهن کي پل صراط تان پاڻ اڪاريندا يعني ڏکيائي واري جاءِ کان.

جن ٻانهن عبادت، رياضت ۽ سچائي جي وات تي هلي جيڪي نيڪ عمل ڪيا آهن انهن لاءِ دنيا جي حياتي ۾ ئي بشارت آهي خوشخبري آهي انهن کي اهڙن نيڪن کي پل صراط جي ڏکيائي واري هنڌ تان نبيءَ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ اڪاريندا انهن لاءِ اها بشارت آهي.

وکـــر ســـو وهـــاءِ، جـــو پئـــي پراڻـــو نـــہ ٿئـــي.
ويچينـــــدي ولات ۾ ذرو ٿئـــــي نــــہ ضُــــاع
ســـا ڪـــاهڙ هـــلاءِ، آڳـــ جـــنهن جـــي اُبهـــين.

*(دا -ا- ب 17)*

- وکر : ڏسو بيت 15 ۾.
- وهاءِ = ( وهائڻ مصدر امر وهاءِ) خريد ڪر، حاصل ڪر.
- پئي = پيئي، وقت گذرندي، هڪ هنڌ رکڻ جي ڪري گهٽي وقت تائين رکڻ سببان (مصدر پوڻ امر پو، پئي صفت).
- ويچيندي = (ويچڻ مصدر اصل وڪڻڻ، ويچ وڪڻ) وڪڻندي.
- ولات = پرڏيهہ پنهنجي ملڪ کان پري لات = ٻولي جنهن ملڪ جي ٻولي نہ سمجهي سگهجي يعني ولات.
- ضاع = (ع) ضايع، بيڪار، بي ڪمو، اجايو ائين وڃي.
- هڙ هلاءِ اصطلاح هڙ هلائڻ يعني سوڪڙين طور هڙ ٺاهي ڳنڍيون ٻڌي تحفي طور ڏيڻ.
- آڳ = (س. آگره) آسرو، آڌار، ڀروسو.
- آڳهہ جنهين جي ابهين = جنهن جي آسري ۽ ڀروسي تي تون مانائتو ٿين سُرخرو ٿين تنهنجو منهن مٿي ٿئي.

هي بيت پڻ ذو معنيٰ آهي. جيئن سودي ۾ واپار جي سلسلي ۾ اهو وکر ۾ سامان خريد ڪجي جيڪو پيو هجي تہ بہ خراب نہ ٿئي ۾ ولات يا پرڏيهہ ۾ وڪڻن وقت ان مان ذرو ضايع نہ ٿئي. ان کي ڪنهن کي تحفي طور ڏجي تہ بہ ماڻهوءَ جو منهن مٿي ٿئي.

انساني عمل لاءِ بہ اهائي صورت آهي تہ پنهنجي زندگي جو وهنوار اهو ڪجي جو نيڪ عمل هجن ۾ آخرت ۾ انهن نيڪين جو ذرو ضايع نہ ٿئي اهي نيڪ عمل انسان لاءِ توشو ۾ آخرت جو تحفو آهن. جيڪي انسان جو منهن مٿي ڪندا.

وکر ڏيرون ڏير پر وهائو ويسلا
ڪن وهائي وس ڪئو وکر ڏيرون ڏير
ڪني گهمندي سير، وکر وکامي ويو.

*(دا - ا ـ ب 18)*

- وکر = ڏسو بيت 15 ۾.
- ڏيرون ڏير = تمام گهڻو، الاهي، بي انداز ججهو.
- وهائو = وهائيندڙ، خريد ڪندڙ.
- ويسلا = غافل، سست، ڪاهل، ڍرا.
- وس ڪئو = پنهنجي هٿ ڪيو، پوري ڪوشش سان حاصل ڪيو.
- گهمندي سير = سير ڪندي، بازاريون ڏسندي.
- وکامي ويو = ختم ٿي ويو، کپي ويو، وڪجي ويو.

هي بيت دو معنيٰ رکندڙ آهي. بظاهر هن ۾ وکر ۾ سامان جو ذکر آهي جيڪو ڍير لڳو پيو آهي اڻ ميو آهي، جنهن کي ڪن پنهنجي ڪوشش محنت ۾ همت سان ڪافي گڏ ڪيو آهي ڍير ڪري ڇڏيو آهي، پر اتي کي اهڙا بہ سست هئا جن ڪجهہ نہ ڪيو پنهنجو وقت رڳو بازار جي انهي نظاري ۾ سير ڪندي گذاري ڇڏيو.

اهڙيءَ ريت هي دنيا انسانن لاءِ دارالعمل آهي نيڪين، چڱاين، احسان الله تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي، اهي سڀ نيڪ عمل ۽ آهن پر سست ۽ ڪاهل انسانن پاڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو پر ڪن نيڪ ۽ عبادت گذار انسان پنهنجي نيڪين ۽ صالح عمل جا ڍير لڳائي ڇڏيا باقي جيڪي غافل، سست ۽ ويسلا هئا انهن پنهنجو وقت بجاءِ چڱاين جي نفس جي خوشنودي ۾ گهمندي گذاري ڇڏيو ۽ ائين وقت وهي ويو عمر پوري ٿي ويئي ۽ نيڪين جي ڪرڻ جي مهلت ڪا نہ ملي.

هيڪي ٻانهي چت ۾، ٻي صاحب سنواري
ڏُنگي هن درياهہ مان هلائي هاڪاري
طرازون تاري، سُتڙ سپيئي ڪري.

(دا - ا - ب 19)

- ٻانهي = ٻندي، هونئن تہ ٻانهو يعني ٻانهو ٻڌي ٻيٺل ڪي چئبو آهي ۽ غلام کي بہ ٻانهو چئبو آهي. انسان پنهنجي خالق جو بندو ۽ تابعدار آهي، حڪم مڃيندڙ آهي.
- چت ۾ = (چيتو) = دل، اندر ۾، من ۾.
- هيڪي = هيڪ = هڪڙي، هڪ جا.
- صاحب= ڌڻي، مالڪ، سائين، موليٰ.
- سنواري = ٺاهي، رٿي، سڌي ڪري، تيار ڪري.
- ڏُنگي = ٻيڙي.
- هلائي هاڪاري = هلائي، رواني ڪري، اڳتي هلائي.
- طراز (ع)، (طراد) هڪ قسم جي ٻيڙي. طرازون جمع= ٻيڙيون.
- ستر = (سُ+ تڙ) سنئين تڙ. آساني واري تڙ تي، سڌي بندر تي.
- سپيئي ڪري = بندر تي، تڙ تي، ماڳ تي، سڀ سوليون ڪري آڻي.

انسان جي من ۾ هڪڙي ڳالهہ آهي، پر ٻي ڳالهہ اها جيڪا مالڪ سنئين ڪري. انسان جي خواهش هوندي آهي تہ جيئن آئون چاهيان تو

تيئن ٿئي پر منشا ايز دي يعني رب جي منشا ان جي حڪمت پنهنجي هوندي جنهن جو تعلق غيب سان آهي جنهن کان انسان بي خبر آهي. اها مالڪ سولي ڪري.

هي دنيا جو درياهہ جيڪو ويرون ڪڍيو پيو وهي ان مان هي دنگي يعني انسان جو وجود چڱاين سان روانو ٿئي. شاعر دعاگو آهي تہ سيني لاءِ چڱائي ۽ خير ٿئي، سنڌ سولائي ٿئي.

هيڪي ٻانهي چِت ۾، ٻي سنواري صاحبُ
ڪڍي اونهي ڪُن مان ايءُ آگي جو عجب
ايءُ سائين جو سبب، جئن ٻڏا ڪڍي ٻار مان.

*(دا -۱ — ب 20)*

- هيڪي = ڏسو بيت نمبر 19 ۾.
- سنواري صاحب/ صاحب سنواري = ڏسو بيت 19 ۾.
- ڪُن = سمونڊ ۾ پاڻي جو وڏو خطرناڪ گهيرو جنهن جي وڪڙ ۾ جهاز اچي ٻڏي پوندا آهن.
- آگي، آگو = آگا، آقا = اصل ۾ اهو لفظ آقا يا مالڪ آهي. آگي، آگو = مالڪ ڌڻي تعاليٰ.
- عجب = حيرت.
- سائين جو سبب = ڌڻي وس، مالڪ جي قدرت ان جا اسباب، حڪمتون.
- ٻڏا ڪڍي ٻارَ مان = ٻار يا ڪُنَ مان انهن ٻڏندڙ ٻيڙن کي پنهنجي قدرت ۽ حڪمت سبب ڪڍيو ٻاهر سڌي سمونڊ ۾ آڻي.

هي بيت پڻ حڪمت الاهي کي بيان ڪري ٿو تہ رب جي ذات اونهن ڪنن مان انهن ٻڏندڙ ٻيڙن کي پنهنجي حڪمت ۽ قدرت سان ٻاهر ڪڍيو وٺي. هو مالڪ گمراهہ انسانن کي جيڪي گناهن جي ۽ نافرمانين جي

ڪن ۾ ڪريل آهن انهن کي به پنهنجي حڪمت سان سنئين رستي تي هلائي سگهي ٿو ۽ هلائي ٿو. ان جا مثال ڳولبا ته ڪيترائي ملندا.

هيڪــي ٻــانهي چــت ۾، ٻــي جــا ڪــري الله
ڪــڏي اونهــين ڪُــن مــان، اڪــاري اوڙاهــ
تنهـ واحـد ڪـي واهـ، جـو سُـتڙ سيپئـي ڪـري،

(دا -1 - ب21)

- هيڪي = اڪ ۾ ڏنل آهي.
- معنيٰ = اڪ ۾ ڏنل آهي.
- اوڙاهه = (س، ادڌ) = اونهو سمونڊ، ڪُن، سمونڊ جا وڏا جهار.
- تنهه واحد کي واهه= انهي رب جي واکاڻ، تنهن واحد ڏٺي تعاليٰ جي تعريف.

هن بيت جو مطلب به بيت نمبر 20 سان لاڳو آهي. سيئي تعريفون انهي واحد وحده جون جيڪو مالڪ ۽ خالق آهي. ستڙ ۽ سولايون ڪرڻ وارو آهي سڀ تعريفون انهيءَ کي جڳائين.

هيڪــي ٻــانهي چــت ۾، ٻــي الله ڪــري.
پــاڻ هــي اوجهــي ڪُــن ۾، پــاڻ هــي ڪنــڌي نــي
سُــتڙ ســي ڊوئــي، جــي تــڙ تــوائي مُڪــرا

(دا -1 - ب22)

- ڪنڌي ني = ڪنڌي تي آڻي ڪناري يا ڪپ تي آڻي، پاسي تي ڪري.
- سُتڙ = سُ +تڙ = هند ماڳ. سولائيءَ سان سڌو تڙ تي آڻي، بندر تي آڻي.
- ڊوئي = (مصدر ڊوئڻ امر ڊوءِ) انهن ٻيڙن کي هاڪاري آڻي.
- مُڪرا = (جمع) واحد مڪرو، ٻيڙا.

هي بيت بہ معنيٰ ۽ مطلب ۾ مٿين بيتن جي سٽ وارو بيت آهي. جنهن ۾ اهو مقصد سمايل آهي تہ ٻانهي کي پاڻ ئي تڪليف ۽ آزمائش ۾ وجهي ٿو ۽ وري پنهنجي رحمت سان انهن کي ڪنڌي لڳائي ٿو يعني انهن تڪليفن کان آجو ڪري ٿو اهڙي ريت جيڪي انهي حق جي راهہ ۾ توائي ٿي وڃن ٿا تہ انهن کي توائي ٿيل مڪرن جيان سڌو سنئون بندر تي آڻي ٿو. تيئن ئي پتڪيل انسان پڻ سندس رحم ۽ بخشش سان سولائي واري منزل ماڻين ٿا.

هيڪي ٻانهي چِت ۾، ٻي جوڙي جوڙ جبار
ڪڏي اونهين ڪُن مان، ايءُ آگي جو آڌار
جهاز جوهرين جو، تنهہ ئي مَ ڏي پتار
ننڍيا وڏا مڪرا سڀ پسندا پار
منهہ مديني سامهون جت محمد شاهہ موچار
سڀاجهو ستار، سُتڙ سيئي ڪري

(دا - ا - ب 23)

- جوڙي جوڙ = جوڙن مان جوڙيو، هن جهان کي جوڙيو، پيدا ڪيو.
- جبار = اسماءُ الحسنيٰ جو هڪ اسم ذات خداوندي جي صفات مان هڪ صفت.
- آڌار = آڌر = ٽيڪ، آڌار، ٽيڪ ڏيندڙ، پرجهلو ٿيندڙ.
- پسندا پارُ = اهو هنڌ ۽ ماڳ ڏسندا.

هن سٽ ۾ شاعر اهو ذڪر ڪري ٿو تہ انهن سيني جو رخ يا منهن مديني مڪرم ڏانهن آهي جتي حضرت محمد ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو روضو اطهر نور پريو مقام آهي. انهن جي ذات بابرڪات جي صدقي ۽ طفيل سڀاجهو سائين سيئي سولايون ڪري، ستڙ لنگهائي.

سڄي بيت جو مطلب ۽ مقصد انهن سٽن ۾ سمائجي اچي ٿو.

اُتي اور الله سين، ڪوڙ ڪماءِ ڪچُ
ڪڏ تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچُ

مُحبــت ســـندو مـــن ۾ ماڻـــڪ ٻـــارج مـــچُ
انهـــين پـــر تـــون اچ، تـــہ ســـودو ٿيـئـــي ســـقرو

(دا -ا - ب 24)

- اٿي اور = اٿي سجاڳ ٿي، ڌڻي جو ذڪر ڪر، پنهنجي رب کي مالڪ کي ياد ڪر.
- ڪوڙ ڪماءِ ڪچ = هيستائين تو جيڪا بي عملي ڪئي آهي يعني ڪچ ڪمايو آهي.
- دل مان دغا ڪڍ = پنهنجي دل مان ٻيائي، دوکو، ڪينو وغيره ڪڍي دل صاف ڪر.
- صاحب وڻي سچ = ڌڻي تعاليٰ کي سچ، نيڪي پسند آهي.
- ماڻڪ ٻارج مچ = ماڻڪ مچ ٻارج پنهنجي اندر کي ماڻڪ جيان روشن ڪج.
- سودو ٿئي سقرو = پوءِ اهو سودو نفعي وارو ٿيندو.

هن بيت ۾ شاعر هدايت ٿو ڪري تہ اي انسان تو زندگي ۾ ڪوڙ ۽ ڪچ ڪمايو آهي يعني ڪي ڪين ڪيو آهي ان لاءِ ضروري آهي تہ تون سجاڳ ٿي پنهنجي مالڪ، خالق، رب کي ياد ڪر ان جو ذڪر، فڪر ۽ نيڪ عمل ڪر.

پنهنجي دل مان دوئي، دغا، فريب، ڪوڙ، ڪپٽ ۽ ٻيائي کي ڪڍي پاسي ڪر، ڇاڪاڻ تہ اهي عمل خبيثہ/خراب آهن ۽ سچائي ۽ حق حقانيت جي ابتڙ آهن ۽ مالڪ کي نہ وڻندڙ آهن، هتي شاعر سيات ۽ حسنات يعني خير ۽ شر کي آندو آهي، اعمال خبيثہ شر جي ذمري ۾ آهن ۽ حق حقانيت حسنات ۾ شامل آهي. مالڪ کي اها ڳالهہ پياري آهي.

پنهنجي اندر ۾ نيڪي ۽ ڀلائي جي پچار سان اها ماڻڪ جهڙي روشني پيدا ڪر انهي نيڪ اعمالن سان ايندين تہ تنهنجو اهو سودو اهو عمل سقرو ۽ بهتر ٿيندو، توکي قرب الاهي حاصل ٿيندو.

جـي تـون ٿئـين الله جـو تـہ عـالم سـڀ سـندوءِ
”مـن لـہ المـوليٰ فلـہ الڪـل“ پـرين پـاڻ اُتـوءِ
ڪَپـرُ ڪـين ڪنـدوءِ، وانءُ تـون لهـرين گـڏئو:

(دا - ا — ب 25)

- عالم = جهان، دنيا جڳت، سنسار.
- سندوءِ = توسندو، تنهنجو.
- ”من لہ الموليٰ فلہ الڪل“= موليٰ جنهن جو آهي سڀ ڪجهہ تنهنجو ٿي آهي.
- اُتوءِ = چيو، توکي چيو.
- پرين پاڻ اُتوءِ = اهو پرين پاڻ چيو آهي، اهو سندن قول آهي.
- ڪپر ڪين ڪندوءِ = ڪنارو يا ڪپ تنهنجي ٻيڙي کي ڪو نقصان نہ پهچائيندو جيتوڻيڪ تون انهن لهرن سان ٿي گڏيو اچين توکي ڪو نقصان نہ پهچندو ۽ ٻيڙي ڪنڌيءَ سان اچي لڳندي ڪناري پيڙي اچي ٿيندي.

هن بيت ۾ وڏي نصيحت ۽ ڳالهہ سمايل آهي. جيڪا آهي پنهنجو پاڻ کي الله جي حوالي ڪرڻ يعني ترڪ اسباب، ڇو تہ ”سبب جن سنڌيورئا سي اچا اورانهان“ سببن کي ترڪ ڪري پنهنجو پاڻ کي ذات حق جي حوالي ڪرڻ بنيادي طور تي فنا في الله جو مقام آهي، جتي جڏهن ٻانهي جو قدم پهچي ٿو يا هو اهو مقام ماڻي ٿو تہ هي سڄو جهان هي عالم هن لاءِ آهي هن تي ان جو راز منڪشف ٿئي ٿو.

ڇاڪاڻ تہ اهو پڻ پرين جو ذات محلوبي جو قول آهي تہ ”من لہ الموليٰ فلہ الڪل“ جنهن جو موليٰ يعني والي سنڀاليندڙ حق تعاليٰ پاڻ آهي تہ پوءِ سڀ ڪجهہ ان جو آهي. ان لاءِ آهي. اها ذات حقيقي پنهنجي ٻانهي کي جيڪو رب جي سپردگي ۾ آهي ان جي پناهہ ۾ آهي ان جي حوالي آهي انهيءَ کي انهن لهرن يعني مشڪلاتن، نفساني خواهشن،

شيطاني وسوسن ۽ خطائن مان پار اڪاري پنهنجي انهي اعليٰ منزل تي پهچائي ٿو. جتي هو الله جو ٿئي ٿو.

وائي ـ 1

ڪنــــڌي ســـاريان ڪـــان، يـــا امـــن امـــان!
يـــا الاهــــي پاجهـــ ٻيلائــــي پانئيـــان
ڳــٽڻ ڳــاٽيتو ناهـــ ڪـــو، اپـــر ٿيـــا عصيـــان
خبـــر ناهـــ خبـــر جـــي نســـورا نســـيان
والـــي! رســـج وهلـــو، ارڪ ٿيـــا انســـان
ســـڻ ســـپاجها ســـپرين، نرتـــون نگهبـــان
مـــديون پســـي منهنجـــون شـــرمايا شـــيطان
هـــن منهنجـــي حـــال ڪـــي هـــي هـــي ڪـــن حيـــوان
ســـائين سُـــڪاٽي آهيـــن ســـاموندين ســـبحان
ور وســـيلا ســـپرين! تـــارج مـــان طوفـــان
ترهـــو چنـــو تـــار ۾، رســـج تـــون رحمـــان
ٻيلـــي جـــو ٻـــڌن جـــو، مـــون تـــي مـــوتي مـــان
وينـــو پنـــي نپٽـــو، ڪـــر پيـــرو متـــي پـــان
خـــالق تـــان خـــوب ڪئـــا گـــولن جـــا گـــذران
آهيـــان انـــدوهن ۾ وينـــو پنـــان پـــان
ســـولي تـــو ســـمگئان داتـــا ڏيئـــي دان
ولهـــا ســـپ ونهيـــان ڪئـــا تنهنجـــي جـــود جـــوان
متـــان مـــون ڪـــي ڇـــڏئين، ٻيلـــي ســـندا ٻـــان
ويـــر وســـيلو آهـــين داڙو ۽ ديـــوان
لاءِ ڏهـــارين ڏيهـــ ڪـــي خيمـــو اڏيـــو خـــان
اُتـــي عبـــداللطيف جـــي ســـٽج ڪـــا ســـلطان

(دا -ا ـ ب 24)

- ڪنڌي ساريان ڪان = اي منهنجا مالڪ اي منهنجا مولىٰ توڪان سواءِ ٻي ڪا واهہ ڪا نہ آهي تون ئي ڪنڌي ڪندڙ، پار اڪاريندڙ آهين.
- يا امن امان = يا الاهي تون امن ۽ سلامتي ۾ رک امن امان ڏي.
- ٻاجهہ ٻيلائي ٻانئيان = تار وڏي ٻاڏي ۾ جتي نندڙو وڻن وارو ٻيٽ آهي. اتي ٻيڙو ٻيهي بچاءُ ٿئي.
- ڳڻڻ ڳاڻيتو = ڳڻن ڪان ٻاهر بي انداز، بيشمار.
- اپر = (ا+ پر) اَ = نہ پر، پرو، دنگ، ڇيهہ تمام گهڻا جن جو دنگ نہ هجي بي حساب.
- اپر عصيان = (رع) عصيان، ڏوهہ، گناهہ، غلطيون، سهوون.
- خبر ناهہ خبر جي = انهي خبر جي ڪا خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيندو يا اها خبر تہ ڪڏهن اچي عزرائيل در تي ٻيهندو ان خبر جي ڪا خبر نہ آهي.
- نسيان = ويسر، وسري وڃڻ، ياد نہ پوڻ .
- انصاري انهي سٽ ۾ ”خبر نان قبر جي“ ڪري لکيو آهي. اتي معنىٰ آهي تہ انسان کي قبر جي حقيقت جي خبر نہ آهي تہ اها ڪٿ ٿيندي ۽ اتي ڪهڙو حال ٿيندو انهي ڀڃاڻي ۽ سماءَ جي ڪا سڌ ڪا نہ آهي انسان انهي خبر کي وساريو ويٺو آهي.
- والي رسج وهلو = سگهي مدد ڪج منهنجا ڏڻي، رب تعالىٰ انسان جو والي، وارث، سنڀاليندڙ ۽ سار لهندڙ آهي. انهي ذات حق کي مدد لاءِ پڪار آهي.
- ارک ٿيا انسان = انسان بي صبر ٿي پيا رک رکاءُ نہ ڪيائون، تحمل نہ ڪيائون.
- نرتون نگهبان = تون ئي مالڪ نگهبان نظر رکندڙ ۽ سنڀاليندڙ آهين. ٻئي طرف ”سباجها سپرين نرتون نگهبان“ مان پاڻ سڱورن

صلي الله عليہ وسلم جن کي پڪارڻ جو مطلب نڪري ٿو جن جي ذات ڪريمي رحمت اللعالمين آهي جهانن لاءِ رحمت آهي. انهي کي پڪار ۾ سڏ آهي.

منهنجو جيڪو مداين ۾ گناهن پريو حال آهي ۾ جيڪي نافرمانيون آهن انهن آڏو شيطان بہ شرمسار آهي يعني انهي جي نافرماني کان بہ وڏيڪ آهن. اهو بندي جو اعتراف گناهہ آهي.

منهنجي هن حال تي حيوان جيڪي بي زبان جانور آهن اهي بہ هاءِ هاءِ ڪن ٿا اهي محو حيرت آهن. (هي بند انصاري جي ڏنل وائي ۾ نہ آهي).

اي منهنجا مالڪ منهنجا رب تون ئي سائين سڪيائي ۾ سولائي ڪندڙ آهين، اسان گنهگارن تي تون سبحان ئي سلامتي ڏيندڙ آهين.

اي منهنجا رب تون ئي وارث وسيلو آهين. هن طوفان مان يعني زندگي جي آلائشن، خطائن، ڏوهن ۾ گناهن جي بحر مان تون ئي تاري پاهر ڪري سگهين ٿو. (هي بند انصاري جي ڏنل وائي ۾ نہ آهي)

تار ۾، وچ پاڻي ۾ منهنجو ترهو ڇڄي ڇيهون، ڇيهون تي ويو آهي، اي رحمت ڪندڙ ارحم الرحمين تون منهنجي مدد ڪر، تار مان تار.

ٻڏندڙ جو جيڪو ٻيلي آهي يعني ٻڏندڙن کي جيڪو بچائيندڙ آهي. انهن جو واهرو آهي، مون تي اها ذات ڪريمي موٽي پنهنجو ڪرم ڪري.

هي پنڊو هي پينار تو کان ئي سڀ ڪجهہ گهري ٿو. هن پان تي يعني التجا ڪندڙ تي، گهرندڙ تي پلائي جو پيرو ڪج.

خالق اڪبر گولن ۾ غلامن يعني پنهنجي ٻانهن ۾ مخلوق تي خوب نوازشون ڪيون آهن انهن کي سنياليو آهي.

اي داتا! اي دان ڏيندڙ تو سوالين کي ڊئي ڇڏيو انهن جون مرادون پوريون ڪري ڇڏيون.

اي مالڪ! تنهنجي سخا ۽ رحمت (جود = سخا) ولهن جيڪي خالي هٿين هئا جن وٽ ڪجهہ بہ ڪين هو انهن کي تو اي مالڪ پنهنجي رحمت ۽ سخا سان نوازي ڇڏيو.

اي! مون کي متان ڇڏين (ٻان = بچاءُ ڪندڙ) منهنجو بچاءُ ۽ تحفظ ڪجان، تون ئي منهنجو ٻيلي ۽ مددگار آهين.

وير وسيلو آهين (داڙو = سفارشي) ۽ ديوان، هن ۾ اشارو آهي نبيءَ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي شفاعت ڏانهن اي منهنجا مٺا مير مرسل تون ئي رحمت اللعٰلمين ۽ شفيع المذنبين آهين عالمن لاءِ رحمت ۽ گنهگارن لاءِ شفاعت ڪندڙ آهين. انهي انصاف ويل مون کي نہ ڇڏج منهنجي مدد ڪجانءِ.

قيامت جي ڏهاڙي جتي ميزان منڊبو، ڏوهہ، ثواب ترندا، انهي ميدان تي پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم جن خيمو کوڙي يعني حاضر ۽ موجود هوندا ۽ پنهنجي امت جي ڏوهارين جي سنيال ڪندا انهن لاءِ سفارش ڪندا، بخشش گهرندا.

عبداللطيف شاعر چوي ٿو تہ اي سپاجها سلطان، مٺا محبوب منهنجي ڪا التجا ٻڌج هي سٽ/ بند ٻہ معنيٰ آهي جيڪا پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم ڏانهن بہ وڃي ٿي تہ ڪائنات جي مالڪ عالمن جي رب ڏانهن بہ وڃي ٿي. شاعر هن وائي ۾ انسان جي اعمالن ان جي ڪمزورين، بخشش، ڏٽي در التجا ۽ پاڏائڻ انهن سڀني ڳالهين جي پوري تصوير ڪشي ڪئي آهي.

مون ۾ تون موجود، آءٌ اڳاهين آهيان

اڪيـــون اڪـــڙين ڪـــي، سِـــڪئو ڪـــن سـجـود
تيلاهـــ رسـئابود ڪـــي، جيلاهـــ ٿئـا نـابـود
ان در سـيـئي اڳهيـا، جـن وڃـايو وجـود

(دا - ا ـــ ب 24)

- مون ۾ تون موجود = مون ۾ يعني منهنجي وجود ۾ تون ئي آهين جيڪو "نفخث فيہ من روحي" جو مظهر آهي اهو انهي مون ۾ هئڻ جو دليل آهي تہ تنهنجي ذات سان ئي منهنجو وجود قائم آهي.
- آءٌ اڳاهين آهيان = آئون تنهنجي ذات جي هئڻ سان همت ۽ حوصلي سان آهيان.
- سڪئو ڪن سجود = اڪيون اڪين سان ملي محبت ۾هيٺ تين تيون ۽ وري تو ڪي ڏسڻ لاءِ متي تي ڏسن تيون، سرور حاصل ڪن تيون اهو اڪين جو هيٺ تيڻ سجده ريزي آهي.

هو هئڻ ڪي تڏهين رسيا جڏهين هنن پنهنجو پاڻ ڪي ڪجهہ نہ سمجهيو پنهنجي وجود جي نفي ڪئي ۽ ذات حق جو اثبات ڪيو.

انهي در تي، الله جي دربار ۾ انهي جي شان ڪبريائي واري مقام تي اهي قبول پيا جن پنهنجي وجود ڪي غير موجود ڪري ڄاتو، پنهنجي هئڻ ۽ هستي ڪي ختم ڪيو ۽ ذات حق جنهن جو وجود دائم ۽ قائم آهي. انهي جي بارگاهہ ۾ قبول پيا.

# سُر سري راڳ

## داستان پيو

تـــانگهي ۾ تـــاڙي، ٻنـــڌ پنهنجـــو تُرهـــو
اونهـــين ۾ آڏـــي، ڪـــو نـــه ڏينـــدءِ ڪـــو ٻيـــو.

*(دا - 2 ـــ ب- 1)*

- تانگهي ۾ = تانگهي پاڻي ۾ اهو پاڻي جيڪو اونهائي واري هنڌ نه هجي پر متاچرو هجي.
- تاڙي = (مصدر تاڙڻ = ڇڪڻ)= ڇڪي.
- ٻنڌ = ٻڌ.
- ترهو = ڪاتين، ڪانن، ڪکن ۽ نوڙين سان ٺهيل منجو جيڪو اڪثر ڪري وڏي پاڻيءَ مان اڪرڻ، ڍنڍن وغيره ۾ ٻيڙي طور ڪم اچي ان کي ترهو چئبو آهي. يعني راهه تارڻ وارو.
- اونهين ۾ آڏي = وڏي، تار پاڻي ۾.
- ڪو نه ڏيندءِ ڪو ٻيو = اونهي پاڻي ۾ توکي ٻيوڪو ڪونه اچي سهارو ڏيندو توکي پنهنجو ئي ترهو ڪم ايندو.

انهيءَ ڪري بهتر آهي ته پوءِ اونهي سفر ۾ توکي جيڪا تڪليف ۽ اوکائي اچي ان کان بچڻ لاءِ توکي گهرجي ته تانگهي پاڻي ۾ پنهنجي لاءِ ترهو ٻڌ.

تــــارو ترئـــــو وچــــن، ننــــديا وڏا واهـــــڙا
هئـــي ٻراتـــارن، جـــئن ڳـــرا مـــتن مولهيـــا،

(دا - 2 ـ ب 2)

- تارو = تري چاڻندڙ، تري ويندڙ، ترڻ ۾ هوشيار.
- هئي ٻر = هي افسوس، ڏک، طاقت نہ هئڻ جو احساس.
- اتارن = اَ = نہ + تارن = تري نہ ڄاڻندڙن، اڻ تارن.
- مولهيا = وڏا پتڪا، متي تي بار واريون ڳريون هڙون، پڙيون، جيڪي پتڪي سان متي تي چڪي ٻڌل آهن.

جيڪي تارو يا تري ڄاڻندڙ آهن اهي ننديا وڏا واهڙ يا وهڪرا درياهہ ۽ سمونڊ جا لنگهہ آسانيءَ سان تريو وڃن.

پر انهن اڻ تارن لاءِ وڏي ڏک ۽ جيءَ جهوريندڙ ڳالهہ اها آهي تہ هڪ تہ هو تري نتا ڄاڻن ٻيو وري پنهنجي وڏن پتڪن سان متي تي بار ڪٽي ان جا ور ڏيئي جيڪي پڙيون ٻڌي ڪنيو اٿن انهن هنن کي وڏي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو آهي. انهن اڻ تارن لاءِ ڏاڍو افسوس جو مقام آهي.

ڏوري لهہ ڏانـــار، جــمر ورچـــي وهـــين ويـــرو.
هڪئــو هــوج هُشــيارُ، ڪنـوڻ ڪنونـدي اوچتـــي،

(دا - 2 ـ ب 3)

- ڏوري لهہ = مصدر ڏورڻ امر ڏور + لهڻ امر لهہ) ڳولهي، تلاش ڪري حاصل ڪر.
- جمر = جيئن، متان
- ورچي = (مصدر ورچڻ) بيزار ٿي.
- ڏانار = بند، وڏو ٻنو برسات جي موسم ۾ نئين کي اڪثر بند ٻڌندا آهن. تہ جيئن ڪٿي ان طرف ڪا ڪنوڻ ڪوندي ۽ نئين ۾ پاڻي اچي تہ انهي بند جي روڪ سبب اتل ڪري زمين کي ريج وارو ڪري.

انصاري صاحب انهي بيت ۾ لفظ ”ڏاتار“ ڪري لکيو آهي ۽ بيت ڪي داستان 6 ۾ ٽئين نمبر تي ڏنو آهي. انهي لفظ جي تبديلي ڪان سواءِ باقي بيت جي صورت ساڳي آهي.

- ڏاتار = (س- داتو- دا = ڏيڻ) داتا، سخي، ڏاتر، ڏاتار = ڏيندڙ، سخاوت ڪندڙ.
- هڪئو، هيڪلو = موجود، بروقت، حقيقت ۾، ظاهر طور، پوري وقت تي.
- ڪنوڻ ڪوندي = وڄ چمڪندي.
- ويسرو = غافل، بي خبر، وساري ويٺل.

شاعر فرمائي ٿو تہ تون سخي کي ڳولهي لهہ ويسرو ۽ بيزار ٿي نہ ويهہ. مطلب آهي رب جي تلاش ذات حق جو حصول.

توکي هشيار ٿيڻ کپي جيئن اوچتو ڪنوڻ ڪوندي آهي بنا ڪنهن اطلاع ۽ سڏ جي، تيئن توکي بہ اوچتو سڏ ٿيندو ان لاءِ تون ان مالڪ کي، ڏاتار کي ڳولهہ ان جي پلئہ پئو.

سُتين کهڙيءَ سار، وڄ ڪونديءَ ويسرا
تو جيڏا تيار، لهر لهوارا ڪئا

*(دا - 2 ـ ب 4)*

- ستين = تون سمجهين رهين.
- سار = سنيار تي آسري تي.
- لهر = پاڻي جي ڇولي.
- لهوارا ڪئا = لهواري لهہ = هينائين، هينئين پاسي، وهڪ واري پاسي.

هن بيت ۾ شاعر انسان جي ويسر ۽ آسري جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ کهڙي آسري ۽ سنيار تي تہ مون کي اٿاريندا، سجاڳ ڪندا. تون سمهي پئين.

انهي آسري ۾ ويسر تي تو جيڏا تنهنجا يار لهرن ۾ لهوارا وهي ويا. معنيٰ ته ڪجهه پلئه نه پيو.

وچ ڪونـــديءَ ويســـرا، ســـتا ســـنجهيئي
ويـــر وري ويئـــي، اســـارن تـــان اوچتـــي

(دا - 2 ـ ب 5)

- وچ ڪونديءَ = ڪنوڻ تيندي، ان وقت جڏهن ڪنوڻ تي رهي هئي.
- ستا = سمهي پيا، ننڊ پئجي ويا.
- ستا سنجهيئي = سنجهي سان ئي سمهي پيا، سج لهندي رات جي پهرئين پهر جنهن کي سنجهو چئبو آهي. سج لٿي ساڄهر.
- وير = پاڻي جي اٿل، وڏو وهڪرو، نئين جي پاڻي جو تيز وهڪرو.
- وري ويئي = متان وري ويئي. اٿلي پيئي.
- اسارن = راَ= نه + سارن = سارينڏڙن ۾ نه سارينڏڙن نه سنڀاليندڙن، آسري وارن، غافل تي ستل.
- اسارن تان اوچتي = نئين جي اها وير وڏو وهڪرو نه سنڀاليندڙن تان متان وري ويو ۽ ڪين لوڙهي ويو.
- هن بيت جي پهرئين سٽ کي انصاري صاحب هن طرح لکيو آهي ۽ بيت کي.

(ستئين سنجهيئي، وچ ڪونڊئي ويسرا)

هن بيت جو مطلب قريب قريب اڳئين بيت سان ملندڙ آهي. خطري کي ڏسي يا ان جي امڪان هجڻ جو هجي ان کي خاطر ۾ نه آڻجي اها پل آهي. ڪنوڻ جو ڪنوڻ بنا ڪنهن اطلاع جي اوچتو آهي ليڪن ان ڪان اڳ موسم جي گرمي ڪڪرن جو هئڻ اهي سڀ انهي جي ڪنوڻ جا امڪاني قدر آهن. انسان زندگي جي ڊوڙ ۾ امڪاني حالتن کي نظر انداز نه ڪري اها انهي جي پل ۾ ويسر آهي، چاڪاڻ ته ايندڙ ڳالهه يا خطرو جڏهن متان اچي ڪڙڪندو ته ان جي روڪ مدافعت ڏاڍي ڏکي آهي. انسان کي اوچتي

وار ڪان پاڻ سنڀالڻ جو موقعو مشڪل ملي ٿو. هتي سچو زور غفلت نہ ڪرڻ تي آهي. اها زندگي جي معمولات ۾ هجي يا عبادت الاهي جي سلسلي، سان انسان کي غافل نہ ٿيڻ گهرجي. سمونڊ جي سفر ۾ بہ ناڪئي لاءِ هر امڪان کي خيال ۾ رکڻو آهي پر جي غافل ٿيو تہ سمونڊ جي چوهي وير وڏو نقصان پهچائيندي.

نئين ۾ ننڊون ڪن، وچ ڪوندي ويسرا.
اُتان اسارن، وڃي وهہ واڪا ڪئو،

(دا - 2 ـ ب 6)

- ويسرا = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- آسارن = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- وهُ = پاڻي جي تکي وهڪ، تيز وهڪرو، وڏو تکو پاڻي.

هي بيت معنيٰ ۽ مطلب جي لحاظ کان اڳين بيتن وانگيان آهي. شاعر هن سلسلي ۾ زندگي جي هن سمونڊ ۾ سفر ڪندڙ کي جنهن کي شاعر ملاح سان تشبيهہ ٿو ڏئي ان لاءِ ضروري آهي تہ سمونڊ جو سفر ڪري يا زندگي جو سفر طئي ڪندو هجي هن کي ڪا بہ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ سمونڊ جي تک يا زندگي جون تڪليفون هن کي پنهنجي وهڪ ۾ واهي ويندي يون هو پنهنجي اصل مقصد ۽ ماڳ کي جيڪو هن لاءِ قدرت متعين ۽ مقرر ڪيو آهي. پهچي نہ سگهندو.

آيئہ ننڊ اياڳ کي، ڪوڻ ڪوايو
جني نہ پئہُ پانيو، ڪري تواِئي تن کي.

(دا - 2 ـ ب 7)

- اياڳ = (سن، اياڳيہ، اَ = نہ+ ياڳيہ = ياڳ) نہ ياڳ وارو، جنهن جو ڀاڳو نہ هجي نياڳ، ڪم بختي.
- پئہُ/ پؤُ (پرا-ڀي سن ڀيہ، ڀي = ڊڄڻ) خوف، ڊڄ، ڏر.

- پڌ پاڻئڻ (اصطلاح) ڪجهه ڪري نه ليکڻ معنيٰ پڌ ڪونهي، ڪجهه ڪونهي، ڪو پورلو ناهي.
- جن پڌ نه پانيو = جن وچ جو ڪو الڪو ۽ ڊپ ئي ڪو نه ڪيو. خطرو محسوس ئي نه ڪيو.
- توائي ڪري = رلائي، گس کان ڀلائي، بي حال ڪري.

هت شاعر ناکئي کي، ملاح کي، انسان کي زندگي جي سلسلي سان/سمونڊ ۾ ٻيڙيءَ جي سفر سان انهيءَ ڳالهه جي ياد ڏياري ٿو ته تو کي نياڳ جي کهڙي نند اچي ويئي جو تو اهو خيال ڪيو ته سمونڊ جي وچ ۾ ويس ته ڪجهه به آهي ڪو پڌ ۽ پورلو ڪونهي، جن به ائين تصور ڪيو ته امڪان ۾ سبب جيڪي اوچتا پيدا ٿين ٿا اهي ڪجهه نه آهن، اهي پنهنجي سفر ۾ زندگي جي هلڻ جي سلسلي ۾ پلجي وڃن ٿا ۽ بيحال ٿي پون ٿا.

نکـــو سُـــک نکتـــين، نـــه ويســـاند نئـــين
جيکـــا اچـــي ســـامهين، پـــانئين ساســـئين
موڙي ڪوهه مئين، جئن سچيون راتيون سمهين.

*(دا - 2 ـ ب 8)*

- نکٽ = (س. نکشتر. نکش = پهچڻ، وجڻ) = تار، برج، آسمان ۾ تارن جا هميشه ڪي سيڙ هوندا آهن ۽ هميشه هڪ ساريکا هوندا آهن جئن ڪتيون/جنهن کي ثريا به ڪري ڪونبو آهي، تيڙو، پتون، ڪٽ جيڪا قطب تاري کي ڦرندي آهي. اهي نکٽ هلندڙ آهن ۽ موسمن سان تعلق رکن ٿا، جيئن ڪتي اپرندي ساڙ ڪري لهندي ساڙ ڪري، پتون جي ڪنڌي اٿڙي نه چون ساڙ تيندو وغيره.
- سک نکتين = انهن نکتن تارن جي انهن سلسلن کي ڪو هڪ هنڌ تکاءُ ڪو نه آهي، پيا لهن ۽ اپرن يعني انهن کي ڪا ويساند ڪا نه آهي، تڪاءُ نه آهي.
- موڙي = رقم، ناڻو، رُجات، پئسو.

- موڙي ڪوھہ مئين = ناڻو ڇو تو ڳڻين تہ ڪيترو نفعو ٿيو آهي، موڙي پوري آهي يانہ.

جيڪا بہ ڳالهہ تنهنجي سامهون اچي ٿي تون ان کي سنئون سمجهين ٿو. انهي جي سبب ۾ منجهہ ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪرين ٿو. بنا ڪم جي سڄيون راتيون سمهيو پيو آهين. جڏهن تنهنجو اهڙو حال آهي تہ پوءِ تون نفعي جي ڪهڙي اميد رکي سگهين ٿو جو موڙي کي ڳڻيندو رهين ٿو.

گهڙج گهاٽي نيهہ سين، اڳيان ڪپر ڪارونيار
اُڪارج آڌار، لهرين مان لطيف چئي

(دا - 2 ـ ب 9)

- گهڙج = (مصدر گهڙڻ امر گهڙ مضارع گهڙج) تون گهڙج، داخل ٿجانءِ.
- گهاٽي نيہ سين = ڳوڙهي/ وڏي محبت سان.
- ڪپر = ڪنارو، ڪنڌي، ڪپ، آڌار= (آڌر) ٽيڪ، ڀروسو، سهارو.
- ڪارونيار = اونداهو، اونده وارو نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ، ڪڪرن سان ڇانيل آسمان تي ڪڪرن جي ڪاراڻ سبب ڪپر اونداهو آهي ڏسڻ پورو نہ ٿو اچي.
- اڪارج = (مصدر اڪرڻ امرُ اڪر مضارع اڪارج) = تون اڪارج تون پار ڪج.
- لهرين مان لطيف چئي = پاڻي جي انهن ڇولين مان سمونڊ جي انهي تيز ڇولين وهڪري مان شاعر ناڪئي کي نصيحت ڪندي فرمائي ٿو تہ اڳيان ڪپر ڪارونيار آهي ڏاڍو ڏکيو ڪنارو آهي ان لاءِ تون پوري نيهہ محبت ۾ سوچ سان انهي سمونڊ ۾ گهڙج. شاعر عبداللطيف فرمائي ٿو تہ اي مالڪ تنهنجو آڌار ۾ ڀروسو انهن لهرن مان اڪاري پار ڪندو.

جـي پـانئين كـارو كيڙيـان تـہ اُتـي بونـب بنـاءِ
”قـل هـو الـرحمٰن امنـا بـهہ“ ساڃاسـرهہ سـباءِ
پـنج پڳهـہ، تيهـہ اوليـون، لاڇـو سـب لڳـاءِ
”وحــده لاشــريڪ لــهہ“ كوهــا خــوب كٽــاءِ
تــہ ســامونڊي ســنڊياءِ، ســچي ســاك اُبهــي:

(دا - 2 ـ ب 10)

- كارو كيڙيان = (مصدر كيڙڻ، كيڙيان اسم فاعل) سمونڊ ۾ هلان. سمونڊ ۾ سفر كريان. هلچل كريان .
- بونب = وڏو ٻيڙو، جهاز.
- بناءِ = (مصدر بنائڻ = ٺاهن) ٺاهي، تيار ڪر، جوڙ.
- ”قل هو الرحمٰن امنا به“ چئو تہ اهو ئي رحمان آهي جنهن تي اسان ايمان آندو. انهي ايمان جا ساڃا = سنا، سڙهہ ٺهراءِ معنيٰ تہ ايمان جي پختگي وارو عمل هجي.
- پنج پڳهہ = نماز جا پنج وقت.
- تيهہ اوليون = هڪ اڏ اولي نہ پر پوريون تيهہ اوليون يعني چپا يا ونجهہ هت معنوي لحاظ کان تيهہ روزا بہ اچن ٿا تہ ڪلام پاڪ جا تيهہ سيپاره بہ اچن ٿا.
- لاڇو = جهنڊا، جهاز تي سجاٽپ لاءِ جهنڊا هوندا آهن.
- لاڇو سب لڳائي = سب جهنڊا ۽ رسا پڌ، نشانيون ظاهر ڪر.
- “وحده لاشريڪ لهہ“ الله هڪ آهي ان سان ڪو بہ شريڪ نہ آهي.
- ٻيو ڪو بہ سندس برابر نہ آهي، انهي عقيدي وارا ڪوها متي ڪر، اُياڪر، سڌا متي ڪٽاءِ.
- سامونڊي سنڊياءِ = اي سمونڊ ۾ هلڻ وارا تنهنجي سنڌءِ
- ساڪ اُبهي = تنهنجي پت رهي، تنهنجي ساک رهي، قائم ٿئي.

شاعر فرمائي ٿو تہ ڪارو ڪيڙن يعني سمونڊ جو سفر ڪرڻ گهرين ٿو تہ ات ۾ اتي ڪو وڏو جهاز يا ٻيڙو ٺهراءِ.

۽ جنهن الله رحمان تي ايمان آهي انهي ايمان ۽ يقين جا سڀڙهہ سيباءِ هت مقصد آهي وحدانيت جي پختائي.

انهي ايمان ۽ عقيدي تي ڪاربند رهڻ لاءِ نماز جا پنج وقت، ٽيهہ روزا رکڻ ۽ قرآن حڪيم جي ٽيهن پارن جو دور ڪرڻ يعني مطالعہ قرآن، ان کي سمجهڻ ان جي حڪمن جي پيروي. انسان جو اهو عمل ٻيڙي کي ڏکڻ وارن اولين يا چپن جيان آهي.

الله هڪڙو آهي هو واحد وحده آهي هن جو ڪو بہ شريڪ نہ آهي. انهي جي ذات سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪر، ڇو تہ شرڪ وڏو ظلم آهي تون وحدانيت جي وائي وار ۽ انهي کي بلند ڪر، مٿي ڪر جيئن جهاز جا ڪوها آهن تيئن الله واحد جي وحدانيت ائين مٿانهين هجي.

تہ اي سامونڊي! سمونڊ ۾ سفر ڪندڙ ٻيڙياتا، ناڪئا انهي سان تنهنجي سڄي ساک ايري بيهندي، هت بنيادي طور تي انسان کي هدايت آهي تہ هو وحدانيت واري عقيدي کي اڳتي آڻي جيئن سندس يقين ۽ ايمان جي پختگي پوري ريت عيان ٿئي.

(نوٽ: هي بيت انصاري واري ترتيب ڏنل رسالي ۾ نہ آهي "ڪاشف")

مَر ڪين هيج مَر هوج، ترسُ م تاڻ طراز کي *
چئہ ڪلمو محمد ﷺ تي تہ اڳيان اچي اوج
سهڪي يت سبوجهہ، تنهنجي مکي ڏُکي مکوي:

(دا - 2 _ ب 11)

* انصاري وٽ انهي بيت جي پهرئين سٽ هن ريت آهي "م ڪي هيج م هوج، ترس م تاڻِ جهاز کي" هتي هن سٽ ترس م جي معنيٰ بيهہ نہ ٿئي ٿي، تاڻ جهاز کي معنيٰ تہ ڪو انتظار نہ ڪر، جهاز کي هلائي تاڻ، ڇڪ مراد تي هلڻ (ڪاشف).

- هيج ۾ هوج ملاحن جا مخصوص لفظ آهن جن جو مطلب آهي هيڏانهن ۾ هوڏانهن ملاح جڏهين ٻيڙيءَ تي رسو ڇڪيندا آهن تہ انهن آوازن کي هڪ ٻئي جي جهيل سان ڇڪڻ مهل ڪيندا آهن.
- ترس مر = (مَر = هاڻ + ترس = بيهہ، صبر ڪر، مر ضمير متصل جي نشاني آهي، ترس مر، تون ترس، صبر ڪر، بيهہ.
- تاڻ = ڇڪ.
- اوج = اٿاوت، اٿت سهٽي اٿاوت اوج = گهٽائي بہ آهي، فائدو تي ويو. اوج اچي ويئي معنيٰ تہ پرجهلائي تي پئي.
- سَهُڪي = سولي، آسان.
- يت = ريت، طرح.
- سبوجهہ = (سہ + بوجهہ) سہ = سٺي + بوجهہ = سمجهہ = سٺي سمجهہ وارا سهٽي عقل وارا سٺي ٻڌ رکندڙ سڌ وارا.
- مڪي ڍُڪي = مڪي طرف هلي، سامهون بندر تي سٽائي تي هلي پهتي.

هن بيت ۾ ملاحن جو ٻيڙن جي سانباهي وقت جڏهن هو سمونڊ ۾ سفر لاءِ روانگي لاءِ تيار ٿيندا آهن انهي منظر جو بيان آهي تہ هو ٻيڙن جي سڙهن جا رسا ڇڪي وڏي خبرداري سان اهو ڪم اجتماعي طور سرانجام ڏين ٿا ۽ سفر ۾ وڃڻ وقت پان سڳورن صلي الله عليہ وسلم تي ڪلمي جي توار ڪن ٿا تہ انهي جي مهابي انهي وسيلي هي ٻيڙا بندر تي. سولائي سان سهڙن.

وہ چيرينــــدي مڪـــريين لهـــر لڳنـــدي نـــت
جـن جيـڏاهين چـت، تـڙ تيـڏانهين ڍڪنـديون*

(دا - 2 ـــ ب 12)

- وهہ چيرينديِ = پاڻي جو وهڪرو چيرينديِ.
- مڪريين = (جمع واحد مڪري) ٻيڙين کي

---

* هي بيت انصاري جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ نہ آهي

- لهر = پاڻي جي ڇولي.
- نت = سدائين هميشہ.
- لهر لڳندي نت = لهر هميشہ پاسن کان لڳندي ۽ اها لهر/ ڇولي ٻيڙي کي ڌڪ هڻندي .
- جن = جن کي.
- جيڏاهين = جنهن طرف.
- چتُ = ڌيان، خيال، توجهہ، ارادو.
- جن جيڏاهين چت = جن جو جيڏانهن، جنهن طرف خيال يا ارادو آهي.
- تڙ = ٻيڙين جي بيهڻ جي جاءِ.
- تيڏانهين = تتي، تنهن جاءِ.
- ڍُڪنديون = هلنديون، ايند يون.
- تڙ تيڏانهن ڍڪنديون = تڙ تي اچي پهچنديون يا بندر ٻيڙيون اچي ٿينديون.

هن بيت ۾ سمونڊ ۾ هلندي ٻيڙين کي لهرين جي ڌڪ لڳڻ جي منظر جي بيان سان گڏ اهو بہ اظهار آهي تہ جنهن جو جنهن تڙ يا بندر ڏانهن ارادو يا خيال آهي اهي اتي وڃي پهچنديون. هن بيت کي اڳئين بيت جي معنيٰ جي پس منظر ۾ آڻجي تہ ڪنهن جي طفيل اهي اچي صحيح سلامت سهڙنديون جن جيڏانهن چت اشارو آهي پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جن جي ياد انهن کي سنيالڻ انهن جو توسل وٺڻ. وسيلو وٺڻ.

جُتــي لهــرين لــڪ ڪــن ڪر ڳــل پـــاڻ ۾
اُتـــي عبـــداللطيف چئـــي، رب منهنجـــي رک
ڪُجـاڙو هـــي ڪـــڪ، پرجهلينـــدا پيـــڙ جـــو **

(دا - 2 ـ ب 13)

** هي بيت انصاري جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ نہ آهي. (ڪاشف)

- لهرين لک = لهرن جو سمنڊ ۾ ڪو شمار ئي ڪو نہ آهي تمام گهڻيون، ڳاڻيٽي کان ٻاهر.
- ڪن ڪرڳل = گهوڙ، گهمسان ڇولين جا وڏا آواز.
- رب تنهنجي رک = اتي مالڪ جي حفاظت گهرجي جيڪو رب سنڀاليندڙ آهي.
- ڪچاڙو هي ڪک = هي ڪک ڇا آهن معنيٰ تہ ڪا حيثيت نٿا رکن.
- پيڙ جو پر جهلڻ = (اصطلاح) = ان جي وزن يا زور آزمائي هو ڪهڙي جهليندا يا ڪهڙو ۽ ڪيترو زور سهي سگهندا.

شاعر عبداللطيف ڀٽائي انهن لهرن جي گجگوڙ ۽ گهمسان جي اوت ۾ انسان تي اچڻ وارين تڪليفن ۽ عذابن جي ڳالهہ ڪري ٿو جيئن لهرن جو گوڙ آهي تيئن انهن جو اهو غلغلو آهي انسان ڪک جي مثال آهي هن جي ڪا حيثيت ڪا نہ آهي هو هن زندگي ۾ يا قبر جي پيڙ ۾ ڪجهہ بہ ڪو بہ بچاءَ ڪري نہ ٿو سگهي. شاعر عبداللطيف فرمائي ٿو تہ اهڙي حال ۾ دنيوي تڪليفن، قبر جي عذاب يا آخرت جي پڇا انهي لاءِ اي رب العالمين! اي پالڻهار تنهنجي ذات رحيمي جي رک يعني رحمت گهرجي جيڪا انهيءَ کان پناهہ ۾ رکي سگهي ٿي.

اتِ اُبتــو آرُ، منهنجــي مــوج نــہ ســهي مڪــري
ميــڙي منــاين جـــو، بيحـــد ڇـــاڙهيم بـــار
ڇــوڻ ڇـــارو ناهــہ ڪـــو، بـــديون بـــي شـــمار
ڪپـــرُ ڪارونيـــار، اُڪـــارين احســـان ســـين:

(دا - 2 ـ ب 14)

- اُت (پرا. انت، س انت) حد، ڇيرو نہ هجي ات، انت جو مخفف آهي. جنهن جي معنيٰ آهي تمام گهڻو.
- ابتو آرُ = پاڻي جو ابتو وهڪرو تمام گهڻو زور وارو.
- موج = پاڻي جو زور.

- موج نہ سهي مڪري = منهنجي ٻيڙي پاڻي جي اها زوردار موج سهي نہ ٿي سگهي، جهلي نہ ٿي سگهي.
- مٺاين (جمع) واحد مٺائي = ڏوهہ، گناهہ، چڱا ڪم نہ.
- ميڙي مٺاين جو = ڏوهن، گناهن کي گڏ ڪري.
- بيحد = تمام گهڻا، حد کان ٻاهر، بي انت، بي شمار.
- چاڙهيم بار = بار چاڙهي چڏيم پاڻ کي ڏوهن، گناهن غلطين جو مون وڏو بار وجهي ڇڏيو آهي.
- چوڻ چارو = لنگهہ، گهٽي، جاءِ، وٿي، چوڻ چارو ناهہ ڪو = چوڻ ۽ ڪڇڻ جي ڪا گهٽي ڪا نہ رهي آهي، ڪو گس ئي ڪو نہ بچيو آهي. ڇو تہ بديون، يعني ڏوهہ گناهہ ايترا تہ بي شمار آهن جو ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي.

اي منهنجا ڏاتي، اي منهنجا مالڪ تون ئي مون کي اها اوکي ڪنڌي/ ڪنارو پنهنجي احسان، ٻاجهہ، شفقت ۽ رحمت سان اڪارين، ڇو تہ آر ابتو پيو وهي، پاڻي جي وهڪ ڪا سنئين ڪا نہ آهي، يعني منهنجو عمل ڪو حقيقت وٿان نہ آهي. منهنجو هي ڪمزور وجود جيڪو ٻيڙي مثل آهي اهو انهي ابتي آر جي موج سهي نہ سگهندو، ان لاءِ تنهنجي احسان ۽ عفو جي عنايت ٿئي.

جتــي ونجهـہ نــہ واهــہ، ڇپــا ڇُــرن ڪــين ڪــين،
ڪشتي ڪاغذ ڪچ جي، چاڙهيم منجهان چاهہ،
پسـي سـختي سـمونڊ جــي، مانــدا ٿيــا مــلاح
شــرم رکــين تــون شــاهہ، لائــق لاڳــي جــا ڏاتــي!

(دا - 2 _ ب 15)

- جتي = جنهن هنڌ، جنهن جاءِ.
- ونجهہ نہ واهہ = پاڻي ايڏو اونهو ۽ عميق آهي يا ڇولين جو ايڏو زور آهي جو ونجهہ يا ڇپو لڳي نہ ٿو سگهي.

- چپا واحد چپو = اولا.
- ڪشتي ڪاغذ ڪچ جي = ٻيڙي بيڪار شين مان ٺهيل آهي.
- چاڙهيم = (م) ضمير متڪلم جي نشاني = مون چاڙهي مون هاڪاري، مون هلائي هلايم.
- منجهان چاهه = وڏي شوق مان، حرص مان.
- ماندا ٿيا ملاح = ٻيڙياتا ٻيڙي هلائڻ وارا ماندا ٿي پيا ٿڪجي پيا.
- لاڳي، لاڳو = حصول، لاڳي جا ڏٿي = محصول وٺندڙ جنهن کي انهي وٺڻ جو اختيار هجي.
- شرم رکين تون شاهه = اي مالڪ تون هاڻي منهنجو پرم، ۽ پت رکجانءِ.
- شاعر سمونڊ جي وڏين ويرن ۽ اونهائيءَ جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو ته اتي ونجهه ته هلي نٿا سگهن چاڪاڻ ته ويرن جو وارو ۽ سمونڊ عميق آهي، چپا چُرن ئي نٿا.

منهنجي ٻيڙي ڪنهن پختي پڪي ڪاٺ ۽ سني ڪاٺ مان ٺهيل ڪا نه آهي، اها هلڪين ۽ بيڪار شين مان تيار ٿيل آهي. جنهن کي مون حرص مان ڪٽي سمونڊ ۾ لاتو آهي. سمونڊ جي ايڏي ته سختي آهي جو ٻيڙي ڏڪڻ / هلائڻ وارا ملاح ۽ ٻيڙياتا ماندا ٿي پيا آهن. لاڳي جا ڏٿي ته پنهنجي محصول سان ٻڌل آهن. اي منهنجا مالڪ تون منهنجي پت رکجانءِ. هن بيت کي انسان جي عمل، عملي زندگي ۽ پڇاڙي واري حال سان لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

لهرين ليکو ناهه ڪو، ڪپر ڪن ڪارا
آڇاڙا عميق جا، اڇن اوپارا
اتي اسارا وير ورنديئه ويسرا

(دا - 2 _ ب 16)

- لهرين ليکو ناهه ڪو= لهرن جو ڪو سنڌو ئي ڪو نه آهي، ڪو حساب ڪونهي.

- آڇاڙا = سمونڊ جي لهرن/ ڇولين جون وڏيون اٿلون.
- عميق = (ع) عمق = اونهون، گهرو، اونهين سمونڊ جا.
- اوپارا = جهاز جي / ٻيڙي هلڻ واري ڪان ابتڙ لهريون يعني مخالف لهرون.
- آسارا = (ا= نہ + سارا= سارينديڙ)= نہ سارينديڙ، ويسرا، غافل، بي خبر.

شاعر فرمائي ٿو تہ پهرين جو ڪو حساب نہ آهي، سمونڊ جا ڪنارا ۽ ڪپ سمونڊ مان اٿندر اُت ۽ ڪارن ڪڪرن ڪري ڏسڻ ۾ نٿا اچن.

اونهي ۽ عميق سمونڊ ۾ ڇولين جو وڏو زور آهي پر هي ڇوليون لهوارين بجاءِ اوپاريون آهن جنهن طرف ٻيڙي جو رخ آهي ان جي پويان ڏکڻ واريون لهرون آهن پر اهي لهرون ٻيڙي کي سامهون اچن ٿيون يعني اوپاريون آهن. اي غافل اي ويسرا توکي اها خبر نہ هئي تہ اهڙي وير مٿان وري ويندي آهي ۽ نقصان ڪري وجهندي آهي ڪڏهن ڪڏهن عميق جي آڇاڙن ۾ غوراب غرق ٿيو وڃن.

ويــــر ورنديئـــ ويســـــرا، اُتـــــي توهـــ طلـــــب
ســـائر ڪـــنهن ســبب، ڪالهـــ نـــ وڏهـــن ڪُـــن ۾

*(دا - 2 _ ب 17)*

- وير ورنديئہ = پاڻي جي اٿل توتي مٿان ايندي، تو مٿان وري ويندي.
- اتي توهہ طلب = تون اتي، توهہ= مدد، فضل، راضپو، طلب= گهر.

تون اتي الله جو فضل انهي رب پاڪ جي مدد گهر، ان جي طلب ڪر، راضپو گهر.

- سائر = درياهہ، سمونڊ جيئن لطيف سر سهڻي ۾ فرمايو آهي تہ (سوين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ).
- وڏهن = هن وڏيون.
- وڏهن ڪن ۾ = هن ڪن ۾ وڏيون، ٻوڙيون.

اي ويسرا! غافل مٿان وير وري وينديءَ پاڻي اٿلي پونديءَ انسان جي غفلت قدرت جي قانون تي نہ هلڻ جو جيڪو نتيجو ملي ٿو يا ملندو

انهيءَ جي سڀ خبر ڏني ويئي تون (انسان) جيڪڏهن انهي ويسر ۽ مغالطي ۾ آهي تہ ان کي گهرجي تہ ڏٽي تعاليٰ جي مدد گهري ان جي فضل جي طلب ڪري.

انهي پاڻ پٽي جي سمونڊ پاڻ هئڻ جي ڳالهہ ڪيترن کي ڪنن ۾ وجهي ڇڏيو، ٻوڙي ڇڏيو.

ڪالهہ وڏائين ڪُن ۾، جاڏا جنگ جهاز
تنهنجي اڄ طراز ، آهي آر اکين ۾

(دا - 2 _ ب 18)

- جاڏا = مضبوط.
- جُنگ = وڏا.
- جنگ جهاز = وڏا ڏاڍا مضبوط جهاز، ان وقت جا تهيل وڏا مضبوط ٻيڙا.
- طراز = ٻيڙي.
- آر اکين ۾ = آر کي سامهون سمونڊ جو آر چاڙهہ.

هن بيت ۾ انسان جي انهي حيثيت کي جتايو ويو آهي تہ جنگ جهاز جيان ڪئين ڏنگ، ناميارا شاهہ سڪندر جهڙا بہ انهي ڪن ۾ موت جي گهيري ۾ هليا ويا. تنهنجي ٻيڙي يعني تنهنجو وجود اي انسان اهو بہ موت کي اک ۾ آهي. ڪڏهن اها ٻيڙي بہ انهي موت جي نڪونج جي ڪن ۾ هلي ويندي.

آهيين آر اکين ۾، ناکئا ڪج نگاهہ
وڏا ٻيڙا ٻوڙئا سائر ڏيئي ساهہ
ملاحظو ملاح ڪج ڪو انهن ڪُن جو

(دا - 2 _ ب 19)

- آهيين = تون آهين.
- آر اکين ۾ = اکين جي سامهون آهين، اک ۾ آهين.
- ناکئا ڪج نگاهہ = ناکئا اها ڳالهہ نظر ۾ رکج انهي تي نظر ڪجانءِ.

- سائر = سمونڊ، ساگر، بحر.
- ڏيئي ساھ = ساھ کڻي، معنيٰ تہ وير چڙھي وري هيٺ لٿي تي ۽ پوءِ وري جنھن چوھي سان متي چڙھي تي ان جي انھي ڪيفيت ڪي ساھ ڏيئي يعني ساھي ڪڻ سان تعبير ڪيو آھي.
- ملاحظو = جاچ، خيال ۾ آڻڻ، نظر ۾ رکڻ.
- انھن = انھي.
- انھن ڪن = انھي ڪن، انھي خطري واري ھنڌ.

ھن بيت جي مطلب کي بيت نمبر 18 جي ڪيل معنيٰ سان ملائي سمجھڻ گھرجي.

ملاحظـــو مهـــراڻ جـــو، مـــور م لاءِ منـــاءُ
ســامونڊي ســياڳ ڪــي، ســمھڻ آيــو ســاءُ
جــاڳي جــر متــاءُ، تــاري وانءُ طــراز ڪــي

*(دا - 2 _ ب 20)*

- مهراڻ = ھت لفظ مهراڻ کي شاعر استعاري طور تي سمونڊ جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آھي.
- مور م = ڪڏھن بہ نہ، تہ ھت ظرف انڪاري جي صورت آھي.
- مورم لاءِ مناءِ = من تان، دل تان اھا ڳالھ ڪڏھن بہ نہ لاھ يا نہ وسار اھا ڪھڙي اھا ملاحظي جي جاچڻ جي ڏيان جي.
- سياڳ ڪي = ھت شاعر سياڳ سياڳائي، سڻائي جي معنيٰ ۾ انھي لفظ کي استعمال نہ ڪيو آھي، پر بيت جي سٽ انھي معنيٰ جو تعين نياڳ ۾ ڪري تي ڇاڪاڻ تہ پويان لفظ سمھڻ آيو آھي انھي ڪي چٽو ڪن ٿا. بنيادي طور تي اھا الٽي معنيٰ واري صفت آھي. مقصد ٿيو توکي نياڳ ڪنيو آھي. توکي سمھڻ مان ايتري راحت آئي آھي جو سڀ ڳالھ وسري ويئي.

هن بيت جو مطلب ۽ مقصد بہ بيت 18 ۽ 19 سان لڳي ٿو. وڏيڪ تشريح يا وضاحت صاف ظاهر پئي آهي.

تـاري وانءُ طـراز کـي منجهـان مـوج مـلاح
سـڏيون ڏيـن سـمونڊ جيـون، اونهـين جـا آگاهـ
سـونهن جـي صـلاح، وٺ تـہ ويـر لنگهـي وڃـين.

*(دا - 2 ـ ب 21)*

- تاري وانءُ = تاري وڃي، اڪاري وڃي.
- طراز = (ع) ٻيڙي.
- موج = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- ملاح = ناکئو، ٻيڙي هلائيندڙ.
- سُڏيون = سڏ ڏين، خبر ڏين، حقيقتون ٻڌائين.
- سڏيون ڏين سمونڊ جون = سمونڊ جي حالتن، ان جي اونهائي، لهرن ويرن ۽ گهيرن جي سڀ حال حقيقت ڏين.
- اونهين جا آگاهہ = اهي انهي اونهائي، سمونڊ جي عميق، گهرائي کان واقف آهن ڄاڻ رکن ٿا.
- سونهن = سڌ رکندڙ، ڄاڻو، واقف ڪار، اڳيان هلندڙ رستي جا ڄاڻو.
- صلاح = رٿ، مشورو.
- وٺ = تون وٺ.
- وير لنگهي وڃين = سمونڊ جي انهن چولين ۽ وير مان پار اڪري وڃين. جيڪي ملاح خبردار ۽ سڄاڻ آهن جن کي سمونڊ جي سيني حقيقتن جي جن کي متي ڏنو ويو آهي انهن جي خبر آهي.

اهي سمونڊ جي اونهائي کان واقف آهن انهي جي سُڌ ڏين ٿا، تون انهن سونهن، جي گس ڏيکاريندڙن جي صلاح وٺ، مشورو وٺ تہ انهن وڏين ويرن ۽ اونهن اوڙاهن مان اڪري پار پوين.

هن بيت ۾ دراصل سالڪ کي صلاح آهي تہ هو قلبي ذڪر جي سلسلي سان ڪنهن ڪامل رهبر جو هٿ وٺي جيڪو هن کي طريقن جي گس لائي، حقيقتن جي منزل تائين پهچائي.

سونهان سڏيون ڏين، ديواني درياهہ جون
ڪوڙ اوڏائي ڪين ڪين رڳو سچ سورين
عجز جو اڏ رات کي وڻج وهائين
سات نباهيو نين، ثابت انهہ سير مان

(دا - 2 ـــ ب 22)

- سونهان = معنيٰ اڳين بيتن ۾ ڏنل آهي.
- سڏيون ڏين = معنيٰ اڳين بيتن ۾ ڏنل آهي.
- ديواني درياهہ جون = هيبت واري سمونڊ جون سمونڊ جي مستي جون، ناڪئا يا ٻيڙياتا سمونڊ کي درياهہ بہ چون.
- عجز = (ع) نهٺائي، نياز مندي، هيڻائين، نوڙت.
- ڪوڙ کي بلڪل ويجها ڪين آهن هو رڳو سچ سورڻ وارا آهن.
- اڏ رات جو اتي الله جي درٻار ۾ ان جي بندگي ڪن، نوڙت سان نمن خوف ۽ رجا جو وکر وهائين ٿا. الله کي ٻانهي جي عجز واري عبادت پسند آهي.

انهي سير مان انهي دنيائي وهڪري مان خداوند قدوس جي فرمانبرداري، نيڪ عمل، عجز ۽ انڪساري سان ثابت نڪرن ٿا.

ثابت لنگهئا سير، لهرين لوڏيا ڪين ڪين
وڃي پهتا پار کي، نرتون منجهان نير
ماءِ پهتا مير، پار لنگهيائون ٻاجهہ سين

(دا - 2 ـــ ب 23)

- ثابت = سڄو نقصان ٿيل نہ هجي، سربستو.
- ثابت لنگهئا = سربستا بنا ڪنهن نقصان جي پار پيا، لنگهي ويا.

- پهتا پار ڪي = (اصطلاح پار پهچڻ) پار پهچي ويا، اُڪري ويا، هن پر وچي ٿيا.
- نرتون = وڏي سمجهه ۽ سُرت سان، نرت سان.
- ماءِ = مخفف ماڳ جو = ماڳ، مقرر جاءِ، هنڌ، بندر.
- مير = اهي ناڪئا، اهي ٻيڙن هلائڻ وارا.
- ٻار = اونهي پاڻي جي ڇڪ، سمونڊ جو ڪن، پاڻي جي وڏي لهر.
- لنگهيائون = لنگهي ويا. اڪري ويا.
- ٻاجهه سين = رب جي وڏي ڪرم سين، مالڪ جي مهر سان.

هت بظاهر ٻيڙياتن/ ملاحن جو اوکي سمونڊ جي سير مان ٻيڙن کي رب جي ٻاجهه سان پار اڪارڻ جو ذڪر آهي، اتي انهيءَ مان مراد انسان جو پنهنجو پاڻ کي دنيا جي حرص وهوس ۽ خرابين کان گناهن وارن ڪمن کان انهن شيطاني وسوسن جيڪي انسان کي راهه کان هٽائين ٿا، انهي اهڙي دنيائي خساري جي وهڪري مان هو ثابت لنگهي ويا ۽ انهن دينوي آلائشن، خرابين جو شڪار نه ٿيا وڏي سمجهه ۽ سرت سان پار پهتا اهو هنن جو پار پهچڻ پنهنجي منزل کي ماڻڻ سڀ رب جي ٻاجهه ۽ انهي ارحم الراحمين جي انهي ڪرم ۽ عضو جو نتيجو هو جو هو دنيا جي انهن خرابين مان لنگهي پار پيا.

ساٿِين سَنبت پَنڌَ جي، تُون ويَسرو ويرُ،
جوڙي جُنگ جَهاز کي ڪوڏ هَٽائج ڪيرُ
وَهي وَڻجارن جي بَندَرَ ڏانهن بَهيرَ
گَهرِ تَني جي ڪيرَ، جَنِ لاڳيدار لَنگهائِيا

(دا-2- بيت 24)

- سنبت = تياري، سنبرڻ، ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ.
- ويسَر = غافل، سست، ويسر وارو.
- ڪوڏ هيج، سرڏا، چاهه.

- ڪوڏ هٿائج ڪير = هن ۾ هٿائج (مصدر هٿڻ، امر هڻ وضايع هٿائج) ڪير = ميخون.
- وَهي وڻجارن جي = وڻجارن، واپارين وڻج وارن جي ٽولي پئي، سات هلي پيو، اهي بندر ڏانهن هلي پيا.
- ٻهير= ٽوليون، الاهي، جڃها، ٻهيرون، ٽوليون، اٿلي پيئون، اتالا، قطارون.
- ڪير = خوشي خير - خير مبارڪ، اچڻ تي خوشي.
- گهر تني جي ڪير = انهن جي گهرن ۾ خوشيون ٿي ويئون، خوشين جون خبرون يا مبارڪون اچي پئون.
- لاڳيدار = لاڳ يعني محصول، حصول وٺندڙ.

هن بيت ۾ شاعر ساٿين جي سمونڊ جي سفر تي پنڌ پوڻ جو ذڪر فرمائي ٿو تہ تون انهن جي وڃڻ کان ويسلو ۽ غافل آهين توکي بہ گهرجي تہ تون وڏو جهاز جوڙائي انهيءَ ۾ وڏي شوق سان ڏاڍا ۽ مضبوط ڪير/ ميخون هٿائي جئن اهي جهاز جي جوکي جو پوري ريت مقابلو ڪري سگهن. اهڙن مضبوط جهازن ۾ وڻج واپارن لاءِ وڻجارن جا بندر ڏانهن اتالا هلي پوندا آهن تہ اسان انهي ۾ وڻج ورايون يا وَڻج جون شيون رکون، ڇو تہ هي وڏو جهاز مضبوط ۽ جادو آهي، انهن وڻجارن جي گهرن ۾ خوشيون ۽ ڪيرون ٿيون وڃن جي محصول وٺندڙن وٽان خبر مٿي اچيو پنهنجي ماڳ پيڙا ٿين.

ويـــرم لائـــي ويهـــ مٿـــي آر اوڙاهـــ جـــي
پسـي پـــاڙي واريـــون، ڪـــج انديشـــو ايهـــ
ڏســين نـــ ويـنـدو ڏيهـــ، پـــتڻ هـــن پـــار مٿـــي

*(دا - 2 _ ب 25)*

- وير = ويرم، دير.
- ويرم لائي = دير نہ ڪر، وقت نہ وڃاءِ.

- مر لائي ويھ = لاھي نہ ويھ، دير نہ ڪري ويھ.
- آر = پاڻي جي پلٽ، پاڻي جو وڏو لاڙو/ وهڪ.
- اوڙاھ = اونهون پاڻي، سمونڊ جي اونهائي وارو هنڌ جتي پاڻي جي ڇڪ هجي.
- پسي = ڏسي، انهن جو حال معلوم ڪري.
- پاڙي واريون = پاڙي وارن جو حال جن جي پيتارن ڪي سمونڊ جي اوڙاھ جي اورڪ ٻوڙي ڇڏيو.
- ڪج = ڪجاڻ.
- انديشو = خيال، ڪتڪو.
- ايھُ = اهو.
- ڏيھ = ملڪ.
- پار مٿي = پار ڏانهن، پاروٽ.

هن بيت ۾ شاعر انهي امر جو اظهار ڪري ٿو تہ اوڙاھ جي آرمان اڪرڻ ۾ ويرم ٿي نہ ڪجي وقت نہ وڃائجي يعني تڪليف واري حالت مان جلد ڇوٽڪاري جي ڪوشش ڪجي. پاڙي وارين جو حال تو آڏو آهي، جن جي ولهن ۾ ونهين ڪي ڪاري ڪيڙڻ وقت اوڙاھ جي آر غرق ڪري ڇڏيو توڪي انهي ڳالھ جو انديشو، ڪتڪو، گمان هئڻ گهرجي تہ ڏيھ ڏانهن ٻيڙن ڪي پتڻ/ پتڻ جتي ٻيڙا ٻيهن لنگر هڻن انهي پار ڏانهن ڏسڻ گهرجي.

انئـي پهـر اوڙاهــ تـي منجهــ گرهــ گهـاري
وس نــ ويچـاري، تـہ ڪـا مـاڳ ڏڪـنـدي مڪـري

*(دا - 2 ــ ب 26)*

- انئي پهر = ڏينهن رات، هر وقت.
- گرھ، گريہ = (ف) گريہ گهاري = اوسيڙي ۾، زاري، نيزاري ۾، رب ڪي ستائڻ ۾.
- وس نہ ويچاري = ويچاري جو ڪوس نہ آهي.

- ماڳ = هنڌ، جاءِ.
- ڍڪندي = پهچندي، ايندي.

هن بيت ۾ انهي اوسيئڙي جو ذڪر آهي جيڪو ٻيڙياتن جي گهر وارن انهن جي وهن/ زالن جي انهي فڪر ۽ ڳڻتي کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن لاءِ اهي اٺ ئي پهر رب کي آزي نيزاري ڪن ٿيون گريہ زاري ڪن ٿيون، ستائين ٿيون تہ انهي اوڙاهہ جي آرمان ٻيڙا صحيح سلامت نڪرن.

ويچاري جي وس ۾ اها ڳالهہ نہ آهي ٻيڙي ماڳ تي ڪا سلامت پهچندي متي هن جي گريہ جو بيان شاعر انهي ڪري ڪيو آهي تہ امڪان ۽ انديشي کي زندگي ۾ نظر انداز ڪري نہ ٿو سگهجي، ڪڏهن بہ ڪنهن وقت بہ ڪا ڳالهہ پيش اچي سگهي ٿي، جا ڏکيائي واري هجي.

دنيـــا ســـپ درياهـــ، ڪـــو ڪـــو تـــارو تنهـــ ۾
هڪـــڙي لهـــر لـــوپ جـــي، ٻئـــو آتشـــي اوڙاهـــ
طـــالبن توڙاهـــ، مـــوڙي چـــاڙهي مڪُـــري*

*(دا - 2 – بيت 27)*

- دنيا سپ درياهہ = هي دنيا جهان درياهہ جي مثل آهي جيئن درياهہ وهندڙ آهي تيئن هي جهان ۽ جڳت پڻ هلندڙ چرخي جيان آهي انهي ڪري فارسي واري هن کي چرخ نيل فام پڻ ڪري ڪوٺيو آهي.
- ڪوڪو = ورلي.
- تارو = تري ڄاڻندڙ.
- تنهہ ۾ = ان ۾.
- لهر لوپ جي = لوپ ۽ لالچ اچا بہ ڪپي جو هوس.
- آتشي اوڙاهہ = حوس واري ذهنيت حوس وارو اوڙاهہ. حوس اهڙو مرض آهي جنهن انسان کي لڳو ان مان انهيءَ جو نڪرڻ مشڪل آهي.

---

* هي بيت انصاري جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ نہ آهي (ڪاشف)

- طالبن = طلب رکندڙ هت مراد آهي حق جي طالبن.
- توڙاهه = توڙ تائين، آخر تائين.
- موڙي چاڙهي مکُري = حق جي طالبن سچ جو گهورت دنيا جي حوس، لوڀ، لالچ کان پاسو ڪري پاڻ بچائي ٻيڙي هاڪاري هلئا.

هي جهان لوڀ ۽ لالچ موهه ۽ مايا سان ڀريو پيو آهي، انهي دنيائي درياهه مان ڪو ڪو تارو تري ٻاهر نڪري ٿو ڇاڪاڻ ته انسان جي فطرت حوس ۽ لالچ جا جذبا اهڙا آهن جيڪي هن کي زندگي جي سنئين رستي تي هلڻ ئي نه ڏيندا آهن. لوڀ هڪڙو آتشي اوڙاهه آهي جنهن مان بچڻ ڏاڍو مشڪل آهي پر حق جا طالب سچ جا گهورا، خير جا ڳولائو انهي شر وارو شور رکندڙ درياءَ جي انهي اوڙاهه کان پنهنجو رخ موڙي پاڻ بچائي پنهنجي منزل وڃي حاصل ڪن ٿا.

## وائي

سهسين شڪرانا، ڪر سهسين شڪرانا
ڪوڙين ڀال ڪريم جا
حمد چئو حڪيم ڪي ظاهر زبانا
تو ڏيکاري تو ڏٺي باطن جا بانا
متان مرد وسارين صاحب جو ثنا
درست رکي دل ۾ پڙهه لالڻ لسانا
جفا ڏيئي جان ڪي تيءَ فڪر منجهه فنا
تُسي توسين توهه ڪري آگو احسانا
ڪڏ تون دغا دل مان ٻانهپ سين ٻانها
صاحب وٽي سچ سين، تيءَ دانهه ديوانا!
جي تحقيق ٿئا تسليم سين، اوءِ ڪيئن امانا
جاڳئا جي جبار لئي سيئي سمانا

"فــــاذكروني اذكـــــركم" كهئــــو قرانـــــا
"واشــكروالي ولا تكفــرون" كــڏ تــون كفرانـــا
ســـــپ ســــنوارئا ســـــپرين قـــــوال توكنـــــا
چڱـــــي چـــئج چاهـــ ســــين مـــدح ايءُ منـــــا
تائـــب تـــــي تكـــــڙو جـــو شــــان جوانــــا!
لهـــين تـــون لطيـــف كـــان اَمُـــنُ امانـــــا.

هي وائي سچي داستان جي ڪيفيت ۽ ڪميت جو تت چئجي تہ بجاءِ آهي، يا ان جي انهي داستان گيرائي ۽ گهرائي سان تعبير ڪجي، انهي چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هي وائي سچي داستان جو نچوڙ آهي. جنهن ۾ ناڪئي جي استعاري ۽ سمونڊ جي بيان سان انساني زندگي جي انهن روين جي ترجماني هڪ طرف آهي تہ ٻئي طرف مقصد جي حصول لاءِ جدوجهد ۽ ان جي پوري ٿيڻ تي جن خيالن جو اندر ۾ اچڻ آهي شاهہ لطيف پنهنجي عميق مشاهدي ۽ روحاني رمز ڪي بيان فرمايو آهي:

فرمائين ٿا تہ سهسين تمام گهٽا سون جي تعداد ۾ سوين ڀيرا شڪرانا جو ڪريم جا ڪوڙئين يعني ڪروڙين ڀال ڀلايون آهن.

انهيءَ لاءِ انهي حڪيم انهي حڪمت جي ڏٺي جي حمد ۽ تعريف پنهنجي زبان سان ڪر جيڪو ظاهر توڙي باطن پڌريون توڙي ڳجهيون حقيقتون ڏيکاري ٿو. اي انسان تون جي شناس وارو آهين تہ صاحب جي ثناءَ ۽ ساراهہ ڪي نہ وسار هردم انهي ڪي پنهنجي دل تي ذڪر طور آڻ ۽ خبرداريءَ سان دل ۾ توڙي زبان سان اهو الاهي ذڪر ڪر ۽ مالڪ جو شان بيان ڪر.

پنهنجي جان ڪي پنهنجي وجود ڪي انهي فڪر ۾ فنا ڪر جيڪو حق توتي پنهنجي سمجهڻ لاءِ واجب ڪيو "وفي النفسكم افلا تبصرو" اوهين پنهنجي نفسن ۾ جهاتي پايو پنهنجي پاڻ تي غور ڪيو، تہ رب العالمين اوهان تي ڪيڏا احسان ۽ ڀلايون ڪيون آهن. رب جي ذات ڪي

حق ۽ سچ پسند آهي، اي! ٻانها اي ٻندا تون دل مان دغا ۽ دوئي ڪڍي حق جي حقانيت ۽ واحد جي واحديت اي دانهہ بيان ڪر.

چاڪاڻ تہ جن تحقيق ۽ تسليم يعني رضا الاهي کي اختيار ڪيو اهي امن ۾ آهن، ڇو تہ هنن هر ڳالهہ لاءِ پاڻ کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اهي انهي ٻانهپ ۽ ٻيلپ ۾ آهن. جيڪي رب جبار کي راتيون جاڳيئا، عبادت ڪيل ۽ حق جي ڳولا ڪيل اهي واعدي تي پورا آهن. ڇو تہ هنن ”فاذڪروني اذڪرڪم“ تون مون کي ياد ڪر آئون توکي ياد ڪريان جي حڪم تي عمل ڪيو. اهو رب جو قول آهي ان جو ارشاد آهي. اوهين مون کي ياد ڪريو آئون اوهان کي ياد ڪندس.

اي انسان تون ان مالڪ رب العالمين جي شڪر ڪرڻ وارن مان ٿي پنهنجي مالڪ جي نعمتن ان جي ربوبيت، ان جي حقانيت جو انڪار نہ ڪر، رب جي نعمتن جو انڪار ڪفر جي برابر آهي.

پنهنجي رب انسان سان جيڪي واعدا ڪيا آهن اهي پورا ڪيا آهن.

تون پنهنجي من مان دل جي گهراين مان انهي رب جي ساراهہ ڪر حمد ڪر، ۽ توبهہ تائب ٿي رب جي حضور عجز ۽ عاجزي اختيار ڪري پاڻ ۾ خشيت الاهي جي ڪيفيت پيدا ڪر، اي جوان اها وڏي جوش ۽ چاهہ مان ڪر تہ تون انهي مالڪ الملڪ جيڪو اللطيف يعني لطف ڪرڻ وارو آهي. انهي جي امن امان هيٺ اچين ۽ توتي انهي لطف جي پالوٽ رهي.

# سر سر راڳ

## داستان ٽيون

اڳھين اتو ماڻ، تہ مک پنھنجي مڪري
پورا شڪ م پاڻ، لھريون صحيءَ لڳنديون.

*(دا - 3 ـ ب 1)*

- اتو ماڻ = چيو ماڻ، مون چيو.
- اڳھين = اڳ ۾ ئي، شروع ۾ ئي.
- مک = (مصدر مکڻ امر مک) لڳائي، تيل لڳائي، تيل مک.
- مڪري = هن جي معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- مک پنھنجي مڪري = پنھنجي ٻيڙيءَ کي تيل، مک اهو تيل مڇي جي چربيءَ جو ٺهندو آهي. جنھن کي ملاح، ناکئا، مهاڻا، وڏن مڇن کي ماري ان مان حاصل ڪندا آهن. اهو تيل ٻيڙن کي لڳائيندا آهن جيئن سمونڊ جو پاڻي يا ڍنڍ يا درياهہ جو پاڻي ٻيڙي جي ڪاٺ ۾ پوسل پيدا نہ ڪري يا کارو پاڻي ٻيڙي جي ڪاٺ کي نہ کائي.
- پورا = ڳھيلا، ٿوري سمجھ وارا، وسوڙل.
- شڪ م پاڻ = انهي ۾ ڪو شڪ ۽ گمان نہ رک.
- لھريون صحيءَ لڳنديون = لھرون وڏي تک ۽ وير واريون نہ هونديون.
- مون تو کي پھرئين چيو تہ پنھنجي ٻيڙي کي مک ڏي اهو تيل لڳاءِ جيئن هن تي سمونڊ جي پاڻي جو اثر نہ ٿئي.

اي! ڳهيلا، پورا، اي! وسوڙل انهي ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه پانءِ ته لهرون صحي لڳنديون ۽ ان ۾ ڪا ٽڪ ڪا نه ايندي ۽ آرُ نه ڪنديون.

وڻجـارا وينـــي، تــو نـــ ســرندي شـــاهه ري
مــڪ پنهنجــي مڪــري، چڱــي ڪــر چيتـــي
پاســـا پـــاڪڙين جـــا ســـمونڊ تـــو ســـيڪي
جي لنـڊا منجهه ليڪي، ويـر وڙهنـدي تـن سين.

*(دا - 3 ـ ب 2)*

- وڻجارا = وڻج = واپار = واپار ڪرڻ وارا، مال سورڻ ۽ وڻڻ وارا، واپاري.
- تو نه سرندي = ويني تنهنجي ڪا نه سرندي،/ ڪاروبار نه ڪندين وڻج نه ڪندي ته ڪا نه سرندي.
- شاهه ري = وڏو واپاري شاهه واپاري، شاهه واپاري کان سواءِ، بندر جو شاهه، محصول اڳاڙيندڙ.
- چيتي = اصطلاح چيٽ ڪرڻ، چڱي ريت جاچڻ، غور ۽ چيٽ سان ڏسڻ.
- پاسا پاڪڙين جا = ٻيڙين جا پاسا.
- سيڪي تو = ڏڪ هٽي تو، سمونڊ جو پاڻي پاسن کي ڏڪ هٽي تو.
- لنڊا = ڪوتهه، ڪٽيل، ننڊا، ناقص اڻپورا.
- وير وڙهندي = وير انهن کي نقصان پهچائيندي.

اي وڻجارا، وننڊڙ ۽ وڪڻندڙ ويني تنهنجي ڪا نه سرندي چو ته توکي بندر جي شاهه کي انهي محصول اڳاڙڻ واري کي محصول ڏيڻو آهي، چو ته تنهنجي ٻيڙي آهي ۽ اها انهي بندر تان انهي ماڳ تان سمونڊ ۾ هلي ٿي، مال ڍوئي ٿي.

تون اٿ پنهنجي ٻيڙي کي تيل جو مک ڏي ۽ چڱي چيٽ ۽ سنيال ڪر ته ڪٿي ڪا خرابي ته ڪا نه آهي.

چاڪاڻ تہ سمونڊ جو پاڻي ڏڪ هڻي ٿو جن ٻيڙين جا پاسا ڪوتھ ۽ ننڍا آهن انهن کي نقصان ٿئي ٿو. انهن ننڍن پاسن وارين ٻيڙين سان وير وڙهندي آهي.

مــــڪ ڏيهــــاڻي مڪـــــري، تُـــــن تنيـــــدو آءِ
ســـانباهي ســـــمونڊ جـــــي مُنـــــا مـــــور م لاءِ
اڄ ڪـي سـنجهہ صـباح، اهرنـدين اتانگهہ تـڙين.

(دا - 3 ـــ ب 3)

- تُن = سوراخ، تري ۾ پيل.
- تنيدو آءُ = انهن تري وارن سوراخن کي تنگن کي پريندو، بند ڪندو اچ.
- سانباهي سمونڊ جي = سمونڊ جو اٿڻ ان ۾ لهرن جو مٿي چڙهڻ.
- منا = من تان، دل تان.
- منا مور م لاءِ = پنهنجي دل تان سمونڊ جي اٿڻ جي ڳالهہ ۽ خيال نہ لاهہ.
- اهرندين = هلندين، ٻيڙي هاڪاريندي، ڪاهيندين.
- اتانگهہ = لا = نہ + تانگهہ = تانگهو) = جيڪو تانگهو نہ هجي يعني اونهون
- اتانگهہ تڙين = اونهن تڙن ڏانهن هلندين.

پنهنجي ٻيڙي کي ڏيهاڻي انهي تيل جو مڪ ڏي ۽ جتي ڪو تن ۽ سوراخ آهي تہ ان کي بند ڪر.

پنهنجي سمونڊ جي اٿلڻ ان جي ويرن جي ورڻ جي خيال کي دل مان نہ ڪڍ ڇو تہ اڄ يا سڀاڻي سانجهي يا صبوح جو تون اسهندين سفر تي ۽ سمونڊ جي انهن تڙن ڏي تون هلندين جتي سمونڊ سانباهو ڪري ٿو.

هن بيت يا هن ڪان اڳين بيتن ۾ انسان کي اها نصيحت آهي ۽ ان جو ڏيان انهي ڳالهہ ڏانهن شاعر ڇڪائي ٿو تہ تون پنهنجي پاڻ کي سنڀال پنهنجي اندر جو جائزو وٺ جيڪي جانيون خرابيون جيڪي ٻيڙي سوراخن جيان آهن. انهن کي پنهنجي وجود مان دور ڪر، چاڪاڻ تہ اڄ يا صباح توکي اتي هلڻو آهي. جتي ڪا سولائي ڪا نہ آهي توکي پڇا ڏيڻي پوندي.

مــون ٿـــي چيئـ ڪانــڌ! ٻُـتـــي ٻـــاڙ مر مڪـــري
ســڙهـ پراٽـــا پانــڌ، لهريــون صــحيءَ لڳنــديون

(دا - 3 ــ ب 4)

- مون ٿي چيئـ = مون چيو ٿي، مون چيو پئي.
- ڪانڌ = اي منهنجا پيارا پيتار، گهر ڌڻي، ولها.
- ٻُتي = سڙيل، ڳريل، پراڻي ڪاٺ واري.
- ٻاڙ مر = ٻاڙي تي نـ وڃ، هت "مر" نـ جي صورت ۾ آيل آهي.
- سڙهـ پراٽا پاند = سڙهن جا پاند، پاسا تـ پراڻا ٿي آهن جن ۾ ڪو جهلو نـ آهي، جو واءَ جي ست سهي سگهن.
- لهريون = چوليون.
- صحيءَ لڳنديون = پوري ريت، چڱي طرح سان لڳنديون.

هن بيت ۾ ناڪئي جي وني پنهنجي ڪانڌ کي، پيتار کي چوي ٿي تـ تو جيڪا ٻيڙي ٻاڙي تي ورتي آهي، اها تـ پيتل ۽ پراڻي ڪاٺ جي آهي، جيڪا پاڻي جي ڇوهي جي ست سهي نـ سگهندي.

ٻيو تـ هن جا سڙهـ پراٽا آهن سڙهن جا پاند پاسا پيا ٻڌائين ڏيک ڏين تـ هنن ۾ واءَ جي زور جي ست سهڻ جي طاقت ٿي نـ آهي. چو تـ جڏهن سمونڊ ۾ لهرون صحي لڳن ٿيون تـ انهن جي اتاءَ تي هوا زور وني ٿي اتي اهي پراٽا سڙهـ سات نـ ڏيندا.

منجهـــا پيئـــي مڪـــريءَ، ڪـــا جـــا پـــاڻي پـــڪ
وڪـــر هئـــي وٽـــڪ، ڪتجـــي ڪـــارو ٿئـــو.*

(دا - 3 ــ ب 5)

- منجها/ منجهان = اندران، اندر مان.
- منجها پئي مڪريءَ = ٻيڙيءَ کي اندران.

* هي بيت انصاري جي ترتيب ڏنل شاهـ جي رسالي ۾ نـ آهي (ڪاشف)

- ڪاپاٽي پڪ = پاٽي جو ذرو (اصطلاح پاٽي لوڻ) پاٽي پئجي ويو.
- وکرُ = سامان.
- هئي وٽڪ = ڪٽ لڳي ويو، ڪٽجي ويو، ڪسجي ويو.

بيڙي ۾ يتي يا پراٽي ڪاٽ هئڻ سبب ان مان پاٽي رسي آيو.

انهي پاٽي بيڙي ۾ پيل وکر ۽ سامان کي خراب ڪري ڇڏيو چاڪاڻ ته پاٽي لڳڻ سبب سامان کي ڪس لڳي ته ڪنهن کي ڪٽ چڙهي پيو ته ڪو سياندجي ويو ڪارو ٿي خراب ٿي پيو.

ڳالهہ آهي انسان جي اندر جي ته اندر ۾ براين ۽ مداين جو ڪاٽ لڳي پيو ته اهو انهن نيڪين ۽ چڱاين کي ائين خراب ڪري ڪٽي ڪس وارو ڪري وجهندو جيئن بيڙي ۾ پاٽي جي پڪ سبب وکر خراب ٿيو پوي، تيئن انسان جو اندر به اهڙي ريت خراب ٿيو پوي ۽ هن جون نيڪيون متاثر ٿيو پون.

منجهـا پيئـي مڪـري، ڪـا جـا پـاٽي بونـد
مـون سـي ڏنـا رونـد، وکـر جـن وجـائيو.

*(دا - 3 ـــ ب 6)*

- بوند = پاٽي جا ڦڙا، پٽي جو ذرو.
- روند = رئندي، افسوس ڪندي، سدائين رئندي.

هن بيت جو مطلب اڳئين بيت سان ملندڙ آهي پنهين جي مطلب ۽ صورت ۾ هڪجهڙائي آهي ان لاءِ پنهين بيتن کي لاڳيتو ڪري ڄاڻايل مطلب حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪو مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

تـــوڙي تـــوائي، تـــوءِ تنهنجـــي آســـري
جئن وٽجاري سين وکري، تئن مون گهر سرهائي
سـجڻ ڳـر لائـي، ڪيـرون ڏينـدس جيـڏيين.

*(دا - 3 ـــ ب 7)*

- توڙي توائي = جيتوٽيڪ بيڙي تڙ کان ئي توائي ٿي ويئي آهي. پري ٿي ويئي آهي. پنهنجي ماڳ نہ پهتي آهي.

- توءِ = پوءِ بہ، وري بہ.
- تنهنجي آسري = تنهنجي ڀروسي، مدد (پوءِ بہ تنهنجي آسري تي آهي).
- وکري = وکر (واحد) وکري (جمع) گهٽو وکر الاهي سامان.
- تئن = تهڙي ريت.
- مون گهر سرهائي = منهنجي گهر خوشي آهي.
- سڄڻ = محبوب، پيارو.
- ڳرلائي = محبوب جي پياري، ڀاڪر ۾، ڳلي لڳل.
- کيرون = خوشيون، مبارڪون.
- جيڏيين = جيڏن کي، هڪ جيڏين، سهيلين کي.

هن بيت ۾ ٻيڙياتي جي محبوب/زال جي انهي محبت ۽ آسري جو ذڪر آهي. جنهن ۾ هو چوي ٿي تہ ٻيڙي ڪپر تان هلندي ئي توائي ٿي ويئي، ويرن ور چڙهي ويئي يا ڳس پلجي ويئي ۽ پنهنجي ماڳ تي، بندر تي نہ پهتي.

جيئن وڻجاري سان وکر گهٽو آهي. اهڙي ريت منهنجي گهر لاءِ بہ اهڙي سرهائي جي اميد آهي، جنهن ۾ سڄڻ اچي ۽ اچي مون کي پنهنجي ڳلي لڳائي، ڳرلاءِ تہ جيئن آئون پنهنجي جيڏين کي مبارڪون ڏيان. کيرون/ واڌايون ڏيان تہ خير سان سڄڻ آيا.

ٻيـــڙي تنهنجـــي ٻاجهـــ وکـــر تنهـــ وصـــال جـــو
کوهـــا اولا ان جـــا، سِـــپ ســـونهارا ســـاج
معلـــم جـــت محتـــاج، اُت پـــورڻ وارو پـــاڻ ڏٽـــي

(دا - 3 ـ ب 8)

- ٻيڙي تنهن جي ٻاجهہ = تنهنجي ٻيڙي ٻاجهہ جي آهي.
- وکر = سامان.
- تنهہ وصال جو = انهيءَ ۾ وصال جو، ميڙائي جو، محبت جو وکر آهي، تو وصال جو وکر وڌو آهي. ميلاپ ۽ ملڻ جو سامان سهڙيو آهي.

- ڪوهاڻ اولا ان جا .... انهہ = انهي محبت واريءَ ٻاجهہ واري ٻيڙي جا سڀ ساز سامان سونهن وارا ۽ ڀلا آهن، سهجيل ۽ سٺا آهن.
- معلم = علم سيکاريندڙ، رهبري ڪندڙ (جيئن حاجين لاءِ حج تي معلم هوندا آهن).
- معلم جت محتاج = خبر ڏيندڙن، سيکاريندڙن جي هوندي بہ ناکئا اتي محتاج ٿيو پون سندن وس نہ هلندو آهي.
- اُت = اُتي، انهي جاءِ، انهي هنڌ، ماڳ.
- پورڻ وارو پاڻ ڏٺي = اتي جتي معلم، خبر ڏيندڙ بي وس ٿي پوندا آهن تہ اونهي عميق ۾ ڇا آهي. اتي پاڻ ڏٺي، الله تعاليٰ اڪارڻ وارو، هلائڻ وارو آهي. هن بيت ۾ شاعر انسان جي وجود کي ٻيڙي سان مناسبت ڏيندي فرمائي ٿو تہ تنهنجو وجود ٻاجهہ ڀريو آهي. توکي انساني جامو رب عنايت ڪيو آهي. جيئن قرآن حڪيم ۾ ارشاد آهي تہ ”لقد خلق الانسان في احسن تقويم“ اسان انسان کي احسن ۽ سهڻو ڪري پيدا ڪيو آهي. انسان جو وجود ڪرم ۽ ٻاجهہ جو پيڪر بہ آهي تہ محتاج بہ. انهي وجود ۾ جيڪو امر ”الست بربڪم“ سان آهي اهو وصال جي وڪر برابر آهي. انسان کي پنهنجي هٿن پيرن، اکين، مطلب نہ ٻي مخلوقات جي مقابلي ۾ سڀ بهتر قوتون عطا ڪيون آهن. انهن ڳالهين جي باوجود انسان حق جي واٽ کان غافل ٿيو وڃي پنهنجي رب جي عنايت کان بي خبر ٿيو وڃي جيڪا حالت انهي عميق ۾ وڃڻ جهڙي آهي. معلم ۽ سونهان پيغام آٽيندڙ بہ محو حيرت ٿيو پون انهي حالت ۾ پار اڪارڻ وارو پاڻ ڏٺي يعني رب تعاليٰ جي ذات ڪريمي آهي.

ٻيـــڙي پراڻـــي، وڪـــرُ پـــاءِ مر وتـــرو
تـــري ۾ تـــن پيـــا، پاســـنئون پـــاڻي
هـيءَ هـڏ وهـاڻي، ڪڙهـ ڪـالهوڻي ڏينهـ ڪـي

(دا - 3 _ ب 9)

- پراٽي = جهوني.
- وکر = سامان.
- پاءِ ۾ وترو = گهڻو سامان ۽ وکر نہ وجھہ.
- تري ۾ تُن پيا = ٻيڙي پراڻي سبب تري ۾ سوراخ پيا آهن.
- پاسئون پاڻي = پاسن کان انهي پراڻي ٻيڙي کي پاڻي آهي.
- هي هڏ وهاڻي = اڄ هي هوند گذري ويئي اهو وقت گذري ويو وهامي ويو، هليو ويو.
- ڪڙهہ = اونوڪر، خيال ڪر، تمام گهڻو ويچار ڪر.
- ڪالهوڻي = ڪالهہ = سياڻي جيڪو اڄ کان پوءِ ڏينهن ايندو.
- ڪڙهہ ڪالهوڻي ڏينهہ کي = سياڻي جيڪو ڏينهہ ايندو ان لاءِ سوچ ان لاءِ اونو ۽ خيال ڪر.

هن بيت ۾ چيل آهي تہ تون پراڻي ٻيڙي ۾ گهڻو وکر وجهي سمونڊ ۾ ڪاهي پوين ٿو هڪ طرف تہ ٻيڙي پراڻي ۽ پُتل آهي ٻيو ان جي تري ۾ تن يا سوراخ آهن جن مان اندر پاڻي رسي ايندو ان کان سواءِ پاسن ۾ چوهہ پرين چولين جو جيڪو پاڻي لڳندو انهي کي اها پتي ٻيڙي برداشت ڪري نہ سگهندي. هي وقت تہ ڏکيو سکيو گذاري وئين پر ايندڙ ڏينهن جو خيال ڪر.

هن ۾ بنيادي نڪتو انسان کي متنبهہ ڪرڻ آهي تہ پنهنجي وجود تي غلطين ۽ خطائن جو ايترو بار وجهہ جو ان جي حساب ڪتاب جي عمل کي آخرت ۾ برداشت ڪري سگهين، دنيا ۾ تہ وقت گذاري ويندين پر آخرت ۾ جتي پڇاڻو ٿيندو انهي ڏينهن کي ڪڙهہ، ان لاءِ ويچار، بيت ۾ انسان جي پنهنجي نفس جي اصلاح ۽ نيڪ عمل لاءِ زور ڏنل آهي.

تري تن پياس، پاسئون پاڻي وهي
کوهو جُهر جهنو ٿئو، لاڇو سپ لڙياس،
جيلاهہ سڌر سڪاڻياس، وهي تي وهہ سامهون

(دا - 3 _ ب 10)

- تري تُن پياس = تري ۾ انهي ٻيڙي کي سوراخ تي پيل آهن.
- پاسنئون = پاسن کان.
- پاسنئون پاڻي وهي = پاسن کان انهي کي وهڪ سان اچيو پاڻي لڳي.
- کوهو = ٻيڙي جي پرجهلي واري ڪاٺي.
- جهر جهنو = تمام گهڻو جهونو تي ويل آهي، يا گهڻو پراڻو تي ويو آهي، بي زور آهي.
- لاڄو = کوهي واري ڪاٺي کي ٻڌل رسا.
- لاڄو سڀ لڙياس = کوهي وارا سڀ رسا کوهي جي جهوني هئڻ سبب بي زور ٿيل آهن لڙي پيل آهن.
- سڌر = ڄاڻو، سمجهو، حوصلي وارا.
- سڌرُ سڪاڻياس = انهي ٻيڙي جا سڪاڻي يا ناکئا، هلائڻ وارا، سمجهو ۽ حوصلي وارا آهن.
- وهہ = وهڪرو، تک.
- وهہ سامهون = وير سامهون، وڏين ڇولين سامهون، چاڙهہ سامهون.

شاعر هن بيت ۾ ٻيڙي جي تري ۾ تنن ۽ پاسن کان پاڻي جي دٻاءَ ۽ کوهي جي جهوني هجڻ ۽ لاڄن جي لڙڻ جي جنهن انداز سان ڳالهہ ڪئي آهي اها انسان تي بہ صادق اچي ٿي، ان جي زندگي جي عمل ۽ خامين جيڪي تنن جي برابر آهن ۽ وقت جي دٻاءَ يا زماني جي لهر سان وهي وڃڻ جي مامر اهو اظهار فرمائي ٿو تہ عمر رسيده تي ويئي نيڪي ۽ چڱي عمل جي ڪا پاس خاطري نہ تي تہ ائين چئجي تہ طالب پاڻ کي حق جي راهہ ۾ هلڻ لاءِ اجا اورتي آهي. انهي هنڌ ۽ ماڳ نہ پهتو آهي جو چئجي تہ تڪميل تي ويئي اٿس حالانڪ سندس مسڪاڻي سڄاڻ ۽ پختو آهي. ان جي رهبري سان انهن ڏکين منزلن جيڪي قبض ۽ بسط يا فقر ۽ غنا جي سلسلي ۾اچن ٿيون اهي پنهنجي ڪامل مرشد جي ذريعي طئي ڪري ويندو، ۽ اهي وسوسا ۽ خطرا وهڪ جيان آهن اهي لهي ويندا.

وينـــو تـــن تنـــيس، تـــڪ ڏيهـــاٽي مڪـــري
ســـنباهي ســـيد چئـــي، متـــي نـــاءُ نئيـــنس
وتـــــائي وڏانـــــدرا لاڄـــــو لڳـــــائينس
آخــر اُهــرائينس تــہ جوڪــو ٿئي نــہ جــڙا وڪــي *

(دا - 3 _ ب 11)

- تن تنيس = سوراخ بند ڪرينس.
- مڪ ڏيهاٽي = ڏهاڙي، روزانو مڪ ڏينس، مڪينس.
- سنباهي = (مصدر سنباهڻ = تيار ڪرڻ) تيار ڪري پوري ريت يا طرح سان تيار ڪري.
- نانءُ، ناوَ = نوَڪو، سمونڊ جي ڪاري يا ڀورو جنهن ذريعي يا گس سان ٻيڙو يا ٻيڙي ٻاهران سمونڊ مان اندر ڪناري ڏانهن اچي.
- نئينس = وني اچينس، انهي رستي سان اندر آڻ.
- متي ناءُ (ناوَ) نئينس = ٻيڙي ڪي پوري ريت تن ڀري جوڙي ناهي پاڻي ۾ لاهه، ٻاهر سمونڊ ۾ هاڪارڻ لاءِ انهي ڀوري يا ڪاري ذريعي هلائينس، هاڪارينس.
- وتائي وڏاندرا لاڄو = اهي وڏا رسا چڱي ريت وتائي انهن ۾ لاڄو لڳاءِ
- اهرا لئينس = مصدر اوهرڻ س. اَپسرڻ، اپ = پري+ سرڻ = وڃڻ) هڪلڻ ڪاهڻ هلائينس، ڪاهينس، هاڪاريس.
- جوڪو = نقصان.
- /* جڙاوَ ڪي = جڙاوت ڪي مقصد ٻيڙي جي جڙاوت يا بناوت ۽ ان جي مختلف ڀاڱن ڪي هن بيت ۾ شاعر ناڪئي ڪي نصيحت ڪندي ان جي ڪرت ڪي نظر ۾ رکندي فرمائي ٿو تہ ٻيڙي جيڪا جهور جهوني آهي انهن جي تنن ڪي بند ڪر ۽ ڏيهاٽي يعني روزانو مڪ ڏينس تہ جيئن اهو

---

* هن بيت ۾ انصاري لفظ "جهاز" استعمال ڪيو آهي جيڪو وڌيڪ شستہ آهي (ڪاشف)

پتو ڪاٺ تيل هاڻو ٿئي. سيد شاهہ عبداللطيف فرمائي ٿو تہ انهي ڪان پوءِ سنباهي تيار ڪري چڱي طرح سان تہ هاڻي صحيح آهي. وڏا لاچو لڳائينس اهي پختا وٽيل آهن. جڏهن اهي سپ ڪمر سرانجام ٿي وڃن تہ پوءِ انهي ڊوري يا ڪاري ۾ ٻيڙي کي لاهي ۽ سمونڊ ڏانهن اندر هاڪارينس. بندر جو هي رستو آهي تہ ٻيڙا يا جهاز سندا ڪناري تي نہ اچي لڳندا آهن پر اهي انهن ڪارين ۽ ڊورن ذريعي جن ۾ سمونڊ جي چولين ۽ وير جي وهڪ نہ هوندي آهي انهن جي وسيلي هلي اچي لنگر انداز ٿيندا آهن. جي ويندا تہ بہ انهن ڪارين ذريعي، اج جي دور ۾ انهن کي ساموندي بندر جا چئنل چيو ويندو آهي.

تُن تنيدو آءِ، مڪ ڏهاڙي مڪڙي
سانباهي سمونڊ جي، منا مور مَ لاهہ
اج ڪ سنجهہ صباح، اُهرندي اتانگ تڙين.

*(دا - 3 ـــ ب 11 - الف)*

- تن تنيدو = سوراخ بند ڪندو.
- مڪ ڏهاڙي = هر روز مڪڙي/ ٻيڙي کي مڪ ڏي.
- سانباهي = مصدر سانباهڻ / سانيارڻ اصل لفظ آهي سانيارڻ (س، سنڪ+ آرو = پچاڙي) = اڳياڙ اچڻ، سامهون.
- سانباهي سمونڊ جي = سمونڊ جو اڳياڙ اچڻ/ سمونڊ کي منهن ڏيڻ
- منا = من تان.
- مور مر = ڪڏهين بہ نہ بلڪل نہ.
- مر لاهہ = نہ لاهہ.
- اجُ ڪِ سنجهہ صباح = اج يا سياڻي
- اهرندي = اڳئين بيت ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- اتانگ = (ا= نہ + تانگ = تانگها) = جيڪي تانگها نہ آهن بلڪ اونها ۽ عميق آهن.

- ٽڙين = (جمع) واحد ٽڙ = جتي جهاز يا ٻيڙا اچي بيهن ۽ اتان رواند ٿين، بندر، تون پنهنجي ٻيڙي جي هر روز سار سنڀال ڪر مڪ ڏي ٽُن بند ڪر توکي سمونڊ جي اڳيان اچڻ جو خيال هرگز دل مان لاهڻ نه گهرجي ڇو ته تنهنجو ڪم ئي اهڙو آهي جنهن جو واسطو سمونڊ سان آهي، توکي اها پڪ هئڻ گهرجي ته اج يا سڀاڻي تون اونهن ٽڙن ڏي هلندي. هن بيت توڙي هن کان اڳئين بيت ٻنهين ۾ معنوي مطلب ساڳيو آهي. انسان کي اڳتي هلڻ کان يعني پنهنجي آخري سفر کان بي خبر نه هئڻ گهرجي، هو پاڻ کي ڪيترو به ناهي ۽ ڪيئن به تصور ڪري پر انهي کي انهي موت جي ڪڙي ڏک کي پٽڻو آهي ۽ اتي وڃڻو آهي جتان ڪو به نه موٽيو آهي. اها وڃڻ واري جاءِ اونهي عميق جيان آهي.

وٺــي وجهـــ وکـــر جـــا، ڏنگـــيءَ ۾ داڻـــا*
ويـــر ورنديـئـــ ويـســـرا! ويهـــ مَ ويڳاڻـــا
هــيءَ ننــڊ نــ ڄاڻــا، ڪـڏهن هٽنديـئـ ڪُـن ۾

(دا - 3 ـ ب 12)

- وجهہ = تون وجهہ.
- وکر = سامان.
- ڏنگيءَ = ٻيڙي.
- ورنديئہ = پوئتي موٽنديءَ، پاڻي لهي ويندو، پاڻي لهي ويو ته پوءِ تنهنجي ٻيڙي يا ته سڪي تي ايندي يا تانگهي پاڻي سبب هلي نہ سگهندي.
- ويهہ مر = نہ ويهہ، اونو ڪر، ويسرو نہ ٿي
- هي ننڊ = تنهنجي اها ننڊ ، غفلت، سستي، آرس.
- هٽنديئہ = توکي هٽندي.

---

* بيت جي پهرئين سٽ انصاري وٽ اڳ پوءِ آهي، ڏُنگي ۾ داڻا، وٺي وجهہ وکر جا (ڪاشف)

هن بيت ۾ انسان کي عمل ۽ چڱائي ڪرڻ جي هدايت ڪيل آهي تہ نيڪ اعمال جو وکر پنهنجي حياتي جي ٻيڙي ۾ وجهہ، ان کي خريد ڪر، ان جو عمل ڪر.

توکان اڳيان انهي جي پڇا ٿيندي تہ تو رب جي حڪمن تي ان جي موڪليل هدايتن تي ڪيترو ۽ ڪهڙو عمل ڪيو انهي ڳالهہ کان تون ويڳاڻو ۽ غافل نہ ٿيءُ نہ ڪجهہ نہ آهي، اها سستي اها بي خبري جيڪا ننڊ جي برابر آهي توکي اهڙي ڪن ۾/ مقصد تہ اهڙي عذاب ۾ وجهندي جتان تنهنجو بچڻ يا نڪرڻ محال آهي. مقصد تہ هن ۾ انسان کي نيڪ عمل ۽ خدائي قانون تي ان جي صراط مستقيم تي يعني سڌي واٽ تي هلڻ جي تلقين آهي.

وکر وهائي لونڙ، رُنگ ڪتوري گهرين.
يُنگو تنهين جو پر تي، جم ڳالهائين ڪوڙ
وڃائين م موڙ، ڪٽئو تنهنجو گهورئو

(دا - 3 — ب 13)

- وهائي لونڙ = لوڻ وهائي، وکر ۾ لوڻ خريد ڪري
- رُنگ = سوائي، تور يا وزن کان مٿي جي گهر
- ڪتوري گهرين = تون خريد لوڻ ڪرين ۽ ونڻ واري کان وري سوائي ۾ ڪتوري يعني ڪا اوچي شيءِ گهرين جيڪو واپار جو دستور نہ آهي، جيڪا شيءِ خريد ڪبي آهي سوائي ۾ بہ اهائي ملندي آهي.
- يُنگو = (يُنگي = جهوپڙي) جهڳو، ڪکائون گهر.
- پرتي = ڪپ تي بلڪل ويجهو، ڪپ سان مليل هر وقت ٻڏپ ۾
- جم = جيئن
- ڳالهائين ڪوڙ = ڪوڙ ڳالهائين پوري حقيقت نہ ٻڌائين، سچي ڳالهہ نہ ڪرين.
- موڙ = موڙي، رقم، ڪٽئو، نفعو.

- ڪٽئو تنهنجو گهورڻو = تنهنجو اهڙو نفعو نہ گهرجي، ڪٽئو نہ گهرجي جيڪو تون ڪوڙ ڳالهائي حاصل ڪرين.

هن بيت ۾ انسان کي پنهنجي اعمالن ڏانهن ڏيان ڇڪايل آهي تہ تو سچي ڄمار ڪو چڱو ڪم ڪو نہ ڪيو آهي لوڻ جي سوداگر جيان لوڻ سوريندو رهيو آهين. جڏهن تنهنجا عمل نيڪ بہ نہ آهن ان هوندي بہ تون اها طلب ٿو رکين ٿو تہ توکي ان جو عيوض سنو ملندو جيئن لوڻ جو واپاري رنگ ۾ ڪٿوري پيو طلبي تيئن تون بہ جون جي عيوض ڪٽڪ پيو گهرين. جيڪو ناممڪن آهي. تنهنجو وجود هر وقت خطري ۾ آهي. يعني توکي اها ڪا پڪ بہ آهي تہ حياتي واڪئي آهي هي تہ هڪ خواب جيان آهي. تون ڪوڙي دنيا جي آسانگن تي ڪوڙ جي پويان ڪاهي پيو آهين. حق کي ۽ سچ کي ويجهو نہ آهين تنهنجا اهي ڪم کهڙي ڪم جا تنهنجو اهو ڪٽئو کهڙو جنهن جو بنياد ڪوڙ تي هجي، جيڪا عادت اسان لاءِ وڏي هاجيڪار آهي. هن بيت ۾ انسان لاءِ عمل جي نصيحت سمايل آهي.

شهر ڏسي سرهو ٿئين ڏنيئي نہ بازار
وکر وکارن جو ڍُڪئو کهڙيءَ ڍار
تڻ تني سين گهار، تہ لهين لک لطيف چئي[1]

(دا - 3 ـ ب 14)

- سرهو ٿئين = خوش ٿئين، تنهنجي دل خوش ٿي، توکي سرهائي ٿي.
- بازار = شهر جي دڪانن جي ٻنهين پاسي وارو هنڌ اها جاءِ اهو رستو جنهن ۾ ٻنهين پاسي مختلف نمونن جا دڪان هجن ان کي بازار (با+زر) جتي پئسي جي ڏي وٺ يعني خريد ۽ فروخت جو ڪم هلي.

---

[1] هي بيت انصاري يا ٻين رسالن جهڙوڪ ٽرمپ ۽ 1269 هجري 1270 هجري جي ٽن قديم نسخن کي پيٽي تيار ڪيل رسالن ۾ نہ آهي ۽ پوئين دور وارن ڪن رسالن ۾ غالباً آهي جو ڊاڪٽر صاحب شامل ڪيو آهي لطيف جي نالي هيٺ ڪري (ڪاشف).

- وکارن = وکر وارن، دڪاندارن، وکر وکڻندڙن.
- ڏُڪئو = (ڏڪي) ڪجي آيو.
- ڪهڙيءَ ڏار = ڪهڙي ريت، ڪهڙي طرح.
- ڏُڪئو ڪهڙيءَ ڏار = اهو وکر ڪهڙيءَ ريت انهي بازار ۾ ڪجي آيو تو تہ ان کي ڏنو ئي ڪين.
- تڻ = ڪا گهڙي، ڪو لمحہ، ڪجهہ وقت.
- تني سين = انهن سان.
- گهار = (مصدر گهارڻ) = گذار، رهہ

هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ تون شهر ڏسي خوش ٿئين پر تو بازار ڪا نہ ڏٺي اهي دڪان نہ ڏٺا جن تي وکارن، وکر وارن جو وکر هو ۽ اهو وکر اتي ڪيئن آيو انهي ڳالهہ کي تو سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. انهي سٽ جيڪڏهن لفظ ڏَڪئو تصور ڪجي تہ مطلب اهو ٿيندو تہ وکر وارن جو واپارين جو وکر سامان ڪونين ۾ پاندن ۾ ڪهڙي ريت رکيل هو ليڪن پوئين سٽ ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ تون انهن سان ڪا گهڙي ڪو وقت گذار لطيف فرمائي ٿو تہ پوءِ توکي خبر پوندي. لهين لک مان اها مراد آهي تہ حقيقت ڪيئن آهي. هت اهو واضح ٿئي ٿو هي جهان هڪ شهر ۽ بازار جيان آهي ان ۾ انسان کي اهو ڪجهہ سوچڻ گهرجي تہ حقيقت ڇا آهي. هي چل پل جو ميلو آهي.

وکـــرُ وڻجــــارا، پـــاڻ پرائـــو ڇـــاڙهئو
اچـــي لهريـــون لڳيـــون، بيـــڙيءَ ٻپـــارا
جـــاڳو جـــي جـــارا، تـــہ تـــڙ تـــوائي نـــہ ٿيـــي.*

(دا - 3 ـــ ب 15)

- وڻجارا = اي وڻجارا ساٿي، پاڻ، اسان.

---

* هي بيت انصاري واري ترتيب ڏنل رسالي ۾ نہ آهي بلڪ ٽرمپ واري رسالي ۽ وچئين دور جي رسالن ۾ موجود آهي جنهن کي هن سر ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

- پراٺو = ٻين جو
- چاڙهئو = ڪنيو، جهاز ۾ ٻيڙي ۾ ڪنيو
- لهريون لڳيون = سمونڊ ۾ چوليون اٿيون
- ٻپارا = ٻنهين پاسن کان
- ٻيڙي ٻپارا = ٻيڙي جي ٻنهين پاسن کان لهرون اٿيون.
- جارا = (جار) همت، بنيادي طور تي هي لفظ آهي جور جيڪو اصل ۾ زور آهي هت انهي جي معنيٰ ٿيندي همت سان، جفا سان، جاڙ/ تڪليف سان.
- تڙ = بندر، ٻيڙن جي بيهڻ جي جاءِ.
- تڙ توائي نہ ٿئي = تڙ کان ٻئي پاسي نہ وڃي، هتي نہ وڃي، يعني تہ سڌو تڙ تي پهچي.

هن بيت ۾ شاعر وڻجاري جي انهي حقيقت جو ذڪر ڪري ٿو تہ اي وڻجارا ساٿي تو پنهنجي ٻيڙي ۾ پراٺو وکر چاڙهيو آهي. حالت اها ٿي آهي جو سمونڊ ۾ ٻيڙي جي ٻنهين پاسن کان لهرن جي اڇل اهڙي آهي جا ٻيڙي کي سولو هلڻ نٿي ڏئي. اي ناکئا انهي حالت ۾ تنهنجي همت ۽ جفا گهرجي تہ جيئن تون پنهنجي زور ۽ طاقت سان ٻيڙي کي توائي ٿيڻ کان بچائي سڌو بندر ڏانهن وٺي وڃين جيڪا ٻيڙين جي بيهڻ جي جاءِ آهي.

اڇـي سـو ڏٿـوءِ، جـو ڪپـرُ سـوءِ ڪـنن سـين
سـتي لـوڪ لطيـف چئـي، ذرو يـادُ نـہ ڪئـوءِ
غافـل تـي غـرآب کـي اوڙاهـہ تـي آنـدوءِ
سو چتر چُهي کان رکين جو پئو پراٺو پوءِ**
جهـاز ضـعيفن جـو پـاٽيءَ ۾ پرتـوءِ
سـيد! سـاٿُ سـندوءِ، پـر بـنـدر پهچـائيين.

(دا - 3 ـــ ب 16)

** هي سٽ انصاري جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ بيت ۾ ڏنل آهي، ترمپ ۽ اڳئين دور جي رسالن ۾ موجود آهي (ڪاشف)

- سو = اهو
- ڏنوءِ = تو ڏنو
- ڪپرُ = ڪنارو، ٻيهڻ وارو هنڌ
- سوءِ = سئوءِ، تو سئو، تو ٻڌو.
- ستي لوڪ = لوڪن جي سمهڻ ڪان پوءِ، ماڻهن جي سمهڻ ڪان پوءِ.
- ذرو ياد نہ ڪئو = تو ڏٿيءَ تعاليٰ کي ياد نہ ڪيو، پنهنجي رب کي نہ ٻاڏايو.
- غافل ٿي = غفلت ڪري، ويسر ڪري، لاپرواهي ڪري.
- غراب (غوراب) = جهاز، ٻيڙو.
- اوڙاهہ = اونهون پاڻي، سمونڊ ۾ خطري وارو هنڌ.
- چتر = ننڍو ٽڪرو يا پراڻو چمڙي يا تڏي جو ٽڪر هت مراد اها پراڻي ٻيڙي جيڪا چتو مثال آهي.
- ڇُهي = ڇُهو واءُ، طوفان، سمونڊ جون تيز لهرون.
- پراڻو پوءِ = اهو غوراب يا ٻيڙي جيڪا پاڻي پئي پئي يا هلي پراڻي ۽ ٻي طاقت ٿي ويئي آهي.
- ضعيفن = (جمع) ضعيف واحد = ڪمزور، هيڻو
- سيد (سيدا) = اي مالڪ، سائين، اي سردار، اي اڳواڻ
- پر بندر = ڪانياواڙ جو مشهور بندر اڳي ماڻهو پوربند تان حج تي ويندا هئا.

هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ اي ناڪئا! تو اهو ڪپر يا هنڌ اڇي ڏنو جيڪو تو ڪنن سان ٻڌو پئي.

شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ ماڻهن جي سمهڻ ڪان يعني ستي لوڪ توکي پنهنجي رب کي پنهنجي مالڪ کي ٻاڏائڻ، ان جي بندگي ڪرڻ جي ذري ياد گيري ڪا نہ پئي.

تو غافل تي بي ڏيانو تي پنهنجي ٻيڙي کي اوڙاهه تي آڻي ڇڏيو آهي، جت خطري کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه ڪا نہ آهي.

ناڪئو رب کي ستائيندي چوي ٿو تہ هن پراڻي جهاز کي جيڪو چوهو ۽ چولي برداشت ڪرڻ جي ڪا سگهہ نہ ٿو رکي ان کي انهي ڇهي کان سلامت رکجانءِ.

هي ضعيفن، ڪمزورن جو جهاز هن اجهاڳ چوهي پاڻي ۾ تنهنجي حوالي آهي توکي پرتو آهي تون ئي ان جو محافظ آهين.

پوئين سٽ ۾ لفظ "سيد" اڳواڻ، سردار جي معنيٰ ۾ آيل آهي. پر اشارو انهي سلسلي سان پڪار ۽ التجا آهي سرور ڪونين سيد العالم صلي الله عليہ وسلم جن کي توهان ذات ڪريمي جي رئوفيت ۽ ڪرم سان هي ضعيفن جو جهاز/قافلو پر بندر پهچايو. معنوي طور تي هن بيت ۾ انسان کي نصيحت آهي تہ هو ذات الاهي جي ذڪر ان جي عبادت ۽ اسم جي اورڻ کان غافل نہ رهي ۽ غفلت ڪري پاڻهي پاڻ کي بي عملي جي اوڙاهه تي نہ آڻي بيهاري. بي عملي ۽ رب جي عبوديت کان سواءِ انسان لاءِ ٻي ڪا واهہ ڪا نہ آهي. قدرت جي عذاب ۽ پڪڙ کي سهڻ جي هن ۾ ڪا طاقت ڪا نہ آهي، سندس انهي حاڪم اعليٰ جي آڏو ڪا حيثيت ڪا نہ آهي. انهي ڪمزوري انسان جي غفلت جي عملي ۽ ناداني کي ڏسندي سرڪار لطيف ٻنهين جهانن جي سردار کي پڪارين ٿا چو تہ سندن ذات بابرڪات رحمت اللعالمين آهي عالمن لاءِ پنهنجي امت لاءِ شفقت آهي انهن کي عرض ڪن ٿا تہ هن سات کي پور بندر يعني پنهنجي اصل منزل ۽ مقصود تي خير سان پهچايو جتي رحمت ۽ ڪرم جي پالوت آهي.

جُتـــو وانءُ جهـــاز، گـــڏئو غـــرابن ســـين
پورينـــدي هُـــن پـــار ڏي، ســـڏر ڪـــٽج ســـاز
اچـــن تـــا آواز، ســـتاڻي ســـمونڊ جـــا.

(دا - 3 ـــ ب 17)

- جُتو = جُڙيل، لاڳيتو، گڏيو.
- وانءُ = (وئون مصدر وڃڻ، وئون مان وانءُ) = وڃ.
- جهاز = ٻيڙا، ٻيڙو.
- غرابن سين (غورابن سين) غورابن سان، ننڍن جهازن سان.
- پوريندي = (مصدر پورڻ) (امر پور) = هلندي، هاڪاريندي.
- هن پار ڏي = ٻئي پار ڏي.
- سڌر = مضبوط، سهڻ جهڙا.
- ڪٽج = تون ڪٽج (مصدر ڪٽڻ، امر- ڪٽ، مضارع ڪٽج).
- ساز = ضروري پرزا، ڪم ايندڙ شيون
- آواز = گوڙ گهمسان جا آواز
- سٽاٽي = خوفناڪ، خطرناڪ، زبردست خطري وارا.

لطيف جا هن سلسلي جا بيت نهايت دو معنيٰ ۽ معنوي صورت رکندڙ آهن. هنن بيتن ۾ جتي جهازن سان گڏ هلڻ جو ذڪر آهي اتي انهي سلسلي سان جيڏانهن سفر سانباهي وڃجي ٿو اتي انهيءَ لاءِ ضروري ساز سامان هئڻ گهرجي، مقصد آهي ته هن جهاز ۾ انسان دنيا سان گڏيو پيو هلي پر هن پار جي يعني اڳئين جهاز جي جيڪو هن ڪان پوءِ انسان لاءِ ايندو ان جي حقائق ڪان انسان کي خبردار ٿو ڪري سڌر ساز مان مراد آهي نيڪ عمل جيڪو آخرت جو توشو آهي، ان سان گڏ انهي حقيقت ڪان ٻه آگاهہ ٿو فرمائي ته اتي حساب ڪتاب پڇاڻو آهي، انهي سمونڊ جي گجگوڙ وارن آوازن جي برابر آهن. جن کي انسان کي منهن ڏيڻو آهي. ان لاءِ هن هن جهان ۾ پنهنجي نيڪ اعمالن سان تياري ڪرڻ گهرجي.

جــر ۾ ڦوٽــو جيــئن، لهريــون لڳنــدي اڏ ٽٽــي.
تــون پــڻ آهــين تيــئن، دنيــا ۾ ڪــو ڏينهــڙو*

* هي بيت 1269هجري 1270 هجري وارن تيار ڪيل ٽن نسخن واري رسالي ۾ نہ آهي "ترمپ توڙي انصاري جي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي ۾ نہ آهي"

(دا - 3 ـ ب 18)

- جَرُ = پاڻي
- ڦوٽو = پاڻي جو بوڙيو، حباب

هن بيت ۾ شاعر انسان سندس هئڻ واري حقيقت کولي بيان ڪري ٻڌائي ٿو ته اي انسان! تنهنجو وجود ائين آهي جيئن پاڻي تي ڦوٽو يا حباب جيڪو هوا لڳندي لهر ايندي اڌ تي ختم ٿي وڃي ٿو تيئن تنهنجي حيثيت انهي پاڻي جي ڦوٽي جيان آهي جنهن کي ڪا دائميت يا بقاءُ ڪو نه آهي، هن دنيا جهان ۾ تون ٻه ٽي ڏينهن آهين، انهي حباب وانگر آهين جيڪو واءُ جي لڳڻ سان ختم ٿي وڃي ٿو. تيئن تنهنجي حيثيت انهي پاڻي جي ڦوٽي جيان آهي جنهن کي ڪا دائميت يا بقاءُ ڪو نه آهي. تنهنجا ٻه دنيا ۾ صرف ٻه ڏينهن آهن. هڪڙو هن جهان ۾ اکيون پٽڻ جو ۽ ٻيو اکيون پورڻ جو ڪنبدي ٻه عمر گذارين پر اها سپ خواب جي مانند آهي. اها انهي حباب جي حقيقت جيان آهي جيڪو پاڻي جي هڪ سبب ٿيو ۽ وري ان جي لهر ۾ لڙهي ويو. هي زندگي هڪ خواب ۽ حباب جيان آهي.

هـيءُ جــو ســودو ســڦرو، ســو مــون پلئــ پــاءِ
وس ويچــاري نـاهــ ڪــو، آگــا عــرض اونــاءِ
رِءَ همراهــيءَ هــاديءَ جــي، مــور نــ مــڙي مــاءِ
لُطــف ســاڻ لنگهــاءِ، لهــرو لهــرين وچ مــان.

(دا - 3 ـ ب 19)

- هيءُ جو = اهو جيڪو آهي
- هيءُ جو سودو = اهو جيڪو سودو/ ڪا ملاوت يا غير نه آهي.
- سو مون = سو مون کي

---

ڊاڪٽر صاحب وچئين دور جي قلمي رسالن مان هن بيت کي ورتو آهي (ڪاشف)

- سو تون پلئہ پاءِ = اهو سودو مون کي پلئہ پوي، مون کي ملي، ان جو نفعو مون کي حاصل ٿئي. پوئين سٽ ۾ لفظ ويچاري ڏيکاري ٿو تہ هن بيت جو سڄو روءِ سخن وڻجاري جو آهي، ”سومون پلئہ پاءِ“ بنيادي طور تي وڻجاري جي دعا جا لفظ آهن هو اها دعا ٿو گهري.
- آگا (اصل لفظ آقا جيڪو قري ٿيو آغا ۽ بدلجي ٿيو آگا): مالڪ- ڌڻي، آقا.
- آگا عرض اوناءِ = اي! منهنجا مالڪ، منهنجا رب، منهنجا ڌڻي تعاليٰ منهنجو هي عرض اوناءِ = قبول ڪر، اگهاءِ.
- ويچاري = مون ويچاري.
- رءَ = ڪانسواءِ، تو ڪانسواءِ
- رءَ همراهيءَ هاديءَ جي = هن بہ همراهي = مدد، هادي = واٽ ڏيکاريندڙ، سونهون.

اي! منهنجا هادي هدايت ڪندڙ، واٽ ڏيکاريندڙ تنهنجي مدد ڪانسواءِ ٻي ڪا واهہ ۽ واٽ ڪا نہ آهي.

- مور = ڪڏهين بہ نہ، بلڪل نہ.
- مڙي ماءِ = حاصل ٿئي پر هت مراد آهي مور نہ مڙي ماءِ = اها ٻيڙي ڪڏهن بہ منزل تي نہ پهچندي سواءِ تنهنجي مدد، همراهي ۽ سونهپ جي.
- لطف = ڪرم، مهرباني، ٻاجهہ
- لطف ساڻ لنگهاءِ = پنهنجي مهر ۽ ڪرم سان اڪاري پار ڪر.
- لهرو = ڦيرو، ور، پيرو/ ٻي معنيٰ اها ڄاڻائي ويئي تہ لهرو = بار ڪڍندڙ ٻيڙي جيڪا وڏن جهازن مان جيڪي بندر تي اندر اچي نہ سگهن. انهن مان مال ڍوئي ڪناري تي آڻي. غور ڪبو تہ پهرئين معنيٰ ۾ ڄاڻايل ور، ڦيرو يا پيرو ٻيڙيءَ جو ئي سمايل آهي. هت ڄاڻ لاءِ ٻئي معنائون ڏنيون ويون آهن جن جو مطلب ساڳيو آهي.

لهرو لهرين وچ مان = انهيءَ ٻيڙيءَ جو پيرو انهن لهرن جي وچ مان تون ئي لنگهائين.

هن بيت ۾ شاعر ويچاري وڻجاري جي انهي عرض ۾ التجا جو ذڪر تو ڪري جيڪا اهو نهايت احترام ۽ خشوع سان پنهنجي پالڻهار کان گهري تو. غور ڪبو ته اها دعا انهي وڻجاري جي نه آهي پر هر انسان جي آهي ته اي منهنجا مالڪ مون کي سڦري سودي يعني نيڪ عملن جي توفيق ڏي. انسان جو ڪو وس نه آهي هو وس هوندي به بي وس آهي ڇاڪاڻ ته قدرت جو پنهنجو قانون ۽ منشاءِ آهي جنهن کي منشاءِ ايزدي سان تعبير ڪجي تو ته مالڪ جيئن، چاهي تيئن ڪري تو ۽ ڪري سگهي تو ٻانهي وٽ سواءِ عجز انڪساري، خشوع ۽ ٻاڏائڻ جي ٻيو ڪجهه نه آهي. هي دنياوي زندگي جو سفر جنهن ۾ قدم قدم تي آزمائش ۽ عمل جي ضرورت آهي. ان مان سواءِ هادي جي سچ ۽ حق جي واٽ ڏيکاريندڙ جي ٻئي هنڌان ڪجهه حاصل نه تو ٿي سگهي شاعر عبداللطيف فرمائي تو ته اي منهنجا مالڪ! اي منهنجا خالق! زندگي جي عطا يا زندگي جو هي پيرو/ وقت تو جيڪو عنايت ڪيو آهي اهو انهن ڏکين حالتن شر ۽ شيطان نافرماني جهڙن روين کان پناهه ۾ رک انهن لهرين ۽ لوڏن جي وچ مان پار اُڪار، هن پرڪر، پار لنگهاءِ ان لاءِ تنهنجي لطف جي ضرورت آهي جئن ٻئي هنڌ لطيف فرمايو آهي ته ”وڏي سگهه سنڌياءِ ٻاجهن پريو آهين“.

## وائي

ســاتين ننــڌا بــاروو، تــن پانــڌين ننــڌا بــار
تـــــــــــوڪي آرسُ اڪـــــــــــــــڙين ۾
پاتــا پـــاڙي واريـــين پُڪـــا منجهـــ پاتـــار
پـــتڻ تـــو پـــور ڪـــري، آئـــي تنهنجـــي وار
ســڇيون راتيـــون ســمهين ڪيـــو منجهـــ خمـــار

سائينءَ مُکهين سچ کي تون کوڙو منجهہ قطار
کِ تو کنين نہ مُئي هلڻ جي هاکار
تائبُ تي تکڙو، پروڙي ايءَ پچار
ننڍ نہ کجي ايتري، سڄ ادا يارَ
"کل نفس ذائقتہ الموت" سچي ايءَ سنيارُ
شکار تون شهباز جو، تون تان منجهہ شکار
لک مڙيئي لُٽئا، هن هين وئا هزار
ڏنئي جي الله کي تہ هُند تيين پريين پار
جو تن متان جُت تي دُني تنهنجي دار
جيئو آهہ حديث ۾ انڌيءَ ايءَ آچار
وٺيئي کين ولهن سين. کنبي پر قهار
سا کيئن هلي تو سين، جا پڳي کان پُتار
جينُ جال نہ نبهي، سُڄُ ايئن سچار
جم وساريين ويسرا، پتين جي پُلکار.

- ننڊا= (س ند نہ = ٻڌل) = قابو، سوگهو
- ننڊڻ مصدر ننڊا – اسم فاعل – ننڊا بار = کنهن وهٽ يا جانور تي بار ٻڌڻ
- ساٿين ننڊا بار = ٻين ساٿين، رفيقن پنهنجو سامان سڙو ٻڌي ڇڏيو آهي.
- پانڌين ننڊا بار = گڏجي پنڌ کندڙن پنڌ وارن گڏجي بار ٻڌي ڇڏيو آهي.
- آرس اکڙين ۾ = تو کي اکين ۾ ننڊ آهي، ٻُهر آهي.
- پاڙي واريين = پاڙي وارين.
- پُکا = کٽا، فال.
- پاتار = (س. پاتال) = اونهو پاٽي، اونهي پاٽي واري جاءِ يا ماڳ.

- پتڻ ٿو پور ڪري = پتڻ هلڻ لاءِ پريو بيٺو آهي اهو پور/ وارو ڪنيو پيو وڃي
- آئي تنهنجي وار = تنهنجو بہ وارو آيو بيٺو آهي.

هي وائي نهايت غور طلب آهي پهرئين بند کان وٺي جنهن ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ ساٿين بار ٻڌي ڇڏيا آهن جيئن انهيءَ ڪي وهٽن تي لڏڻ ۾ آساني ٿئي. توکي اکين ۾ ننڊ آهي.

- پاڙي وارين گڏجي پڪا = ڪئا، وڏا يا فال ڪڍي تہ انهي پاتال ۾ انهي اونهي هنڌ تي وڃڻ لاءِ ڪنهن جو نالو ٿو نڪري.

هت تہ پتڻ پريو بيٺو آهي هر ڪنهن جو وارو پيو اچي جيئن پتڻ هڪڙو پور پري ڇڏيو اچي ۽ اچو ٻيو ڪٽي تيئن اڄ هيءَ ويو، ڪالهہ هو ويو، سياڻي تنهنجو بہ وارو آهي. تون سڄيون راتيون سمهين، توکي اهڙي خمار اهڙي ڇُهر ڪنيو آهي جو توکي انهي ڳالهہ جي ڪا يادگيري ڪا نہ آهي تہ ڪو هلڻو آهي.

سائين مالڪ سچ ۽ حق کي اوهان ڏانهن موڪليو آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ کي واضح ڪيو آهي تہ هڪ ڏينهن هلڻو آهي. ڇا ٿو اها ڪئين، ڪنن سان نہ سئي آهي تہ آخر هلڻو آهي.

- تائب ٿي = توبہ ڪر، انهي توبهہ استغفار ۾ ڪا سستي نہ ڪر ڇو تہ اهو مالڪ بخشڻ هار ۽ بخشيندڙ آهي، انهي ڳالهہ کي پروڙ، سمجهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. ايتري ننڊ يا غفلت نہ ڪجي تہ ڪجهہ بہ نہ آهي. بي خبر نہ ٿجي، ڇاڪاڻ تہ ”ڪل نفس ذائقت الموت“ هر نفس کي هر جاندار کي موت جو ذائقو چکڻو آهي. اهو خدائي حڪم آهي، انهي سچي ڳالهہ، انهي اٽل حقيقت کان غافل نہ ٿيڻو آهي.

اي انسان! تون تہ جيئن پکي شهباز جو شڪار آهي تيئن تون/ تنهنجو وجود ملڪ الموت يا عزرائيل جو شڪار آهي. جيئن شڪاري شڪار کي تاڙي ويٺو هوندو آهي تيئن عزرائيل بہ توکي تڪيو ويٺو

آهي، جنهن لاءِ ڪو وقت يا مهل مقرر نہ آهي جيئن هن ڪي جهٽ لڳندو، امر ٿيندو تيئن ئي هو تنهنجي مٿان اچي ڪڙڪندو.

تو لک لٽائي ڇڏيا هزارين ويا هليا ڪوڙن ڪمن ۾ دنيا جي ڏنڌن ۽ ڪاروبارن ۾ پنهنجي نفس جي خوشنودي لاءِ تو سڀ ڪجهہ ڪيو، پر پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ لاءِ.

"ينفقون فی سبيل الله" الله جي راهہ ۾ تو خرچ نہ ڪيو. تو انهي حق جي ادائيگي ڪا نہ ڪئي. جيئن فرمايو ويو آهي تہ "قل ما انفقتم من خير افللوالدين ولا قربين واليتميٰ والمسڪين وابن السبيل" مال خرچ ڪريو ماءُ پيءُ ويجهن مائٽن ۽ يتيمن مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ، انهي سٽ ۾ انهي امر تي عمل جي هدايت آهي.

جوڙن مٿان جٽ تي = تون گوڏ ڪان سٽرن تائين ناٽي ۾ ڏبيو پيو آهين ايترو ڏن توتي وري ويو آهي جو توکي اها خبر ڪا نہ آهي تہ انهي دولت لاءِ ڪائنات جي رسول صلي الله عليہ وسلم جن ڇا فرمايو آهي، "الدنيا جيفت و يُطلب ڪلابُ..." هي دنيا ڍونڍ جي مثل ۽ ان جا طلبيندڙ ڪتي وانگيان آهن. يا "الدنيا سجن المئومن" دنيا مئومن لاءِ بندي خانو آهي، دولت انسان کي انڌو ڪري ڇڏيندڙ آهي.

- وٺئي ڪين = ونديئي ڪين تہ ورهايئي ڪين، ولهن سين = غريبن، مسڪينن ڪنگالن سين تو غريبن، ڪنگالن، مسڪينن ۾ ڪجهہ نہ ورهايو تو "وفی اموالهم حق السائل والمحروم" تي عمل نہ ڪيو آهي، جن ماڻهن جو تنهنجي مال ۾ حق آهي تو انهي حق جي حق ادائيگي نہ ڪئي آهي اها دنيا تو سان گڏ ڪيئن هلندي "جيڪا ڀڳي ڪان ڀتار" پنهنجي هر مالڪ کان جدا ٿي مرڻ مهل ان کي ڇڏي ويئي اها تنهنجو ڪهڙو ساٿ ڏيندي. جيئن جال نہ نبهي = سدائين جيئن نہ آهي ڇو تہ موت يقيني آهي. اها ڳالهہ تون نہ وسار، ڀتين جي ڀلڪار = قبر جي

عذاب کان بي خبر نہ ٿيءُ جتي ان جا ٻئي پاسا اچي گڏبا ۽ تون وچ ۾ هوندين. لطيف جي هي وائي سبق آموز ۽ نصيحت واري آهي.

## وائي ـ 2

پُڇـــــان تـــــي تـــــو ڪـــــن
پانـــــــــــــدي ميـــــــــــــان!
پڇـــــان تـــــي تـــــو ڪـــــن هـــــادي ميـــــان!
ڪتـــــي پريـــــان جـــــا پڪـــــڙا
جتـــــان جـــــتن لـــــڏئو، اُتـــــي چِٽئـــــا پڪـــــن پـــــن
جـرُ مـوتيين جـئن هـارئو، منهنجـي هينـڙي پڳـاپِن.

- پڇان تي = آئون پڇان ٿي
- توڪن = توڪان
- پانڌي ميان = اي سات جا ساٿي گڏ پنڌ هلندڙ، رفيق.
- ڪتي پريان جا پڪڙا = پرين جا پکا، انهن جا هنڌ ماڳ ڪٿي آهن يعني ڪا نشاني ڪا نہ آ.
- جتان = جنهن جاءِ تان، جنهن هنڌان.
- چِٽئا = چِٽي پيا، ڪري پيا.
- پکن پن = پکن جا پن انهن جون تيليون ذرا ذرا
- جرُ = پاڻي، آب
- موتيين جئن = موتين جيان
- جر موتين جئن هارئو = موتين مثل لڙڪ اکين مان لڙي پيا، نيڻن نير وهايو
- منهنجي هينئڙي پڳا پن = منهنجي دل ڇجي پيئي، منهنجو من ڇجي پيو، اندر جهيرون جهيرون ٿي ويو. منهنجون خوشيون ختم ٿي ويئون. اهي لاڏ ۽ ڪوڏ اٽا ختم ٿي ويا.

لطيف جي هي وائي نهايت درد انگيز ۽ رقت آميز آهي. جنهن ۾ محبت واري پيچي تي پانڌين کان انهن رفيقن کان جن جي سات سان سندس ساٿي سلهاڙجي ويو ۽ نہ موٽئو، صرف انهي قافلي جا هنڌ پيچي تہ اهي ڪتي آهن جتي پرين پکڙا اڏئا. انهي جي جدائي ويڇوڙي ۽ فراق ۾ سندس اکين مان موتين جي لڙهين جئن لڙک وهي پون پيا ۽ چوي ٿي تہ منهنجو جيءُ جهري پيو منهنجي خوشي، لاڏ کوڏ سڀ ختم ٿي ويو ڇو تہ من جا محبوب جيءُ جا جت جڙئا نہ رهيا.

# سر سري راڳ

## داستان چوٿون

وَڄَــبِنِ مر وينجهـــارَ، پاڻِيَـــتُ جــي پَر ڪَٽـــا
اَيَهـــرُ پـــائيَ اڪِيـــين، لَهـــنِ سَـــپَ ڪـــنهن ســـارَ
مـــوتيءَ جـــي مـــزاجَ جـــو قَـــدرُ منجهـــ ڪِنـــار
صَـــــرافنئون ڏَارَ، ماڻِـــڪ مُلاحظِـــو تئـــي.

*(دا - 4 ـــ ب 1)*

- وَڄَنِ مَر = نہ وڃن ختم نہ ٿي وڃن.
- وينجهارَ (جمع) واحد وينجهر = موتين ۾ سوراخ ڪرڻ وارا، انهن کي چمڪائڻ پالش ڪرڻ ونڌڻ وارا وڏا ڪاريگر.
- پاڻيٺ = موتين يا هيرن ۾ قدرتي پاڻي وارو چمڪو يا آبدار موتي، هيرو وغيره
- پر ڪٽا = (مصدر پرکڻ امر پرک) پرکيندڙ سڃاڻندڙ، قدر دان.
- اَيهرُ = (آنهري = شيشو، آرسي، ٽڪ) = خاص ڏسڻ وارو شيشو
- عينڪ جيان جڻن واچ ميڪر اک تي ڪوپو چاڙهيندا آهن جنهن ۾ ننڍي شيءِ وڏي ڏسڻ ۾ اچي ۽ چٽو ڏسي سگهجي.
- اکيين = اکين تي
- سار = سنڀال، خبر
- موتيءَ مزاج = موتيءَ جي ذاتي جوهر ان جي ڪهربائي قوت
- قدرُ = وزن، قيمت هيرن جواهرن جو وزن قيراط ۾ ملندو آهي جيڪو هڪ خاص ان لاءِ لفظ ۽ اصطلاح آهي.

- ڪنار = ڪنارو، پاسو، گهيرو پٽي معنيٰ ٿيندي اهو ڪنارو جتان موتي سپن مان ملن ٿا اتي انهن جي قيمت جي ڪٿ ٿئي.
- صرافنئون ڏار = صرافن ڪان سواءِ ٻين وٽ انهن جي قيمت جي ڪٿ ٿئي.
- ماڻڪ ملاحظو نہ ٿئي = ٻي ڪنهن وٽ انهن جي قدر داني يا قيمت ۽ اهميت جي خبر نہ پوي اڻ ڄاڻ کي ماڻڪ جي کهڙي خبر ان وٽ تہ پاڻ ماڻڪ شرمندو ٿيندو جنهن کي ان جي پاڙيٽ جي پرک ئي ڪا نہ آهي.

هن بيت ۾ شاعر وينجهارن يعني موتي ۽ ماڻڪن هيرن جواهرن جي پاڙيٽ انهن جي اصل ۽ نقل ۽ سڃاڻڻ وارن جي صلاحيت ۽ پرک جو ذڪر فرمائي ٿو تہ اهي وينجهار سچ کي پرکڻ ۽ سڃاڻڻ وارا پنهنجي اکين تي محرب شيشا جيڪي شيءِ کي وڏو ڪري ڏيکارين جئن ان جي اندر جي ۽ سڀ صورت جي خبر پوي اهي اکين تي چاڙهي هو جواهرات جي سار لهن ٿا ان کي جاچن ٿا. انهن کي هيري جواهر جي کهربائي قوت جي خبر پوي ٿي تہ اهو هيرو يا جواهر موتي يا لال پنهنجي قوت ڪري برقرار آهي يا سندس اها قوت ختم ٿي چڪي آهي، اها هو ان جي ڪنار ان جي گولائي واري حصي مان لڳائين ٿا. صرافن/ شرافن ڪان سواءِ اهڙن قيمتي موتين جواهرن هيرن لعلن جي ٻي ڪنهن وٽ قدر داني ٿي نٿي سگهي. جنهن کي پاڙيٽ جي پرک جي پروڙ ئي نہ هوندي اهو انهي جي کهڙي قيمت ڪٿي سگهندو يا ان جون خوبيون ٻڌائي سگهندو.

معنوي طور تي هي بيت انساني عقل ۽ ان جي تدبر ۽ صلاحيتن جي معنيٰ پڻ رکي ٿو. جنهن لاءِ ضروري آهي تہ جئن موتي جي پرک لاءِ محرب شيشي جي ضرورت آهي تيئن انساني زندگي ۾ چڱي مٺي، کري کوٽي کي سمجهڻ انسان لاءِ ضروري آهي انهي احر کي پنهنجي عمل سان پڻ لاڳو ڪرڻو آهي، دراصل انسان ۾ موتي ان جو روح آهي، جيڪو

سندس زندگي جو ضامن آهي. ان لاءِ پاڻ ۾ روحانيت جي رمز آشنائي يا رمز شناسي پيدا ڪري انهي قوت ربي جو قدر ڪرڻ گهرجي انهي لاءِ صرافن/ يعني نيڪن، صالحن جي صحبت انهن سان لهه وچڙ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ انهن جي ڪچهري مان انهن سان گڏ گهارڻ سان انهي حق جي حقيقت جي خبر پوندي تہ انجو قدر ۽ قيمت ڪهڙي آهي انهيءَ ڪي ڪيئن حاصل ڪجي.

امُـــلُ آڇ مَر اُن ڪـــي، جـــي نـــہ پـــروڙِن مَـــتِ
جِـــتَ گـــڏ جيئـــي جـــوهَري ماڻـــڪ تِنهَـــين مَـــتِ
جَنِـــي ســـونَ سِـــين سَـــتَ تَـــنِ هَٽِـــي ريءَءُ رَد ڪِئـــو.

(دا - 4 _ ب 2)

- اَمُلُ = (آ= نہ+ ملهہ = قيمت) = جنهن شيءِ جي ڪا قيمت ئي نہ هجي جنهن جو ڪو ملهہ ئي نہ ڪري سگهجي يعني بي ملهي، ملهہ ڪرڻ کان مٿي، اهڙا جواهر يا موتي جن جو ملهہ ئي ڪري نہ سگهجي. نهايت قيمتي.
- آڇ مر = (س. اڇا = خواهش+ مر = نہ) نہ آڇ، انهن کي ماڻڪن ڏيکارڻ جي خواهش يا سڏ نہ ڪر.
- جي نہ = جيڪي نہ
- پروڙڻ مَت = سونارا سون ۾ ملاوت ڪندا آهن جنهن کي مت ڪري چئبو آهي. جن کي مَتِ جي خبر نہ آهي اهي سون کي ڪهڙو سڃاڻي سگهندا.
- جوهري = جواهرن جو پرکيندڙ، ڄاڻو، سڃاڻ
- ماڻڪ = هي هڪ قيمتي پٿر جو قسم آهي ۽ تمام ڳري ملهہ وارو هوندو آهي.
- جَني = جن جي

- سونَ سِين سَتِ = جن جو سون سان واسطو آهي ان جي سوداگري يا ڪاروبار ڪندڙ آهن.
- تن = تنهين، انهن
- ريءَ رد ڪيو = انهيءَ کي ڪوڙ و يا گلٽ يعني پتل جي ملاوٽ وارو سمجهي رد ڪري ڇڏيو، واپس ڪري ڇڏيو انهي کي سون جي مقابل نہ سمجهيو.

هن بيت ۾ شاعر جوهريءَ جي دانائي ۽ ان جي سچ کي پرکڻ جي عمل کي ظاهر ڪري ٿو تہ سونارا کھڙا بہ سچا ٿين پر سون ۾ ملاوٽ ضرور ڪندا چوڻي آهي تہ ”سونارو ماءُ جي نٿ ۾ بہ انهي ڪان ڪين رهندو“ مقصد اهو آهي سوناري کي صراف/ شراف ۽ جوهري جي ڪردار کي سامهون رکڻ کپي جيڪو هڪ سچي انسان جي مثال آهي ۽ سونارو اهو ڪردار آهي جيڪو پنهنجي عمل ۾ سچائي نٿو رکي وٽس بيائي ۽ ملاوٽ آهي. انهيءَ ۾ هڪ سبق آهي زندگي ۾ سچائي ۽ حق جي وڏي اهميت آهي ڇو تہ اڳيان پاڻيٺ پرکڻ وارا وينا آهن جيڪي مکڻ مان وار ڪڍندا.

سونارا صَرافُ تيءُ، هذَ مر کُوڙُ ڪماءِ
متان تو هَٿاءِ، وجي وِجا وسِرَي

*(دا - 4 ـ ب 3)*

- سونارا = اي سونارا.
- صراف تي = تون صراف ٿي سچ کي پرکڻ وارو ٿيءُ
- وجا = (وِج) وج وارو چمڪو/ (وديا) ڄاڻ علم جي امانت.

شاعر سوناري کي مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو تہ تون صراف وانگيان سچو ۽ هيرن جواهرن کي پرکڻ وارو ٿي. ڇو تہ صراف اهو پرکيندڙ جيڪو مُٺِ ۽ ڪوڙ کي ڪڏهين بہ پسند نٿو ڪري. هتي ”هَذَ مَر“= ڪڏهين بہ نہ جي صورت حال سان بيان ڪيل آهي.

- تو هٿاءِ = تنهنجي هٿان، تو کان

اهو علم اها سڃاڻڻ واري صلاحيت جيڪا جواهرن جي چمڪ کي پرکي انهن جي قيمت جو ڪٿ لڳائي اها ڄاڻ يا علم يا وڃا تو مان وسري نه وڃي.

معنوي طور تي هن بيت ۾ انسان کي نصيحت آهي ته هو پنهنجي زندگي کي ملاوت وارو يعني گناهن سان آلوده نه ڪري. بلڪ جيئن صراف سچو ۽ سچيت آهي. انسان کي انهي طرح سان پنهنجي زندگي کي رکڻ گهرجي جنهن ۾ بيائي کي ڪو ٻڪ ۽ ان جو ڪو ٻول نه هجي. هدايت اها ملي ٿي ته انسان کي اندر جو علم هئڻ ضروري آهي روح جي انهي رمز کي سمجهڻ ضروري آهي ته ان جي تقاضا ڇا آهي. جيڪڏهن انسان غور فڪر ۽ انهي پاسي ڌيان نه ڏنو ته اها وڃا وسري ويندي. انسان بي خبري اوڙاهه ۾ وڃي ڪندو.

سِينڌو هُئين صرافَ سِين، ته هونڊَ نه ٿئين هيئن
جيڪسُ جوهَرِينِ سِين ڪين گذارِيئه ڏِينهَن
جَبَلَ منَجهَان جيئن، سوجهي ڪَڍِيائون سونَ کي

(دا - 4 ـــ ب 4)

- سينڌو = واقف، ڄاڻ سڃاڻ وارو. واسطيدار
- صراف سين = سون کي سڃاڻڻ وارن سان جيڪي سون جو مٽ پرکين شراف/ صراف
- هوند = جيڪڏهين، جيڪر، جيڪس.
- هوند نه ٿيئين هيئن = هن حالت وارو نه هجين ها. ائين نه ٿئي ها.
- جيڪس = جيڪڏهين جڏهان ڪر.
- جوهرين سين = جوهرين سان. جواهرن جي ڪم ڪِرت وارن سان. قيمتي ڌاتن ۽ پٿرن جي ڄاڻ وارن سان.
- سوجهي = ڳولي.

هن بيت ۾ انسان لاءِ اهو سبق آهي تہ هو چڱن ۽ نيڪن سان علم وارن سان خدا ۽ رسول صلي الله عليہ وسلم جي محبت رکڻ وارن سان واسطيداري، يا سينڌ سڃاڻ رکي چو تہ صحبت جو وڏو ساءُ آهي جيئن فارسي واري چيو آهي تہ صحبت صالح ترا صالح کنند- صحبت طالع تراطالع کُنند

انسان عطر واري جي دڪان تي ويندو ۽ عطر خريد بہ نہ کندو تڏهين بہ اتان خوشبو جو واس ضرور کڻي ايندو، پر جيکڏهين هو اگهارن واري جي دڪان تي ويندو خريد نہ ڪري پر اگهرن جي ڪاري دز سندس ڪپڙن کي ضرور لڳندي هن صراف ۽ سوناري جو ذڪر اصطلاحي طور تي انهي معنيٰ سان آهي تہ اي انسان تون انهن پارکن سچ ۽ حق کي سڃاڻڻ وارن سان گذاريندين تہ يقيناً توکي اتان ان اها ڳالهہ پلئہ پوندي چو تہ انهن وڏا ڪشالا ڪڍي جيئن جبل مان سون ڪڍيو آهي، تئن پنهنجي نفس کي نمائي حق جي حقيقت کي حاصل ڪيو آهي.

اَمُـــلَ اسَـــاري پَئِـــي، يـــورِي يَکِئـــ جِـــتِ
کـــو نَـــ رُنئـــ تِـــتِ، پئِـــي اڏ هـــٿ کـــري

(دا - 4 _ ب 5)

- اَمُلُ = (اَ = نہ + مُلُ = مُلهہ قيمت) جنهن جي قيمت جو اندازو ڪري نہ سگهجي نهايت قيمتي بي مُلهيو
- اساري پئي = ويسري تي هت (اَ= نہ ۽ سار = سنيال) سنيال نہ ڪرڻ نہ تي سگهڻ سار لهر مصدر سارڻ = ياد ڪرڻ. تو ياد نہ ڪيو وساري ڇڏيئہ اويسري تي.
- يوري = اڻڄاڻ – بي خبر، ڳهيلي ، بي سمجهہ.
- رنئہ = تو رنو.

هن بيت ۾ شاعر املهہ يعني امل ماڻڪ جهڙي جواهرات کي نہ سمجهڻ يعني حقيقت جي پروڙ نہ رکڻ جي ڳالهہ آهي تہ تو يوري انهي

قيمتي شيءِ کي سمجهيو ئي ڪو نہ ۽ انهي کي ائين ڪچ جو مٽيو سمجهي پيچي پہ اڇلائي ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهين تو کي انهي جي قدر قيمت جي خبر هجي ها تہ ائين ڪين ڪرين ها ۽ تو کان جيڪڏهين ائين ٿي ويجي ها تہ تون اتي جو اتي انهي مهل روئين ها افسوس ڪرين ها. تہ مون هي ڇا ڪيو.

بنيادي طور تي مقصد آهي. انسان جو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جيڪڏهن هو انهي اَمُل انهي اٽل حقيقت کي نہ سمجهي ان جو انحراف ڪري ٿو جيڪو اُمل کي پيچڻ جي برابر عمل آهي. انسان کي پنهنجي عاقبت جو حشر هوند نظر اچي تہ هو انهي منظر ڏسندي اتي جو اتي روئي معافي جو طلب گار ٿئي.

اَمُـــلُ اســـاري پئـــي. پـــوري پڳُئـــ جِيـــئَن
وانءُ صـــرافِن ســـيئَن، پئـــي اڇ هـــٿ ڪـــري.

*(دا - 4 ــ ب 6)*

- اَمُلُ اساري پئي... هن سٽ جي معنيٰ اڳئين بيت ۾ ڏني ويئي آهي.
- وانءُ صرافن سيئن = صرافن ڏانهن وڃ، انهن پيڙو تيءُ.

اسان اڳئين بيت ۾ انهي سڄي مطلب کي آندو آهي پنهين بيتن ۾ لفظن جو معنوي طور تي ٿورو فرق آهي. اصل ڳالھ آهي. پنهنجي ڪوتاهين تي جيڪي انساني ڪردار جي بهتر عمل کي اڏو اڏ ڪري وجهن ٿيون ۽ اهي ڪوتاهيون نيڪين کي ساڙي وجهن ٿيون هت مراد آهي انتهائي غلطيون ۽ گناھ جن سان زندگي متاثر ٿئي ٿي ان لاءِ سالڪ کي ضروري آهي تہ هو پنهنجي اندر جي آئيني کي صاف ڪرڻ لاءِ اهل الله يا عارفن جي صحبت اختيار ڪري پنهنجي نفس جي ڪوتاهين کي روڪي ۽ پاڻ ۾ انسان شناسي پيدا ڪري جيڪا خدا شناسي لاءِ پهريون قدم آهي. وانءُ صرافن سين جو مقصد اهو ئي آهي تہ چڱن اخلاق وارن جي صالحن جي صاحب ايمان ۽ ايمان وارن جي صحبت اختيار ڪجي. جنهن

جو مثال اسان اڳين بيتن ۾ ڏنو آهي.

اَمُـــلُ اســـاري پَئِـــي، پـــوري پڳئـــ جـــان
پئـــي اڌ هـــتِ كـــري سِـــري صَـــرافَن وان
تـــ ســو تُـــون تِئـان، سـچو كــرائين سيگھَ مـان

(دا - 4 ـــ ب 7)

- اَمُلُ اَساري پئي. اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- پوري = موڳي، ڳھيلي،
- وانءُ = وچ، تون وچ.
- سري = هلي.
- تئان = تنين كان انهن صرافن كان.

شاعر فرمائي ٿو تہ اي پوري اي ويسِري توكي اَمُلُ جي ملھ جي ان جي قدر قيمت جي ڪا خبر نہ هئي جي هئي تہ توکان اها وسري ويئي ۽ تو ان کي عام ڪچ جو مٽيو ڪري پيچي وڌو. هاڻي تو لاءِ ضروري آهي تہ تون اهي پئي اڌ هٽ ڪري. صرافن پيڙي تي. هت مقصد آهي انسان جي روح جو دنيا جي قندن ۾ ڦاسي پونڻ ۽ شيطاني وسوسن ۽ مغلظات جو شڪار ٿي وڃڻ ان جو علاج اهو آهي روح جي انهي رمز کي يعني انهن شرافن/صرافن نيڪن ڏي رڙهي اڳيرو ٿجي جيڪي انهي تان اهو ڪٽ ڪس لاهين ۽ ان جي اڌ ٿيڻ واري ڪيفيت کي محسوس ڪري ان کي حق ڏانهن جوڙي ناهي روانو ڪن. انهي عمل لاءِ انسان کي سيگھ ڪرڻ ڪپي ڇاڪاڻ تہ وقت ڪنهن جو مهمان ڪو نہ آهي اسين محتاج وقت آهيون.

ماڻِـــكَ مُنـــدَ هَتـــا، پيتـــيءَ ۾ پـــرزا ٿئـــو.
ســـچو تـــان سَـــيَدُ چئـــي لهـــي لَـــكُ سَـــوا
پڳـــي پُڃاڻـــا، پـــد مـــان ئـــي پـــري تِئـــو. *

* جيئن تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن پنهنجي ترتيب ڏنل شاھ جي رسالي ۾ هن بيت کي شامل نہ ڪيو آهي ان لاءِ سندن چوڻ آهي تہ هي بيت پاڻ ۾ ڏور جي خصوصيت رکي ٿو. جڏهن تہ انصاري صاحب

*(دا - 4 ـ ب 7 الف)*

- ماٽڪ = هن جي معنيٰ اڳ ۾ بيان ڪيل آهي.
- منڌ = عورت، زال
- هٿا = هٿان، هٿ کان.
- پرزا ٿيو = ٽٽي ذرا، ذرا ٿي پيو.
- سڄو = سالم صحيح، پورو.
- لهي لک سوا= سوا لک لهي.
- پدمان ئي پري ٿيو = پدمن کان ئي متي چڙهي ويو. وڏي قيمت ٿي ويئي.

هن بيت جي وينجهائڻ ۾ ڪيترائي سوال ڪر ڪڍي بيهن ٿا. جن جو جواب ڳولڻ/ ملڻ ضروري آهي جيستائين انهي سلسلي ۾ ڪا سروائي نٿي ٿئي ان وقت تائين بيت جي معنوي حقيقت پڌري نہ ٿي سگهندي. ماٽڪ مان مراد ڇا- مُنڌ هٿا/ هٿان هٿي مُنڌ ڪنهن کي قرار ڏجي. تہ اها عورت ڪير؟ پيتي ۾ پرزا ٿئو. پيتي ۾ ماٽڪ پئي، پئي ٽٽي پرزا ٿي پيو. هڪ سواليہ نشان نڪتو آهي ڪيئن؟ ان جي توجيہ ڪيئن ڪجي. سڄو هو تہ هن جي قيمت لک سوا هئي پر جڏهين اهو ماٽڪ ٽٽي پڄي پرزا پرزا ٿي پيو تہ هن جي قيمت پد مان ئي پري ويئي. هن سڄي ۽ پڳي

---

توڙي هن وقت تائين جي مروج سيني رسالن ۾ اهو بيت آهي زبان زاعام آهي تہ هي شاهہ سائين جو بيت آهي. جلد ڏهون جنهن کي ڊاڪٽر صاحب جن شاهہ جو رسالو، رسالي جو ڪلام جي عنوان سان شايع ڪيو ان ۾ هن بيت کي رسالي جي ڪلام هيٺ ڏنو ويو آهي انهي سان گڏ اهو ڄاڻايل آهي تہ هي بيت گنج، ترمپ 1269 هجري 1270 هجري ۽ ٻين انڪل ٽيهن پنجٽيهن شاهہ جي قلمي نسخن ۾ آيل آهي. جيئن تہ معنوي طور تي، جيئن ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي تہ هن ۾ لطيف جي ڪلام جيان پڌري ڳالهہ ڪيل نہ آهي پر ابهام جي صورت سان بين ڪيل آهي. ڊاڪٽر صاحب جن جي اها راءِ وقيع آهي پر جڏهن تہ هي بيت رسالن ۾ ڪثرت سان آيل آهي ۽ عام ماڻهن وٽ شاهہ سائين جي نالي سان مقبول آهي ان لاءِ اسان هن بيت کي نظر انداز ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو حالانڪ ماٽڪ جي سلسلي سان اڳ ۾ ڪجهہ بيت ڏنل آهي. هن بيت کي بجاءِ پڇاڙي جي انهن بيتن جي پران رکجي ٿو ۽ بيت 7 الف سان پيش ڪجي ٿو. (ڪاشف)

جو فرق اهو بہ اهڙي شيءِ جيڪا جواهرن مان هجي جنهن جي پاڻيٺ سچاڻي سان قائم آهي. پر هتي شاعر چوي ٿو تہ پڇڻ کان پوءِ هن جي قيمت ئي وڌي ويئي. اهي سڀ ڳالهيون سڃاڻ جي سلسلي سان اهميت واريون آهن.

ڳالهہ کي وينجهائڻ ۽ سلجهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي جو ان لاءِ ڪا حتمي راءِ ڏيئي نٿي سگهجي سواءِ خان ۽ قياس جيڪو عمل لطيف جي ڪلام جي معنوي حيثيت وٺان نہ آهي. جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جيڪي رايا ڏنا آهن. انهن جو ذڪر بي مهل نہ ٿيندو. جنهن ۾ پاڻ هڪڙي ڳالهہ اها ڪئي اٿن تہ ڏور جون سگهڙن وٽ هي معنائون هلندڙ آهن.

(1) بيبي فاطمہ رضي الله عنها نندڙي هئي روزو رکيائين پر پيجي وڌائين. ڏاڍو رُني وحي آيو تہ روزو ٿيو پر تہ بہ نندڙي رني تڏهين بشارت آئي تہ نہ رڳو اهو روزو ٿيو، پر اهو پدمن کان مٿي آهي. (ڪمون فقير).

(2) بيبي حوا هٿان ڪٽڪ جو داڻو پيجي بہ اڌ ٿيو ۽ اڌو اڌ ڪري لڌائون جنهن ڪري ڪئين نبي ۽ ولي پيدا ٿيا (گهٽا سگهڙ)

لطيفؒ جي هن ڳوڙهائي واري بيت جي سلسلي سان هڪ ٻي ڳالهہ يا نڪتو ذهن ۾ اچي ٿو جنهن جو سلسلو ”ابن العربي“ جي فڪر سان آهي، تہ ”هبا“ اهو مقام نور آهي جتان نور محمدي جو صدور ٿيو جنهن لاءِ فرمايل آهي تہ ”اِنا مِن الله کُل شِيءِ مِن نُوري“ نور جو اهوغبار اهو هيولا جيڪو مقام عملءُ ۾ هو اهو ”کُنتَ کنزہ مخفياً فاحببتہ من اَعرفَ“ جي اشتياق سبب تحيل ٿيو ۽ نور محمدي جو ظهور ٿيو جيڪا حقيقت مُحمدي جي وجہ اصليت آهي. جنهن نور منجهان هي سڄي ڪائنات وجود پذير ٿي ابن العربي جو چوڻ آهي تہ ”هبا“ حقيقت ڪليہ منجهان آهي هبام انجوعين آهي ۽ هن عالم جو عين انهي جي تجلي سان آهي. حضرت علي ابن ابي طالب رضي الله عنه عنہ ۽ سهل بن عبداللهؒ وسلم اهل تحقيق ۽ اهل ڪشف ان جو ذڪر فرمايو آهي تہ الله سبحانہ تعاليٰ انهي

هِباجي طرف پنهنجي نور جي تجلي فرمائي اهل افڪار انهي ڪي هيو لاءِ ڪُل سان موسوم ڪن ٿا. جنهن ۾ تمام عالم قوت صلاحيت سان موجود هو "الله تعاليٰ انهي هبا ۾ پنهنجي قوت ۽ استعداد جي مطابق ان ڪان هر شيءِ ڪي قبول ڪيو جيئن گهرجي ڪنڊ ۾ ٻرندڙ ڏيئي جي روشني ڪي گهر قبول ڪري ٿو ۽ سڄو روشن ٿيو وڃي. هي تخليق ڪائنات جي سلسلي جو عمل ۽ حقيقت محمدي جو اظهار آهي. ٿي سگهي ٿو ته لطيف انهي ڪي يا انهي رمز آفريني ڪي پنهنجي ڪشف جي دنيا ۾ محسوس ڪيو هجي ڇاڪاڻ عارف لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪا نه آهي. هن جو علم تابع معلوم جي آهي جيڪا ذات صاحب علم آهي ۽ "قد احاط بڪُلِ شيءِ علما" آهي. لطيفؒ جڏهن اها اظهار فرمائي ٿو ته "لوچيان ٿي لاحد ۾ هادي لهان نه حد" ته ان لاءِ اها ڳالهه يا انهي مقام جو نظر اچڻ جيڪو سر الا الله جو آهي ڪو مسئلو نه آهي. منهنجي انهي توجيه سان ڪير اتفاق ڪري يا نه اها ٻي ڳالهه آهي. ليڪن جنهن حد تائين بيت جي معنوي حيثيت جو تعلق آهي ته جناب ڊاڪٽر صاحب بيت ڪي ڏور جي دائري آٽي نظر انداز ڪيو آهي ان سان اتفاق ڪري نٿو سگهجي. پاڻ عالم دانا ۽ فهم جا صاحب آهن. سندن لاءِ ضروري هو ته هو انهي بيت جي معنويٰ حيثيت ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪو رويه يا اظهار فرمائين ها. ليڪن ائين نه ڪيو ويو. هن ناچيز ڪي ڪو علم ڪو نه آهي پر نيڪن جي صحبت ۽ انهن جي علم جي روشني جي آڌار تي مون انهي بيت جو ڪجهه ڦڪو بيان ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪو صاحب علم اچا انهيءَ ڪان اڳتي وڌي ڪو ٻي وڏي ڳالهه جو اظهار ڪري (وما توفيق الا بالله)

سونارا، صَراف سين پيچي چَڏِ بازِي
چاندي ڪِئو چلائِيين رُپو رَوازِي
جت ٿيندو رب قاضي، اُت توريندءِ تجويز سين.

(دا - 4 - ب 8)

- سونارا = اي سونارا
- صراف سين= سچ پو کڻ وارن سان.
- پچي ڇڏ بازي = صراف سان هوڏ جي حرفت ۽ ٺڳي واري ڳالھ ڇڏ.
- چلائيين = هلائين ان جو ڪاروبار ڪرين.
- رپوروازي = رپو رواجي = هالائو چاندي من گڏيل جنهن کي پٽڪر چئبو آهي.

هن بيت ۾ شاعر سوناري ۽ صراف جي معنوي حقيقت بيان فرمائي ٿو. انهي مستعارانہ بيان يا انهن ڪردارن جي اوٽ ۾ انسان کي هڪ سبق ڏانهن ڏيان آهي. زندگي جي اعمال حالات اطوار ڏانهن ڏيان ڇڪايل آهي حق ۽ حقيقت جو انحراف يا انهي سان اٽڪل بازي انسان جي فائدي ۾ نہ ويندي ڇاڪاڻ تہ حق عالم الغيب ۽ ڳجھ ڄاڻندڙ آهي اتي سينو ساهڻ يا پنهنجي عمل تي باور ڪرڻ اهو تصور ڪرڻ تہ منهنجي زندگي صحيح ۽ سالم آهي انهي قسم جي سوچ غلط آهي اهو ائين آهي جيئن رپو روازي هجي انهيءَ کي ڪو بقاءُ ڪو نہ آهي. ڪا ان کي اهميت ڪا نہ آهي.

ڇاڪاڻ تہ جتي پاڻ ڏٽي قاضي تيندو رب تعاليٰ پاڻ عدل ڪندو ڇو تہ پاڻ ”العادل“ آهي هو انصاف ڪرڻ وارو آهي اتي جتي مکڻ مان وار نڪرندو اسانجا عضوا اسان تي شاهدي ڏيندا. اتي اهي اسان جون سڀ اٽڪلون ۽ پاٽپٽو پورا پورا ٿي وينديون. شاعر انهي روز عدل ڏانهن ڏيان ڇڪائي چڱائي جي عمل جي يادگيري ڏياري ٿو.

سونارا، صَرافِ سين، بازي پچي ڇڏ
جو چاندي ڪِئو چلائيين، سو مچڻ پوئي هڏ
صرافائي سَڏ، ترنَدا تِرَ مِيزانَ ۾

(دا - 4.- ب 9)

- سونارا صراف سين = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي
- بازي پچي ڇڏ = هوڏ حرفت ٺڳي ڇڏ

- مچڻ = متان
- چلائيين = هلائيين، هلائين ڪاروبار ڪرين.
- مچڻ پوئي هڏ = متان تنهنجي ڳچي ۾ نہ پوي تنهنجي لاءِ مشڪل بڻجي پوي
- ترندا تر = تر ترندا، ذري، ذري عمل جو حساب ٿيندو.
- ميزان = ساهمي، انصاف وارو هنڌ.

هن بيت ۾ بہ اڳئين بيت جي حقائق جو تڪرار يا اڪاده آهي. سڄي ڳالهہ ميزان واري ڏينهن يعني روز قيامت جي آهي. جتي انسان کان ذري، ذري جو حساب ورتو ويندو. جيئن سورت يٰسن ۾ فرمايو ويو آهي تہ

ان ڪَانتَ اِلاَ صَيحت وَحدت فَاذِاهَم جَميعُ لدپنِا محصنرون، فلليوم لانظلم نفس شَيئَا وّ لاتجزون اِلاما ڪنتُم تعلمون.......... (صرف هڪ زور وارو آواز ٿيندو (يعني سڏ ٿيندو) ۽ سڀ جا سڀ اسان جي اڳيان اچي حاضر ٿيندا (يعني خدا جي روبرو) انهيءَ ڏينهن ڪنهن شخص تي ڪجهہ ظلم نہ ڪيو ويندو ۽ اوهان کي اهو ئي بدلو ملندو جهڙا اوهان ڪم ڪيا هوندا) غور ڪبو تہ لطيف جا هي بيت بنيادي طور تي قرآن حڪيم جي انهن آيتن جي معنيٰ جن پس منظر ۾ لطيف پنهنجي انهن ڳوڙهن خيالن جو اظهار فرمايو آهي.

اسان جو عمل ان جو حساب ڪتاب آخرت واري ڏينهن جو سڏ ۽ پنهنجي ڪئي جو حساب ڪتاب نهايت غور طلب ۽ توجهہ طلب آهي. قدم قدم تي هي مهان شاعر انهي ڳالهہ کي ياد ڏياري ٿو تہ انسان ۾ سلجهاءُ ۽ انسانيت حقانيت پئدا ٿئي.

سونارا، صَراف سِين لڏو لاهہ مَر لَڏِ
سودو سوئِي ڇَڏِ، جِتِ جواهِرُ ناهِ ڪو

*(دا - 4 ـ ب 10)*

※ صراف سين لڏو لاهہ = صراف سان لڏي ۾ گڏ رهہ، انهي جي لڏي ۾ هل.

* مر لڌ = تون لڌ جيڪڏهين صراف ڪيڏانهن ٻئي هنڌ وڃي تہ تون بہ ان سان لڏي ۾ گڏ رهہ تہ جيئن ان کان ڪجهہ حاصل ڪري سگهين جواهرن جي جوتي ۽ پاڻيٺ ڪي پرکڻ جو توکي هنر هٿ اچي.

تون صرف سونارو نہ ٿيءُ پر صرافاڻي ڪرت ۽ ڪار سک ان لاءِ اها ئي توکي نصيحت آهي تہ صراف کان نيڪ ۽ صالح صحبت کان جدا نہ ٿي. ڇو تہ توکي انهي سودي جي سڌ ئي ڪا نہ پوندي جت جواهر نہ هوندو تہ تون ڇا ڪندين ڇاڪاڻ تہ جوهري ۽ صراف اتي ئي لڌو لاهي ٿو جتي جواهرن جي جوتي آهي. هت مقصد آهي پنهنجو پاڻ کي چڱن جي صحبت ۾ رکڻ جن کي زماني جي حق جي حقيقت جي آگاهي هجي.

- سودو = واپار
- سودو سوئي ڇڏ = اهو واپار اهو ڏنڌو، اها ڏي وٺ ئي ڇڏ جتي ڪو جواهر ڪو نہ آهي يعني حقيقت کي ڪو سمائڻ وارو ئي ڪو نہ آهي. انسان کي انهن سان گڏ گذارڻ گهرجي جيڪي حقيقت شناس ۽ سچ جا ساٿياري هجن ۽ صرافن جيئن سچا ۽ کرا حقيقت پسند هجن ۽ حق جي وات ڏيکارڻ جي منجهن صلاحيت هجي.

سـونارا، صَـرافَ سِـين لـڏو لَـڏِ مَر لاهـ
آهـي تَـنِ اُونداهـ، جَـنِ جَـواهِرَ ضـاعِ ڪِئـا

*(دا - 4 ـ ب11)*

هن بيت ۾ بہ اڳئين بيت جي معنيٰ وارو مقصد گهڻي قدر سمايل آهي. وڌيڪ غور طلب ڳالهہ اها آهي تہ جن جواهر ضاع يعني ضايع ڪيا حقيقت جي سلسلي کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي دينوي طور يا معنوي ۽ حقيقت جي تلاش ۾ پاڻ ۾ اها صرافن واري لياقت، سمرتي ۽ دانائي يا ائين چئجي تہ حقيقت شناسي پيدا نہ ڪئي انهن لاءِ اوندهہ آهي. يعني هو انهي جهل ۽ خود فريبي ۾ مبتلا آهن. جيئن روازي رپو هوندو آهي. جنهن جي ڪا قيمت ڪا نہ آهي اصل جواهر يا جوهر نفس جو پاڻ

سچائڻ آهي ، جنهن سان انسانن کي حق جي روشني ميسر ٿئي ٿي ۽ انهي اونده يا ظلمت مان نڪري جواهرن يعني حق جي نور سان متعارف ٿئي ٿو جنهن جي اصل ۾ انسان کي ضرورت آهي.

جُـ صـرافَن لَـڌ ئـو، تـ تُـون پُـڻ لَـڌِج سـونَ
قـدر لَهنَدَءِ ڪـو نَـ، نيتـي گَڏينـدُءِ گَڏُونءَ سين.

(دا - 4 ـ ب 12)

- جـ = جيڪڏهين، جڏهن جو
- لڌئو = لڌي ويا، مال مڏي ڪٽي ويا، جوءِ ڇڏي ويا.
- تون پڻ = تون پاڻ ئي
- لڌج = (مصدر لڌڻ امر لڌ مضارع لڌج) تون انهن سان گڏ لڌج لڏو ڪٽج/ ڪٽجانءِ
- قدر = مقياس، اندازو، سچاڻپ، اهميت
- قدر لهندءِ ڪو نـ = ڪو قدر ڪو نـ ڪندُءِ ڪا اهميت ڪا نـ ڏيندءِ.
- گڏيندُءِ = ملائيندَءِ
- گڏونءَ سين = غير ڏاتو گڏون اڪثر ڪنجهي يا پتل جا هوندا آهن جن جو رنگ سون جهڙو تـ نـ پر ان سان قدري مشابهت ۾ اچي ٿو توکي انهي سان گڏي ملائي ڇڏيندا. يعني تنهنجي حيثيت ختم ڪري ڇڏيندا.

هن بيت ۾ شاعر سچ کي سچائڻ حقيقت جي عام ڀر پروزڻ وارن انهن لائق فائق ۽ صالح انسانن جي ڳالهه ڪري ٿو جڏهن سماج جي اندر ماحول جي اندر سچائي کي اها اهميت نـ آهي انهي ڪان دل برداشت ٿي حق ۽ سچ چوندڙ صراف جيئن سچا انسان اهڙي اڻ سهائيندڙ ماحول کي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. انهي ڪيفيت کي محسوس ڪندي شاعر سون کي جيڪو سچ جو وکر آهي ان کي استعاري طور استعمال ڪري فرمائي ٿو تـ جڏهن اخلاص ۽ نيڪي وارا سچا انسان لڏين ٿا تـ پوءِ اي

سچن جا صحبتي توڪي بہ انهن سان گڏ لڏي وڃن گهرجي ڇاڪاڻ تہ ”قدر وارا ڪم ٿيا ڪٿا خريدار“ وارو ماحول وڃي بينو آهي. انهيءَ ۾ تو سچي جو ڪهڙو قدر ٿيندو تون وقت جي جبر ۽ ماحول جي ڏاڍ جو ڪهڙو مقابلو ڪري سگهندين ۽ انهن ڪي راهہ راست تي آڻي سگهندي. هتي تہ پاڻ جاهلن نا سمجهن جو هڪ جم غفير آهي انهن جي اڪثريت آهي اهي توڪي پاڻ سان گڏي ڇڏيندا اهڙي ريت جيئن سون کي گڏوڻ ۾ گڏيو ٿو وڃي هن بيت ۾ انهي طرح جي خيالن ۽ تصور جي اپٽار آهي.

جي نہ سُڃاڻَن سَچَ کي، ويهُہ مَ تَنِي وَٽِ
اَمُلَ کي اَڏَ ڪَري پاڻا هَٽندا پَٽ
وڃي ماڻِڪُ تن سان مَٽِ، جي پارَکو پاڻيٺ جا*

*(دا - 4 ـــ ب 13)*

- سڃاڻن = پرکين، سڃاڻ ڪن
- ويهہ مر تني وٽ = انهن وٽ نہ ويهہ انهن سان ڪار رغبت نہ رک
- امل = هن جي معنيٰ اڳئين بيتن ۾ ڏنل آهي.
- ماڻڪ = موتي، جواهرات جو هڪ قسم
- پارکو = پرکيندڙ (مصدر پرکڻ، امر پرک اسم فاعل پارکو)
- پاڻيٺ = هن جي معنيٰ اڳين بيتن ۾ ڏنل آهي.

لطيف فرمائي ٿو تہ جيڪي سچ کي حق کي حق جي حقيقت کي نٿا سڃاڻن انهن وٽ تنهنجي وهڻ جو ڪو ضرور نہ آهي، اهي توکي حقيقت جي راز ڪان انهي گس ڪان ڪهڙي واقفيت ڏيندا جڏهن تہ هو پاڻ اُم عليٰ قلوُبهم“ جي مصداق آهن هنن جي قلب تي تالو لڳو پيو آهي. اهي تہ تنهنجي سوچ تنهنجي طلب کي جيڪا بي مُلهي آهي اڏو اڏ ڪري پٽ تي هٽندا ڇو تہ هو پاڻ ئي بي خبر ۽ بي سُڌ آهن.

---

* انصاري صاحب هن بيت ۾ ”ماڻڪ“ لفظ جي عيوض مُهر لکيو

تو لاءِ اهو ضروري آهي تہ تون اها سون ۽ سچ جهڙي طلب جيڪا بي ملهي آهي انهي کي انهن سان اور انهن آڏو حال حقيقت بيان ڪر جيڪي معرفت جا صاحب آهن جن کي انساني روح جي انهي طلب (پاٽيث) جي خبر آهي ۽ "وَالّذِينَ اُوتُوالعِلمَ" ( اهي جن کي علم ڏنو ويو) جا صاحب آهن. انهن سان پاڻ ملاءِ ۽ انهن سان روح جي انهي رمز کي بيان ڪر ذڪر فڪر ۽ زهد جي حقيقتن کان واقف ٿي تہ تنهنجي اندر جو اهو مَٽُ مِٽجي وڃي ۽ سچ سان مزين ٿئي.

تـا صَــرافَ سُــڄَڻِ، پــاڻ ڪوٺــائِنِ جــوهَري  
ماڻــڪُ ڪــوي مُــٽِ ۾ وانءُ وَٺِــي وَتِ تَــنِ  
سَــندُس ئــي، سَــيدُ چئــي ڪَهــڙو قــدُرُ ڪَــنِ  
پاٽيث اِي پَرَکَنِ، ڪِ ڪَنچن گَڏين ڪَڇَ سَين*

(دا - 4 ـ ب 14)

- سَڄَڻِ = ٻُدجن جن جو نالو آهي.
- تا صَرافَ سُڄَڻِ = ڪي ڪي وڏا صراف سُڄن تا جن جو نالو آهي ۽ ناليوارا آهن
- پاڻ = پاڻ کي پنهنجو پاڻ کي
- ڪوٺائِن = چوائن، مشهور ڪن.
- پاڻ ڪوٺائن جوهري = پنهنجو پاڻ کي جوهري چوائڻ وارا پڏائڻ وارا گهٽا آهن.
- مُٽ ۾ = هٿ جي مٺ ۾ پيڙڻ
- وانءُ = وڃ، تون وڃ
- قدر ڪن = انهي جو ڪهڙو قدر تا ڪن. ان کي ڪيتري اهميت يا وزن

---

* انصاري صاحب ڪنچن لفظ بجاءِ بيت ۾ "ڪئيچل" ڏنو آهي. 1269هجري ۽ 1270 هجري جي ٿن قلمي نسخن مان تيار ڪيل شاهہ جي رسالي ۾ لفظ "ڪئنچلُ گڏين" لکيل آهي "ڪچ سين" جا لفظ لکيل نہ آهن. (ڪاشف).

تا ڏين.

- پاڻيت اِي پَرَکَن = پاڻيت تا پرکين وٽن انهي قسم جي اهليت آهي جو کين خبر پوي تہ هن ۾ ڪيترو جوهر پاڻيت آهي.
- ڪَنَچُن = ڪَنَچلُ (پرا، ڪنچڻ، سن ڪانچن، ڪانچ = چمڪڻ) = سون .

هن بيت ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ جيڪي نالي وارا صراف يعني سچ کي پرکڻ وارا ڪي ٿورا تا سُڄن يعني حقيقت جي مامر پروڙڻ ان جي جاڻ وارا ڪي ٿورا تا پڌجن باقي بيا تہ انهي نالي ۾ جوهري يعني حقيقت جي جاڻ وارو ڪوناٿيندا ۽ پنهنجو پاڻ کي پڏائيندا وتن.

اي سالڪ حقيقت جو موتي حاصل ڪري تون انهن سچن سالڪن (صرافن) وٽ وڃ پوءِ ڏس تہ اهي حال حقيقت جو ڪهڙو قدر ٿا ڪن. انهن وٽ حق جي وات جي ڪيڏي اهيمت ۽ قدر آهي، هتي سالڪ لاءِ ٻن رخن جو اظهار آهي هڪڙا اهي جيڪي حقيقت ۽ معرفت جي موتي جي پرک وارا آهن ۽ ٻيا اهي جن کي انهي منزل ۽ مقام جي ڪا ڄاڻ ڪا نہ آهي. پر پاڻ کي حقيقت جو جوياءِ راز يعني حقيقت جي علم جي ڄاڻ رکندڙ چوائي رهيا آهن.

يا سالڪ تون ڏس تہ هو تنهنجي اندر ۾ حق جي تلاش ۽ ان جي ديدار جو جيڪو مچ مچيل آهي ان کي پرکين بہ ٿا يا نہ، کين انهي سون جي سڌ پوي ٿي يا نہ يا ماڳهين توکي ڪچ سان ملائي ٿا ڇڏين ڪچ سان ملائڻ آهي حقيقت جي وات ڪان پري ڪري ڇڏڻ لطيف سرڪار هن بيت ۾ سالڪ جي انهي روين ۽ ان جي روحاني ارتقا ۽ انهي احساس کي معلوم ڪرڻ وارن عارفن جو ذڪر ڪري ٿو انهي امتياز ۽ فرق کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اهو فرمائي ٿو. زباني پاڻ کي جوهري چوائيندڙ يعني فقيري جي ڪوڙي دعويداري حقيقت جي ڄاڻ جي نہ هئڻ باوجود ان جي دعويٰ ڪرڻ وارن جو ذڪر آهي.

وٺـا سـي وينجهـار، هيـرو لَعـلَ ونـڌين جـي
تِنـي سـندا پوئِيَـان، سِـيهي لِهَـنَ نـہ سـار
ڪِٽِـين ڪُـٽ لِهـار، هـاٽي اُنـي پيٽـيـن

(دا - 4 _ ب 15)

- وٺاسي = سي ويا هليا، اهي هليا ويا.
- وينجهارَ (جمع) واحد وينجهر) = موتين هيرن کي سوراخ ڪڍڻ وارا ونڌڻ وارا انهن کي سمجهڻ وارا، پرک ڪرڻ وارا.
- ونڌين = سجاڻن، پرکين، سودين ونڌڻ = سوراخ ڪرڻ جواهرن ۽ موتين ۾ قابليت سان هي ذو معنيٰ لفظ آهي.
- تني سندا = تنهين جا، انهن جا
- سيهي = سيهي جي شيهي جي لوهہ جو هڪ قسم جيڪو گرم ڪرڻ سان پاڻي وانگر ٿي پوندو آهي، ڳري پوندو آهي.
- ڪُٽُ = بيڪار لوهہ

لطيفؒ هن بيت ۾ نهايت وڏي ڳالهہ ڪري ويو آهي. جتي وينجهہ ۽ هيري لعل جي استعاري طور ذڪر سان فرمائي ٿو تہ اهي دانا! اهي سمجهو سگهڙا صاحب عقل ۽ صاحب نظر جن جي زماني تي بہ نظر هئي تہ انسانن جي قلب تي بہ هنن جو ڌيان هو. اهي پنهنجو وارو وڄائي ويا. وقت گذاري ويا جن جي هئڻ سان سندن دور هڪ سبق آموز ۽ سونهري دور هو.

اڄ انهن جا پويان انهي حق جي ميراث کي بلند اخلاقي ۽ زماني جي ڪا پرک ڪا نہ ٿا رکن. انهن کي شيهي ۽ سون ۾ چڱي ۽ مٽي ۾ ڪو فرق نظر ڪو نہ ٿو اچي.

اهي هنڌ ۽ ماڳ جت انهن دانائن، درويشن، عقل وارن ۽ اهل دل صاحبن جو ديرو انهن جون پيٽيون ۽ ماڳ هئا جتان فيض جا درياءَ جاري هئا. ماڻهن کي حسن اخلاق ۽ حقيقت جو گس ملندو هو. اڄ انهن هنڌن تي

انهن جا پويان لهار جيان ڪُٽُ پيا ڪتين جت سون جي سرواڻي هئي ۽ حق سچ جي ڳالهہ هئي. اج اتي منظر ئي ان جي ابتڙ آهي، لطيف وقت جي وٽاهہ ۽ انسانيت انهي رنگ نہ هئڻ ۽ پوين جي بي قدري واري روش جو ذڪر فرمايو آهي.

اَڳِهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽَ تي
پَلئہ پايو سَچُ، آچينديءَ لَجَ مَران

(دا - 4 _ ب 16)

- اڳهيو = (مصدر اڳهامڻ = قبول پوڻ) = قبول پيو
- ڪائو ڪَچُ = شيشي جي ٽڪرن جي حيثيت رکندڙ شيون ڪوڙا جواهر، لعلون
- ماڻڪن موٽ تي = سچن هيرن جواهرن کي قبول نہ ڪيو ويو موٽايو ويو.
- پَلئہ پايو سچُ = سچن هيرن، موتين جواهرن جي جهولي پريل.
- آچيندي = انهن کي ڏيندي، چوندي آچ ڪندي
- لج مران = شرم ۽ حيا کان مري وڃان.

لطيف هن بيت ۾ زماني جي ستمر ظريفي نا عاقبت انديشي ۽ سچ کي نہ سڃاڻڻ حقيقت کي نہ سمجهڻ واري ڪيفيت ۽ حالت جو ذڪر نهايت درد مندانہ بالغ نظري سان فرمايو آهي جنهن ۾ سندس زندگي جو مطالع ماڻهن جي روش ۽ حق سچ جي بي قدري واري عمل کي محسوس ڪندي دانهن ڪئي آهي تہ ماڻڪن موٽ تي ويئي. ڪائو ۽ ڪچ پيو اڳهامي انصاف ويو، عدل ويو. حق جي حقيقت وارا نہ رهيا اهي سمجهو سگهورا ئي نہ رهيا حالتن وقت جي روين ۾ رنگ ئي ٻيو پري چڙهيو آهي اشراف اج منهن لڪائڻ ۾ پورو مس آهي ۽ ڪميڻي ۽ ڪوڙي جي جت ڪٽ عزت آهي، اهڙي ماحول ۾ سچ جي ڳالهہ ڪندي حق جو اظهار ڪندي يا انهي جي آچ ڪندي ماڻهوءَ کي شرم پيو اچي ڇاڪاڻ تہ مسند ۽ ماڳ تي

ڪوڙن ڪانيرن جو قبضو يا دور آهي مرد مري ويا جيڪي سچ جا ساٿي ۽ ٻيٽي ٻانهه ڏيڻ وارا هئا. اهڙي نفسا نفسي جي عالم هڪ سچار مخلص ۽ انسانيت پسند ماڻهوءَ لاءِ وڏو وڏاهه آهي هو اهو ئو سوچي ته انهيءَ بي انصافي وارين حالتن ۾ زندگي جي گندن روين جن ماحول کي خراب ڪري ڇڏيو آهي. انسان بجاءِ انسان جي هڪ وحشي درندي جيان آهي ان کان نه ماڻهو مرڻ بهتر آهي ڇو نه ڏسندو ۽ ٻڌندو نه وري جيءَ جلندو.

### وائي

جــاڳو يـــاران جيـــڏيُون پـــاڻُ پـــرن جـــي
جــاڳو جـــو شـــان جيـــڏيون پـــاڻ پَـرن جـــي
هلنـــدي حبيـــبن ڏي ويلـــو وچ نـــه ڪَجـــي
هتـــي اُهـــس آســـري پتنـــگ جـــئن پئجـــي
عـــرض احـــوال ان کـــي جَڳـــي يَـــت ڇئِجـــي
ڪـــري نِيـــازَ نِڪَٽِـــي وَاحِـــدَ ڏي وَرِجـــي
اَجَـــلُ اِينـــدو اوچتـــو جـــو سَـــدا پئـــو سُـــڃي
آهـــي مـــوتُ مِڙنَ تـــي، گـــوڙيـــون ڪئـــو تـــو گجـــي
اڳيـــان اُونـــداهيءَ جـــو ثمـــرُ ســـاڻ ڪٽجـــي
ڪـــڻ تـــون قـــوت قبـــر جـــو گهٽـــو تـــو گُهرجـــي
آگـــر عيـــب اواهنِجـــا ڍَڪِئـــا ڳجُهـــه ٻجهـــي
جيڪِـــين وهـــي وُجـــود ۾ صـــاحِبُ ســـو سَـــمجهي
ڏِجـــي داءُ ڏٽـــيءَ جـــي جيڪـــو پئـــيءَ پڃـــي
اَمَـــنُ آهـــي اُنَ کـــي مَنجهـــه الله جـــي اَجهـــي

جيڏيون ياران جاڳو سجاڳ ٿيو پنهنجو پاڻ کي سپرد ڪيو يعني رب جي حوالي ڪيو.

ڪن نسخن ۾ ياران جي بجاءِ جاران لکيو ويو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڪست مان زور مان جيڏيون جوش مان جاڳو پنهنجو پاڻ سپرد

ڪيو.

حبيبن پاڻ ڏٽين ڏي هلندي وچ ۾ ڪا گهاري نہ وجهو سستي نہ ڪريو اهو اُهس اها حق جي روشني ان تي پتنگ جيان وجي پوڻ گهرجي. حق آڏو يعني رب جي بارگاهہ ۾ پنهنجي مدعا ۽ احوال کي چڱي پر پيش ڪجي اهو احوال نياز، عاجزي سان واحد جي وڏائي آڏو پيش ڪجي.

اي بندا! اجل اوچتو ايندو جيڪو سدائين پيو ٻڌجي تہ اڄ هو ويو، هي ويو اهڙي ريت پاڻ کي انهي راهہ تي هلڻو آهي جنهن جي مهل جي خبر نہ آهي.

"ڪل نفسن ذائقتُ الموت" موت جو گوڙ هر وقت هلندڙ آهي ۽ ان جو ذائقو هر نفس کي چکڻو آهي.

اڳيان اونداهي قبر آهي ڪا روشني ڪا نہ آهي ان جو ثمر نيڪ اعمال آهن اهي پاڻ سان هجن اهو قبر جو ثمر آهي، قبر کي تہ گهڻو ئي گهر جي هو چوندي "حل مِن مَزِيد" اجا بہ گهرجي اجا بہ آڻ.

آڳو جيڪو رب العالمين آهي. انهي کي اوهان جي انهن سيني عملن جي خبر آهي جيڪي اوهان دنيا وارن کان تہ لڪايا آهن پر مالڪ وٽ سڀ روشن آهي. انسان جي وجود ۾ جيڪي وهي ٿو اها رب کي سڀ خبر آهي، ڇو تہ هن جي ذات عالم الغيب آهي. هن کي سڀني شين جو علم آهي.

انهي مالڪ جي انهي پڪڙ گرفت جي ڌپ کان ٻچي ٻچجي پر ائين نٿو ٿي سگهي ماڻهو ڪيڏانهن ويندو هر سُو هن جي ذات ۽ هن جو قانون آهي.

ان لاءِ انسان لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي رب کان امان ۽ رحم جي طلب ڪدي عفو ۽ رحيميت جي التجا ڪري ڇو تہ انسان لاءِ رب کان سواءِ ٻيو ڪو اجهو ۽ آسرو ڪو نہ آهي زندگي ڏيڻ واري بہ سندس ذات زندگي جي ڏيئي کي اجهائڻ وارو بہ هو پاڻ انصاف ۽ پڪڙ وارو بہ پاڻ ڏٽي اهو ئي امن امان ڏئي سگهي ٿو ڇو تہ سندس ذات رحمان ۽ رحيم آهي.

## وائي (2)

عمُرِ سَبُ عَبَثُ ويل وڃايم پانهنجي
وَقت وڃايم پانهنجا
ويٺي لِکيو لوڙيان جيکين کئو مَسُ
قلبُ مون کارو ٿيو، تون ڪامل لاهين کَسُ
حال منهنجو هَهڙو جهڙو تان تُون پريَم پَسُ
اتي ايا ڳڻ کي راحِم اچي رَسُ

منهنجي عمر سڀ عبث = اجائي ويئي مون پنهنجو وقت وڃائي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته عمر جي انهي حصي ۾ ياد الاهي کي مون اختيار نه ڪيو نيڪي ۽ چڱا عمل نه ڪيا "عمر ويئي گذري ڏوهن ۽ پاپن ۾ سڀ"

لوح و قلم ۾ ڪاتب تقدير مون لاءِ جو ڪجهه لکيو اهو ويٺي لوڙيان انهي کي پئي پيو ڀڳيان.

بي عملي ۽ حق کان غفلت، نفس اماره جي تابعداري منهنجي قلب کي ڪارو ڪري ڇڏيو آهي يعني حقيقت کان پري ڪري ڇڏيو آهي. اي ڪامل! منهنجا ڏٺي منهنجا مالڪ تون هادي ۽ هدايت ڏيندڙ آهين منهنجي قلب تي جيڪو اهو ڪس آهي جيڪا اها نفس جي غلبي جي ڪيفيت آهي ان کي لاهي ان کي دور ڪر منهنجو ههڙو حال آهي عمل نيڪ جو ڪو ثمر ۽ توشو ڪو نه آهي. اي منهنجا مالڪ! تون پنهنجي ٻانهن کي ڇاهيندڙ آهين، منهنجو ڏٺي ۽ هادي ۽ همراهه آهين. هن ايا ڳڻ کي جنهن جو ڀاڳ ئي ڀلو نه آهي جيڪا بدنصيب ۽ پاپن جو ڀڄرو آهي انهي کي اي راحم! اي رحم ڪندڙ ٻاجهارا ٻاجهه ڀريا ڏٺي تون اچي رس ۽ تار مان تار، هي وائي ۾ بندي طرفان پنهنجي رب کي التجا ۽ مدد لاءِ پڪار آهي.

# سُر ساموندي

# سر سامونڊي

سنڌ سُر، تال، ۽ راڳ جي سر زمين رهي آهي. وررونھ ۽ وڇوڙي ۾ انهي جي ڪيفيت هڪ نرالو انداز اختيار ڪري ٿي وڇوڙي ۽ وررونھ جا آلاپ جڏهين ڪن پون ٿا تہ اهي انسان جي اندر ۾ جهيرون وجهي روح کي بي حال ڪيو وجهن ۽ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ اها روح جي رڙ آهي جيڪا اندر مان اُسري اڏ مان ڏيئي ٻاهر نڪري ٿي. ”سر سامونڊي“ بہ اهڙي خيال ۽ تصور کي پيش ڪري ٿو. جنهن ۾ سنڌي عورت جنهن جي مختلف روپن مان وڻجاريءَ جو بہ هڪڙو اهڙو روپ آهي، جيڪو وررونھ، وڇوڙي، انتظار، اوسيئڙي جو شڪار آهي. ور جي وڇوڙي سبب هوءَ هنجون هاري ۽ نيڻن مان نير جا درياھ واهي ٿي ۽ ٻاسون ٻاسي ڏيا موهي، جر جاتون ڏئي ٿي. درياھ شاھ تي پاتو پائي پنهنجي ور جي خير سک سان ورڻ جي لاءِ التجا ڪري ٿي. پٽ ڏٽي سامونڊين جي سفر، سمونڊ جي ڪنن جي ڪڙڪن ۽ اوڙاھ جي اوڙڪن کي بہ انهي ۾ بيان ڪيو آهي. انهي سڄي ماجرا ۽ ڪل ڪيفيت جي اظهار لاءِ لطيف راڳ جي سرزمين کي استعمال ڪيو.

راڳ جي تاريخ ۽ راڳ داري ۾ سامونڊي جي نالي سان ڪوبہ راڳ نظر نٿو اچي. ليڪن لطيف راڳ جي بنياد تي مختلف سرن ۽ انهن جي تال ۽ آلاپ کي پاڻ ۾ ملائي سر سامونڊي کي پيش ڪيو آهي. ائين چئجي تہ سنڌ جي ٺيٺ نج سنڌي راڳن جيان سرسامونڊي بہ لطيف جي راڳ جي ميدان ۾ هي هڪ نئين تخليق آهي. جنهن کي شاھ سائين سر تال ۽ آلاپ

جي آميزش سان وجود ڏيئي بيان ڪيو آهي. لطيف سائين جي ڪلام ۾ سرن جي بيهڪ ۾ ”سُر سري راڳ“ کان پوءِ سرُ سامونڊي رچيل آهي. ”سري راڳ“ ۾ سمونڊ جي ۽ ٻيڙياتن جي سڙهہ ۽ سيٺاهہ جي سفر جو ذڪر آهي. جڏهن تہ ”سري راڳ“ راڳ جي دنيا جو چوٿون اهم راڳ آهي. جنهن مان ٻيا ذيلي پنج راڳ ۽ سورهن راڳڻيون نڪرن ٿيون انهن جو راڳ جي دنيا ۾ داسيون ۽ ارداس انهيءَ کان سواءِ آهن جن جي ڦهلاءَ ۾ ”سري راڳ“ پنهنجو دائرو رکي ٿو. سُر سامونڊي ۾ پڻ سمونڊ جي اوڙاهہ جي اوڙڪن، لهرن ۽ ڪنن جي ڪڙڪي سان گڏ وڻجارن جي سفر سٽائي لاءِ واين ۽ التجائن سان گڏ وڻجاري جي وَهُن جي ورونهہ ۽ وڇوڙي جي آلاپن، انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ نيڻن مان نير وهائيندي ۽ ونجهہ ۾ ور وجهي ”رهہ اڃوڪي راتڙي“ جو سوز ڀريو نظارو چٽيل آهي يقين آهي تہ انهي سڄي ماحول ۽ ان جي ڪيفيت کي نمايان ڪرڻ لاءِ لطيف راڳ جي مختلف پهلوئن ۽ سُرن جي روين کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن ڪري سرُ سامونڊي پنهنجي تاثير ۽ تند جي تنوار ۾ نهايت سوز ڀريو ۽ جيءُ جهوريندڙ سرُ آهي. جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن سرُ بابت سنڌ جي موسيقي جي تاريخ ۾ هن سُر لاءِ لکن ٿا تہ ”سر سامونڊي جڻ گاوتيءَ سان ملي ٿو.“ مزيد تشريح کان سندن قلم قاصر رهيو آهي. محترم ” منظور نقوي“ سر سامونڊي بابت لکي ٿو تہ: ”سرُ سامونڊي جنهنجو مفهوم آهي سمونڊ ۽ سامونڊين جو بيان انهي سرُ جو راڳ وڃايل آهي.... دراصل اهو راڳ پوربي ٺاٺ جو هڪ نج سنڌي راڳ آهي. جيڪو پراڻن ڪتابن م محفوظ نہ ٿي سگهيو. منظور نقوي صاحب هن معدوم ٿيل راڳ جي شڪل پيش ڪندي سامونڊي جي سرن جي ترتيب هن ريت ڏئي ٿو.

**آروهي:**

کرج- ڪومل رکب، تيور گنڌار، پنجم ڪومل، ڌيوت ۽ تيورنکاد

**امروهي:**

ڪوج، ڪومل رکب، تيور گندار، تيورمذم، پنجم ڪومل، تيور ۽ تيورنڪاد. آروهي کي گائڪي جي اصطلاح ۾ ”ڪاڊو“ چئبو آهي. يعني ڇهن سرن واري ۽ امروهي ۾ سڀ سرُ لڳن ٿا. انهيءَ ڪري امروهيءَ کي سمپورن، يعني سيني سرن واري امروهي چئبو. انهي لحاظ کان ساموندي کي ڪاڊو سمپورن راڳ ڪري ليکيو ويندو.

راڳ ساموندي جو انگ ڀڏائي تو تہ انهيءَ راڳ کي راڳ داريءَ جي قانون مطابق، پوربي ٺاٺ ۾ شامل ڪري سگهبو. پوربي ٺاٺ ۾ هي سرُ شامل آهن: ڪرج، ڪومل رکب، تيور گندار، تيورمذم، پنچم، ڪومل ڏيوت ۽ تيو رنڪاد،

راڳ ساموندي‍ءَ جو راڳ داريءَ جي قانون مطابق واري سُر تيور گندار ۽ سموادي سرتيور نڪاد آهي... هن راڳ کي راڳ داريءَ جي اصول مطابق سنڌي پرڪاش جو نج سنڌي راڳ ليکيو ويندو.“ ساموندي راڳ جي اروهي سرن مان مذم سرُ سان گڏ نڪاد جي سر کي ترڪ ڪري ڇڏجي تہ راڳ ”رام ڪريا“ وجود ۾ ايندو... وري جي ساموندي راڳ جي امروهي سرن مان مذم جي سر کي ڪڍي ڇڏبو تہ راڳ ”ترون“ وجود ۾ ايندو. راڳ ترون ڇهن سرن جو راڳ آهي... ۽ ساموندي ڇهن ستن سرُن جو راڳ يعني ڪاڊو سمپورن راڳ آهي. هن راڳ کي چڱيءَ طرح سان ڄاڻي پوءِ ڳائڻ گهرجي. ڇو جو ٿوري غلطيءَ سان يا ڪنهن زائد سُر جي استعمال سان ساموندي راڳ جي شڪل بدلجي ويندي. ڪيترا اهڙا راڳ آهن. جن ۾ ساڳيا سرُ لڳن ٿا. مثلاً راڳ ريوا، پياس، ۽ جيت ۾ يا پيمر پلاسي ۽ ڌناسري ۾ شاهہ جي راڳ مطابق هن راڳ کي مٿين سرن ۾ ڳايو وڃي سنڌ جو هيءَ نج سنڌي راڳ نهايت مقبول ”پسنديده ٿي ويندو“.

## سر ساموندي (اسم)

کوھا، اوليُون، اٽي، لاڄُوبند، سڙھہ، ننگر، ناکُئا، سير، واھُوندي، عيد، وانِئيُتُون، سُکاڻ، مھراڻ، وڻجارن، لعلون، پنجر، لُڙُ، لھريُون، ٻيٽ، ڦرھي، غوراب، وَھَہ، نيندوءَ، ناتاريون، معلمن، ڏُنگي، واڍي، سُونھڻ، فرنگي، ملاح، مڪُري، چور، ڍينگ، غواصن، پاتار، ماٽڪ، آچارا، عميق، ڪُنَن، سپُون، پاتاران، عاج، جھاج، اُپي سير، طوفان، عدنئون، طناب، مڏ، انگريزي ، پال، واڳِھيون، بندر، تڙن، بيرَقون، بحر، ماتي، ملي باريين، مھي، سون، لڪا (لنڪا)، پڳھ، ڪَرَ، اوڙاھہ، گرھر، مڇ، پرڏيھہ، ننگر، بازاريون، چاڪ، فراق، ڏياري، ور، ونجھہ، وڻجاري، ٻيٺ، پاند، جُڳن جا جُڳَ، ماڳ، ويڻ، جُسي، ترازون، پاٽي، ارٿ، ڪنياتڙي، اَل، انگھن، اڱ (انگ)، جر جاتون، ڏيا، موھي وڻ، تڻ، وانئتيون، ڦلن مال، پتڻ، مھري، ٻُڙيو ، اليڙڻ، ڏنبي، ٻار، ھڙ، ھنج، پرھہ، لائون، سانگ صابڻ، نمڻ، ڪيڻ، اوچنگارون، چئَن، ولين، اُڏوھي، ٻيڙي، ڪوٽ، برج، آونگ، چانئٽ، نڪ، ڪجل، سَرَ، پاند، سڪائون، لوھيڙا، ٻيپيا، ڪُسَرَ، نِسرئا، ٻر، پوڄين، وھون، اڪا، ڪتوري، ڊِڄون، ڏاڙيچن، ڪانگ، ڏڄائون، ڪنڍ، گھنڊ، لِوَن، ڪَپڙَڪوٽ، ولاتي، تند، پٽي.

- کوھا (جمع) (واحد) کوھو = ھن جو احوال سرُ سري راڳ ۾ ڏنل آھي اتي ڏسڻ گھرجي.
- اوليون (جمع) واحد- اولي = ھن جو احوال سر سري راڳ ۾ ڏنل آھي اتي ڏسڻ گھرجي.
- اٽي: ٻيڙي جي پاسن سان ٻڌل ڪاٺ جاٻَن جن جي شڪل ٿاڦي مثل ھوندي آھي ۽ پاٽي کي پرتي ڪري ٻيڙي کي اڳتي ڌڪين ٿا انھن جي چوٽي کي آٽي چئبو آھي. ٿاڦي جي چوٽي پچي پئي تہ ڪمزور ٿي پوندو اھا چوٽي آئي آھي.
- لاڄوبند (جمع) واحد لاڄو = ھن جو احوال سُر سري راڳ ۾ ڏنل

آهي. اتي ڏسڻ گھرجي.

- سڙهه = هن بابت احوال سُر سري راڳ ۾ ڏنل آهي اتي ڏسڻ گھرجي
- ننگر = اها آبادي جيڪا شهر جيان هجي هت ننگر مان مراد ٺي شهر آهي اڳائي وقت ۾ گنجان آبادي واري شهر کي ننگر چيو ويندو هو. جتي وڻج واپار ۾ ماڻهن جي ڏساور جي اچ وڃ گھڻي هجي جيئن ٺٽو ننگر. ننگر پارڪر، پاري ننگر، ننگر سنڌي جو قديم لفظ آهي. ٺٽي کي مين ننگر بہ چيو ويندو هو. ڪن جو خيال آهي تہ مين ننگر جو لفظ قديم زماني ۾ بہ مهين جي دڙي لاءِ پڻ استعمال ٿيو آهي. ليڪن گھڻو اتفاق ٺٽي تي انهي نالي جو آهي.
- ناڪئا (جمع) واحد ناڪئو: هن بابت احوال سُر سري راڳ ۾ ڏنل آهي اتي ڏسڻ گھرجي.

**سِيرَ:**

پاڻي جي نندي يا وڏي وهڪري جي وهڪ ۾ وچئين هنڌ تي تک ۾ تيزي هوندي آهي، انهي کي سير چيو وڃي ٿو. ”سير اُڪارين“

اسان وٽ اصطلاح آهي جنهن جو مطلب آهي تہ سير وهڪري جو اٿانگو حصو آهي جنهن ۾ پاڻي جي وهڪ جي پوري طاقت ۽ زور هوندو آهي انهي جي لپيٽ ۾ جيڪا بہ شيءِ ايندي آهي اها لڙهي وهي ويندي. اهڙي پاڻي جي سِيرَ واري وهڪري کي پار ڪرڻ مشڪل آهي. اهو اصطلاح بہ انهي ڪري ڏکيائي مان اڪرڻ واري صورت حال جي بنياد تي جڙيو ۽ ڏکين ڪمن مان اڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو.

**واهوندي:**

هي واءُ جو هڪ قسم آهي جيڪو اتر پوري ٿيڻ/ اتر جي مند پوري ٿيڻ بعد لڳندو آهي هي اولهہ ڏکڻ جي ڪنڊ وارو واءُ آهي. هن واءَ ۾ هلڪي قسم جي ٿڌاڻ هوندي آهي ۽ صبح جي اها هير ڏاڍي دل لپائيندڙ

يا ائين چئجي تہ من کي وڻندڙ لڳندي آهي. هن واءَ جي اثر سبب سياري جي مند ۾ ڇٽيل پنن وارا وڻ انگوربا آهن .انهي مند ۾ زمين ۾ ڇٽيل ٻج جلد اوپڙ ڪندو آهي وڏي ڳالهہ تہ هن واءَ تي سمونڊ ۾ ٻيڙا جيڪي اتر لڳڻ سان ڏڪڻ اولهہ وارن ملڪن ڏي نڪري ويا هئا اهي انهي واهوندي جي واءَ ۾ وارو ٿيندا آهن.

**عيد:**

اهڙو ڏينهن جنهن کي خوشيون، هجن ان کي عيد برابر چيو. ويندو آهي. جيئن رمضان شريف جي مهيني ۾ روزيدار ٽيهہ روزا رکندا آهن. ان جي ختم ٿيڻ تي گڏيل اجتماعي طور تي نماز ادا ڪئي ويندي آهي "روزي دارن رب جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو روزن جو عمل ڪيو انهي کي ملهائڻ لاءِ ان ڏينهن تي خوشي ڪبي آهي. دراصل انهي نسبت سان عيد جو لفظ اچيئي خوشين جي سلسلي سان ٿو. ﭑ وچڙيل مليا تہ چوندا تہ "اڄ عيد ٿي ويئي" معنيٰ تہ خوشي جو موقعو ميسر ٿيو. سال ۾ ﭑ وڏيون عيدون ٿينديون آهن. عيد رمضان کي عيدالفطر چئبو آهي. عيدالاضحيٰ، عيد ميلاد النبي ﷺ، شب معراج جي رات توڙي شب برات جي راتين کي ﭑ عيد جو شرف آهي. عيد جي اجتماعي نماز صرف عيد رمضان جنهن کي عيدالفطر چئبو آهي ۽ عيدالاضحيٰ تي ادا ٿيندي آهي.

هر قوم ۾ پنهنجا پنهنجا ڏڻ ۽ ڏينهن وار آهن، مسلم طبقي لاءِ اهي مٿيان موقعا عيد آهن تہ ٻين قومن ۾ وري پنهنجي پنهنجي عقيدي ۽ ڪلچر مطابق خوشين جا ڏينهن آهن اهي انهن لاءِ عيد آهن. جيئن ايسٽر جو موقعو. يا پنجويهين ڊسمبر تي ڪرسمس ڊي هندن ۾، دسهڙو، ڏياري، ٿڌڙي ان کي ستائين ﭑ چون. آکاٽي، چيٽي چنڊ وغيرهہ تہ اهي سڀ خوشي جا وار آهن ۽ انهن قوتن لاءِ عيد آهن.

ليڪن عاشق نامراد لاءِ معشوق ۽ محبوب جو ملڻ مراد باصواب

آهي ان لاءِ اهو روز روز سعيد آهي عيد ڪان ڪنهن پر بہ گهٽ نہ آهي، عيد بنيادي طور تي خوشين جي ڏينهن کي چيو ويو آهي.

## وانئيتون (جمع) واحد وانئتي:

وانئتيون دراصل ڪپڙن جا اهي ڏڪر جيڪي ننڍن، ننڍن جهنڊين جي صورت ۾ هوندا آهن. انهن کي ٻيڙي يا جهاز جي مختلف هندن/ جاين تي جهڙوڪ ڪوهن، مستولن ۽ لاچن ۾ ٻڌو ويندو آهي جيڪي مختلف رنگ جون هونديون آهن. هنن تي وانئتيون نالو انهي ڪري پيو آهي جو اهي سمونڊ ۾ لڳندڙ واءُ جو طرف هڪدم ٻڌائينديون آهن تہ هن وقت هن طرف جو واءُ لڳي رهيو آهي. ٻيڙياتا وانئتين کي وڏي اهميت ڏيندا آهن.

## سُڪاڻ:

هي ٻيڙي/ يا سڙهن واري غوراب جو پويان وارو اُپو ۽ وڏو ڊگهو تختو آهي جنهن جي پاسي ورائڻ سان ٻيڙي انهي رخ تي هلندي آهي. دراصل هن کي ٻيڙي جو نڪ يا اسٽرنگ يعني ٻيڙي کي صحيح سمت يا رستي ۾ رکڻ وارو وسلو چئجي. ٻيڙياتا سڪاڻ جي وڏي سنڀال ۽ خبر واري ڪندا آهن. تہ جيئن ان کي ڪو جوکو نہ پهچي ۽ هلندي پاڻي ۾ ڪا تڪليف يا ڏکيائي نہ ٿئي.

## مهراڻ:

وڏي سمونڊ ۾ مها ساگر کي مهراڻ چيو ويندو آهي هي لفظ خاص ڪري سنڌو ندي لاءِ استعمال پڻ ٿيندو آيو آهي. آڳاٽي وقت ۾ جڏهين آريا هن وادي ۾ آيا تہ هنن سنڌوءَ جو وڏو پيٽ ۽ تيز وهڪرو ڏسي هن کي مهراڻ جو نالو ڏنو. مها معنيٰ وڏو آرڻ معنيٰ، گجگوڙ ڪندڙ يا دهشت وارو، ائين سنڌوءَ تي مهراڻ نالو پيو جيڪو مها ساگر جو بدل آهي. سمونڊ بہ چوليون هڻي گجندو آهي تہ ان کي بہ مهراڻ چيو ويندو هو

۾ آهي. سنڌي خطي کي جتان سنڌو وهي ٿي انهيءَ تي بہ واديءِ مهراڻ جو نالو پيل آهي.

## وڻجارن (جمع) واحد) وڻجارو:

واپار ڪندڙ کي وڻجارو چيو ويندو آهي. وڻج واپار جي ڪري هن لفظ وجود ورتو. سنڌ ۾ واپار جو دستور قديم زماني کان آهي هڪڙا شيءِ وڪڻن ٻيا وٺن انهي ڪاروبار کي وڻج واپار چئبو آهي ۽ جيڪو طبقو يا فرد اهو ڪم ڪري تہ انهي کي وڻجارو چيو ويجي ٿو اڳئين وقت ۾ هتان جا ماڻهو پنهنجي ديس کي ڇڏي ڏوراهين هندن تي واپار لاءِ سفر ڪندا هئا اهي سفر خشڪي ۾ بہ هئا تہ سامونڊي بہ هئا. سامونڊي رستي ذريعي لنڪا، عدن ممبئي وغيرهہ ويندا هئا اهڙي قسم جي واپار ڪندڙ طبقي کي وڻجارو ڪري چيو ويندو آهي. معنيٰ جي لحاظ کان هي هندي لفظ آهي جيئن اسين سنڌي ۾ چئون وڻجارو تيئن هندي ۾ چون بنجارو، بنج+ هارا، سن واٽيجہ + هارا = واپاري وڻج، واپار ۾ لفظ وڻج جو مقصد ئي آهي جنس جي ڏي وٺ. تہ اهو طبقو يا اهي ماڻهو جيڪي اهو ڪم ڪن اهي وڻجاري جي زمري ۾ اچن ٿا ۽ انهن کي وڻجارو ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو يعني واپاري.

## لعلون (جمع) واحد لعل

بہ هن لاءِ ڏسو سُر سري راڳ جنهن ۾ ان جو بيان ڪيو ويو آهي.

## پنجر :

هي دراصل ٻيڙيا تن جي هڪ مخصوص هنڌ جو نالو آهي جيڪو ڪوهي جي ويجهو وهڻ لاءِ ناهيو ويندو آهي، تہ جيئن اتي ڪو ڇاڙو ماڻهو ويهي ۽ انهي وهڻ واري ماڻهوءَ کي ملاح ”پانجري“ ڪوٺين پانجري هر ٻيڙي ۾ هوندا آهن. اهي اهڙا سڃاڻ آهن جو پري، پري کان پاٽي م ميڇي يا ايندڙ لهرن جي هيئين کي يعني ٻيڙي وارن کي خبر ڏيندا آهن، تہ وڏا

مڇ يا ٻيون اهڙيون بحري بلائون سامهون آهن جي مڇيءَ جو شڪار آهي تہ بہ اهي ان جي سڌ ڏين پنجر انهن جي ويهڻ جي جاءِ هوندي آهي.

**لُڙ:**

سُمونڊ تي ماڪ يا ڪوهيڙي مثل فضا هوندي جنهن ۾ پري نظر نہ ويندي تہ ناڪئا چوندا تہ سمونڊ تي لُڙ آهي. معنيٰ تہ فضا جي ڌُنڌ ۽ ڪوهيڙي ڪري ڪا خبر نٿي پوي انهي ڪي چون لُڙُ. وري جيڪڏهن دريائي پاڻي شاخن واڙن توڙي نديءَ نالن ۾ ريت ۽ مٽي هاٺو هجي تہ انهي پاڻي کي بہ چئبو تہ ”هي لُڙُ پاڻي آهي“. يعني صاف نہ آهي. وري جيڪڏهين ڪٿي ڪچهري هلندي يا گس پنڌ ويندي ڪا ڳري ڳالهہ تي ئي ۽ همراهہ پاڻ ۾ واتورچي پيا ۽ ڪنهن جي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تڏهين بہ چوندا تہ ”ادا هت لُڙُ“ لڳو پيو آهي“ مقصد تہ ڪا مانار يا سانت ۽ صفائي نہ آهي جو ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌي سگهجي ۽ ڪو جهيڙو جهتو نہ هجي. ”لُڙُ لڳي پوڻ“ اصطلاح انهي سبب وجود ۾ آيو. گوڙ گهمسان واري ماحول کي بہ لُڙَ واري ماحول سان تعبير ڪيو ويجي ٿو. چنڊ پهرئين تاريخ جو ڏسڻ ۾ نہ تہ اچي جي اچي تہ تمام هيٺ شفق جي لالاڻ ۾ هجي تہ چوندا ادا چنڊ آهي پر لُڙَ ۾ آهي ڪڏهين ڪڏهين ڏسڻ ۾ بہ نہ ايندو آهي. تہ چوندا تہ آسمان تي لُڙُ آهي چنڊ ڪو نہ ڏنو ”لُڙُ وسيع معنيٰ مفهوم رکندڙ لفظ آهي.“ شيشي جي گلاس ۾ پاڻي ڪنهن کي ڏنو ۽ اهو ميرانجهڙو هوندو تہ چوندو ادا هي لُڙاتيل پاڻي آهي يعني لُڙَ وارو آهي. صاف نہ آهي.

**لَهريون:**

هن لاءِ ڏسو سُر سري راڳ جتي ان جي وصف کي بيان ڪيو ويو آهي.

**بيت:**

خشڪي جو اهو ٽڪرو جيڪو ڪجهہ ايراضي رکندڙ هجي جنهن

جي چوڌاري پاڻي هجي تہ ان کي چئبو آهي "ٻيٽ" هن کي (گجراتي ۾ "ٻيٽ" سنسڪرت ۾ دويپ، دو =+ آپ = پاڻي) ٻيٽ ننڍا بہ ٿين تہ وڏا سمونڊ ۾ ڪافي وڏا ٻيٽ آهن جيئن اندمان ۽ نڪوبار جا ٻيٽ انڊونيشيا جو ملڪ هزارين ٻيٽن تي آهي سلون خود هڪ وڏو ٻيٽ آهي. اهڙي طرح سان درياهي وهڪرن ۾ بہ درياهہ جي ڪٽاوَ سبب ان جي وچ ۾ ريت گڏ ٿي ويندو آهي ۽ اتي بہ ٻيٽ وجود وٺي پوندو آهي ٻيٽن تي آباديون ٿين اتي ماڻهو رهن. ڪن ٻيٽن تي رڳو جهنگلات هوندي آهي.

## ڦرهي/ ڦرهو:

هي ٻيڙي هلائڻ لاءِ هڪ قسم جو تختي جو نهيل ٻيلچي وانگيان ڪاٺ جو سڌو تڪرو فوٽ ٻن جو هوندو آهي ڪي چورس ٿين ڪي بيضوي هن کي ڳن هوندو آهي جن سان ٻيڙياتا پاڻي کي پوئتي ڪندا تہ ٻيڙي اڳتي هلندي . انهي کي ڦرهو يا ڦرهي چيو ويندو آهي ۽ ٻيڙي جي جڙاوت ۾ پاسن کان وڏاين تختن کي بہ ڦرها يا پاٽيا چيو ويندو آهي.

غوراب:

هن لاءِ ڏسو سرُ سري راڳ جتي ان جو بيان ڪيو ويو آهي.

## وَهہَ:

پاڻي جي وهڪري کي وهہ چيو ويندو آهي. هي دراصل وهڪ جو مخفف آهي پاڻي تکائي سان وهي تہ ان کي پاڻيءَ جي وهہ چون پاڻي جي وهڪ جتي ندين، نالن ۾ آهي اتي سمونڊ ۾ بہ پاڻي جي وهڪ آهي جيڪا هوا جي لڳڻ ۽ لهرين سبب پيدا ٿئي ٿي. دنيا جي اندر سمونڊ ۾ وهڪرا آهن جيئن گلف وارو وهڪرو. انهي کي گلف اسٽريم بہ چيو وڃي ٿو سمونڊ جي گرم پاڻي وارو وهڪرو جتي سمونڊ ۾ برف جميل هوندي آهي تہ اتي ان جي هيٺان سمونڊ جي پاڻي جا وهڪرا هوندا آهن. جيئن اتر ائٽلانٽڪ وارو وهڪرو، پاڻي جي اها وَهہَ ۽ تک ٻيڙياتن لاءِ هڪ مسئلو

هوندي آهي ۽ انهن کي سمونڊ ۾ انهي وهه تک جو خيال ڪرڻو پوي ٿو ڪڏهن ڪڏهن اها وَهَه ٻيڙن کي ڇڪي ڪن ۾ وجي هٽندي آهي.

**نينديوءَ:**

نينديو اصل ۾ هڪ نار جو نالو آهي. جيڪو ڏکڻ طرف هندستان جي هڪ ساموندي ڪناري سان آهي نار اصل ۾ سمونڊ جي پاڻي جي اها جاءِ جيڪا ڪناري کان اندر زمين م گهڙي اچي جيئن نار وارا ملڪ آهن جن ۾ ڪنارو سڌو نه آهي پر سمونڊ زمين ۾ ڪافي اندر گهڙي آيل آهي ۽ اتي ٻنهين طرفن تي گهيڙ ۽ بندر آهن. اهڙي ريت هند جي ڪناري ۾ هڪ اهڙو هنڌ آهي جنهنجو نالو نينديو آهي. لطيف ناکئن ۽ ملاحن سان ملندي انهي نار جو اهو نالو ٻڌو ۽ سمونڊ جي سفر ۾ ان جي اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

**ناتاريون:**

هي ٻيڙن ۽ پاڻي وارن غورابن توڙي جهازن جي سلسلي سان سمونڊ ۾ جيڪڏهن طوفان يا وڏيون لهرون ۽ وهڪ جو خطرو آهي. جنهن ۾ ٻيڙو پنهنجو توازن برقرار رکي نٿو سگهي ته پوءِ ناکئا ان کي اهڙي حالت ۾ نه هلائيندا آهن پر وڏن رسن يا سنگهرن ۾ هڪ قسم جا ٿهيل لوهي، ڏونگهي مثل جيڪي وزندار هوندا آهن اهي سمونڊ ۾ لاهيندا آهن جيڪي وجي هيٺ پوندا آهن ۽ ٻيڙو بيهي ويندو آهي، انهن کي ناتاريون يعني ترڻ نه ڏيندڙ هلڻ نه ڏيندڙ وارو واسطو. اهو به لنگر جو هڪ قسم آهي. ٻيڙا جڏهن بندر تي ايندا آهن تڏهن به انهن ناتارين کي هيٺ لاٿو ويندو آهي ته جيئن ٻيڙو لنگر انداز ٿئي.

**معلمن:**

معلم معنيٰ آهي علم سيکاريندڙ هر ڪم هر هنر جو سيکاريندڙ هوندو آهي. اهڙي ريت جهازن ۽ ٻيڙن هلائڻ جو به هڪ هنر يا علم آهي.

هر هنر جي سکيا ڏيندڙ ان جو معلم آهي. ڄاڻ ڏيندڙ آهي. جيئن لکڻ پڙهڻ سيکارڻ وارو معلم آهي تہ تيئن واڍي جو ڪم سيکاريندڙ ان جو معلم آهي معلم هڪ وسيع مفهوم رکندڙ اسم آهي هت معلم مان مراد آهي ناکئو جيڪو ٻيڙن ۽ ٻيڙين، جهازن غورابن جي هلڻ انهن جي متعلق ڄاڻ ڏيڻ واري کي معلم ڪري ڄاڻايو ويو آهي.

## دنگي:

هن لاءِ ڏسو سُر سري راڳ جتي ان جي وصف بيان ڪئي ويئي آهي.

## واڍي/ واڍو:

ڪاٺ جي ڪم ڪندڙ ڪاريگر کي واڍو چيو ويندو آهي. ڇو تہ هن ۾ ڪاٺ کي جيڪا وڍ ٽڪ ٿئي ٿي ان سبب ئي هن کي واڍو يعني وڍيندڙ سبب واڍو چيو وڃي ٿو. انهي ڪم سبب واڍو عرفيت ۾ ذات بہ ٿي ويئي آهي سنڌ ۾ ڪافي قومون هن ڪم ۾ آهن جي پاڻ کي ڪم جي نسبت سان واڍو چوائين انهي سان پاڙا بہ آهن. اتر ۾ هن کي ڏکڻ چون ۽ جي ڪو سٺو ڪاريگر آهي تہ وري ان کي استو ڪوٺين هي معاشري جو هڪ اهم حصو ۽ هن جي ڪرڻ وارو شخص نهايت اهم آهن.

## سُونهڻ:

سونهڻ اصل ۾ ڪاٺ جون اهي ڪليون آهن جيڪي ٻيڙي ٺاهڻ وقت ان جي مختلف حصن کي ڳنڍڻ وقت لڳايون وينديون آهن. ڪاٺ جي ڪلين کي ٻيڙي ۾ انهي ڪري لڳايو ويندو آهي تہ انهن کي ڪٽ جي لڳڻ جو ڪو انديشو نہ هوندو آهي ۽ اهي انهي ڪاٺ يا ذات مان هونديون آهن جنهن مان ٻيڙي تيار ڪئي ويندي آهي. ٻيڙي مڪ سان انهن جي سنڌن جتي اهي سونهڻ لڳل هوندا آهن يا هونديون آهن انهن تي بہ مڪ ايندو آهي. ٻيڙي ٺهڻ بعد ان کي جيڪو صفائي وارو رندو لڳندو آهي اهو انهن سونهڻ کي ٻيڙي جي ڪاٺ سان ملائي ڇڏيندو آهي. خبر ڪا نہ پوندي

آهي تہ ڪٿي سونهڻ لڳل آهي.

**فرنگي:**

انگريز قوم جيڪا يورپ جي رهاڪو آهي ان کي هتان جا ڏيهي ماڻهو فرنگي ڪري ڪوٺيندا هئا. لفظي توجيہ ۾ آهي ”فرنئڪ“ جيڪو بدلجي تي ويو آهي فرنگي سنڌ مان سما دور ۾ پورچوگيزن ٺٽي تي حملو ڪيو ۽ باهہ ڏيئي ٺٽي کي ساڙيو ۽ لکين پائونڊن جو سون ڪٽي ويا. هن قوم جي غير وفاداري يعني رنگ بدلائڻ بہ هڪ انهي نالي جو سبب آهي. رنگ ڦيريندڙ پنهنجي روش مٽائيندڙ ويساهہ کي ڇيهو رسائيندڙ انهي ڪري يورپي قومن تي فرنگي جو نالو پئجي ويو.

**ملاح:**

هي سنڌ جي سرزمين جي هڪ قوم آهي جيڪا اصل نسل ۾ سنڌي آهي. بنيادي طور تي هن قوم جو اصل نسل سڌرن ۽ مهاڻن سان ملي ٿو. جيڪي اصل ۾ سيد نسل سان واسطو رکندڙ آهن. هن قوم جي ماڻهن جو اصل ڌنڌو ئي آهي ٻيڙيون ۽ جهاز هلائڻ جنهن ڪم ۾ هي وڏا ماهر ۽ ڄاڻو آهن. جن کي ناکئو بہ چيو وڃي ٿو. پر ائين بہ ضروري نہ آهي تہ هر ملاح ناکئو هجي جيڪو انهي ۾ ٻيڙياتن سان گڏ هوندو ان کي ملاح بہ چئبو ۽ ناکئو بہ باقي هي هڪ وڏي قوم آهي جيڪا پنهنجو هڪ سلسلو رکي ٿي.

**مڪري:**

هن لاءِ ڏسو سُر سري راڳ جتي ان جي وصف ڏني ويئي آهي.

**چور:**

هي نہ ذات آهي پر دراصل جيڪو ماڻهو ٻئي جي شيءِ يا مال ڳجهي طريقي سان ڪٽي، ان کي چور چئبو آهي. چورن جا ڪيئي قسم آهن ڪي ننڍا چور ڪي وڏا چور ڪو ٻڪري جو چور تہ ڪو وري ٻاهران گهرائڻ

واري مال تان لکين ڪروڙين رپيا ڪميشن وٺي اهو بہ چور آهي. ان ڪري چيو ويندو آهي تہ ڪو ننڍو چور ڪو وڏو چور.

## ڍينگ:

ڍينگ جو اصل مطلب آهي وڏو طاقت وارو جيئن اسان وٽ چوڻي آهي تہ ”هيءَ نہ ڪو ڍينگ آهي“ يعني هي ڪو وڏو مٿو آهي ڪن حالتن ۾ چالاڪ ۽ شاطر ماڻهوءَ کي بہ ڍينگ چئبو آهي. ڏاڍي ۽ طاقت واري کي بہ ڍينگ چئبو آهي جيئن چوندا آهن تہ ”تون ڪهڙو ڍينگ آهين“ لطيف ڍينگ لفظ کي ڦورن جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ڪيو آهي تہ وڏين لهرن جيڪي ٻيڙن کي پنهنجي زور سان لوڏي وجهن تہ انهن لاءِ بہ استعمال ڪيو آهي.

## غواض (جمع) واحد _ غواص:

هي عربي جو لفظ آهي جيڪو ٽوٻن لاءِ استعمال ٿيل آهن. غواص اهي ٽوٻا ۽ سونجهڻا ڳولڻ وارا ماڻهو جيڪي تار پاڻي ۾ ٽٻيون ڏيئي شين جي ڳولا ڪن. غواص پنهنجو دم پچائيندا آهن پنهنجي ساھ کڻڻ تي ڪنٽرول يا ضابطو هوندو اٿن انهي ساهي ۾ هو سمونڊ ۾ لهي ويندا هئا ۽ سپون سمونڊ مان ڳولي ڪڍي ايندا هئا انهي ڪم ۽ عمل جي ڪري انهن ٽوٻن تي نالو غواص پئجي ويو ڇو تہ سپون عدن جي نار ۽ بحرين جي نار ۽ سلون جي نار ۾ ٿين اڳ مشيني سهوليتون جنهن ۾ آڪسيجن وغيره هجن نہ هونديون هيون پر انسان پنهنجي همت ۽ ساھ پچائڻ تي اهو ڪم ڪندو هو انهي ڪري انهن ٽوٻن تي غواص جو نالو پئجي ويو. ”ايءُ گت غواصن جئن سمونڊ سوجهيائون“ گت = عادت، ڪرت.

## پاتار:

سمونڊ يا درياھ يا ڍنڍ وغيرھ جي پاڻي جي انتهائي هيٺين هنڌ کي جيڪو نهايت اونهون ۽ عميق هجي ان جي تر کي پاتاريا پاتال چيو وڃي

تو. پاتان سنٺ آهن 1- آتل 2- وتل -3- ستل 4- تلاتل 5- مهاتل 6- نتل 7- رساتل (ماخذ تحقيق لغات سنڌي)

**ماڻڪ:**

هن لاءِ ڏسو "سُر سري راڳ" انهي جو اتي احوال ڏنو ويو آهي.

**آچارا:**

هن لاءِ ڏسو "سُر سري راڳ" جتي انهيءَ جو احوال بيان ڪيو ويو آهي.

**عميق:**

هي عربي لفظ آهي عمق مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي اونهائي هي لفظ اوچائي ۾ بہ ڪم اچي پر جڏهين "ي" اچي ٿي تہ معنيٰ بدلجي ٿي وڃي اونهائي يا گهرائي سمونڊ ۾ جيڪي هنڌ اونها هوندا آهن انهن کي عميق بحر ڪوٺيو ويندو آهي. ۽ عميق گهٽائي ڏيکارڻ ۾ ڪم اچي ان جي سنڌي ۾ بگڙيل صورت عمينگ/ امينگ = تمام گهٽا آهن. هي اسم آهي جيڪو مٿين صورتن لاءِ ڪم اچي ٿو.

**ڪنن (جمع) واحد ڪُن:**

هن جو احوال سُر سري راڳ ۾ ڏنو ويو آهي اتي ڏسڻ گهرجي.

**سپون:**

(جمع) واحد سپ هي ڪوڏ جي زمري جو هڪ پاڻي جو جيت آهي هي ڪوڏ وانگيان ڪو نہ ٿئي پر هنجي بناوت بيضوي ۽ ٻنهين پاسي چپٽري ٿئي هن جيت جو خول نهايت سخت هوندو آهي سپ مِٺي پاڻي ۾ بہ ٿئي تہ کاري پاڻي ۾ بہ، سپ جو هڪ اهڙو قسم آهي جيڪو موتي پيدا ڪندو آهي. انهن سپن جو هنڌ بحرين ايراني نار، عدن جي نار، ۽ سلون واري حصي ۾ ٿئي سپ لاءِ مشهور آهي تہ هن ۾ برسات جي بوند سان موتي سپبو آهي برسات جي مُند ۾ انهن هنڌن تي سپون سمونڊ جي مٿاڇري تي برسات جي بوند لاءِ اچي ويندون آهن، سپ جا اهي سچا موتي نهايت

ڪمائتا ۽ املھ آهن. هن وقت جپان ۾ سپن جا فارم قائم ڪيا ويا آهن ۽ انهن لاءِ اهو ساموندي ماحول پيدا ڪيو ويو آهي ۽ مصنوعي طريقي سان موتي حاصل ڪيا وڃن ٿا. سپ بوند جهٽڻ ڪان پوءِ پاتار ۾ هلي ويندي آهي ۽ جڏهن موتي سپجي تيار ٿيندو آهي تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ سپ پاڻ مري ويندي آهي ۽ مٿي نہ ايندي آهي. ان ڪري غواص پاتار ۾ پيهي وڃي سپون سوجهي ڳولي ڪڍي ايندا آهن تہ جيئن اڻ ملهيا موتي حاصل ڪري سگهجن.

## پاتاران/ پاتار:

هن جو حوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

## عاج:

هي هاٿي جي هڏن مان ملندو آهي يا ائين چئجي تہ هاٿي جا هڏا بذات خود عاج آهن هي نهايت قيمتي وٿ آهي. آفريڪا جي جهنگلن ۾ گهڻو ڪري وچ آفريڪا ۽ هندستان ۽ سوماترا جي ملڪن ۾ هاٿين جي هڏن جي صورت سان ملي ٿو. انهي لاءِ پهاڪو آهي تہ هاٿي جيئري لک مئي ڪان پوءِ سوا لک چو تہ هاٿي جي هڏن جي وڏي قيمت آهي، عاج مان چوڙا، چوڙيون گلدان ۽ ٻيون ڪيتريون ئي سجاوٽ جون شيون تيار ڪيون وڃن ٿيون.

## جهاج/ جهاز:

هن جو احوال "سُر سري راڳ" ۾ ڏنو ويو آهي اتي انهيءَ ڪي ڏسڻ گهرجي.

### اپي سير:

سير جو اسان اڳ ۾ بيان ڪيو آهي تہ سير ڇا آهي. سير جي اها حالت جيڪا لهواري هوندي ٿئي ٿي اها ڪڏهين اپي يعني مٿئين پاسي ٿي پوندي آهي جنهن ۾ پاڻي لهوارو وهڻ جي بجاءِ ڪن ڪري اپو ابتو

وركائي متي هلندو آهي. سير جي اها حالت نهايت خطرناڪ آهي. انهي مر پاڻي هيٺان لهوارو هوندو آهي پر ڪُن جي وڪڙ ڪري اوپارو تي هلندو آهي انهي ڪي ايپي سير چئبو آهي ناڪئن لاءِ سير جي اها حالت پيڙين لاءِ ڏاڍي ڏکي هوندي هئي ۽ آهي.

## طوفان:

جڏهين هوا زور سان لڳي ۽ ان جي لڳڻ جي رفتار في ڪلاڪ سٺ ميل کان متي تي وڃي تہ اها هوا طوفان ۾ بدلجي ويندي آهي. طوفان خشڪي مر بہ ايندا آهن تہ سمونڊ ۾ بہ اصل ۾ ڪنهن بہ طوفان جو بنياد سمونڊ ئي هوندو آهي. هوا جتي بہ هجي اها گول دائري ۾ هوندي آهي اسان کي بظاهر ڏسڻ ۾ هڪ طرفي اچي تي پر ان جو گهيرو سوين ميلن ۾ هوندو آهي جيئن اسان کي واچوڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان جو دائرو ننڍو آهي ليڪن هوا جو دائرو وڏو آهي. جڏهن زمين تي هوا جو خال پيدا تي پوندو آهي ۽ هوا جو دٻاءُ گهٽجي ويندو آهي تہ سمونڊ تي هوا جو طوفان يا گهيرو ۽ ان جو دٻاءُ وڏي هڪ وڏي دائري جي صورت اختيار ڪندو آهي ۽ ان جي قوت هيٺ لهڻ سان جيئن پوءِ تيئن وڌندي آهي ۽ ان جو دائرو وڌندو ويندو آهي ۽ رفتار تيز ٿيندي آهي. هوا جو اهڙي صورت ۾ لڳڻ طوفان آهي جيڪو پاڻ سان برسات بہ آڻي وجهندو آهي ۽ خشڪي توڙي سمونڊ ۾ ان جي ڪناري وارين آبادين کي نقصان پهچائيندو آهي.

## عدنئون (عدن)

هت مقصد آهي عدن کان. عدن ڏکڻ يمن جي گادي جو هنڌ آهي ۽ ڳاڙهي سمونڊ جي منهن تي نهايت مشهور بندرگاهہ آهي. هتان جي نار جيڪا عدن جي نار جي نالي سان مشهور آهي اتان سپن مان موتي ملندا آهن ۽ عدن جي پهاڙين مان قيمتي پٿر ملندو آهي. جيڪو ايترو تہ قيمتي آهي جو ان کي دُر عدن/ دريون چيو ويندو آهي. اهو بہ مشهور آهي تہ

شداد ڪافر عدن جي علائقي ۾ پنهنجو بهشت تعمير ڪرايو هو جيڪو بهشت عدن جي نالي سان هو پر ان کي قدرت اندر وڃڻ نصيب نہ ڪيو عدن هڪ وڏو بندر گاھ خوبصورت بين الاقوامي طور جهازن جو لنگھ ۽ عاليشان شهر آهي. ”جنان عدن“ مشهور چوڻي آهي.

**طناب:**

طناب اصل ۾ اها رسي آهي. يا رسد آهي. جنهن سان ٻيڙيءَ يا جهاز جي مستول کي مختلف طرفن کان طناب سان ڇڪي ٻڌو ويندو آهي جيئن مستول جو توازن يا بيهڪ پوري ريت برابر رهي. جڏهن تنبو يا شاميانا وغيرھ لڳائبا آهن تہ ان کي صحيح طور تي بيهارڻ لاءِ پوري ماپ تي ڪلا کوڙي تنبوءَ يا شاميانې جون طنايون/ رسا ٻڌا ويندا آهن. جنهن ۾ هڪڙو تہ تنبوءَ يا شاميانې جي بيهڪ برابر رهندي ۽ ٻيو تہ هوا وغيرھ جي لڳڻ سان ان جي ڪرڻ جو ڪو ڊپ نہ رهندو.

**مڏ:**

هي دراصل مڏي جو مخفف آهي. ”مال مڏيون“ سنڌي ۾ اصطلاح آهي مڏي اها جاءِ جتي مال پيل هجي يا مال لاهجي يا اهو هنڌ جتي دلال مختلف قسمن جو مال واڪ تي وڪرو ڪن. انهيءَ کي بہ مڏي چئبو آهي سمونڊ جا جهاز يا ٻيڙيون جتي اچي مال لاهين انهي کي بہ مڏي چئبو آهي. اهو لفظ بگڙي منڊي ٿيو آهي. جنهن جو مطلب بہ اهو ئي آهي ”مڏ“ مال جي جهجي انداز ۾ گڏ تي وڃڻ کي بہ مڏ چئبو آهي. مال جا مڏ ٿي ويا آهن يعني مال ڍڳ لڳو پيو آهي يا گدام لڳو پيو آهي يا گدام لڳي ويا آهن.

**انگريزي:**

انگريز: هڪ قوم جيڪا يورپ جي انگلينڊ جي علائقي جي رهاڪو آهي. جنهن يورپ مان نڪري هندستان جي سامونڊي ڪناري

تي ۽ عربي سمونڊ جي ڪنارن تي واپار جون ڪوٺيون ڪوليون ۽ آهستي آهستي ملڪ تي قابض ٿيا.

### پال:

هي لفظ مخفف آهي پورچوگال جو. جنهن جو مطلب آهي پورچوگيز هي قوم بہ يورپين نسل آهي پر هن جو علائقو اسپين ۽ فرانس جي وچوارو حصو آهي هن جي هڪ ڪنڊ يونوچ سمونڊ سان لڳي ٿي ۽ ٻئي طرف هو ملڪ وچ ائٽلانٽڪ جي ڪاري جيڪا يورپ ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ آهي ان سان لڳي ٿي اتان جي رهاڪو قوم کي پورچوگيز چيو ويجي ٿو.

### واگهيون:

هي لفظ واگهير/ واگهيلا مان نڪتل آهي. واگهير ڪڇ جو ساموندي ڪنارو آهي. اتي رهاڪن کي واگهيو يا واگهيلا چيو ويجي ٿو. اها قوم بنيادي طور تي راجپوت نسل آهي هن وقت واگهيرا مسلمان بہ آهن. اڳئين وقت ۾ جڏهين ٻيڙن جي سفر ۽ مال آڻن نيڻ جو زمانو هو تہ اهي وڏا ساموندي ڌاڙيل ۽ قذاق هئا ٻيڙين جي قافلن ۽ غورابن کي ڦرڻ سندن خاص ڌنڌو هو واگهيرا/ واگهيلا هندو بہ آهن ڪولهين ۾ هڪڙا واگهيلا ڪولهي ٻيا پار ڪريا هت مراد واگهيرن مان ساموندي ڌاڙيل آهن.

### بندر:

اهو هنڌ يا اها جاءِ جتي ٻيڙيون، غوراب يا جهاز سولائيءَ سان اچي پڳهہ ڪن، يعني اتي بيهن بندر اها جاءِ ۽ هنڌ جتي مال جي لاهڻ، چاڙهڻ، وڪرو ڪرڻ وغيرهہ جون سهوليتون هجن اهو چئبو بندر. (بنده+ رستن يا رقتن = معنيٰ تہ جتي ماڻهن جي جام هلچل يا اچڻ وڃڻ هجي اهڙو اچڻ وڃڻ ماڻهن جو بندر تي هوندو آهي.

### تڙ:

درياهہ سمونڊ وغيرهہ جو اهو هنڌ جتان ٻيڙيون وغيرهہ روانيون ٿين

۽ اتي وري آساني سان موتي اچن بنياي طور تي تڙ جي معنيٰ يا مراد آهي آساني وارو لنگهہ يا هنڌ. تڙ کي گهاٽ بہ چئبو آهي سمونڊ تي آساني سان اچي ٻيڙيون لنگر هڻڻ يا پڳهہ ڇوڙين تہ اهو انهن جو تڙ آهي. درياهہ تي اچ وڃ لاءِ لنگهہ هوند آهن ٻيڙيون يا پتڻ ماڻهو ڪٽي هن پار ويندا آهن تہ اهڙي هنڌ کي تڙ چئبو آهي.

سوپاري جي ننڍي ذري کي بہ زالون اڪثر ڪري ”تڙ“ چونديون آهن مثلاً ”ادي سوپاري جي تڙ تہ ڏجانءِ“

اتر ۾ وهنجڻ کي بہ چون ”تڙڪرڻ“ ۽ ٻيو تہ مردي کي جيڪو غسل ڏبو آهي ان لاءِ بہ چوندا تہ ”ادا تڙ ڏياريوس“ يا تڙ اچي ويو وغيرهہ ڍور ڍڳي کي هر ۾ هڪلڻ يا ڪنهن وهٽ کي تکو هلائڻ لاءِ بہ چوندا تہ ابا ٿوري تڙ ڏينس تہ هلي. هي گهڻ معنائون لفظ آهي. ليڪن هتي ان جو استعمال سمونڊ ۾ ٻيڙين/ ٻيڙن کي بيهارڻ واري هنڌ طور ٿيل آهي. ”اييون تڙپوڇين وهون وڻجارن جون“ تڙن جي تلاش لاهہ تہ لالن گڏ ٿيئن“ وغيرهہ.

**بيرقون:**

هن بابت احوال سُرسري راڳ ۾ ڏنل آهي اتي ڏسڻ گهرجي.

**بحرن (جمع واحد بحر):**

بحر سمونڊ کي چئبو آهي پاڻي جو اهو سلسلو جنهن جو ڪودنگ نظر نہ اچي ان کي بحر چئبو آهي. بحرن ۾ پوڻ اصطلاح آهي. جڏهن ڪو ماڻهو ويچارن ۽ گهڻن خفن ۾ هوندو آهي. سندس ڏيان ڪنهن ڏي نہ هوندو آهي تہ چوندا ڪهڙن بحرن ۾ پيو آهين. يعني ڪهڙي اڻ ڪٽ سلسلي ۾ اچي ويو آهي. دنيا جي گولي تي ست وڏا بحر آهن. جهڙوڪ، هندي وڏو سمونڊ، اتر ائٽلانٽڪ وڏو سمونڊ، ڏکڻ ائٽلانٽڪ وڏو سمونڊ، پئسفڪ وڏو سمونڊ، اتر پئسفڪ وڏو سمونڊ، ڏکڻ پئسفڪ وڏو سمونڊ،

اتر اوير اوسين وڏو سموند. اهي سيئي وڏا بحر آهن جن قطبن تي برف جميل هوندي آهي ۽ هينان پاڻي جو وهڪرو هوندو آهي انهن بحرن ۾ برف جا وڏا، وڏا گليشري يعني پهاڙ هوندا آهن.

## ماٽي:

هي نکر جو هڪ ٽانو آهي، جنهن ۾ ڏڌ ولوڙبو آهي. ماٽي ننڍي بہ ٿئي وڏي ماٽي اڌ منو مڻ کير ولوڙائي ماٽي ۾ مينڌي يعني کير ولوڙڻي وجهي جڏهن ان کي هلائبو آهي تہ ماٽي جي اندر کير ان جي ڦيري سبب پيو ڦرندو آهي. اهو ڦيرو ايترو زور وٺي ويندو آهي جو ان جي مٿان مکڻ جي گجي ٺهي پوندي آهي ۽ اها آهستي آهستي ننڍن ذرن ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. اهو سڀ ماٽي ۾ کير جي ولوڙي سبب ٿئي ٿو.

## مَهي

ڏونئري کي ماٽي ۾ ولوڙبو آهي تہ اهو ولوڙڻ سبب گهاٽي صورت اختيار ڪندو آهي ان ۾ مکڻ جا ذرڙا گڏيل هوندا آهن انهي ۾ پاڻي نہ وڌو ويندو آهي. اهڙي صورت واري ولوڙيل کير کي مهي چئبو آهي. يعني اها لسي يا ڏڌ جنهن مان مکڻ نڪتل نہ هجي ۽ گهاٽي هجي.

## سون:

هن بابت احوال سُر سري راڳ ۾ ڏنو ويو آهي اتي ڏسڻ گهرجي.

## لڪا/ لنڪا:

هي ملڪ جو نالو آهي هن کي سلون بہ چون تہ سرانديپ بہ ڪوٺين سلون جو ملڪ هندستان جي ڏکڻ ۾ آهي. هي هڪ وڏو لاٽئون جي شڪل جو ٻيٽ آهي جنهن جي آبادي قريبا اڍائي ڪروڙ آهي. هي هندي وڏي سمونڊ ۾ سڀ کان وڏي ٻيٽ جي صورت ۾ ملڪ آهي. هندستان ۽ هن جي وچ ۾ سمونڊ جو هڪ سوڙهو حصو آهي. جتي هڪ پل آهي .جنهن کي آدم پل چيو وڃي ٿو.

چون ٿا تہ حضرت آدم بهشت مان نڪرڻ کان پوءِ جيڪو مقام عدن هو اتان سلون جي پٽ ۾ آيو اها پل سندس نالي جي يادگار آهي. جيئن ڪچ ۾ ڏاڏي آدم جي ٻني مشهور آهي. سلون جي زبان تامل، تيلگو ۽ ملايم آهي هي هڪ آزاد ملڪ آهي. هن ۾ سون جا ذخيرا آهن. اڳئين زماني ۾ وڻجارا سلون ويندا هئا اتي گرم مصالحي ۽ سون جي ڪري مشهوري هئي واپارين جي انهي ۾ دلچسپي هئي انهي ڪري انهي جي اشتياق کي ظاهر ڪندي لطيف بہ لنڪا کي ڳايو آهي.

**بارِيين:**

بيت ۾ ملي بارِيين لکيل آهي. جنهن اهو اندازو نہ پر پڪ ٿي ٿئي تہ اهو نالو بنيادي طور تي ملي بار/ مالابار آهي. لفظ بارِيين يا باري تي غور ٿو ڪجي تہ ذهن گهوڙا ٻاري جيڪو اصل ۾ گهوڙ ٻاري آهي ٻاري بنيادي طور تي اهي هنڌ جتي سمونڊ ۾ درياهہ ڇوڙ ڪري ۽ پنهنجي ڇوڙ جي وهڪرن سبب جيڪي لنگهہ ناهي اهي ان جون باريون يا وهڪ جا ماڳ آهن. ملي باريبن جي بہ اها صورت آهي هي ڏکڻ هندستان جي اوپر وارو ڪنارو آهي. جنهن ۾ وِنديا ساتپورا جبلن مان نڪرندڙ نديون سمونڊ ۾ڇوڙ ڪن ٿيون ۽ پنهنجون باريون يا لنگهہ ناهين ٿو انهي ڪري سمونڊ جي انهي ڪناري کي ملي بار جو ڪنارو يا مالابار وارو ڪنارو چيو وڃي ٿو. سنڌ جي ٻيڙياتن جو اتي واپار لاءِ وڃڻ ٿيو هن سامونڊي ڪناري جي ملڪن ۾ گرم مصالحا ۽ قيمتي پٿر جام ملي ٿو.

**پَڳَهہ:**

هن لاءِ ڏسو "سُر سري راڳ" جتي انهيءَ جو احوال ڏنو ويو آهي.

**ڪَرَ:**

پاڻي درياهہَ: سمونڊ يا ڪنهن ڍنڍ ۾ پوندو آهي يا وهندو آهي تہ اهو گهٽائي جي ڪري ويندو مٿي چڙهندو چو تہ درياهہ جي پيٽ ۾ جيتري

گنجائش هوندي ان جي مطابق هو متي تيندو ويندو ۽ سمونڊ ۾ بہ جوش ۽ ويرن سبب پاڻي متي چڙهندو آهي ۽ اڪثر ڪري سمونڊ جي ڪنارن کان اٿلي ٻاهر ايندو آهي. وهندڙ پاڻي وهي مانو تيو تہ چوندا تہ هاٽي درياھ ڪر هنئي آهي معنيٰ تہ سانتيڪو تيو آهي. جي لهڻ شروع ٿيو تہ چوندا تہ پاڻي هاٽي ڪرَ پيو هٽي. يعني زور ڇڏي هيٺ پيو لهي. سمونڊ ۾ وير سبب جڏهن پاڻي ڪنارن کان ٻاهر اچي ۽ وري وير يا لهرون يا طوفان هٽي وڃي تہ پاڻي پوئتي هٽڻ شروع ڪندو. انهيءَ لاءِ چئبو تہ پاڻي هاٽي ڪر هنئي آهي. يعني جهڪو تيو آهي. ڪر هٽڻ ۽ ڪر ڪٽڻ ٻئي جدا جدا صورتون آهن. ڪر هنئي ڪي اسان متي بيان ڪيو آهي ڪر ڪٽڻ جو مطلب ڪنڌ متي ڪٽڻ وڏائي ۽ فخر سان هلڻ واري ڪيفيت ڪي ڪر ڪٽڻ چئبو آهي نانگ ٻچي متي ڪري ڦڻ ڪڍي بيهي تہ چوندا تہ نانگ ڪر ڪٽي بيهي رهيو. ڪتي ڪنهن سان ڪا ڪسائي يا ڪُجائي تي پيئي تہ چوندا تہ هاٽي ڪهڙو ڪر ڪٽي راڄ ۾ هلندو معنيٰ ڪهڙو ڪنڌ متي ڪٽندو. ڪر لهڻ، ڪر ڪٽڻ ٻنهين جو جدا جدا مطلب آهي ڪر لهڻ معنيٰ آهي سنيال لهڻ خبر چار لهڻ.

### اَوڙاھَ:

هن لاءِ ڏسو سُر سري راڳ جتي هن جو احوال ڏنو ويو آهي.

### گَرهَڙ:

سمونڊ يا درياھ جي ڪاڏ سبب جيڪو ڍوري يا ڪناري اندر ڪافي پاڻي نوڪ ڪري اندر اچي تہ ان ڪي گرهڙ چئبو آهي گهارو اچا ٻي ڳالھ آهي جنهن ۾ ڪنهن واھ يا درياھ جو بند ڀڃي پوي تہ ان ڪي گهارو چئبو آهي گَرهَڙ دراصل پاڻي جي ڪاڏ ۽ وهڪ جو اهو سلسلو جيڪو ڍوري وانگيان وري اچي سمونڊ يا درياھ سان ملي.

**مچ:**

ڪاٺين يا ڏنگرن جو اھڙو ڍِڳ جنھن کي باھ ڏجي پيٽ ڪري ڪري ٻري ۽ ان مان اُلا مٿي نڪرن ۽ انھي ٻرندڙ مَچُ جو اھاءُ پري، پري ڏسڻ ۾ اچي اھڙي ٻرڻ واري کُھڙ کي مچ چئبو آھي.

ٻھراڙين ۾ سياري ۾ اوطاقن تي مَچُ ٻاري ڪچھريون ڪيون وينديون آھن. اھو رواج ھاڻي اڪثر نڪري ويو آھي. انھي قسم جي مچ جي ڪچھرين ۾ ڏور ڳجھارتون زماني جا قصا حال احوال سڀ ٿيندا، ڳائڻ وڄائڻ بہ ٿئي، ان لاءِ چيو ويندو آھي تہ ”ادا مچ تي مارڪو آھي“ مقصد تہ ڪاٺين جو وڏو ٻارڻ جيڪو ڪليل طور ٻري ان کي بہ مَچُ چئبو آھي. ڳالھين تان ڳالھيون ھلندي تڪائي مٿائي ٿئي ۽ گوڙ گھمسان تي پوي تہ ادا مَچُ مچي ويو يعني گرما گرمي تي پئي.

**پَرڏَيھُ:**

پنھنجي ملڪ يا وطن کان سواءِ ٻئي ڪنھن بہ ملڪ ۾ وڃجي تہ اھو ماڻھوءَ لاءِ ڌاريو ملڪ آھي. اھو پرڏيھ اھو پنھنجو ديس ۽ وطن نہ آھي ماڻھوءَ لاءِ اوپرو ۽ ٻيو ملڪ آھي.

**نَنگَرَ:**

ننگر شھر کي چئبو آھي ھن جو احوال اڳ ۾ اچي چڪو آھي.

**بازاريون:**

شھر يا شھرن ۾ مختلف قسمن جا دڪان جيڪي ھڪ ٻئي جي آمھون سامھون ھجن ۽ وچ ۾ ماڻھن يا ريڙھن سائيڪلن وغيرھ يا گاڏين جو لنگھ ھجي اھڙي ھنڌ کي بازار چئبو آھي. با+زار، زر= يعني جتي زر ۽ پئسن جي ڏي وٺ ٿئي. مال جي شين جي وڪڻ وٺڻ جي جاءِ ھجي جيئن حيدرآباد جي شاھي بازار مشھور آھي خيرپور جي ڪجور بازار ، لاڙڪاڻي جي ڪپڙي بازار، اھڙين مختلف بازارن سان شھرن ۾ چوڪ

هوندا آهن. جتان انهي جنس جون بازارون شروع ٿينديون آهن. بندرن سان گڏ ڪاروباري مرڪز هوندا آهن اهي انهي بندر جون بازاريون آهن. سامونڊين کي انهن هنڌن تي نہ ڏسندي لطيف دانهہ ڪري چيو تہ "بندر بازاريون سڃا سامونڊين ريءَ".

## چَاڪَ:

ڪنهن شيءِ سان جسم ۾ ڪٽي ڪو چيهڪ اچي وڃي ۽ اهو پچي پوي تہ اهو چيهڪ وارو ڦٽ چاڪ چئبو يعني چير جي زخم ٿيل. اهڙو ڦٽ جيڪو اندر کي چيري وڃهي اهڙو زخم جيڪو هانوَ کي چيري وڃهي يعني تڙپائي ڇڏي اهو چاڪ آهي. اهڙو ڦٽ جيڪو چڪندو رهي ۽ جنهن ۾ هر وقت سور جي سٽ يا چيڪ هجي اهو چاڪ آهي.

چاڪ چن مان لکڻ لاءِ آنگر جيترو ٽڪرو يا ٽڪرا تيار ڪيا ويندا آهن جن سان بليڪ بورڊ تي اسڪول يا ڪاليج ۾ استاد شاگردن کي سيکارڻ لاءِ لکندا آهن انهي کي بہ چاڪ چيو ويندو آهي.

بيل گاڏي جي ڦيتي کي بہ چاڪ چيو وڃي ٿو. جيڪو لفظ چڪ مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڦرڻ. گاڏي جو شيشو ڦري ٿو.

## فِراقُ:

جڏهن ڪن ٻن چاهيندڙن ۾ محبت ڪندڙ فردن ۾ جڏهن جدائي يا وڇوڙو ٿي پوي تہ انهن جي اها حالت فراق واري آهي. فراق محبت ۽ قربت جي وچ ۾ ويڇي پوڻ واري هڪ ڪيفيت آهي. جيڪا انسان کي ڳارائي ۽ يادگيرين ۽ پيار ۽ زندگي جي انهن گڏ گهڙين گذرڻ واري خيالن کي ياد ڏياري پئي محبت واري کي ڳاريندي ۽ ان جي جيءَ کي جهوريندي آهي فراق ۽ ڦوڙاتو ڏاڍا ڏکيا ڏينهن آٽي وجهندا آهن جيڪي تمام مشڪل سان گذرندا آهن:

## ڏِيارِي:

هي هندن جو نهايت وڏو ڏڻ يا ڏينهن آهي جنهن ۾ خوشي لاءِ ڏيا ٻاريا ويندا آهن انهي ڪري هن تي نالو ئي پيو ڏياري. ڏين وارو ڏڻ يا ڏينهن هندو جاتي انهي ڪري ملهائيندي آهي جو ”رام“ جيڪو راجا دسوٿ جو پٽ هو اهو پنهنجي زال سيتا سان گڏ چوڏهن سال بنواس (جهنگل ۾) گذاري واپس جڏهن پنهنجي پيءُ جي بادشاهي واري شهر اجودهيا ايوڌيا ۾ پنهنجي زال سيتا ۽ ڀاءُ لڪشمڻ (لڇمڻ) سان واپس آيو تہ ان جي واپسي جي خوشي ۾ اهو جشن ٽن ڏينهن تائين ملهايو ويو جنهن ۾ ڏيا ٻاريا ويا گهر گهر ۾ گهيٽي گهيٽي روشن رهي انهي واقعي جو پس منظر هي آهي تہ ”راجا دسوٿ کي ٻہ زالون هيون، وڏي ڪوشليا ۽ ننڍي ڪيڪئي ڪوشليا مان ڪيس ٻہ پٽ هئا هڪڙو رام ٻيو لڪشمڻ ۽ ڪيڪئي مان ڀرت، ڪيڪئي شهزادي، سونهن ۾ يڪتا هئي هڪ دفعي شڪار ڪندي يا ڪن جو چوڻ آهي تہ ڪنهن جنگ جي حملي ۾ راجا دسوٿ رٿ تي سوار هو ۽ مقابلو ڪري رهيو هو تہ سامهون هڪ تير اهڙي طرح سان پئي آيو جيڪو راجا جي ڳچي ۾ لڳي ها راڻي ڪيڪئي جيڪا هن سان گڏ پاسي ۾ ويٺي هئي ۽ راجا کي عمان ۾ وجهڻ لاءِ تير ڏيئي رهي هئي انهي ڪاري ڪان کي پنهنجي ٻنهين هٿن سان جهلي ورتو ۽ راجا کي نقصان نہ پهتو راجا دسرٿ کي انهي جنگ ۾ سوپ تي جڏهن واپس آيا تہ راجا ڪيڪئي کي چيو تہ تو منهنجي جان بچائي آهي گهر جيڪي گهرڻو هجيئي. ڪيڪئي وراڻيو تہ هينئر نہ پر وچن ڏيو تہ آئون جيڪو گهرنديس سو ملندو راجا چيو تہ بادشاهي وچن آهي. خير ڳالهہ آئي وئي راجا دسوٿ ٻہ وهي موتيو ۽ خيال ڪيائين تہ پنهنجي حياتي ۾ رام کي تخت تي وهاريان اها ڳالهہ عام مشهور ٿي ڪيڪئي کي اهو پسند نہ هو تہ منهنجي پٽ ”ڀرت“ کي ڪجهہ نہ ملي سو هڪ ڏينهن بادشاهہ کي پنهنجو وچن ياد ڏيارپائين بادشاهہ چيو تہ هائو وچن پاربو ڪيڪئي چيو تہ رام چوڏهن سال بنواس وڃي ۽ ڀرت کي تخت

ڏنو وچي راجا دسوٿ وائڙ وتي ويو پر جيئن وچن ڏيئي چڪو هو ان ڪري اهو قبول ڪري رام کي بنواس موڪليائين رام بنواس لاءِ تيار ٿيو ته سندس زال سيتا چيو ته آئون اوهان کان سواءِ جدا رهي ڪا نه سگهنديس ۽ گڏ هلنديس پاڻس لڪشمڻ چيو ته آئون تو ڀاءُ کي چوڏهن سالن تائين بنواس ۾ اڪيلو ڇڏڻ نٿو چاهيان ۽ گڏ هلندس. ائين رام، سيتا ۽ لڪشمڻ گڏ ٻن ڏانهن جهنگل ڏانهن روانا ٿيا رام جو بنواس ڏکڻ هندستان ۾ هو جتي رام سان نهايت خطرناڪ ۽ اڻ وڻندڙ واقعو پيش آيو. سلون/ سونديپ جو حاڪم راوڻ هو جنهن سيتا جي سونهن جي هاڪ ٻڌي ۽ حملو ڪري سيتا کي ڪٽي ويو. رام ڪافي جدوجهد ڪئي ۽ ڪجهه نه ٿيو نيٺ هنومان هن جو حامي ٿيو جيڪو پنهنجو لشڪر وٺي آيو ۽ راوڻ تي ڪاهي سيتا کي آجو ڪرايو.

رام هنومان جي مدد سان راوڻ تي فتح پاتي راوڻ کي ميليو ڪري ڪونيو ويو جڏهن چوڏهن سال پورا ٿيا ته رام سيتا ۽ پنهنجي ڀاءُ لڪشمڻ سان گڏ اجودهيا موٽيو انهي جي موٽي اچڻ جي جشن ۾ تخت تي وهڻ واري رسم تي چراغان ڪيو ويو جيڪو ساندهه تي ڏينهن هليو. رام جي موٽي اچڻ جي اسؤ مهيني جي ستاويهين تاريخ جي شام هئي انهي شام يعني 28 اسوءَ جي رات ڏياري شروع تي جيڪا 29 ۽ 30 اسوءَ تائين هلي ڏياري جي ڏڻ جو اهو پس منظر آهي.

ڏياري کي موسم سان ٻه ڳنڍيو وڃي ٿو ته ڏياري ڏسندي اتر شروع ٿيندو ۽ سامونڊي سڙهه سنياهي اتر واءَ تي سفر لاءِ روانو ٿيندا آهن.

هاڻي ته وڏي تبديلي اچي ويئي آهي جو ٻج نوان ڪري ڪڍيا ويا هن. اڳ ۾ دستور هوندو ته ڏياري ڏسي ڪٽڪ جي پوک شروع ڪئي يندي هئي.

رُ:

ڪنهن ڏاڳي، توڙي يا ڪپڙي جي ليريا ڪپڙي کي وٽ ڏيئي پاڻ ۾

هڪ ٻئي سان واري سان ملائڻ کي ور چئبو آهي جيئن ڦيش کي وٽ ڏيئي واڻ ڻاهبو آهي. پارسي جي ٻن ٽڪرن کي وٽ ڏيئي ٽلهو رسي جو ٽڪر ڻاهبو آهي. اهي سڀ ور ڏيڻ سان ٺهن ٿا. جڻن زالون وارن کي ور ڏيئي چوٽي جي ڳت ڻاهينديون آهن.

عورت جي گهر واري يعني مڙس کي بہ ور چئبو آهي. جيئن سسئي جي واتان چوائي ٿو تہ : وارو "ور" وني ويا آڌي رات اديون."

رستي يا واٽ جي وڪڙ کي بہ ور چئبو آهي."ور موتي اچڻ کي بہ چئبو آهي. "وريار واهر ڪر!" "ور" شهر جو بہ نالو آهي جيڪو ٺٽي ضلعي جي ميرپورساڪري تعلقي ۾ آهي. هتي لطيف وڻجاري پاران پنهنجي پوتيءَ سان ونجهہ کي وٽ ڏيئي جهلڻ واري ڳالهہ ۾ مورت ور سان بيان ڪيو آهي.

**وَنجَهہُ:**

هن بابت سُر سري راڳ ۾ احوال ڏسڻ گهرجي.

**وَڻجارِي:**

وڻجاري مان مراد آهي وڻجاري يعني وڻج يا واپار ڪندڙ جي زال، اهي واپاري يا وڻجارا جيڪي سمونڊ جو سفر ڪري واپار ڪندڙ هئا انهي جي زال يا عورت کي وڻجاري ڪري بيان ڪيو ويو آهي. يعني وڻجاري جي زال.

**بِيٺَ:**

ڪمر پٽي يا چيلهہ کي ٻڌل سندري کي بيٺ چئبو آهي اڳئين وقت ۾ نوٽن جو رواج ڪو نہ هوندو هو ۽ سڪا هوندا هئا جيڪي نوري ۾ وجهي بيٺ سان ٻڌي ڇڏبا هئا بيٺ پيٽ کان هيٺ چيلهہ وارو حصو آهي. جنهن کي ڪمر بہ چئبو آهي.

**پَاندُ:**

گندي يا پوتي جي پلئو جهلڻ کي پاند چئبو آهي مثال مشهور آهي

تہ ادا گنديءَ جو پاند کونهي جيڪو تہ ڦاڙي ڦٽو ڪبو پهراڻ، قميص يا چولي وغيرہ کي ڪنهن هڪ هنڌان جهلڻ کي بہ چئبو تہ پاند مان ڪٽي جهليائين.

وٽن ۾ پوتن ۾ ڪچڙا گونج نڪرن تہ انهن لاءِ بہ چون تہ هاٽي پاند جهليا آهن يا پوتن پاند ڪديا آهن. رنل کي پرچائڻ لاءِ بہ چوندا تہ ادا هلو تہ پوتي پلاند ڪريونس پاند وجهونس من پرچي پوي پاند گهڻ معنائون لفظ آهي. جو مختلف موقعن تي مختلف معنائن سان ڪم اچي ٿو.

**جُڳِن جا جُڳ:**

جُڳ وقت کي چيو ويندو آهي تہ هن جهان ۾ سنسار کي بہ جُڳ چيو ويندو آهي. هت جڳن جا جڳ وقت جي نسبت تان ڪم آيل آهي يعني ورهين يا ورهيہ گذري ويا الاهي وقت گذري ويو. هندن جي عقيدي موجب چار جُڳ آهن .1- ست جڳ 2- تريتا جڳ 3- ڏواپر جڳ 4- ڪل جڳ هر هڪ ۾ نمبر وار 1728000 سال- 1296000 سال-864000 سال. 43200 سال آهن.

**ماڳ :**

هنڌ جاءِ کي ماڳ چيو وڃي ٿو . ماڳ مان مراد ملڪ بہ آهي. جيئن همون راڻي جي قصي ۾ هڪ ڳاهہ جا هي لفظ تہ "گهوڙي وارا گهوٽيا کهڙو تنهنجو ماڳ" شهر ۾ رهائش واري هنڌ کي بہ ماڳ چئبو آهي.

**ويڻ:**

اوکي ۾ ڏکئي لفظ کي جيڪو ڪنهن کي ڏوراپي طور يا طعني طور تي ڪديو وڃي يا چيو وڃي انهي لفظ کي "ويڻ" چئبو آهي. ڪنهن ڳالهہ جو اويالو ڏجي اهو بہ ويڻ ۾ شمار آهي. زالون هڪ ٻئي کي ڏکيا ۾ اڻ سهائيندڙ ۾ اڻ سهندڙ لفظ ڪدين تہ انهن کي چون ويڻ ڪيڻ، پر هڪڙي چيو ۾ وري ٻئي انهي ساڳي طرح سان چيو تہ اهو ٽيو ويرا ورائي ڏيڻ.

ڪنهن کي ڏکي ڳالهہ چوڻ اهو بہ ويڻ ۾ شمار آهي.

**جُسي:**

جُسو، بدن، جيءُ، وجود انسان جو پنهنجو وجود ان جو جُسو آهي. انسان کي ڏک تڪليف اچي ٿي تہ ها ڪا بدني هوندي آهي ڪا احساس تي پر انهي جو اثر انسان جي وجود تي ٿئي ٿو بدن اها پيڙا پوڳي ٿو ذهن انهيءَ مان پڄري نڪري ٿو. لطيف اهڙي حالت کي ”جسي“ جار پرائيو سان تعبير ڪيو آهي.

**تَراڙوُن:**

ٻيڙيون (جمع) (واحد) ٻيڙي: هن کي ڪاٺ جي تختن مان جوڙيو ويندو آهي ٻيڙي ننڍي چوڏهن يا پندرهن فوٽ ٿئي يا ڪجهہ ان کان گهٽ ۽ وڏي بہ ٽيهہ پنجتيهہ فوٽن تائين بہ ٿيهي. هن جي پاسن، وارا تختا تر ڪان وٺي مٿي تائين پنج فوٽن کان وٺي ڏهن فوٽن تائين بہ ٿين هن جي سڪل ٻنهي پاسي نوڪدار ملنگن جي ڪشتي جهڙي هوندي آهي ۽ تر ٻيڙي جو مٿئين مڪيل حصي جي مقابلي ۾ اڌ يا ٻي حصي جيترو ٿئي هن جا پاسا تر ڪا مٿي عمود بہ هوندا آهن پر اهي 120 درجن جي هوندا آهن. انهي لاءِ تہ پاڻي جي لهر آساني سان ٻيڙي کي جاءِ ڏي ۽ لهي وڃي ٻيڙي ۾ وهسڻ لاءِ تختا لڳائبا آهن ۽ هن جي ڪناري تي اڊائي تي انچ جي ٻٽي تختي تي لڳل هوندي آهي. ٻيڙي سڙهہ ذريعي بہ هلي ان کي چپو يا پاڙڇن ذريعي پاڻي پوئتي ڏڪي هلائبو آهي. لهواري ۾ ٻيڙي پاڻ هي وهڪ ۾ هلي البتہ ان کي ڪن ۽ تڪ کان سڪاڻ ذريعي بچائٽو آهي. ٻيڙي جي تختن کي سونهڻ ذريعي پاڻ ۾ جوڙين ۽ ڪي ٻيڙياتا ٻيڙي جي تر ۾ جستي يا لوهي پليٽ پڻ لڳائين ان کي رنگ ۽ مسالا بہ ڏين جيئن پاڻي جي ڪاڏ ۽ اثر ڪان بچيل رهي.

## پاتَڻِي:

پتڻ ھلائيندڙ کي پاتڻي چئبو آھي. درياھ يا سمونڊ جي ڊورن ۾ ڪارين ۾ يا وڏن واھن جن تي ڪا پُل يا موري نہ ھوندي آھي تہ اتي پتڻ ڪم ڏيندو آھي. ھي ٻيڙي جي شڪل جو آھي پر ان ڪان ننڍو. پتڻ کي پاتڻي گھٽو ڪري ونجھن يا پاڙچن ذريعي ھلائيندو آھي. جن ھنڌن تي لنگھ ننڍو آھي ۽ ٻنھي پاسي ڪپ يا ڪنارو آھي تہ پوءِ پاتڻي ڪنارن جي اورئين ۽ پرئين پر وڏا ڪاٺ ڪوڙي انھن ۾ مضبوط تاريا رسي ٻڌي ان جي بہ مدد وٺي سڪاڻ جي ذريعي پتڻ کي آڻيندو ۽ نيندو آھي. ليڪن اڪثر پاتڻي ونجھن ذريعي تڙ اڪاريندا آھن.

## اَرٽُ:

ھن کي ائٽ ۽ چرخو پڻ چيو ويندو آھي، اڳئين وقت ۾ اجا مشيني ايجاد نہ ٿي ھئي تہ ارٽ تي ڪپھ مان سُٽ ڪتي ڌاڳو تيار ڪيو ويندو ھو ارٽ يا چرخي جي پنھنجي بناوت آھي. ھن ۾ ھڪ گولائي وارو چرخو ٿئي جنھن کي ھلائڻ لاءِ ھٿيو يا ڳن ھوندو آھي. اھو انھي چرخي جي وچ ۾ آرپار ٿئي ھڪ پاسي تورو ڪاني وڌيل ۽ ايل وانگر تريل ٿئي جيئن ان ۾ ھٿ وجھي ھلائي سگھجي. وچ ۾ ڊگھي ڪاني ٿئي جيڪا سوائي سان ڳنڍيل ھوندي آھي يا ائين چئجي تہ ان ۾ سوائي ھوندي آھي جنھن لوھ جي سنھي سيخ چھنبياري لڱل ھوندي آھي جنھن کي تڪ چئبو آھي. چرخي ڦيرائڻ سان سوائي تڪ کي گھمائيندي آھي ۽ ڪپھ جو ڦورو تڪ وٽ جھلبو جتان تڪ ڪپھ جي ريشي کي ڌاڳي جي صورت ڏئي ٿي ۽ ائين ڌاڳو نھي چرخي تي ڍيري وانگر ويڙھبو ويندو آھي اڳي ڪپھ ڪتڻ لاءِ بہ ائٽڙيون ھونديون ھيون جيڪي ڪپھ مان ڪڪڙا ڪڍي ڌار ڪنديون ھيون ۽ ڪپھ جا ڦورا نھي پوندا ھئا ۽ ڦورن کي ارٽ تي آٽي ڌاڳو ٺاھبو ھو انھي ڪم واري جاءِ کي آتڻ ڪوٺبو ويندو ھو. ڪتڻ واريون ارٽ جي آواز تي پيون جھونگاريندون ھيون ۽ پنھنجي دل

وندرائيندڙيون هيون ۽ ڪي وري ارٽ سان پيئون حال اوريندڙيون هيون جيئن لطيف فرمايو آهي. ”اوريندي ”ارٽ“ سين سڄڻ سنپاريوس“ يا ”ارٽ اڪلي مالهہ پوري ويئون بنجهر“ شاهہ. ارٽ جو سنڌي سماج ۾ سنڌ جي تهذيب ۾ تاريخ ۾ وڏو مقام آهي. هن جا آثار مهين جي دڙي مان بہ مليا آهن.

## ڪنياتڙِي:

ڪنيات ڪڇ جي علائقي ۾ ڪانياواڙ جي وچ ۾ سمونڊ جي ڪنيات جي نار آهي جنهن ۾ سمونڊ جو پاڻي ڪافي اندر گهڙي آيل آهي. هت ڪنياتڙي مان مراد آهي ڪنيات جي عورت جيڪا ڪنيات راڳ جيان نهايت سريلي ۽ سهڻي آهي. هت ڪنياتڙي مان مراد آهي ڪنيات شهر واري عورت جهن جو وريا پيارو محبوب يا ياءُ سمونڊ جي سفر تي پرڏيهہ ڏانهن ويل آهي.

## اَلَ:

هن ڪي اڍِ يا ماڻهوءَ ۾ پنهنجا خانداني رويہ هوند آهن. جيڪي انهن ۾ پيڙهي بہ پيڙهي هلندا ايندا آهن تہ انهي ڪي اَلَ چئبو آهي. هي لفظ نسل لاءِ بہ ڪم اچي ”ال هئڻ“ يعني نسلي طور ورثي ۾ عادتن روين جو ماڻهو ۾ هجن ان ڪي ال يا اڍيا پيڙهي چئبو آهي چوندا تہ ”ادا هن جي ال ئي اهڙي آهي“ يعني هن جو نسل يا اڍِ يا پيڙهي اهڙي يا انهن روين واري آهي. ازانسواءِ ڪنهن ماڻهوءَ يا طبقي تي پنهنجي اصلي نالي جي عيوض ڪو بيو فرضي يا نسبتي نالو پئجي وڃي تہ ان ڪي بہ ال چئبو آهي. مثلاً هن تي چاڪي جي ڏاند واري ال پئجي ويئي آهي ڪو ٻار ڪيتائي ۾ هر وقت پيو رينگو ڪندو تہ چوندا هن جي تہ ال ڪانگ واري رڙ پئي پوي وغيرهہ.

## اَنگَهن:

(انگها) اڳئين وقت ۾ ماڻهوءَ ڪي موت جي سزا ڏيڻ لاءِ ان ڪي

انگھن تي چاڙھيو ويندو هو. اهو هينئن جو هڪ وڏي ڪاهي ڪوھ جيان ڪٽندا هئا ۽ ان ۾ لوھ جون چنهبياريون سريون يا سيخون اپيون ڪري هنيون ويندون هيون انهن اپي تيل نوڪدار چنهبيارين سيخن کي انگها ڪري ڪونبو هو ۽ پوءِ جنهن کي موت جي سزا مليل هوندي انهيءَ کي اونهي ڪاهي ۾ مٿان اڇليندا تہ هن جو سڄو جسم انهن انگهن ۾ ٽنگجي ويندو ۽ هو اتي عذاب ڪائي مري ويندو. بيت انگھن چاڙهي انگ ويو وڍجهارو اوهري" معنيٰ تہ منهنجي وجود کي تون مٿئين ريت انگھن تي چاڙهي وئين جنهن جي سور ۽ عذاب جو ڪو بيان نٿو ڪري سگهجي.

**اڱ** (**انگ**):

انسان جو وجو ۽ عضوا هن جو انگ آهي عضون کي انگڙا بہ چئبو آهي. هتي انگ مان مراد آهي جان، جسم اصطلاح طور بہ اهو لفظ ڪم "انگ نہ ڏسڻ، معنيٰ تہ مون هن جو ڪو عضوو يا جسم ئي ڪو نہ ڏٺو آهي. جيئن گرهوڙي صاحب هڪ هنڌ فرمائي ٿو تہ "امڙ ايريو مون ڏٺو تنگ تنجيائين اڱرا" انگ جو لفظ انسان جي وجود ۽ هن جي عضون سان لاڳو آهي.

**جَرُ**:

پاڻي کي جر چيو ويندو آهي، جيڪڏهن پاڻي نہ هوندو تہ چوندا "بنجر" بنا جر جي بنا پاڻي جي زمين ۾ هيٺ پاڻي هوندو آهي ڪٿي منو تہ ڪٿي باڙو تہ ڪٿي وري ڪاروان لاءِ چوندا تہ جَرُ منو آهي. جَرُ باڙو آهي. جر ڪارو آهي. درياھ يا ڍنڍ وغيرھ جي وهنڊڙ يا بيٺل پاڻي لاءِ بہ هي لفظ استعمال ٿئي. وهنڊڙ جو بيٺل جر. پاڻي جيئن تہ صاف شفاف آهي ان ڪري هي لفظ اوجر= صاف مان نڪتل آهي پاڻي صاف آهي انڪري هن تي بہ نالو پيو جر صاف پاڻي جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ "هيٺ جر مٿي ميجر پاسي ۾ وڙاھ" (ڪامو(، جر/ پاڻي زندگي جو مول آهي.

**جاتُون (جمع) (واحد) جاتَ:**

زيارت، سُکا، باس باسڻي، ڪنهن اولياءَ، درويش وغيرهہ جي درگاهہ يا آستاني تي وڃي زيارت ڪري سُکا يا باسيل باس ڏجي تہ ان کي جاتَ چئبو آهي. هي لفظ جاترا مان نڪتل آهي. لاڙي لهجي ۾ زارتَ يا جيارت چيو ويندو آهي. جاترا جو مخفف جات جيڪو لهجي ڪري ڦري ٿيو جاتَ جيئن اڏيري لعل جي ميلي جو نالو ”جاتَ جو ميلو“ چوڻي آهي تہ ”جاتَ تي ٿي وڃان“ تہ جاتَ جو بنيادي تصور زيارت آهي.

هن سُر ۾ ”جر جاتُون نہ ڏي“ بيت ۾ آيل آهي جر پاڻي ان لاءِ اهو عقيدو آهي تہ ”خواجہ خضر“ پاڻي جو پير آهي هن کي زندهہ پير بہ چون جاتُون مان مراد آهي زيارت پاڻي/ جر کي پيتا ڏيڻ ان جي زيارت ڪرڻ ان جي پوڄا ڪرڻ پاڻي زندگي آهي. هندن ۾ جل پوڄا/ جر پوڄا انهي ڪري ۽ زندهہ پير جي سلسلي سان آهي.

**ڏيئا (جمع) ڏيئو:**

هن کي ڪنيار متيءَ مان ٺاهيندو آهي چڪ تي ٺهڻ وقت هن جي شڪل پيالي جهڙي هوندي آهي پر جڏهين هن کي چڪ تان لاهي هيٺ رکبو آهي تہ آنگوني ۽ ڏسڻي آڱر جي چپٽي سان ڪناري کي زور ڏيئي نوڪ ٺاهبي آهي. جيئن ان ۾ وٽ بيهي ڏيئي ۾ تيل وجهي ڪپهہ جي وٽ ٺاهي اها وجهي ٻاربو آهي. اڄ بجلي ۽ گاسليٽ جون بتيون آهن پر جڏهن اهي شيون نہ هيون تہ روشني لاءِ ڏيئو ڪم ايندو هو. ڪنير ڏيئن جي جهرمر بہ ٺاهيندا هئا/ آهن. ڏيئي جي وٽ ٻرڻ وقت هوا جي لهرن تي جيڪا نزاڪت ڪندي آهي اها بيمثال آهي.

**مَوهِي:**

هن جو مصدر آهي ”موهڻ“ امرموهہ ۽ فعل موهي، ڪٽڪ جي اٽي جا ڏيئا ٺاهي انهن ۾ گيهہ وجهي ۽ وٽ ٺاهي هندو زالون وجهنديون آهن ۽

انهن ڏيئن کي جيڪي پنج يا ست هوندا آهن ٽالهي ۾ رکي ٽالهي ۾ ان سان گڏ چانور ۽ سيندر پڻ رکن پوءِ انهي ٽالهي کي جنهن ۾ ڏيئا ۽ اهو سامان هوندو آهي پلئو ڏيئي دريا شاهه تي ايندين جتي درياهَ هوندو ته اتي درياهه نه ته جتي به پاڻي جو وهڪرو، سمونڊ وغيره هوندو ته اتي اچي جل پوڄا ڪنديون ۽ انهن ڏيئن کي آهستي آهستي ڪري پاڻي حوالي ڪنديون ته چانور اڇليندين جنهن کي اکا هٿن چئبو آهي ۽ سيندر پنهنجي سينڌ ۾ هٿنديون پر جي ڪا ڪنواري آهي ان جو ياءُ يا پيءُ سفر تي آهي ته اها وري سيندر جو تلڪ ڪيندي انهي سڄي عمل کي ڏيا موهڻ چئبو آهي.

**وَڻَ ٽِڻَ:**

رستي يا ڳس ڳام تي ان جي ڀنهين پاسي ننڍا وڏا وڻ ٻوٽا هوندا ته چئبو ته هن ڳس تي وڻ ٽڻ آهن ڪو ساهي پٽي سگهي ٿو هنن لفظ ٽڻ زائد آهي جيڪو هنڌ جاءِ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو اسان وت سنڌ ۾ درياهي ڪنارن تي ٻيلا آهن باقي جيڏانهن به ڏسبو ته رستي وغيره تي وڻ هوندا، هڪڙا وڻ خود بخود پيدا ٿين ٻين کي خوبصورتي لاءِ رکيو ويندو آهي. وڻن جا ڪيترائي قسم آهن. نم، ٻير، ٽالهي، ڪنڊي، سرينهه، پپر، ٻڙ، گل مور، ديوي، ڪٻڙ، ڪرڙ وغيره.

**وانئِيتوَن:**

وانئيتون. ڪاني ۾ ڪپڙي جو ٽڪر جهنڊي جار ٻڌي اها ڪاني ايئي ڪري وڻن ۾ ٻڌبي آهي هوا لڳڻ تي خبر پوندي ته هن وقت ڪهڙو واءُ پيو لڳي اتر يا ڏکڻ يا الهندو يا اڀرندو. ٻيو وري چا ڪندا آهن جو ڪپڙي جون ليرون ڪري وڻن جي ٻاهر وارين ٽارين ۾ ٻڌي ڇڏيندا يا ڇڏينديون ان مان به انهي خبر لاءِ ته ڪهڙو واءُ پيو لڳي. وانئيتون اڪثر ڪري وڻجارن جون وهون (زالون) جهازن جي اچڻ واري منڊ ۾ ٻڌنديون هيون ته

جيئن سڌ پوي تہ ڪهڙو واءُ وريو آهي. ڇو تہ اتر جي واءَ تي جهاز/ ٻيڙا سمونڊ ۾ اڳتي نڪري پرڏيھ سفر تي هليا ويندا هئا ۽ وري جڏهن مند مٽبي هئي ۽ ڏکڻ شروع ٿيندو هو تہ انهي هوا جي زور تي سير ۾ سڙھ سنوان ڪري وڻجارا پنهنجي ڏيھ موٽندا هئا. انهن جي وڃڻ ۽ موٽڻ جي خبر لاءِ اهي وائنيٽون وڏي ڪم سان گڏ دل جو آئت ۽ وڇوڙي جو ور ٻڌائينديون هيون.

## ڦُلَن مَالَ:

گلن کي ڌاڳي ۾ پوئي جيڪو هار ٺاهجي ان کي ڦلن مال چئبو آهي اهي هار اڪثر ڪري گلاب جي گلن، گيندي ۽ موتئي مان تيار ڪيا يا پوتا وجن ٿا مال ۾ نزاڪت لاءِ موتئي جي گلن جون مکڙيون يا چمپا جون مکڙيون گلاب جي گلابي سرخ ڳاڙهن گلن جي وچ ۾ نزاڪت پيدا ڪرڻ لاءِ هار ٺاهيندڙ رکندا آهن. ڦلن جون اهي مالائون وڻجارن جون وهون ڪين جڏهن سندن ور وارو تي بندر پيڙا ٺيندا هئا تہ اهي انهن کي نمسڪاري ڪري گلي ۾ وجهنديو هيون.

## پِتَڻُ:

هن بابت ڏسو ”سرسري راڳ“ جتي انهيءَ جو احوال ڏنو ويو آهي.

## مُهِري:

ٻيڙي جي اڳيان منهن تي هڪڙو مضبوط ٿلهو ڪاٺ جو گول تڪر ڪلي وانگيان هنيو ويندو آهي. جنهن کي مُهِري چئبو آهي هن ۾ پَڳَھ وارو رسو ٻڌل هوندو آهي جڏهين ٻيڙي پڳھ هٽندي تہ مهري مان رسو کولي ڪپ تي ڳري ۾ وجي ٻڌندا ۽ جڏهين پڳھ ڪٽبو تہ اهو رسو ڳرئي مان کولي مُهري کي ويڙهي ڇڏيندا آهن.

## ڳَرِيو:

اهو ڪلديا ڪاٺي جيڪا ڪنڌي يا ڪپ تي ٻيڙي جي لنگر هٽڻ سان

ان ۾ رسو ٻڌبو آهي تہ جيئن ٻيڙي پڳهہ تي بيٺي رهي ۽ لهرن ۾ هيڏانهن هوڏانهن اولجي نہ وڃي.

**اُليڙڻُ:**

ونجهہ واري ڪاٺي جيڪا ٻيڙ ياتا پاٽي ۾ ٻيڙي کي ٻيهارڻ لاءِ هڻندا آهن تہ جيئن ٻيڙي پاڻي جي وهڪ سان گڏ نہ هلي ۽ هڪ هند بيٺي هجي. انهي ڏگهي ڪاٺي کي جيڪا ٻيڙي جو ونجهہ آهي ان کي وڻجاري اليڙڻ ئي نہ ڏي ان لاءِ تہ جي اهي اليڙجي نڪتي تہ ٻيڙي سير تي رواني ٿي ويندي. ان لاءِ انهي ونجهہ واري ڪاٺي ۾ ٻئي ٻانهون ور ڏيئي جهلي بيهي رهي يا پنهنجي پوتي جا ٻئي پاند ان ۾ ويڙهي قابو ڪري بيهي رهي تہ جيئن ٻيڙي جو ونجهہ نہ اليڙجي.

**ڏَنبُ:**

ڪنهن لوهي شيءِ کي گرم ڪري جسم تي ان سان داغ ڏجي تہ اهو ڏنب آهي. ڏنب غم ۽ ڏک ملڻ کي بہ ڏنب چئبو آهي. ڪنهن جو اولاد نافرمان ٿي پيو مائٽ لاءِ جتان ڪٿان ان جي ڪڌن ڪرتوتن جي گلا تہ مائٽ اهڙي اولاد لاءِ چوندو تہ ابا چا ڪجي اولاد ڏنب ڏيئي ڇڏيا آهن مائٽ لاءِ اهو داغ آهي جيئن داغ جو سور ۽ درد ٿئي ٿو اهڙا رويہ بہ ڏنب جي برابر آهن. مٿي جي سور لاءِ ٻنهين اکين جي ڀرن جي وچ ۾ هڪ نس ٿئي حڪمت ۾ حڪيم اتي ڏنب ڏيئي ڇڏيندا هئا تہ جيئن عادتي سور وري نہ پوي. ٻارن کي ”مريو“ جيڪو مرگهي وانگيان هڪ بيماري جو قسم آهي ان جي ڇوٽڪاري لاءِ بہ حڪيم انهي جاءِ تي اها نس ڳولي ڏنب ڏيندا هئا ۽ اها تڪليف ڇڏي ويندي هئي. عرق نسا جي سور لاءِ پير جي ڪڙي ۽ ڪُچ جي وچ ۾ هڪ نس ٿئي ان لاءِ اتي بہ حڪيم ڏنب ڏيندا هئا ۽ عرق نسا جو سور ڇڏي ويندو هو. اهڙو ڦٽ جيڪو چڪندڙ هوندو هو ۽ ڦهلجندو ڪو نہ هو پر سڪندو نہ هو تہ حڪيم ان کي بہ ڏنب ڏيندا

هئا ۽ پوءِ هڪ قسم جو ڀورو جيڪو مختلف ڀوتن مان نهيل هوندو هو اهو مريض کي لڳائڻ لاءِ ڏيندا ته ڦٽ هميشہ ختم ٿي ويندو.

مالوند ماڻهو مال تي مختلف نشان ٺاهي نال وانگيان يا ليکن جي ڪٽ يا چڙي وانگيان يا گول انهي لوهي نشان کي گرم ڪري مال جهڙوڪ، اٺن، ڍڳين، مينهن وغيرهہ کي داغ ڏنيي ڇڏيندا آهن تہ جيئن مال جي سڃاڻپ ٿئي تہ هي وڳ يا ولر يا ڌڻ هن مالوند جو آهي. انهي ڏنڀ جي ملڻ ۾ جيڪو درد ۽ سور ٿيندو آهي ان جو اندازو ڪري ٿتو سگهجي انهي سور جي شدت ۽ احساس کي انسان جي دل کي داغ ملڻ واري ڪيفيت کي ”ڏنڀ“ سان ڀيٽبو آهي.

**ٻارَ :**

سمونڊ يا درياهہ جي پاڻي وارو اهو حصو جيڪو ڪناري/ ڪنڌي کان اڳتي وڌي جيئن پوءِ تيئن اونهون ۽ عميق ٿئي يا هجي انهي پاڻي واري هنڌ کي ”ٻار“ چئبو آهي جيئن ٻيڙا وڏا ”ٻار“ ۾ يعني ٻيڙن کي ڪناري کان آٽي اچي اونهي پاڻي ۾ وڌو.

**هَڙَ:**

ڪپڙي جي پلاند يا پلاند سان ٻڌل شيون يا سامان انهي کي هڙ چئبو، آهي. ”هڙ“ همياني يا نوري کي بہ چئبو آهي ڇو تہ اڳ ۾ نوٽ نہ هوندا هئا ماڻهو پنهنجا پئسا جيڪي گينين ۽ سون يا چاندي جي سڪن جي صورت ۾ هوندا هئا اهي نورو يا همياڻي ٺاهي چيلهہ سان ٻڌندا هئا انهي کي هڙ چئبو هو، هڙ ۾ هئڻ ”اصطلاح انهي سبب جڙيو معنيٰ نہ پئسو ڏوڪڙ جو هئڻ بہ هڙ ۾ اچي ٿو. ”هڙ ٿي ويئي“ ڪنهن جو نقصان ٿي ويو تڏهن چوندا تہ هڙئي هلي ويس يعني سڀ ڪجهہ هليو ويو. محفل يا مجلس مان ماڻهن جو اٿي وڃڻ تي بہ چيو ويندو آهي تہ هڙ هليا ويا ”هڙ“ سڀ جي بدلي بہ ڪم اچي. ”هڙ ۾ هجيئي ناڻو تہ گهمر لاڙڪاڻو“ اها چوڻي بہ پئسي ڏوڪڙ

جي هئڻ جي بنياد نهي تہ جيڪڏهن تو وٽ هڙ ۾ يعني پنهنجو پاڻ وٽ ناٽو آهي تہ پوءِ لاڙڪاٽو گهر، ”هڙ“ اصل ۾ پئسي جي هئڻ ڪنهن شيءِ جو هئڻ ۽ تعداد جو هئڻ انهن سيني لاءِ ڪم اچي ٿو.

## هَنجُ:

جهوليءَ کي بہ چئبو آهي. هنج ۾ اچي ڪريو. معنيٰ اڳيان جهولي ۾ اچي ڪريو مائرون ٻارن کي ڪڇ تي هنج ڪٽنديون آهن. هنج مقصد آهي. پاڻ سان هئڻ جهوليءَ ۾ هئڻ.

## پرھ:

رات جي آخري حصي جنهن ۾ اوير پاسي اجاڻ جي باک نظر اچي تہ ان کي چئبو آهي پرھ ڦٽڻ، معنيٰ تہ ڪاري رات ختم ٿي رهي آهي ۽ صبح صادق ٿيو آهي، اجهو سج ايرندو ”پرھ“ سج جي ايرڻ يا ڏينهن ٿيڻ جي نشاني آهي. پرھ جي مهل نهايت سعادت واري ۽ سياڳي ۽ صحت لاءِ سٺي آهي. پرھ علامت آهي صبح صادق ۽ اونداهي جي خاتمي جي. ”پرھ ڦٽڻ“ اصطلاح بہ انهيءَ ڪري چڱيو آهي اوندھ کي ظلمت سان تعبير ڪيو ويجي ٿو ۽ پرھ کي صبح صادق جي نور سان تعبير ڪيو ويجي ٿو.

## لائُوَن:

شادي وهان جي هي اهم رسم آهي. جيڪا هر قوم ۽ طبقي ۾ موجود آهي. گهوٽ جي ڀيڻ گهوٽ کي پلو ڏيئي سينگاريل سيج تي جيڪا خاص طور تي لائن لاءِ تيار ڪئي ويندي آهي ان تي ڪيس وٺي اچي زالن جي ستٽ ۾ وهاريندي گهوٽ سيج تي جتيءَ سوڌو وهندو ۽ نہ لاهيندو انهي لاءِ تہ متان ساليون جتي چورائي نہ وڃن ۽ پوءِ ڪنوار جي ڀيڻ يا ڪا ماسي وغيرھ پلو ڏيئي ڪيس گهوٽ جي سامهون اچي ويهاريندي. ان وقت سهاڳڻيون ڳيچ/ ڳيت ڳائينديون ۽ گهوٽ جون ڀيڻون يا ٻيون عزيز ياڻيون جيڪي سهاڳڻيون هونديون يعني ورن واريون

هونديون اهي ست سهاڳڻيون گهوٽ ڪنوار جي مٿي تي هٿ رکي سندن مٿن جي پيشاني کي ملائينديون ۽ ڳيچ ڳائينديون بابل هڪڙي لانوَ ادل بي لانوَ، اهڙي ريت لائن لاءِ مخصوص ڳيچ ڳائبو ۽ عورتون هڪ ٻئي کي لائن جون مبارڪون يا واڌايون ڏينديون.

## سانگ:

سفر يا ڏنڌي جي لحاظ کان ڪجهه ماڻهو گڏجي ٻاهر وڃن تہ ان کي سانگ ڪري وڃڻ چئبو يعني ٻاهر گذاري لاءِ وڃڻ. ڪٿي پاڻي جي اڻاٺ تي پوي ۽ ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري ٻئي ڪنهن سولائي واري هنڌ تي گذاري لاءِ وڃن تہ انهي کي چئبو تہ سانگ تي ويا آهن. ڪنهن سٺي ۽ سهوليت سبب اتي ويا آهن.

شادي مرادي ۾ عورتون يا مرد ڪو روپ ڌاري چاچين آڏو اچن تہ انهي کي بہ سانگ ڪڍڻ چئبو آهي. يا ڪوهہ تي عورتون گڏجي دلا ڪٽي پاڻي ڀرڻ لاءِ وڃن تہ چوندا سانگ ڪري تڙ تي پاڻي لاءِ ويئون آهن. وڻج واپار لاءِ اڳاتي وقت ۾ وڻجارا ويندا هئا تہ انهيءَ کي بہ چوندا هئا تہ سانگ تي ويا آهن يعني سفر تي اسهيل آهن. حيلي ڪوشش کي بہ سانگ چيو ويندو آهي. جئن شعر آهي تہ ”ساريو سڄڻن جا سانگ ويٺي راهہ رئان“.

## صَابڻُ:

صابڻ هڪ وکر آهي جيڪو ڪن شين جهڙوڪ زيتون جي تيل يا ڪڪڙن جي تيل ۾ ڪجهہ ٻيون شيون جهڙوڪ مني سوڊا بورڪ اسٽيڊ يا انهي قسم جي ٻئي شيءِ ملائي تيار ڪيو ويندو آهي. هن وقت صابڻ جا جديد فارمولا آهن ۽ ڪيترن ئي قسمن جا فارمولا آهن. جن جي ذريعي صابڻ جا مختلف برانڊ تيار ڪيا وڃن ٿا ليڪن انهن ۾ تيل ضرور هوندو آهي. جنهن کي ڪيميائي طور منجمند ڪري صابڻ تيار ڪيو ويندو آهي. وهنجڻ واري صابڻ جو پنهنجو فارمولا آهي ۽ ڪپڙن ڌوئڻ واري

صابڻ جدا فارمولي تحت ٺهي ٿو. ڪپڙن واري صابڻ ۾ سوڊا ڪاسٽڪ هوندي آهي ۽ بليچ پائوڊر بہ وجهندا آهن. وهنجڻ واري صابڻ ۾ اهي شيون نہ هونديون آهن .

## نيڻ:

اکين کي نيڻ، چيو ويندو آهي. انساني پيشاني ۾ نيڻن کي وڏي اهميت آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي نيڻ نينهن جي نشي جا جت پيالا آهن اتي انسان جي ڏسڻ ۽ ان جي مشاهدي جو ذريعو آهن. نيڻن ۽ اکين کان سواءِ انسان انڌو آهي. هن سنسار جي ڏسڻ پسڻ لاءِ انسان کي رب العالمين نيڻن جي نعمت سان نوازيو آهي. ڪجل ڀريا ڪارا نيڻ سرمي جي سياهي سان سينگاريل نيڻ عاشقن لاءِ تير جي چير وانگيان آهن. جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ ”نيڻ سقيلا سپرين پونئر پرون ڀالا“ نيڻ نير وهائين تہ اهي لڙڪ لارون ڪريو اڇيو ڳاڙهن ڳلن تي پون ۽ ڏسندڙ جي من ۾ نيڻن جي لڙڪن جا نارا جهيرون وجهيو ڇڏين. ”نيڻ نہ ننڊون ڪن ڀڳو آرس آئينو“

## ڪَيِڻَ:

مصدر ڪائڻ، ارڪاءُ: ڪيڻ طعام کي چئبو آهي. ڪيڻ يعني طعامن جا ڪئين قسم آهن. جن کي مختلف طريقن سان رڌ پچاءُ ڪري تيار ڪيو ويندو آهي.

## اَوڇنگارُون:

ٻاڪار ڪري روئڻ کي اوڇنگارون چئبو آهي. جڏهن ڪو وڏو صدمو يا ڏک پهچندو آهي تہ انسان کان بي اختيار اوڇنگار نڪري ويندي آهي، هاءِ هاءِ ڪري روئڻ اوڇنگار ٿي آهي. اوڇنگار روئڻ جي هڪ پڪار آهي اندر جي اُدمي جو هڪ وڏو اظهار آهي. جيئن سسئي ۾ لطيف فرمائي ٿو تہ ”ڏکي سنڌءِ ڏونگرين آڏي اوڇنگارون اچن“.

## چيئَن:

هندو ماڻهو جڏهين مردي جو اگني سنسڪار ڪندا آهن ۽ ڪاٺين کي اهڙي طرح رکندا جو ڪاٺين جي مٿان وچ ۾ مردي جي رکڻ جي جاءِ چوٽي تي هيٺ هجي مطلب تہ ڪاٺين جي ڍڳ ۾ جهڙو ڪا کڏ هجي ان ۾ مردي کي رکندا ۽ پوءِ اگني سنسڪار جي شروعات ڪندا. اهڙي ڪامڻ واري جاءِ کي چيئن ڪونبو آهي. يعني باھ جي مچ جي يا ڏاگھ جي چوٽي.

## ولين جمع واحد ول:

ول جا ڪئين قسم تين جهڙوڪ گدري جي ول ڇانهين جي ول ڪريلي ۽ توري جي ول ڪورڙ دال جي ول. گولاڙي جي ول وڻ ويڙهي جي ول. چيڙن جي ول. ول جتي بہ هوندي جنهن بہ قسم جي هوندي ان ۾ ور وڪڙ ۽ پالوندر پاڻ ۾ ڳنديا پيا هوندا. وڻ ويڙهي جي ول ۽ گولاڙي جي ول وڻن تي چڙهي ويندي آهي هنن جي اها خاصيت آهي جو هو وڻ کي گهيريو وجن. ٻي آهي ٻي پاڙي ول جيڪا وڻن تي هوندي آهي هن جي خاصيت آهي جو اها وڻ جي تارين مان ان جو رس چوسيندي آهي ۽ پاڻ انهي خوراڪ تي وڌندي آهي تان جو وڻ سڪي ويندو آهي . ٻي پاڙي ول پيلي رنگ جي ٿئي ۽ تاندوري وانگيان پڪڙي وڻ کي گهيري سڪائي ڇڏيندي آهي ”گوندر غم پرين جا ولين جيئن وريام“

## اُڏوهِي:

هي هڪ قسم جو جيت آهي، جنهن جي خوراڪ ڪاٺ آهي ڪاٺ کي جتي اڏوهي لڳندي تہ اها انهي کي ڪائي مٿي جهڙو ڪندي پهرئين اها مٿي آلي ڌسڻ ۾ ايندي جيئن جيئن اڏوهي ڪاٺ کي ڪائيندي اڳتي وڌندي تہ ان جي اڳيان اڏ وٽ آلي مٽي نظر ايندي ۽ پويان خشڪ.لاهبو نہ پورڙ جيان پري هيٺ ڪرندي اڏوهي ڪاٺ کي ڪائي اندران کوکلو يا پورو ڪري ڇڏيندي آهي. مرچن ووئٽن، ٽماٽن وغيرھ جي فصل کي پاڙ

۾ اندران اڏوهي لڳي ته چوندا ته ”موراهي“ جو مرض آهي. ان لاءِ هاري انهي سڪل سلي کي پاڙان نه ڪڍندو پر انهي هنڌ جي مٽي به ڪٽي ٻاهر اڇليندو جيئن ٻيا ٻوٽا مرض کان بچيل رهن. اڏوهي جا ٻه ٽي قسم آهن هڪڙي سنهي ٻي ڳاڙهي مٽي وڏي، اڏوهي ڪاٽ ۽ فصل لاءِ تمام نقصان ڪار آهي. هي اندر جو ڪاٽ آهي.

**ٻيڙِي:**

هن جو احوال ترازون ۾ ڏنل آهي. اتي ڏسڻ گهرجي.

## ڪوٽُ:

ڪوٽ کي قلعو يا ڳڙهه به چئبو آهي. شهر جي حفاظت لاءِ جئن ان تي ڪو دشمن حملو ڪري نه سگهي يا سولائي سان سوپ ماٽي نه سگهي ان لاءِ اڳئين وقت توڙي موجوده دور ۾ اهم شهرن جي بچاءَ يا فوجي حملي جي لنگهه وارين جاين تي ڪوٽ/ قلعا تعمير ڪيا ويندا آهن .ڪوٽ جي ديوار اوچائي ۾ ويهن يا ٽيهن فوٽن جي اندازي تي هوندي آهي ۽ ديوار جي ويڪر ٻارهن کان سورهن فوٽ هوندي آهي. قلعي/ ڪوٽ جي ديوار ٻاهران پڪين سرن يا پٿرن سان ٺاهي ويندي آهي ان جي آخر ۾ ڪنگرا هوندا آهن ۽ هر ڏهن ٻارهن فوٽن تي برج يعني ننڍو چبوترو ٺهيل هوندو آهي. جنهن ۾ هڪ يا ٻه ماڻهو ويهي سگهن اهي ڪوٽ جا محافظ ڪري ليکبا آهن. ڪوٽ جي ديوار ۾ لاهيئن نموني ۾ سوراخ رکيا ويندا آهن جن مان حملي آور تي جوابي ڪارروائي ڪري سگهجي ڪوٽ جي وڏن برجن جو دروازو وڏو ۽ مضبوط ۽ انهي ۾ فولادي انگها لڳل هوندا آهن جيئن حملي آور جو هاٿي وغيره آساني سان دروازي کي پهچي نه سگهي ڪوٽ جو مک دروازو سڌو نه رکيو ويندو آهي پر اهو ڏيڍي سان هوندو آهي ۽ وچ ۾ ان کي ٻه ٽي ور وڪڙ لنگهه لاءِ هوندا آهن ۽ انهن ورن وڪڙن ۾ مورچا هوندا آهن جيئن حملي

وقت ڪوٽ جي دفاع ۾ سولائي ٿئي.

**بُرُج:**

هن جو احوال ڪوٽ جي بيان ۾ اچي چڪو آهي.

**آونگ:**

هي اسم معنيٰ ۽ مطلب جي لحاظ کان اختلافي رهيو آهي. هر ڏاهي پنهنجي آڌار تي ان جو مطلب بيان ڪيو آهي. ڪن جو خيال آهي تہ ٽانو، ٽپا ڪن جو چوڻ تہ سڪل مڇي يا سڪل لوجريون جيڪا ننڍڙي مڇي ٿئي ان کي آونگ چيو ويو آهي ڪن جو خيال آهي تہ ڳانگٽ يا جهينگو چئبو آهي. اهي سڪل هجن انهن کي آونگ چئبو آهي ڪن عالمن هن کي چڪو يعني شين کي مٽي هوا ۾ رکڻ لاءِ ٿهيل وسلو ان کي آونگ ڪوٺيو آهي. بيت جو مزاج ۽ سُرُ جي ڪيفيت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ونجاري جي وڃڻ ۽ سفر تي وڌيڪ وقت سبب هن کي گذر سفر لاءِ جيڪا پريشاني ٿي جو آجڪو ختم ٿي ويو اوڏر تي سامان سڙو هن پئي آندو. آونگ دراصل انهي سامان لاءِ استعمال ٿيل آهي جيڪو اوڌر تي آندو پئي ويو.

**ڇائٺ:**

در جي بناوت ۾ چار ڪاٺيون فريم جون ۽ هڪ يا ٻہ تاڪ جيڪي تختن جا هوندا آهن. فريم يا چوڪٺ جي پاسن وارن ڏگهين ڪاٺين کي درجي ٻانهين چئبو آهي ۽ مٿئين ڪاٺي کي سر در ۽ هيٺئين ڪاٺي کي ڇائٺ چئبو آهي.

**نڪ:**

انسان جي پيشاني يعني منهن ۾ نڪ کي وڏي اهميت آهي هن جي بناوت نهايت ئي عجيب آهي اکين جي وچ کان شروع ٿي ماٿوءَ جي مٿئين چپ کان هڪ سينٽي ميٽر تي ختم ٿئي ٿو نڪ نرم هڏي جو هوندو آهي هن ۾ ساهہ کڻڻ لاءِ ٻہ سوراخ هوندا آهن جن جو تعلق ساهہ جي نلين سان

**اَکا:**

پوچا ۾ چانور يا مانھ جا داڻا ۽ ڪا دال وغيرھ ٿالھي ۾ وجھي انهيءَ کي درياھ شاھ جي حوالي ڪرڻ انھي کي اکا ھڻڻ چئبو آھي. شادين ۾ بہ سمات قوم ۾ اکا ھڻن جي رسم آھي. جنھن م گھوٽ کي کير پيارڻ مھل سس يا وڏي سالي کير پيارينديءَ ۽ ڪنوار کي ڪپڙن ۾ ويڙھي ڪائي وچ ۾ آڻيندا جنھن جي خبر نہ پوندي ۽ اھا گھوٽ جي کير پيءِ وجڻ بعد چانور اچلي ھڻندي جنھن کي اکا ھڻن چئبو آھي. ڪنوار جي موڪلاڻي وقت بہ اکا ھنيا ويندا آھن.

**ڪتُورِي:**

ھن جي احوال لاءِ ڏسو سر سري راڳ جتي انھي جو بيان ڪيو ويو آھي.

**ڏَجُون جمع واحد ڏَجَ:**

در اصل رج لفظ جي معنيٰ آھي چمڪات يا پري ڪان ڪنھن اھاءَ جو اچڻ ھت ڏجون انھن وانئيتين يا جھنڊين جي ذڪر سان آيل آھي جيڪي ٻيڙي ياغوراب ۾ جھاز جي ڪوھن تي رنگ بہ رنگي ٻدل ھونديون آھن ۽ پري ڪان جھاز جي ايندي ڏسڻ ۾ ايندي يون آھن.

**ڏَاڙَيچِنِ:**

واحد - ڏاڙيچو: واپاري وڻجارو. شاھوڪار اھي ماڻھو جيڪي پرڏيھ ڏانھن واپار ۽ ڪاروبار جي سانگي سمونڊ جي سفر تي نڪري پرڏيھ وڃن انھن شاھوڪارن ۽ واپارين. وڻجارن کي ڏاڙيچو ڪري شاعر چيو آھي. معنيٰ تہ واپارين. شاھوڪارن جو ٽولو يا ڏڙو جيڪو گڏ تي ٻاھر واپار لاءِ ويل ھجي. لفظ ”ڏاڙيچو“ ڏڙي تان نڪتل آھي.

**ڪانگ، ڪانوَ:**

ھي پکين مان ھڪ پکي جو قسم آھي ھن جو رنگ ڪارو ڳچي پوري ڪاري نہ پر نہ سفيد ۽ نہ ڪاري ميرانجھڙي ٿئي ھن جي چھنب ڏيڊ

انچ ڪن ٿئي پر سخت ۽ سڌي هن جو مٿو ۽ اکين وارا هنڌ ڪارا ٿين هن پکي جي ڊيگھہ اٽڪل ڏهہ يا ٻارهن انچ ٿئي. هن جا پير نهايت ڪارا ٿين ڪانگ نهايت چالاڪ پکي آهي. سندس چالاڪي ۽ ڏاهپ مثل مشهور آهي. خطري کي اڳواٽ محسوس ڪري وٺندو آهي. ان لاءِ پهاڪو آهي تہ "هي تہ ڪو ڪانگ آهي" هي پکي ٻڌي ۾ ٻچا اٽاري ۽ ٻچن تي هوندو آهي تہ اتان ڪنهن کي سندس مادي گذرڻ نہ ڏيندي آهي. ڪانگ کي شاعرن قاصد طور تي بہ ڳايو آهي. هونءَ بہ اسان جي سماج ۾ ڪانگ کي وڏي اهميت آهي، پرديس، پرڻايل عورتون ڪانگ اڏائيندي‌ون تہ مارو ڪڏهين ايندا. ڪانگ گهرجي مُني ٻنيي يا وڻ جي ٽاري تي ويهي ڳُڙ ڳُڙئا ڪندو نہ چونديون تہ اڄ ڪو دل وارو نرمان ايندو جيئن دريان خان جو هڪ شعر آهي تہ "آءٌ ڪانگا ڪر ڳالهہ ماروڙن جي تن سانگيئڙن جي" يا مصري شاهہ جي ڪافي جا ٻول آهن تہ "نہ وڻ چڙهي وائي مني ڪئي ڪانگل ڪالهہ جا" ٻارن ڪان هٿ مان ماني ٽڪر لامارو ڏيئي ڪسڻ ۾ ڪانگ مشهور آهي.

**ڏَچائُون:**

هن جو احوال ڏچون ۾ اچي چڪو آهي.

**ڪَنڊُ:**

ملڪن يا پرڏيهہ کي ڇيو ويندو آهي. اهي ملڪي حدون يا ملڪ جن کي سمونڊ يا جبل هڪ ٻئي کان ڌار ڪن انهن کي ڇٻو آهي. دنيا ۾ ملڪي طور هينيان ڪنڊ آهن 1- ايشيا ڪنڊ 2- يورپ ڪنڊ 3- آفريڪا ڪنڊ 4- اتر آمريڪا ڪنڊ. 5- ڏکڻ آمريڪا ڪنڊ 6- آسٽريليا ڪنڊ 7- گرين لئنڊ ڪنڊ. درياهہ يا واهہ کي پيل وڏي گهاري کي بہ ڪنڊ ڇيو ويندو آهي.

**گِهنڊُ:**

ٻيڙن يا غورابن تي ڪوهن يا سڙهن جي اپين ڪاٺين ۾ خطري ٻڌائڻ

يا بندر کي ويجهو پهچڻ تي آواز ڪري اطلاع ڏيڻ لاءِ گهنڊ ٻڌل هوندا هئا جن کي وڄايو ويندو هو. گهنڊ پتل يا لوهه مان ٺهيل وڏا مت جيان گول دائرو رکندڙ ٽين يا وري ڪنهي مان ٺاهين ۽ انهي تي هٿ سان ڌڪ هڻي آواز ڪن. ڪن ۾ اندر وڏي لار پيل هوندي آهي جنهن کي ڏور ٻڌل هوندي آهي ان کي ڇڪي ڇڏبو تہ اها گهنڊ جي پاسن سان لڳي آواز پيدا ڪندي. مزارن ۽ مندرن ۾ بہ بيٺل وٽن يا ڪنهن مُني وغيره ۾ گهنڊ ٻڌل هوندا آهن جن کي زيارتي وڄائيندا آهن.

**لوَڻ:**

لاڄن تي ٻڌل جهنڊين جي آواز جو ٺڙڪو جيڪو تيز هوا سبب عجيب آواز ڪڍندو آهي. ڪانگ جي گڙگڙ ئي واري آواز يا لات کي بہ ڪانگ جو لوڻ چون. جئن شاعر جو چوڻ آهي تہ ”لونڪي آيم ڪانگڙا منهنجا اڏر ڪي ايندا“

**ڪپڙ ڪوٽ:**

ٽلهي ڪپڙي جون وٽون جنجي وري ڪنگري ٺهيل هوندي آهي. جيڪا ٻيڙي سڙهه جي ڪپڙي وارن ڪنارن تي سونهن لاءِ ٺاهي ويندي آهي. ۽ ڪن ٻيڙين يا غورابن کي ڪنارن ڪان ٽوري، ٽوري وٽي تي ڪانيون جڙي ٽلهي ڪپڙي جو ڪنڊوين ٺهيل سونهن لاءِ گهيرو ڏنو ويندو آهي. جنهن کي بہ ڪپڙ ڪوٽ ڪري چون هڪ اهو ڇانو ڪندو پيو ويٺل ماڻهو لاءِ پردي جو ڪم ڏئي.

**ولاتي:**

ولايت: ٻاهريون ملڪ اهي ديس جيڪي پنهنجي ملڪ ڪان ڏورانهين پنڌ تي هجن ۽ انهن جي ٻولي ٻي هجي انهي کي پرديس يا ولات/ ولايت ڪري چيو ويندو آهي. يا پرڏيهي، پرديسي ڪوٺبو آهي. ولاتي، لات مان نڪتل آهي. جنهن جو مطلب آهي آواز ٻولي جنهن جي

ٻولي ٻي هجي ٻئي ملڪ مان آيل ٿيو ولاتي، ٻئي ملڪ ۾ وڃجي جتي ٻولي ٻي هجي اهو ولات آهي يعني ٻي لات وارو.

**تَندُ:**

ڪپهہ مان ڪتيل سنهي سٽ جي ڌاڳي کي تَندُ چئبو آهي. ڌاڳي ۾ ڇڪ سهڻ جي طاقت نہ هوندي اهو نرم هوندو آهي پر تَندُ جو ڌاڳو نهايت باريڪ پر انهي ۾ وٽ وڌيڪ هوندو آهي. تٽڪ يا ڇڪ تي جلدي نہ ٽٽندو آهي جيڪڏهن ان کي ڇڪي آڱر سان ڇهبو تہ آواز ڪڍندو ان کي تٽڪ چئبو آهي.

**پَٽِي:**

پيرن جي مٽي يا خاڪ کي پٽي چئبو آهي. ڪپڙن ۾ هڪ قسم پٽي بہ ٿئي جنهن کي جيڪڏهين ٻنهين هٿن سان جهلي ڇڪ ڏبي تہ ان مان هڪ قسم جي اڻ لکي دز نڪرندي جنهن کي پَٽِي چئبو آهي اهڙي ريت پيرن جي دز يا خاڪ ان لاءِ ڪم آيو پٽي، يعني اهڙي دز جيڪا پيرن کي ڇهتي پئي هجي پَٽِي ۽ ڌوڙ ۾ فرق آهي. پَٽِي ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي پر ان جو هلڪو اهاءُ ٿئي.

# سر ساموندي

## داستان پهريون

کوهـا ڪَالهَـ ڪَٽـيِ، وڏائـُون اُتـر آسـري
اَللهُ جُهـري مَ انجِـي اَولـي جـي اِٽـي
وٽَجِـارَن وَٽِـي، وَڪَـر وڏِو ٻيـڙِيين*

*(دا - 1 ـ ب 11)*

- کوهو (جمع کوها) = ٻيڙي جي وچ وارو مضبوط ٿنيو يا ايوڪاٺ جنهن تي ٻيڙي جا سڙهه ڪڇن.
- ڪالهه ڪٽي = کوهن تي ڪالهه سڙهه ڪٽي چاڙهي وڏائون.
- وڏائون = مصدر، وڏڻ = اڳتي ٿيڻ امروڏ. وڏائون اسم فاعل هن درياهه/ سمونڊ ۾ اڳي هاڪاري وڏا، هلايا.
- آسري = پروسي، سهاري، اميد تي.
- اتر آسري = اتر واءَ جي اميد تي تہ اهو لڳندو ۽ ٻيڙا هلندا.
- جهُري مَ = (مصدر جهرڻ = ڏهي پوڻ، ڪري پوڻ، ٽٽي پوڻ = ٽٽي/ پڄي نہ پوي، مر ظرف انڪاري جي نشاني.
- ان جي = انهيءَ جي.
- اولي = (اولو، جمع اولا) ٻيڙي جي پاسن سان ٻڌل ڪاٺ جا ( چپو/

---

* انصاري توڙي ٻين شاهہ جي رسالي جي ڪلام جي مرتبين وٽ اهو بيت شروع ۾ نہ ڏنل آهي بجاءِ ان جي سرساموندي ۾ شروع وارو هي بيت ڏنل آهي جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب داستان ٻئي جي شروع ۾ ڏنو آهي. پڳهہ پاسي ڳهار آيل ساموندين جي وجهي جيءَ جنجار، جمر وڃنئي اوهري.

ونجهہ جا ڳن انهن جي ٿاڦن جي چوٽي يا چنهبيارو حصو).

- اٽي = چوٽي پڇاڙي وارو حصو.
- وڻجارن = وڻج = واپار مال جي ڏي وٺ، وڻجارن واپارين مال جي ڏي وٺ ڪندڙن.
- وٽي (مصدر وٽڻ = پسند ڪرڻ) = چونڊي، پسند ڪري، ڏٺي.
- وکر = سودي واپار جا مختلف سامان.
- بيڙيين = بيڙين ۾، بيڙين منجهہ.

هن بيت ۾ شاعر شاهہ عبداللطيفؒ سمونڊ جي رستي واپار ڪندڙ وڻجارن جو ذڪر ڪندي انهن جي پرڏيهہ پڌارڻ يا واپار سانگي وڃڻ جي نقش کي چٽيندي فرمائي ٿو تہ انهن وڻجارن پنهنجي پسند جي چڱن وکرن کي بيڙي چونڊي خريد ڪري گڏ ڪري بيڙين ۾ وڌو آهي. انهي آسري تي تہ اُتر جي اورڪ اجهاوري ڪي ڪي وري پوءِ اهي بيڙا سمونڊ ۾ سفر ڪري پرڏيهہ پهچي وڃي وڻج واپار ڪندا پنهنجي پالڻهار کي سوال ڪندي آزي ۽ التجا ڪندي انهن وڻجارن جي واتان فرمائي ٿو جيڪي سفر تي رواني ٿيڻ کان اڳ بيڙن جي ٻاجهہ سان سفر لاءِ اها دعا گهرن ٿا تہ انهن بيڙين جي اولي جي اٽي شال نہ جهري اها صحيح سلامت هجي انهي منظر کي ڏسندي فرمائي ڏنائون تہ انهن ڪالهہ کوها ڪٽي سڙهہ سنوان ڪري اتر آسري بيڙن کي سامهون کي ڏکي وڌو آهي ۽ پنهنجو سفر الله جي آسري تي شروع ڪري ڏنو آهي.

غور ڪبو تہ انسان جي زندگي دنيا جي هن مها ساگر ۾ هڪ بيڙي جيان آهي. جنهن لاءِ انسان کي ضروري آهي تہ هو اهو وکر وهاءِ جيڪو سٺو ۽ سيبتو يعني هتي انسان جي نيڪ عمل ڏانهن ڏيان ڇڪايل آهي. جيئن ڦرهي جي اٽي ٽٽڻ سان بيڙي کي نقصان جو انديشو آهي. تيئن انسان کي پنهنجي عملي زندگي ۾ ٿوري بہ لغرش يا ڪوتاهي يا احڪام الاهي کان روءِ گرداني وڏي نقصان ڪار آهي. انسان کي نيڪي ۽ نيڪ عمل بنا

ڪنهن لوڀ لالچ جي ڪرڻ نہ گهرجي جيڪا خير جي نشاني آهي.

آئِــي اُتــرَ مُنــد هنيــين اُڊَ ڪــو نَــ لَهــي،
وَٽِــيِنِ لاڄُــو بَنــدَ، بِيهَــر مَڪِــينِ بيڙيُــون

(دا - 1 ــ ب 2)

- آئي = اچي ويئي.
- مُند = موسم، اترمند = اتر جي واءَ لڳڻ واري موسم سيارو.
- هنيين = دل کي اندر کي من کي.
- اُڊڪو = ڊپ، دل جو وسوسو، مصدر اُڊڪڻ (سن) = ڊڄڻ.
- اُڊڪو نہ لهي = دل مان اهو وسوسو يا ڊپ ئي نہ لهي. اندر جي ڳڻتي نہ لهي.
- وٽين = (مصدر وٽڻ) امر وٽ ــ وٽين اسم فاعل ڪنهن نوڙي يا رسي کي ورڏيئي ملائي ٽلهو يا سگهو ڪرڻ انهي کي چئجي وٽڻ، جئن قيش کي ڪتي سنهو ڪري وٽ ڏيئي واڻ وٽبو آهي يا متيءَ مان ڪپهہ جي ڌاڳن کي، ڪاپار جي تاندورن کي انهن سيني مان وٽي رسا تيار ڪبا آهن.
- لاڄوبند = بيڙين جي سڙهہ وغيرهہ کي ڇڪي بيهارڻ وارا رسا.
- بيهر = بئي ڀيري، ٻيو دفعو.
- مڪين = (مصدر مڪڻ) امر مڪ = ڪنهن سٽيي شيءِ تيل وغيرهہ کي هٿ سان مکڻ
- بيهر مڪين = هڪڙو مڪ جڏهن بيڙي تيار ٿيندي آهي، ان وقت پاهر ڏبو آهي. تہ جيئن ڪاٺ سٽيپ ڪٽي وڃي ۽ ٻيو مڪ انهي مهل ڏبو آهي جنهن مهل بيڙي پاڻيءَ ۾ لاهبي آهي.

هن بيت ۾ اتر جي مند اچڻ تي بيڙياتي/ وڻجاري جي سفر تي اسهڻ واري منظر جي چتر ڪاري ڪندي شاعر بيان ٿو ڪري تہ اتر جي مند ايندي ئي انهن جي ونين ۽ وَهُن کي اندر ۾ لچ پوچچ ۽ اهو اڊڪو ۽ ڊپ

تہ اتر جي مند آئي آهي ۽ ٻيڙياتا ٻيڙيون تيار ڪري سفر تي سنبهندا ڇو تہ واءُ ورنديئي هنن ٻيڙين کي ٻيو مک شروع ڪري ڏنو آهي، جيڪو سفر تي اُسهڻ جو اهڃاڻ آهي. نہ صرف اهو بہ پر اهي لاچو بند لاءِ رسا وٽي سڙهن جي مضبوطي لاءِ سڀ ساز سامان سنيرائي رهيا آهن.

لَڳي اُترَ هِيرَ، سامُوندِين سِڙَهہ سَنباهِيا،
ننگــر ڪَٽــي ناکُئــا، تيــا سَــٽَائِيءَ ســيرَ
هِينئــڙي نِــت اُڪِيــرَ، ڪــاري ڪيــڙ ائــنِ جــي

(دا - 1 – ب 3)

- هير = ٿڌڙي هوا.
- اتر هير = اتر جي ٿڌي هوا.
- سامونڊين = سمونڊ ۾ سفر ڪندڙن (جمع) واحد (ڪندڙ) .
- سڙهہ سنباهيا = ٻيڙين لاءِ سڙهن جي تياري ڪئي.
- (سانباهيا مصدر سنباهڻ – سن – سنيرو) = تيار ڪرڻ، تيار ڪيا.
- ننگر = (ف: لنگر) لوهہ جو ڪلو جنهن سان ٻيڙي يا جهاز ٻڌجي.
- ناکئا (جمع) واحد ناکئو (ف، ناخدا = ناو= ٻيڙي+ خدا= مالڪ (سن ناوڪ = نوئا= ٻيڙي) خلاهي- ملاح، ناخدا). ٻيڙي هلائيندڙ/ سنياليندڙ.
- سٽائيءَ = سولائي سان.
- سٽائيءَ سير = سولي سير موافق هوا واري سير/ پاڻيءَ جي سولي ۽ سٽائي وات.
- سير = پاڻي جي وهڪري جي وچ واري هنڌ کي سير چئبو آهي.
- هينئڙي = (هينون = دل) = دل کي.
- نت = سدائين، هميشہ.
- اُڪير = ڪانڊ، طلب، چڪ.
- ڪاري = (ڪارو) سمونڊ

- ڪيڙائو = سموند ڪيڙيندڙ يعني سموند جو سفر ڪندڙ
- ڪاري ڪيڙائو = (اصطلاح) اهي ماڻهو جيڪي سموند جو سفر ڪندڙ هجن انهن کي اصطلاحي طور چون ڪاري ڪيڙائو.

اتر جي تڏي هير ۾ هوا لڳنديئي سموند جي سفر ڪرڻ وارن ساموندين پنهنجي ٻيڙين جا سڙهه ايا ڪري تيار ڪيا ته جئن سفر ۾ آساني ٿئي.

ناڪئا ٻيڙين جا ننگر ڪٽي جهاز هاڪاري سموند جي سٽائي سير/ وٽ وني پرڏيهه پڌاريا يا سفر تي راهي ٿي روانا ٿيا.

سموند جي انهن سفر ڪندڙن جي منهنجي دل ۾ ڏاڍي اڪير ۽ اڪند آهي.

لڳـــي اُتَـــرَ اوهَرئـــا، واهُونـــدي وَرَن
آءٌ گهٽـو ئـي گهورِيَـان، سـودو سـامُوندِين
اگـڻ جـي اچَـن، عِيَـد ورُ ٿئِـي اُنِ کـي

(دا - 1 ـــ ب 4)

- اوهرئا = (سن. اپسرڻ. اپ = پري+ سرڻ = وڃڻ) = هڪلڻ ڪاهڻ، پري وڃڻ.
- واهوندي = اولهه ڏکڻ جي ڪنڊ وارو واءُ جيڪو سيارو ختم ٿيندي لڳندو آهي. اصل لفظ واهوندا (سن. واسنت. وس = خوشبودار ڪرڻ) = بسنت يا بهار جي هوا.
- ورن = (مصدر. ورڻ) = موٽڻ وري اچڻ
- آئون = پاڻ. پند
- گهٽو ئي گهوريان = انهن تان ٻلهار وڃان. صدقو وڃان. گهور وڃان. محبت جي اظهار جي هڪ ڪيفيت.
- سودو = (ف. سودا) = واپار. بدل سدل. متا ستا
- اگڻ = تڏو. گهر جو آڳر.
- اگڻ جي اچن = منهنجي گهر اچن. منهنجي تڏي تي اچن. مون وٽ اچن.

- عيد = خوشيءَ جو ڏينهن.
- وَرُ = وري، مورهين.
- اُن کي = انهيءَ کي، انهن کي.

اتر جي هير لڳي/ اتر جو واءُ وريو تہ هنن پري سفر تي وڃن جي سنت ڪئي ۽ روانا ٿي ويا. جڏهين وري واهوندي جو واءُ وريو تہ انهن پنهنجي ماڳ وڃڻ جي تياري ڪئي.

آئون انهن سامونڊي واپارين/ سوداگرن، سودو ڪندڙن تان پاڻ کي گھوري ڇڏيان انهن تان قربان وڃان ڇو تہ اهي ڏاڍا ڏينهن لائي پوءِ آيا آهن يا اچي رهيا آهن.

منهنجي اڱڻ يا اوٽي تي اهي ايندا تہ اهو وقت يا ڏينهن مون لاءِ عيد برابر هوندو. يا شاعر جي لفظن ۾ تہ انهن لاءِ اها عيد ٿي ويندي.

انهن بيان ڪيل بيتن ۾ بنيادي نڪتو هڪڙو اهو آهي تہ پرڏيهہ سفر تي نڪرڻ يا وڃڻ وارن سامونڊين جي انهي تياري جو بيان ڪيل آهي، جيڪا هو اتر جي هير لڳندي ڪن ٿا جنهن ۾ ٻيڙين جو وري مکڻ. انهن جي کوهن، سڙهن، لاچوبندن ۽ ٻين وسلن جي سنڀال ڪن ٿا. ٻيو انهن جي تياري انهن جي ونين ۽ وهن کي هڪ اوسيئڙي ۽ اضطراب ۾ جيڪو وڇوڙي جو بنيادي ڪارڻ آهي انهي احساس جي غمازي آهي ۽ ڪاري جي ڪيڙائن جي سولي سير ۾ سفر لاءِ ٻيڙن کي لاهڻ جو مذڪور آهي.

ڪُوهـا تـا ڪَتَنِ، وَڙڪَـنِ اُپيُـون وائُـٽيُـون
سـانباهي سَمُونڊِ جي ڪـالهُون پـوءِ تـا ڪَـنِ
تُـون نہ پُڄَنـدِينءَ تَـن، جہ ڪٽي سَڙهہ سِيَرِ ٽِئا.

*(دا - 1 ــ ب 5)*

- ڪوها ت ڪٽن = (اصطلاح- ڪوهہ ڪٽڻ) = ڪوهن تي سڙهہ چاڙهڻ يعني سفر تي رواني ٿيڻ لاءِ تياري ڪرڻ.
- وڙ ڪن = ڦڙڪن واءُ لڳڻ تي اهي لڏن هيڏانهن لمن، لڏن.

- وائنتيون = واءُ کي معلوم ڪرڻ لاءِ پڌل ڪپڙي جا ٽڪر، ننڍيون رنگ برنگي جهنڊيون
- سانباهي = تياري، سنبت (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو بيت نمبر (3)
- ڪاهون پوءِ = ڪالهه ڪان وٺي، ڪالهون ڪر.
- پڇندين = (مصدر - پڇڻ) پهچنديئن، رسندئين.
- تن = تن کي، انهن کي ضمير غائب انهن سفر ڪرڻ وارن کي.
- جهه = جيڪي. اهي.
- ڪٽي سڙهه سير ٽيا = جيڪي سڙهه سنوان ڪري سير ۾ روانا ٿي ويا.

شاعر ساموندي سفر جي سانباهي جي منظر کي بيان ڪندي حقيقتن کي بيان ڪيو آهي. سفر تي رواني ٿيڻ کان اڳ انهن سيني شين جيڪي ساموندي سفر ۾ بيڙي لاءِ ضروري آهن انهن جو ذڪر نهايت ئي اعليٰ نموني سان فرمايو آهي ۽ اهو به فرمائي ٿو ته جيڪي ساموندي سڙهه ڪٽي سير چڙهيا آهن تون انهن کي ڪٿي پڇي سگهندين. دراصل هن امر ۾ غور ڪبو ته انسان جو زندگي جي عمل ۾ سيني حقائق تي نظر رکڻ انهن جي اهميت کي سمجهڻ ضروري آهي. عين وقت بجاءِ انسان کي اڳوٽ انهن روين تي جيڪي زندگي کي سڦلو ۽ بهتر بنائڻ لاءِ ضروري آهن انهن لاءِ پاڻ کي اڳوات تيار ڪرڻ گهرجي. جئن ساموندي سفر جي تياري لاءِ ”ڪالهون پوءِ“ جو لفظ استعمال ڪري حقيقت بيان فرمائي آهي انساني زندگي سان به اهو قانون لاڳو آهي، جو اڄ ڪرڻو آهي ان جي تياري ڪالهه کان ئي شروع ڪجي انساني زندگي جو عمل نهي ڪليه سان واڳيل آهي. رهي ڳالهه وڃڻ وارن جي انهن کي ڪير ڄندو. چو ته جيڪي سڙهه سنياهي هليا انهن جي منزل تي پاڳوڙئين ڪير پهچي سگهندو.

ساموندِي تـون سَنَبهي، سـاڄو جهـل سُڪانُ
لڳـــي واءُ وڏانـــدرو، مُنجهـــائي مهـــرانُ

## جَنِــي پــانيو پــاڻُ، كــري تَــوائِي تَــنِ كــي

(دا - 1 ـــ ب 6)

- ساموندي = اي! سمونڊ ۾ هلڻ وارا سمونڊ جا مسافر بيڙياتا، ناکئا
- سنبهي = سنيري، تيار تي، سجاڳ ٿي.
- ساڃو جهل = سولو ڪري جهل، سولي ريت جهل، جئن جهلبو آهي تيئن جهل.
- سُڪاڻ = بيڙي جي پوئتان اپو تختو جنهن جي ورائڻ سان سان بيڙي جو رخ بدلجي ٿو.
- وڏاندرو = (سن، ورڏتر: وڌر) وڏو، سخت، عمدو.
- منجهائي = مصدر منجهڻ (پرا، مجهه، سن، مهہ = بيهوش ٿيڻ) وائرو ڪري.
- مهراڻ = (سن، مها، ارڻو، مها+ ارڻو بي آرام ٿيڻ)= سمونڊ، وڏو سمونڊ مها ساگر جنهن ۾ وڏيون ڇوليون هجن.
- جني = جن.
- جني پانيو پاڻ = (اصطلاح) جن صرف پاڻ کي ئي پانيو تہ آهيون ئي اسين وڏائي ۾ پئجي وڃڻ.
- توائي = منجهي پوڻ، پلجي وڃڻ، صحيح وات تي نہ پهچڻ.
- ڪري توائي تن کي = (تن کي= انهن کي) انهن کي منجهائي ڇڏي ٿو مت هلي وڃي ٿي. صحيح رستو انهن کي نٿو ملي.

هن بيت ۾ وڏي نصيحت بيان ڪيل آهي. بظاهر شاعر سمونڊ ۾ سفر ڪرڻ واري جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ ان کي سڪاڻ کي ساڃو جهلڻ جو سبق ڏئي ٿو.

ليڪن انهي ساري حقيقت ۾ نهايت غور وارا نڪتا بيان ڪيل آهن. جنهن ۾ پهريئون ڳالهہ اها آهي تہ پاڻهي کي حق جي حقيقت لهڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي تيار ڪرڻ گهرجي جنهن لاءِ هن کي پاڻ ۾ ايمان جي پختگي ۽ حق اليقين جي ڪيفيت سان سيني کي سنوارڻ گهرجي تہ جيئن

وڏاندو واءُ جيڪو هٽ وڏائي ۾ نفساني خواهشن جو جموع آهي ان سان ٻانهي جي ايمان ۾ پنهنجي مالڪ سان عشق ۾ محبت ۾ ڪا تبديلي نہ اچي هت مقصد آهي نفس اماره جي حرڪتن کان پاڻ بچائڻ جيڪڏهين سالڪ ذڪر فڪر قيام، قعود، صحو، سڪر، زهد رياضت جي منزلن ڪي طئي ڪري نہ سگهيو ۾ قلب بسط جي مقام يعني اسم الاهي جي ذڪر ڪي خود ڪو رول ادا ڪري نہ سگهي نہ هو توائي تي ويندو ۾ استدرا جي قوتن جو شڪار تي ويندو ۾ هن لاءِ رب جي جلوي ۾ نوري نظاري جي منزل تي پهچڻ ۾ پسڻ محال تي پوندو.

اهو دينوي هوا و هوس آهي جيڪو هڪ روڪ ٻڻجي پوي ٿو. اهو سڀ ڪجهہ پنهنجو پاڻ ڪي سڀ ڪجهہ سمجهڻ جي ڪري ٿئي ٿو. ”انا“ يا ”خودي“ اهو پاٽپٽو آهي جيڪو انسان ڪي نتو جڳائي تہ آئون آهيان حالانڪ انسان ڪي ڪين آهي. هن ڪي پنهنجي پيدائش تي غور ڪرڻ گهرجي. جنهن لاءِ ڪائنات جو مالڪ فرمائي ٿو تہ.

”خلق الانسان من طين“ اي انسان مون توکي گندي پاٽي مان پيدا ڪيو آهي جيڪو پيداوار مٽي جو اصل آهي. انسان ڪي پنهنجي حقيقت ڪي سمجهڻ گهرجي انهي نڪتي ڪي محسوس ڪندي لطيف سوزنش جي صورت ۾ اهو فرمائي ٿو تہ ”جنين پانيو پاڻ ڪيئين توائي تن ڪي“ هي دنيا درياهہ مثل آهي ڪوڪو تارو تري پار پوندو.

سَمُوندَ ڪِينَ سُڪَن، ڪوڙين جي ڪائو ٿئي
پــاٽي ســين پيَــڪُ ڪئــو، تــيلا وٽَجَــارِن
لَعلــونُ ســي لَهــِن، جَنَــين ســودو سَــچ ســين.

*(دا - 1 ــ ب 7)*

- سُڪَنِ = خشڪ ٿين، سڪي وڃن.
- ڪائو = لاٽ، گهٽتائي.
- ڪوڙين، ڪيترو بہ، گهٽو.

- پيک = واسطو، چاهہ، محبت.
- پٽيءَ سين پيک = پٽي سان محبت يعني سفر سان چاهہ.
- تيلاهہ = تنهنڪري.
- وڻجارن= اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- لعلون اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي. وصف بيان ڪيل آهي.
- جنين = جن جو.
- سودو = (ف. سودا) = واپار، بدل سدل، مٽا سٽا، وکر.
- سچ = (هيم، ڏن، سچ، پرا: سن: سبيتہ) = ست، سيل، نيڪ درست.

هن بيت ۾ شاعر سچائي ۽ سچ جي سودي يعني حق جي حقيقت لهڻ جي رمز کي بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ سمونڊ هڪ مها ساگر آهي بي انت آهي ڪيڏي ئي گرمي ٿئي سج جي تپش ٿئي تي پر هن جي پاڻي ۾ ڪا لاٽ يا ڪسي ڪا نہ ٿي اچي. حق جو وجود بي انت آهي. هن جي قدرت ڪاملہ جو ڪو پروپاند ڪو نہ آهي. بقول سندس ئي (شاهہ سائين جي) اونهون ملڪ الله جو ڪنهن چلي ڏٺو نہ ڇيهہ“ تہ وڻجارن يعني الله جي سچن عاشقن انهي ذات حقيقي سان نيهن جو ناتو ڳنڍيو آهي ۽ انهي ذات الستي سان پاڻ کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن وڻجارن (اللہ جي عاشقن) جو اهو سودو سچ ۽ حق جو آهي.

نَــوان پنجَــر پــانجري، نــوان سِـڙَهہ کُوهــا
بَنَــدرِ صَــحيءَ هــواَ، ا نــہ وِهــايَئُون وِکــري

*(دا - 1 ــ ب 8)*

- پنجر = کوهي جي چوٽي جي ويجهو پيجري مثل ويهڻ جي جاءِ جتي پانجري ويهي.
- پانجري = پنجو ۾ ويهڻ وارو جيڪو پري، پري پاڻي ۾ مڇي وغيرهہ يا ايندڙ لهرن جي جاچ ڪري هينين کي ٻڌائي.
- بندر= اهو هنڌ يا ماڳ جتي جهاز يا ٻيڙا بيهن ۽ اچي لنگر هڻن مال

لاهين ۾ چاڙهين.

- صحيءَ هوا = بلاشڪ اهي اتي هئا.
- وهايئون = (مصدر وهائڻ = وڻڻ) ورتائون.
- ڪا نہ وهائيون وڪري = ڪو بہ وکر نہ ورتائون، ڪا خريداري نہ ڪيائون.
- سڙهہ ۾ ڪوها جي معنيٰ ۾ وصف سُر سريراڳ ۾ ڏنل آهي ۾ هن سُر جي بيت (1) ۾ ڏنل آهي.

جيتوٽيڪ بيڙين جا سڙهہ نوان هئا ۾ ڪوها بہ نوان هئا انهن بيڙين تي پانجري يعني پاڻي جي لاهي چاڙهي توڙي ميچي، ميڄن ۾ سمونڊ جي خطرن جي خبر ڏيڻ وارا اهي بہ نوان هئا. بندرن تي بلاشڪ اهي هئا پر ڪ بہ خريداري ۾ مال جي ڏي وٺ ڪا نہ ڪيائون. هن بيت ۾ شاعر انهن جي تجربي ڪار نہ هئڻ جي ڳالهہ ڪي ظاهر تہ ڪري تہ سڀ ڪجهہ نئون صحيح هو پر هنن ڪا بہ ڏي وٺ ڪا نہ ڪئي جيڪا انهن جي من جي مونجهہ يا واپار کان اڻڄاڻائي جي سبب ڪي ظاهر ڪري ٿي. زندگي خود هڪ سمونڊ آهي ان ۾ تجربو درڪار آهي تجربي ۾ ڄاڻ کان سواءِ ڪا بہ ڳالهہ هلي نٿي سگهي.

لـڙ لهريـون لَـس لَيـت، جتـي اَنـتَ نـہ آبَ جـو
الله اُت م اوليـــين بيـــڙا متـــي بيـــت
جوڪو تَئي مَ جهاز ڪي، قَرَهي اَچي مَ قيتَ
لَڳـي ڪـامَ لَپيـتَ، غـارِيبي غـوراب ڪـي

(دا - 1 ـ ب 9)

- لڙ = ڪوهيڙي يا ماڪ جي اها ڌنڌ جنهن ۾ پري کان ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ اچي پوري ريت نظر نہ پوي.
- لهريون = (جمع) واحد لهر: پاڻي جي وڏي چولي سمونڊ ۾ هوا جي ڪري پاڻي جون وڏيون لهرون اٿنديون آهن، جيڪو هڪ ٻئي پويان

هونديون آهن. لهرن جو رخ هميشہ ساڳيو هوندو آهي. اهي ڪناري ڏانهن هلنديون آهن.

- لس = پاڻي جي ماني سطح جنهن ۾ ڪا لهر يا زور واري ڇولي نہ هوندي آهي.
- ليٽ = پاڻي جي لهرين يا ڇولين جو هڪ ٻئي پويان اچڻ ۽ اٿل پٿل.
- جتي = (ظرف مڪان) جنهن جاءِ، هنڌ، ماڳ.
- نت = دنگ، حد، ڇيهہ.
- انت نہ آب جو = پاڻي جو ڪو دنگ ۽ ڇيهہ ئي نظر نہ اچي.
- اُت = اتي، انهي جاءِ، انهي هنڌ.
- مَر = متان.
- وليين = (مصدر اولڻ) پاڻيءَ ۾ اٽانگي يا ڏڪئي هنڌ گهلي وڃڻ يا ٿيلهجي وڃڻ جيڪو اٽائي يا مخالف واءَ سبب ٿي پوندو آهي.
- ٻيڙا= وڏيون ٻيڙيون، غوراب جهاز.
- ٻيٽ = سمونڊ ۾ خشڪي وارو ٽڪرو جنهن جي چوڌاري پاڻي هجي
- جوڪو = نقصان، زيان.
- ڦرهي= جهاز يا ٻيڙي جا پاٽيا يا پاسن وارا جڙاءُ دار تختا.
- ڦيٽ = خرابي نہ ٿئي انهن کي نقصان نہ پهچي.
- ڪامر = نہ ڪا.
- ليپٽ = پاڻي جي وڏي ڇولي جو ڌڪ جنهن سان ٻيڙو لڏي وڃي يا ڏڪيلجي وڃي پري نڪري، گس يا رستي کان نڪري وڃي.
- غاربي = غريب جي ڪي.
- غوراب = ننڍو جهاز.

هن بيت ۾ شاعر ٻيڙيائتي جي انهي صدا کي بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ التجا جو پهيو ۽ مالڪ کان ٻاجهہ جي گهر آهي. جنهن ۾ هو بي انت بحر جي ذڪر سان گڏ ان جي اجگر لهرين ۽ ان ۾ جهازن/ ٻيڙن جو ليپٽ ۾ اچي وڃڻ

ي ذڪر سان پنهنجي مالڪ ڪان اها دعا گهري ٿو ته اسان جي ٻيڙين کي انهن جگر لهرين جي لپيٽ ۾ نه اولجان ۽ جو اهي ڪنهن ويران ۽ سنسان ٻيٽ تي ڇي نڪرن جتي نڪو اوهي نڪو واهي ۽ جهاز جي ڦرهي کي ڪا ڦيٽ يا جوکو نه رسي. ۽ هي غريباڻو غوراب پنهنجي منزل ماڻي سگهي.

ٻئي طرف غور ڪبو ته سڄو بيت انساني زندگي ۽ دنيا جي انهن لاهين چاڙهين چڱاين مناين، حسن قبح، حسنات ۽ سيات جو مجموع آهي. انهي ۾ انسان جو وجود هڪ ٻيڙي جيان آهي. جيڪو دنيا جي بي نت بحر ۾ تڙپي رهيو آهي. جيئن لطيف هڪ هنڌ فرمائي ٿي ته اونهون ملڪ الله جو ڪنهن چلي ڏٺو نه ڇيه دنيا جي هن مها ساگر ۾ انسان، جنهن لاءِ ڪائنات جو رب فرمائي ٿو ته "وخلق الانسان ضعيفا" (انسان ڪمزور پيدا ڪيو ويو آهي) انسان جي ڪمزوري پنهنجي نيڪ عملن سان پاڻ ۾ تقويٰ جو عنصر پيدا ڪري ٿو.

هن لاءِ قدم قدم تي آزمائش آهي. شر جا رويه به زندگي جي چپي چپي تي موجود آهن. اتي پنهنجو پڻ بچائڻ انسان لاءِ ضروري آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان پنهنجي ناتواني ۾ عصيان ۽ ضحف کي محسوس ڪندي پنهنجي پالڻهار کي التجا ٿو ڪري ته هن دنيا جي شر ۽ لوڀ لالچ ۽ سيئات کان مون کي بچاءِ ۽ صراط المستقيم جي وات تي هلاءِ.

وَهَہِ تِـڪَ وَهڪُـرا، جِـت نَنَگَـر نــہ ٺَهـرَن.
وڏانـدريون وهـہ سامُهيُون حجَهي جَور جُنَـبَن
نينـــدُوءَ ۾ ناتـــارِيُون وَٽِجـــارا وجهَـــن.
مُـــلا معَلِمَــنِ، مــون ڳَـري سُـئي ڳَــالهڙي:

(دا - 1 ـ ب 10)

- وَهَہ (وهڪ) = وهڪرو.
- وَهَہ تڪ = پاڻي جي سير جي تڪ.
- ننگر (لنگر) = اهو ڪلو جنهن سان جهاز يا ٻيڙيءَ جو رسو ٻڌي

بيهارجي .

- ٺهرن (ٺهرڻ) (سن، ستيريـ) ٺهرڻ، ناپر ۾ اچڻ، يڪ جاءِ ٿيڻ.
- وڏاندريون= وڏيون ٻيڙيون/ وڏا ٻيڙا.
- وَهَ سامهيون = پاڻي جي تک آڏو پاڻي وڏي وهڪري آڏو.
- ججهي = (ججهو) گهڻو.
- جور (زور) = طاقت، قوت.
- جهجهي جور = وڏي زور سان. وڏي طاقت سان.
- جنبن = جنبي هلن. پاڻي کي چيري انهن جي وچان نڪري هلن.
- نيڊو = ڏکڻ هندستان جي ڪناري طرف هڪ نار جو نالو (تحقيق ڈاڪٽر اين اي بلوچ).
- ناتاريون = جهاز کي لنگر انداز ڪرڻ لاءِ لوهہ جا وڏا ڪونارجن ۾ مضبوط سنگهرون هونديون آهن اهي سمونڊ ۾ لاهڻ ٻيڙين کي سمونڊ ۾ بيهارڻ لاءِ اهي ڪم ڏين.
- ملا = وٿان، وتانئن، تن کان جئن پاڻ سسئي ۾ فرمائي ٿو تہ.

  ”ملا تن پرين سسئي سور پرايا“

- معلمن (جمع) معلم واحد = سيڪاريندڙ ڄاڻ ڏيندڙ هت مراد آهي سونهون ناکئو.
- ڳري = تمام وزنداز، اهم، وڏي، ڏکي.
- ڳري سئي ڳالهڙي = مون انهن کان سمونڊ جي حالات/ حالتن جي باري ۾ تمام وڏيون ۽ اهم ڳالهيون ٻڌيون آهن. وڏيون ڏکائي واريون حقيقتون سيون آهن.

هن بيت ۾ سمونڊ يا بحر بيڪران جي تکن وهڪرن سان گڏ انهي ڳالهہ جو پڻ مذڪور آهي تہ اهڙا بہ هنڌ آهن جت لنگر ئي هٽي نٿو سگهجي سمونڊ ۾ ويرن، وهڪرن، لهرن ۽ لڙ جي اها حالت آهي جو ڪا ناپر ئي نٿي اچي جو ٻيڙياتا لنگر هٽي ڪا ساهي پٽي سگهن. چو تہ وڏيون اجگر ويرون

انهن وڏن ٻيڙن کي سامهون اچيو ڏک هٽڻ ۽ ڏاڍي زور سان اچيو ان کي جنبن وٽجارا نيڊوءَ جي نار ۾ سفر ڪندي انهي حالت کي ڏسندي تہ ٻيڙا ٻار ۾ آهن اڳتي هلڻ بجاءِ لنگر لاءِ ناتاريون سمونڊ ۾ لاهي ويهو رهن. مون اهي سڀ حقيقتون جيڪي سمونڊ جي ڏکيائن واريون آهن مون انهن ناڪئن ڪان معلوم ڪيون آهن جن انهي بحر جو سفر ڪيو آهي.

هن بيت ۾ جتي سامونڊي سفر ۽ سمونڊ جي حقيقتن جو ذڪر آهي اتي شاعر انهي سڄي صورتحال کي زندگي جي روين سان تعبير ڏيندي اشارن، اشارن ۾ اها ڳالهہ آکي وڃي ٿو تہ زندگي جي گهارڻ جي اوکاين نيڪ عملن، ۽ مداين جي معاملن جن جي ڪري ڇا ٿو ٿئي انسان کي خير جي ڪري ڇا ٿو ملي هن جي روحاني ترقي ڪيتري ٿي ٿئي ۽ انهي جي ڪري سندس حياتي تي انهن چڱن ڪٽن جو ڪهڙو اثر پوي ٿو ۽ تڪليفن ۾ صبح ڪرڻ سان ڪيس ڪيترو سڪون ملي ٿو. اهي سڀ حقيقتون انسان کي نيڪن ۽ صالح ٻانهن کان معصول ٿين ٿيون يا ائين چئجي تہ خدا وند ڪريم جا پيغمبر ۽ رسول انسان کي انهن چڱائي ۽ مناڻي وارين حقيقتن ۽ عذاب ۽ ثواب جي حقيقتن کان آگاهي ڏيندا رهيا آهن.

دنڱِـي مَنجهہ دَريـا، ڪِـينَ ٻُڏي ڪِـين اُپـڙي
هـو جـي واڍي واٽـئـا سـي سُـونهڻ سَـبَ سَـڙيا
مُعلـم مـاڳ نـہ اڳيـين، فرنگـي منجهہ قَريـا
مَـلاح تَنهنجـي مَڪَـري اَچـي چـورَ چَڙهيـا
جتــي ڍِينــگ ڏَريــا، تتــي تــارِي تُنهنجِــي*

(دا - 1 _ ب 11)

- دنڱي = ٻيڙي، ٻوندي.
- اُپڙي = (مصدر اُپڙڻ = متي ڪجڻ) = متي آئي متي پاڻي جي سطح

---

* هن ۽ ٻين انهي قبيلي جي بيتن کي مرحوم انصاري يا ٻين شاهہ جي رسالي جي مؤلفين سُر سري راڳ ۾ رکيو آهي سواءِ جناب ڊاڪٽر بلوچ جي (ڪاشف).

تي ئي.

- ٻڏي = (مصدر ٻڏڻ = پاڻي جي اندر هليو وڃڻ وري نہ نڪرڻ) = پاڻي جي اندر پئي.
- واڻئا = (مصدر، واڻڻ) = هڪ ٻئي جي پرسان قطار ۾ لڳايا. لاڳيتا لڳايا، هنيا.
- سونهڻ = ڪاٺ جون ڪليون جيڪي تختن کي ڳنڍڻ لاءِ هڻبيون آهن ۽ مٿان رندو هڻبو تہ ڪاٺ هڪ جهڙو نظر ايندو.
- معلم = اڳئين بيت ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- ماڳ = هنڌ، جاءِ.
- معلم ماڳ نہ اڳيين = اڳئين ماڳ يا هنڌ جي ڄاڻ ڏيڻ وارا تہ اتي ڇا حالت آهي. اهي ناکئا ملاح.
- فرنگي = (ڪن مؤلفين ڦلنگي لکيو آهي) فرئنڪ (فرينچ) يورپي جهازن وارا.
- ملاح = ناکئو، جهاز يا ٻيڙو هلائيندڙ سمونڊ جي حقيقت ڄاڻڻ وارو ناکئو/ ناکئا.
- چور چڙهيا = جهاز مان ڦر ڪرڻ وارا اچي چڙهيا آهن.
- ڍينگ = وڏو هت معنيٰ آهي وڏيون لهرون.
- ڍينگ ڍريا = وڏيون لهريون مٿان وري ويئون.

هن بيت ۾ شاعر ٻيڙياتن جي ٻيڙي ۽ ان جو سمونڊ ۾ سفر واري حالت جو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ. سمونڊ جي لهرين سبب ٻيڙي مٿي پاڻي جي سطح تي اٿي آئي ڪين انهن لهرين جي لپيٽ ۾ اچي ٻڏي ويئي. هت مقصد اهو بہ آهي تہ انسان زندگي جي سفر ۾ سنئين سڌي واٽ تي هلي ويو يا دنيا جي ڏج ڏسي انهي جي موهہ تي موهجي انهي ۾ ٻڏي غرق ٿي ويو. پنهنجي فرض منصبي کان غافل ٿي ويو. ڪيس جڳائي جا جيڪي سبق سونهڻ جيئن ڏنل هئا. جيڪي تختن کي مضبوط ڪيو بيٺا

آهن. انهي وانگيان هن الله جي رسي کي بہ مضبوطي سان جهليو آهي يا دنيا داري جي غلطان ۾ اچي ”واعنصر بحبل الله“ کي پلجي ويو آهي. اي انسان! تنهنجي زندگي جي ٻيڙي ۾ وسوسن، وهمن ۽ شر ۽ شرڪ جهڙا چور چڙهي ويا آهن. توکي انهن کان خبردار ٿيڻ گهرجي. دنيا جي هن درياهہ ۾ حرص هوس، مدائي ۽ شر شيطاني جو اهو وهنوار هلي رهيو آهي. جنهن کان تنهنجي ٻاجهہ ۽ مهر سان ئي پلئہ پئي سگهجي ٿو. جيئن ٻيڙي لاءِ اهي وڏيون لهرون خطرناڪ آهن. تيز زندگي جي نيڪي جي ٻيڙي لاءِ شر ۽ شيطاني قوتون انهي جي مثال آهن. تون ئي رب انهي مان پار اڪاري سگهين ٿو.

اِيءَ گَت غواصَنِ جِئَن سَمُونڊ سو جِهَيائُون.
پيهــي مُنَجهــ پَاتــارَ جــي ماڻــڪَ ميڙَيــائُون
آڻَــي ڏِنــائُون. هيــرا لعــلَ هَــتَنَ ســين.

(دا - 1 - ب 12)

- اِيءَ = اها.
- گَتِ = (سن، گت، گُمر = وجن) ريت، نمونو، چال، گام، وڪ عادت.
- غواصن = (جمع) واحد غواص = پاڻي ۾ وڏي ٽٻي هڻندڙ، ٽوٻو ڳوليندڙ.
- جئن = جهڙي ريت، جهڙي طرح، اهڙي نموني.
- سوجهيائون = (مصدر، سوجهڻ، امر سوجهہ: پرا، سجوڻ، سن، شوڌن، شُڌ = پاڪ يا صاف ڪرڻ) جاچيئون، پر ڪيائون ڳوليائون.
- پيهي = (مصدر پيهڻ امر پيهہ: پرا پئسار، سن: پرويش، پر= چئني طرفن کان + وش = داخل ٿيڻ) = اندر داخل ٿيڻ، گهڙي وڃڻ، پاڻي ۾ هيٺ لهي وڃڻ.
- پاتار = (سن پاتال، پت: پات = ڪرڻ+ اليہ = جاءِ، سڀ کان هيٺائون) ترو، اونهون پاڻي.
- ماڻڪ ميڙيائون = سپن وارا موتي هٿ ڪيائون، سپن جا موتي ميڙي

ڪٺي آيا.

- هيرالعل = ماڻڪ، موتي، جيئن زمين تي جبلن ۾ هيرا ۽ جواهر
- تين ٿا تيئن سمونڊ ۾ بہ جبل آهن انهن ۾ بہ اهي شيون قدرت پيدا ڪري ٿي. شاعر جو انهيءَ ڏانهن اشارو آهي.

ساموندي ٽوٻن/ غواصن جي اها عادت آهي/ اهو ڌنڌو آهي جو هو اونهي ۽ عميق سمونڊ ۾ اندر پيهي ٽپيون ڏيئي سپن مان پيدا ٿيل موتي ۽ سمونڊ جي اندر پهاڙن ۾ پيدا ٿيندڙ قيمتي پٿر هيرا ۽ جوهر ڳولي ٻاهر آڻيندا آهن. سمونڊ ۾ مرجان بہ ٿئي ان جا جبل پڻ هوندا آهن.

هن بيت ۾ انهي ڳالهہ جو بہ نہ صرف اشارو پر ائين ڪٺي چئجي تہ بيان آهي تہ انسان جو وجود بہ هڪ سمونڊ آهي. جنهن ۾ جهاتي پائڻ ان ۾ غور ڪرڻ انسان لاءِ ضروري هي اصغر عالم آهي. ”وفي انفسڪم افلا تبصرون“ جي ضرورت آهي. جن انسانن ڪي پنهنجي رب جي ديدار ۽ انهي نور حقيقي جي تلاش آهي اهي ٽوٻن جيان پنهنجي جيءَ ۾ پنهنجي نفس ۾ جهاتي پائي ان ۾ پيهي ڳولين ٿا ۽ ڪين انهي بصيرت مان رب جي ديدار ۽ انهي جي نوري تجلي جي اشعاع پذيري ٿئي ٿي. ۽ هو انهي بصارت حقيقي سان ٻين مرده دلين ڪي روشن ڪن ٿا.

آڇــاڙا عَمِيــق جــا گـــڏئا غواصَـــن
جُهڙيُــون جَهــاڳي آئيــا، ڪارُونيــارَ ڪُـنَن
ســمُوندَ ســوجهي جَـنِ، آڻــي اَمُــل وِلِئــا:

(دا - 1 _ ب 13)

- آڇاڙا = پاڻيءَ جون وڏيون لهرون. پاڻيءَ جون وڏيون ڇوليون.
- عميق = (ع. عمق) = اونهون. گهرو.
- غواص = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- جهڙيون = (جمع) واحد جهڙ) = جهُڙ، ڦڙي، مينهن.
- جهاڳي = (مصدر جهاڳڻ، امر جهڳ) لنگهي، هلي ڪري.

- ڪارونيار = (سن، ڪال يار = ڪارو + يار = ڏِڳ، ڪارنهن جو ڏِڳ) = اونداهي، انتهائي ڳوڙهي اونداهي، جنهن ۾ اک نہ ڏسي گوڏي کي جي ڪار يا حالت هجي.
- ڪارونيار ڪنن= سمونڊ ۾ پاڻي ڪنن ۾ اوندهہ، ڪنهن جي ڪاراڻ.
- سوجهي = هن جي معنيٰ اڳ ۾ سوجهيائون ۾ ڏنل آهي.
- اَمُلُ = (ا= نہ+ مُل= قيمت، نالو) جنهنجو ملهہ ئي نہ هجي قيمت ئي ڪٿي نہ سگهجي.

هن بيت ۾ لطيف سمونڊ جي ٽوٻن/ غواصن جي انهي حقيقت کي بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ هو جهڙ ۽ مينهن کي بہ سمونڊ ۾ جهاڳي اونهن ڪنن ۾ وڏيون ويرون ۽ ڇوليون سهي انهن ڪنن مان جن ۾ ڪاراڻ وري پئي آهي انهن مان اڻ ملهيا موتي ۽ لعل چوندي ڪٽي آئيا.

وئـا جـي عَمِيـق ڏي، مُنهہ ڪـائو ڏيئـي.
تَـن سِپُون سـوجهي ڪَـڍيُون پاتـاران پيئـي
پَسـندا سـيئِي، اَمُـل اَڪَـرِين سِـين:

*(دا - 1 ــ ب 14)*

- عميق = هن جي معنيٰ اڳئين بيت ۾ ڏنل آهي.
- منهہ = مهاندو، صورت، منهن.
- منهہ ڪائو ڏيئي = اصطلاح منهن ڪائو ڏيڻ، منهن کي آڏو شيشو يا ڪو اهڙي قسم جو نقاب ڏيئي جيئن ان مان نظر پاڻيءَ ۾ پئجي سگهي.
- سوجهي = معنيٰ سو جهيائون ۾ ڏنل آهي.
- پاتاران = پاتار مان، پاتال مان، اونهي پاڻي منجهان.
- سيئي = سي، اُهي.
- پسندا سيئي = اهي ٽوٻا، اهي امل ۽ هيرا ڏسندا هٿ ڪندا.

هن بيت ۾ شاعرانهن ٽوٻن جي حال حقيقت کي بيان ڪيو آهي. تہ اهي غواص اونهي ۽ عميق پاڻي ۾ منهن تي ڪائي لڳل نقاب چاڙهي

جنهن ۾ شيشا لڳل هوندا هئا جنهن سان پاڻي ۾ ڏسي سگهبو هو. هنن انهي جي وسيلي اونهي پاڻي ۽ پاتار ۾ پيهي اهي سپون سوجهي ۽ ڳولي ڪڍيون جن ۾ بي بها موتي سپيل هئا نہ صرف اهو پر سمونڊ ۾ جيڪي جبل آهن انهن مان بہ قيمتي پٿر ڳولي ڪڍيائون. لطيف بيت ۾ اهڙن غواصن ۽ غوطا خورن جو بيان فرمايو آهي.

سِـڙَهہ سَـنوان، لاڄـو نَـوان، ولا سَـنڍَن عـاجَ
سَـــاٿِي ســـفَر هَلِئـــا يـــري جُنـــگ جهَـــاجَ
حاصِـل ڪــو يــن حــاجَ، واحِـد وَڻجـارن جِـي

*(دا - 1 _ ب 15)*

- سڙهہ = معنيٰ ۽ بيان اڳ ۾ ڏنل آهي.
- لاڄو معنيٰ ۽ بيان اڳ ۾ ڏنل آهي.
- اولا = جمع (واحد اولو) ونجهہ جو ڳن.
- عاج = انهن ڳنن تي سهڻائي سان عاج جو ڪم ٿيل.
- ساٿي = (سات) = قافلو، قافلي وارا سفر ۾ گڏ هلندڙ.
- جنگ = وڏا.
- جنگ جهاج (جهاز) = وڏا ٻيڙا، وڏا جهاز، وڏا غوراب.
- حاصل = پائڻ، ملڻ، هٿ اچڻ.
- حاصل ڪريين حاج= حاجت پوري ڪريين، مراد پوري ڪرين.

شاعر انهن وڏن جهازن تي مال ڀري وڃڻ وارن ساٿين جي سفر تي وڃڻ جي حال کي بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ اهي وڏا جهاز مال سان ڀري سوداگري لاءِ روانا ٿيا آهن. انهن وڏن جهازن جا سڙهہ سنوان ڪيل آهن تہ جئن واءَ جي زور تي هو تکا هلن انهن سڙهن جي رسين ۾ نيون جهنڊيون ۽ ڦڙڪا ٻڌل آهن. انهن جهازن جي اولن جا ڳن عاج جا ٺهيل آهن. دعا ڪندي فرمائي ٿو تہ اهي ساٿي جيڪي سفر تي روانا ٿيا آهن. انهن جي مراد پوري ٿئي. انهن کي پنهنجي واپار مان جا جت پوري ٿئي.

سِڙَهه سَنوان، لاڄُو نَوان، مُهاڻا سَندن مير،
سَاتِي سَفَرَ هَلئا تئا سَٽَاوا سِير
جي اَڇِنِ ساڻُ اُڪِيرَ، سي ٻيڙا رَکين ٻاجَهه سِين.

(دا - 1 ـ ب 16)

- سٽاوا = سولا تيا، آساني سان تيا.
- سٽا واسير = سير ۾ سولا تيا.
- اُڪير = چڪ سان، محبت سان، وڏي قرب سان.
- ٻيڙا رکين ٻاجھ سين = اهي ٻيڙا پنهنجي مهر ۽ ٻاجھ سان پنهنجو سفر پورو ڪن.

هن بيت ۾ ٻيڙن جي سڙھ ۽ لاڄن جو ذڪر آهي تہ اهي نوان آهن ۽ انهن ٻيڙن جا هلائيندڙ مهاڻا ۽ ملاح ڪي گهٽ ڪين آهن پر وڏي شان وارا آهن.

سفر جا ساتي ٻيڙا هاڪاري سير ۾ سٽاوا روان تي ويا. دعا طور انهن جي خير خيريت لاءِ التجا طور تي چوي ٿو تہ جيڪي اڪير ۽ محبت سان اهي ٻيڙا اڇن پيا ۽ سير جي حوالي آهن. انهن کي پنهنجي امان ۽ ٻاجھ ۾ رک تہ جئن پنهنجي منزل تي خير سان پهچن.

سِڙَهه سنَوانِ لاڄُو نَوانَ، مَتِي مُهاڻا مَلَ
جي اَڇِنِ آب اُڇَلَ، سي ٻيَڙا رِکين ٻاجَهه سِين.

(دا - 1 ـ ب 17)

- مهاڻا مل = مل = بهادر، ناليوارو = مهاڻا مل= بهادر ۽ ناليوارا مهاڻا.
- آب (ف) = پاڻي.
- اُڇل : مصدر (اُڇلڻ) (هيم اُڇليہ: پرا، اُڇلڻ، ست اڇلن، اُت= متي+ چل = چُرڻ) ڦتو ڪرڻ، متي اڇڻ، وڏي ڇولي.
- آب اُڇل = پاڻيءَ جي وڏي ڇولي، جهار.
- سي = اهي.
- رکين = تون رکين، حفاظت ڪرين.

- ٻاجهہ = (پرا: ٻجهڻ، ٻوجهہ، سن : ٻڌ، ٻڌ= ڄاڻڻ)= سمجهڻ ڄاڻڻ ڀانئڻ، مهر، رحم.
- ٻاجهہ سين= مهر سان پنهنجي ڪرم سان، رحم سان.

هن بيت ۾ جتي بهادر ۽ ناليوارن مهاڻن ۽ ملاحن جو ذڪر انهي رمز سان آهي تہ اهي سمونڊ جي اُڇل واري ڀاڙي يعني وڏين ڇولين ۽ ويرن مان سڙهہ سنوان ڪري پنهنجي مالڪ جي مهر ۽ رحم جي آسري تي سفر ڪن تا سمونڊ جي انهي هيبتناڪ لهرين کان امان ۽ تحفظ لاءِ هو مالڪ کي ستائين ٿا تہ هن اجهاڳ آب مان جنهنجي ڇولين جو ڪو ڇيهہ ڪو نہ آهي. انهيءَ مان پار اڪار، غور ڪبو تہ بنيادي طور تي هي جهان هڪ بحر بيڪران آهي جنهن ۾ انسان جي حيثيت هڪ ننڍڙي اهڙي ٻيڙي جي آهي جيڪا دنيا جي لهرين جن کي حرص ۽ هوا سان تعبير ڪبو انهي ۾ انسان جو نادان نفس جڪڙيو پيو آهي. دنيا جي لوڀ ۽ لالچ، ڪروڌ ۽ ٻيائي وارين لهرين لوڏن مان پار اڪرڻ لاءِ انسان پنهنجي مالڪ حقيقي کي ٻاڏائي ڇوي ٿو تہ تون ئي اي مالڪ! پنهنجي ٻاجهہ ۽ مهر ڪر جنهن سان هن دنيا مان جيڪا "الدنيا سجنا المئومنين" يعني دنيا مئومن لاءِ قيد خانو آهي ان مان پار ٿيان ۽ حق جي حقيقت کي پروڙيان.

اَچَــــنِ ســــڙَهہ اُپَڙيـــا، مــــتِن مُهاڻـــا مِيـــرَ
جي اَچَنِ اُيي سِيرَ، سي لنگهائجُ لَطِيف چئي.

*(دا - 1 ـــ ب 18)*

- سڙهہ = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- اُپڙيا = (مصدر: اُپڙڻ= مٿي ٿيڻ) مٿي ٿيا.
- اچن سڙهہ اُپڙيا= جهازن يا غورابن يا ٻيڙن جا سڙهہ مٿي چڙهيل نظر پيا اچن.
- مير= شان وارا
- مهاڻا مير= وڏي شان وارا مهاڻا جيڪي انهن غورابن ۽ ٻيڙن کي

هلائين ٿا.

▪ ايي سير = وچ سير.

هن بيت ۾ انهن بهادر ۽ شان وارن مهاڻن/ ملاحن جو ذڪر ڪندي لطيف ؒ فرمائي ٿو تہ اهي سمونڊ جي چولين مان اهي سير وٺيو پنهنجا ٻيڙا هاڪاريندا پيا اچن. اها ايي سير جنهن ۾ پاڻي جا ڪئين ڪن ۽ وڏيون لهريون هن انهن کي انهي سان مالڪ تون ئي سلامتي سان اڪارڻ وارو آهين.

نـــا ڪِئو نِگهبـــانُ، مُنجـــي مُعَلـــمُ خَبَـــروُن،
جَن سـاري ڪنيـو سـمونڊ ۾ سَفَرَ جـو سَامانُ،
لُطف سـان لَطيـفُ چَئـي. تـن لنگهيـو طُوفـانُ
سَـــنياري سُـــبحانُ، وجـــي عَـــدِنَئون اُڪتـــا

(دا - 1 — ب 19)

ا ناڪئو = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.

ا نگهبان = نظر رکندڙ، سار سنڀال لهندڙ، سنڀاليندڙ.

ا مُنجي = (مصدر: مُنجڻ، س: مچ = آزاد ڪرڻ، موڪلڻ) اماڻي، موڪلي رواني ڪري.

معلم = (ع، علم = ڄاڻ) = ڄاڻ ڏيندڙ، آگاهي ڪندڙ، سيکاريندڙ.

خبرون = (جمع، واحد خبر) حال احوال.

ساري = (مصدر سارڻ، امر سار) سنڀالي پنهنجي نظر ۾ رکي.

سفر = مسافري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ.

سامان = آجو، مال متاع، ٽپڙ ٽاڙي.

لطف = مهر، ڪرم، ٻاجھ، مهرباني.

طوفان = زوردار هوا، وڏي تکي زور واري هوا، سمونڊ تي لهرين جي اٿل جو زور.

سنياري = ساري،سنڀالي.

سبحان = ساراهيل سچو ڌڻي.

۽ سچ جي وات ڏيکارين ٿا. تہ هي زندگي جو سفر انهي سامونڊي ٻيڙي جيان آهي. جيئن انهي سفر لاءِ زندگي جي گذاري جي سامان جي ضرورت آهي، تيئن انسان کي پنهنجي آخرت جي توشي لاءِ نيڪ ۽ صالح اعمال جي ضرورت آهي، جئن ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ:

”ان الله ربي و ربک ما فاعبدوه هذا صراط مستقيم“ بيشڪ الله ئي منهنجو ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو اها سڌي وات آهي. انهي سڌي وات تي جيڪا صراط مستقيم آهي. ان تي هلڻ سان انسان سيني ڏکاين مان وجي پار پوي ٿو. ۽ رب جي انهي عظمت ۽ وڏائي کي بيان ڪري ٿو جنهن جي حڪمت ۽ حڪم سان هي سارو جڳت جهان هلي پيو.

معلــم ســڪاڻين کــي، اُيــو ڪــري ســڏ
تــري هيــٺ طنــاب جــي ڪئــو ڪڙڪــو ڪــڏ
هــيءُ ســال پهچــي مــڏ، جــو پــاڻ پرائــو چــاڙهيو

(دا - 1 ـــ ب 20)

- معلم = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- سڪاڻين = (سڪڻ) ٻيڙي جي سڪاڻ جهلڻ وارا جئن ٻيڙي هيڏانهن هوڏانهن ٿي لهرين جي حوالي نہ ٿئي.
- ايو ڪري سڏ = ٻيهي وڏي واڪي آواز ڏيڻ سڏ ڪرڻ.
- طناب = رسي ٻيڙي هيٺان ماپ واري.
- ڪڏ = (ڪڏي) سمونڊ جي تري ۾ قدرتي ٽڪريون آهن انهن تي سامونڊي جيت رهن ٿا انهن جو آواز اهڙا هنڌ جتي انهن جيتن جو آواز چي تہ سڪاڻي خبردار ڪندو آهي تہ هيٺ پاڻي ۾ ٽڪري آهي سنڀالي ٻيڙو هلائجي اتان ڪان پاسو ڪجي.
- مال = جهاز ۾ پيل سامان سڙو جيڪو پاڙي تي ڪٽبو آهي.
- مڏ = اها جاءِ جتي مال لهي يعني بندر.

- پهچي مڏ = اهو مال جيڪو ڏيساور لاءِ جهاز ۾ ڪنيو آهي اهو بندر تي پهچي.
- پاڻ = اسان، چند، خود.
- پرائو = ٻين جو، واپارين جو.

هن بيت ۾ سمونڊ ۾ قدرتي ٽڪرين سان جهازن ۽ ٻيڙن جي ٽڪرائڻ واري ڪيفيت جو بيان ڪندي فرمائي ٿو ته معلم جنهن کي انهي ساري حقيقت جي ڄاڻ آهي اهو ٻيڙي سڪاڻين کي هڪل ڪري وڏي آواز سان انهن خطرن کان آگاهہ ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته ٻيڙي هٽينس رسي/ طناب جيڪا ٻيڙي لاءِ پاڻيءَ ۾ ماپ جو ڪم ڏئي ٿي ۽ خطرن کي ٻڌائي ٿي انهي آواز ڪيو آهي ته اتي سمونڊ ۾ خطرو آهي. انهي تي ٻيڙياتا پريشان ٿي وڃن ٿا ته اسان جيڪو هي پرائو مال ياڙي تي پهچائڻ لاءِ ڪنيو آهي. اهو ڪنهن طريقي سان بندر پيڙو ٿئي ۽ ڪو جوکو نہ رسي.

مُعَلــمِ سُــڪاڻِينُ کــي، اُيــو گُرهَــي حــالُ
اورئــان اَنگرِيــزيءَ پُورئــو، پَرئــان پُــوري پــالُ
وِچ ۾ واگھيــرِن جــي چــار ئــي پَهَــرَ چَــالُ
هيءُ ،مَڏُ پهچِي مَالُ، جو پاڻَ پَرائو چَاڙِهيو.

(دا - 1 ـ ب 21)

- گُرهي = (مصدر گُرهڻ) (س: گرڻ) = چوڻ، بيان ڪرڻ، ٻڌائڻ.
- حال = حقيقت، احوال، خبر ڏيڻ، واقف ڪرڻ.
- اورين = اڳتي، پهرئين، شروع ۾، سنڌ واري پاسي وٽان اڃا بہ هيٺ اڳتي ڏکڻ هندستان واري پاسي سورت ۽ ممبئي وارو پاسو.
- پورئو = هليو. اچ وڃ ڪئي، آمدرفت ڪئي جهازن جي هلڻ وارو رستو روڪيو.
- انگريزيءَ پورئو = مغلن جي پڇاڙي واري دور ۾ مرهٽن جي زوال ۽ ڪرناٽڪ ۽ بيجاپور جي حڪومت جي ڪمزورين وقت انگريزن جي

ايسٽ انڊيا ڪمپني ڏکڻ هندستان ۾ واپار جون ڪوٺيون کوليون انگريزن کي پنهنجي حفاظت لاءِ فوج رکڻ جي اجازت هوندي هئي. سورت ممبئي ۽ ٻئي طرف مدراس واري ڪناري سرنگاپٽم، ڪئليڪٽ ۾ به هنن جون واپاري ڪوٺيون هيون هندستان ۾ انگريزن کان پهرئين ڊچ پوءِ پورچوگيز آيا انهن جو وڏو ڏاڪو هو ليڪن آهستي آهستي انگريز مغلن جي پڇاڙي وارن حاڪمن کان رعايتون حاصل ڪري پنهنجي طاقت مضبوط ڪئي ۽ ٻئي طرف پورچوگيزن جو مالابار واري ڪناري تي زور هو هن بيت ۾ لطيف سنڌ جي جهاز رانن جي انهي حالت جو ذڪر ڪري ٿو ته ڏکڻ هندستان جي اورئين ڪناري تي جيڪو بمبئي ۽ صورت هيٺ سلون جي سامونڊي ڪاري تائين انگريز قابض هئا. ۽ اوير ڏکڻ واري ڪناري جنهن تي مدراس، سرنگا پٽم، ڪئليڪٽ واري سامونڊي علائقي تي ”پال“ يعني فرينچ ۽ پورچوگيزن جو زور هو جيڪي نواب حيدر علي ۽ ٽيپو سلطان جا حمايتي هئا. انهي سبب سنڌ جي ٻيڙياتن کي ۽ واپارين کي ڏکيائون پيش ٿي آيون. ڪڇ، ڪانيا واڙ واري سامونڊي پٽي تي ”واگهيرن“ جو زور هو انهن کي واگهيلا به چيو وڃي ٿو. هي سامونڊي قذاق هئا ۽ جهاز ڦريندا هئا اهو هنن جو ڌنڌو هو لفظ واگهيرن جي معنيٰ هن ريت ٿيندي (واگهه= شينهن + رن = جنگ، حملو ويڙهه) شينهن وانگيان اوچتو حملو ڪرڻ (بقول جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ته هن وقت واگهيرا ۽ پتالا مسلمان آهن جيڪي جکائو ۽ ڪوٽيسر واري ڪناري سان رهن ٿا) واگهيرا يا واگهيلا هندو قوم ۾ ڪولهي اڄ به سنڌ ۽ ڪڇ واري علائقي موجود آهن ڪولهين ۾ هڪڙا واگهيلا ڪولهي ۽ ٻيا پارڪريا سڏجن ٿا. ڪولهي قوم گجرات، ڪڇ، ڪانيا واڙ ۽ مارواڙ جي هينئين علائقي سان تعلق رکي ٿي ڪولهي قوم بنيادي طور تي دراوڙ قوم جو حصو

آهي ۽ ڪول ۽ گوند قوم سان تعلق رکي ٿي.

اوريـان ئـِي آڻـين، ميڙئـو معلـم خَبَـرُون
سَـاتان سُـڌ نـہ ڏِيـن، جتـي وَهَـہ ويـڌ ڪـري

*(دا - 1 ــ ب 22)*

- معلم = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- آڻين = آڻي ڏين، پهچائين .
- ميڙئو = (مصدر ميڙڻ = گڏ ڪرڻ) گڏ ڪريو.
- ساتان = اُها .
- سڌ = خبر، سڌ نہ ڏين = اها خبر ئي نہ ڏين.
- جتي = جنهن هنڌ (ظرف مڪان).
- وهہ = وڏو وهڪرو.
- ويڌ = (س. وڌن وڌ = چاٽڻ) پيڙا، درد، نقصان، ڏکيائي.
- وهہ ويڌ ڪري = پاڻي جي وير نقصان يا ڏکيائي ڪري.

بيڙياتن جا بيڙا اچا ڏکڻ واري ڪناري کان اوريئين سفر ۾ آهن تہ خابرو سفر جي تڪليفن جهڙوڪ ڦورو ڏاڙيلن جون، فرنگين ۽ فرينچن جي ڪنارن تي قبضي جون اهي سڀ خبرون اهي معلم يا خابرو گڏ ڪري اچيو ٻڌائين پر اها خبر بنهہ ڪا نہ ڏين تہ ڪو سمونڊ ۾ چاڙهہ آهي ۽ سمونڊ جا وڏا وهڪرا وڏو نقصان ڪندا اهو احوال ئي نہ اورين .

سـڙهہ تـِي سِـبيائُون بَنَـدرَ جَـنِ تَـڙن تـي
مُـلا مُعَلَـمَ خَبَـرُون پُڇـي پُوريـائُون.
سُـتڙ سُـونـنائُون، اَوتَـرِ ڪَنِهـہ نـہ اولِـئا

(دا - 1 ــ ب 23)

- سڙهہ = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- سبيائون = (مصدر، سبڻ = سئي ڌاڳي سان ڪپڙي کي ٽوپا ڏيڻ سيبو ڪرڻ) = هٿ سان سئي ڌاڳي ذريعي سڙهن کي سبيائون .

- بندر جن ٽڙن تي = انهن بندرن جي ٽڙن تي جت ٻيڙا بيٺل هئا.
- ملا = وٽان، ڪان، ڪٽانِ (مون پڻ ملا تن حاصل ڪين حال ٿئو رامڪلي).
- معلم = (ع ـ علم) = سيکاريندڙ، چاڻ ڏيندڙ علم سيکاريندڙ.
- خبرون (جمع) = (واحد خبر) احوال، سڌ ڏيڻ، سما چار.
- پورپئون = (مصدر پرڻ = هلڻ، اڳتي ٿيڻ، روانا ٿيا، اڳتي هليا (.... هو پورينڊءِ پر ڏيهه رامڪلي).
- سُتڙ = (س = سولو+تڙ= گهيڙ) سرلوتڙ سوکو گهيڙ.
- سوننائون = (مصدر سونجهڻ (ان جو بيقاعدي فعل لاڙي لهجو سوننائون)= .... سونجهڻ جاچڻ، چڱي ريت ڏسڻ، جاچيائون.
- وتر = (ا= نـ+تڙ= گهيڙ) ڏکيا گهيڙ اولو تڙ.
- اولئا = هيڏانهن هوڏانهن نـ ٿيا مصدر (اولڻ).

هن بيت ۾ بندر جي ٽڙن تي جنهن، جنهن هنڌ ٻيڙا بيٺا هئا اتي ٻيڙياتن پنهنجي جهازن ۽ ٻيڙن لاءِ سڙهه ٿي سبيا جئن سمونڊ جي سفر م ڪا ڏکيائي نـ ٿئي. اهي ٻيڙياتا سمونڊ جي سڀ حال حقيقت ويندي قزاقن جي قرلت تائين جي خبرن سوڌو سمورو احوال انهن چاڻن ڪان پڇي معلوم ڪري پوءِ سفر لاءِ روانا ٿيا. انهي ڪري اهو ٿيو جو هنن جو سفر سٺائو ٿيو ۽ ڪتي هنن کي ڪا تڪليف يا مونجهه ڪا نـ ٿي.

بنيادي طور تي هن بيت ۾ زندگي جي سفر گهارڻ جو بـ سبق سمايل آهي. تـ ان سان گڏ پنهنجي ايندڙ سفر جنهن کي سفر اُخريٰ يعني آخرت جو سفر چئجي انهي جي بـ ڳالهه اچي وڃي ٿي چو تـ زندگي بذات خود انسان جو هڪ سفر آهي. جنهن جي هي عرضي مڪان آهي. جئن ٻيڙياتن ٻيڙن لاءِ سڙهه ٿي سبيا نـ ڪا تڪليف نـ ٿئي تئن زندگي جو نيڪ عمل انسان لاءِ انهي سبيتي سڙهه جيان آهي. انسان کي صالح ۽ نيڪ ٻانهن کان زندگي جي گهارڻ جو سبق وٺن گهرجي انهن سان صحبت ۽ قربت ڪرڻ

گهرجي. انهن کان زندگي جي تجربن جي حاصلات معلوم ڪرڻ گهرجي. چوندا آهن تہ "پڇڻا نہ منجهڻا" چڱاين ۽ مداين جي حقيقت لهڻ انسانن لاءِ ضروري آهي. جئن فارسي واري چيو آهي تہ:

صحبت صالح ترا صالح کنند
صحبت طالع ترا طالع کنند

چڱن جي صحبت انسان کي سٺو رستو ڏسيندي عطر واري جي دڪان تي ڪير بہ وڃي ۽ خريد نہ ڪري تہ بہ خوشبو جو واس ضرور وٺي ايندو ۽ جيڪڏهن ڪو اڳارن جي دڪان تي ويندو تہ اڳرن جي ڪاري دز ضرور ڪپڙن تي لڳندس انسان نيڪي رستي جي پڇا ۽ ڳولا ڪندو تہ ضرور لاڀ پرائيندو ۽ خطا نہ کائيندو هن بيت ۾ بيڙياتن جي معلم کان خبرون ۽ سُڄت تيڻ ۽ اوتر تيڻ جو انهي مان انسان کي ڏس ملي ٿو.

سَـڙَهہ تــي سِــبيائُون بَنَـدَر جَـنِ تَـڙَنَ تــي
سِــڙهَ سِـبي سَـاچا ڪَـري ڪُوهـا ڪَنيَـائُون،
بَيَرقــونُ بَحَـــرن ۾، چَـــوڙي چِـــڏِيائُون
لِهَريـون لَنگهِيَـائُون، لطف سان لُطِيف چَئـي.

(دا - 1 ـــ ب 24)

- ساچا = سولا ڪري، سبي ناهي ڪري.
- ڪوها = هن بيت پهرئين ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- بيرقون (جمع) (واحد) بيرق = جهنڊو جهنڊيون، جهنڊا
- چوڙي چڏيائون = ڪولي چڏيائون تہ اهي هوا ۾ ڦڙڪن ۽ ڏسڻ ۾ پڻ اچن.
- پهريون = پاڻيءَ جون چوليون، وير.
- لنگهيائون = (مصدر لنگهڻ = اڪرڻ، پار پوڻ) = اهي لهريون ۽ چوليون لطيف = ڪرم سان، رب جي مهر سان اڪري پار پيا.

بيڙياتن بندر جي تڙن تي سڙهہ سبي ساچا ۽ سولا ڪري ڪوها ڪنيا ۽ بيڙن جي مضبوطي معلوم ڪئي. جڏهين لنگر ڪٽي بحر جي بهور ۾ آيا

تہ ٻيڙن ۾ جيڪي بيرقون/ جهنڊا ٻڌل هئا جيڪي هر ٻيڙي ۾ پنهنجي سڃاڻپ جي بنياد تي اهي بيرقون ٻڌل هيون انهن کي کولي ڇڏيو انهي لاءِ تہ جهاز يا ٻيڙو پري کان سڃاڻپ ۾ اچي تہ هي کهڙي ملڪ جو آهي ۽ ڪنهن جو آهي شاعر لطيف فرمائي ٿو تہ اهي ٻيڙياتا لطف سان لهريون لنگهي وڃي پار پيا.

هن بيت ۾ بہ انسان لاءِ سفر جي سٺائي ڪرڻ لاءِ هدايت موجود آهي تہ جئن ٻيڙي لاءِ ان جا سڙهہ ۽ ڪوها، بيرقون ۽ لاچو، سڪاڻ ۽ ٻيو سامان ضروري آهي جن جي تياري سفر تي اسهڻ کان اڳ ضروري ۽ انهن جي جاچنا اهم آهي تئن انسان کي بہ پنهنجي زندگي جي سفر ۾ گھربل چڱاين جي ايتري ئي ضرورت آهي. جيڪي سندس لاءِ سهارو ۽ اميد جي ڪرن آهن. انسان کي غفلت کان ڪم وٺڻ نہ گھرجي پر اهو تصور ڪرڻ گھرجي تہ هي عمل جو ميدان آهي ۽ ڇوهہ ۽ ڇوليون جيڪي ڏکن ڏوجهرن جي مصداق آهن اهي انسان جي استقامت ۽ ارادي جي پختگي جي آزمائش آهن. انهن سيني کي پنهنجي نيڪ عمل ۽ چڱاين سان بدلائي پنهنجي لاءِ نيڪي راهہ پيدا ڪري سگھجي ٿي هن بيت ۾ ”ليس الانسان ماسعيٰ“ جو سبق سمايل آهي. اللّٰه تعاليٰ بہ انهن جي مدد ڪري ٿو جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ لاءِ ڪوشان هوندا آهن.

سَــڙهَ تــي سـيبائُون بَنَــدَر جَــنِ تَــڙَنَ تــي
ڪُوهــا، سِــڙهَ، اَوليــُون، قلميــون ڪَيــائُون
آيــلِ تَــنِ آئــُون، مونِئــو ڪِــينَ وِســهان

*(دا - 1 ـــ ب 25)*

- ڪوها= ٭/ سڙهہ =/ ٭ اوليون = هنن لفظن جي معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- قلميون = (جمع) (واحد) قلمي = هڪ سڙهہ جو نالو.
- آيل = اي امان، منهنجي ماءُ.
- وسهان = (مصدر: وسهڻ = اعتبار ڪرڻ) = اعتبار ڪريان ويساهہ

ڪريان يقين ڪريان، ميحيان.

هن بيت ۾ لفظي طور تي بندر جي تڙن تي سڙهہ سبڻ ڪوها ڪوڙڻ ۽ اوليون يعني ٻيڙي جي ڦرهن جاڳن جاچڻ تہ مضبوط ۽ صحيح آهن ۽ سڙهہ جي نئين انداز جيڪو عام طريقي جي سڙهہ کان نرالو آهي. جنهن کي قلمي سڙهہ چئجي ٿو. جنهن جي ڀڃاڙي قلم جي نوڪ جيان آهي انهن جي بيان سان گڏ شاعر ٻيڙياتي جي ”وني“ جي انهي نڪتي کي نروار ڪري ٿو جيڪا پنهنجي ماءُ کي چوي ٿي تہ منهنجو ور ۽ ولهو اهو سڀ شيون صحيح سلامت ڪري سفر تي اسُهيو آهي. اهو بنا وڻج واپار جي سفر تان ائين اڌ مان موٽي اچي اها ڳالهہ منهنجي ويساهہ ۾ نہ ٿي اچي. آئون انهي ڳالهہ تي اعتبار ڪري نٿي سگهان.

بَنَـــدرَ باروبـــارِ مُـــل نـــہ مَلـــي. بـــاريين
فَقِيراڻـــــي پـــارِ، اُمقـــل ڏِيـــنِ اَتورِئـــا

(دا - 1 ــ ب 26)

- باروبار = هر بار تي.
- بار = هي لفظ باريين جو مخفف آهي.
- باروبار = گڏوگڏ، هڪ جهڙا، وزن ۾ پورو.

باروبار کان پوءِ بيت جو باقي حصو، ”مُل نہ ملي، باريين“ اهي لفظ نهايت توجهہ طلب ۽ معنيٰ خيز آهن. ”مُل“ = برابر انهن جهڙو.

ذڪر هو بار، باريين“ جو جڏهين اهو لفظ آيو تہ ان سان گڏ هت مون کي ”باربريڪان“ ذهن ۾ اچي ويو جنهن کي ڪن مورخن ”ديبل“ سان تعبير ڪيو آهي. سڪندر مقدوني جي جاگرافي دان ”ٽالمي“ ”باربري“ ۽ ”پيرپلس“ ”باربريڪان“ ڪري لکيو آهي. ”ينيور ۽ ديبل“ جي تحقيق ۾ ”بابريڪان“ جو لفظ ينيور جي بدل ڪن محققن تصور ڪيو آهي، جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ صحب ”بار“ کي درياهي ڇوڙ جي وهڪري سان بيان ڪري ٿو. درياهہ جتي ڊيلٽا ٺاهي ٿو اتي انهيءَ جي ڇوڙ جا جيڪي

وهڪرا سموند ۾ وڃي پون ٿا انهن کي ”بار“ ڪري بيان ڪيو آهي جيڪو نهايت صحيح آهي. جٺن اسان وٽ ”گهوڙا ٻاري“ درياهي ۽ ساموندي حد جي لحاظ کان مشهور بندر هو. بنيادي طور تي اهو لفظ، گهڻ باري لڳي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي درياهه جي ڇوڙ وارن گهڻن وهڪرن وارو هنڌ، جيڪو بگڙي گهيڙ باري.

”گهيڙا باري“ ”گهوڙا ٻاري“ ۽ آخري صورت هن ”گهوڙا ٻاري“ جي ورتي ”بار“ جو لفظ ڇوڙ جي وڇئين وهڪري ۾ غالباً لطيف استعمال ڪيو آهي. جٺن اسان مٿي ملي. بارين بيت جو حصو ڏنو آهي اتي ”ملي بارين“ مليبار يا مالابار، ملبار ساموندي ڪناري جي بندرن جو ذڪر نظر اچي ٿو، مالابار/ ملبار جو ساموندي ڪنارو هندستان جي انهيءَ ڏکڻ اوير واري ڪناري جو در آهي جيڪو هندي وڏي سموند ۾ لون کان شروع ٿئي ٿي. بينگال جي اسموند تائين وڃي ٿو. جنهن ڪناري تي مدراس، ڪئليڪٽ، سرنگاپٽم، مڇلي پٽم مشهور بندرگاهه هئا ۽ آهن هن وقت ڪئين ٻيا به بندرگاهه هوندا. انهي ڪناري ۾، ڪرشنا، ڪاويري سامبر مٿي، مدومتي، وِنديا ساتپورا جبلن مان نڪرندڙ نندين وڏيون نندين ڇوڙڪن ٿيون. ۽ ڊيلٽا ٺاهين ٿيون. انهن ڊيلٽائن ڪري هن ڪناري تي بندرن جي ڪثرت هئي. جيڪي سنڌ جي ٻيڙياتن کي واپار لاءِ سولا لڳندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو انهن ٻيڙياتن کان لطيف کي انهن ماڳن جون خبرون مليون جن انهن بندرن جي گهٽائي ۽ سٺن تڙن جو احوال ٻڌايو ته اتان واپار ۾ مال جي ڏي وٺ ۾ امل بندر آهن امل جن جو ملهه نه هجي (خيال ڊاڪٽر صاحب ”بار“ جي سلسلي سان اهو به وڌيڪ لکن ٿا ته 11 صدي عيسوي ۾ سنڌ جي ساموندي ڪناري وٽ تڏي جي ڇوڙ جو نالو ”منهن برا“ يعني منهن بار يا منهن باري هو باري وارا نالا اڃا موجود آهن) اتورئا= لا = نه+ تورئا= وزن ڪيا) تور کان ٻاهر يعني گهڻا. شروع ۾ اسان بار بريڪان جو ذڪر ڪيو جيڪو ديبل ۽ پنيور جي

سلسلي سان استعمال ۾ آيو آهي. اسان کي جيڪو ٻڌايو ويو. ۽ ڪن محققن جو خيال آهي تہ ديبل الڳ آهي ۽ ڀنڀور الڳ ڀنڀور تي اهو نالو راجا ڀنڀوراءِ جي ڪري پيو. ڪن صاحبن وري اهو لکيو آهي تہ اتي جيڪو ٺڪراٺو ايترو گهڻو هو جو اهو ڏڙو ڀنڀوري جي رنگ وانگر ڀنڀور يعني ڳاڙهو پيو لڳندو هو، جنهن ڪري هن تي ڀنڀور جو ڏڙو نالو پيو. سڪندر جي وقت جا ڏنل نالا بابري ۽ باربريڪان ڀنڀور تي صحيح دلالت ڪن ٿا. ”بار“ اهڙو لفظي اچار آهي جيڪو ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اچارجي سگهي ٿو.

بنــدر ديســان ديــس، مُــل نــہ ملــي واريــين
فقيراڻـــي ويـــس، اَمُــلَ ڏِيــن اتورِيــا

(دا - 1 _ ب 27)

- ديسان ديس = ملڪ ۽ ملڪن ۾ .

هن بيت جو مطلب بيت 26 سان لاڳو آهي شاعر فرمائي ٿو تہ بندر تہ هر ديس ۾ آهن پر جيڪا ملهہ جي ڏيڻ وٺڻ جي خاصيت ملي بار/ ملبار ڪناري جي بندرن جي واپارين جي آهي اها ٻئي ڪنهن بہ ملڪ جي بندر ۾ نہ آهي.

بَنَــدرَ جــانِ يَئـي، تــان سُــڪاڻيا مَ سُــمهُو
ڪَپَرُ تـو ڪُن ڪَـري، جئن مـاٽِي منَجهہ مَهي
ايـڏو سُـورُ سَـهِي، ننـدِ نــہ ڪِجاهُــہ ناکئـا

(دا - 1 _ ب 28)

- بندر جان = اجان تان، بندر تائين.
- يئي = (ڀؤ)= ڊپ، خوف، الڪو، ڊکو، اوتو.
- بندر جان يئي = بندر تي پهچڻ تائين اجا خوف ۽ خطرو آهي، ڊپ آهي.
- تان = تيستائين، انهي وقت تائين.
- سڪاڻيا = سکڻ وارا، ٻيڙي سکاڻ هلائڻ وارا.

- مَ = نہ.
- سڪاڻيا مَ سمهو = اوهين سڪاڻ وارا جيڪي ٻيڙي وٺي پيا هلو اهي تيستائين نہ سمهو جو تہ بندر تائين پهچڻ ۾ اجا وات تي خطرو ۽ ڊپُ آهي.
- ڪپرُ = ڪپ وارو پاسو سمونڊ ۾ ڪناري وارو لهہ، طرف.
- ڪُن ڪري = (ڪُن ڪرڻ اصطلاح) ڪُن ڪري = پاڻي گهيرو ڪري، اڇل سان ڪناري کي لڳي وڪڙ سان ڦيرو ڏي.
- ماڻي = نڪر جو ٿانو جنهن ۾ ڏڌ ولوڙبو آهي.
- ماڻي منجهہ مهي = ماڻي ۾ مانڌاڻي وجهي ڪير ولوڙڻ لاءِ جيڪي ڦيرا ڏبا آهن انهي جي ولوڙ سبب ڏڌ تي مٿي مکڻ جون ڦوڻيون ٺهي پونديون آهن ڪير کي ڪو ٽڪاءُ نہ هوندو آهي، ڪناري لڳ پاڻي جي ڪن جي گهيرن سبب بہ اهڙي حالت تي وڃي ٿي.
- ايڏو = ايترو = وڏو.
- سور = تڪليف، آزار.
- سهي = (مصدر سهڻ) = برداشت ڪري، سهپ ڪري.
- سور سهي = تڪليف ڏسي. خطرو ڏسي.
- ڪجاهہ = اوهين نہ ڪجو. ناڪئا معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.

ناڪئا اهڙي ڪنن جي حالت ڏسي اوهين ننڊ نہ ڪجو بلڪ خبردار ٿي لڪ لنگهجو.

هن بيت ۾ جتي ٻيڙي کي/ جهاز کي سمونڊ جي لهرين، لوڏن، ڪنن ۽ ڪارونيار جي خطرن مان پار اڪاري پنهنجي منزل مقصود تي سلامتيءَ سان پهچائڻ لاءِ جهاز جي سڪاڻن يعني هلائيندڙن ۽ سمونڊ جي جاڻ رکندڙ ناڪئن کي نصيحت سان گڏ مهميز ڪيندي شاعر تنبيهہ ٿو ڪري تہ اوهان ويسلا ٿي يا بي ڊپا ٿي نہ سمهي رهو بندر تي پهچڻ لاءِ اوهان ڪناري جو جيڪو لهہ ورتو آهي. پاسو ورتو آهي انهي تي بہ سمونڊ جا ڪن ۽ پاڻي جا گهيرا آهن پاڻي جي اهڙي ولوڙ ڏيکاري ٿو جهڙي ماڻي

۾ ڏڌ جي مهي ولوڙڻ وقت اندر ولوڙ هوندي آهي جنهن ۾ کير کي هڪ هنڌ ڪو ٽڪاءُ ڪو نہ هوندو آهي. اهڙي خطري واري صورتحال کي ڏسي ناڪئا اوهين ننڊ نہ ڪجو جيڪڏهن اوهان انهي حالت ۾ بي خبر ٿي ويا تہ ان جو جيڪو نتيجو نڪرندو اهو ظاهر آهي.

ٻئي طرف انسان جو وجود زندگي جي سفر جو هڪ ٻيڙي مثال آهي. ان لاءِ انسان تي لازم آهي تہ پنهنجي حياتي جي منزل مقصود يعني حق جي حقيقت لهڻ ۾ صراط مستقيم تي هلڻ لاءِ انهي مقصد تائين پهچڻ ۾ ڪئين نفس جا خطرا آهن جيڪو انسان کي انهي راهہ تان پري ڪرڻ لاءِ ڪوشان هوندو آهي دراصل اهي خواهشن دنياوي هوس ۽ هرس جا ڦندا ڪُن جي گهيري برابر آهن جيڪي نيڪي ۽ چڱائي/ ياد خدا ۽ حق جي حقيقت لهڻ کان انسان کي زندگي ۾ بالغ آهن. انهن جي خبر هوندي غفلت کي اختيار ڪرڻ انهن سڪاڻن ۽ ناڪئن وانگيان آهي جيڪي خطرن کي ڏسي سمهي پون ٿا. شاعر انسان کي تنبيهہ ڪري ٿو انهن سڪاڻن ۽ ناڪئن جي روپ ۾ تہ انهن وانگيان ٿي پاڻ لاءِ مصيبت اختيار نہ ڪيو پر پاڻ کي ياد الاهي ۽ حقيقت شناسي جي راهہ تي هلائي منزل ماڻيو.

سُتا سَپ پَئِي سَندي مُعلم آسَري
اَئين پُڻ سُمهو ناکُئا، بَندَر ناهِ يَئي
جَنِ جي لائقِ لڄُ کَنئي، سي سُتڙَ سِئِي ٿيا

(دا - 1 ـ ب 29)

- ستا = (مصدر سمهڻ) = اهي سمهي پيا.
- ستا سپ پئي = اهي سپ/ مڙيئي سمهي پيا، بي اونا ٿي ويا.
- سندي = ان جي، انهيءَ جي.
- معلم آسري = معلم جي آسري ئي انهي خبر ڏيندڙ جي پروسي تي، سهاري تي.
- ائين پڻ = اوهان پاڻ، اوهين پاڻ.

- بندر = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- ناهہ = نہ آهي.
- بندر ناهہ پئي = بندر تائين پهچڻ ۾ ڪو ڊپ ڊاءُ يا خوف خطرو ڪو نہ آهي.
- جن جي = انهن جي، جنهين جي.
- لائق = وڏي شان وارو يعني ڏاتي تعاليٰ.
- لڄ = عزت، ننگ.
- لڄ ڪنئي = جن جي عزت آبرو جو بار ڪنيو .
- سي = اهي.
- سُتڙ = (س = سولو، سوڪو+ تڙ= لنگهہ، گهيڙ) = سولائي سان تڙ تي پهتا.
- ستَڙِ سَيئِي تَئا = اهي سڀ جن پنهنجو بار الله تي رکيو الله تي آسرو رکيو اهي سڀ سولائي سان پنهنجي منزل تي پهتا.

هن بيت ۾ شاعر نبيءَ ڪريم ﷺ جن جي پنهنجي ڏنل بشارتن ڏانهن اشارو ڪندي يا ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ عالم جي آڌار ٻنهين جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي امت لاءِ جيڪو الله جو پيغام آندو آهي، ان تي عمل ڪرڻ ۾ حق جي واٽ تي هلڻ وارن ڪي ڪو ڊپ ڊاءُ ڪو نہ آهي. ڇو تہ پاڻ ڪريمن ڪي رحمت اللعالمين جي لقب سان نوازيو ويو آهي. سندن ذات بابرڪات جهانن لاءِ رحمت آهي. انسان ذات ڪي سندن پڌايل پيغام ۽ حڪمن تي هلڻ سان وڏو آسرو آهي تہ اڳئين جهان ۾ قيامت جي ڏهاڙي امت لاءِ آساني ٿيندي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي شفاعت نصيب ٿيندي جن جو حامي ۽ ناصر حضرت هاشمي ﷺ جن آهن انهن ڪي انهي پل صراط جي واٽ تان گذرڻ جو ڪو ڊپ ڊاءُ ڪو نہ آهي انهي (بندر) جاءِ تي هنن لاءِ ڪو خوف خطرو نہ آهي.

جن ٻانهن الله ۽ ان جي رسول مقبول ﷺ جن جي رحمت تي آسرو

رکيو آهي ۽ ”لاتقنطو من الّٰہ“ سندن ايمان جو جُز آهي. اهي سيئي ستر لنگهي پار پوندا، جئن قرآن حڪيم اچي ٿو تہ ” اِنَ اللّٰہ يغفِر الذّنُوبَ جَميعاً، انہ هُوَ اَلغفُور الرّحيم“ اللّٰہ سڀ گناهہ بخشيندڙ آهي. بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي، يا فقل ربڪم زورحمۃ و سبحان (چو تہ اوهان جو پالڻهار گهڻيءَ رحمت وارو آهي).

غور ڪبو تہ هن بيت ۾ انسان کي قرآن حڪيم جي انهن حڪمن ۽ بشارتن جون جو رسول مقبول ﷺ جن جيڪي معلم عظيم آهن انهن جي انهي ٻڌايل حقيقتن جو پڌرو عڪس ملي ٿو يا ائين چئجي تہ اهو بيت انهن آيت سڳورين جي بيان سان رچيل آهي.

ٻيـڙ ياتـا ٻيئـي، تـو نَـہ قَبنـدِيُون ڳـالهڙيُون
سَچِيُون راتِيـون سمهين، پَـر سرُ ڪـاڻ ڏيئـي
مُنــدَ وڃــايئي مــالَ جــي وَڻجــارا ويهــي
سُـــيان سَــيِيئي، پَــارِ پُڄنَــدِيُون خَبَــرُوَن

(دا - 1 ـــ ب 30)

- ٻيڙياتا = ٻيڙين وارا ناکئا، ٻيڙي سنياليندڙ.
- ٻيئي = ٻئي (پهريون، توڙي پويون) سمهڻ ۾ ٻيو نفعو ڪمائڻ.
- تو نہ = تو کي نہ.
- قبنديون = (مصدر قبڻ = حاصل ٿيڻ)= حاصل ٿينديون هٿ اينديون.
- ڳالهڙيون = ڳالهيون اهي ڪم يا اهي عمل جن جو هن ۾ ذڪر آهي.
- سچيون = پوريون.
- سچيون راتيون سمهان = تون پوريون راتيون سمهين پاسو ڪو نہ ورائين ڪو خيال ڪو نہ ڪرين.
- پرسڪاڻ = سڪاڻ جي پاسي ۾.
- مُند = موسم، وقت.

- وڃايئي = تو وڃايو = تو وڃايو، گنوايو، گذاري ڇڏيو .
- مال جي = اهو سامان يا اهو وکر جيڪو تو وٽ آهي يا تو ڪاروبار ڏيڻ وٺڻ لاءِ ورتو آهي.
- وڻجارا = اي واپار ڪرڻ وارا وڻج ڪرڻ وارا.
- سيان = سياٽي، ٻئي ڏينهن ايندڙ وقت.
- سيئي = اهي سڀ.
- پار پڇنديون = هن طرف پهچنديون هن پاسي احوال معلوم ٿيندا تنهنجي واپار ڪرڻ جا تنهنجي انهي سستي جا بي عملي جا.

شاعر بيڙياتي کي خبردار ڪندي يا اها تنبيهه ڪندي ڳالهه چوي ٿو تہ تو کي اهي ٻئي ڳالهيون نہ ڀُلنديون جو ياڻئي تہ آئون سڪاڻ ۾ ستو پيو رهان ۽ واپار جو نفعو بنان ڪنهن جفاڪشي يا تڪليف جي مون کي ملي نہ صرف اهو پر تو واپار ڪرڻ جو وقت جنهن ۾ ٻاهر سفر ڪجي اهو بہ تو ويهي وڃائي ڇڏيو ۽ مل جي کپائڻ ۽ خريد ڪرڻ جي بہ ڪا اون ڪا نہ ڪئي. توکان ناٽي جا مالڪ موڙي جا ڏٽي جن کي اهي سڀ ڳالهيون معلوم ٿينديون تہ تو کان انهي باري ۾ پڇندا تہ ڏي خبر توهي ڇا ڪيو.

لطيفؒ جتي وڻجاري ۽ بيڙياتي جي سلسلي سان ٻنهي ڳالهين ڀُلڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو اتي پاڻ اشارو نہ پر سڌو سنئون چتاءُ ٿو ڏي تہ انسان کي تڪيو ڪري وهڻ نہ گهرجي ۽ اهو تصور ڪري تہ ڪا ڳالهہ ڪا نہ آهي، سڀ ڳالهہ سولي ٿي پوندي. ائين ٿي نٿو سگهي. هي جهان دارالعمل آهي، انسان جي عمل ۽ نيڪي ڪرڻ جو عبارت جو پنهنجي مالڪ کي ياد ڪرڻ جو جهان آهي، ڪٽڪ پو کي ماٺهو ڪٽڪ لٽي سگهي ٿو يعني صالح اعمال سان هن کي آخرت جي ڀلائي پلئہ پوندي پر بي عملي يا جوَ وکي ڪٽڪ لٽي اهو ناممڪن آهي.

انسان لاءِ لازم آهي ”ليس الانسان الا ماسعيٰ“ انسان جو فرض آهي سعيو ۽ جدوجهد ڪرڻ چڱائي ۽ نيڪي جي ڪمن ڏانهن قدم وڌائڻ

سياڻي يعني آخرت جي ڏينهن جنهن ڏينهن عملن جو حساب ڪتاب ٿيندو ۽ دفتر کلندا تہ سڀ احوال اڳ ۾ ئي موجود هوندو انسان تي سندس عضوا بہ شاهد ٿي بيهندا انهيءَ لاءِ انسان کي پنهنجي هٿان وقت وڃائڻ نہ گهرجي پر پ . نجي انهي وقت کي خدا جي ياد ۽ نيڪ ڪمن ۾ گذارڻ گهرجي لطيف جفا ڪشي ۽ جدوجهد جو پيغام ٿو ڏئي تہ انهيءَ سان ئي انسان ڪامياب ٿي پنهنجي حقيقي منزل ماڻي سگهي ٿو.

سَامُونڊِيُن سَعيو، سائين سَفَر جَو
ڪَو ڏِيهہُ چِتَايو، اُونِهين وَجَنِ اوهَرِئا

*(دا - 1 ـ ب 31)*

- سعيو = نسبت ، ڪوشش ، اون.
- سدائين سفر جو = هميشہ هلڻ جو.
- ڏيهہ = ملڪ، ديس.
- چتايو = نظر ۾ رکيو، ڌيان ۾ آندو.
- اُنهين = وڏي سمونڊ، گهرائي واري سمونڊ ۾.
- اوهرئا = (مصدر اوهرڻ) رسن: اپسرڻ، اپ = پري+ سرڻ= وڃڻ) = هڪلڻ، ڪاهڻ، ٻيڙا هاڪاري هلئا.

سامونڊين يعني سمونڊ ۾ سفر ڪرڻ وارن انهن وڻجارن جيڪي واپار لاءِ وڃن ٿا انهن کي هر وقت انهي ٻاهر جي سفر جو اونو ۽ الڪ آهي. پنهنجي واپار لاءِ هو ڪو ملڪ نظر ۾ رکي پنهنجن ٻيڙن کي اونهين سمونڊ جي حوالي ڪري هاڪاري هلن ٿا. هن بيت ۾ انهن انسانن ڏانهن اشارو آهي جن کي هميشہ نيڪ عملن جو اونو آهي هو پنهنجي سفر لاءِ انهي کي توشو سمجهن ٿا هو هن آخرت واري ڏيهہ کي چتائي پڻ ڪري تڪليفن ۾ وجهي چڱن ڪمن لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا.

کيـــڙائُنِ کـــارو، سَـــنجِهيَئي ســـارِئو
آيَـــلِ اُمَـــارو، آهِـــنِ پـــرين پـــارَ جـــو

(دا - 1 ـ ب 32)

- ڪيڙائن ڪارو = ڪارو ڪيڙيندڙ يعني سمونڊ جهاڳيندڙ، سمونڊ ۾ گس ۽ واٽون ڳولهيندڙ هتي سمونڊ جي اندر گس ۽ رستا تلاش ڪندڙن جي هاري جي هر ڪيڙڻ سان تشبيهه ڏني ويئي آهي.
- سنجهيئي = سنجهي مان رات جي پهرئين پهر ۾.
- سارئو = (مصدر سارڻ) = سنڀاليو ياد ڪيو ان جي اون ڪئي.
- آيل = اي منهنجي ماءُ.
- امارو = پڪي ارادي سان نسبت ڪئي، سانباهو ڪيو.
- پريين پار جو = يعني هن ڀئي ڪناري ي ڀئي پر پهچڻ جو هت مقصد آهي پري وڃڻ جو.

لطيفؒ جا ڪي ڪي بيت ٻه معنيٰ ۽ انتهائي ڳوڙهائي وارا آهن. هن بيت ۾ بظاهر اسان کي شاعر سمونڊ جهاڳي ان مان گس لهندڙن جو ذڪر ڪري ٿو جن کي لطيف ڪارو ڪيڙيندڙ سان تعبير ڪري ٿو. ته اهي رات جي پهرئين پهر ۾ ئي انهي گس جي ڳولا لاءِ سنيرن ٿا اصل ۾ انهن کي پرئين پار يعني ٻي پريا ڪناري وڃڻ جو مقصد آهي ان لاءِ هنن جي نسبت ۽ پڪو ارادو آهي.

غور ڪبو ته هن ۾ اسان کي انهن عابدن زاهدن ۽ عارفن جو ذڪر نظر اچي ٿو جيڪي رات جي پهرئين پهر ۾ عبادت ۽ ياد الاهي لاءِ نسبت ڪن ٿا تيار ٿين ٿا راتين جو عبادت ڪرڻ ڪاري ڪيڙڻ جي برابر آهي، پنهنجي لاءِ هن ميدان ڪارزارمان زندگي جي اجهاڳ سمونڊ مان چڱائي ۽ نيڪي جو رستو عبادت ذريعي پيدا ڪرڻ آهي. انهن عابدن ۽ زاهدن کي خدا جي ياد ڪرڻ وارن، حق جي حقيقت لهڻ وارن کي پرئين پر يعني هن پار جيڪو حقيقت جو جلوو آهي ان جي پسڻ جو مقصد ۽ نسبت هنن جي هتان جي هي

تياري سڀ انهي حال کي پهچڻ لاءِ آهي جيڪو عارفن ۽ نيڪن جو اصل مقام ۽ مقصد آهي جنهن مان هنن کي پنهنجي روح کي الاهي ديدار جي تسڪين حاصل ٿئي ٿي جيڪا روح جي اصل ۾ راحت آهي.

ڪــاري ڪيڙائُــو، مَتّــي مِنــي موٽئــا
ســودو ڪــن نــہ ســون جــو، وَڏا وهــائو
مــوتِي جــي مَهــرانَ جــا تَــنِ ۾ طامَــائُو
ســامُونڊِي ســائُو، لڪــالو پــي آئيــا

*(دا - 1 ـــ ب 33)*

- ڪاري ڪيڙائو = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- متي مني موٽئا = انهي مني پاٽي واري هنڌ انهي ڏيلئا واري بندر تي جيڪو مني پاٽي جي ۽ ڪاري جي ٻنهين جي وچ تي آهي انهي تي سمونڊ جهاڳي پهتا يعني پنهنجي ملڪ موٽي آيا.
- سودو = (مصدر سودڻ = ڏيڻ وٺڻ) = واپار.
- وهائو = (مصدر وهائڻ= وٺڻ خريد ڪرڻ) خريد ڪرڻ وارا سامان سوديندڙ، واپار ڪندڙ، وکر وٺندڙ.
- مهراڻ= سنڌ جو دري سنڌو درياهہ مهرا = وڏو سمونڊ جهڙو درياهہ
- تن ۾ = انهن ۾.
- طامائو = (ع، طمع) انهن ۾ طمع رکندڙ.
- سائو = (مصدر سهڻ = برداشت ڪرڻ صبر ڪرڻ) = وڏي سهپ ۽ وڏي صبر وارا.
- لڪا = (اصل لفظ لِنڪا ان جو مخفف استعمال ڪيل آهي. هي لفظ سلون يا لڪاپور لاءِ استعمال ٿيل آهي) جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب پر لڪ شهر کي سوماتراجي اپرنديئين ڪناري تي ساموندرا جي بادشاهي جي گادي جو شهر/ بندر ٻڌائي ٿو).

پر لڪا/ لڪپر هي ملڪ سون جي پيداوار ۽ ٽين جي پيداوار ۾

مشهور ملڪ رهيو آهي. جاوا، سوماترا، بورنيو/ برانائي اهي سون ۽ موتين جي پيداوار ۾ مشهور ملڪ رهيا آهن/آهن

- لوپي آئيا = مال ملڪيت يا وڏو ناڻو ڪمائي آئيا
- لڪا لوپي آئيا = لڪاپر/ لڪا مان واپار ذريعي جهجهو ناڻو ڪمائي آيا.

هن بيت ۾ لطيفؒ واديءِ سنڌ جي انهن واپارين ۽ ساموندي سيهوڳين جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي وڏن سمونڊ مان رستا ڳولي ڪارو ڪيڙي انهن ملڪن ۾ پهتا جن ۾ سون جا وڏا سوداگر ۽ واپاري هئا هنن اتي انهن سان سون جا سودا ڪيا. اهي ڪاري جا ڪيڙائو پنهنجي ڌنڌي ۾ وڏا هوشيار ۽ ڄاڻو هئا اهي وڏي سهپ ۽ ڪانڌ وارا هتان جا واپاري لڪاپر/ لنڪا يا پر لڪا مان واپار ذريعي جهجهو ڌن ڪمائي آيا.

هت بنيادي نڪتو سنڌ ۾ هڪ عام چوڻي جي مدنظر اچي ٿو جنهن ۾ هيئن چيو ويندو هو تہ جي/ جيڪي ويا جاوا ول ڪيون نہ آوا جي آوا تہ باران ٻچان ڏاوا

هي چوڻي سنڌي، هندي ۽ ڪڇي جي گڏيل لفظن تي مشتمل آهي. اڳئين وقت ۾ "جاوا" کي لڪاپر ڪوٺيو ويندو هو جاوا سوماترا جو حصو هو ۽ آهي ان لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي "پرلڪا" بندر جي ڳالهہ ترجيح جوڳي آهي. غور ڪجي ٿو تہ جاوا ۽ سوماترا ڏانهن نہ صرف سنڌ جي واپارين ۽ ٻيڙياتن جو گهڻو اچڻ وڃڻ نظر اچي ٿو پر عرب واپاري پڻ اهي طرف وڏيڪ ايندل ۽ ويندل نظر اچن ٿا اسلام دور کان اڳ توڙي پوءِ اسلام جي اشاعت جتي اسان کي سنڌ ۾ اوليت ۾ نظر اچي ٿي اتي جاوا ۽ سوماترا ۾ اسلام جي تبليغ سنڌ کان بہ اڳ جي آهي هي هڪ ضمني ذڪر اچي ويو اصل ڳالهہ هئي لطيفؒ جي پنهنجي ڄاڻ ۽ سڌ جو جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هن جڳ سڪري شاعر جو ايياس عالمي نوعيت جو هو جو ڪين پر لڪاءِ لنڪا وغيره جي جاگرافيائي ۽ مالي ڪاروبار جي ڄاڻ حاصل هئي جنهن جي بنياد تي ئي پٽ ڏٽي سنڌ جي سدا ملوڪ

ھيڙياتن ۽ سچاڻ واپارين جي انھي اھم ڪاروبار جو ذڪر ڪيو آھي ۽ ان سان گڏ پنھنجي لافاني شعر ۾ اھڙي قسم جي ڄاڻ ڏيئي پنھنجي بلند خيالي ۽ دنيا ڪان ڄاڻ رکڻ جو وڏو دليل پيش ڪيو آھي جنھن تي جيترو فخر ڪجي اوترو ٿورو آھي.*

لَڪَا لڪ ڪَنِ، لئہ لڪا جي اوھرئا،
سُٽي سونُ لڪءَ جو، سُڪُ نہ سامُونڊين
پرھَہ پَکُھَہ چوڙيا، ڪَارَي ڪِيڙائُنِ
وَڏي ياڳَ ڀِڙَنِ، جي ڪَھِيا ڪَارُونَيار ڏي

(دا - 1 – ب 34)

- لڪا/لڪاپر/ پرلڪا = اڳئين بيت ۾ انھن لفظن ۽ ماڳ جي وضاحت ڪئي ويئي آھي.
- لئہ = لاءِ، واسطي، انھي جي ڪري.
- اوھرئا = اڳئين بيت ۾ معنيٰ ڏنل آھي.
- سڪ = آرام، شانتي.
- سڪ نہ سمونڊين = سامونڊين کي لڪا پر جي سون جو ٻڌي ڪو سڪ نہ پئي آيو، زبان تي لڪا جو ئي نالو اٿن.
- پرھ = باک ڦٽڻ.
- پرھ پکھ چوڙيا = باک ڦٽندي، صبح صادق ٿيندي ھنن پکھ ڪٽي روانگي ڪئي. ھيڙن سان روانا ٿي ويا.
- وڏي ياڳ = وڏي قسمت سان، خوش قسمتي سان، نصيب سان.
- ڀِرن = (ڀِرن) موتي اچن ۽ وري اچي گڏجن.
- ڪھيا = (مصدر ڪھڻ= روانو ٿيڻ، وڃڻ)= سفر تي روانا ٿي قصد

---

* شاھ جي اڪثر مولفين گربخشاڻي، انصاري توڙي ٻين پنھنجي اشاعتي شاھ جي رسالن ۾ ”لنڪا“ لفظ کي ڪم آندو آھي. قلمي نسخن مان گنج ۽ ان نسخن ۾ لڪا لفظ ڪم آندل آھي باقي اوائلي دور جي ٻين قلمي نسخن ۾ لنڪا جو لفظ آندل آھي.

ڪري ويا.

- ڪارونيارُ = رس : ڪالَ يار: ڪال= ڪارو+ يار= ڏگ ڪارنهن جو ڏگ) ڪارنهن، ڳوڙهي اونداهي سمونڊ تي ويرن ۽ هوا جي داٻ سبب ڪوهيڙي واري اوندهه جهڙي ڪيفيت.
- ڪهي ڪارونيار ڏي = وڏي اجهاڳ ويرن ۽ ڪوهيڙي جي ور چڙهيل سمونڊ ڏانهن روانا ٿيا، اوڏاهين قصد ڪري سفر ڪيائون.

لڪا، لڪا/ لڪاپُر/ پر لڪا/ لنڪا انهي جو ذڪر اسان تفصيل سان اڳئين بيت ۾ ڪيو آهي، اُتان جي سون آڻن جي ساک ۽ڏي سامونڊين يعني سمونڊ ذريعي/ رستي واپار ڪندڙن ڪي جڏهن ان حقيقت جي پروڙ پئي تہ انهن کي سک نہ پئي آيو تہ انهي ماڳ ڪاروبار لاءِ پهچون ڪين ايتري جلدائي تي جو ڪاري ڪيڙائن پرهه سان ئي پڳهہ ڪٽي ڪاري ڪارونيار اجهاڳ سمونڊ ۾ ڪاهي پيا. انهن جي انهي بي صبري ۽ واپار لاءِ بيتابي کي محسوس ڪندي شاعر چيو تہ شل اهي صحيح سلامت و. ي وڏي ياڳ پڙن يعني موتي اچي وري پنهنجن سان ملاقاتي ٿين.

هَـڙَ ۾ ڪِـيـنَ هُـئـون، هُنهـيـن هـن نـہ چاڙهئـا،
تَرسَـــنـدي تَـــڙَن تـــي لهـــي ســـڄُ وِئُـــون
جَڏِ سائين سبب ڪِئونِ، تَڏِ سترتَئا سَيد چئي

*(دا - 1 ـ ب 35)*

- ٻئي پڙهڻي = هڙ ۾ ڪين هئون، هونهئين هُن نہ چاڙهئا.
- ٽين پڙهڻي = هڙ ۾ ڪين هئون هنن هونهئين نہ چڙهئا سارو ڏينهن سمونڊ تي لهي سڄ وئون.

جڏهن سائين سبب ڪئون تڏهن سُتر تئا سيد چئي.

- هڙ ۾ = پاند ۾، پاڻ وٽ رقم جو هئڻ، پئسي جو هئڻ، ڳنڍ ۾ .
- ڪين هُئون = ڪو نہ هو، انهن وٽ ڪو نہ هو، ڪجهہ نہ هو.
- هُنهين = انهن، هنن جن هٿ وس هو، هرويرو.

- هونهئين = بنا سبب جي، انهي سبب ڪري يعني ڳنڍ ۾ ڪجهہ نہ هئڻ ڪري.
- چاڙهئا = (مصدر چڙهڻ = سوار ٿيڻ) = سوار ڪيا پاڻ سان گڏ ڪنيا.
- نہ چاڙهئا = پاڻ سان گڏ نہ ڪنيو/ ڪنيا، پاڻ سان گڏ سوار نہ ڪيا، جهاز ۾ نہ چاڙهيا.
- ترسندي = (مصدر ترسڻ= رهڻ انتظار ڪرڻ) انتظار ڪندي، رهندي.
- ترسندي تڙن تي = جتان ٻيڙا روانا ٿين انهي هنڌ انتظار ڪرڻ.
- لهي سج وئون = (اصطلاح سج لهڻ = وقت گذري وڃڻ) انهن جي وڃڻ جو وقت گذري ويو ٻيڙا روانا ٿي ويا.
- سارو ڏينهن سمونڊ تي = سمونڊ تي جتان ٻيڙا روانا ٿين ٿا انهن ڪي جن وٽ هڙ ۾ ڪجهہ نہ هو سڄو وقت سمونڊ تي گذري ويو.
- جڏ/ جڏهہ = جنهن وقت، جنهن ويلي، گهڙي.
- سائين = ٻاجهاري ڏاڏي، الله تعاليٰ.
- سبب ڪئون = ڪاراهہ پيدا ڪئي. ڪو بهانو پيدا ڪيو.
- تڏ/ تڏهن = تنهن مهل، وقت، ويلي.
- سُتڙ ٿيا = سولا ٿيا، سولي تڙ تي وڃي پيا، انهن کي سولائي/ آساني ٿي.

هن بيت ۾ شاعر بظاهر جن وٽ ڳنڍ ۾ ڪي ڪين هو ۽ اهي انهي سبب ڪري سفر تي وڃي نہ پئي سگهيا پر هنن کي جيڪا جيءَ ۾ حب ۽ تنوار هئي انهي ڪري هنن سمونڊ تي جتان ٻيڙا روانا پئي ٿيا اتي انتظار پئي ڪيو ۽ هنن کي ائين ڪئين سج لنگهي ويا پر ڪا وڃڻ جي راهہ پيدا نہ پئي ٿي پر جڏهن الله سائين چاهيو تڏهن انهن لاءِ آساني ٿي پئي ۽ هو روانا ٿي ويا سفر تي هلي ويا. هت غور جو مقام آهي هن بيت ۾ لطيف اسباب جي دنيا جي ذڪر انتظار سان گڏ هڙ ۾ نہ هئڻ يعني هنن وٽ ڪو بہ اهڙو عمل يا نيڪي ڪا نہ هئي جيڪا هنن کي اڳتي نيڻ لاءِ ڪم اچي هنن وٽ هو تہ صرف توڪل علي الله جو تُرهو هو انهي توڪل جي آسري

ي ته سڀ رب جي حوالي آهي. هت عارف جي ذات جو حق ۾ خود سپردگي جو ذڪر آهي ته جڏهين ٻانهو اسباب جي دنيا کي ترڪ ڪري پنهنجو پاڻ کي رب جي حوالي ڪري ٿو. تڏهن سندس وجود پنهنجو وجود نٿو رهي پر اهو حق جي حوالي هوندو آهي، جنهن لاءِ پاڻ ڏٺي يعني ذات حق جيئن چاهي تيئن ٿئي. يعني ٻانهي جي منشا ختم ٿيل هوندي آهي، ان جي بجاءِ منشاءِ ايزدي ڪارفرما هوندي آهي، جيئن پهرئين عرض ڪيم ته هي اسبابن جو جهان آهي جنهن ۾ انسان توڙي شين جو يا مادي صورتن جو عمل سبب جو محتاج آهي، جيئن گرهوڙي صاحب فرمايو آهي ته "سبب جن سنڌوريا سي اڃا اورانهان"

ترڪ ڪري تدبير کي پرنيو پاڻ خدا

لطيف به اها ڳالهه بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم ۾ لاهه غم وهم
قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري هاج ٿو

هر عارف وٽ اها تات ۽ تنوار آهي ته اسباب کي ترڪ ڪري پاڻ کي حق جي حوالي ڪيو جي جهان جا لڳ لاڳاپا تن آسانيون خواهشون اهو سڀ اسباب جي علائق سان ڳنڍيل آهي. جيستائين انهن سان ڳانڍاپو يا تعلق هوندو، ان وقت تائين انهن جي ڇڪ منزل ڏي روانو ٿيڻ نه ڏيندي پر جڏهن انهن لڳ لاڳاپن تان آهو يا آسرو ڪٽبو ڏيان هٽائبو تڏهن ئي اڳتي يعني حق جي منزل ۽ ان جي حقيقت لهڻ جي راهه پيدا ٿيندي، سسئي سچ چيو آهي ته:

"ڪوڙن آسانگن پنڌان ڪار مَ پرينءَ جي.

وساڻو سوداءُ، جنهَہ پر ڊِڃَنِ ناکئا
پِيئي کُر کُنن ۾، اجهاڻو اوڙاھُ
اڃو اُنَ تَڙَاءُ تہ سامُوندِيان سُکُ تِئو

(دا - 1 ـ ب 36)

- وساڻو = (مصدر وسامڻ = اجهامي وڃن ختم ٿيڻ) ختم ٿي ويو ٽري ويو پورو ٿي ويو، بند ٿي ويو.
- سو واءُ = اهو واءُ جيڪو طوفان وارو هو، وڏين ويرن وارو.
- جنهہ پر = جنهن کان جنهن جي ڪري.
- ڊِڃن = خوف کائن.
- کر = لاٽ، هيٺ ٿي وڃڻ.
- پيئي کر کُنن ۾ = ڪنن جو زور وارو پاڻي جيڪو طوفان ۽ ويرن سبب چاڙهہ تي هو اهو لهي هيٺ ٿي ويو آهي.
- اجهاڻو = (مصدر اجهامڻ = وسامي وڃڻ ختم ٿي وڃڻ) هيٺ ٿي ويو ماٺ ٿي ويو، پنهنجو زور ڇڏي ويو.
- اوڙاهہ = سمونڊ جو وڏو طوفان، جنهن ۾ پاڻي جو وڏو چاڙهہ هجي.

سمونڊ جي حالت جو ذڪر ڪندي ناکئن جي انهي ڊپ جنهن کان ننن ڪي پنهنجي سفر ۾ خطرو محسوس ٿيندو هو انهي خطري واري ماحول جو ذڪر ڪندي شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ جنهن طوفان ۽ اجهل واءَ کان ناکئن کي ڊپ ٿي لڳو اهو اوڙاهہ اجهامي ويو اهو طوفان ٽري ويو ڪن جيڪي خطري وارا هنڌ هئا انهن جو پاڻي پڻ لهي ويو آهي !

سمونڊ ۾ سفر ڪرڻ وارا سامونڊي بيڙياتا اوهان انهن تڙن کان اڇو جتان اوهان لاءِ سمونڊ جي سفر ۾ سولائي آهي.

نفساني خواهشن دنيا واري حرص ۽ هوا وغيرهہ اهڙو واءُ آهي، جنهن جي غلبي ۾ ڪارستاني کان سالڪ هميشہ خائف رهي ٿو ڇو تہ نفس اماره سلوڪ جي واٽ جي وڏي رڪاوٽ آهي. جڏهين انهي تي ٻانهو

ضابطو آڻي ٿو عبادت ذريعي زهد وسيلي ذڪر فڪر ۽ ياد الاهي سان نه پوءِ ان جي خرابين جو اهو طوفان گهٽجي وڃي ٿو حق جي رستي ڏانهن وڃڻ ۾ اها به واٽ هڪ اوڙاهه مثل آهي جنهن مان نڪرڻ سالڪ لاءِ ضروري آهي، پنهنجي نفس تي غور ڪرڻ ان جي حقيقت کي سڃاڻڻ سان انهي ڪُنَ ۾ ڪر اچي وڃي ٿي ۽ اڳتي جي منزل ماڻڻ لاءِ سالڪ جو رستو صاف ٿي وڃي ٿو ۽ هن لاءِ حق جي حقيقت جو احساس يا ان جي جمال پسڻ لاءِ سڪيائي ٿئي ٿي.

تَڙ نِهارِيان تي، مُنهنجا بَنَدر وئـڙا جي
مـان سِـڙَهه سُـڃاڻان سَـڄڻَيَن
اُيـي اَوسَـهه پائيـان ڪَـارڻ وَڻجَـاريَ
گهٽـو اُڪَـنـدِي آهِيـان پِـرين پَنهنجِـي کـي

*(دا - 1 ـ وائي - 1)*

- تڙ = گهيڙ، گس ڀيڙن بيهڻ وارو هنڌ.
- تي = اهي، تنهن لاءِ.
- وئڙا = (مصدر وڃڻ= اسهڻ، هليو وڃڻ) = ويا جو اسم .
- متصل = اهي ويا.
- مان سڙهه سڃاڻان سڄڻين = آئون سڄڻن جي ڀيڙن جا سڙهه ئي سڃاڻان ٿي.
- اُيي = بيهي.
- اوسهه = (س- آشيہ) = اوچتو، خيال، نصيب، انتظار.
- ايي اوسهه پائيان = آئون بيهي انتظار ڪريان انهن جو خيال ڪريان
- ڪارڻ = لاءِ، واسطي.
- اُڪنڊي = (پرا، اُڪنٺ= س اُتڪنٺ، اُت= مٿي+ ڪنٺ= ڳچي، سڪ ڪان ڳاٽ اوچو ڪرڻ، سڪ، اُڪير.

هن وائي ۾ وڻجاري جي وني/ محبوبا جي انهي انتظار جو ذڪر

ڪندي ان جي زباني شاعر فرمائي ٿو تہ آئون انهن ٽڙن تي نهاريان پئي ڳوليان پئي جن تان منهنجا پرين روانا ٿيا. آئون انهن ٻيڙن جا سڙهہ پڻ سجاڻان ٿي جيڪي انهن ٻيڙن تي چڙهيل آهن.

مون کي اوچتو خيال آيو جهڙو ڪر پسڻ پيو تہ منهنجو وڻجارو وارو ٿيو آهي اچي پيو آئون ان جو بيهي انتظار ڪريان اهو انهي ڪري جو منهنجي من ۾ سفر جي هيڏي سمي ڪري ڏاڍي اُڪنڊ ۽ اُڪير پنهنجي پرينءَ لاءِ آهي.

وائي (2)

تـــون تـــان گرهَـــڙ پـــائي لَـــجُ
ڪوهـــ نَـــ ويئـــين اُن ســـين
اُجـــاريُون اوليـــؤن ڏٺاريـــائون ڏَجُ
ســـيئن سَـــاجُهر لَـــڏِئو، تُـــون نِهـــارين اَجُ
ڪيـــر ســـٽَندو تَـــنهن جـــون ادورائـــون اَجُ
مَتـــان وِهـــين وِيســـرِي، اُٿـــي پـــورَل پَـــجُ

*(دا - 1 ـــ وائي - 2)*

- گرهڙ = درياهہ جو ڦاٽ يا گهارو يا سمونڊ جو ڪاڌ ڪري ولو ڏيئي ڍورو ٿاهي وري اچي سمونڊ سان گڏجي.
- گرهڙ پائي لج = سمونڊ يا درياهہ جي انهي پاڻيءَ ڪي ننگ وجهين ها
- ڪوهہ نہ ويئيين ان سين = تون ان سان يعني پنهنجي وڻجاري پتار يا ٻيڙياتي سان چو نہ گڏ وئين.
- اجاريون (مصدر اجارڻ = ڌوئي صاف ڪرڻ = صاف ڪيو انهن ڪي ڌوتو.
- اوليون = اولا ڳن.
- ڏٺاريائون = ڌوتائون، صاف ڪيائون.
- ڏج = ٻيڙي يا جهاز جي جملي شين جو پري ڪان وڻندڙ ڏيک جنسار
- سيٽن = دوستن، محبت وارن، دل گهرين، جن سان سڳ ڳنڍيل آهي.

- ساجهر = سويل، سويرو، جلدي، صبح جو سوجهرو ٿيندي ئي.
- لڏائو = (مصدر لڏڻ = ڇڏي وڃڻ، تپڙ تاڙي ڪٽي وڃڻ) هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ.
- تون نهارين اڄُ = تون انهن کي اڄ پئي نهارين جيڪي ساجهر ئي سويل هليا ويا.
- ڪير هٽندو = ڪو به ڪو نه ٻڌندو، ڪير ٻڌندو.
- ادورائون = دانهون، پار پتڪا، ندورائي واريون دانهون.
- ويسري (ويسرو وهڻ) = غافل ٿي وڃڻ، سڀ ڪجهه وساري ڇڏڻ ڪنهن ڳالهه جو الڪو يا الڪو نه رکڻ.
- پورل = پوري، مت موڙهل، موهي.
- پڇ (اتي پڇ) = اتي ٻوڙ ٻڪ ڪر، پاڻ پتوڙ.

هن وائي ۾ شاعر وڻجاري/ بيڙياتي جي وني/ ٻائي کي چوي ٿو صلاح ٿو ڏئي ته تون درياهه جي انهي ڦات يا گهاري يا سمونڊ جي انهي ڊوري کي جيڪو وهه ڏيئي وري اچي سمونڊ ۾ پوي ٿو ان کي پلئه پائين ها انهي ڳالهه جونڱ وجهين ها هت مقصد درياهه شاهه جي ٻاس يا پوڄا ڇئجي ته بجاءِ آهي.

تون پنهنجي ور سان پتار سان چو گڏ نه وئي آهين جو توکي اڄ اڪيلائي کي ڏسڻو پيو پوي ۽ پنهنجو من اداس آهي.

وڃڻ وارن بيڙياتن جڏهين ڦڙهن جا ڳن پئي ڏوئي صاف ڪيو ۽ بيڙي جي سيني وسلن کي تيار پئي ڪيو ان جي سڙهن ۽ ونجهن بيرقن ۽ وانئٽين کي پئي ڏاهيو جڏهن انهن جو نظارو پري پري کان چمڪ ۽ رنگت وارو نظر اچي.

تنهنجن سيٹن دل گهرين صبح ساجهر پرهه ڦٽندي ئي پڳهه ڪنيا ۽ ڪاري ڪيڙڻ لاءِ راهه وني روانا ٿيا تون هاڻي ٿي انهن کي نهارين ته ڪٿي آهن. انهيءَ ۾ تنهنجي غفلت کي دخل آهي. انهن جي وڃڻ سان جيڪو

جدائي جو داغ آيو آهي يا انهن کان جيڪا دوري ۽ فراق پيو آهي ان لاءِ تنهنجون اهي دانهون ۽ روڄ راڙو يا پٽ پاراتا ڪير ٻڌندو تڙ تي انهي گهيڙ تي جتي ٻيڙا هئا اڄ ڪير ڪو نہ آهي پڙ خالي آهي.

موڪِي ويسري ٿي نہ وهجان انهي پنهنجي غلطي کي پنهنجي اختيار ڪيل سستي کي وساري نہ وهجان ۽ اي پوري! اي موکِي هاڻي هتان پڇ واپس وڃ ۽ آئيندي لاءِ اهڙي ويسر نہ ڪجان جو وصالان وڇ پئين.

# سر سامونڊي

## داستان پهريون

پَکَهہ پاسي گهارِ، آيَل! سامُونڊين جي
وِڄهي جِيءُ جنجَار جِمَر، وَڃِنِي اوهَرِي

(دا - 2- ب 1)

- پکهہ = پيڙي جا غوراب کي تڙ جي ڪناري تي بيهاري ٻڌڻ وارو مضبوط ڪلو.
- پاسي = هنڌ، جاءِ، ير ۾.
- گهار = (مصدر گهارڻ امر گهار) = رهہ، اتي ترس.
- پاسي گهار = انهي هنڌ جتي پکهہ آهي جنهن سان پيڙو ٻڌل آهي انهي هنڌ گهاريا رهہ.
- آيُل = اي ماءُ/ اهي جيڪي آيا آهن، اهي تنهنجا پيڙياتا، جن پيڙن جو پکهہ هنيو آهي.
- جيءُ جَنَجارِ = (اصل لفظ آهي جنجال) پنهنجو پاڻ کي ڏک ۾ وڃوڙي واري فکر ۾.
- جِمَر = جيئن، متان.
- وَڃني (وڃنئي) = هو وڃن، هو هليا وڃن.
- اوهَرِي = (مصدر اوهرڻ) (س: اَپسرڻ، اپ = پري+ سرڻ = وڃڻ) = هڪلڻ، ڪاهڻ = هليو وڃن، هو هليا وڃن.

هن بيت ۾ شاعر شاهہ لطيف وڻجاري جي وني يا پيڙياتي جي

- وجنئي اوهري = معنيٰ اڳ ۾ ڏني ويئي آهي.

هن بيت جو مطلب ۽ بيان پهرئين بيت جو پڙاڏو آهي. ان جي بيان کي هن سان لاڳو سمجهڻ گهرجي.

پَڳَهہَ پَاسي وَيهہُ، آيل! سامُونڊين جي
تون ويسري وک کٽي، هو پوريندءِ پَرڏِيهہ
سمونڊُ جِنَ ساٽيهُ، ڪوهہ نہ ويئيينءَ اُن سَين.

(دا - 2_ ب 3)

- ويهہ = (مصدر ويهڻ امر حال ويهہ) ترس، تيٖ انتظار ڪر، گهار.
- ويسري = سستي واري، بي فڪري، بنا اون جي.
- ويسري وک کٽي = بي فڪري سان هلڻ ڪنهن ڳالهہ جي اون يا چنتا يا اوسيئڙو نہ ڪرڻ.
- پوريندءِ = (مصدر پرڻ = هلڻ، وڃڻ پوريندءِ اسم حاليہ) هليا ويندءِ اسهي ويندا. ويندا هليا.
- پرڏيهہ = (پر = پراڻو، پيو، ڏاريو + ڏيهہ = ملڪ) = ٻئي ملڪ ڏورانهين ديس.
- پوريندءِ پرڏيهہ = هو ٻئي ديس هليا ويندا. ٻئي ملڪ هليا ويندا پنهنجا جهاز هاڪاري پرڏيهہ هليا ويندا.
- ساٽيهہ = پنهنجو ملڪ پنهنجو ديس، پنهنجو وطن.
- سموندجن ساٽيهہ = جن سمونڊ کي پنهنجو ملڪ بنايو آهي. پنهنجو وطن بنايو آهي. يعني سدائين سمونڊ ۾ هلندڙ آهن سفر ڪندڙ آهن.
- ڪوهہ نہ = ڇو نہ، ڇا جي ڪري، ڇالاءِ، ڪهڙي سبب .

سمونڊ جي سفر تان موٽي ايندڙ ساموندين/ ٻيڙياتن پنهنجن ٻيڙن/ غورابن جا جيڪي/ جنهن هنڌ تڙن جي ڪناري سان پڳهہ هنيا آهن انهن جي پر سان تون رهہ انهيءَ لاءِ تہ توکي انهن ساموندين جي اوچتي سفر وڃڻ جي سڌ سما پئجي سگهي.

تون خبر هوندي تہ بي فڪر ۾ بي اونو تي پئي هلين توکي اها پُل آهي يا پُل نہ پوي تہ هو ڪو جڏهن پڳهہ ڪٽندا تہ توکي ٻڏائيندا. تون ويسلي ۾ بي فڪر هوندئين هو پنهنجي ٻيڙن جا پڳهہ ڪٽي پرڏيهہ روانا ٿي ويندا. ٻئي ديس هليا ويندا.

انهن ٻيڙياتن سمونڊ ۾ هلي هلي ان ڪي جهڙوڪر پنهنجو ديس يا وطن بنائي ڇڏيو آهي. جن پنهنجي سڄي حياتي سمونڊ جي سفر ڪي ارپي/ حوالي ڪري ڇڏي آهي. توکي انهن سان وڃڻ گهرجي محبت جي، رفاقت جي زندگي جي گڏ هئڻ جي، تقاضا اها آهي، تہ توکي انهن سان گڏ سفر ۾ وڃن گهرجي. تون انهن سان ڪهڙي سبب نہ وئي آهين، هن بيت ۾ شاعر وڻجاري جي وني/ ٻيڙياتي جي ٻائي/ زال کي رفاقت جي يادگيري ڏياريندي ان سان گڏ اهو سوال پڻ ڪري ٿو تہ ڪهڙي ڳالهہ هئي ڪهڙو سبب هو ڇا انهي سماج ۾ گڏ سفر جو رواج نہ هو يا ڪن خطرن جي ڪري وڻجارا پنهنجي ونين کي ساڻ وٺي نہ ويندا هئا جي پنهنجن پيارن جي فراق ۾ اوسيئڙي ۾ پيون جهڄنديون ياد ڪنديون انتظار ۾ هنجون هارينديون هيون .

اينــــدينءَ تــــان آءُ، هَٽِـــي هَـــٿُ پَڳَهـــ ۾
لَڳِــي واءُ ســواءُ، سِــڙَهہ ســانباهي نــہ ســهي.

*(دا - 2 _ ب 4)*

- اينديءَ تان آءُ = چين تہ اَچ وڻجاري/ ٻيڙياتي جو پنهنجي گهر واري/ محبوبہ کي هلڻ جي آچ ڪرڻ هلين تہ هل.
- هٽي هٿ پڳهہ ۾ = پڳهہ واري رسي کي هٿ ۾ جهلي اچ.
- واءُ سواءُ = قرندو واءُ ڪنهن مهل ڪهڙو تہ ڪنهن مهل ڪهڙو ابتو، سبتو يا اٽائو سٽائو واءُ.
- سڙهہ = هن جي معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- سانباهي = (مصدر سانباهڻ/ سانبهڻ = ٺاهڻ تيار ڪرڻ) = سڙهہ جي

چاڙهڻ جي تياري ڪرڻ.

هن بيت ۾ وڻجارو/ ٻيڙياتو پنهنجي ونيءَ کي چوي ٿو ته اسان هلڻ
ارا آهيون توکي جيڪڏهن اسان سان گڏ هلڻو آهي ته اچ هن پڳهه جي
سي کي جهلي مٿي چڙهي آءُ. اسين سڙهه جي سانباهڻ يعني ان جي اپي
ڪرڻ يا کولڻ جي تياري ۾ لڳل آهيون چو ته واءُ ڪو سٽائو ڪو نه پيو
ڳي، منجهيل واءُ آهن ڪنهن مهل هن پاسي جو ته ڪنهن مهل هُن پاسي
جو ان ۾ سڙهه انهي هوا کي جهلي سگهي ٿو يا نه. چو ته ٻيڙي جي هاڪارڻ
ر واءَ جي سٽائي هجڻ جي وڏي ڳالهه هوندي آهي.

وانءُ وَهلـي نِڪَـرِي، نَنَگَـر جَـان نـه ڪَـٽِـنِ*
مَتـــان ڏُور وَجَـــنِ، نـــارِيُون پُـــوري ناڪُـئَـــا

(دا - 2 _ ب 5)

- وانءُ = (مصدر وڃڻ امر وڃ ان جي بگڙيل لاڙي لهجو وانءُ) جيئن اصطلاحي طور چيو ويندو آهي نه وانءُ تي ويو معنيٰ ته خبر ئي ڪا نه پئي واءَ وانگر تي ويو هت وانءُ جي معنيٰ آهي ”وڃ“.
- وهلي نڪري = وهلي لفظ هلڻ مان نڪتل آهي جيئن هليو، امر هل ۽ هلي نڪري جو مخفف آهي وهلي = تڪڙي، تکي، وهلي نڪري = تڪڙي هلي پهچ.
- ننگر (لنگر) = اهو رسو جنهن سان پڳهه ۾ ٻيڙو ٻڌل آهي.
- ننگر جان نه ڪٽن = لفظ جان = اهي، اهي ننگر نه ڪٽن جيستائين ٻيڙا بيٺا آهن ۽ ناڪئن انهن جا پڳهه اجا نه کوليا آهن. لنگر اجا نه کنيو آهي.
- متان ڏور وڃن = اهي وڻجارا/ ٻيڙياتا) پري نه هليا وڃن .

---

* انصاري صاحب انهي بيت کي هن طرح ڏنو آهي:
ننگر جان نه ڪٽن، ونءُ وهلي نڪري
مڃڻ ڏيهه وڃن، ناڙيون پوري ناڪئا،
ان کان اڳ بيت 3 ۾ ساٿيهه کي ساڙيهه ڪري لکيو ويو آهي.

۽ وڇوڙي سبب ماري وجهندو.

- پرهه سور پرين جا = پرهه جو ساجهر جيڪي سڄڻ روانا ٿي ويا آهن. انهن جي فرقت ۽ جدائي جا اهي پرهه وارا سور مون لاءِ ڏاڍا ڏکيا آهن.

ڏياري ڏني يعني ڏياري جو مهينو شروع ٿيندي ئي وڻجارن سفر جو سانباهو شروع ڪيو. انهي سفر جي تياري وڻجاري جي وني جي دل ۾ ڪئين وسوسا ۽ وهم پيدا ڪري وڌا ڇو ته وڻجاري کي وڇوڙي ۽ جدائي جي ڏينهن ۾ پرين جي جيڪا پچار ۽ ياد جو تصور هو انهي هن کي ايترو ته هيل متوالو ڪري وڌو جو هنجون هاري زارو قطار روئي ونجهه ۾ ور وجهي ليلائڻ لڳي ته اهو وڇوڙو ۽ فراق ماري جي مثال آهي ۽ مون کي اها جدائي جيڪا سامونڊي سڄڻن کان پئي ٿئي ۽ پرين جا اهي پرهه سان وجڻ وارا سور منهن جي بدن ۾ سيسڙاٽ وجهي ماري وجهندا اهو ڳاراٽو مون کي ماري ڇڏيندو.

لطيفؒ هن بيت ۾ جتي سامونڊين جي سفر جي نشاندهي ڪري ٿو اتي انهن مسافرن سفر تي ويندڙ وڻجارن ۽ ٻيڙياتن جي ونين جي وڇوڙي جي ڪيفيت ۽ انهن جي اندر جي اتساهه ۽ پنهنجي ورن جي ورونهه جي جيڪا چترڪاري ڪئي آهي اها بي مثال آهي پڙهندي لطيف قاري کي پاڻ سان گڏ ڪٺي اهو نينهن ڀريو وڇوڙي جو نظارو ڏيکاريندو نظر اچي ٿو جنهن سان اندر واري انسان جي روح کي جهوٻو اچيو وڃي.

ڏِنــي ڏِيــاري، ســامُونڊين سِـڙَهه سَــنباهِيا
اُن کـــي منـــد اُتـــر جـــي اوچِتـــي آئـــي،
وَڻجــارَنِ وائِــي، آهــي پَــريين پــارَ جِــي
(دا - 2 ـ ب 9)

- اُن کي = انهن کي يعني سامونڊين کي وڻجارن کي
- مند اُتر جي = اتر جي هوا لڳڻ واري موسم جنهن جي لڳڻ سان سيارو شروع ٿي ويندو آهي.

- اوچتي آئي = ائين اچانڪ اوچتو اتر جو واءُ وري پيو.
- وڻجارن وائي = وڻجارن ڪي وات ۾ اهائي وائي ۽ ڳالهه آهي تہ اتر وريو هاڻي سفر جو سعيو ڪجي.
- پريين پار جي = پري سفر تي وڃن جي سمونڊ جي سفر جي

ڏياري ڏٺي يعني ڏياري جي مهيني جو چنڊ ڏٺو ساموندين پنهنجي پرڏيهہ وڃڻ جي سفر جي تياري شروع ڪئي ان لاءِ هنن ٻيڙن جيَ سڙهن جي صحيح هئڻ جو سانباهو ڪيو ان جي بهتر طور ٺهڻ جي تياري ڪئي. ڇو تہ اتر جو واءُ اوچتو ئي اوچتو لڳي پيو منڊ منجي ويئي اتر جي واءَ ۾ سمونڊ ۾ ٻيڙن جي هاڪارڻ ۽ هلڻ جي سولائي ٿيو پوي.

انهن وڻجارن/ واپارين ڪي جن جي گذر جو سڄو مدار انهي سفر جي ڪاروبار تي آهي انهن ڪي اهائي وائي وات آهي تہ پريين پار/ پرڏيهہ هلڻ لاءِ واپار لاءِ ڇا ڇا ڪٽي وڃجي ۽ ڪهڙو ڪهڙو سٽ ۽ سامان ڪٽي وڃجي جنهن جي اتي گهرج ۽ کپت آهي هنن ڪي اهائي ڳالهہ منهہ آهي.

تِــي ڏيـاري ڏِيــٺِ، ڍَوليـو هَلَــڻ جــي ڪَــري
تڪِئـو پَنهنجـي مَڪُـرِي، چيـتـي چَڱـيءَ چـي
رُئان رَهـنِ نــہ سُپرين، جَان ڪِـين جَهلِيان بيـٺَ
مُــون سِـين ڪَــري مِيــٺِ، سُــڄَڻ سَــفَرَ هَلِئـا

*(دا - 2ـ ب 10)*

- ڏياري ڏيٺ = ڏياري جي مهيني جو چنڊ ڏٺو.
- ڍوليو = (ڍول) بت بيهڪ ۾ سهڻو. ڍوليو = دل گهريو دل ڪي وڻندڙ، سهڻو محبوب، ڍولڻ.
- مڪئو پنهنجي مڪري = پنهنجي ٻيڙي ڪي پيو مڪ ڏي ٻيڙين وارو خاص تيل جنهن تي سمونڊ جو پاڻي اثر نہ ڪري اهو پيو هڻي.
- چيتي = خيال سان، چڱي طرح سان چيتي، پوري ريت سنڀالي هئي.
- چيٺ = (مصدر چيٺڻ = جاچ جونچ ۽ خيال سان ڪم ڪرڻ) خبرداري

۽ خيال ڪرڻ، پوري ريت سان سنڀال ڪرڻ.

- جان ڪين = انهن جي، انهين جي.
- بيٺ = چيلهه سان ٻڌل سندرو يا ڪمر پٽو.
- جهليان بيٺ = انهن ڪي چيلهه واري ٻڌل سندري ڪان جهليان سو گهو ڪريان.
- مون سين = مون ساڻ، مون سان.
- ميٺ = مٺيون، مٺيون ڳالهيون ،پريت ۽ محبت وارا ٻول.
- سڄڻ = سي دل گهريا، سچايون ڪندڙ.

جيئن ئي ڏياري جي مهيني جو چنڊ ڏٺو، منهنجي محبوب ڪي پنهنجي سفر جي تات هئي ڪنهن مهل پنهنجي ٻيڙي ڪي پيو مک ڪري ۽ ان ڪي سيني پاسن ڪان پيو جاچي، سنڀالي ته ڪٿي ٽوٽ ڦوٽ يا گهٽتائي ته ڪا نه آهي. هر وقت پنهنجي ٻيڙي جي چڱي ريت پيو سنڀال ڪري مون ڪي انهي ڳالهه جو انديشو ئي ڪو نه هو ته ڪو ائين سفر لاءِ سنبهندو. آئون سندن لاءِ رئان رڙان پئي پر هو پنهنجي سفر تي وڃڻ واري ڳالهه تي قائم رهيو. هاڻي مون لاءِ سواءِ انهي ڳالهه جي ٻيو ڪو رستو ڪو نه آهي ته آئون هن جي چيلهه ۾ ياڪر پائي لڙڪي پوان، جئن ڪيس سفر لاءِ سندرو ٻڌل آهي. يا انهي ڪمر بند ۾ ڇهتي پوان، مون جڏهن سندس سفر تي اسهڻ ۽ ويڇوڙي جي ڳالهه ڪئي. منهنجي انهي ڳالهه تي هن مون ڪي دم دلاسا ڏنا ۽ ڏاڍايون پيار ڀريون ڳالهيون ٻڌايون ائين اهي سٺيون ڳالهيون ٻڌائي منهنجو سڄڻ منهنجو ساٿي پنهنجي سفر تي روانو ٿي ويو.

لطيف پيار جي انهي رشتي ڪي جيڪو ور ۽ وني ۾ سماجي زندگي ۾ هو جنهنجو وفا شعاري ۽ وفاداري سان گڏ هڪ اهڙو اتساهه ۽ محبت جي احساس جي باليدگي نظر اچي ٿي جنهن ڪي عشق سان تعبير ڪجي ته بجاءِ آهي. دنيا ۽ رسومات تحت وڻجاري جي پنهنجي روزگاري ۽ واپار لاءِ سمونڊ جو سفر ڪرڻ هڪ ضرورت ۽ مجبوري نظر اچي ٿي ان سان گڏ

سنڌ ڌرتي جي ماڻهوءَ جي پنهنجي ڏيهہ کان ٻاهر نڪري پرڏيهہ پڌارجي ڪمائڻ ۽ وري موٽي پنهنجي جوءِ ۽ ماڳ پهچڻ اهو هتان جي ماڻهوءَ جي حوصلي کي ظاهري ڪري ٿو. ان سان گڏ اهو بہ محسوس ٿئي ٿو تہ انهن وڻجارن جون ونيون ۽ ٻيڙياتن جون ڀِڳڻ پايون پنهنجي ورن لاءِ اهڙي محبت رکنديون هيون جنهن کي عشق سان تعبير ڪجي تہ بجاءِ آهي سندن زندگي پنهنجي ور ۽ گهر جي امانت ۽ سهاڳ جي تابوتي سان مزين نظر اچي ٿي. لطيف پنهنجي ڪلام ۾ انهي منظر ۽ انهي احساس جي جيڪا چترڪاري ڪئي آهي اها لازوال حيثيت رکي ٿي. وڻجاري جي وني جي محبت ۽ وڇوڙي جي جذبن جي وڏي ترجماني نظر اچي ٿي.

ڏِتــــي ڏِيــــاَري، سَــــجَڻ سَــــفَرَ هَليــــا
پــــايو پانــــدُ ڳِچــــيءَ ۾، زور ڪريــــان زاري
ڪــــانُ هٽِــــي ڪــــارِي، وِئــــو وَڻجِــــارو اوهَــــرِي

(دا - 2 - ب 11)

- پايو پاند ڳچيءَ ۾ = (پاند ڳچي پائڻ اصطلاح) = تمام گهڻي آزي نيازي ڪرڻ ڳچي ۾ پلئو وجهي منت ڪرڻ.
- زور ڪريان زاري = آزيون نيزاريون ڪرڻ، ليلائڻ احساس ڏيارڻ
- ڪانُ = تير، محبت ۽ وڇوڙي ي فراق وارو ڪانُ.
- ڪاري = اهو ڏک جنهنجو وڏو وڻاهہ يا زخم ٿئي.
- ڪان هٽي ڪاري = وڻجارو وڇوڙي جو اهڙو ڏک هٽي ويو آهي. جنهن جي ڦٽ جا چاڪ پيا چڪندا ۽ ان سور جون سوڻون انهي ياد کي پيون تازو ڪنديون.
- وئو وڻجارو اوهري= اهو وڻجارو ٻيڙي تي/ جهاز تي سمونڊ جي سفر تي هليو ويو.

هن بيت ۾ اهو ساڳيو منظر ۽ مطلب سمايل آهي جنهن کي اسان بيت نمبر ڏهين ۾ بيان ڪيو آهي. البتہ شاعر محبت جي ڪان کي ۽

جدائي جي گهڙين جي گهاون کي نهايت سهڻي نفسياتي انداز ۾ پيش ڪري وڻجاري جي وني جي مختلف روين جي ترجماني ڪئي آهي. پاند ڳچي ۾ پائي وڻجاري جو ور آڏو آزي ۽ نيزاري سان نير واهي سفر تي نه وڃڻ لاءِ ستائڻ ۽ جيب منظر پيش ڪندڙ آهي. ور جي وڇوڙي کي وني ڪارو ڪان تصور ڪري ٿي محبت جي قياس ۽ جيءَ جي جڙيءَ جو اڻ ملهيو مثال ۽ منظر آهي جنهن ۾ شاعر مشاهدي ۽ بلند خيالي کي وڏي نزاڪت سان پيش ڪندو نظر اچي ٿو.

تَئا ڏِيارِي ڏِينهَہ سامونڊين سَفَرَ جِي
مُون سِر اُنا جيڏيُون سَندَا مُحبَتَ مِينهَہ
ڪَيَس نِماڻِي نيهَہ، ڪاري ڪِيڙائن جِي

(دا - 2 - ب 12)

- تيا ڏياري ڏينهه = هن جي معنيٰ ڏني ڏياري هيٺ ڏنل آهي.
- سامونڊي = سمونڊ ۾ سفر ڪندڙن کي.
- سفر جي = اسُهڻ جي سفر تي وڃڻ جي.
- مون سر = مون تي، منهنجي جند جان تي، وجود تي.
- اُنا = وٺا، وسيا مينهن جي وسيا.
- سندا محبت مينهه = محبت جا مينهه جن ۾ وڇوڙو سمايل هو اهي منهنجي وجود تي وسي پيا.
- ڪيس = مون کي ڪيو.
- نماڻي = غمگين، اڪين مان (نمر) نير/ لڙڪ وهائيندڙ.
- نيهه = محبت، عشق.
- ڪيس نماڻي نيهه = مون کي محبوبن جي محبت ۽ عشق نماڻو ڪري وڌو.
- ڪاري ڪيڙائن جي، ڪارو ڪيڙيندڙن سمونڊ ۾ واٽون ناهي سفر ڪندڙن جي محبت ۽ اڪير جيڪا عشق جي تير جيان آهي انهي مون

کي نماڻو ڪري وڌو.

هن بيت ۾ به شاهه صاحب ڏياري جي ڏسندي وڻجاري جي وڃڻ جي تياري جي ذڪر سان گڏ ان جي وني جي محبت ۽ اتاهه پيار، جيڪو عشق جي صورت اختيار ڪري ويو آهي انهيءَ جي اڏمن ۽ اولاڻن وڻجاري جي من کي جيڪو وياڪل ۽ نراس ڪري وڌو آهي. ان جو اظهار هو جن لفظن ۾ ڪري ٿي يا شاعر انهيءَ ڪان جيڪي لفظ ادا ڪرايا آهن. انهن ۾ محبت جي ميخ جي ۽ قرب جي ڪنڍي جي جيڪا تصوير چٽيل آهي. شاعر ڦوڙائي ۽ فراق وارن روين کي جن ۾ دک ۽ درد سمايل آهي انهيءَ کي محبت جي مينهه سان تعبير ڪري عشق جي آڙاهه جي جر ۽ ڄيين کي نزاڪت بخشي محبت جي سهپ سان سينگاري ڇڏيو آهي. ۽ نيهه جي ناوڪ ڪاڏل کي نماڻو بنائي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ احساس جي اها شدت، باليدگي ۽ سيتلتا سمايل آهي. جيڪا انساني روح کي جهوڙي ڏيئي انهي نظاري ڏانهن ڇڪي وني وڃي ٿي ۽ قاري انهي کي ڪيفيت کي پنهنجي ڪيفيت محسوس ڪري ٿو.

پَرڏيهه پُورِيائونُ، سامونڊين سڙهه سَنباهِيا
مان تَنڻَ مارِيائُون، پاڻا وِجهي گونڌرين

(دا - 2 - ب 13)

- پرڏيهه = (پر= پراڻو)، ٻيو+ ڏيهه = ملڪ) ٻيو ملڪ ڌاريو ملڪ پرديس.
- پوريائون = (مصدر پرڻ = هلڻ، وڃڻ، روانو ٿيڻ) روانا ٿي ويا هليا ويا.
- پرڏيهه پوريائون = ڌارئي ملڪ، ٻئي ديس، پري واري ملڪ روانو ٿي ويا. پرڏيهه وڃڻ جو قصد ڪيائون.
- مان تڻ = مون کي، منهنجي تن کي.
- پاڻان = هيڪاري، وڏيڪ ويتر.

هن بيت جي معني ۽ مطلب کي اڳئين بيت نمبر 12 جي سلسلي سان

ڪيل بيان ۾ ڏسڻ گهرجي. هي بيت، انهي ڪيفيت سان لاڳو آهي، جنهن مان وڻجاري پنهنجي ور جي وڇڻ تي گذري ٿي ۽ ان جو اظهار ڪري ٿي، شاعر ان ڪيفيت جو بيان ڪيو آهي.

ڪـارو جـي ڪيـڙين، سـيئي مُنهنجـا سُـپرين
رُئـان رَهَـنِ نـہ لِـڪَ سين جهليـانَ جَهل نـہ ڏِيـنِ.
وِرِهَـہ ويـڌَ ڪـرين، آيَـلِ ! سـامونڊين جـا

*(دا - 2ـ ب 14)*

- ڪارو جي ڪيڙين = سمونڊ ۾ سفر ڪن، سمونڊ ڪي سفر هيٺ آڻين سمونڊ مان رستا ڳولهي لهن.
- لڪ = ذرو، تورو اڻ لکو وقت.
- لڪ سين = ذري ڪن جيترو، تورو وقت.
- جهليان جهل نہ ڏين = آئون وڇڻ کان روڪيان پر هو نہ رڪجن تہ رهن نہ مڃين.
- ورهہ = غم، ڏک، جدائي، وڇوڙي وارو ڏک.
- ويڌ = (مصدر ويڌن = سور ڏاڍايون، تڪليف ويڌ امر حال.
- ويڌ ڪرين = سور تڪليفون ڏين ڏاڍا ڏک ڏين.
- آيل ! = اي منهنجي ماءُ.

وڻجاري جي وني پنهنجي ماءُ کي يا وڻجاري جي ماءُ کي ٻڌائي ٿي تہ جيڪي سمونڊ جو سفر ڪن ٿا اهي ئي منهنجا پيارا پرين آهن. انهن جي وڇڻ تي مون ڏاڍو رُنو پر لڪ ساعت نہ تر سيا. ڪافي جهليم سفر تان روڪيم پر نہ رهيا. انهن پرين جي وڇڻ جي غم مون کي ڏاڍي تڪليف پهچائي آهي. اهي جدائي جا سور مون تي ساڻيهڙو ڪري وري ويا آهن.

وئـا اوهَـري او، مـون کـي ڇـڏي مـا ڳَهين
جُڳِـن جـا جُـڳ ٿئـا، تِـئـان نـہ موٽيـو کـو
ڳُونــدَرُ مارِينــدو، ويچــارِيءَ وِئَــنِ جــو

(دا - 2 – ب 15)

- وڻا اوهري او = اهي روانا ٿي ويا، اهي سفر تي هليا ويا.
- ماڳهين = هن ماڳ تي، بلڪل هتي ڇڏي ويا.
- جڳ = وقت، زمانو.
- جڳن جا جڳ ٿيا = ڪئين ورهيہ گذري ويا، ڪافي سمو گذري ويو، وڏو وقت گذري ويو.
- ٿئان = ٿتان، اُتان، انهي هنڌان، ان جاءِ تان.
- نہ موٽيو ڪن = ڪو ڪو نہ موٽي آيو.
- گوندر = غم، ڏک، وڇوڙي وارو غم.
- گوندر مارين‍دو= اهو وڇوڙي وارو غم ماري وجهندو ماري ڇڏيندو.
- ويچاريءَ = ويچار ڪرڻ واري الڪو ڪرڻ واري وڻجاري.
- وئن جو = جيڪي ويا هليا.

لطيفؒ جو هي بيت جتي سامونڊي جي وني جي ذڪر سان لاڳاپيل آهي اتي هي بيت پنهنجي اندر وڏي معنيٰ رکي ٿو. جنهن لاءِ ڪٿي چئجي تہ شاعر هن ۾ انسان جي هتان الوداعي جو ذڪر ڪندي اهو ٻڌائي ٿو تہ هن جهان کي هن دارفاني مان وڃڻ وارا پنهنجي آخرت/ آخري سفر تي روانا ٿي ويا ۽ مون کي يعني اسان کي هن جهان ۾ ڇڏي ويا اهي قربن پريا قريب اهڙي ماڳ هليا ويا آهن. جتان ڪئين زمانا گذري ويا تاريخ جا دور وري ويا جنهن لاءِ شاعر ”جڳن جا جڳ ٿيا“ جو استعمال ڪيو آهي. ڪو واپس نہ آيو ڪنهن بہ اُتان جي ڪا خبر ڪا نہ ڏني آهي تہ ڇا وهيو واپريو. انهن پيارن جي وڃڻ واري غم اهڙي جهوري جي صورت اختيار ڪئي آهي جو اهو غم ۽ وڻاهہ جهڙوڪر ماري وجهندو.

اونهيــــن ۾ اوهَـــرِي، جَـــڏهِن جـــي وِئـــا
ســـانڊِ اري سَـــمُونڊ جـــي نِهـــوڙي نِئـــا

وَڃِــي تــتِ پيــا، جِــتِ نهايَــتَ ناهِــ ڪــا.

(دا - 2 ـ ب 16)

- اونهين = تانگهي پاٽي کان اڳتي ڪليل سمونڊ جي گهرائي، اونهائي
- اونهري = معنيٰ اڱ ۾ ڏنل آهي.
- جڏهين = جنهن وقت، جنهن مهل.
- جي وئا = جيڪي وئا.
- سانداري = سمونڊ جي پيٽ.
- ٭نهوڙي = مصدر نهوڙڻ (س: سنتو دن، نہ = نہ، چڱي طرح سان سود = رهڻ مارڻ) = ناس ڪري ختم ڪرڻ.
- نهوڙي نئا = ناس ڪري ڇڏيا، ختم ڪري ڇڏيا.
- تت = تتي انهي جاءِ انهي هنڌ، ماڳ.
- جت = جتي جنهن هنڌ جنهن ماڳ.
- نهايت ناهہ ڪا = جنهن ماڳ جو ڪو بيان ڪري نٿو سگهجي حيرت جو عالم.

هي بيت بہ بيت پندرهين جي معنيٰ ۽ مطلب سان لڳي ٿو. ليڪن لطيف هت انسان جي هتان گذر ڪري جنهن ٻئي عالم يا جهان ۾ وڃي ٿو ان کي لطيف سمونڊ جي سانداري سان تشبيهہ ڏئي ٿو انهي عالم جو سمونڊ جيان ڪو ڇيهہ ڪو نہ آهي. انسانن جا ارواح عالم ناسوت مان نڪري هڪڙي اهڙي عالم ۾ وڃي پيا يا مڪين ٿيا جنهن جو ڪو ذڪر ڪري نٿو سگهجي. ان جو ڪو بيان نٿو ٿي سگهي. لطيف انهي عالم کي نهايت جي عالم سان تعبير ڪري ٿو جيڪو حيرت جو مقام آهي جنهن جو ادراڪ ڪري نٿو سگهجي. لطيف جي شاعرانہ اناالحق ۽ اتوائي ڪيفيت جو وڏو مقام نظر اچي ٿو. جنهن ۾ لطيف عالم حيرت جي ڳالهہ ڪري ٿو فرمائي ٿو تہ ”وڃي تت پيا، جت نهايت ناهہ ڪا“ يعني انهي مقام جي ڪا توجيہ يا تمثيل ڏيئي نٿي سگهجي.

اُنهـــين ۾ اوهَـــري، جـــڏهِن وئـــا جـــي
مَـوتِي مـاڳ نـہ آئِيـا، مـاءِ! سـاموندي سـي
كـارَو تَنِـيَ كـي، جـيكـس وَئـو وري وئـو

(دا - 2 ـ ب 17)

- اُونهين = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- اوهري = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- جڏهن جي وئا = جنهن وقت جيكي وئا، جنهن مهل روانا ٿي ويا جڏهن هتان هليا ويا.
- موٽي ماڳ نہ آيا = وري پنهنجي اصل جاءِ تي نہ وريا/آيا.
- ماءِ!= اي منهنجي ماءُ.
- ساموندي سي = اهي ساموندي جيكي پيڙن ۾ روانا ٿي ويا آهن/ ٿيل آهن.
- كاروتني كي = انهن كي سمَوند جو كارو پاڻي وٺي ويو.
- جيكس = شايد، غالبا =، جيكر تہ.
- وهہ وري ويو = سمونڊ جو چاڙهہ يا اٿل وري ويئي، انهي چاڙهہ جي لپيٽ ۾ اچي ويا.

هي بيت بہ اڳئين ٻنهين بيتن بيت 15 ۽ 16 جي معنيٰ ۽ مفهوم جي دائري ۾ اچي ٿو. جنهن ۾ شاعر هڪ طرف انهن ساموندين جي نہ ورڻ جي ڳالهہ كري فنائيت جي ڳالهہ كري ٿو تہ انهن عالم فنا ۾ پنهنجي بقا تصور كئي ۽ فنائيت جي مقام تي پنهنجي وجود جي نفي سان انهي عالم نهايت جي سمونڊ ۾ سمائجي ويا.

اونهـين وئـا، نـہ ورئـا، آئـون تنهـہ مـاري ويـڻ
كـري سـامُوندي سِـيڻَ، جُسـي جـارُ پرائيـو

(دا - 2 ـ ب 18)

- نہ ورئا= (مصدر ورڻ = موٽڻ، وري اچڻ نہ ظرف انكاري) = نہ موٽئا

جيڪي اونهين ۾ ويئا انهن ڏانهن اشارو.

- آئون = مان، پنڊ، پاڻ (ضمير متڪلم).
- آئون تنهه ماري ويڻ = تنهه = انهي، ان ڳالهه. ويڻ = اوپالو، ان ڳالهه، مون کي ان اوپالي واري ڳالهه ماريو.
- سيڻ = مٽ، ول گهريا، سيبائيندڙ عزيز.
- جُسي = جند، جان، جسم.
- جارُ = سور ڏک، تڪليف.
- جسي جارُ پرايو = منهنجي جند اهي سور ۽ ڏک پرايا ان کي اهي سامهون آيا.

وڻجاري جي وني/ ٻيڙياتن جي ٻائي، محبوبہ زال چوي ٿي تہ جيڪي اونهين سمونڊ ۾ سفر تي ويا هليا ۽ اجا تائين نہ وريا آهن. موٽي ماڳ نہ آيا آهن. انهي ڳالهه مون کي ماري وڌو آهي. مون ساموندي سيڻ ڪري يعني انهن سان نيهه اڙائي، مٽي ڪري پنهنجي وجود لاءِ پنهنجي جند جان لاءِ ڏاڍو ڏک ۽ تڪليف پرائي آهي.

جي اوهَرِئم اُجُ، سي ڪَڏَهِن ايندا مان ڳري
پريان جي هُن پارَ ڏي، وڃي ڏَنئڪي ڏُجُ
سَامُونديڪو ڏَنجُ، ماءُ مارينديمُ ڪَڏَهِين

(دا - 2 _ ب 19)

- اوهرئم اج = منهنجا اهي اج سمونڊ جي سفر تي روانا ٿيا.
- مان ڳري = منهنجي گهر، مون وٽ (ڳري = ڳلي لڳڻ) مون وٽ گهر ايندا ۽ آئون ڳلي لڳنديس.
- پريان جي = پرين جي، دل گهرين جي پيارن جي.
- هن پار = هن پاسي، هن طرف.
- ڏونئڪي = چمڪي، اُهاءُ ڪري، ڏيک ڏيکاري.
- ڏجُ = ٻيڙي يا جهاز تي سڙهه، جهنڊا، جهنڊيون وانئٽيون ۽ ٻين شين

جي سينگار جو ڏيک ۽ ستاءُ.

- ساموندي‌ڪو = ساموندين جو، سمونڊ ڏانهن ويندڙن جو.
- ڏنجُ = (ڏنجهہ) = ڏک سور، فراق ۽ ڦوڙائي جا سور.
- ماءُ مارينديمر = ماءُ مون کي ماريندا، فراق ۽ ڦوڙائي جا سور مون کي ماري وجهندا.

وڻجاري جي وني پنهنجي ماءُ کي مخاطب ٿي چوي ٿي تہ جيڪي منهنجا ساموندي سيڻ اڄ پنهنجي سفر تي روانا ٿيا آهن اهي خبر نہ آهي تہ ڪڏهين موٽي ايندا ۽ اچي منهنجي گلي لڳندا. يا مون سان ملاقاتي ٿيندا. پرين جي انهي پار جهازن يا ٻيڙن کي جنهن طرح سان سفر لاءِ سينگاريو ويو آهي. انهي سينگار جو ڏيک پنهنجو آهي انهي سينگار جي ڏڄ ۽ ڏماءُ پري کان ڏاڍي سهڻي ۽ موهيندڙ پئي لڳي.

پر منهنجي ماءُ! اهي سڀ ڳالهيون جيڪي واپار تي وڃڻ پنهنجي ڪاروبار جي تياري ٻيڙن جي جوڙجڪ ۽ سهڻي ستاءَ يلي پر وڇوڙي ۽ فراق جو جيڪو وڇ پيو آهي اهو ڏک جيڪو جدائي جو سامهون آيو آهي انهي ڏک ۽ ڏنجهہ جو ويراڳ ۽ گهاءُ اهڙو تہ لڳو آهي جيڪو مون کي ماري وجهندو.

سـامُوندين جـي آنءُ، سُـورَن سِـجهائي،
جيـڏِيُون! جُـدائِي، سَـهان نـہ سُـپرينِ جـي

(دا - 2 - ب 20)

- آنءُ (آئون) = آءٌ، آئون، پاڻ، پند، پنهنجي جند.
- سورن (جمع) سور = ڏک، تڪليفون، آزار، ڏک.
- سجهائي = (مصدر سجهائڻ = ماري وجهڻ، تڪليف ڏيڻ) = ماري وڌي.
- سورن سجهائي = انهن سورن جيڪي پرين جي وڃڻ ڪري مليا انهن سورن مون کي پورو ڪري ڇڏيو، ماري وڌو.
- جيڏيون = سرتيون، هڪ جيڏيون، سهليون، جيءَ واريون.

- جدائي = فرق، ڦوڙائو، پري ٿي وڃڻ.
- سهان = (مصدر سهڻ، امر سهه) آئون سهان، برداشت ڪريان.
- نہ سپرين جي = پرين کان سواءِ.

ساموندين جي سفر تي وڃڻ وارين ياد ڳيرين، سورن تڪليفن مون کي سجهائي ڇڏيو آهي، ماري وڌو آهي.

اي جيڏيون! انهن دل گهرين پرين جي جدائي منهنجي سهڻ برداشت ڪرڻ کان ٻاهر آهي. مون کان اهو سٺو نٿو ٿئي.

سـاموُنڊِي سـارِي، مَتّـيَ تَـڙَ گُـذارِيان،
مُـون کـي ِتـي مَـارَي، اُنِـي سَـندِي ڳـالَهڙِي

*(دا - 2_ ب 21)*

- ساري = (مصدر سارڻ = ياد ڪرڻ، سنڀالڻ، امر سار) = ياد ڪري.
- متي تڙ گذاريان = انهن جي ياد/ انتظار ۾ تڙ تي پئي گذاريان.
- ماري = ختم ڪري.
- اُني سندي ڳالهڙي تہ مون کي انهن ساموندين جي ياد ۾ سارڻ وارين ڳالهين ۾ انهن گفتن جيڪي هو مون سان ڳالهائيندا هئا حال وندبيندا هئا انهن جون اهي ڳالهيون ۾ ياد ڳيريون مون کي مارين ٿيون .

آهِـــين اَســـاري، مَتَـــي تَـــڙَ گُـــذارئين
تـو ڪيـئن وسـاري، سـنگت سـاموندين جـي

*(دا - 2_ ب 22)*

- آساري = (آ = نہ+ ساري = سارڻ، ياد ڪرڻ = وسري بي خبر وساري وهندڙ.
- متي تڙ گذارئين = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- وساري = وساري ڇڏي، بي خبري ڪئي.
- سنگت ساموندين جي = ساموندين جي دوستي انهن جي ياري،

سنگ رهڻ، سنگت.

اي ويسري بي خبر! تون تڙ تي پئي گذارين اتي انتظار پئي كرين
باوجود تڙ تي انتظار ۾ گذارڻ جي تو سامونڊين جي انهي صحبت ۾ سنگ
كي انهي قرب ۾ دوستي كي تو كيئن وساري ڇڏيو جو رڳو تڙ تي پئي
رهين ۾ انهي محبت صحبت ۾ ساءَ كي وساري ويهي رهي آهين، جيك
تو هنن سان قول اقرار كيو هو انهي قول كي انهي واعدي كي نه وسا
جيكو تو پنهنجن پرين سان كيو هو.

آءٌ جَــن آســاري، متــي تَــڙَ گُــذاريان
مُــون كــي وِســاري، شَــال مَ وَجــنِ اوهَــرِي

(دا - 2 ــ ب 23)

- آساري = آسري تي، پروسي تي.
- متي تڙ گذاريان = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- وساري = (مصدر وسرڻ = وسري وڃڻ دل تان لهي وڃڻ) = دل تا لاهي ، يا نه كري.
- شال مَ = متان نه وڃن، هميشه نه وڃن، سدائين نه.

آئون جن جي آسري يا پروسي تي تڙ متي پيئي گذاريان اهي هتا وڃڻ وقت شال مون كي نه وسارين.

هت وڻجاري جي تمنا انهن سان گڏ وڃڻ جي آهي ته شال اهي مو كي پاڻ سان نين ۾ ڇڏي نه وڃن .

سامُونڊِي سَارَي، مــاءُ! مُنهنجــو جنــدَڙو
بَنَــدَرِ وَڻجِــارَي، وَجِــي لَايــا ڏِينَهــڙا

(دا - 2 ــ ب 24)

- ماءُ! اي منهنجي ماءُ.
- ساري = ياد كري.

- جندڙو = منهنجو جيءُ، منهنجي جان، آئون پاڻ.
- بندر = بندر تي پرڏيهه جي ڪنهن بندر تي.
- وڻجاري = وڻج ڪرڻ واري، واپار ڪرڻ واري.
- لايا ڏينهڙا = وڃي ڏينهن لاتا، گهڻو وقت لاتو.

اي! منهنجي ماءُ ساموندي ڪي جيڪو منهنجو ور ۽ ولهو آهي محبوب ساٿي آهي. انهيءَ ڪي منهنجو جيءُ ڏاڍو ياد ڪري ٿو مون ڪي انهي پنهنجي پياري جي ڏاڍي سڪ لڳي آهي.

منهنجي وڻجاري جيڪو واپار سانگي ويو آهي انهي پرڏيهه جي بندر تي ڪافي ڏينهن لاتا آهن. انهن ايترن ڏينهن لائڻ جو سبب ڇا آهي انهي الڪي منهنجي جند ڪي جهوري وڌو آهي.

ســامُونڊِي سَــارَي، مــاءُ! مُنهنجــو جنــدَڙو
ڪــارَڻِ وڻجــارَي، گَهڻَــو اُڪنــدِي آهِيــان

(دا - 2 _ ب 25)

- ڪارڻ = لاءِ واسطي، وڻجاري لاءِ.
- اُڪندي = تانگهه تي آهي، ڏاڍي ياد آئي آهي.

هن بيت ۾ به وڻجاري جي وني جي انهي آلاپ جي جهان آهي جيڪو هو جدائي ۾ ڦوڙائي فراق ۾ جيڪو پنهنجي ور جي وڇوڙي سبب ڪيس درپيش آيو آهي انهي احساس ڪي شاعر بيان ڪيو آهي.

اُهرئــا جئــائين، ڏُڪــن تَــنِ تَــڙَن تــي
ســامُونڊِين ســائِين، واءُ سَــڏائَو وارِيــنِ

(دا - 2 _ ب 26)

- اُهَرِئا = سَفرَ تي رَوانا ٿيا، اُسهيا.
- جئائين = جيئن ئي، جنهن مهل، جنهن وقت.
- ڏُڪن = ڪناري سان ٺهڪن، لنگر انداز ٿين.

- تن تڙن تي = انهن ئي تڙن تي جتان ويئون آهن.
- واءُ سٽائو = سولو واءُ ورڻ وارو واءُ. سٽائو واءُ جنهن ۾ ٻيڙا سولا سوير اچن.
- وارين = آٽيين، لڳائين، ورائي آٽين.

وڻجارا جيئن هنن تڙن تان ٻيڙا ڪاهي سفر تي روانا ٿيا آهن تيئن ئي سندن ٻيڙا وري هنن تڙن تي اچي ڪناري پيڙا ٿين.

اي منهنجا سائين منهنجا رب!! سولو ۽ سٽائو واءُ وار جئن منهنجا ٻيڙياتا تنهنجي ٻاجهہ سان تڙ پيڙا اچي ٿين.

هن داستان ۾ بيت 13 کان وٺي 26 تائين سامونڊي سفر جي سهڻ ۽ سئاءُ جي بيان سان گڏ وڻجارن جي ونين ۽ ٻيڙياتن جي ٻاين/ زالن جي پنهنجي پيارن جي سفر تي وڃڻ جي ڪري انهن کي جدائي ۽ فراق، وروڻهہ ۽ وڇوڙي جا جيڪي ڏينهن پيا انهن جدائي وارن ڏينهن ۾ هنن جي دل تي ڇا گذريو هنن پنهنجن پرين جي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ انهن تڙن تي پيرا ڏيئي ڪيئن گذاريو تہ من اڄ اچن. من ڪٿان ڪو سندن ٻيڙي جي ڪوهي جي ڪُن پوي ڪو سڙهہ جو سرو نظر اچي.

لطيف انهن بيتن ۾ محبت جي نفسيات ۽ عشق جي اُساٽ ور ۽ وني جي تعلق ۽ وڇوڙي پوڻ وارين ڪيفيتن ۽ روين کي وڻجاري جي واتان نهايت دل سوز ۽ دل گدار انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جيڪو انساني پيار جي رشتن ۽ ور وني جي وفاداري کي ظاهر ڪري ٿو. ان سان گڏ اها بہ ڳالهہ نظر اچي ٿي تہ ڪن حادثن ڪري ڪي ٻيڙا نہ موٽيا ۽ انهن جا سافرو سمونڊ حوالي ٿي ويا جن تي ڪارو وهہ وري ويو جن جي موٽڻ جي ڪا اميد نہ رهي انهي رويي کي بہ بيان ڪيو آهي. لطيف جو شاعري ۾ مشاهدي جو عنصر نهايت گهرو آهي ۽ ان سان گڏ هن عظيم انسان ماڻهوءَ جي دل جي انهي ڌڙڪن کي پڻ محسوس پئي ڪيو جيڪا وڇوڙي ۽ وروڻهہ ۾ آلاپ ڪري پرين لاءِ پڃاري ٿي.

## وائي_1

آئين مون کي زور نہ جهليو واري، جيڏيون وو!

آءٌ هلندي هوت ڏي

اونهين وِئا اوهَرِي طَرازُون تاري
مري رهنديس ماڳهين سامنڊي ساري
سُورُ تُنهنجو سُپرِين! مُون مَعذور کي ماري
هاڻ نہ جِيان جِيڏِيون، آءٌ جا کُنيس کوهِياري

- جهليو واري = واري نہ جهليو، ورايو نہ.
- طرازون = ٻيڙيون.
- ماڳهين = هن ماڳ تي، هن جاءِ تي، بنهہ، بلڪل.
- ساري = ياد ڪري.
- معذور = عذر واري، جڏي، نہ هلڻ جهڙي.
- کنيس = مون کي کنو، مون کي ماريو.

جيڏيون، سرتيون اوهين مون کي زور پري نہ ورايو تہ آئون نہ وڃان پر نہ آئون پنهنجي پرين ڏي وينديس ان ڏي هلي ويندس.

اونهين سمونڊ ۾ جيڪي ٻيڙيون ڪاهي هليا ويا آهن.

آءٌ انهن سامونڊين کي ويندڙن کي هن ماڳ تي ساري مري ويندس.

اي سپرين! تنهنجي جدائي جو فراق جو جيڪو سور ۽ ڏک آهي جيءَ ۾ جيڪا جهوري آهي. اها مون معذور کي جڏي کي ماري وجهندي.

جيڏيون منهنجو هاڻ ڪهڙو جئڻ نهي تو جنهن کي پرين پنهنجي محبت سان نيهہ سان کهي هليا ويا آهن.

وائي -2

وِينــــــــــدي آءٌ تَــــــــــنِ وَٽِ
مَــــــون وَهَـــــ وَڻجِـــــارين سِــــين

پَکِهَـ کَـڻُ مَر پـاتَڻِي تـان کَـي مُـون لاءِ جَـتَ
وَايُـــون وڻجـــارن جُـــون، ادَيُـــون اَجُ نـــ هَـــٽَ
ڏيئِـي سِـڙهَ سِـيرَ تِئـا. پَيـرَ نـ لائـون پَـٽَ
پُورِيـنـدَس پـرينءَ ڏي، کـا نـ کَرِينـدَس گهـٽَ
گِرهيَـان سَـورُ سَـفَر جـو، هَلـي پَنهنجَـي اَرٽِ
آيَـلِ! وَڻجِـارنَ جـي سِـرُ پـڻُ ڏِينـدَيس سَـٽِ

- تڻ وٽ = تنهين وٽ، انهن وٽ.
- مون وهہ = منهنجو واهيو، منهنجو لاڳاپو، ناتو، وهنوار، وڃڻ آئون انهن وڻجارن وٽ وينديس جن سان منهنجو نيهہ جو ناتو ۽ ڳانڍاپو آهي.
- پاتڻي = اوپيڙي وارا، پتڻ وارا.
- جت = ترس، بيهہ.
- اي! پاتڻي ٻيڙي جو پکهہ نہ کڻ اهو رسو نہ کول مون لاءِ ترس.
- وايون= ڳالهائڻ، آواز، چوٻول.
- هٽ = دڪان، ڪاروبار جي جاءِ.

وڻجارن جي اڄ ڪا وائي يا آواز هن جاءِ تي ٻڌڻ ۾ ڪو نہ ٿو اچي.

هو سڙهہ سوان ڪري پکهہ ڪٽي سمونڊ جي وچ سير ۾ روانا ٿي ويا انهن پٽ تي ڪو پير نہ رکيو.

آئون پاڻ پرين ڏي هلنديس انهن جي پوئتان ويندس انهي ۾ ڪا ڪا نہ ڇڏيندس ڪا ڪوتاهي يا گهٽتائي ڪا نہ ڪنديس.

- ڳرهيان = بين ڪريان، ڪنهن سان ڳلي لڳي چوان.
- ارٽ = پنهنجي آتڻ تي، پنهنجي گهر.

آئون پنهنجي وڻجارن جي سفر تي وڃڻ ڪري جدائي جو جيڪو

مون کي گهاءُ پهتو آهي سور سريو هي انهي جو حال آئون پنهنجي آتڻ تي ارٽ سن ويهي اورينداس.

آيل! اي مهنجي ماءُ آئون وڻجارن سان ملڻ لاءِ انهن سان ملاقات لاءِ انهن پرين کي پسڻ لاءِ آئون پنهنجي سر ستون ڏيندس هرڪا ڪوشش ڪنديس.

- وايون وڻجارن جون = وڻجارن جي اچڻ جا آواز انهن جي ڳالهه
- جيءُ کي جيارين = منهنجي جيءُ کي جياري ٿي. مون کي خوشي ميسر ڪري ٿي.
- ڪليو ڪيڪارين = ونيون وڻجارن جون پيارن جي اچڻ تي انهن کي خوش ٿي مرڪيو پليڪار چون. آجيان ڪن.
- سيڻ سلامت آئيا = منهنجا پرين، منهنجا سڄڻ سلامتيءَ سان سفر تان موٽي آئيا.

منهنجا ولات ويل وڻجارا پرين موٽي ماڳ آيا آهن. پيرن جي ترڙ تي اڄ انهن جي تنوار ۽ پچار آهي. انهن جي آوازن جا پڙلاءَ ڪنن تي پيا پون.

منهنجن وڻجارن جون اهي گفتگويون ۽ پاڻ ۾ ڳالهاءُ منهنجي جيءَ کي وڏو سهارو پيا ڏين منهنجو جيءُ جئي پيو آهي.

وڻجارن جون ونيون ۽ وهون پاڻ ۾ خوش ٿيو پنهنجن پيارن کي پاڀوهه مان ڪليو خوش ٿيو پليڪار پيئون چون.

**وائي**

هُوءَ جا ويا هَٽي، آءٌ تنهن جَڙَ جَڏي کي
بندَرَ مَتان بَارَ سَي وڻَڙا ڪالهه ڪٽي
سَڙَهَ ڏِيئي سير ٽِئا، چني تَندُ تٽي
سامُونڊي جي سَگ جي هنيين حُبَ گهٽي
لائيندِيسِ لِگَنِ کي سَندِي پير پَٽي

## اُن سِــين عبــداللطيف چَئــي ميڙِينــدومِ ڏَڻــي

هو جيڪا جان ۾ محبت ۽ پيار جي جڙ هڻي ويا آهن انهي لنئون مون کي جڏو ڪري وڌو آهي.

منهنجا وڻجارا پرين بندر تان پنهنجو واپار وارو سامان ڪالهہ ئي ڪڻي ويا.

اهي پنهنجي پيڙن جا سير ۾ پهچي سڙهہ کولي لاڳاپي واري تند ڇڪي روانو ٿي ويا.

انهن سامونڊين جي سگ جي منهنجي هيئنين ۾ ڏاڍي حب ۽ تانگهہ آهي.

آئون پنهنجي لڱن کي انهن محبوبن جي پيرن جي خاڪ مليندس عبداللطيف شاعر چوي ٿو تہ مون کي انهن پرين سان محبوبن سان منهنجو ڏڻي ميڙائو ڪندو مون کي ملائيندو.

# سُر گهاتو

# سر گهاتو

راڳ داري جي بنياد تي سُر گهاتو جي سلسلي سان ڪا بہ مصدقہ لکيت اڄ تائين اسان جي محققن يا راڳ جي ماهرن کي نہ ملي سگهي آهي سواءِ انهي لوڪ داستان جيڪو مورڙي ۽ مانگر مڇ جي قصي سان مشهور آهي جنهن جو بنيادي نڪتو بهادري ۽ بري تي ٻڇ آهي. باقي جنهن حد تائين سرُ سنگيت جو تعلق آهي تہ ”هندستاني موسيقي جي روايت ۾ ”گهاتون“ راڳ جو نالو ملي ٿو. پر اهو سنڌ جي گهاتو راڳ کان الڳ آهي. گهاتون راڳ خاص طرح سان دکن ۾ ان جي اوپر واري خطي جو راڳ آهي جيڪو ”پيلو“ سان ملي ٿو (معدن الموسيقي) سنڌ جي گهاتو راڳ جي شڪل ٻي آهي.*

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انهي بهادري ۽ بري تي ٻڇ جي بنياد تي انهي لوڪ داستان تي پنهنجي شاعري جو رنگ رچيو ۽ انهي شاعري واري بيتن جي سلسلي کي پاڻ ”سرُ گهاتو“ نالو ڏنائون جنهن کي سندن حياتي ۾ راڳائي فقير ڳائيندا هئا ان جي ادائيگي ڪيئن هئي ان تي اسان جا راڳ جا ماهر ۽ محقق پوري ريت روشني وجهي نہ سگهيا آهن تہ هي سرُ راڳ داري جي مشهور ستن سرن مان ڪهڙي سُر جي راڳڻي يا ٺاٺ سان لڳي ٿو. ليڪن محسوس ائين ٿئي ٿو تہ جيئن اسان وٽ خالص سنڌي سر لوڙائو. ڏهر يا مانجهہ وغيرهہ آهن اهڙي ريت سُر گهاتو جي ادائيگي بہ مقامي راڳ جي حيثيت سان هئي جنهن کي شاهہ صاحب واقع نگاري

---

* سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ از جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

جي صورت سان محسوس ڪندي ان کي بيان ڪيو ۽ پنهنجي فقيرن کان انهي سُر کي ڳارايو طنبور جنهن جي ايجاد جو سهرو شاهہ صاحب تي آهي ان جي تارن جي ڇيڙ ۽ ڪلام ۾ لفظن جي موزونيت کي آلاپ جي کهڙي رنگ ادا ڪيو ويندو هو ان جو اندزو شاهہ سائين جي راڳاين جي راڳ جي ادائيگي مان محسوس ڪري سگهجي ٿو. انهي چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ گهاتو مڪمل طور تي سنڌي راڳ آهي ۽ هن جو هندستاني راڳ داري جي سلسلي سان ڪو تعلق نہ آهي. بقول جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي تہ "اڳ راڳائي فقير "شاهہ جي راڳ ۾ سرُ گهاتو ڳائيندا هئا. پر ڪي راڳ ڪجھ وقت نہ ڳائڻ سببان ۽ ڄاڻو فقيرن جي گذري وڃڻ ڪري وسري ويا "وڌيڪ اهو بہ لکن ٿا تہ سن 1959ع ۾ شاهہ جي راڳ تي تحقيق ڪندي مرحوم پير غلام شاهہ راڳائي کان معلوم ٿيو تہ گهاتو، ڪاپائتي، سينهہ ڪيڏارو ۽ بنسبت اهي چارئي سُر وسري ويا ۽ هاڻي "شاهہ جي راڳ" ۾ ڪين ٿا ڳائجن." جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ سائين غلام شاهہ جيڪي شاهہ جي راڳ ڄاڻو هئا انهن جي اهڙي قسم جي اظهار بعد اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ حضرت شاهہ لطيف جنهن راڳ جي سلسلي جو بنياد رکيو ۽ ان کي پنهنجي حياتي ۾ هلايو ان جي تسلسل کي برقرار رکڻ ۾ شاهہ صاحب جي راڳ وارا فقير انهي روايت کي قائم رکي نہ سگهيا ۽ نہ وري اسان جا راڳ داري جا ڄاڻو ۽ محقق انهي امر کي پڌرو ڪري سگهيا آهن تہ گهاتو کي راڳ داري جي کهڙي زمري ۾ آڻجي، اسان وٽ سواءِ انهي امر جي ٻي ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ آهي تہ هي سنڌي راڳ آهي ۽ شاهہ صاحب هن کي سُر جو نالو ڏيئي گهاتو جي نالي سان جيڪي بيت چيا انهن کي هن سُر جي سري هيٺ رکيو ويو ۽ ائين سُر گهاتو "سرُ گهاتو" آهي ۽ بس.

## سر گھاتو اسمن جو احوال

گھاتو، مهراڻ – ماڪ، مولهيا، ونجهہ، اوليون، ڪلاچيان (ڪلاچي) چتيون، ملاحن (جمع) ملاح، ڏنيرا، بازار، چلُرَ، پڙ، ڪُنَ، مڪرا، تريون، مندارن (دڪاندارن)، ريچ، لوهہ، وهٽ، جهڳا، جهول، چاڙون، ڇچ، اوڙاهہ، گهور، مانگر، اڇ، لوح قلمہ، واهڙ، ڪائي، سر، جرُ، سير، ڪيرَ، سانبوهيون، ڪُنڊي، ڪلين، ڏور.

## گھاتو

گھاتو جو لفظ گھات/ گھاتڪ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڪنهن کي مٿان اوچتو حملو ڪري مارڻ. شاهہ لطيف هن سر ۾ مورڙي هٿان مانگر مڇ کي مارڻ جو ذڪر ڪيو آهي. سر جو بنياد انهي واقعي تي آهي. جنهن ۾ لطيف مڇ جي ارهہ زوراين ۽ ڏاڍاين جي انت کي مورڙي هٿان ختم ڪندو بيان فرمائي ٿو. اڳئين وقت توڙي هاڻي بہ شبخون هڻندڙ يا اوچتو حملو ڪري ڦرڻ جا واقعا هڪ معمول بڻيل آهي. گھات هڪ حملي جو طريقو آهي. جنهن سان لڪي بنا ڪنهن خبر پوڻ جي حملو ڪري نقصان پهچائي پنهنجو مقصد حاصل ڪجي پيو تہ ڪنهن ڏڪئي ڪم لاءِ اهڙي ڏڪئي هنڌ وڃجي جتي ڪنهن جي آساني سان پهچ نہ هجي پوءِ اتي جيڪو پهتو تہ چوندا تہ هي تہ ڪو گھاتو مڙس هو جو ڪم ڪري آيو يعني ڏڪئي هنڌ تي ڪنهن کي ڳولڻ واري عمل کي بہ گھاتو چئجي ٿو. مطلب ڏڪيائن کي منهن ڏيئي پنهنجا مقصد ماڻڻ گھاتو ماڻهن جو ڪم آهي.

## مهراڻ

مهراڻ سنڌو ندي کي چيو ويندو آهي آريا ايراني ۽ سٿين قومون جڏهين هن ملڪ تي حملي آور ٿيون تہ سنڌو ندي جي اڄگر وهڪري

چولين ۾ پکيڙ کي ڏسي ھنن سمجھيو تہ ھي ڪو سمونڊ آھي ان ڪري ھنن ان کي نالوئي ”مھرا“ ڏنو يعني وڏو مھا ساگر يا سمونڊ جھڙو اھو لفظ ”مھرا“ مان بدلجي مھراڻ ۾ پوءِ لھجي ۾ مھراڻ تي پيو جيڪو اڄ تائين ھن مھانديءَ جي سڃاڻپ آھي. لطيف ھن لفظ کي سمونڊ لاءِ انھي ڪري استعمال ڪيو آھي. جيئن ”ويا ڳڌجي وير ۾ پيا منھن مھراڻ“ ھي ندي ھماليہ جبلن مان نڪري سترھن سو ميل سفر ڪري سنڌي سمونڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. ھن بابت احوال سرسامونڊيءَ ۾ پڻ ڏنل آھي.

## ماڪ

ھن بابت احوال اسان سُر يمن ڪلياڻ ۾ ڏنو آھي جنھن تہ اھو جلد پھرئين ۾ آھي ھتي انھيءَ کي پڙھندڙن جي معلومات نقل ڪجي ٿو.

ماڪ اصل ۾ ھوا جي بخار جي اھا صورت آھي جيڪا اُسر ڪان پوءِ سج ايرڻ کان اڳ ڏکڻ جي ھوا لڳڻ جي صورت ۾ فضا ۾ گرمي جي پد جي داٻ گھٽ ٿيڻ سبب وڻن جي پنن ۾ پوکن جي پنن تي ڦڙن جي صورت ۾ ظاھر ٿيندي آھي. ڪڏھن ڪڏھين اھا سامونڊي ھوا جي مرطوب ھئڻ ڪري ڪوھيڙي جي شڪل پڻ وٺي ٿي ۽ ماحول ۾ ڌنڌ ڇانئجي ويندي آھي. جيئن ئي سج ايرندو آھي ۽ ان جي روشني وڌندي آھي تہ اھا ڌنڌ ختم ٿي ويندي آھي.

سياري ۾ وري سرديءَ جي لھر سبب ھوائن جي ٽڪراءَ سبب ڪوھيڙو پيدا ٿي پوندو آھي. جنھن ۾ ھوا اندر بخارات ماڪ جي صورت وٺندا آھن پر اھا گھٽو ڪري سياري جي پڇاڙي ۾ ٿئي.

## مولھيا

ھي لفظ سنسڪرت جي لفظ (مول يعني موڙ) مان نڪتل آھي. مولھيو وڏي پٽڪي يا پڳ کي چيو ويندو آھي. جيڪا ڪلنگي دار ٿئي. مولھئي واري پڳ رنگدار ھوندي ھئي. ٻہ يا ٽي رنگ گڏيل ٿين ۽ ھن ۾ پڳ جو ور

سڏو نہ هوندو آهي پر ور کي وٽي پوءِ ٻڌبي آهي. مولهيا اڪثر راجائن جي پڳ جي انداز ۾ هوندا آهن. ۽ ڪنهن کي خلعت يا عزت واري طور ٻڌائڻ لاءِ اهڙي پڳ سروپاءِ طور ٻڌائي ويندي آهي. جيئن "خليفي" صاحب جي هڪ شعر جو بند آهي تہ : پڙ ۾ پوڙيءَ رنگ، مانجهين رتا مولهيا.

## ونجھ

ونجھ: هن بابت سُر سري راڳ ۾ احوال ڏنل آهي

## اوليون

اوليون: هن بابت احوال سر سامونڊي ۾ ڏسڻ گهرجي.

## ڪلاچيان (ڪلاچي)

ڪلاچي: ڪلاچي (جيڪو هاڻي ڪراچي آهي) ڪنهن زماني ۾ هڪ مشهور سامونڊي ڪُن ياگهور جي حيثيت سان مشهور هو. چون ٿا تہ انهيءَ تي اهو نالو "ڪلاچي" نالي مائي جي پوئتان پيو. جنهن جو انهي ڪُن جي لڳ ڳوٺ هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ "ڪلاچي" ڪولاچي ذات جو مخفف آهي، انهي قوم وارا ماڻهو اتي رهندا هئا. ان جي پويان اهو نالو هليو. "محقق ۽ تاريخدان" ڪثرت راءِ سان مائي ڪلاچي واري روايت تي متفق آهن تہ انهي ڪن جو نالو ڪلاچي هو." ادب جي تاريخ ۽ بزرگن جي شاعريءَ ۾ اسان کي ڪلاچي بابت پهريون حوالو شيخ عبدالجليل چوهڙ وفات (910 هجري، 1504ع) جن جي سماع جي مجلس ۾ ڪنهن سنڌي ذاڪر هي بيت پڙهيو انهيءَ مان ملي ٿو:

جو گهڙي سوني، ڪو جو ٿهر ڪلاچ ۾
خبر ڪو نہ ڏي، ريڄ ڪُهاڙي رنڌيو.

سيٺ "نائون مل" جيڪو انگريز سرڪار ۽ ميرن جي وچ ۾ ڪردار ادا ڪندڙ نالي وارو وپاري هو. انهي پنهنجي يادگيرين ۾ ڪراچي

(ڪلاچي) بابت هن طرح احوال اوريو آهي:

ڪراچي جو هاٽوڪو شهر خير ڪي هو. حب ندي جي هن طرف ڪڙڪ بندر/ ڪارڪ بندر جو منهن سمونڊ جي طرف کان ريتي سبب لٽجي ويو. جهازن جو داخلو بند ٿي ويو... واپارين کي گهڻي تڪليف ٿيڻ لڳي. ماڻهن جي صلاح سان رهڻ لاءِ ڪا نزديڪ ئي جاءِ ڳولڻ لڳا. جتي کين واپار جي سهوليت ٿئي. هنن جي نظر ڪلاچي (ڪراچي) جي ڪاري تي پئي ان جي منهن وٽ ويهه پنجويهه ميربحرن جون جهوپڙيون هونديون هيون. انهي جاءِ کي ان وقت ”دربو“ چوندا هئا. دربي ويجهو پاڻي جو چشمو هو جنهن کي ”ڪلاچي جو ڪن سڏيندا هئا. ڪلاچي هڪ ميربحر جو نالو پڻ هو. اها جاءِ پسند ڪري اتي گهر ٺهرايا ويا. ڪڙڪ بندر سڄو اتي منتقل ٿيو. سي ڪلاچي جي ڳرڻ ۾ اچي ويٺا. جيڪو پوءِ ڪراچي جي نالي سان مشهور ٿيو.

جيئن تہ اهو هنڌ سمونڊ جي اونهائي سبب جهازن جي اچ وڃ لاءِ آسان هو ۽ هڪ ٻيٽاري هئي. جتي سيني جي صلاح سان جهنگ صاف ڪري مٽي ۽ ڪاٺين سان گڏي قلعو جوڙايو ويو. قلعي کي ٻہ دروازا هئا. اولهہ واري دروازي کي ”کارو دروازو“ ۽ اتر اوير واري دروازي کي مٺو دروازو چيو ويندو هو. ڇو تہ پهريون دروازو سمونڊ ڏانهن ٿي کليو ۽ پويون مٺي پاڻي ڏانهن ويندڙ هو ان ڪري ان کي مٺو دروازو چيو ويو.

ڪلهوڙا حڪمرانن جي وقت ۾ ڪلهوڙن جي قلات جي خان سان اڻ بڻت ٿي جنهن ۾ قلات جي خان جو پاءُ جاڙڪ خان مارجي ويو. ڪلهوڙن خون بها طور اهو علائقو قلات جي خان کي ڏنو. ڪلهوڙن جي حڪومت جي خاتمي بعد 93-1792ع ۾ مير فتح علي خان ڪراچي تي لشڪر ڪشي ڪئي ۽ قلات جي خان کان ڪراچي جو قبضو ڇڏائي، پنهنجي حڪومت حوالي ڪيو ميرن جي دور حڪومت ختم ٿيڻ سان انگريزن هن بندر کي ترقي وٺرائي ۽ ”ڪلاچي“ جو هڪ ننڍو ڳوٺ جتي صرف

ڪچو قلعو ۽ ٿوري آبادي هئي اهو ترقي ڪري ڪراچي جي نالي سان وڏو شهر ٿي ويو.

محترم ”بدر ابڙو“ پنهنجي ڪتاب ڪوهستان جو سفر ۾ ڪلاچي بابت هن طرح رقم طراز آهي: ماڻهو ڪراچي جي ڪهاڻي مائي ”ڪلاچي“ مورڙيي ۽ ميربحرن کان شروع ڪندا آهن ڪجهه حوالو قلات جي حڪمرانيءَ جو ڪجهه ذڪر ڪلاڪوٽ، ڪاري در، مٽي در جو باقي سيٽ نائون مل انگريزن ۽ پارسين جو الله، الله خير صلواة! ان ۾ شڪ نه آهي ته ڪراچي جي اهميت ڪراچي بندر سبب ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي آهي. پر اهو مڪمل سچ نه آهي. ڪراچي جي اتر کان وٺي اوپر تائين ڪي زرخيز ماڙيون صدين کان وٺي سنڌي ۽ بلوچ قبيلن ۾ ڇڪتاڻ جو سبب بڻجنديون رهيون آهن. اسان وٽ تاريخ جو ڪو گهڻو پراڻو رڪارڊ نه آهي پر اسان ڪي حب کان ملير تائين جوکيا، ڪلمتي، برفت، پالاري، پڙج، ڏماچ، جاڪرا، ڇتا، گبول، ڪوسا، درس، باريجا، سما، سومرا، چنا، چوهاڻ، پٽي، جت، مهاڻا ۽ ٻيون قومون ۽ قبيلا سرگرم نظر اچن ٿا. انهن جا تڪرار ۽ ڏر بنديون صدين ۾ پکڙيل آهن.

ڪراچي جو شايد سڀ کان پهريون حوالو ڪلاچيءَ جي ڪن وارو ئي آهي. جتي مورڙيي ۽ مانگر مڇ جي ڪهاڻي جنم ورتو... ڪلاچي جو وجود ڪلهوڙن کان اڳ به هو. شاهه لطيف ڪلاچيءَ جي ڪن جو حوالو ڏنو آهي. يعني ”ڪلاچي“ ماڳ جو نالو ان کان به اڳ موجود هو.... ان سلسلي ۾ شايد سڀ کان پهريون حوالو مرزا عيسيٰ خان ترخان جي دور جو آهي. جڏهن 1557ع ۾ هڪ ترڪ جهاز ران ڪيپٽن سيد علي رئيس ننڍي ڪنڊ جي بندر گاهن تي تحقيق لاءِ عربي سمونڊ جون ڪنڊيون جاچيون ۽ ان دوري جا تفصيل ڪتاب ”محيط“ ۾ بيان ڪيا هي ڪتاب مڪي شريف مان عربيءَ ۾ شايع ٿيو ۽ پوءِ انگريزي ۾ ترجمو ٿيو. ان ۾ لکيل آهي ته: ”عربي سمونڊ ۾ طوفان کان بچائڻ لاءِ مڪران جي ڪناري

ڪان گوادر يا ڪلمت بندر موڪلجي يا وري ”ڪراشي بندر گاهہ“ وٽڻ گهرجي. ڪراشي لاهور ۽ ملتان جو بندر آهي اهڙي طرح جهاز ڪي ٻڏڻ ڪان بچائي سگهجي ٿو.“.... ٽالپرن ڪراچي تي قبضي لاءِ پهريون حملو 1780ع ۾ ڪيو. ٻيو حملو 1793ع ۾ ٽيون حملو 1794ع ۾ ڪيو. اهو مير فتح علي خان جو زمانو هو. ٽالپر جي دور ۾ 18 آگسٽ 1799ع تي ٿيل معاهدي ۾ ۾ ميرفتح علي خان جي مهر واري دستاويز تي ”Kurrachi“ لکيل آهي. بهرحال ڪراچي جو بندر ۽ شهر 1725ع ڪان پوءِ جڙڻ شروع ٿيو. هن سڄي احوال مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ ڪلاچي/ ڪراچي جو وجود اڄ ڪان تقريبا ساڍا ڇهہ سئو يا ست سؤ سال اڳ موجود هو پوءِ ان جي حيثيت ڪهڙي بہ هئي پر اهو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ ڪلاچي/ ڪراچي سومرن جي دور ڪان پنهنجو وجود رکي ٿو پوءِ اهو مائي ڪلاچي جو ڳوٺ هجي يا ڪلاچي جو ڪن.

(ماخذ: سيٺ نائون مل جون يادگيريون ۽ ڪوهستان جو سفر بدر ابڙو ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ڊاڪٽر بلوچ)

- چتيون: ملاح يا مهاڻا درياهہ، ڍنڍ يا سمونڊ مان مڇي مارڻ لاءِ چتي ٺاهيندا آهن. جيڪا قريب، قريب مڏ وانگيان هوندي آهي مڏ تي بہ يا وڏيڪ ماڻهو ويهي سگهندا آهن پر چتي تي هڪ ئي ماڻهو ويهي پاڻي ۾ چولي جي زور تي يا وري ان ڪي جهلي پنهنجي جسماني طاقت سان اڳتي ڪري رڇ يا ڄار پاڻي ۾ اڇلي ان ڪي ڪانن ذريعي بيهاري مڇي ماري يا سمونڊ ۾ ان جو شڪار ڪري.
- ملاح : هن بابت سہر ساموندي ۾ احوال ڏنل آهي.
- ڏنيرا (جمع) ڏنيرو: هي مڇي جو قسم آهي، هي مٺي پاڻي جي مڇي ڪري هن کي ڪرڙو بہ چون، ننڍي آهي تہ ڪرڙي. هن جي چلرن جو پٺي ۽ پيٽ ڪان ٿورو مٿي هلڪو ڪارو ٿئي ۽ پڇاڙي وارا چلر ڳاڙهاڻ مائل ٿين. پاسن واريون جهليون جيڪي پاڻي ۾ ڪيس ترڻ ۾

مدد ڪن اهي ٻاڙهيون ٽين. هن جو پيٽ اڇاڻ مائل ۽ مٿي ڇلرن سان ملندڙ هنڌ ٻاڙهاڻ وارو ٿئي. هي مڇي ڪاڏي ۾ نهايت لذيذ ٿئي. هن جو وڌ ۾ وڌ وزن پنج ڇهه سير ٿئي.

- بازار : هن بابت احوال سرُ ساموندي ۾ ڏنل آهي.
- ڇلر: مڇي ڪي پنهنجي ڪل مٿان اڻ پورا گول، گول ڇلڪا ٿين جيڪي هڪ ٻئي سان ترتيب وار سندن ڪل تي ڇهتل هوندا آهن. انهن تي قدرتي لسائي ۽ چمڪ ٿئي ڇلرن جي جوڙ اهڙي ترڪڻي هوندي آهي جو مڇي ڪي پاڻي ۾ هٿ جهلبو ته هو پنهنجي طاقت جو استعمال ڇڏائڻ لاءِ ڪندي. ڇلر تي پيدا ٿيل قدرتي لعاب سبب هٿ ترڪي ويندو ۽ مڇي هٿ مان نڪري ويندي. مڇين ۾ هڪڙيون مڇيون ڇلر واريون ٿين ۽ ڪي وري بنا ڇلر ٿين جيئن سينگاري، رڙو، ڪڳو، گندڻ، ڄرڪو، گوج/ بوهڻ اهي ڇلر وارا نه آهن باقي ڏنيرو/ ڪرڙو، ٿيري، پلو، موراڪي، گلفام، پوپري، ديو، وغيره ڇلر واريون آهن. مڇي جو ڇلر ابت ڪنبڙي سان ملائي ڪاڙهي دم واري ڪي پيارڀو ته فائدي وارو آهي. ساموندي مڇين مان به ڪن ڪي ڇلر ٿين پر انهن جو ڇلر ننڍو ٿئي. اڪثر ساموندي مڇيون بنا ڇلر جي هونديون آهن.
- پڙ : انهي جاءِ ڪي چيو ويندو آهي، جتي ويهڪ هجي يا ڪي ماڻهو اچي گڏ ٿين. مڇي سارڻ وارن هنڌن تي مهاڻن، ملاحن جي ويهڪ هوندي آهي هر ڪنهن جو پنهنجي پنهنجي خيال سان مڇي جي شڪار لاءِ هنڌ هوندو آهي اهڙي هنڌ کي ”پڙ“ ڪري ڪوٺيو ويندو آهي.

امام بارگاهن ۾ به جتي علم نصب هوندو آهي ۽ جتي عزاداري ٿئي ته اتي انهي هنڌ ڪي پڙ ڪوٺيو ويندو آهي. جيئن حيدرآباد ۾ فقير جو پڙ، ناهين وارو پڙ، وارن وارو پڙ، بزرگن وارو پڙ، وغيره. پڙ جو رواج سنڌ ۾ عام آهي. جڏهن عزاداري ۾ تابوت وغيره يا سيج ڪڍي ٻئي هنڌ ويندا ته

چوندا تہ فلاڻو پڙ اچ هتي ايندو، انهي کي قافلو بہ چيو ويندو آهي.

- ڪُن: هن بابت احوال سُرُ سري راڳ ۾ ڏنل آهي.
- مڪرا: هن بابت احوال سُر سري راڳ ۾ ڏنل آهي.
- تريون: هن کي بہ تلهن ڪاين ۽ ڪاٺين سان ٻڌي ان کي سريا ڪانهو پن يا ڊين جي ٿهيل ٽوٽو ان تي ٻڌي ٺاهبو آهي هي ڪٽ جيتري ٿئي جنهن تي بہ ٽي ماڻهو ويهي سگهن ان کي تري چئبو آهي يعني تارڻ واري. هن ذريعي مهاڻا يا ملاح ڍنڊن، سمونڊ توڙي درياهہ ۾ مڇي جو شڪار ڪن وقتي ان کي پتڻ نہ هئڻ جي صورت ۾ ونجهہ ذريعي پار اڪرڻ جو ڪم بہ وٺن.
- مندارن/ دڪاندارن (جمع) دڪاندارن: اهو ماڻهو جيڪو ڪنهن جاءِ هنڌ يا ماڳ تي ٿيهو ٺاهي ويهي ۽ شيون وڪڻي ۽ وٺي انهي کي دڪاندار چئبو آهي. جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن هن لفظ ”مندارن“ کي فارسي جي لفظ ”بُندارن“ جي بگڙي صورت ڄاڻائي لکيو آهي ۽ بُندارن جي معنيٰ دڪاندارن ڪرڻ فرمائي آهي. غور طلب ڳالهہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ ان لاءِ لفظ هٽ وارو آهي دڪاندار خود فارسي زدهہ لفظ آهي.
- رڇ: مهاڻا مڇي مارڻ لاءِ هن جو استعمال ڪندا آهن. رڇ کي آڪاري اڄ ڪالهہ نائلون جو ڌاڳو اچي ٿو، ان مان ٺاهين ٿا نہ تہ اڳئين وقت ۾ آڪاري يعني سڻي جي سنهي ڌاڳي مان رڇ کي تيار ڪيو ويندو هو. هنن جي اڻت جو پنهنجو طريقو آهي. هڪ وڏي باس يا ٻي ڪنهن سنهي ڊگهي ڪاٺي تي انهن ڌاڳن سان ور ڏيئي وٽ ٻڌندا ۽ پوءِ ڌاڳن جي ڦورين کي جيڪي رڇ جي ڪٽن جي حساب سان هونديون، انهن کي خانيدار نموني سان هر ڪنڊ تي ڪلي ور ڏيندا جيڪا ڳنڍ ٿي ويندي ۽ پوءِ اهڙي ريت خانا ٺاهيندا ويندا، ڪي رڇ پنجويهہ ٽيهہ فوٽ ڊگها ۽ ست اٺ فوٽ ويڪرا ٿين. رڇ جو خانو ننڍي ۾ ننڍو

هڪ سينٽي ميٽر ڪان ٿورو گهٽ ۾ پوءِ انهي ڪان اڳتي هرباب ۾ رڇ تيار ڪن. درياهي طور وارو جيڪو مڇي مارڻ يا جهينگي لاءِ ڪم اچي ان جو خانو هڪ سينٽي ميٽر جي لڳ ڀڳ ٿئي. باقي وڏي مڇي لاءِ انچ يا مٽي وارو تمام وڏي مڇي لاءِ انهي ڪان وڏي خاني وارو رڇ ڪم اچي. بينگال يا جپان وغيره ۾ رڇ شين ذريعي تيار ٿين. هتي ب اهي رڇ ايندا آهن، اڄ ڪالهه انهن جو واهپو جام آهي. باوجود ان جي مقامي مهاڻا پاڻ ب رڇ تيار ڪندا آهن.

رڇ جو لفظ نہ صرف مڇي مارڻ واري ڄاري لاءِ ڪم اچي ٿو پر اهو لفظ ٽانوَ لاءِ ب ڪم اچي ٿو. جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ

"پڪا رڇ ڪنيار جا پڪيون نهائيون"

- لوهہ: پٿر جو هڪ قسم ٿيندو آهي، جنهن مان لوهہ تيار ٿئي ٿو. انهي پٿر کي ڀٺي ۾ وجهي باهہ ڏبي آهي جنهن جو درجو 1000 هزار سينٽي گريڊ تائين ٿئي جنهن ۾ اهو پٿر ڳري پاٽياٽ جي شڪل اختيار ڪري ٿو. انهي پاٽياٽ کي صاف ڪري گند ڪچرو ڪڍي ٺڏو ڪيو ويندو آهي تہ اهو لوهہ جي شڪل اختيار ڪندو آهي. انهي کي ڪچو لوهہ يا گهڙو لوهہ چئبو آهي. انهي لوهہ کي پلٽائي گارڊ، ٽيئر ڪليون، ڪوڪا وغيره تيار ڪيا ويندا آهن. لوهہ جا ڪيترائي قسم آهن گهاڙو لوهہ پالتو لوهہ، بير، رڪ وغيره.
- وهٽ: چڙهڻ وارن جانورن کي وهٽ چئبو آهي. باربرداري يعني مال ڍوئڻ ۾ ڪٽڻ لاءِ ب وهٽ ڪم ايندا آهن. هن ۾ گهوڙا، گڏهہ، خچر، اٺ وغيره اچي وڃن ٿا. اڳ ۾ جڏهن مشيني سلسلو نہ هو تہ اهي وهٽ ڪمائيندا هئا. سفر لاءِ اٺن جون ڪوڙيون هونديون هو. ۽ بار وغيره لاءِ خچر اٺ، گهوڙا، گڏهہ ڪم ايندا هئا. هن وقت ب پهاڙي علائقن ۾ جتي ڪو سڌو رستو يا گس آهي اتي اهي جانور ڪم ايندا آهن.

- جهڳا: هي رڇ جو هڪ قسم آهي. جيئن مڇي مارڻ لاءِ ڪڙهي تيار ڪبي آهي يا ڏگهو رڇ استعمال ڪبو آهي. يا وري ڇٽيءَ وانگر رڇ تيار ٿيل هوندو ان کي گڏ ڪري ٻانهہ تي رکبو انهيءَ ۾ سيهي جا ننڍا ننڍا مٽڪا ٿين، انهي جي اڇل ڪبي تہ پڙي وانگيان پکڙجي پاڻي ۾ وجي پوندو ۽ ترو وٺندو اهڙي رڇ کي "جهڳا" وارو رڇ چيو وڃي ٿو.
- جهول: درياهہ، ڍوري، ڍنڍ يا سمونڊ جي پاڻي جي ڪناري لڳ مٿار وارو پاسو جتي پاڻي تانگهو هجي ڪنهن مهل پاڻي جي زور تي مٿي چڙهي تہ ڪنهن وقت لهي وڃي.

جهول جو ٻيو قسم واهڙيا سمونڊ ۾ پاڻي جي لهر اٿي ۽ اها گول ٿاهي اتي اونهائي هوندي. اهڙي هنڌ کي بہ جهول چئبو آهي پر اهو جهول ڪُن وارو ٿيندو.

- ڇاڙون: درياهہ يا ساموندي ڍورن جون پوڇڙيون جيڪي آخر ۾ يڪي وهڪري جي بجاءِ ٻن ٽن ڏارن ۾ وهي وڃي وڏي سمونڊ ۾ پون. جئن درياهہ جڏهين سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي تہ ان جو هڪڙو وهڪرو ڪو نہ هوندو آهي پر وڏو وهڪرو حصن ۾ ورهائجي وڃي سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. انهن وهڪرن کي يا ڍورن وارن پوڇڙين کي ڇاڙون يا ڇاڙهون يعني ڀاڱا چئبو آهي.
- ڇيڄ: درياهہ پنهنجي موج مستي م ڪڏهين ڪڏهين وهڪ يا وهڪري سان ڍورا ٿاهي وڪڙ ڏيئي اڇي پاڻ سان انهي وهڪري کي ملائيندو آهي. زمين جي سطح جي اوچائي نيچائي سبب درياهہ جي چاڙهہ جي وقت اهڙي حالت پيدا ٿيندي آهي. انهن درياهي وهڪرن جي دورن ۾ ڪاڏ سبب پاڻي جي هٽي وڃڻ بعد بہ ٻاروهي پاڻي بيٺل هوندو آهي. اهڙي پاڻي هنڌ واري هنڌ کي ڇيڄ چئبو آهي. سمونڊ ۾ بہ چاڙهہ ۽ وير سبب اهڙي صورت حال ٿيندي آهي ۽ ائين ٿهيل ڍورن

۾ پاڻي بيهي ويندو آهي. انهن کي ڇڇ چئبو آهي. درياهي وهڪرن جي يادگار طور ڇمبڙ تعلقي ۾ درياهہ جي اڳئين وهڪري جيڪو ڪلهوڙا دور ۾ ڦري حيدرآباد جي اولهہ کان ٿيو ان اهڙي ڇڇ واري هنڌ کي ديهہ ڇڇ جو نالو ڏنو ويو جيڪو هنڌ اڄ بہ زميني طور هيٺائون آهي ۽ درياهي وهڪري لڳ هو.

- اوڙاهہ: هن بابت احوال سُر سري راڳ ۾ ڏنل آهي.
- گهور: سمونڊ يا درياهہ يا ڍنڍ وارو اونهائي وارو اهو هنڌ جتي مڇي جي شڪار ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿئي، وهندڙ پاڻي ۽ سمونڊ ۾ اهڙن هنڌن تي پاڻي ڪن ٺاهيندو آهي گهور هٽندو آهي.

ان ڪانسواءِ دڙن يا جبل جي اهڙي اوکي هنڌ جيڪو گفا وانگيان هجي جنهن ۾ وڃڻ مشڪل ٿئي تہ اهڙي جاءِ کي جبل جي گهور سان تعبير ڪيو يا چيو ويندو آهي. ٻيو تہ وقتي درياهہ جو پاڻي چاڙهہ وقت بند جي ڪاڌ ڪري هيٺ گهور هٽندو آهي ۽ بند ڦاٽ ڪائي ٿئي پوندو آهي. درياهي وهڪري جي اهڙي صورت حال واري حالت کي پڻ درياهہ جو گهور هٽڻ چيو ويندو آهي.

- مانگر: هي مڇ جو اهڙو قسم آهي جيڪو نهايت خطرناڪ ٿئي.

وهيل مڇي بہ انهي زمري ۾ اچي ٿي پر مانگر مڇ رڙي جي بنياد جي مڇ جو وڏو قسم آهي. ڪجهہ وقت اڳي ڪلفٽن تي هڪ مڇ کي ماريو ويو هو. جنهن جي ديگهہ پنجٽيهہ ۽ چاليهہ فوٽن جي خبر اخبارن ۾ آئي وزن سادا ٽي يا چار ٽن ٻڌايو پئي ويو. انهي قسم جا مڇ جهازن کي لوڏي وجهندا آهن. اڳئين زماني جي غورابن ۽ ٻيڙن کي ڪافي نقصان ٿيندو هو. هينئر جديد دور آهي ٻيڙن ۾ پڪا ۽ ڪاٺ آهن ڪو بہ اهڙو خطرناڪ مڇ اچي ٿو تہ اهو انهن سان ڪٽجيو ختم ٿيو وڃي. اهي وڏا مڇ اڪثر ڪري سمونڊ ۾ گهور واري هنڌ جتي اونهائي وڌيڪ ۽ ڪن هوندو آهي اتي هوندا آهن هنن جو شڪار هنن وٽ پاڻيهي پيو ايندو آهي. ننڍا مڇ

مڇيون بي فڪري ۾ پيا انهن هنڌن تي هلندا آهن جن ڪي اهي مڇ پنهنجو لقمون بنايو ڇڏين. اهي مڇ ننڍين ٻيڙين ۽ انهيءَ ۾ سواري وارن ماڻهن تي حملو ڪندا آهن. انهن جو حملو پيچ سان وٽ ڏيئي پاڻي ۾ ڏڏڪو پيدا ڪندا آهن جنهن سان ٻيڙي اٿلي پوندي آهي ۽ مڇ انسان کي پنهنجو شڪار سمجهي کائي ويندا آهن.

- اڇ: سمونڊ يا درياهہ ۾ پاڻي جي لهرن نہ هئڻ سان مانار هوندي آهي. سج جي روشني تي پاڻي جي چمڪ اڇاڻ مائل محسوس ٿيندي آهي. پاڻي اونهائي وارو هجي يا تانگهو ٻنهين صورتن ۾ پاڻي جي ٽڪي ٻڌل صورت جنهن ۾ لهر نہ هوندي آهي. اها انهي صورت ۾ پري کان ڏسڻ ۾ ايندي آهي.
- لوح "قلم": لوح قلم ٻن لفظن نہ پر ٻن حقيقتن جو مجموع آهي، جيڪي ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. لوح (معنيٰ ڦرهي) قلم جو محتاج آهي ۽ قلم وري لوح جو گهر جائو آهي، "لوح" "لوح محفوظ" آهي. هي اهو مقام آهي جنهن ۾ علم جا سيئي غير متعين امڪانات هڪ حقيقت حاضر جي طرح سان شروع کان ئي موجود آهن. هي ذات حق جي مدبرات الامر جو مقام آهي. جئن ذات حق لامحدود آهي تيئن سندس مقام "لوح" پڻ اها ڪيفيت رکي ٿو. هتان احڪام الاهي جيڪي زمان مسلسل ۾ پنهنجو اظهار منتهائي اوامر سـ ن هڪ اهڙي تواتر سان ڪري رهيا آهن جو انهن جي وقوع جو احساس انسان جي احاط عقل کان ٻاهر آهي. هي علم ربي جو منبع ۽ مصدر آهي، جيڪو ڪُل احاط بِڪُل شيءِ علما جو مظهر آهي. قرآن حڪيم لاءِ پڻ ڪائنات جي رب جو ارشاد آهي تہ "بل هو قرآن مجَيدُ فِي لَوحَ مّحفوظ" هي قرآن وڏي شان وارو قرآن آهي جو حفاظت ڪيل ڦرهي (لوح محفوظ) ۾ رکيل آهي. لوح محفوظ جي مقام جو اندازو انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿو. ڪلام الله لوح محفوظ

۾ موجود هو ۽ رفتہ رفتہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي قلب تي حضرت جبرئيل عليہ السلام جي معرفت وحيءَ جي صورت ۾ نازل ٿيو. الله پنهنجي ڪلام جو پاڻ محافظ آهي. جنهنجو ذڪر قرآن حڪيم جي متئين آيت ڪريمہ مان ظاهر آهي. حضرت موسيٰ کي ڪوهہ طور تي ملاقات ربي ۾ ”الواح“ يعني لوح عنايت ڪيا ويا جن جي سندس قوم لاءِ احڪام لکيل هئا.

قلم لاءِ فرمايل آهي تہ ”اول ما خلق الله العلم“ اسان پهرئين قلم کي خلقيو لوح تي جو ڪجهہ محفوظ رقم آهي اهو ڪرشمہ قدرت قلم آهي. رب ذوالجلال جي ذات والاصفات پڻ قلم جي عظمت بيان ڪئي آهي ۽ ان جو قسم ڪنيو آهي.

”نۚ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ“ قسم آهي انهي قلم جو جنهن سان لکن ٿا.“ ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي قلم جي عظمت بيان ڪري سگهجي ٿي جنهن جو قسم ذات خداوندي پاڻ کڻي.

قلم لاءِ تصور ڪرڻ تہ هي ڪانهن يا سر جو وڍيل ٽڪرو آهي، جنهن کي گهڙي قط ڏيئي لکڻ جي قابل بنايو ويو آهي. تہ اهو پليل آهي قلم جي معنيٰ ئي آهي وڍي ڇڏيل يعني ڪاتب تقدير جي قلم مان جو نڪتو اهو حرف اول ۽ حرف آخر آهي. ناقابل ترديد ۽ ناقابل تفصير آهي. جو قلم وهي ويو اهو وهي ويو هي اوامر الاهي جي اظهاري صورت جو وسيلو آهي.

قلم جي عظمت مسلم آهي جيئن فارسي واري چيو آهي تہ: قلم گويد ڪہ من شاهہ جهانم قلم ڪش رانمي دانم“ قلم چوي ٿو تہ آئون جهان جو بادشاهہ آهيان قلم گهڙيندڙ کي منهنجي عظمت جي ڪا خبر نہ آهي. تقدير جو وس منهنجي نوڪ جو مرهون منت آهي. گدا کي شاهہ ڪيان، شاهہ کي گدا بنايان، قلم جو وجود مرڪز حسن پر جمع ڪاتب تقدير آهي، قلم جي نوڪ علم جي تجلي سان متجليٰ آهي قلم ۾ نڪتل فهم

جا بصارت ۽ بصيرت جا، ايقان ۽ عرفان جا، الهام ۽ اڪتشافات جا موتي سرجيل ۽ سنواريل آهن. بقول لطيف:

”جف القلم بما هو ڪائن“ وهي قلم وئو“ ڪاتب تقدير ڪان جو قلم وهي ويو سو وهي ويو. انسان انهي قلم جي لڪڻي آڏو معذور ۽ مجبور آهي ڇو تہ ”اناالحڪم الاالله“ جئن گهري تيئن هلاءِ، سيئي صاحب هٿ ۾ نفعو زيانا، ڇڏيو اٽڪل عقل جي پرنئو پاڻ خدا. انسان کي پاڻ کي خدا جي حوالي ڪرڻ سان ئي سڀ حاصل ٿئي ٿو:

- واهڙُ: هن بابت احوال سرُسري راڳ ۾ ڏنل آهي.
- ڪائِي: درياهہ جڏهن براهڙي ۾ چڙهندو آهي تہ هن جو پاڻي ريل ڇيل هوندو آهي اهڙي ريت سمونڊ ۾ بہ جڏهن وير چڙهندي آهي تہ اها ڪناري توڙي سمونڊ مان نڪرندڙ ڍورن ۾ پاڻي جي چاڙهہ جو سبب بڻبي آهي وير لهڻ بعد پاڻي هٽي ويندو آهي ۽ پنهنجو زور ڇڏي ويندو آهي. ان کي ڪائي جو پاڻي چون ٻيڙين وارا انهي ڪائي واري پاڻي ۾ نہ هلائيندا آهن ڇو تہ ان ۾ زور ڪو نہ هوندو ۽ تراڪڙائي هوندي آهي. ڪائو ۽ ڪائي انهي پاڻي جي صورت حال کي چيو وڃي ٿو.
- جَرُ: هن بابت احوال سرُ ساموندي ۾ ڏنل آهي اتي ڏسڻ گهرجي.
- سِيرُ: هن بابت احوال سر ساموندي ۾ ڏنل آهي اتي ڏسڻ گهرجي.
- ڪير: ڪاٺ يا لوهہ جا ٿهيل ڪلا جيڪي رڇن کي هئڻ وقت ان جي آخري حصو ڪوڙي انهن ۾ رڇ مضبوطي سان ٻڌبو آهي، وقتي اهي ڪلا پنجن اٺن فوٽن جي فاصلي تي بہ رڇ سان گڏ هٽندا آهن ۽ رڇ انهن ۾ مضبوطي سان ٻڌندا آهن انهيءَ لاءِ تہ ڪا وڏي ميڇي يا ميڇ جيڪڏهن رڇ ۾ ڦاسي تہ اهو ان کي پنهنجي طاقت جي زور سان ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندو جيڪڏهين اهي ڪلا مضبوط هوندا تہ رڇ اُکڙي نہ سگهندو ۽ ميڇ يا ميڇي کي وڃڻ جو گس نہ ملندو.

- سانبوهيون (جمع): سانبوهي. هي رڇ جو هڪ قسم آهي. جنهن ۾ سيهي جا ڏاڍا جتي پچاڙي ۾ هوندا آهن اتي اهي هر ٽن چئن ڪٽن ڪان پوءِ انهن جي ڪٽن ۾ جڙت هوندي آهي انهي ڪري اهو رڇ نهايت وزندار ٿئي ۽ انهي ۾ ڪم آندل ڏاڳو نهايت مضبوط استعمال ڪيو ويندو آهي، هن رڇ ۾ جيڪڏهين ڪا مڇي يا مڇ ڦاٿو ۽ ان ۾ زورلائيندو ته جيئن پوءِ رڇ ويڙهبو ويندو ۽ ان جا رسا اهڙي ريت ٻڌل هوندا آهن جي ڇڪ سان سرڪندا ايندا آهن ۽ شڪار رڇ ۾ مضبوطي سان سوگهو ٿي پوندو آهي.
- ڪُنڊِي: هن ڪي ڪلوڙو به چون هي رڪ جي لال جي اکر واري نموني سان ٺهيل هوندي آهي. مٿئين حصي ۾ نوڙي يا رسي ٻڌڻ لاءِ ننڍڙو گول ٺاهيو ويندو آهي يا وري انهي حصي کي موڙي ڇڏبو آهي. جيئن انهي ۾ رسي کي ٻڌي سگهجي. باقي وريل حصو جيڪو اڌ گول وانگر ٿئي ان پچاڙي کي تير وانگر ٺاهبو آهي ان جي چنهب بلڪل نفيس ٿئي ۽ انگها هيٺ وريل هوندا آهن. انهي تي ڳانچ رکبو آهي جيڪو ڪٽڪ جي اٽي، ٽڙم يا وري سانيا وغيره ملائي ٺاهبو آهي. ڪُنڊِي تي ڳانچ رکي مضبوط ڪري ڪنڊي پاڻي ۾ اڇلي ڇڏبي مڇي ويچاري ڪاڏي لالچ تي ان کي ڪائيندي ته اها وريل ڪنڊي سندس ڪلين ۾ ڦاسي پوندي جيئن ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي تيئن اها وڌيڪ ڦاسندي، ڏاڳي جي چرپر لهڻ لاءِ ان ۾ ڪاني جو ٽڪر ٻڌبو آهي، جيڪو پاڻي تي پيو ترندو مڇي ڦاسڻ ۽ ڦتڪڻ جي خبر انهي ڪاني جي چرپر ڏيندي ڏور کي ڇڪي ڪڍبو ته مڇي ڦاٿي پئي هوندي ۽ ڪنڊي ان جي ڪلين ۾ هوندي.
- ڪلين (جمع) واحد ڪَلِي: مڇي جي هر قسم کي ڪليون ٿين مڇي جي مٿي واري حصي جي ٻنهين پاسي اک ڪان پوءِ نيم گولائي ۾ ڪَلِي ٿئي جنهن ۾ ڳاڙها ڦڦڙ جيان تهدار انهي اڌ گولائي جي حصي

۾ اهي ٽين جيڪي مڇي جي ساهہ کڻڻ لاءِ ڪم ڏيندا آهن ۽ ٻيو تہ جيڪو پاڻي مڇي جي وات ۾ ايندو آهي اهو انهن ذريعي نڪري ويندو آهي ائين سمجهڻ گهرجي قدرت مڇي جي ساهہ واري نظام کي ڪلين ۾ رکيو آهي. جيڪي هڪ طرف سندس ڦڦڙ جو ڪم ڏين. ٻئي طرف هو وات ۾ ايندڙ پاڻي جي دٻاءَ کي خارج ڪن.

- ڏور: سنهي باريڪ وٽيل رسي کي ڏور چئبو آهي، جيڪا ڪنڊي ۾ ٻڌبي آهي اڄ ڪالهہ نائلون جون ڏورون آهن جيڪي ڪيتري بہ ڇڪ اچي تہ بہ نہ ٽٽڻ اڳ ۾ آڪاري جي ڏور يا سڻ جي سنهي ڏور ٽيندي هئي هاڻي نائلون جي ڏور استعمال ڪئي وڃي ٿي.

لاٽون ڦيرائڻ لاءِ بہ ڏور ڪم ايندي آهي.

ٻيو ڏور ڪنهن شيءِ کي ڳولڻ يا ڪنهن سان نباهڻ واري عمل کي بہ ڏور چئبو آهي، مطلب تہ ڏور هڪ ڳنڍيندڙ شيءِ آهي.

# سُر گهاتو

## داستان پهريون

گَهنگهرَئا گَهڻَ ڄاڻَ، مُوڙهي مَتِ مهائِيين
وئا گَڏِجي ويرَ ۾، پئا مُنهَ مَهراڻَ
اِڳِيان پَويان تَاڻِ، وِيا وِيچَارن وِسَري

*(دا -1- بيت 1)*

- گهنگهرئا: گهنگهر ۾ پئا، وڏي ڇڪتاڻ ۾ اچي ويا، وڏي تڪليف ۾ اچي ويا (گهنگهر پوڻ اصطلاح) = مصيبت ۾ اچي وڃڻ.
- گهڻ ڄاڻ = وڏا ڄاڻو، وڏي ڄاڻ رکندڙ، گهڻي سمجهه ۽ سوچ رکندڙ.
- موڙهي = (مصدر موڙهڻ = منجهي پوڻ، ڳالهه نه اڪلڻ) = منجهي، منتل/ منتي.
- مت = عقل، سمجهه ڄاڻ، ڏاهپ.
- مهائيين = (س-مها= وڏو) = تمام وڏي همت رکندڙ، وڏي بهادري وارا.
- وئا گڏجي = ونجي ويا، ڦاسي پيا، وڪوڙجي ويا.
- ويرَ ۾ = سمونڊ جي وڏي طوفان ۾ سمونڊ جي وڏين لهرن ۾
- پئا منهه مهراڻ = وڏي درياهه جي منهن پئجي ويا، دهشت واري سمونڊ جي سامهون اچي ويا.
- اِڳيان پويان تاڻ = اڳيان پويان جا هنڌ يا اڳ پوءِ وارو وقت/ ڳالهيون اهڃاڻ.

- ويچارن وسري = ويچارن کي وسري ويا، ويچارن کي ڀلجي ويا. يا سڀ ڪجهہ وسري ويو.

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ ”ماڻهوءَ کي جيترو نقصان ڄاڻ پهچايو آهي اوترو نقصان هن کي اڻ ڄاڻائي نہ پهچايو آهي“ جڏهن ڪو بہ فرد ڪنهن بہ سلسلي سان پنهنجي ڄاڻ جي انتهائي حد کي پهچي وڃي ٿو تہ اتي هن جي ڄاڻ خود سندس لاءِ ڇو ۽ ڪيئن، ڇا لاءِ جهڙن سوالن ۽ مفروضن ۾ اڃي خود سندس لاءِ مسئلا پيدا ڪري وجهندي آهي. وڏا، وڏا وير ۽ ودوان داناءَ ۽ دانشور پنهنجي پيدا ڪيل منطقي مفروضن جي بنياد تي حقيقت جي تهہ تائين پهچي نہ سگهندا. انهي مقابلي ۾ سادگي يا سادهَ دلي ۽ ميانہ روي هميشہ ڪامياب رهي آهي.

ڪو بہ فرد جڏهن عقل ۽ دانش جي بلندين تي پهچي وڃي ٿو نہ هو اهو تصور ڪري ٿو تہ هاڻي انتها تي چڪي. حالانڪہ اها هن جي پل آهي ا ب ج د اهي بقول مولانا رومي جي پايہ چوبين آهن جيڪي منزل ڏانهن وڃي وڃڻ لاءِ هڪ ذريعو آهن پر اهي باالذات مقصود نہ آهي. هت سوال پيدا ٿئي ٿو. بصارت ۽ بصيرت جو عقل ۽ معقوليت جو صاحب علم کي سمجهہ آهي انهن شين جي ڄاڻ آهي. يعني هن ۾ بصارت آهي جيڪو عالم محسوسات جو خاصو آهي، ليڪن ان سان گڏ جيڪڏهين ان ۾ بصيرت جو پهلو يعني حقيقتن جي ماهيت کي ڄاڻڻ ان جي اصل غايت معلوم ڪرڻ واري ڪيفيت پيدا نہ ٿي آهي تہ اها بصارت بيڪار آهي اهو فرد بي بصيرت آهي، هن وٽ عقل تہ آهي معقوليت جو عنصر نہ آهي.

جڏهن بنا بصيرت ۽ معقوليت جي تفهيم جي عنصر نہ هئڻ جي اهو فرد توائي هوندو آهي ۽ پنهنجي خول ۾ پاڻ کي سڀ ڪجهہ تصور ڪندو آهي. انهي منزل تي نہ پاءِ ماندن نہ پاءِ رفتن واري ڪار هوندي آهي لطيفؒ جتي انساني عقل لاءِ ” بصيرت، جي هئڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو اتي پاڻ هِن بيت ۾ انهي ڳهاتو ڏانهن اشارو ڪيو آهي جيڪو شڪار جي مختلف

طريقن جي ڄاڻ رکندي انهن تي باور ڪندي ۽ عملي طور تي انهن کي بروءِ ڪار آڻي نه سگهيو ۽ سمونڊ جي ڇوهي ڇولين جي ورچڙهي اڳين توڙي پوين طور طريقن کي وڃائي ويٺو سڄي ڳالهه انسان جي پاڻ پٽي تي لاڳو آهي ته پنهنجو پاڻ ۾ عقل ڪل تصور ڪرڻ غلط آهي. جن ۽ پنهنجو پاڻ کي سڀ ڪجهه سمجهيو اهي سڀ ڪجهه وڃائي ويٺا.

مــاڪَ پڇــايَن مولهيــا، مَتــانَ راتِ پَئــيِ
اُجَهـــڻَ لڳــيُن اَوِليــون، وئـــن وَنجهـــ وَهـــيَ
ڪَلاچِيــان ڪَهِـــيَ، ڪَـڏهِن ڪـــو نـــ آئيــو.

*(2 بيت – 1- دا)*

- ماڪ پڇاين = ماڪ پسائيا، ماڪ وارا تي پيا.
- مولهيا = تري وارا پتڪا، متي تي ور ڏيئي ويڙهيل ڪپڙا.
- اُجهڻ = گهٽ ٿيڻ، جهڪيون ٿين، هيٺيون ٿيڻ.
- اوليون = ونجهن جا ڳن، هٿيا، مُنيا.
- وئن = ويا.
- ونجهه وهي = ونجهه، لڙهي ويا. ونجهه وڃي تري ۾ لڳا.
- ڪلاچيان = ڪلاچيءَ ڪان.
- ڪهي = هلي پنڌ ڪري.

گهاتو جيڪي شڪار لاءِ ويل هئا انهن کي رات پئجي ويئي صبح صادق جي پوندڙ ماڪ ۾ سندس پتڪا آلاڻ وارا تي ويا.

سندن ٻيڙين جي ونجهن جا ڳن جهڪا ٿي ويا ۽ ونجهه لڙهي تري ۾ وڃي ٿئا ڪلاچي جي ڪُنَ وٽان ڪو به ڪهي پنڌ ڪري واپس ڪو نه آيو آهي جو اتان جي ڪا خبر ڏي.

کالَهہ ڪَلاچِيءَ وِئا ڄَتيُون ڪَٽِي ڄُڳِيرَ
ڀائُنِ ڀيرو نہ ڪِئو، اَدن ڪِي اَويرَ
اَهِڙِي خاصِي کيرَ، ڪُنَ وَرَائِي جهلِئي

(دا - ا ـ بيت 3)

- ڄتيون = مڇي مارڻ لاءِ تاهين ڄتيون/ پيڙها.
- ڄُڳِير = وڏن ڄِڳن وارا، طرن وارا، بهادر ۽ سهڻا، جوڌا جوان.
- ڀائن = ڀائرن.
- ڀيرو = ڦيرو سنڀال، سار لهڻ، خبر لهڻ.
- ادن ڪي اوير = منهنجي ڀائرن دير ڪئي.
- خاصي = سٺي، خاص.
- کيرَ (خبر) = سڌ، خبر چار، حال احوال
- خاصي کير = چڱو ٽولو = چڱي جماعت، سٺي سنگت
- ڪُن ورائي جهلئي = انهي کي ڪن پنهنجي گهيري آٽي ڇڏيو، ڪن جي ور اها سنگت چڙهي ويئي.

ڪالهہ ڪلاچي جي ڪُن ڏانهن با نڪا ۽ بهادر وڏن طرن وارا ڄتيون ۽ پيڙها ڪٽي وئا. ان لاءِ تہ اتي جيڪو مڇ آهي انهيءَ کي ماريون.

ليڪن انهن ڀائرن جيڪي ڪلاچي جي ڪُن ڏانهن ويا آهن وري ڀيرو نہ ڪيو آهي وري نہ موٽيا آهن. انهن موٽڻ ۾ ڏاڍي دير ڪئي آهي.

اهي خاصي ٽولي ۽ سنگت کي غائباً ڪلاچي جي ڪن پنهنجي ڦيري واري ور ۾ آٽي جهلي روڪي ورتو آهي جو هو اڃا تائين واپس اچي نہ سگهيا آهن.

ڪالَهہ ڪَلاچِيءَ وِئا گهاتُو ڪَرَي گهورَ
مادَرِ ملاحَنِ جا ويٺي سَهان سُورَ
مُون ڪي ڪَري مَلُوَرَ، اُونِهين وِئا اوهَرِي

(دا - ا ـ بيت 4)

- ڪالهہ = اڳئين ڏينهن جيڪو گذري ويو.
- ڪلاچيءَ وئا = ڪلاچيءَ جي ڪُن ڏانهن ويا، روانا ٿيا.
- گهاتو = ( س- گهات = مارڻ، گهات ۾ = ڪنهن کي مارڻ لاءِ تڪي ويهڻ) = مارِيندڙ، شڪاري.
- گهاتو ڪري گُهور = شڪاري شڪار کي نظر ۾ رکي، ان کي گهور ڪري پوري خيال سان پنهنجي شڪار ۾ نظر رکندڙ/ رکي.
- مادر = اي منهنجي ماءُ.
- سهان = برداشت ڪريان، جهليان، وسايان.
- سور = تڪليفون، ڏک، ڏوجهرا.
- سهان سور = ڏک ۽ تڪليفون ويٺي برداشت ڪريان.
- ملور (ملول) = ڏکارو، غم ۾، ڳڻتي ۾ .
- اونهين وئا اوهَري = اهي اونهي پاڙي ڏانهن روانا ٿي ويا .

منهنجا شڪار ڪندڙ گهاتو ڪالهہ ڪلاچيءَ جي ڪن ڏانهن جوهہ ڪري روانا ٿي ويا آهن. هو جيڪو قصد ڪري ويا آهن.

اي منهنجي ماءُ آئون انهن ملاحن/گهاتن جا سور ويٺي سهان مون کي انهن ايندڙ سورن جو خدشو ڏکوئي رهيو آهي.

ڇو تہ هو جنهن اونهين ڪُنَ ڏانهن ويا آهن اهو خطري ۽ خوف وارو آهي. منهنجا گهاتو مون کي ڏکارو ڪري اوڏانهين اُسهي ويا آهن.

نَڪــا بُــوءِ بــازَارِ ۾ نَڪَــا ڇِلُــرَ ڇَــٽُ
جتـــي ڏِنيَـــرنَ جـــي اڳِـــي هُئِـــي اڳَهـــي
ســي پِـــڙَ پَســـئِو پَـــٽَ، مـــاڙهُو وَڃَـــنِ موتِيـــا

*(دا -/- دا _ بيت 6)*

- نڪا بوءِ بازار ۾ = بازار ۾ ڪا بوءِ بانس ڪا نہ آهي، معنيٰ تہ بازار سڄي خالي لڳي پئي آهي.
- ڇِلُر ڇَٽَ = مڇي جي ڇلرن جي تڪي ڇَٽ يا بانس ڪک

- جتي = جنهن جاءِ تي جنهن هنڌ تي.
- ڏنيرن جي = ڪرڙي مڇي جي (جيڪا پنهنجي طور تي ڏاڍي لذيذ ۽ سوادي آهي.
- اڳي هئي = اڳ ۾ هئي.
- اگهٽ = (اَ = نہ + گهٽ = توري) جنهن جي اڳ ۾ ئي گهٽتائي هئي هن جي پيداوار توري هئي.
- سي پڙ = اهي هنڌ، جايون، اهي ماڳ، مياڻ وارا هنڌ.
- پسئو پٽ = اهي پٽ ڏسئو اهي جايون هنڌ ڏسيو.
- ماڙهو (ماڻهو) = لوڪ، ايترو ويندڙ ماڻهو.
- وڃن موٽيو = واپس هليا وڃن، موٽيو وڃن.

ڏيهَاڙِي جَنِ ڏَنيرَا مارِئو ڏِنمِ مَوڪَ
گهر ۾ گهاتُو ئَڙَن جا تا مارِيَنمِ توڪَ
لَڏي وِڃان لوڪَ، اُونهين وِئا اوهَرِي

(دا - 1 - بيت 5)

- ڏيهاڙي = هر ڏينهن، هر روز.
- ڏنيرا = ڪرڙا، ڪرڙيون مڇيون.
- ڏنمر = مون ڏنا.
- موڪ = گهڻا.
- مارينمر = مون کي تا مارين.
- توڪ = شيون، ساز سامان.
- لڏي وڃان لوڪ = ماڻهن جي وڃان ماڻهن هوندي هو لڏي ويا، هليا ويا. جن گهاتن روزانو گهڻا ڏنيرا/ گهڻا ڪرڙا ماري مون کي آڻي تي ڏنا. اڄ انهن گهاتن انهن شڪارين جيڪي اونهين ڪن ڏانهن هليا ويا آهن انهن جي گهرن جون شيون ساز سامان انهن جي نہ هئڻ ڪري مون کي ساري ٿو يعني انهن جي ياد مون کي ستائي ٿي ذڪارو ڪري ٿي.

چو تہ هو هيترن ماڻهن جي وچان انهي اونهي ڪُن ڏانهن هليا ويا آهن جيڪو خطري کان خالي نہ آهي.

گهاتُن جي ڪا عزيزياڻي يا مائٽياڻي (پيڻ، ڌيءَ، زال وغيره) چوي ٿي تہ بازار ۾ جتي اڳ ۾ مڇي جي مارڪيٽ هئي چليون ۽ ٽنگڙا پريا پيا هوندا آهن اڄ انهي بازار ۾ ڪا بوءِ بانس ڪا نہ آهي ۽ نہ وري مڇين جي چلرن جي تکي بانس ۽ ڇٽ آهي ڏنيرن ۽ ڪرڙن جي تہ اڳ ۾ گهٽتائي هئي هاڻي تہ ماڳهين ڪا شيءِ نظر ڪا نہ ٿي اچي.

مڇيءَ جي مياڻين جا اهي هنڌ ۽ تڙ جتي اها مڇي ماري اچي ڍڳ ڪندا هئا. اهي پڙ ۽ پٽ انهي مڇي جي گهٽ ٿي وڃڻ ڪري خالي آهن ۽ ماڻهو خريد ڪرڻ وارا واپس موٽيو وڃن.

هن بيت ۾ زندگي جي ان ڪاروهنوار ۽ ڪاروبار جي انهي گهما گهمي ۽ هما همي جو شاعر ذڪر ٿو ڪري تہ انهي لذيذ ۽ سوادي مڇي جي گهٽتائي سبب اها حالت پيدا ٿي آهي. مقصد آهي تہ چڱي شيءِ جيستائين جتي آهي تہ اتي ان جي طلب اوتري آهي. جڏهين اها چيزئي نٿي رهي تہ پوءِ اهي ڪاروبار وارا هنڌ ئي خالي ٿيو وڃن.

اُيـــي اُســـڙان اُسُ ۾ جَهلَئـــون ڪُـــن ڪَنِـــارَ
گهـــاتُو گَهـــر نـــہ آئِيـــا وَڏي لَڳِـــيَنِ وارَ
هُـيَسِ جَنـي هَـارَ، سـي مـوڙي چڙهئـا مَڪُـرا

(دا -1 -بيت 7)

- اُيي = اُيي بيٺي.
- اُسڙان = اس پئي سهان، ڪاڙهي جو تئو پئي سهان.
- ڪُن ڪنار = ڪن جي پاسي وارو هنڌ، ڪن جي گولائي واري اونهي ڪناري واري جاءِ، هنڌ.
- گهاتو گهر نہ آئيا = منهنجا شڪار تي ويل اڃا گهر نہ آئيا آهن.
- وڏي لڳن وير = انهن کي ڏاڍو وقت لڳي ويو آهي. هنن ڪافي دير

ڪئي آهي.

- جَني هار (آهار): آڌرا، آسرو، جنين جي آڌار ۽ آسري تي هيس
- موڙي = ڦيرائي، ورائي.
- مَڪرا = ٻيڙا.

آئون انهي اونهي ڪُن جي گولائي واري ڪناري جو پاسو جهلئو اُس ۾ ويٺي ڪاڙهي جو تئو سهان، اس ۾ پئي سڙان.

منهنجا گهاتُو منهنجا شڪار ڪرڻ وارا هيڏي وڏي دير تي ويئي آهي. گهر نہ موٽيا آهن. آئون جن جي سهاري ۽ آسري تي هيس اهي ٻيڙا موڙي چڙهي روانا ٿي ويا.

هن بيت ۾ انتظار، ياد ۽ تذبذب جي ذڪر سان گڏ گهاتن جي واپس نہ موٽڻ جي ڳالهہ آهي ۽ انهي سان گڏ شڪواهہ پڻ اهو آهي تہ جن جي آڌار ۽ آسري تي هئڻ واري ڪيفيت يا خواهش هئي تہ اهي جن جو آسرو هو اهي پنهنجا ٻيڙا موڙي پوئتي ورائي روانا ٿي ويا. زندگي جي جدوجهد جو سلسلو انسان جو سچو پنهنجو پاڻ سان آهي. ٻئي جو سهارو ۽ آسرو انسان جي عمل جي قوت کي پسپا ڪري ٿو. ان لاءِ ضروري آهي تہ تانگهي ۾ تاڻي ٻڌ پنهنجو ترهو. اونهي ۾ آٽي ڪو نہ ڏيندءِ ڪو ٻيو."

تَريُون پَسان نہ تارِ ۾ جُهڳا جاءِ نہ ڪن
مادَرِ مَلاحَنِ، ماڳ نہ ڏويا مَڪُرا

(دا - 1 - بيت 8)

- تريون = ڪاٺ جي ڪاين، سر ۽ ڏين سان نهيل ترهن وانگيان ڪٽ جيترا نهيل چوڪٽ جيڪي پاڻي تي ترن.
- پسان (مصدر پسڻ = ڏسڻ) ڏسان.
- تار ۾ = وڏي پاڻي ۾ .
- تريون پسان نہ تارِ ۾ = وڏي تار پاڻي ۾ اهي تريون تہ ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿيون اچن.

- جهُڳا = پونگيون، ڪکاوان گهر پيو جهڳا مڇين جو ڪن واري هنڌ تي گهٽو گڏ تيڻ، جهُڳا رڇ جو بہ هڪ قسم ٿئي.
- ماڳ = جاءِ هنڌ.
- ڊو يا مڪرا = ٻيڙا ٻيهڪ واري جاءِ تي/ هنڌ تي نہ آندا انهي ڊوڪ تي آٽي نہ بيهاريا.

تار ۾ ڪي تريون ٿي ڏسڻ ۾ ڪين ٿيون اچن ۽ نہ وري ڪن ڏانهن جهڳن جي ڪا جاءِ آهي.

اي منهنجي ماءُ ملاحن انهيءَ هنڌ تي پنهنجي ٻيڙن ڪي آٽي نہ بيهاريو آهي جتان ڪا شيءِ پسي سگهجي.

مُـــون اُڏَارِئـــا مَڇَـــڙا، الله گهـــاتُو آڻ
ميـان مُنـدارن سـين، مـون ڪـي وجِهـہ مَر ڪـاڻِ*
هَـــتَ مُنهِنجـــي هـــاڻِ، قَـــدُرُ لَـــڌو جَـــنِ ري

(دا -/- بيت 9)

- مون اُڏارِئا = مون اڏارا ورتا.
- مَڇَڙا = مڇيون.
- مون اڏارِئا مڇڙا = منهنجي اهڙي تنگ حالت ٿي ويئي جو مون

---

* جناب ڊاڪٽر صاحب جن گنج سميت اٺاويهن قلمي نسخن ۾ اصل لفظ "مُدارن" ڄاڻائين ٿا جيڪو ڏنگين ۾ (اصل مدّارن سين) ڪري لکيو آهي ۽ سٽ ۾ ميان مڌارن سين مون ڪي قادر وجهہ م ڪاڻ لکن ٿا. پر تخت المتن ۾ لفظ حرف ڪيل آهي ۽ "مدارن لفظ ۾ نہ جو واڌارو ڪيل آهي. هونئن لفظ مُدارن جي معنيٰ ٿئي ٿي پروسن ۽ تعلقن يعني پروسي وارن ۽ تعلق وارن، جيڪا معنيٰ ڪاڻ واري ڳالهہ ڪي صحيح بيهاري ٿي. مُندارن ڪي ڊاڪٽر صاحب بُندارن فارسي جو ڄاڻائي هڪ انداز معنيٰ لکي آهي. هتي پروسي وارن ۾ دڪاندار غائب ۾ آهي قادر جو لفظ مالڪ ڪي استدعا لاءِ ڪم آيل آهي جيڪو سٽ مان حذف نہ ٿيڻ گهرجي. ميان مدارن سين قادر وجهہ مَ ڪاڻ، اصل صورت پڙهڻ گهرجي.

مچڙيون بہ ہين کان اڏاريون پئي ورتيون.

- مندارن سين = (بندارن فارسي) دڪاندارن سين.
- ميان مدارن سين قادر وجهہ مَ ڪاڻ.

هت ميان جو اشارو قادر ڏانهن نہ آهي پر پنهنجي ڪڙم وارن ڏانهن آهي جيڪي موجود تہ آهن انهن جي غير موجودگي ۾ گهاتن جي عورت جي اها حالت ٿي جو ڪو شڪار ڪو نہ ٿي آيو جو اڏي وارن يعني واپارين کي ڏيئي هو اتان رقم حاصل ڪري سگهي بجاءِ ان جي هن جي پنهنجي گذر جي مسڪيني واري حالت رهي. ان ڪي پنهنجن ڪڙم وارن کي مخاطب ٿي چوي ٿي تہ اي ميان/ وارث جن سان پروسي ۾ تعلق وارو رستو آهي اي منهنجا قادر ڪريم انهن جي مون کي ڪاڻ يا غرض نہ ڪڍڻي پوي سڄي سٹ انهي طور تي آهي. ان ۾ دڪاندار بہ اچي وڃي ٿو جيڪو غائب جي صورت ۾ آهي.

- مدارڻ = پروسي وارن، تعلق وارن.
- ڪاڻ = غرض.
- مٹ = هوڏ، ضد، پاڻ پڻو، پنهنجو وجود پاڻ هئڻ.
- قدر = وزن، هئڻ جو احساس.
- جن ري = جن کان سواءِ.

اي منهنجا الله! اي منهنجا مالڪ! گهاتن ڪي وري پنهنجي ماگ آڻ جو تہ انهن جي نہ هئڻ ڪري ڪو شڪار ڪو نہ ٿو اچي جو ان ڪي نيئي بازار ۾ ڏجي ۽ موٹ ۾ جا رقم ملي تہ ان سان گهر هلي. منهنجي مسڪيني جي حالت اها آهي جا پنهنجي قوت لاءِ بہ مچڙا اڏارا آٹا پون ٿا.

اي ميان! (غائب ۾ منهنجا ولها) قادر يعني قدرت جو ڏڻي اهو مالڪ مون کي پنهنجي پروسي ۾ تعلق وارن جي ڪاڻ نہ ڏي انهن ۾ منهنجو ڪو غرض نہ پوي.

مون کي پنهنجي هئڻ جو احساس هاڻي ٿيو آهي ۽ انهي ڳالهہ جي

خبر پئي آهي تہ منهنجو قدر منهنجي وارثن ۽ ڏٽين سان آهي. انهن کان سواءِ منهنجو هي وجود ۽ پاڻ پٽو اجايو آهي. انهي سچي ڳالھ ۽ مامري جي خبر مون کي پنهنجي غير موجودگي ۾ پئي آهي ۽ انهي ڳالھ جو قدر ٿيو آهي.

اوري هُئــا تـہ آئِيــا، جــيڪس وئــا پَــري
ســاٿِي سَــڏَ ڪــري، مــاڳ نهــاَري موٽِئــا

*(دا - ا – بيت 10)*

- اوري = ويجهو، نزديڪ.
- جيڪس = جيئن ئي.
- ساٿي = ساٿ وارا، سنگتي، همراھ.
- ماڳ = جايون، هنڌ.
- جيترو وقت هو ويجهو هئا ويجهڙائي ۾ شڪار ڪندا هئا تہ ايندا هئا پر جيئن ئي پر ي نڪري ويا آهن تہ هنن جو اچڻ نہ ٿيو آهي.

ساٿي ۽ سنگتي سڏ ڪري اهي ويجهائي وارا ماڳ ۽ هنڌ نهاري موٽي آيا منهنجن شڪار تي ويلن جو ڪو پتو نہ پيو.

رويـــــو رَڇَ نِهاريَـــــان اَديـــــون اڄُ سَـــــندان
سَـــڙِي ســاڄَ پِيَــانِ، وَيــڙو لوهُــہ لِڪُــون ڪَــريَ

*(دا - ا – بيت 11)*

- سندان = انهن سندا، انهن جا.
- سڙي = پئي پئي ختم ٿي.
- ساڄ (ساز) = رڇن جا سامان، سندن شڪار وارا سامان.
- لکون = ذرا، ذرا، ڪنجي پري.
- ادي! اڄ آئون انهن گهاتن جا رويو رڇ پئي نهاريان تہ اهي ڪٽي آهن.

منهنجي گهاتن جا ساڄ شڪار وارا رڇ، ڪڙهيون، جهڳا اهي سي

سڙي ناڪارا ٿي ويا انهن ۾ پيل لوهہ جا ننڍا مٽڪا سي پڻ ڪٽجي ذرا ذرا ٿي ويا.

هنن بيتن ۾ شاعر گهاتن جي شڪار تي هليو وڃڻ ڏينهہ لائڻ ۽ نہ موٽڻ واري حقيقتن ڪي انهن جي گهر وارين/ مائن/ يا پيٽن جي واتان گهاتن جي جدائي جي حال کي بيان ڪري ٿو.

ڪِلـي جـان ڪيڪارِيَـان تـان سـاٿِـي سَـگَ نـہ ڪَـنِ
وارِئـو وهِــٽَ وڃــنِ، ڪَــنِ سَــيا ڳِين سـامُهان

*(دا - 1 - بيت 12)*

- جان = جيئن ٿي.
- ڪيڪاريان = آڌر ڀاءُ ڪريان، پليڪار ڪريان، خوش خوش ڪريان
- سگ نہ ڪن = مون کي پاڻ سان سگٽو نہ ڪن، ڪا مائٽي ڪا نہ ڳڻين.
- وارئو = پوئتي هڪليو، موٽايو.
- وهٽ = چڙهي وارا ڳڏهہ، گهوڙا، اٺ خچر وغيرهہ
- سياڳين = ڀاڳ وارين، نصيب وارين.
- ڪن سياڳين سامهان = انهن کي سامهان ڪن جيڪي مون کان وڌيڪ سياڳ واريون يا سهڻي نصيب واريون آهن.

هن بيت ۾ بہ گهاتن جي عورت انهيءَ ڳالهہ جو اظهار ڪري ٿي تہ آئون جيئن ئي انهن کي يعني گهاتن کان سواءِ ٻين انهن جي لاڳاپي وارن/ عزيزن کي ڪلي ڪيڪاريان انهن جو اچڻ تي آڌر ڀاءُ ڪريان، پر هو تہ مون کي پنهنجو سگيٽو يا عزيز کي سگ ئي نٿا ڳڻين تہ آئون ڪا سندن ڪيڙ مان آهيان، چڙهي وارا وهٽ بہ وارئو مون کان پٺيرا ڪريو انهن سياڳين جي سامهون وڃيو ڪن. جيڪي مون کي پنهنجو سگيٽو ڪري نٿيون سمجهن. هن ۾ بہ عورت جي انهي اڪيلائي ۽ ان سان پنهنجي ور جي هليو وڃڻ ڪري عدم تعاون جو اظهار آهي، جيڪي ڏيکاري ٿو تہ

هِـي ڇـاڙُون ۽ ڇـيَ، ايـا اوڙاهُـ اڳـاهُون تيـو.

(دا -1 - بيت 14)

- جُهڳا = هي رڇ جو قسم آهي جيڪو پڙي/ پيش گير وانگيان ٿئي، هن کي ٻانهن ڪلهي تي ٻيهاري اچل ڏني ويندي آهي. هن ۾ آخر ۾ سيهي جا مٽڪا ٿين جيڪي اچل سان جهول جي آخر ۾ هوندا آهن ۽ وچي ترو وٺندا آهن. ماري ڏور سوري ان کي سوڙهو ڪندو جيئن پڙي ۾ اڳٺ هوندو آهي. جيتري پڪيڙ ۾ جهڳو ويو اوتري ۾ جيڪو شڪار هوندو اهو انهي رڇ ۾ اچي ويندو.
- جهول= واهڙ جتي پاڻي چاڙهہ ۾ اچي لهي وچي انهي بيٺل پاڻي کي چئجي جهول.
- سبر = مضبوط طاقت وارا.
- راوان رڇ = سمونڊ ۾ هٽڻ وارو وڏو رڇ جيڪو ڪافي مضبوط ٿئي.
- رڱج = رنگ ڏج.
- ڇاڙون = تانگهي پاڻي وارا وهڪرا.
- ڇيج = هيٺاهين وارو هنڌ جتي وير سبب يا درياهہ جي اٿل سبب پاڻي اچي وچي ۽ ڍنڍ ٿاهي بيهي.
- اوڙاهہ = وڏي اونهائي وارو سمونڊ اهو هنڌ جتي ڪن ٿاهي
- اڳاهون = اڳتي، اڃا چرتي اڳيان.

جهڙي طرح سان جهڳن واري رڇ سان اچل ذريعي جهول واري هنڌ مان مڇيون شڪار ڪري سگهجن ٿيون. مڇ اهڙي طرح سان نہ ماري سگهبا انهن لاءِ اهو جُهڳن وارو رڇُ ڪم نہ ڏيندو.

سمونڊ ۾ جتي مڇ آهن اتي مضبوط ۽ طاقت وارو رَڇُ استعمال ڪجي اهڙي قسم جي رَڇَ کي رنگ ڏجي جيئن مڇ کي شڪار ڪرڻ وقت خبر پوي تہ اهو ڪنهن جو رڇ آهي.

هي تہ سمونڊ يا درياهہ جون ڇاڙهون ۽ ڇيج وارا هنڌ آهن. جن ۾ پاڻي

ايترو اونهون ڪو نہ آهي. اونهائي وارا اوڙاهہ تہ اجا اڳتي اونهي سمونڊ ۾ آهن.

هن بيت مان هن قسم جو مطلب پڻ اخذ ڪري سگهجي ٿو. تہ انسان پنهنجي نفس تي ضابطي جي سلسلي ۾ پنهنجي طور تي جو ڪجھ ڪري ٿو پنهنجي خيال ۽ سمجھ مطابق پر نفس نادان انهن آسان طريقن سان ضابطي ۾ اچڻ وارو نہ آهي، هو سرڪش ۽ خودي جو شڪار آهي. انهي جي سنڀال يعني پنهنجي ضابطي ۾ آڻن لاءِ فقر، فاقہ، صبر ۽ استقلال زهد، عبادت جهڙا ڏکيا ۽ طاقت ور عمل گهرجن. جن سان نفس جي خودي جهڪي ٿي سگهي ٿي. نفس جون الٻيلايون ۽ اڳرايون چاڙهن ۽ ڇڇ جي مثال آهن.

دراصل نفس کي سڃاڻڻ وارو مقام تہ اجا اڳتي آهي، جتي انسان کي خودي جي خيال کي ترڪ ڪري پنهنجي هستي ۽ هوڏ ۽ پنهنجي پاڻ پڻي واري ڪيفيت کي ختم ڪرڻو آهي. جنهن لاءِ سالڪ کي منزلن ۽ ڏکيائن مان گذرڻو پوندو تڏهين نفس طهارت ۽ پاڪائي جي منزل ماڻيندو. عبادت رياضت، فقر، فاقہ، صحو، سڪر، ذڪر، فڪر اهي سڀ مرحلا طئي ڪرڻا پوندا. انهن سيني منزلن کي پار ڪرڻ ائين آهي جيئن ڪنهن وڏي ڪن کي پار ڪري پنهنجي منزل ماڻجي.

اَئين جا لَڏو لوڏَ، نہ اِيءَ پَرَ گهاتُوئَڙَن جي
ڪُنَ ڪلاچِيءَ ڪوڏ، سُک نہ سُتا ڪَڏهِين

(د1 - 1 - بيت 15)

- ائين = اوهين.
- ائين جا لڏو لوڏ = اوهين جيڪا لوڏ لڏو تا يا جيڪا هلٽي هلو تا.
- نہ ايءَ = اها نہ.
- پر = ريت، رسم، هلي چلي.
- ڪوڏ = خوشي، سرڏا، خوشيءَ مان.
- سُک = آرام، سُڪون.

اوهين جيڪا هلڻي هلو پيا يا جيڪا اوهان جي هلڻ جي لوڏ ۾ انداز آهي. گهاتوئڙن جي اها ريت ۾ پر هرگز ڪين هئي. هو ڪلاچيءَ جي ڪُن جي پرسان جتي هر وقت خطرو ۾ ٻپ آهي اتي هو خوشيءَ ۾ سوڏا ماڻ ڪڏهين ڪين ستا هنن اتي ڪو بہ آرام نہ ڪيو.

گَها اڳِيان، گهاتُو اڳيان، اِي گهوري نہ ڄاڻن*
جَنهِہ پَرَ مَڇَ مَرن سا پَرَ اي نَہ سِکِيَا.

*(16 بيت — 1 - دا)*

- گها (جمع گهاءُ) = (جيئن ڳالهہ ڪندي چوندا تہ الاهي تہ ڪو گهاتو مڙس آهي. يعني ڏاڍي طاقت وارو آهي يا وڏو آهي هتي گهاتو جو جمع گهاتا آهي. مخفف ۾ گها استعمال ٿيل آهي) = وڏو ريج وڏي طاقت وارو يا زور جهلڻ وارو رَيجَ.
- گهوري (مصدر گهورڻ = ڳولڻ، تلاش ڪرڻ، نهارڻ) ڳولي.
- اي = اهي.
- اي گهوري نہ ڄاڻن = اهي مڇي کي ڳولي/ ڳولڻ ئي نٿا ڄاڻن تہ مڇي شڪار مهل ڪيئن ڳولبي آهي.
- جَنهِہ پر = انهي ريت، جنهن ريت، جهڙي طريقي.
- جيتوڻيڪ اڳيان وڏا ريج هنيا ويا آهن. گهاتو شڪار ڪرڻ وارا بہ اڳيان آهن، پر اهي مڇي کي شڪار لاءِ ڳولڻ جو ڪو ڍنگ ئي نٿا ڄاڻن.

---

* مٿي ڏنل بيت کي جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن سمجهاڻي ۾ هن طرح پڻ ڏنو آهي جنهن ۾ ٻنهين سٽن جا قافيہ پڇاڙي ۾ ڏنل آهن: "گها اڳيان گهاتو گيا گهوري نہ ڄاڻن سا پرهي نہ سکيا جنهہ پر مڇ مرن" ان لاءِ لکن ٿا تہ ٻنهي سٽن ۾ آخر ۾ آيل قافين واري سٽاءَ مان سمجهجي ٿو تہ هي بيت هن پڙهڻي سان غالباً شاهہ عبداللطيف کان اڳ جو آهي" ڊاڪٽر صاحب مذڪوره بيت جي پوئين سٽ جي ترتيب بدلي ڪري "هي" جي بجاءِ لفظ "اي" وڏو ۾ پهرئين سٽ ۾ لفظ اي جو واڌارو ڪري بيت لطيف جو قرار ڏيئي ڇڏيو ۾ پنهنجي راءِ ۾ تحقيق جي خود ترديد ڪئي آهي لطيف جي بيت هئڻ لاءِ اهو موثر دليل نہ آهي.

جنهن ريت سان يا اٽڪل ۾ طريقي سان مڇ مرن هي اها پر بہ نہ سکيا آهن انهي جي خبر سندن مڇي جي گهور واري ڳالھ مان پئي پوي.

گهوريندِهين گهور پئا، اڳهور گهورِيائون
مانگر مارِيائون، ملاحن منهَ سَنرا

(دا -1- بيت 17)

- گهوريندهين = گهور شروع ڪرڻ سان ئي، ڳولا شروع ڪرڻ سان.
- اڳهور = ( اَ= نہ+ گهور = ڳولڻ جنهن کي ڳولي نہ سگهجي) = اهو هنڌ اها جاءِ جيڪا ڳولڻ ۾ نهايت مشڪل ۽ ڏکي هجي.
- گهوريائون = لڌائون، ڳوليائون.
- اڳهور گهوريائون = اها ڏکي ۽ مشڪل جاءِ يا اهو ڏکيو هنڌ جتي مڇ رهندڙ هو اهو وڃي ڳولي لڌائون.
- مانگر = وڏو مڇ وڏو نقصان ڪندڙ مڇ جيڪو ماڻهن کي بہ کائي وڃي.
- ماريائون = ماري وڌائون.
- مُنهہ سنرا = خوشي وارا منهن سرهائي وارا منهن.

گهاتُو گهور ڪرڻ شرط ئي انهي گهور ۾ وڃي پيا (جت مڇ رهندڙ هو) اها گهور وڃي ڳولي لڌائون جيڪا ڳولڻ ۾ نهايت مشڪل هئي.

مانگر مڇ کي شڪار ڪري مارڻ کان پوءِ گهاتن جا منهن خوشيءَ مان پئي ٻهڪيا انهيءَ لاءِ تہ انهي مڇ خبر نہ آهي تہ هيستائين گهاتن جو ڪيترو نقصان ڪيو هو انهيءَ ڪري هو خوش هوا تہ انهي اجگر بلا يعني وڏي مانگر مڇ کي ماري وڌو اٿن.

هي بيت بنيادي طور تي انسان جي ڪوشش ۽ اڻ ٿڪ جاکوڙ واري عمل ڏانهن نشاندهي ڪري ٿو تہ ڳولها سان ماڻهو ڏکئي کان ڏکئي هنڌ بہ پهچي وڃي ٿو. جتي نقصان ڪار طاقتون/ طاقت رکندڙ وجود موجود هوندو آهي. انسان پنهنجي بهادري ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد سان انهي تي ضابطو آڻي پاڻ تان انهن آفتن يا آفت کي جيڪا انسان جي وجود لاءِ نقصان ڪار آهي ان کان ڇوٽڪارو

حاصل ڪري خوشي ماڻي سگهي ٿو. اها مادي طاقت بہ ٿي سگهي ٿي جيئن ظالم انسان، ڪو شينهن بگهڙ، ڪو واڳون ڪو مڇ وغيرهہ) ۽ انسان جو نفس بہ ٿي سگهي ٿو ۽ شيطاني قوتون بہ ٿي سگهن ٿيون انهن سيني تي ڳولها ۽ پنهنجي ارادي جي پختگي سان ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي. جنهن سان انسان کي دلي سڪون ميسر ٿي سگهي ٿي.

**وائي**

گهاتُوئڙا اَدا
متان اَئين رَڇُ وِجائيو
گهُوري ماري گهاتُئا رَڇَنَ رنگ ڏجا
مهندان اُن مُلڪ جو اَئين ڪو ڊپ ڪَجا
ڪري صلاح سَيدُ چئي اُونهِين اُهريجَا

ادا گهاتوئڙا اوهان رڇ متان وڃائيو انهن کي ضايع نہ ڪجو.

جن رڇن سان اوهان ڳولبي نهاري شڪار ڪيو آهي مڇيون ۽ مڇ ماريا آهن انهن کي سڃاڻپ جو رنگ ڏجو تہ هي اهو ئي رڇ آهي جنهن سان مانگر ماريو ويو.

اڳئين ملڪ جو اوهين ڪو ڊپ ڊاءُ نہ ڪيو يعني انهي هنڌ جو جتي اهو وڏو مڇ آهي ان جو ڪو خوف نہ ڪيو.

سيد عبداللطيف چئي ٿو تہ پاڻ کي صلاح ڪري اتفاق ڪري يڪ مشت ٿي انهي اونهين ڪن ۾ لهجو يا اُهرجو ڇو تہ اوهان جي پاڻ ۾ هڪ صلاح هئڻ اوهان جي ڪاميابي جي نشاني آهي.

# سُر گهاتُو

## داستان پيو

مَتو آهين مَڇَ، تُلهو تئو تُونا هَٽين*
جا تو ڏِني اَچَ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏِينهَڙا

(دا - 2 - بيت 1)

- متو آهين مڇ = اي مڇ تون ڏاڍو مڇي پيو آهين، مڇ چڙهي ويو اٿئي،
- تلهو تو تونا هٽين = تلهو تي پوءِ اُکلون پيو هٽين زور وارا ڌڪ تو هٽين.
- جا تو = تو جيڪا
- ڏني اچ = اچاڻ ڏني آهي.
- تنهن پاٽي = انهي پاٽي جيڪو اچ سمجهين تو.
- پُنا ڏينهڙا = انهي تنهنجا ڏينهن اچي پورا ڪيا آهن.

---

* اڪثر قلمي رسالن توڙي سگهڙن جنهن ۾ سگهڙ حاجي صوبي ڪپري جو جناب اڪٽر بلوچ صاحب جن ذڪر فرمايو آهي ته بيت جي پهرئين سٽ جي پڙهڻي:
متو آهين مڇ، تلهو تو تونا هٽين" ڏني آهي ڊاڪٽر "تو" کي تئو ۾ تبديل ڪري ڪاتبن جي سهو سان ڳڻدين ٿا. ليڪن تئو زمان جي صورت ۾ اچي ٿو يڪو پڙهڻ ۾ تصور ۾ توفق کي وجود ڏئي ٿو جڏهين تو مڇ جي تلهي تي جڻ ڪان پوءِ وجي عمل کي تسلسل ۾ ڏيکاري ٿو ان لاءِ لفظ تو وڌيڪ سحيح آهي.

اي مڇ تون مڇي مهوڙ تي تلهو تي اکلون ۽ ڏک پيو هٽين توکي ڏاڍي مستي تي ويئي آهي.

تو جيڪا پاڻي جي اڇ ڏٺي آهي، اهو تہ ڪائي وارو پاڻي آهي، ايڏو ڪو اونهون ۽ زور واري وهڪري وارو نہ آهي، تون ان تي پلجي پيو آهين. انهي اڇ ۾ تنهنجا ڏينهن پورا ٿي ويندا.

اها اڇ تنهنجي موت جو سبب يا سامان آهي.

هي بيت جتي مڇ جي مڇي مستي ڪرڻ جي بيان ۾ آهي اتي هن بيت ڪي انساني نفس جي ارهہ زوراورين ۽ پنهنجي خواهشن وغيرهہ تابع هئڻ جو عنصر ملي ٿو. ان سان گڏ زندگي جي انهي طبقي جو جيڪو سرمايي ڪاري ۽ مالداري وڏ ماڻهپي اجائي گهمنڊ ۽ غرور ۾ مبتلا آهي ۽ پاڻ کي سڀ ڪجهہ سمجهي ٿو. امارت ۽ اميري جو پاڻ کي حقدار تصور ڪري ٿو ان تي بہ هن کي صادق آٽي سگهجي ٿو.

ڇاڪاڻ تہ هي دنيا جو ڪوڙو ڏيک ۽ مايا جو موهہ آهي طاقت جو دائمي تصور خداوند ڪريم کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪين جڳائي ٿو. اهي شيون اڇٽيون وڇٽيون آهن. اڇ آهن سياڻي انهن جي هئڻ جو ڪو يقين ۽ ڀروسو ڪو نہ آهي. هي پاڻي جي انهي ڪوڙي اڇ وانگيان آهي. هر ماري جي طاقت کي ڪا دائميت ڪا نہ آهي هر ڏاڍائي واري نظام کي ڪو بقاءُ ڪو نہ آهي. قدرت جو نظام انهن جي خاتمي لاءِ انهن مان نئي حالات ۽ جواز پيدا ڪندو آهي. جن ذريعي اهي ختم ٿي ويندا آهن لطيف جو هي بيت گهڻ رخو ۽ گهڻ معنائون آهي. نفس جي سلسلي سان نظام جي سلسلي سان، ڏاڍائي وارين قوتن جي سلسلي سان، انهن سيني اهڙن روين تي صادق اچي ٿو جيڪي غاصباڻو سلسلو رکندڙ آهن. خلق آزاري يا خلق آزاري وارو نظام اهي سڀ برايون آهن اهي ائين آهن جئن مڇ جون اهنڊايون. ”تو جا پانئي اڇ“ درِ حقيقت اهڙن روين لاءِ وارننگ آهي انهن کي چئلينج آهي تہ برائي جي خلاف ضرور صف بندي ٿيندي ۽ بري تي بڇ ضروري آهي

سماجي زندگي ۾ سماجي نظام ۾ طبقاتي سرشتي ۾ بري تي ٻيچ ضروري آهي. جيستائين اهي مڇ جيڪي غاصباڻين قوتن جا مالڪ آهن انهن جو وجود ختم نہ ٿيو آهي ان وقت تائين انصاف پلئہ نہ پوندو.

تلهو تو ٿُونا هَٽين، متو آهين مَڇَ
باب تنهنجي رَڃَ، رکئا لوح قَلَمَ ۾

(دا - 2 ـــ بيت 2)

- پهرئين سٽ ۾ آيل لفظن جي معنيٰ بيت پهرئين ۾ ڏنل آهي.
- باب = (بابت) تنهنجي بابت تنهنجي باري ۾.
- لکئا = لکيا ويا.
- لوح قلم = ازل کان وٺي ازل جي قانون مطابق.

شاعر مڇ کي مڇ جي اوٽ ۾ ان جي استعاري ۾ انهي امر کي بيان ڪري ٿو تہ هر ڏاڍي، نقصان ڪار، ظلم جو انت اچڻو آهي. ان بابت قدرت جو پنهنجو قانون آهي، جنهن جي گرفت جي ڪا خبر ڪا نہ آهي. جڏهن پڪڙ ڪندو نہ خبر ئي ڪا نہ پوندي. مَڇَ لاءِ بہ چوي ٿو تنهنجي بابت ازل کان ئي رَڃَ جي وسيلي تنهنجو اَنتُ آهي اهڙي ريت مڇ جيان جيڪي بہ برائي واريون قوتون آهن انهن لاءِ قدرت جو قانون آهي جنهن سان هو انهن جو خاتمو آڻي ٿي.

جِئَن تون هڏ نہ موتئو، يَلو يَلو مَڇَ
جا تو ڏِني اَچَ، تَنهِ پاڙِي پُنا ڏينهَڙا

(دا - 2 ـــ بيت 3)

- جئن تون = جهڙي ريت تون.
- هڏ = بلڪل، مورانهين، بنهہ.
- تنهہ = انهي، تنهين.

يلو يلو! ندائي لفظن سان شاعر انهي امر جو اظهار ڪري ٿو تہ مڇ!

تون تہ وڏين ڳالهين وارو هئين تنهن جي بلي، بلي پئي پئي پر تون موٽي تہ بنهين ڪو نہ سگهبين.

تو جيڪا پاڻي جي اڄ سمجهي انهي اڄ، ڪائي واري پاڻي جي صورت حال توکي موٽڻ ئي ڪو نہ ڏنو ڇو نہ واهوندي ۾ براهڙي وارو ڇڪي وارو پاڻي ڪو نہ هو جو تون موٽي سگهين ها. هاڻي انهيءَ تانگهي ۾ بيٺل پاڻي ۾ اتي تنهنجا ڏينهن پورا ٿي ويندا.

هتي هستي ۾ هوڏ جي انهي رويي جو ذڪر آهي جنهن ۾ انسان گرفتار ٿي پنهنجي حيثيت ۽ حقيقت کي پلجي وڃي ٿو. سندس اختيار ڪيل گهمنڊ ۾ ڦوندبہ پاڻ پٽو سندس ئي وجود جي انت جو سبب بڻجي کيس ختم ڪري ڇڏي ٿو.

جان واهڙ ۾ وَهہ، تان تون مَ ڃَ نہ موٽئو
ڪائي ۾ ڪوهہ ڪَرين پوءِ موٽَڻ جو پُهَہ
سِرَ مٿي سَهُہ، مهَميزوون ملاحَنِ جُون

(دا - 2 - بيت 4)

- جان = جيستائين، جيترو وقت .
- واهڙ ۾ وهہ = درياهہ جي ڇوڙ وارن واهڙن ۾ وهڪ يا انهن ۾ پاڻي هلندڙ آهي، وهندڙ آهي.
- تان تون = تون تيستائين.
- موٽئو = واپس ٿيو پاڻهون وريو.
- ڪائي (ڪائو) = زور ۾ چوهہ واري پاڻي جي وهڪ ختم ٿيڻ بعد وارو پاڻي، لاٿ وارو پاڻي وير جي لهي وڃڻ بعد.
- پهہ = ارادو، خيال، نيت.
- سِرَ = مٿو
- سَهُہ = برداشت ڪر. ان جي سهپ ڪر
- سِرَ مٿي سَهُہ= پنهنجي مٿي تي آيل تڪليف کي برداشت ڪر.

- مهميزون = مارون، ڏک، سختيون

شاعر مُڃَ کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ جيستائين واهڙن ۾ پاڻي جي زور جي وهڪ هئي يا ويرن جو زور هو تيستائين تو واپس موٽي سمونڊ ۾ اچڻ جي ڪا نہ ڪئي.

جڏهين ويرون وري وئيون واهڙ وهڪ ڇڏي ويا. ان ڪان پوءِ تون موٽڻ جو ارادو ٿو ڪرين. تون هيڏو اجگر مڇ ڪائيءَ جي پاڻي ۾ ڪيئن موٽي سگهندين.

هاڻي تولاءِ سواءِ ان ڳالهہ جي ٻي ڪا واهہ ڪا نہ آهي تہ مون پنهنجي سر تي اهي سختيون برداشت ڪر ڏک ۽ ملاحن جون مهميزون سَهُہ ڇو تہ توکي پنهنجي ڪوتاهي آڏو آئي آهي.

هن بيت کي اڪثر نفس اماره سان لاڳو ڪيو ويندو آهي تہ انسان ۾ جيستائين جواني جو جوش ۽ گُهمنڊ آهي ان وقت تائين هو غفلت جي اوڙاهہ ۾ آهي ۽ پاڻ کي حقيقت ڏانهن يا پنهنجي نفس جي سڌاري ڏانهہ هو سوچڻ جي نٿو ڪري جڏهين زندگي پسپائي اختيار ڪري ٿي ۽ عبادت رياضت ۽ فقر فاقي جو وقت گذري وڃي، تڏهن هو انهي لوازمات کي اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪري ٿو. جيڪو صحيح نہ آهي. ان لاءِ متس جيڪي پوءِ جسماني يا قلبي طور تي سختيون اچن ٿيون شاعر چوي ٿو تہ انهن کي برداشت ڪر پر ضرورت انهي امر جي هئي ۽ آهي تہ انسان کي پنهنجي زندگي جي انهي وقت ۾ انهن روين کي اختيار ڪرڻ گهرجي، جڏهن منجهس قوت برداشت ۽ سهپ جي گنجائش هجي باقي پوءِ تہ آهي پاڻ کي تسلي ڏيڻ لاءِ انهن سلسلن کي اختيار ڪرڻ. انهي ۾ حقيقت جو حصول زهي نصيب آهي.

تــان تُــون مَــڇَ نــہ موٽِئــو جــان جَــر هُئَــڙو سِــيرَ
آڏا مُنــدي ڪِيــرَ، گُهــٽَ بــہ جهلِيئَــي گهــاتُوئِين

(5 بيت ـــ 2 - دا )

- تان تون = تيستائين تون.
- جان = جيسين، جيستائين.
- جرُ = پاڻي.
- هُئڙو = اهو هو.
- سِيرَ = تيز وهندڙ سِيرَ ڪري وهندڙ پاڻي يعني واهن درياهن چاڙهن ۾ پاڻي سير ڪري پئي وڙهو.
- آڏامندي ڪِيرَ = آڏا رَڇَ ڪلن سان هٽي ڇڏيا.
- گهٽ = لنگهہ، نڪرن وارا هنڌ.
- جهليئي = جهلي ڇڏيا.

جيستائين واهن، چاڙهن درياهہ ۾ ڊورن ۾ پاڻي سِيرَ ڪري پئي وهيو اي ميچ! ان وقت تو موٽ نہ ڪاڏي پر پنهنجي گُهمند ۾ ويٺو رهيين جڏهين گهاتن انهن لنگهن ۾ جاين تي جتان تنهنجي اچڻ جا اهي لنگهہ هئا اتي وڏا مضبوط رڇ ڪلن سان ٻڌي هٽي ڇڏيا آهن.

جـان جَـرُ هُئـڙو جـالَ، تَـان تُـون مَـيچَ نـہ مـوٽئـو
پُـــونِئِي اُڄُ ڪِ ڪـــالَ، ســـانيُيُون ســـانگِنِ ۾

*(دا - 2 — بيت 6)*

- پهرئين سٽ جي لفظي معنيٰ اڳئين بيت ۾ ڏنل آهي.
- پُونَئِي = توکي پُون.
- اڄ ڪِ ڪال = اڄ يا سياڻي.
- سانيويون = ڄار رَڇَ.
- سانگن ۾ = درياهہ جي انهن واهڙن ۾ چاڙهن ۾ جتي تون هلين ٿو.

جيستائين جال جَرُ وڙهو پئي اي مَيچَ ان وقت تو موٽڻ جي ڪا نہ ڪئي. پر جڏهين انهي پاڻي جي وهڪ جو زور ختم ٿي ويو آهي. تہ تو لاءِ گهاتن انهن واهڙن جي لڪن ۾ هنڌن تي وڏا ڄار ۾ رڇ ايا ڪري هنيا آهن جن ۾ اڄ يا سياڻي تون ڦاسي پوندين.

کُنـــدِي کَلـــينُ وِچ ۾ جَـــڏهن هَنئـــي جَـــنِ
مُـون کـي مُـون پِـرينِ، کَـڍَڻ جِـي کـا نـہ کَئِـي

- کُنڊي = گولائي واري وريل لوهہ جي مضبوط ڏانڊي (اسمن ۾ هن جي وصف ڏنل آهي).
- ڪلين (ڪليون) = مڇي جي مهڙ واري پنهين پاسي اڌ گول جي صورت ۾ ڇاريدار ڦڙڪا جيڪي مڇي جي ساهہ کڻڻ ۾ ڪم اچن. (هن جي وصف اسمن ۾ پڻ آهي).
- جڏهن = جنهن وقت، جنهن مهل، جنهن وير.
- هنئي جن = جن هنئي.
- مون پرين = منهنجن پرين، منهنجن سڄڻن.

هي بيت ذو معنيٰ رکندڙ آهي. مڇي جو کُنڊي ۾ ڦاسڻ واري صورت حال کي شاعر جنهن تصوراتي ۽ خيال جي بُلندي جي سرزمين ۾ بيان ڪيو آهي. اهو بي مثال آهي. جئن مَڇي کُنڊي ۾ ڦاسي پوي ٿي پوءِ کُنڊي هٽي وڃڻ وارو مڇي جي ڦاسڻ بعد ان کي جنهن مهل ڪپيس ان مهل ڪڍي جيستائين هو نتو ڪڍي تيستائين ويچاري مڇي پئي ڇڪائيندي ۽ انهيءَ سور ۾ ڦٿڪندي آهي.

هت شاعر مڇيءَ جي تمثيل ۾ نيهہ جي نوڪ ۽ عشق جي لڳل تير بي پير جو ذڪر ڪري ٿو، جڏهين محبوبن طرفان نظر جا تير لڳي گهائل ڪري وجهن ٿا ۽ پاڻ پوءِ هليا وڃن. انهن تيز نظرن ۽ محبت جي ميخن لڳڻ سبب جيڪو عاشق جو حال ٿئي ٿو، اهو انهي کُنڊي لڳل مڇي جيان هوندو آهي. محبوب کي جڏهين ڪهل پوي وٽيس تہ وصال جو وڙ ڪري وٽيس تہ جدائي جي گهڙين کي ڏکو ڪري. اهڙي صورت حال تي ڪنهن سگهڙ چيو آهي تہ:

لڳي ميخ نہ اکڙي هنئي جا هوتن، جُنبي ويئي جان ۾ کُتي ساڻ ڪنين.

هاٽي جڏهن انگهن وارو عشق جو تير سيني ڪان پسٽ ٻاهر هجي تہ

پوءِ عاشق جو ڇا حال هوندو. ٻيو نُڪتو آهي. انسان جو پنهنجي رب سان واعدو جيڪو الست بربڪم ۽ قالو ابليٰ جو قول.

انسان جو روح پنهنجي اصل کان جدا ٿي هن ساري دنيا جي وجود ۾ موجود آهي سندس حالت انهيءَ سِڪَ جيان آهي تہ وڍيل ٿي وايون ڪري ڪٺل ڪوڪاري.

هاڻي اها امانت جيڪا وجود ۾ رکي ويئي آهي اها محتاج امر آهي جيستائين پاڻ پرين جيڪو احڪم الحاڪمين آهي ۽ جڏهين گهرائي جيستائين نتو گهرائي تہ اها ڪنڊي هن وجود جي ڪلين ۾ اٽڪي پيئي آهي جڏهين سرڪار عالي رب الارباب ان کي ڪڍڻ جي ڪري اهو ان جي قانون تقدير تي ڇڏيل آهي.

ڪُنـــڍِي ڪَلـــيُن وِچَ ۾ جَـــڏهِن هَنيـــائيُون  
مـــوتَ نـــہ مارِيـــائيُون، ڏورِ ڏيئِـــي وَيـــا ڏُکَ جِـــي

*(دا - 2 ـــ بيت 8)*

- ڪلين، ڪليون = مڇي جي منهن جي ٻنهي پاسي اڌ گول جي صورت ۾ ڪنهڙ هيٺان ڪليون ٿين جيڪي مڇي جي ساهہ کڻن جو ڪم ڏين، جهڙو اهي مڇي جا ڦڦڙ هجن.
- جڏهن هنيائون = جنهن مهل انهن ۾ ڪُنڍي اچي لڳي يا ڪُنڍي ڦاسي پئي.
- موت نہ مارڻ = موت جيئن نہ مارڻ بلڪل اڌوري حالت ۾ ڪري ڇڏڻ.
- ڏور = ڪُنڍي ۾ پيل سنهي ونيل ڌاڳن جي ڏوري.
- ڏک جي = تڪليف جي.

انهي بيت جي پڙهٽي ڪن رسالن ۾ توڙي سگهڙن کان هن ريت پڻ ٻڌل آهي.

ڪُنـــڍي ڪَلـــيُن وچَ ۾ ڪَـــا جَـــا هَنيَـــائُون.  
مُـــون ڪَـــي مَارِيَـــائُون، وِجهِـــي ڏَورِ ڏُکَـــن جِـــي

منصور! تنهنجو عشق سچو تنهنجو آواز حق سچ هاڻي حق جي وصا
انهي مشاهدي کان پوءِ صبر جي ضرورت آهي.“ منهنجي نظر جڏ
بيت جي انهن سٽن تي پئي منهنجو روح رڙيون ڪري اٿيو، منهنجو ها
پرجي ويو، لک شابس لطيف کي جنهن حق جي جلوي بعد وجهي ڏ
ڏکن جي ڳالهہ ڪري اندر ڦٽي وڌو. بيت جي انهن لفظن ۾ عشق جي ان
شهيدن جو تصور سمايو پيو آهي. (حق موجود) جن جان تي ڪرڻ وها
پنهنجو پاڻ ملهايو.

# سُر كاهوڙي

# سُر ڪاهوڙي

سنڌ جي سرزمين سُر، تال ۽ سوز جي سرزمين رهي آهي. راڳ هتان جي ماڻهوءَ جي ورونهه جي وندر ۽ ان جي اندر اساٽ جي اظهار جو وڏو ذريعو رهيو آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت جن راڳ جا شيدائي هئا راڳ سندن روح جي راحت هو، پاڻ پنهنجي رسالي لاءِ جيڪو ڪلام سرجيو يا چيو اتن انهيءَ ۾ راڳ کي وڏي اهميت ڏنل آهي. لطيف جو "سر ڪاهوڙي" بہ اهڙن سُرن منجهان هڪ آهي. شيخ عزيز محترم "سنڌي سنگيت جو سنواريندڙ ڀٽائي" جي مقالي ۾ لکي ٿو تہ هن وقت اسان وٽ جيڪي راڳڻيون سنڌي سُرن ۾ ڳايون وڃن ٿيون اهي جملي ستٽيهه آهن. شيخ عزيز "ڪاهوڙي" کي بہ هڪ راڳڻي جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو. شاهه صاحب عوامي موسيقيءَ مان جيڪي 17 راڳڻيون چونڊيون "ڪاهوڙي" انهن ۾ شامل آهي. "بقول جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تہ تن جي اصل بنيادي اهميت ۽ نوعيت جي پروڙ لاءِ گهري مطالعي جي ضرورت آهي. انهن راڳڻين مان ڪجهه اسان کان گم ٿي چڪيون آهن."

محترم شيخ عزيز صاحب ڪاهوڙيءَ لاءِ وڌيڪ لکن ٿا تہ: هي راڳڻي سنڌ جي خالص علائقائي موسيقيءَ سان تعلق رکي ٿي. هن جو ڪو بہ بدل ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڪونهي، هن راڳڻيءَ ۾ فقيرن ۽ جابلو ماڻهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ اصل مقصد صرف جدوجهد ۽ تندهي هوندو آهي، هن ئي نموني جي هڪ "جوڳيا" جي نالي سان راڳڻي پڻ

آهي ۽ اسان وٽ مروج ڪاھوڙي جي سرن مطابق ان جو مجموعي اثر ديوگنڌار ڀيرو ٿاٽ سان ملي ٿو. فرق صرف هي آهي تہ ديوگنڌار اوڊو سمپورن آهي. ليڪن ڪاھوڙي سمپورن آهي ھن جي چيڙ ھن ريت ڪئي ويندي آهي. ڌڌني ساري ساني ڌپ م ري پ م م گ گ ري گ گ م ري سا. رڪب ۽ سموادي پنچم اتس“

ھن راڳڻيءَ ۾ شاعرن جوڳين جي حالت زار جبلن جي جاڪوڙ ۽ فراق بابت تاثرات بيان ڪيا آھن. انھن وٽ خوش آواز ۽ رقت انگيز اثر پيدا ڪندڙ راڳڻي آهي. اسان وٽ نهايت سُھٽيون ڌنون ھن راڳڻي مان آھن. شاھ سائين جا فقير ”ڪاھوڙي“ ڪي وھائي رات جي شروع ۾ ڳائيندا آھن.

جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ڪاھوڙي سُر ۽ راڳ جي نوعيت متعلق ھن طرح سان رقم طراز آھن: ”ڪاھوڙين جي موضوع ڪي ڳائڻ لاءِ ”شاھ جي راڳ“ جي تنظيم ۽ سرڪاھوڙي ڪي ھڪ نئين راڳ جي صورت ۾ نروار ڪيو ”شاھ جي راڳ“ وارن سرن ڪي ھندستاني موسيقي جي راڳن سان ڀيٽيندي معلوم ٿيو تہ سُر ڪاھوري جڻ ھندستاني موسيقي جي .ديوگنڌار“ سان ملي ٿو.

سرُ ڪاھوڙي ڪي رسالي جي ترتيب ۾ ھر مؤلف يا سھيڙيندڙ ۽ سموھيندڙ صاحب پنھنجي پنھنجي خيال سان رکيو آهي ڪن صاحبن وٽ ڪاھوڙي ۽ رام ڪلي ٻئي ھڪ ٻئي پويان آھن تہ ڪن وٽ وري ڪاھوڙي الڳ آهي. شاھواڻي ھن سُر ڪي 22 نمبر تي انصاري صاحب 24 نمبر تي 1270 ھجري 1271 ھجري واري رسالي ۾ 19 نمبر تي ٽرمپ صاحب ھن ڪي 17 نمبر تي قليچ صاحب 20 نمبر تي ۽ آڏواڻي 22 نمبر تي جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب ھن سُر ڪي 8 نمبر تي پنھنجي ترتيب ڏنل رسالي ۾ ڏنو آهي. جتي اھا ڳالھ آهي اتي بيتن ۽ داستانن ۾ بہ فرق آهي، جيڪو ھڪ جدا موضوع آهي.

وقت لڳي ويجي ٿو. پاڻي جي نہ هئڻ جي سختي برداشت ڪرڻي پو ٿي. اهڙين تڪليفن سهندڙ لوڪن کي ڪاهوڙي چيو ويندو آهي.

ٿر جي علائقي وٽ ۽ ڍٽ واري حصي کي ملائي ڪاهڙ چيو ويجي ٿو جيڪو مارئي جو ملڪ هو. اتان جي رهڻ واري کي بہ ڪاهوڙي يعنې ڪاهڙ وارو چيو ويندو آهي.

ڪاهوڙي جو جامع مطلب هن طرح سان بہ بيان ڪيو ويجي ٿو تہ اهڙ جفاڪش ۽ باهمت انسان جيڪي زهد، عبادت، رياضت ۽ فقر فاقي جې زندگي سان جهنگل جبل جهاڳين، ڏک ڏاڪڙا سهن، پر پنهنجي رب جې ياد کان پاڻ کي هڪ پل بہ غافل نہ ٿا رکن. اهڙن حق جي طالبن کي جيڪې زندگي جي آرام ۽ آلائشن کي ترڪ ڪري، رب سان روح رهاڻ جي اعلې مقصد خاطر پاڻ پتوڙين ٿا ۽ مالڪ حقيقي ۽ انسان جي وچ ۾ جيڪ رشتو آهي، ان کي لهڻ لاءِ غور ۽ فڪر ڪري ظاهري اسباب جي دنيا کې ترڪ ڪري ان کان منهن موڙي پاڻ کي ياد الاهي جي اعليٰ ۽ ارفع مقصا جي حصول لاءِ جهد ڪن ٿا. ڪشالا ڪڍن ٿا، انهن کي بہ ڪاهوڙي چيو ويجي ٿو جيڪي حق جي حضور ۾ حاضر ٿي پنهنجي نفس کي نمائي اندر کي اجارين ٿا. انهن کي بہ ڪاهوڙي فقير چيو ويجي ٿو.

زندگي جي اعليٰ آدرش کي حاصل ڪرڻ لاءِ پوءِ اهو ڏٽ جي ڳولا جو هجي. زهد عبادت، رياضت، ۽ ڪشالن ڪڍڻ جو هجي. پنهنجي نادان نفس کي زير ڪري حق جي حقيقت کي لهڻ جو مقصد هجي، ظلم ڏاڍائي سماجي ناانصافي انساني قدرن ۽ حقن جي حصول جي جدوجهد هجي، سماجي انقلاب لاءِ راهہ هموار ڪرڻ ۽ غاصب قوتن خلاف جدوجهد ڪرڻ اهڙي قسم جا سيئي رويہ جن جي صداقت ۽ حق جي حاصلات ۽ سماجي انصاف جي عمل لاءِ قدم کڻڻ وارن کي ڪاهوڙي چئجي سگهجي ٿو.

**خفيءَ:**

خفي جي معنيٰ آهي ڳجهو يا لڪل جيڪو ظاهر نہ هجي صوفي فڪر

۾ ياد الاهي يا ذڪر جي سلسلي سان تصوف ۾ ذڪر ڪرڻ جو اهو هڪ طريقو آهي جنهن ۾ اسم الاهي کي قلب ۾ دم جي صورت سان ادا ڪيو وڃي ٿو. ذڪر جو اهو طريقو ذڪر جلي يعني ظاهري طور وڏي آواز سان ذڪر ڪرڻ واري عمل جي برعڪس آهي. ذڪر خفيءَ ۾ وري لطيف هوندا آهن ”لاالھ الا اللہ“ جي لفظن ۾ منزلون مقرر ڪيون وينديون آهن جن ۾ لاالھ الاالله لفظن کي ڇهن لطيفن ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ قلبي طور تي انهن لفظن جي خفي طور اچارڻ مهل وجود مختلف حصن ۾ انهن لطيفن کي اجاگر ڪيو ويندو آهي. جئو قلب سڄي جسم جي اندرئين حالت کي پاڻ ۾ مرجع ڪري. ذات حق جي تصور ۽ ان جي وجودي ڪيفيت کي هڪ نڪتي تي آڻي انهي طرح ذڪر سان قلبي واردات جو انشراح ٿئي ٿو. ذڪر خفيءَ کي تصوف جي طريقن ۾ وڏي اهميت آهي، خصوصاً نقش بندي طريقي ۾ هن ذڪر جو عمل ۽ طريقو اهم تصور ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ الله جي اسم کي قلب ۾ نقش ڪيو وڃي ٿو جڏهن تہ انسان جي دل جي صورت خود الله جي اسم وانگيان آهي. هن ذڪر جي طريقي سان پنهنجي قلب کي بيدار ڪري حق جي حقيقت سان روشناس ڪرائڻو آهي.

**سبحان:**

الله تبارڪ و تعاليٰ جي تعريف ۽ ساراهہ لاءِ هن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو هن لفظ جو مادو ”سبح“ آهي. قرآن شريف ۾ رب جي تعريف جي سلسلي سان ڪيترن ئي هندن تي ذڪر آهي. جئن سوره ”صفت“ ۾ فرمايل آهي. ”سبحان ربڪ رب العزت عما يصفون يا سوره الاعليٰ ۾ فرمايل آهي. سبح اسم ربڪ الاعلي (آيت 180) اي! محمد ﷺ تون پنهنجي سيني کان متاهين پالڻهار جي پاڪائي بيان ڪر. سبحان جو مطلب آهي. تعريف جڏهن ڪا نهايت حسين ۽ عجيب شيءِ يا ڪو اهڙو

منظر ڏسبو آهي يا ڪي اهڙا ڪلمات ٻڌبا آهن تہ زبان مان بي اختيار ”سبحان الله“ جو لفظ نڪري ويندو آهي جنهن جو مقصد آهي تہ تعريف ۽ ساراهہ الله جي ذات ڪي جڳائي ٿي.

**عاشق:**

اهو ماڻهو يا اهو فرد جيڪو ڪنهن بہ انسان سان بي انتها محبت جي حد تي پهتل هجي جتي هن لاءِ اهو ئي مقصود هجي ٻي ڪنهن بہ شيءِ تي هن جي دل نہ ٽڪي صرف ان جو خيال ۽ تصور هجي تہ اهڙي حال واري کي عاشق چئبو آهي، عشق صرف انسان تائين محدود نہ آهي پر پنهنجي مالڪ پالڻهار جي ذات اقدس سان بہ عشق ٿئي خدا جا نيڪ ٻانها جيڪي مادي آلائشن ۽ دنياوي روين کان پاڻ کي پري ڪري پنهنجي مالڪ حقيقي کي محبوب بنائي ان جي ذات پاڪ سان بہ عشق جي رسم ادا ڪندا آهن.

**لامڪان:**

ماڳ مڪان واري حد نہ هجي يعني ان کن مبريٰ هجي اهڙي صورت سان صرف ”ذات حق“ جو وجود آهي. جئن پاڻ ئي لطيف فرمائي ٿو تہ ”لوچيان ٿي لاحد ۾ هادي لهان نہ حد“ يا اونهون ملڪ الله جو ڪنهن ڇلي ڏٺو نہ ڇيهہ“.

**هُو:**

هو مان مراد اصل ۾ مقام ”هويت“ ڏانهن اشارو آهي ”هو“ ”هويت“ مان مشتق آهي ۽ اشارو آهي غائب جي طرف هويت مان مراد گنج مخفي هويت مطالقہ يا ان جو مرتبو حق تعاليٰ جي ذات ڪُنہ مراد آهي. جنهن ۾ اسم، رسم نعت ۽ صفت تائين جو دخل نہ آهي هي غيب جي انهي مرتبي جو مقام آهي جت ذات جو شعور محال آهي. جئن ”لاهو الاهو“

**بابو:**

بابو جو لفظ اسان وٽ فقير لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪي

ٽيندو هو. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين وقت لڳندو هو. ان لاءِ سفر جي سلسلي سان ماڻهو پاڻ سان گڏ کاڌ خوراڪ جو سامان کڻندا هئا. اهڙي کاڌ خوراڪ جي سامان کي جيڪو سفر لاءِ پاڻ سان گڏ کڻجي ان کي ثمر چيو ويندو هو.

دنيا ۾ سڀئي ماڻهو مالي طور هڪ جهڙا نہ آهن، جيڪڏهين کو ويچارو مسڪين ۽ ويلن ڪڍڻ جي حد کي هوندو تہ چوندا ”بي ثمرو“ آهي، اڪثر غريب لاءِ اهو لفظ استعمال ٿئي ۽ جيڪڏهين کو پاڙي پتي ڳوٺ راڄ ۾ سڌر آهي هن وٽ مال وجهہ چڱي ريت آهي تہ چوندا ادا پنهنجي ”ثمر“ وارو آهي، ٻئي ڏي کو نہ نهاري، ثمر جو لفظي تصور اهڙين معنائن ۾ ڪم اچي ٿو. بقول لطيفؒ ”ثمر جنين ساڻ هوت حمايتي تن جو“ ثمر جو لفظ انسان جي نيڪ عملن لاءِ بہ ڪم اچي تہ نوٽ ناڻي هئڻ لاءِ بہ ڪم اچي کاڌ خوراڪ جي سامان لاءِ بہ ڪم اچي.

**سَنَڌ:**

لاڏاڻ وارن ماڻهن جي سامان سڙي کي سنڌ چيو ويندو آهي لاڏاڻ وارا ماڻهو پاڻي جي پيئڻ جا دلا، کليون سانداريون وغيرهہ بہ پاڻ سان رکن انهن سيني کي گڏي سنڌ چون ازانسواءِ ڪن هنڌن تي سانداري جي ڦوڪيل کل جنهن تي تري درياهہ پار ڪن. يا سمونڊ ۾ ترن انهي کي بہ سَنڌَ ۽ سيٽاهہ چون.

**دُونهان:**

جهنگ وڍي گڏ ڪري ان کي باهہ ڏبي آهي تہ ان جي ڇيي سان گڏ دونهون پڻ متي نڪرندو آهي. يا ڪنهن ٻيلي يا جهنگل کي باهہ لڳي ويندي آهي تہ ان باهہ جو دونهون پري پري ڏسڻ ۾ ايندو آهي. دونهون دراصل باهہ جي ٻرڻ سان ان کي جيڪا هوا لڳي ٿي اها انهي جي پيڙ کي دونهين ۾ تبديل ڪري وجهندي آهي. انسان جي اندر ۾ وقتي جوش، ڪاوڙ، انتهائي غم سبب جيڪا ڪيفيت ٿئي ٿي ان سبب جيڪا آهہ اندر

مان شوڪارو نڪري ٿي. دراصل اهو دل جو دونهون آهي. اندر جي ڪامر ۽ ولوڙ جي اظهار جو هڪ رويو آهي جيئن هڪ ڪافي جو بند آهي ”عشق اسان نون اُلنبا لايا. دل وچون نڪلاهي دونهان، دونهون اندر جي آڳ واري آهہ کي بہ چيو وڃي ٿو تہ جهنگ ٻري پٽ تئو واري ڪار ۾ دونهون ئي نڪري ٿو، باهہ ٻيڙ ڪري نہ ٻرندي تہ اها بہ دونهون ڪندي.

**ڇَپَرَ:**

ڪاٺ جي ٿوڻين ۾ سر يا ڪانهہ جي مدد سان ڪو منهُ يا لانڍي اڏجي يا هڪ پاسي پٽ هجي باقي پاسن ڪان پتر ۾ ٿوڻيون ڏيئي منهہ اڏجي تہ اهڙي اڏاوت واري مٿئين حصي کي جيڪو اس ۾ واءَ کي روڪي ان کي ڇپر چئبو آهي. يعني ڍڪ، اوٽ اهڙين اکين جي بچاءَ لاءِ بہ قدرت اکين جي پنبڻين ۾ وارن جي ڏار رکي آهي جيڪي هيٺئين ۾ مٿئين وٽ ۾ ٽين اهي اکين جا ڇَپَر آهن. جيڪي اکين کي بچاءُ ڏين ٿا. ٻيو ڇپر جو لفظ اڪثر ڪن حالتن ۾ ڳالهہ کي راز ۾ رکڻ يا ڪنهن شيءِ کي ظاهر نہ ڪرڻ يا ڪٿي ڪا ڪُجائي ٿئي تہ ان کي وائڪو نہ ڪرڻ انهن سيني حالتن لاءِ ڇَپَر جو لفظ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهڙي لڪ لاءِ لطيف فرمائي ٿو تہ اکين ۾ ٿي ويهہ تہ آئون واري ڇَپَر ڍڪيانءِ. توکي ڏسي نہ ڏيهہ آئون نہ پسان ڪي ٻيو. ڇَپَر جبل کي بہ چيو ويندو آهي جيڪو وڏي اوٽ ڏيندڙ آهي ”هل هيسين هوت ڏي ڇَپَر هڏ مَر چل“ ڪانڌ ونيءَ جو ڇپر آهي ان جو ڍڪ آهي. هي تارن ڀريو آسمان جيڪو سج ۾ چنڊ سان سڄي ڪائنات کي سينگاريو ٻيٺو آهي. جنهن کي ڪو ٿنب ڪاتوڻي ڪا ٽيڪ ڪا نہ آهي. جنهن لاءِ دعا طور لطيف سرڪار فرمائي ٿو تہ: جيڏو تنهنجو نانءُ ٻاجهہ بہ اوڏيائي مڱان

ري ٿنيــين ري ٿــوڻئين ڇپــر تــون ڇــانوَ. (الـخ)

اتي لطيف ڪائنات جي رب کي ”ڇپر“ جي لفظ سان پڪاري ٿو تہ تون ئي ڍڪيندڙ ڇانو ڪندڙ مالڪ مهربان آهين. ڇپر جي معنيٰ نهايت

وسيع آهي. هي لفظ مختلف روپن ۾ سلسلن سان ڪم اچي ٿو.

**جُوءِ :**

ڪنهن بہ ملڪ يا رهائش واري هنڌن جا مختلف حصا جدا جدا خاصيتون رکندڙ هوندا آهن. انهن خاصيتن جي آڌار تي انهي پٽ کي سڏيو ويندو هو/ آهي مال وند ماڻهو پنهنجي مال جي چاري لاءِ اهو هنڌ ڳوليندا جتي گاهہ ۽ پاڻي هجي انهي هنڌ ڪو ڳوٺ يا ڀڏو ڪو نشان هوندو تہ انهي جي نسبت سان ان کي نالو ڏيندو. ادا هي وسين واري جُوءِ آهي.

يا بدام واري جوءِ آهي. يا سماباڻين واري جوءِ آهي، جوءِ جي معنيٰ آهي. هنڌ ماڳ پر جي ڪو هنڌ يا علائقو غير آباد آهي تہ چوندا تہ ادا ڦرهي واري جوءِ ۾ سُج پئي واڪا ڪري يا ڪو ماڻهو ڪنهن ڏورانهين هنڌ ويو ۽ واپسي تي ان ڪان حال احوال ۾ بہ اتي جي جُوءِ جو حال پڇندا. جُوءِ ڪنهن علائقي خطي يا هنڌ کي چئبو آهي.

**پاهڻيين:**

(پاهڻ): اهو ماڳ يا هنڌ جتي رڳو پٿر ئي پٿر هجن جتي ڪو گس ۽ پيچرو نہ هجي. هڪڙو هوندو آهي رائو جيڪو پاهڻن جو چورو ٻيو هوندا آهن خود پاهڻ جيڪي ننڍا توڙي وڏا هڪ ٻئي سان سٽيا ڍگ ناهيو ۽ تراين، ڏهرن ڏونگر جي پاسن پلاندن ۾ ايتري تہ انداز ۾ هوندا آهن جو هلڻ ئي مشڪل ٿيو پوي اهڙي هنڌ لاءِ سسئي دانهہ ڪندي چيو تہ

”پــاهڻ پيــر پٿــون ڪيـــا تريـــون چنيـــون تـــو.“

**پونءِ:**

پونءِ زمين کي چيو ويندو آهي ڌرتي جي ڳولي تي سونهاري سنڌ پڻ پلاري پونءِ آهي. جي ڪنهن جي زمين جو ٽڪرو سٺو ۽ اپت وارو آهي تہ ”چوندا ادا پاڳ پلا اٿس جو پونءِ پلي آهي“ اها پونءِ پيرن هيٺ بہ آهي تہ ڪڏهين وري انسان پاڻ انهي پونءِ جي پڪ ۾ وجيو سُمهي

پارائڻ يا خرقي ڪي ڪوٺيو وڃي ٿو. اسان پنھنجي پرائمري دور ۾ درسي ڪتاب غالبا ڇھين يا ستين ۾ ھي بيت پڙھيو ھو جيڪو اجا تائين ياد آھي ان ڪي ڏيڻ ضروري ٿو سمجھان.

دلــق ڍڪَــائِجُ دل ڪــي، لائــج ڪــو مَ لبــاسُ
پــوري ڪــائج پــانھنجو، مــڙ ھــت ان انــدر مــاس
ويراڳـــي تـــو واس بـــر ۾ بويُـــون مـــوڪلي

(شاھ)

رڃ:

رڃ ويراني ۾ اھڙي ھنڌ کي چيو وڃي ٿو جتي ڪا وسئون يا آبادي نہ ھجي برئي برھجي نہ وٽڪار ھجي نہ ڪو ڇٽ ٻوٽو نہ پاڻي نہ ڇاڻي اھڙي ھنڌ يا پٽ کي رڃ ڪري ڇئبو، رُڃ سراب آھي. جڏھين ڏينھن تپندو تہ اھڙي قسم جي پوٽي تي نظر کبي ائين محسوس ٿيندو ڄڻ پاڻي ڇوليون پيو ھٽي ويچارا مسافر اھڙي نظاريٰ کي پاڻي سمجھي ان ڏانھن ھلندا پر جتي ڪين پاڻي نظر آيو ان ھنڌ پھتا تہ اھو پوٽو بر، ھو ائين انھي دوڪي تي ھلندي ڦانءِ تي اچ ۾ ڪري پوندا تندرا جي رڻ پٽ ڪڇ جي رڻ پٽ ۾ آفريڪا جي صحرائي علائقن ۾ اھڙي قسم جي رڃ جا ڏيک آھن.

ڏوڙ:

ٻھراڙي جي ڪچن رستن ۾ گاڏا وائڻ تي گاڏين وھتن ۾ مال جي ھلڻ ڪري جيڪا متي اڏامي انھيءَ کي ڏوڙ ڪري چيو وڃي ٿو ھونئن بہ ڏوڙ دراصل آھي متيءَ جو تمام سنھو تي ھوا ۾ اڏامڻ يا واءَ لڳڻ سان ان جي زور تي اڏامڻ ڏوڙ ھڪ بي حقيقت ۾ ڪمر واري شيءِ نہ آھي، يعني ڪجھ پيدا ڪندڙ نہ آھي سواءِ تڪليف جي گاڏي رستي تان تيز رفتاري ۾ ويندي تہ بہ ڏوڙ اڏائيندي ويندي. ڏاندن جي گوءِ يا گھوڙن جي ٻوڙ ۾ بہ ڏوڙ اڏامندي آھي. وڏي ڳالھ تہ ھي اصطلاحي طور بہ ڪمر اچي جيئن ڏوڙ پئي واڪا ڪري معنيٰ تہ انھيءَ جاءِ تي ڪجھ بہ نہ آھي. ٻيو تہ ڏوڙ ڪري

ڇڏڻ معنيٰ تہ اهڙو اڳلي سان ڪم تئي يا ڪار ڪجي جو باقي ڪجھ بہ نہ بچي، ڏوڙ منهن ۾ هجڻ ڪير غلط يا بد شد ڳالهائي تہ چوندا منهن ۾ ڏوڙ پئي اٿس. ڏوڙ اها مٽي جيڪا ڪا اهميت نہ ٿي رکي پر چوٽين ۽ ورجيسن ۾ هن جي ڪا نہ ڪا معنيٰ نڪريو پوي. فقير ۽ آڏوتي لڳن تي ڏوڙ ملي انگ ڀيوت تي هلندا آهن. ٻيو ڪتي ڪچهري مچي ويئي تہ ڳالهيون ڪندي چوندا ڏوڙيا ٿي ويا. ٻيا هوندا آهن ڏوڙ ڏنيان" اهي وري سونارن صرافن جي دڪانن جي ٻاهر گڏ ٿيل ڏوڙ نيڪي تي وٺن ۽ انهي ڏوڙ کي وڏن پرڻن جيڪي مختلف سنهن سوراخن وارا هجن ان سان ڏوڙ ڏوئيندا ويندا ۽ ڪين ڪو چاندي جو ڪو سون جو ذرو ملي تہ اهو گڏ ڪن انهن کي ڏوڙ ڏنيان چيو وڃي جيڪي انهي پورهئي ۾ وڏا مالدار هوندا آهن.

## لوڪُ:

لوڪ ماڻهن کي ڪونيو يا چيو وڃي ٿو. جيئن لطيف جي لفظن ۾ "آئون پنهنجي ڪانڌ لوڪان لڪي رانيان. هتي لوڪان معنيٰ لوڪ ڪان ماڻهن ڪان تاريخ وري لکندا تہ "آريہ لوڪ" يعني آريا ماڻهو يا انگريزن لاءِ صاحب لوڪ. تہ لوڪ جو لفظ ماڻهن لاءِ استعمال ٿئي ٿو پر ڪن صورتن ۾ اهو وري هيئن بہ استعمال ٿئي ادا ڇيتا نند پر لوڪ پڌاري ويو، اتي "پرلوڪ" مان مراد آهي ٻي دنيا يا ٻيو جڳ هندن جي عقيدي موجب ٽي لوڪ آهن. هونئن بہ لوڪ جي معنيٰ ماڻهن جهان، سنسار جاٽايل آهي. اهي ٽي لوڪ هي آهن. سورگ هڪ يعني ديولوڪ جيڪو ديوتائن جي رهڻ جي جاءِ آهي. مريتہ لوڪ يعني پرٿوي هي جهان جنهن ۾ ماڻهو رهن ٿا. پاتال لوڪ هيٺاهون ملڪ، هنن وٽ جملي چوڏهن لوڪ آهن. جن مان ست ڏرتي جا ۽ ست آسمان جا اهي هڪ ٻئي مٿان آهن هت انهن کي نالا پڻ ڏنا آهن. ڏرتي تي مٿان ست (طبق) 1- ڀورلوڪ، 2- ڀولوڪ- 3- سورلوڪ 4- هرلوڪ 5- جن لوڪ 6- تپ لوڪ 7- ستيہ لوڪ. ڏرتي هيٺان ست لوڪ وري هي ڏنل آهن: آتل 2- وتل 3- ستل -4 رساتل 5-

تلاتل 6- مهاتل 7- پاتل. انهن چوڏهن لوڪن ڪي چوڏهن طبقو چون جيئن سامي جو هڪ بيت آهي.

سهسين پڙهي سبق حافظ ڄاڻن پاڻ ڪي
سمجهن ڪين سلوڪ جو اشارو احمق
ورلوڪ وقف تيو، ويڙهي سپ ورق.
ڏنا جنهن طبق، چوڏهن پنهنجي چت ۾

*(سامي)*

*(طبقن وارو مواد تحقيق لغات تان ورتو ويو)*

**ڳوڙهو:**

اڪين مان وهندڙ پاڻي جيڪو ڪنهن غم، صدمي يا خوشي جي ڪري وهي هلي ته ان کي ڳوڙها/ ڳوڙهو چئبو آهي. ڳوڙهو الاهين صورتن ۾ ڪم اچي ٿو. جيئن ڳوڙها ڳڙي پوڻ يعني اکين مان لڙڪ وهي پوڻ. اکين ۾ ڳوڙهو پرجي آيو. يعني اکين ۾ ڪنهن ڳالهه تان پاڻي پرجي پيو. ڳوڙهو اگهڻ يعني دم دلاسو ڏيڻ ڳوڙها ڳاڙڻ: اجايو ويچار ڪرڻ ٻني ٻاري تان جهار هڪلڻ يعني چٽ ڪبي آهي يا ان تيار هوندو آهي ته وهيو جهرڪي ۽ ٻيا پکي زيان ڪندا آهن ان لاءِ ڪانياٽي ۾ مٽي جا ننڍا ننڍا ڳوڙها ٺاهي ڪانياٽي يا غليل ۾ وجهي هٽبا آهن انهي کي به ڳوڙهو چئبو آهي. جسم تي ڪنهن هنڌ ڪو ڦٽ اندران ئي اندران تي نڪري ته ان کي ڳوڙهو چئبو آهي. پيٽ ۾ اڪثر ڪري بادگولي سبب عوَرتن کي ڳوڙهو تي پوندو آهي. ڪنهن به شيءِ جو رنگ جهڙوڪ ڪپڙو يا ڪا ٻي اهڙي رنگ دار شيءِ ان گهرو هوندو ته چئبو هن جو ڳوڙهو آهي. ڳوڙهو اڇلڻ يعني ڪنهن ڳالهه جي نشاندهي ڪرڻ کي به ڳوڙهو اڇلڻ چئبو آهي. هي ڪثيرالمعنيٰ لفظ آهي. ان جي معنيٰ جملي تي مدار رکي ٿي. ”راڻو ائين نه روءِ جئن ڳوڙهو ڳل پوي“ شاهه رح.

**حزن:**

هي غم جي هڪ صورت آهي. عربي ۾ غم کي حُزن چيو ويندو آهي. هي هڪ ڪيفيت آهي جيڪا انسان تي ڏک واري وقت ۾ طاري ٿئي ٿي هن جو ضد طربيہ ڪيفيت آهي. حزن خوشي جو ضد آهي. جيئن چيو ويندو آهي. حُزن و ملال يعني غم ۽ الم يا ڏک افسوس هئڻ. هي ڪيفيت انسان جي طبيعت جو حصو آهي. جيڪو اهڙن وقتن تي ظاهر ٿي پوندو آهي. جيڪي ڏک جو منظر رکندا آهن يا ڏک پيدا ڪندا آهن.

**حشر:**

قيامت واري ڏينهن کي جنهن تي عملن جو حساب ٿيندو ۽ جزا ۽ سزا جو عمل شروع ٿيندو انهي ڏينهن کي يوم حشر چيو وڃي ٿو. محرم جي ڏهين تاريخ واري ڏينهن کي ”حشر“ جو ڏينهن چيو ويندو آهي انهيءَ ڏينهن سيدنا حضرت امام حسين عليہ السلام جن جي شهادت ٿي. حشر واري ڏينهن سبب محرم جي مهيني کي حشر وارو مهينو سڏيو ويندو آهي، جتي ڪو ظلم ٿي ويندو آهي ۽ وڏي تباهي ۽ بربادي ٿيندي آهي تہ چوندا حشر ٿي ويو. گهرن ۾ زالن وغيرهہ جو پار پچي تان ڪو جهيڙو ٿيو تہ مرد ايندا چوندا تہ ڪهڙو حشر پاريو ويٺيون آهيو. ماڻهن کي عام زندگي جي سلسلي ۾ ڪي وڏيون تڪليفون اچن تہ چوندا تہ ادا ڇا ٿا پڇو حشر لڳو پيو آهي. مطلب تہ حشر جو لفظ ظلم عذاب ۽ بي انصافي جي سلسلي سان عام مروج آهي. قرآن شريف ۾ الحشر جي نالي سوره 59 نمبر آهي ۽ سوره سبا جي آيتہ آهي ”يوم يحشر هم جميعا“ جنهن ڏينهن الله سيني کي گڏ ڪندو حشر جي سلسلي سان لطيف فرمائي ٿو تہ ”حشر ويل حساب جي هادي هٿڙا ڏيندو.“

**اُخريٰ:**

هي لفظ آخرت جو مخفف آهي. اُخريٰ جي معنيٰ آهي آخرت يعني اهو ڏينهن جيڪو پوءِ اچي ڪائنات جي اختتام واري ڏينهن کي بہ روز

آخرت چيو ويجي ٿو انهي ڏينهن جي اچڻ جي ته ڪڏهين ايندو ڪنهن خبر نه آهي. اهو سيڪو تسليم ڪري ٿو ۽ هر ڪنهن ايمان آهي ته يوم ”آخر“ آهي پر ٿورو غور ٿو ڪجي ته جيڪو هتان وڃي ٿو جنهن جي زندگي جو ڏيئو گل ٿي وڃي ٿو ان لاءِ اهو يوم آخر آهي. واعظين نصيحت ڪندي چوندا ته ابا نيڪ عمل ڪريو اهو آخرت جو توشو آهي. مطلب ته زندگي تقسيم ٿي پئي آهي. هڪڙو اهو دور جيڪو هن وقت هلي پيو جنهن کي دنياوي زندگي چئجي ٿو ٻي اها زندگي جيڪا يوم آخر کان پوءِ شروع ٿئي اهائي اُخريٰ زندگي يعني آخرت واري زندگي. جيڪا يوم حشر کان پوءِ شروع ٿئي. يا انهيءَ ڏينهن کان ئي شروع ٿئي.

## گنجي ڏونگر:

گنجو ڏونگر، گنجو جبل هي جبل گنجي جي نالي سان انهيءَ ڪري آهي جو هن تي ڪو ايڏو وڏو وڻ ٽڻ درخت نه آهي. انهي ڪري هن کي گنجو جبل چيو ويجي ٿو. مٿي تي وار نه هئڻ واري ماڻهوءَ کي جيئن گنجو چئبو آهي. تيئن هن جبل تي به ساوڪ سبزي وڻ ٽڻ نه هئڻ ڪري اهو نالو پئجي ويو هي ايڏو وڏو جبل اوچائي ۾ نه آهي هن جي اوچائي پنج سو فوٽن يا ان کان مٿي هزار فوٽن جي اندر ٿئي هي جبل ڊيگهه چوڏهن ميل ۽ ويڪر ۾ ڪٿي تي ميل کان پنج ميل تائين آهي. هي حيدرآباد جي جيڪب تلاءَ کان شروع ٿئي ٿو ۽ سعيد پور ٽڪر واري وٽ ختم ٿئي ٿو هن تي حيدرآباد جو شهر اڏيل آهي ۽ نيرون ڪوٽ وارو قلعو جنهن کي پوءِ وري ميان غلام شاهه ڪلهوڙي نهرايو اهو پڻ آهي. گنجي ٽڪر ۾ ميٽ جون کاٽيون آهن ۽ هتان چن جو پٿر پڻ ملي ٿو. هتان جو پٿر سيمينٽ ناهڻ ۾ ٻين هنڌن واري جبل کان وڌيڪ ڪارائتو آهي جو هن ۾ ڪرومائيٽ جهجهي اندز ۾ آهي ۽ سيمينٽ جي لاڳت ۾ گهٽ خرچ اچي ٿو. گنجي ٽڪر/ جبل تي ڪئين آستان ۽ مقبرا آهن چون ٿا ته گنجي تي هڪ غفا ۽ غار اهڙي آهي جيڪا درياهه هيٺان تي پرئين ڀڊيڪن ٽڪر يعني جهرڪن

ڏانهن وڃي ٿي پر انهي غار جي ڳالهه تہ آهي غار بہ موجود آهي پر ان جي درياهہ پار جي تصديق ڪو بہ ڪري نہ سگهيو آهي. اڳئين وقت ۾ يوگي، جوڳي، گروگورک ناٿ جا چيلا ڪاپڙي، سامي گجرات، هند ۽ راجستان وغيرهه مان ناني جي آستان تي (ڪالي ديوي) جيڪو هنگلاج ڏي آهي. ان جي زيارت لاءِ ٽولا ٺاهي نڪرندا هئا. سندن پهرئين منزل ”گنجي“ تي هوندي هئي جنهن جي هنج ۾ ڪالي ديوي (نالي) جي مڙهي آهي. جتي جاٽون ڏيئي تپسيا ڪري پوءِ اڳتي روانا ٿيندا هئا انهي ريت رسم ڪري انهي زماني ۾ جوڳين يوگين، نانگن ۽ ڪاپڙين جا ڪٽڪ هميشہ گنجي جي گام تان گذرندا رهندا هئا ان لاءِ گنجي ڪي وڏي اهميت هئي.

گنجي تي ڪافي قومن جا مقام آهن ۽ ڪيترن ئي درويشن جون مزارون انهن مان ڪن جو ذڪر ڪتابن ۾ آهي تہ ڪي غير معروف آهن. گنجي جي دامن م حضرت خواجہ عبدالرحمان سرهندي مجد.ي فاروقي جي مزار پر انور پڻ آهي. جيڪا مقربہ شريف جي نالي سان مشهور آهي. هتي حضرت خواجہ حسن جان سرهندي حضرت خواجہ شاهہ آغا جان سرهندي حضرت حافظ جان سرهندي جون پڻ مزارون آهن. آغا حسن جان ۽ حضرت شاهہ آغا جان مقبري ۾ مدفون آهن. باقي ٻين بزرگن جا مدفون مرقرب ٻاهر انهيءَ احاطي ۾ آهن. ٽڪرائي ساداتن جا پڻ مرقد انهي گنجي جي دامن ۾ آهن جن ۾ علامہ اسد الله شاهہ وڏو سيد ميران محمد شاهہ اول ۽ ٻيا پويان سڀ گنجي جي زينت آهن.

**گام:**

گام، ڳاٺون ڳوٺ کي چيو وڃي ٿو جتي ڪجهہ آبادي هجي ۽ ماڻهن جي رهائش ٿئي تہ اهو هنڌ گام يا ڳاٺون/ ڳوٺ ڪري سڏيو ويندو آهي. جيئن آڏيگام، بدگام اهي سڀ رهائش جا ماڳ آهن. جيئن مومل راڻي جي ڳالهہ ۾ ڪنهن شاعر چيو آهي تہ : ”انهي گام رهن گجريون جي چيتي چال چلن“ تہ گام اهو ماڳ يا هنڌ جنهن جي ڪنهن ڳوٺ يا واهڻ جي

صورت هجي.

**ڪيٽ:**

ٻني ٻاري وارن هنڌن کي ڪيٽ چئبو آهي جيڪي زمينون آباد ٿين انهن جو لاڳيتو سلسلو هجي تہ اهو ڪيٽ تصور ڪيو ويندو. ڪيٽ دراصل ڪيتي مان نڪتل آهي. يعني ڪيتي ڪري جيڪو هنڌ آباد ڪجي اهو ڪيٽ آهي. فصل واري هنڌ کي ڪيٽ چئبو آهي.

ڪائي ويئي ڪيٽ کي ڏس ٻوڙي جا پار
هٽن گليلا هن کي ٻنيرن جا ٻار

**لاهوتي:**

جيڪي فقير لاهوت لامڪان جيڪو بلوچستان ۾ آهي اتي لاءِ مشهور آهي تہ هتي بزرگن چلا ڪديا هئا هڪ روايت اها بہ ڪئي وڃي ٿي تہ لاهوت ۾ حضرت علي جو تلاءُ آهي. انهي ۾ تاريخي طور ڪيتري صداقت آهي ان سان هت بحث ڪونهي پر لاهوت جي جبل مان قدرتي طور تي پاڻي ايترو تہ وهي اچي ٿو جو ان ڪري تلاءُ ٺهي پيو آهي. ماڻهن ان جي انهي سان مذڪوره نسبت قائم ڪئي آهي. قلندر جا فقير ۽ نانگا قلندر جي ميلي کان پوءِ يڪ ٽنيي تي گڏ ٿي اتان ٽولن جي صورت ۾ جبلن وچان سفر شروع ڪندا آهن ۽ وڃي لاهوت پهچندا آهن. انهي سفر ڪرڻ وارن کي لاهوتي چيو ويندو آهي ۽ غير طرفدار کي بہ لاهوتي ڪوٺبو آهي. جنهن کي ڪنهن شيءِ جي طمع يا لالچ نہ هجي.

**ورق:**

عربيءَ ۾ پني کي ورق چئبو آهي. ڪو بہ ڪتاب جنهن ۾ پنن جو مجمع صفحن جي صورت ۾ آهي تہ اهي انهي ڪتاب جا ورق آهن. هي ڪائنات جنهن ۾ ڪئين رنگ ۽ انگ آهن اها فطرت جو ڪتاب آهي ۽ ان جا نظارا انهي قدرت جي ڪتاب جا ورق آهن .ورق جو جمع اوراق آهي. مدرسن ۾ ٻارن کي پاڙهڻ مهل استاد پنو اٿلائي نہ چوندو پر چوندو تہ ورق

ورائي "ورق ورائڻ" اصطلاح پڻ آهي معنيٰ تہ حالات کي تبديل ڪرڻ، جيئن حيدربخش جتوئي جو هڪ شعر آهي "تنهنجي دفتر جا سيئي "ورق" ڪنهن ڪين پڙهيا "اڪر پڙهہ الله جو ٻيا "ورق" سڀ وسار (شاهہؒ).

**پٽي:**

مٽي جي دز کي پٽي چئبو آهي رستن گسن گامن تي سوارين ۽ ماڻهن هلندي جيڪا ڌوڙ ٿئي تي ۽ اڏامي تي ان کي پٽي چئبو آهي پٽي جو مطلب آهي تمام باريڪ نهايت سنهي جنهن ۾ هن جو اٽو ڏسڻ ۾ نہ اچي. پنهنجي سلسلي سان پٽي چئجي تي تہ:

پٽـــي جـــا پيـــرن جـــي لڱـــن کـــي لايـــان. الـــخ

پٽي اها سنهي باريڪ خاڪ جيڪا ڌوڙ مان اڏامي ازانسواءِ آڳاٽي زماني ۾ سنڌ جا رهاڪو پٽي لوڪ هئا جيڪي هتان لڏي اُر ۽ عراق جي وادي ميسوپوٽيميا ۾ آباد ٿيا. پٽي سنڌ جو لوڪ واٽيو، وٽي انهي پٽي جو اولاد آهي. "پٽي پلئہ پئي" اصطلاح بہ آهي جنهن جو مطلب آهي ڪنهن شيءِ جو نهايت ٿورو ذرو حاصل ٿيڻ.

**بُوءِ:**

بانس کي چيو ويندو آهي. جيئن گل آهن تہ انهن ۾ سرهي خوشبوءِ آهي تہ ان کي خوشبوءِ چيو ويندو اهڙي بوءِ جيڪا دماغ کي تراوت ۽ فرحت ڏي. پر جيڪڏهين ڪا خراب بوءِ آهي جنهن جي دماغ ۾ پهچڻ سان بيچان اچي ۽ ڪراهت ٿئي تہ ان کي بدبوءِ چئبو يعني خراب بوءِ. بوءِ جو لفظ اصطلاح طور بہ ڪم اچي تو "بوءِ بانس نہ هئڻ" يعني ڪنهن بہ شيءِ جو موجود نہ هئڻ مطلب ويراني هجي نہ پکي نہ پکڻ نہ مرون نہ ماڻهو تہ اهڙي ماحول ۾ اهو اصطلاح ڪم اچي تو. ڪتي کا خرابي تي پئي تہ ڳالهہ کي لڪ ۾ چوندا تہ " بوءِ پکڙجي ويئي آهي ڪيترو ڍڪيندو" معنيٰ تہ راز يا ڳالهہ پڌري تي ويئي. لطيف جي لفظن ۾ تہ:

گولي ٿيان گل پوءِ جي سڃاڻن ساڻ ڏٽي. الخ بيرا ڳي بر ۾ بوئيون موڪلي.

**لِباسُ:**

گندي ڪپڙي يا پوشاڪ کي لباس چئبو آهي. لباس جا ڪيترائي رنگ ڍنگ نمونا ۽ قسم آهي. مرداني توڙي زناني لباس جو پنهنجو انداز آهي. مختلف قومن ۾ بہ مختلف قسمن جو لباس تئي بلوچ قوم جو پنهنجو لباس، سماٽ قوم جو پنهنجو لباس، تہ جي قومن ۾ وري پنهنجو لباس جو نمونو، مسلم ۽ هندو ۾ بہ لباس جو فرق رهي. مروج زماني ۾ لباس جي جيڪا رڪات يا خصوصيت هئي يا قومن جي سڃاڻپ سان انفراديت هئي اها ختم ٿيندي پئي وڃي. ڏينهون ڏينهن فيشن جي ڪري لباس جي ڍنگ ۽ طور طريقي ۾ وڏي تبديلي اچي ويل آهي. لباس انساني وجود جو ستر ۽ ان جي شخصيت جو ۽ ان جي ڪلچر جي روين جو شان آهي. بادشاهي لباس پنهنجو، اميرن وزيرن جو پنهنجو، قديم لباس مغربي لباس حاوي آهي ۽ اصل سنڌي لباس هاڻي بطور فيشن جي چلامان ۾ آهي. لباس جو لفظ ڪيترن ئي سلسلن سان استعمال تئي تو ”لباس المؤمنين قلوبا الڪافرين“ لباس ۾ تہ مئومن تو لڳي پر قلبي طور تي ڪافر آهي، ”هي تہ ڪو لباسي آهي“ معنيٰ تہ ڳالهين کي لڪائڻ وارو آهي سچ نہ ڳالهائيندڙ آهي. لطيف چواٽي تہ:

لڏينــدي لبــاس جــتن جيــڏو ئــي ڪيــو. الــخ

**بُڌَ:**

ٻڌ چئبو آهي سمجهہ ۽ عقل کي ٻڌ، ٻڌڻ کي بہ چيو ويندو آهي جيڪو ٻڌڻ مصدر جو امر آهي. ”ٻڌ سڌ ۾ خبر چار سڌسماءَ گفتگو ۾ استعمال ٿيندو آهي.“ ”ٻڌ“ دنيا ۾ مذهب پڻ آهي جنهنجو پايو يا ٻنياد گوتم ٻُڌَ رکيو. هي شهزادو دنيا کي تياڳ ڏيئي جهنگل باسي ٿي وڃي رهيو تپسيائون ڪيائين جڏهين ڪيس مُڪتي يا نرواڻ يعني اندر جي روشني حاصل ٿي تہ هن انهي کي ٻُڌَ جي نالي سان تعبير ڪيو، جيڪو هڪ مذهب جي صورت ۾ دنيا ۾ پکڙيو چين، جاپان، ٽيڪسلا ۽ قرامان

تائين هي مذهب هو. سنڌ جا راءِ سهاسي وار سما حاڪم ٻڌ مذهب جا پوئلڳ هئا جهرڪن جي لڳ ٻڌ ڪا ٽڪر آهن. سنڌ ۾ ٻڌ وارن جون ڪافي نشانيون آهن. ڪاهوءَ جو دڙو، سڌ پوڻ وارو دڙو، يا عمرڪوٽ پرسان ٻوڏي وهار هئي اهي ٻُڌَ جي مذهب جا آثار ۽ نشان آهي.

ٻڌ جو لفظ جتي سمجهہ عقل ۽ نرواڻ جي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿو اتي هي لفظ جيڪڏهين ڪو ڪا ڳالهہ نٿو سمجهي تہ چوندا هي ڪو ٻڌو آهي، يا ”ڪا ڪي آچار“ مشهور ظريف جي هڪ چوٽي آهي تہ ”ٻڌو، ٻڌڻ وارا ٻيا تا نہ ٻڌن، اُڪريون ٻڌي پيرن ڪي مگ چِنا آهن سهن.“

## عوامُ:

خدا جي خلق ۽ مخلوق ڪي عوام چيو وڃي ٿو. هي لفظ بنيادي طور تي عام آهي جيڪو خاص جو ضد آهي. جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ: ”توتي لج لطيف چئي آهي سندي عام“ يعني خدا جي مخلوق عام صورت ۾ وٺبي آهي. علي لفظ ان جو عوام آهي.

## ڪَڙُ:

ڄانيي، تورئي سرنهہ ۽ ترن وغيرهہ ڪي گهاٽي ۾ پيڙائي تيل ڪڍڻ ڪان پوءِ ان جو جيڪو مادو بچي ان ڪي ڪڙ چئبو آهي. ڪڙ اها شيءِ آهي جنهن ۾ ڪا بہ تيل جي ذري نہ هجي هي ڦوڳ آهيَ. ڪڪڙن مان بہ تيل ڪڍڻ بعد ڪڙ نڪري. اصطلاح طور هي لفظ ڪم اچي ”ڳالهين مان ڪو ڪڙتيل ڪو نہ نڪتو“ يا ڪڙتيل نہ نڪرڻ. معنيٰ تہ بي نتيجي ڳالهيون ٿيڻ، ڪجهہ حاصل نہ ٿيڻ. ڪڙ ڪي پسائي مال ڪي کارائبو آهي تہ کير ۾ واڌ ٿئي. ڪنڊ و لڳي ۽ ان ڪي نس ڪٽي وڃي تہ ڪڙ رڌي ٻڌبو تہ سور بہ ڦِجندو ۽ ڪنڊي ڪي پچائي ڪيندو. ”ڪڙ ڪڙ ٿيڻ، معنيٰ تہ ڪنهن ڳالهہ جو سرڦار يا ذڪر ٿيڻ.

## سَندَرا:

جمع آهي واحد سندرو اجرڪ يا ڪنهن ٻئي ڪپڙي ڪي ويڙهي چيلهہ

سان ور ڏيئي ٻڌبو آهي. ملھ وڙهڻ لاءِ بہ سندرو ٻڌبو آهي. جيڪو ملھ هڪ ٻئي کي وٽي ڇڪي ٻڌائيند آهن پوڙهو يا پيرسن ماڻهو بہ چيلھ کي سندرو ٻڌند آهن جيڪا چيلھ کي هڪ قسم جي ٽيڪ آهي پنڌ هلڻ ۽ ڏکئي ڪم ۾ جيڪو نمي ڪجي تہ ان ۾ سندرو ٻڌو ويندو آهي. بنيادي طور تي سندرو ماڻهوءَ جي همت ۽ قوت جي نشاني آهي. ڏکين ڪمن ۾ همراهہ بيهي ويا تہ چوندا ”ادا سندرو ٻڌي بيٺا آهن وڃي پار پوندا“ يا ”سندرا ٻڌي هلڻ“ ڪمن جي پوئتان ڪاهي پوڻ واري حالت يا ڳولها.

**ڏِيلُ:**

انسان جي جسماني بناوت کي ڏيل چيو وڃي ٿو. ڪٿي وري ڏيل دل جي معنيٰ ۾ بہ ورتو ويندو آهي. اهو خاص طور ڪري اصطلاحي صورت ۾ جئن ڏيل ڏکوئڻ معنيٰ تڪليف پهچائڻ دل رنجائڻ، جسماني بناوت جي سونهن بہ ڏيل ۾ اچي وڃي ٿي. هي لفظ اصل ۾ اڏيل/ ڊول جي مادي مان نڪتل آهي. جيئن ”اياز“ جي هڪ شعر جو بند آهي:

ڏسـي ڏکيـا ڏيـل، ڳوڙهـا ڳـل ڳـڙي پيـا

بــڪ بيمــارين ۾ آزاريــل عليــل الــخ

**پونڙين( پونڙي):**

پونڙي ٿري ٻولي جو لفظ آهي اڪثر مارواڙي پٽل جي نهيل ڊگهي ڳچي واري لوٽي جيڪو فرشي وانگر ٿئي هن کي ڳچي کان پوءِ پاسو ڪو نہ ٿئي پر تنبي وانگيان گولائي تي هيٺ اچي ان کي سفر ۾ پاڻي کڻڻ لاءِ استعمال ڪن. سو ڍڪي ۾ هن کي توپڙي چون ۽ ڪڇي ۾ ٻاٽلي چون، پونڙي سنڌيءَ ۾ هڙ کي چون اردو ۾ پوٽلي اهو بہ هڙ لاءِ استعمال ٿئي.

**ڪنڌر:**

هي هڪ قسم جو انگڙو آهي. جنهن جي ڪاني ڇهہ ست فوٽ ڊگهي ٿئي ۽ مٿي هن جو نمونو انن جي انگ وانگيان ٿئي هن کي اصل ۾ وڻ جي ڊگهي ٽاري جيڪا  جتان نڪرندڙ هوندي انهي انگھ وٽان جتان ٻي ٽاري

ھن سان گڏ نڪري ان کي مٿان وڍيندا ۽ پوءِ جيڪا سگھي تاري ھوندي ان کي ڏيگھہ ۾ ڇھہ ست فوٽ ڇڏي وڍيندا ۽ ھي تاري کي انگھہ وٽان پنج ڇھہ انچ ڇڏي وڍي ڇڏيندا ائين انگڙو تيار ٿي ويندو ھن سان ڪرڙ، ڪنڊڻ، ٻير ليار وغيرھہ جي ٽارين کي نمائي مال کي سگر، پلڙا، پيرون، ليار وغيرھہ ڪارائيندا، ڪُنڌر ذات پڻ آھي.

پٻُ:

پٻ جبل کي چيو وڃي ٿو سنڌ ۾ کيرٿر جبل کان پوءِ پٻ جبل آھي جيڪو سنڌ کي بلوچستان کان ڌار ڪري ٿو. پٻ جبل ھنگلاج ۽ شاھہ نوراني واري سڄي علائقي کي پاڙ ۾ آٽي ٿو جيئن سسئي پھڻ کي جيڪي سندس ھلڻ جي راھہ ۾ ھئا مخاطب ٿي چوي ٿي تہ:

تون جي پھڻ پٻ جو تہ لڳ بہ منھنجا لوھہ. الخ

کيرون:

فقراءُ جي ٽولن جي سات کي کيرون چيو وڃي ٿو. کيرون خير جي لفظ جي بگڙيل صورت آھي کيرون خبرن کي چون تہ شاباس کي بہ کيرون چون جئن ليکڪ لکندا آھن ”ھن ان لاءِ کيرو لھٽيون“ معنيٰ تہ ”واڌايون يا مبارڪون. کير“ خير مبارڪ سات انھن لاءِ ڪم اچي کيرون ڪاھوڙين جون ھتي ڪاھوڙين جا ست قطارون، مقصد آھي.

سوکڙيون (جمع) سوکڙي:

ڪنھن کي ڪا شيءِ تحفي يا سوغات طور ڏجي جيڪا طرفين ۾ يادگار جي حيثيت رکي انھي کي سوکڙي چيو وڃي ٿو. سوکڙي رواج غريب امير سڀ ڪنھن وٽ آھي. سوکڙي نادر يا اڻ لڀ يا پنھنجي فن ۾ وڏي حيثيت رکندڙ ھجي اھڙي وٽ کي سوکڙي چئبو آھي. سوکڙي جو لفظ مھل موقعن تي بہ مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيندو آھي. مثلاً: ڪھڙيون سوکڙيون موڪليون اٿئي، ”معنيٰ تہ تو ڪڏھين ڪو ياد ڪيو ھي ھي ياد نہ ڪرڻ جي صورت ۾ جملو ڪم ايندو. يا ڪنھن کي ڪجھہ

بہ نہ ڏنو ويو تہ طعني طور چوندو بس ”سوڪڙين سان ڏئي ڇڏيئہ“ تون بہ ڪا سوڪڙي آهين“ معنيٰ تہ جيڪو ماڻهو ٻين جي ڳالھ جي وچ ۾ ٽپي پوي يا اجايو لقمو ڏي تہ اهو جملو استعمال ڪيو ويندو. بهرحال سوڪڙي هڪ علامت آهي بهتر شيءِ ۽ يادگار جي.

**پَيچرا:**

ڳوٺن واهڻن ڏانهن وڃڻ لاءِ جيڪو ڳس يا ننڍو رستو هوندو تہ ان کي پيچرو چوندا هي ور وڪڙ وارو، هي مال جي لاڳيتو هلڻ ۽ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ يا ڪنهن وڏي رستي تان ڳوٺ ڏي اچ وڃ ۽ هلچل سبب ٺهي پوندو آهي. پيچري جو پنڌ سڌو ڪو نہ ٿئي ان لاءِ اهو هلڻ ۾ ڏکيو لڳندو. جبل يا ٻيلي وارن علائقن ۾ پيچرا هوندا آهن پيچري تان ڪير ترتليو يا پلجي ويو تہ ڏکيو ٿيو پوي. ان لاءِ پيچري هلڻ ۾ نهايت خبرداري ڪبي آهي خصوصا جابلو علائقي ۽ ٻيلي وارن هنڌن تي باقي ميداني علائقن ۾ پيچري ۾ ور وڪڙ ضرور ٿئي، پر ايتري ڏکيائي ڪا نہ ٿئي جيتري مٿين هنڌن تي ٿئي ٿي.

**پکي:**

پرن سان اڏامندڙ جيوت کي پکي چيو وڃي ٿو. پکين جا ڪيترائي قسم آهن. ڪن پکين کي ڪنين جي سونهن جيئن مور طوطو، ڪونج، ڪهنگ، تلور پنهنجي سنهڻائي ۾ بي مثال آهن اهڙي آواز ۾ ڪوئل جو ڪو مٽ ڪو نہ آهي گوشت خور پکين ۾ باز، سرڻ، شڪرو مشهور آهي سڄڻ جي سينهن ۾ ڪاري ڪانوَ جو ڪو مٽ ڪونہ آهي. پکي ڪائنات سونهن ۽ قدرت جي نعمتن جو هڪ حصو آهن. پکي جو لفظ مختلف سلسلن مان ڪم اچي ٿو. ماڻهوءَ جي ڳڻ يا حسن لاءِ بہ پکي جو مثال ڏين هي تہ عجيب پکي آهي. يا ڪنهن کي هلي وڃڻ جو چئجي جلدائي لاءِ تہ چوندا ”پکي ٿي وڃ.“

**باهِڙِي:**

باهہ کي چئبو آهي. اها باهہ جيڪا ٻيڙ ڪري نہ ٻري پر پري ڪان ان جو ٻرڻ ائين لڳي جين ڪا شيءِ ٽمڪي پئي ڪنهن مهل اُڇي تہ ڪنهن مهل جهڪي جبل، ٽر يا واندي تي ويٺل ماڻهو اهڙي باهہ ٻاريندا آهن جيڪا پري ڪان ٽمڪندي نظر اچي جيئن ڏسندڙ کي خبر پوي تہ اتي ڪي ماڻهو آهن. لاڏاڻ وارا فقير يا مالوند ماڻهو بہ اهڙي باهہ ٻاريندا آهن. جبل جي وسين يا پٽن تي رهڻ وارا بہ ٽمڪڻ واري باهہ ٻاريندا آهن تہ جيئن ڪنهن واتهڙو يا رستو ڀلجي ويل کي خبر پوي هت ماڻهن يا مالوندن جو ديرو آهي. باهڙي جو لفظ ٻوليءَ ۾ اصطلاح طور بہ ڪم اچي ”هن ٻيڙ ڪو نہ ٻاريو آهي رڳو باهڙي دکائي اٿس، يا ”ٻيڙ ڪو نہ ٻارئيين رڳو باهڙي دکائيين معنيٰ تہ وڏو جهيڙو يا دنگل ڪو نہ ڪرايو اٿس پر ان جو ٻج ڇٽي ڇڏيو اٿس.

**لڪِيون:**

”لڪ“ جبل ۾ پنڌ پيچرن لاءِ سڌو رستو نہ هوندو آهي پر ڪٿي جبل جي ڀڪ يا ٻن ڀڪن جي وچان لنگهہ هوندو تہ ان کي لڪ يا لنگهہ چئبو جبل ۾ آڏو ترڇو هلڻو پوي ٿو ۽ اهڙن لڪن مان گذرڻو پوي ٿو. انهن لانگهن ۽ لڪن تي وري نالا بہ هوندا آهن. جيئن هاڙهہ وارو لڪ يا جهانگارن وارو لڪ اهي ڏکيا رستا جيڪي جبل مان لنگهي ٿورو سڌو هلي وري ڏکي جاءِ تان گذر ٿئي تہ اهي ڏکيون لنگهڻ واريون جايون جيل جا لڪ آهن. جيئن ”لڪي“ تہ اهو نالو بہ لڪ جي ڪري آهي اتي جبل جو ڪو سڌو رستو نہ آهي پر هڪ ڀڪ وٽان جتان اندر غفا ۾ پيو ماڻهو وڃي. پوءِ وڃيو جبل جي سڌي هنڌ تي پوي تہ اهو لڪ آهي، جتان سسئي دانهہ ڪندي چيو تہ ”آڏا ڏونگر لڪيون سوري سڄڻ سيلهہ“ شاهہ.

**لُڪَ:**

اونهاري جي لڳندڙ گرم هوا کي لُڪَ چئبو آهي. لُڪ اپريل جي

۾ لڙائي ۾ جيڪي مرد ۽ عورتون قيد ٿي پيا تہ اھي انھن جا ٻانھا ۽ ٻانھيون ٿي رھندا ھُئا ائين سمجھو تہ اھي انھن فاتحن جي جھڙي ذاتي ملڪيت ھجن آفريڪا ۾ جڏھين يورپي قومون ويئون تہ ھنن اتي جي ماڻھن کي پنھنجو غلام ڪيو ۽ باقاعدي انھن جي وڪري جو ڪاروبار ھو. اھي ماڻھو وڪامجي يورپ ۽ آمريڪا ڏکڻ آمريڪا ۾ ويا. ٻانھي مان مراد آھي غلام تابعدار ٻانھون ٻڌل يعني ھن کي ڪا بہ چون چران ڪا نہ ڪرڻي آھي. ٻانھي جو لفظ ٻوليءَ ٻين طريقن سان بہ ڪم اچي ٿو. لطيفؒ جي لفظن ۾:

”جيھي جان تيھي، ٻانھي“ ٻاروچل جي“ الخ= زالون اڪثر پنھنجي مڙس کي پيار جتائڻ لاءِ چونديون ھي ٻانھي حڪم جي بندي آھي“

**وَاٽَ:**

سڌو گس رستو ھلڻ جي اھا جاءِ يا دڳ جيڪو ڪنھن منزل تي پھچائي اھا واٽ آھي. اڄ ڪالھ اھي واٽون جيڪي پنڌ پيچرن واريون ھيون سي پڪن رستن ۾ تبديل ٿي چڪيون آھن. البتہ جبل، ٿر ۽ ٻوئتي ٻيل علائقن ۾ واٽ جو اجا تائين قدر آھي واٽ جو لفظ اصطلاحي طور بہ ڪم اچي، مثلاً ”چڱي واٽ ورتي اٿئي“ معنيٰ جيڪو ڪنھن سڌي گس تي نہ آھي تہ ان کي طعني طور ائين چيو ويندو. واٽ جي خبر نہ ھئڻ ”يعني ڪنھن طور طريقي جو نہ اچڻ، ھنر ۽ فن جي سکڻ لاءِ بہ واٽ جو لفظ ڪم اچي ”اھا واٽ ڪٿان ملي اٿئي“ واٽ مان مراد آھي سڌو گس ۽ رستو طور طريقو. جيڪو واٽ کان ٿڙيو تہ اھو ڏکيو ٿيندو جيئن لطيف فرمايو آھي.

”وٺيو وڃج واٽ ڪنڌ نہ ڦيرج ڪيڏيھين ”الخ.

**ڪواٽ:**

ھي واٽ جو ابتڙ آھي يعني اھو گس جيڪو سڌو نہ ھجي يا اھو طريقو جنھن ۾ ڪا سچائي ۽ سڌائي نہ ھجي ۽ ماڻھوءَ کي ان جي اختيار

ڪرڻ سان ڏکيائيون پيش اچن.

**آتَ:**

هن جو مصدر آهي آئڻ ۽ امر آهيس ”آتَ“ سونارا جڏهين سون سوڊيندا آهن تہ ان ڪان اڳ ۾ هو ڪوٺاري ۾ جيڪا چائنا مٽي جي ٿهيل آهي ۽ سندس شڪل ننڍڙي گول پيالي جهڙي هوندي آهي ان ۾ سون کي وجهي باهہ ڏيندا ايتري حد تائين جو پاڻي جي صورت وٺي پوءِ ان کي ڪنگڻ ڪار، يا سنبل فار جو ٻورو ڏيندا تہ ان مان گجي ٿي مٽ ۽ ٻي جيڪا بہ ڌاتو هوندي اها نڪري ٻاهر ٿيندي. باهہ تي ڪوٺاري ۾ سون کي ڳارڻ واري عمل کي آتَ چئبو آهي آتَ جو لفظ اصطلاح طور بہ ڪم اچي. آتَ آئي اٿس. يعني سختي آئي آهي يا آتَ ڏينس معنيٰ تہ ڪجهہ داٻو وغيرهہ ڏينس تہ خبر پوي، سدائين آٿيو گهمي يا آتَ ئي ڪا نہ ٿو ڇڏي، معنيٰ ٿيندي آڪڙ وڏائي ڦوندب

**اَويسِي:**

هي لقب يا طريقو حضرت اويس قرني جي نسبت ۽ نالي پوئٽان آهي جنهن لاءِ مشهور آهي ۽ مصدقہ روايتون آهن تہ حضرت اويس قرني نبي ڪريم صلي الله عليهہ وسلم جن تي غائبانہ ايمان آندو ۽ پاڻ ڪريمن سان ڪين انتهائي محبت هئي جنگ احد ۾ حضور ڪريم صلي الله عليهہ وسلم جن جن جو ڏند مبارڪ شهيد ٿي پيو اها خبر جڏهين اويس قرني کي پئي تہ هن انهي محبت ۾ هڙئي ڏند ڪڍائي ڇڏيا ڇديائين خبر نہ تہ آهي تہ پاڻ سڳورن جو ڪهڙو ڏند مبارڪ شهيد ٿيو. سندن محبت جي اها انتهائي هئي. ڪائنات جي رسول صلي الله عليهہ وسلم سان حضرت اويس قرني انتهائي محبت جو اظهار ڪيو ۽ ڪين پاڻ صلي الله عليهہ وسلم جن جو ديدار عالم روءِ بامر نصيب ٿيو. حضرت اويس قرني جي نسبت سان تصوف جي سلوڪ جي راهہ جو اهو طريقو جنهن مر جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن کان فيض حاصل ٿئي ان کي اويسي ڪوٺيو وڃي ٿو.

## ماڪِي:

هي هڪ قسم جو جيت آهي جيڪو وڻن جي گلن ڦلن مان رس چوسي ان مان ماڪي ۽ ميڻ ٺاهي. ماڪي جا مکا هزارن جي تعداد ۾ هوندا آهن انهي ماڪي جي مکين ۾ هڪ راڻي ٿئي جيڪا ڪجهه ڪم ڪار نه ڪري صرف آنا لاهي، باقي مکيون هن جي چاڪري ۾ هونديون آهن. ماڪي جتي به هوندي آهي اتي ڇهرپائين مانارو ٺاهيندي جنهن ۾ رڳو خانا هوندا. هڪڙا اهي خانا جن ۾ ٻچا ٿين باقي ماڪي جنهن ڪاٺي تي وهندي ته انهي ڪاٺي واري هنڌ جيڪي خانا جوڙيندي انهن ۾ رس گڏ ڪندي، جنهن کي ماڪي جو ڪفرو چون. ماڪي جي مکين جون جدا جدا ڊيوٽيون هونديون آهن هڪڙيون ماناري ٺهڻ واريون ٻيون ٻچن جي سنڀال واريون ۽ ٽيون رس گڏ ڪرڻ واريون چوٿيون راڻي جي چاڪري واريون. جڏهين راڻي آنا لاهي بس ڪندي آهي ته نر مکا ان کي ڏنگي ماري ڇڏيندا آهن ۽ وري ٻي مادي مک جي چونڊ ڪندا آهن. جيڪا راڻي جي گادي سنڀاليندي آهي ماڪيءَ جو ذڪر قرآن شريف ۾ ”سورت نحل“ جي نالي سان آهي. ماڪيءَ جي نسل جا ڪيترائي قسم ٿين جهڙوڪ اوٺي ماڪي، سفري ماڪي، سوانجي ماڪي، ڪاري ويڙهمر ماڪي هن جو مکو وڏو ٿئي ۽ زهريلو ٿئي ماڻهوءَ کي ٽي چار ڏنگ لڳن ته ماري وجهن. ان جا ڪيترا مثال موجود آهن. ماڪي دوا لاءِ ڪم اچي ماڪيءَ کي شفا ڪري ڪوٺيو ويو آهي. ماڪيءَ جو لفظ ”ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي نمونن سان ڪم اچي ٿو. جيئن اصطلاح آهي ”ماڪي ٽيڻ“ يعني ته منو ۽ چڱو ٽيڻ وري چوندا ته ماڪي نه ٽي جو مکيون جهينگين معنيٰ ته صفا اهڙو به نه ٽجي جو هرڪو پيو لتاڙي جئن چيل آهي : ”منو ماکين گهٽو ڪڙو ناهه ڪلام“

## ڪرندان:

هي ٻنو اسم آهي ڪ+ رندان = راندان جي معنيٰ آهي راهه پيچرو گس واٽ ڪُ جي معنيٰ آهي ڏکيو اوجهڙ وارو يعني اهڙو گس ۽ رند ۽

اهڙي راهہ جيڪا سڌي نہ آهي اهڙا گس ۽ پيچرا جبل وارن علائقن ۾ ٿين، ٻيلي واري سيمر ۾ ٿين، جنهن ۾ ڪو رند رستو سڌو نٿو ملي.

**رَندَ:**

راهہ، پيچري، گس کي رند چئبو آهي. پر رند جو لفظ لاابالي ماڻهوءَ لاءِ بہ ڪم اچي ۽ مي نوشي ڪندڙ کي بہ رند خراباتي جي لفظن ۾ ياد ڪن. فقير جي راهہ تي هلڻ واري کي بہ رند چون جنهن کي ڪنهن ڳالهہ جي اون يا اوسيڙو نہ هجي.

**لاهُوت:**

هن جو ذڪر اسان لاهوتي ۾ ڪيو آهي تہ هي اهو هنڌ آهي جيڪو شاهہ نوراني واري علائقي ۾ سسئي جي واٽ سان آهي. هتي قلندر جا فقير چلي ڪڍڻ لاءِ ايندا آهن.

تصوف جي طريقي ۾ ”لاهوت“ هڪ مقام آهي. جيڪو جبروت کان پوءِ اچي ٿو. هن لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ هي ذات حق جو اهو مرتبہ آهي جنهن کي ”مرتبہ ذات گنج مخفي يا هويت مطلقہ ڪوٺيو وڃي ٿو.“

**فراقي:**

فراق وڇوڙي کي چيو وڃي ٿو. جيڪو فرد وڇوڙي جي ور چڙهيل آهي تہ اهو فراقي آهي يعني فراق يا وڇوڙي جي ڪيفيت ۾ آهي. ڪنهن جي جدائي ۾ آهي. جڏهين ڪا شيءِ يا وجود ڪان ڪو حصو جدا ٿئي مٽ مائٽ الڳ ٿئي تہ اها حالت فرق جي آهي جدا ئي واري آهي انهي کي ڪيفيت فراقي چئبو.

**ڏِيهہُ:**

پنهنجي ملڪ يا وطن کي جتي ماڻهو رهي ٿو جنهن علائقي سان هن جي وابستگي آهي اهو انهيءَ جو ڏيهہ آهي، ڏيهہ ملڪ کي بہ چيو ويندو آهي، ڏيهہ جو لفظ ائين بہ ڪم اچي تہ ”ڏيهہ ڏورڻ“ معنيٰ تہ ڳولا ڪرڻ گهٽي جاڪوڙ ڪرڻ، ڏيهہ نيڪالي ڏيڻ ”معنيٰ تہ ڪڍي ڇڏڻ گهر مان،

ملڪ مان واسطا ٽوڙي ڇڏڻ، اهي انهي سان لاڳو آهن. ”ڏيھ جو ڏيئو“ پنهنجي ملڪ پنهنجي ديس ڪي روش رکندڙ ان جو ناماچار رکندڙ پنهنجي ديس جو نالو مٿي ڪرڻ وارو. جيئن چيو ويندو آهي تہ ”ڏيهي سيڻ ڪجن پرڏيهي ڪهڙا پرين“ يا ڏُلهي ڇڏ مَ ڏيھ“ گهوريو سو پرڏيھ نوٽي قلن ڇائنيو “يا ”چيڙ“ چوندبيندياس ڏاڏاٽي ڏيھ ۾“

**ڪِيھَ:**

رستن جي ڏوڙ جي انتهائي باريڪ دفر کي ڪِيھَ چئبو آهي. ڪمند جي سڪل پنن يا پن جي سنگ مان نڪرندڙ سنهڙا ذرڙا انهن کي بہ ڪِيھَ چيو وڃي ٿو. گهر ۾ اندر ڪپڙن يا پيل سامان تي سنهي دز ڄمي ويندي آهي انهي کي بہ ڪِيھَ چئبو آهي. ڪِيھَ گاھ جو بہ هڪ قسم آهي جيڪو پنين ۾ خودرو ٿيندو آهي. جبل ۽ ٿر ۾ بہ برساتن تي ڪِيھَ جو گاھ جام ٿئي.

**انگهن (جمع) اَنگهَ:**

انگها اڳئين وقت ۾ سوري چاڙهڻ لاءِ هڪ وڏي گول دائري وانگر کڏ کنئي ويندي هئي جنهن کي کوهاڙو بہ چوندا هئا انهي ۾ لوھ جي سيخن کي تير وانگر انهن جا منهن ٺاهي اهي انهي کوهاڙي ۾ کوڙيا ويندا هئا جهن کي انگها يا انگھ چئبو هو پوءِ سوريءَ واري ماڻهوءَ کي انهي ۾ مٿان ڪري اڇليو ويندو هو ۽ هو انهن انگهن ۾ اٽڪي ڦٿڪي ڦٿڪي ساھ ڏيئي ويندو هو. وڻ ۾ بہ جتي ٽاريون هڪ ٻئي مان ڦٽن اتي انهي ميچي مان هڪ ٻن ٽارين کي گرانٺ جيترو ڇڏي وڃبو تہ اها اَنگهَ تي بيهي رهندي. جيڪا چڙهڻ ۾ ڏکي ٿئي. مال وند ماڻهو مال کي ڪاٺ جي لڙهن جو گهير وڏين ان لاءِ هو ٻشانگي وارا ڪاٺ زمين ۾ کوڙين انهن کي بہ انگها چئبو آهي جن تي اهي ڪاڻ رکي چوڏاري آڏ کبي جيئن ڍور ٽپي ڀڄي نہ سگهن. سر ساموندي ۾ اچي ٿو: ”انگهن چاڙهي انگ، ويو وڻجارو اوهري (شاھؒ).

## آنِهرَا:

جمع آهي واحد ٿيندو آنهيرو، آنهيرو آکيري کي چئبو آهي. پکي پکڻ جهڙوڪ جهرڪي، ڪانو، سرڻ، ڪبر، ٻوڙي، مطلب تہ هر پکي پنهنجي ٻچن ڏيڻ واري مند ۾ آنهيرو ٺاهيندو آهي. هر پکي جي قسم جو پنهنجي پنهنجي نموني جو آکيرو يا آنِهيرَو ٿئي. ڪي تہ پکي پنهنجي آنهيري ۾ فن ڪمال رکن جنهن ۾ اچڻ لاءِ هڪڙو در تہ وڃڻ لاءِ ٻيو حصو يوري ۽ ملي موسڙي جو آکيرو پنهنجي فن جو ڪمال آهي. پکي پنهنجا آنِهيرَا وڻن جي ٽارين جي ٻشانگين تي ٺاهين. پوءِ ٻوڙي ۽ ملي موسڙي جو آکيرو لٽڪندڙ ٿئي. جهرڪي گهرن جي ڪانن ۽ ڇت جي هنڌن تي آکيرا ٺاهي مطلب هر جنس جي پکي جي آنِهيرَي جي پنهنجي نوعيت آهي، آنِهيرَي تي اچڻ اصطلاح آهي، يعني رلي پني وري، پنهنجي ٺڪاڻي تي موٽي اچڻ: آنهيرائي اٿي ويا، معنيٰ اهي ماڳ ئي ڦٽي ويا.

## اَوجهَڙ:

اڻائي هنڌ کي اَوجهَڙ چئبو آهي، جتي ڪو رستو يا گس نہ هجي جهنگ ۽ ڪا واٽ نہ هجي ماڻهوءَ کي ويندي سخت مشڪلات ٿئي تہ اهڙي هنڌ کي اَوجهَڙ چئبو آهي، جئن چوندا آهن ”کهڙي وجي اَوجهَڙ ۾ پيو آهين“ يعني ماڻهو هلت چلت ۾ بدلجي وڃي منهن ڏي تہ ائين چوندا ”اوجهڙ نهارڻ“ معنيٰ بي مقصد ڪنهن ڪم جي پوئتان هلڻ جتان نہ وري نہ سري ”اَوجهَڙيو وتين“ ماڻهو منڌل هوندو تہ ائين چوندا، ”اَوجهَڙ ۾ پوڻ“ معنيٰ تہ ڏکئي هنڌ ۾ ڦاسي پوڻ.

## ڏڙي دِڪَ:

ڪو هنڌ جنهن تي ڪو دڙو يا پڙو ننڍي وڏي مٽي جي ڍير جي ڪا بہ صورت نہ هجي تہ چئبو تہ هتي ڪا دڙي دڪ ڪا نہ آهي پر پٽ سڌو سنئون ۽ سريڪو آهي، يا ائين چئجي تہ اڪثر ميداني علائقا اهڙي صورت حال کان خالي هوندا آهن. ان لاءِ چوندا تہ هتي ڪا بہ دڙي دڪ ڪا نہ آهي،

"دڙي دڪ نہ هئڻ" معنيٰ تہ ڪا ڏکيائي نہ تيڻ ڪنهن شيءِ جو آڏو تيڻ نہ هوندو آهي.

**آهيڙين:**

شڪار ڪندڙ ماڻهن ڪي آهڙي ڪدي چيو ويندو آهي اهي اڪثر ڪري شڪاري ذات جا بہ هوندا آهن. جن وٽ شڪار لاءِ ڍيبون، دامر، ڪتا، ڪاترون، گز ڪماڻ، ڪوڙڪيون، رڇ، جن ۾ سوئر قاسائين، پڳو گيڙو ڪپڙي جي الفي پائن جنهن ۾ منهن بہ لڪل هوندو آهي رڳو اکيون ظاهر هونديون آهن.

**ڪوڙڪيون:**

جمع ڪوڙڪي: هي ڪاٺ جي ڊگهي لٺ جيڪا تي چار فوٽ هجي ان جي آخر ۾ ڪاٺ جو گول ٽڪر تئي ۽ ڊگهي ڪاني ۾ ايي تيل تار هوندي آهي جيڪا گول وراڪي مان تئي ۽ ان جو چيڙو گول ڪاٺ واري ٽڪر تي ڪتل ڪليءَ سان اٽڪيل تئي ۽ وچ تي اها فار ڪنهن ننڍي ڪاني سان ايي ڪري بهاربي آهي. ۽ انهي هنڌ تي ڪاڏو ڍيي لاءِ وجهبو آهي. جيئن ئي سهو، يا گدڙ يا هرڻ آيو اچي پوٽ هٽندو تہ اها ڪلي نڙڪ ڪري نڪري ويندي ۽ ڳچي شڪار جي انهي تار ۾ اچي ويندي يا تنگ قاسي پوندي قابو تي ويندو. ڪوڙڪي ڪي وري شڪاري مضبوط رسي سان ڪلو ڪوڙي ٻڌي ڇڏيندا آهن جئن قاتل شڪار ان ڪي گهلي ڪٽي نہ وڃي، اڄ ڪلهہ ڪئن ڪي قاسائڻ لاءِ جتي پيرا آهن اتي ڪوڙڪيون پڻ آهن. وڏي شڪار جي ڪوڙڪي وڏي تئي.

**ڪُتا:**

ڪُتو هڪ قسم جو جانور آهي هي گهريلو بہ تئي تہ جهنگلي بہ تئي، ڪتن جا ڪيترائي قسم آهن. جهڙوڪ شڪاري ڪتا، بلٽاڪ ڪتا، واڇر ڪتا هي سوئر جو شڪار ڪن. هوڙ ڪتا هن جو وڏو مٿو ۽ چار فوٽ ڊيگهہ ۽ ٽي فوٽن ڪان مٿي قد تئي. اڪثر ڪري مال وارا ماڻهو پهري لاءِ

ڊارين، بگھڙ ڪنا ھي ڪتا اڪثر ڪري پير ڪڍڻ ڪتي ۾ سونگھ جي وڏي خاصيت آھي. ھندي شڪاري ڪتو تکو تئي ڊوڙ ۾ ھن جي رفتار 70-80 ڪلو ميٽر ڪلاڪ ۾ تئي، ۽ چالاڪ ھٽي شڪار کي پڪڙي ھيا لوسي ڪتا جيڪي شھرن ۾ گھٽين ۾ پيا ڦرندا آھن.

**عالمُ:**

جڳ جھان ھي دنيا، پرٿوي، سنسار اھي سڀ عالم ۾ اچي وڃن ٿا. عالم جا مختلف درجا آھن ھن فاني جھان کي عالم ناسوت ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. ٻيو عالم جيڪو سدائين دائم قائم آھي انھيءَ کي عالم بقا ۽ عالم آخرت چيو وڃي ٿو. انھن ٻنھين جي وچ ۾ جيڪو عالم آھي ان کي عالم برزخ چيو وڃي ٿو. روحن جي عالم کي عالم ارواح چيو وڃي ٿو. ملائڪن جي عالم کي عالم ملڪوت چيو وڃي ٿو. عالم ناسوت کان پوءِ عالم جبروت آھي جيڪو حيرت جو عالم آھي. عالم مڪليٰ ذات حق جي گنج مخفي يا لامڪان کي عالم مُعليٰ چيو وڃي ٿو. جتان قدرت جي حڪمن جو صدور ٿئي ان کي عالم امر ڪوٺيو وڃي ٿو. ھن عالم لاءِ لطيف فرمايو ته:

عالم آئون مان پريو تو پير ڪري

**ڪُوڪارَ:**

وڏي آواز سان پري واري ماڻھوءَ کي سڏ ڪبو ته اھا ٿي ڪوڪار ڪوڪار، ڪوڪ مان نڪتل آھي يعني وڏو آواز ڇيڙ ڇٻيڙ يا پاڻي جي واري تي ھمراھ ھوندا آھن. ڪو گھارو پئجي ويو ته ٻئي کي وڏي آواز سان ڪوڪ ڪري سڏڪندا، ڪوڪار جو پنھنجو انداز ٿئي. ٻڪرار يا ڳئون چاريندڙ ڳنوار مطلب ھر مال جا ڌاراڙ پنھنجي ڌڻ کي سنيالڻ ۽ ان سان پاڻ کي روشناسي لاءِ مخصوص قسم جا آواز ڪڍندا آھن جن تي اھي ڌڻ پنھنجي مالڪ جو آواز سڃي ڪن ايا ڪندا ۽ ان آواز کي اوناٺيندا ۽ اڳتي نه ويندا. اھڙن آوازن کي ٻه ڪُوڪار چئبو آھي. ٽر ۾ "ناسرين ۽

ڳين ڪي ڏنار“ ڏهڻ وقت هر هڪ ڍڳي لاءِ مخصوص آواز ڪڍندو جنهن ڪي ان تي ڪو نہ ڪو نالو رکيل هوندو اها ڳئون ڏوپ لاءِ پاڻ هلي ايندي.
انسان جو جانورن سان لاڳاپي، سچاٽپ ۽ انهن سان رغبت جو اهو وڏو ڪمال آهي. ڪتي کي سڏڻ لاءِ ڪوڪار ڪبي آهي. ٻوليءَ ۾ ڪوڪار جو لفظ مختلف روپن سان پڻ ڪم اچي ۽ مختلف معنائون رکي ”هڪوڪارون ڪرڻ“ اصطلاح سڏڻ، ڪوڪار ڪا نہ ڪئي يعني تہ تو وقت تي ياد نہ ڪيو، ”ڪوڪار تي ويئي“ معنيٰ تہ ڪا وڏي ڳالھ ٿي. ويئي.

## شڪارين/آهيڙين:

هن بابت احوال آهيڙين ۾ ڏنل آهي شڪاري ۽ آهيڙي ساڳي ڳالھ آهن پر هڪڙي ذات بہ شڪاري ٿئي هي اصل سنڌ جا رهاڪو آهن هنن جو پيرواز سماٽڪو ٿئي ۽ نالا بہ سنڌن گهٽو ڪري آچار سومار جمعو ولو جعفر هوندا آهن محمد جو نالو ڪو نہ رکن. اتي ويٺي ۾ سمر ڪلر جو هنن تي اثر آهي طهر ڪو نہ وهارين باقي نڪاح وغيرهه اڳ ۾ پڙهائيندا هئا.

شڪاري قوم جي آل سولنگي سان لڳي ٿي. سنڌ ۾ ميرن جي درٻار جو مشهور چرچائي سومر شڪاري هو. جهوڪ ميران پور واري معرڪي ۾ بہ هاري طبقي ۾ جت ٻيون قومون ۽ ذاتيون هيون اتي انهن ۾ شڪاري قوم هارپي طور وڏيڪ هئي ۽ منظر هئي. شڪاري گدڙ، ڳوهون، سيڙھ وغيرهه شڪار ڪري کائين. شڪارين کي ڳالھ ٻولھ ۾ يا سڏ ڪرڻ ۾ گار عام هوندي آهي. زبان جا ڪليل دل جا صفا هوندا آهن. وفاداري ۾ هو پاڻ ملهائڻ وارا آهن. سندن زالون بيباڪ ۽ قدآور ٿين، شڪاري سنڌ جي دراوڙ نسل قوم جو حصو آهي. هنن جي زبان سنڌي پر لهجو لاڙي اٿن.

## ٻيٽَ:

چيلھ سان سندرو ٻڌجي تہ ان کي بہ ٻيٽَ چئبو آهي. ليڪن اڪثر

ڪري پئسن وارو تورو ڇيلھ سان ٻڌي ان جي مٿان جيڪو ڪپڙو ٻڌجي ا
ڪي بِيڙَ ڇئبو آهي.

**سِياڪَو:**

سِياڪَو مان مراد آهي جنهن سان ڪا ويجهي مائٽي نہ هجي يعنہ
ڪو رت جو رشتو نہ هجي پر ان سان پت پوت ڪائجي ان ڪي سيا ڇئب
آهي. سياڪو مان مراد آهي ڪا مائٽي ڪا نہ آهي. باقي لڳ لاڳاپو
واسيطداري آهي.

**پوري:**

جيڪو ماڻهو ويساهہ وسونٽڙل هجي ان ڪي ڳهيلو ڇئجي جي عورت
آهي تہ ان کي ڳهيلي ڪوٺبو انهي قسم جا ماڻهو نهايت سادا هوندا جو
ڪيئن ۾ ڪين وڃن جيڪو بہ جهڙي ڳالهہ ڪندو چوندا ها ائين آهي
مطلب پنهنجي عقل ۽ شعور ڪي نهايت گهٽ هلائيندا آهن. ٻين جي
ڳالهين تي وڏيڪ اعتبار ڪن. ٻوليءَ ۾ پُوري جو لفظ محل موقعي تي
ڪم ايندو آهي. بقول لطيفؒ: ”پوري منڌ اڄاڻ ڪڻ ڇڏيو تُھ ميڙيين“

# سُر ڪاهوڙي

## داستان پهريون

ڪـاهوڙين "خفـيءَ" سـان سُـو جهـي لَـڌو سُـبحانُ
عاشِـــقَ اَهِـــڙي اَڪـــرين لَنگهـئـــا لامَڪـــانُ
"هَـو" ۾ گَـڏ جـي "هَـو" تِـئـا بابُوسـي بِريـانُ
ســـيِوئي سُـــبحانُ، آيـــو نظـــرِ اُنِ جـــي

(دا - 1 _ بيت 1)

ڪاهوڙين، (ڪاهوري) = ڪهي يا ڪهيڙي وارو جهنگ هٽندڙ، ڏٽ ڳوليندڙ جهنگ جبل ۾ ڳولها ڪندڙ ٻٽ ٻوڙا پاڙان صاف ڪندڙ.

خفيءَ = ڳجهي انداز ۾ هي ذڪر جو هڪ قسم آهي جيڪو تصوف/ سلوڪ جي راهه ۾ اختيار ڪيو وڃي ٿو. خفيءَ سان ڳجهي لطيفي سان خفيءَ هڪ لطيفو آهي.

سوجهي (مصدر سوجهڻ امر سوجهه) = چڱي طرح سان جانچي صحيح ڪري.

سبحان = وڏي ساراهه ۽ تعريف وارو يعني مالڪ رب، ڏٽي تعالىٰ.

عاشق = عشق ڪرڻ وارو محبت ڪرڻ وارو.

اهڙي اڪرين = اهڙيءَ طرح، انهي طريقي.

لنگهئا = لنگهي ويا (مصدر لنگهڻ، لنگهئا اسم فاعل) اڪري ويا پار ڪري ويا.

- لامڪان = لا = نہ + مڪان = هنڌ جاءِ اها منزل جتي سالڪ لاءِ ماڳ مڪان واري حد نہ هجي هي اهو درجو آهي جتي ملاءِ اعليٰ جو نظارو آهي.
- هو = اشارو هويت ذاتهن جنهن مان مراد گنج مخفي هويت مطلق يا ان جو مرثيو ذات حق تعاليٰ مراد آهي. ﴿هو = هو الله اهو ئي هڪ الله آهي.
- بابُو = فقير.
- بريانُ = پڪل پچي پختا ٿيل.
- سيَوئي = سڀ طرف، هر طرف سيني طرفين.
- آيو نظر = ان کي ڏسڻ ۾ آيو.

سُر ڪاهوڙي جو هي پهريون بيت سڄي سُر جو حاصل چئجي تہ صحيح آهي. باقي بيت انهي ۾ ڄاڻايل حقيقتن جو تفسير ۽ وضاحت چئجي تہ بجاءِ آهي. لطيف الله جي عاشقن، حق جي تلاش ڪندڙ سالڪن جي انهي رمز جو ذڪر فرمائي ٿو. جنهن کي پاڻ ”خفي“ جي طريقي سان بيان ڪن ٿا. صوفياءِ ڪرام وٽ ذڪر جا اڪثر بہ مشهور طريقا رهيا آهن. پهريون ”جتي“ جيڪو زبان سان ظاهر طور ڪيو ويجي جنهن کي ”ذڪر جهر“ چيو ويجي ٿو ٻيو ”خفي“ هن ۾ اسم الاهي زبان سان چيو ويندو آهي پر آواز نہ ڪڍيو ويندو آهي، ليڪن ان کان بہ اڳتي وڌي الله جو اسم بشارت سان قلب جي حرڪت سان ادا ڪيو ويندو آهي. جيئن الله جو اسم قلب تي نقش ٿئي تہ دم اندر ٻاهر نيڻ جي صورت ۾ خود بخود قلب انهي اسم کي ادا ڪري.

ذڪر کان اڳ لطيف ڪاهوڙين جو لفظ استعمال ڪيو آهي جيڪي انهي رمز کي ادا ڪري مالڪ جي منزل ۽ مقام ان جي حيرت جي عالم ۾ پهتا آهن. روحانيت جي ثمر تلاش ڪرڻ وارن کي لطيف ڪاهوڙين سان تعبير ڪري ٿو، جيڪي انهي ثمر سيهڙڻ ۽ ناتي کي نروار ڪرڻ لاءِ. خفي“ جي خيالن ۾ جهاتي پائڻ ۽ ”خفي تي خيما کوڙڻ“ واري رمز ۽ راز کي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهن .انهن انهي حڪمت ۽ صحيح طريقي سان حق

تعاليٰ جي ديدار واري منزل ڪي ڳولي لڌو اهي ڪرا ۽ سچا ڪاهوڙي آهن. انهن سالڪن "خفيءَ" جي صحيح طريقي سان وڏي ساراهه ۽ تعريف واري صاحب يعني حق سبحانہ تعاليٰ ڪي ڳولي لڌو. انهي سچي رمز ڪي لطيف = "ڪاهوڙين" خفيءَ "سان سجهي لڌو سبحان" جي وائي واري

"سُبَحان" جو مادو سَبّحَ يعني پاڪائي، "سبحان"، "پاڪ آهي، اهو"، جيئن سورت صفت ۾ فرمايل آهي، "سبحان رَبُڪ رَبّ العزَتَ عَماَ يِصَفُونَ" "سڀ تعريفون الله لاءِ آهن جو جهان جو پاليندڙ ۽ عزت جو مالڪ آهي" رب جي پاڪائي جي ڪا حد ڪو حساب ڪو نہ آهي. هو "ليس ڪمثلہ شيءِ" آهي هن سان ڪنهن شيءِ جو مثال ڏيئي نٿو سگهجي هو سيني ڪان متاهون ۽ پاڪ آهي، جئن فرمايل آهي تہ : "سَبّحَ اسم ربڪ الاعليٰ"

اي! محمد (صلي الله عليه وسلم) تون پنهنجي سيني ڪان متاهين پاليندڙ جي پاڪائي بيان ڪر يا "يُسَبحَ لله مافی السمٰوٰات وَمافِی الارض" جو ڪجهہ زمينن، آسمانن ۾ آهي سو الله جي پاڪائي بيان ڪري ٿو،" ڪلام پاڪ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي انهي صورت سان رب جي پاڪائي ۽ وڏائي بيان ڪيل آهي ۽ نہ صرف اهو پر ان لاءِ حڪم پڻ آهي، جئن سورت الاعليٰ ۾ ڪائنات جي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڪي حڪم فرمايو ويو آهي لطيف "سبحان" جي صورت سان جيڪا حقيقت بيان فرمائي آهي ان جو اندازو انهي مان ڪري سگهجي ٿو تہ انهي پاڪ هستي ڪي صحيح طريقي سان ڳولڻ ۽ ان ذات حق جي حقانيت ڪي سمجهڻ ڪيترو نہ ضروري آهي، جڏهين حق جي طالبن انهي راهہ ڪي اختيار ڪيو تہ ان لاءِ لطيف فرمايو تہ:

"عاشــقِ اِهــڙي اڪــرين لَنگِهئــا لامَڪــانُ"

عاشق اهو جيڪو عشق ڪري "عشق" ڇا آهي، ان جي تعريف ڪهڙي آهي، ان جو مفهوم ۽ قياس ڇا آهي. ان لاءِ جڳ مشهور صوفي

”محي الدين اکبر ابن العربي“ فرمائي ٿو تہ ”العشق نارُ الله الموقدت، فافولھا و افولھا

”عشق اھا باھ آھي جنھن جو ايرڻ ۽ لھڻ دلين تي آھي“ انھي ساڳئي حقيقت کي لطيف پاڻ ھنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

العشق نارُ الله الموقدت ڪوريءَ جئن ڪاٽي
اندر آڳ عشق جي اپر اڏاٽي
آھي آرياٽي ڪونھي ھيو ھروچ ريءَ

(شاھ)

جڏھين تہ عشق جي ڪيفيت ۽ ڪميت ان جو قياس ۽ تعداد اھو آھي تہ پوءِ جيڪو انھي راھ کي اختيار ڪري جيڪو ”عاشق“ ٿيو، ان جو حال ڇا ھوندو؟ ان جو اندازو ڪرڻ مشڪل نہ آھي. لطيف انھن عاشقن لاءِ فرمائي ٿو تہ: ”اھڙي اڪرين لنگھئا لامڪان“ اھي اڪر ڪھڙا؟ اھي لفظ ڪھڙا يا اھا وات ڪھڙي؟ اھو گس ڪھڙو؟ جنھن کي انھي طور طريقي وارا جيڪي ڪوريءَ جئن ڪامنڊڙ ھئا. اھي انھن کي اختيار ڪري”لامڪان“ کان بہ اڳتي لنگھي ويا. سوچڻ جو مقام آھي، غور ۽ تدبر جي تقاضا آھي: عشق جي انھي ماھيت جو مامرو قلب سان ڪڙيل آھي، جيڪو روح جو مسڪن ۽ مقام آھي. عشق ۾ عاشق جي قلب جي جيڪا ڪيفيت ٿئي ٿي ان جو اندازو صرف اھو عاشق ئي ڪري سگھي ٿو. جئن چيو ويندو آھي تہ: جڻان باھ ٻلي اھا جاءِ جلي، ڪھڙا سيڪ آوندا پاڙي واليان نون“ ٻئي کي ڪھڙي خبر، حال حقيقصت ڇا آھي. قلب انساني نور جو مشعل ۽ مصباح آھي ھي فيض جي جاءِ ۽ فائق الا فتباح آھي. قلب عليم آھي. حڪيم ۽ سليم آھي عظيم ۽ رحيم آھي، ڪريم ۽ نعيم آھي. قلب تبع نورآھي تجليءِ رباني جي آماجگاھ ۽ مقام نزول آھي. عاشق انھي سڃي بحربيڪران کي مخفي جي مام سان پاڻ پڇائي طَمعُ ڪڍي لامڪان کان لنگھي اڳتي وڃي ٿو. ھت غور طلب

”لامڪان“ آهي. اسان اسم جي تعريف ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. وري اعاده طور اهو چوڻ ضروري آهي تہ ”لامڪان ذات احديت يا ذات واحد جي انهي نظاري جو اظهار آهي جو حدود اربع، زمان ۽ مڪان ڪان پاڪ آهي. صرف حق جو نظارو ۽ ان جي نور جي ضياپاشي آهي هي مقام حيرت آهي. ”الا درالڪ مع العجز عن درڪهٖ“ جي مصداق آهي قرآن جي لفظن ۾ ”ليس ڪمثلهٖ شيءِ“ آهي. ڪهڙي بہ قسم جو ادراڪ، خيال، علم، عقل يا احساس ان جي سمجهڻ ڪان قاصر آهي. جڏهين تہ ذات حق انهي تقيد ۽ تعين ڪان پاڪ آهي. ”شيخ عبدالڪريم الجيلي“ پنهنجي تصنيف ”الانسان الڪامل“ ۾ فرمائي ٿو تہ:

انا العما هو المحل الاول، فلڪ شموس الحسن فيه افل.

هو لنفس نفس اليه ڪان له بها، ڪو نه ولم مخرج فلا يتبدل،

مثل له المثل العلي ڪمونه، ڪڪمون نارقد حواه الجندل،

مهما بدت نارمن الاحجار، نهى بحمها او ڪمونها الا ترحل،

والنار في الاحجار ڪامنته وان، ظهرت فهذاالحڪم لايتحل.

”عماءُ“ اهو پهريون مقام آهي جنهن ۾ آفتاب هاءِ حسن جو فلڪ غروب ٿيو. هو ذات الاهي جو بطون (ڳجهہ يا منجهہ) آهي، جنهن سان هن جو وجود آهي هو نہ انهي عماءِ مان نڪتو آهي نہ وري متبادل ٿيندو آهي. ان لاءِ هڪڙو بلند پايہ مثال آهي جو انهيءَ لاءِ متمثل آهي. ”عماءُ“ جو راز انهي باهہ جهڙو آهي. جنهن ڪي پٿر يعني چقمق جي پٿر پنهنجي اندر سمائي رکيو آهي. جڏهين باهہ پٿر مان ظاهر ٿئي ٿي تہ اهو ان جو ظهور الاهي مان هڪ حڪم آهي ۽ انهيءَ جي ڳجهہ ۾ هئڻ جو حڪم اهو آهي تہ هو پنهنجي مقام ڪان ڪوچ نٿي ڪري. يعني ظهور جي باوجود پوءِ بہ هو انهيءَ ۾ اندر رهي ٿي. ”عماءُ“ اها واحد تجلي آهي. جنهن ڪي حق

تعالىٰ پنهنجي ذات لاءِ پسند ڪيو آهي. حق تہ اهو ئي آهي "عماءُ" يعني "لامڪان" با عبار الطلاق في البطون خود ذات "حق" ئي آهي. بقول "ابن العربي" "هو ئي اول آهي هو ئي آخر آهي اهوئي ظاهر آهي. اهو ئي باطن آهي پنهنجي ظهور جي وقت عين اظهار آهي. ۽ پنهنجي بطون جي وقت عيں باطن آهي. پنهنجي ظهور وجود ۾ ان کان سواءِ ٻيو ڏسڻ وارو نہ آهي ۽ ڪثرت ۾ جنهن ۾ هو مخفي آهي ٻيو ڪو نہ آهي."

عاشق انهي لامڪان جي منظر ۾ پهتا تہ سواءِ حيرت جي ٻي ڪا شيءِ نہ هئي سندن وجود خود محو حيرت ٿي ويو. جيئن لطيف فرمايو تہ:

لوچيـــان تـــي لاحــد ۾ هـــادي لهـــان نـــہ حـــد
ســـپريان جـــي ســـونهن جـــو قـــد نـــہ مـــد
هتي سڪڻ بي عدد، هُت پرين پرواهہ ناهہ ڪا
"هـو" ۾ گـڏجي "هـو" ٿيـا بـابو سـي بريـان."

هو مان مراد اصل ۾ عالم هويت ڏانهن اشارو آهي جنهن مان مراد گنج مخفي هويت مطلقہ يا ان جو مرتبو آهي يا ائين چئجي تہ هت مراد حق تعالىٰ جي ذات واجب الوجود/ واجب الوجوب آهي جنهن ۾ اسم، رسم، نعت ۽ صفت جو ڪو دخل نہ آهي. هي غيب جي انهي مرتبي جو مقام آهي جت ذات جو شعور محال آهي. صوفياءِ ڪرام جي اصطلاح ۾ غيب انهي شيءِ جو نالو آهي جنهن ڪي حق تعالىٰ پنهنجي بندن کان پوشيده رکي ٿو. هن جو مقام خاص لاهوت يا هويت آهي. "هو" هويت، هو، هوالله ذات حق پنهنجي ذات گنج مخفي ۾ سمائي پيئي آهي عيان بہ آهي تہ نهان بہ آهي. انهي منزل تي عاشق پڇي پختا ٿي فنائيت جي مقام تي پهچي ويا.

ســـيَوئِي سُـــبحَانُ آيـــو نَظَـــر اُن جـــي

انهي مقام تي جتي اک اشهد چاءِ واري ڪيفيت آهي ۽ هر سوءِ سبحان جي سونهن ۽ ان جي نور جي ضيا پاشي ۽ تجلو آهي ان ديدار ۽

سرار ۾ هي ظاهري اک ڪم نہ ڏينديي پر بصيرت ڪلي جيڪا قلب جو خاصو آهي ۽ انوار الاهي جي نزول جو مقام آهي، اها بہ اهي عالم استغنا ۾ محوحيرت هوندي آهي. جتي دم، دم ديدار ۾ روح جي راحت آهي جني سالڪ کي پنهنجي هئڻ جو پتو ۽ احساس نہ آهي هو اسمي ۽ جسمي طور فنافي الله ۽ فنافي الذات آهي اهو ئي سبحان جي سونهن جو مقام آهي جنهن کي عين جي اک پسي ٿي. اهو ئي، "سيوئي سبحان، آيو نظر اُن جي" جو مختصراً مذڪور آهي. جنهن کي لطيف ڪاهوڙي جي پهرئين بيت ۾ بسم الله الرحمٰن الرحيم يا تمهيد طور بيان فرمايو آهي.

مون سي ڏٺا ماءُ، جَنِي ڏٺو پرينءَ کي
تَنِي سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي

(دا - 1 ـ بيت 2)

- مون سي = مون اهي.
- ڏٺا ماءُ = اي ! ماءُ مون ڏٺا.
- جني = جن جنهين.
- پرينءَ کي = محبوب کي پياري سائين کي.
- تني سندي = تن سندي، تن جي.
- ڪاءِ = ڪا.
- ڳالهڙي = ڳالهہ، ذڪر مقال، بيان.

اي ماءُ! مون انهن عارفن انهن الله جي دوستن کي ڏٺو جن پنهنجي پياري پرين يعني حق تعاليٰ کي ڏٺو آهي. آئون انهن بابت انهن جي متعلق جيڪو انهن بابت مون نظارو ڏٺو انهي راز جي آئون ڪا ڳالهہ ڪري نٿو سگهان.

شاهہ صاحب جي بيت خواجہ محمد زمان لواريءَ واري سان ملاقات ڪان پوءِ چيو سندس فقيرن جڏهين شاهہ صاحب جن ڪان انهي سلسلي ۾ پڇيو تڏهين پاڻ انهي راز تان پردو ڪٽي مذڪورهہ بيت چيائون ۽ ٻيو بيت

پڻ ان راز کي وڏيڪ پڌرو ڪندي چيائون.

مــون سَــي ڏِٺــا مــاءُ، جَنِــي ڏِٺــو پــرينءَ کــي
رَهــي اَڇِجِــي راتَــڙِي تَــنِ جُــنگَنِ سَــنڊِي جــاءِ
جَنَــي جــي ســاجاءِ، تَرهــو تَئـــي تـــارِ ۾

(دا - 1 - بيت 3)

- پهرئين سٽ جي لفظ جي معنيٰ بيت نمبر 2 ۾ ڏنل آهي.
- رهي اڇجي = گذري اڇجي.
- راتڙي = رات.
- تن = تنهين انهن.
- جنگن = وڏي ڄاڻ وارن، وڏي منزل ۽ مقام رکندڙن، روحانيت جي بلندين وارن.
- جني جي ساجاءِ = جن کي وڏي ڄاڻ ۽ ادب حاصل آهي.
- ترهو = پاڻي مان تري اڪرڻ جو وسيلو جيڪو ڪاٺين ۽ ڪانن سان ٺاهيو ويندو آهي. هت مراد آهي روحانيت جي درياهہ جو وسيلو.
- تئي تار ۾ = تار ۾ اهو روحانيت وارو وسيلو تئي.

هي بيت بہ شاهہ صاحب جن طرفان حضرت خواجہ محمد زمان لواريءَ وارن سان ملاقات کان پوءِ چوڻ فرمايو، جنهن ۾ پاڻ حضرت خواجہ محمد زمان جن جي روحاني مقام ڏانهن اشارو فرمايو اٿن تہ روحانيت جي نهايت اعليٰ مقام تي پهتل هئا اهڙن صاحب حال ۽ فنا في الذات وارن سان رات گذارجي. جن کي حق جي حقيقت جي جيڪا ڄاڻ ۽ جيڪو القاءِ عطا ٿيل آهي. اهو انئين آهي جهڙو ڪر ٻين لاءِ ترهو هجن ٻين کي رباني راهہ ۽ سلوڪ جي منزل ڏانهن وٺي وڃڻ وارا آهن.

مــون ڪــاهوڙِي لَڪِئــا، ويهـــي ويَـــر مَ ڪَــنِ
ڏِينهـ تَتَــي ۾ ڏُونگَــرِين ڪــارڻ قــوت ڪَئِــين
جهنگَــل ۾ جهُــٽڪَن، جهـ ڏوتِــي ڏَت گَـڏُ تَئِـا.

(دا - 1 ـ بيت 4)

- لڪئا = سجاتا صحيح ڪيا.
- ويرم ڪن = هر وقت ڪو نہ وڃائين.
- ڪارڻ = لاءِ انهي سبب.
- قوت = ڪاڏو.
- ڪهن = پنڌ ڪن. پري پري وڃن.
- جهنگل ۾ جُهٽڪن = جهنگل ۾ بہ سندن ڳالهاءَ جو پٽڪو پيو پوي.
- جهہ ڏوتي ڏت گڏ تئا = جڏهين ڏت ڳوليندڙ ڏوتي پاڻ ۾ مليا گڏ ٿيا.

مون پري کان ئي ڪاهوڙين کي سڃاتو تہ اهي ويهي ڪو وقت وڃائڻ وارا نہ آهن. ڏينهہ تتي هاڙهہ گرمي ۾ بہ جبل ۾ پنهنجي قوت واسطي پري، پري پنڌ ڪيو وڃن، جڏهن ڏت ڳوليندي اهي ڏوتي جهنگل ۾ گڏجي وڃن ٿا تہ هو پاڻ ۾ حال احوال ڪن ٿا خبرون چارون ڏين وٺن ٿا.

مُون ڪاهوڙِي لَڪِئا، گَهرِين نہ گَهارِين
واحِدَ لَگِ وِلهِن ۾ رويو جَرُ هارِين
گُوندرِ گُذارِينَ، تَنِ ڏوتِين ڏُکوئِي نہ لهي

(دا - 1 ـ بيت 5)

- گهرين = گهر ۾.
- نہ گهارين = نہ گذارين.
- واحد لڳ = هڪ الله جي واسطي، صرف الله ڪارڻ.
- ولهن (ولهہ) = سخت سيءَ، گهٽي ٿڌ.
- رويو = روئي.
- جرُ هارين = اکين مان ڳوڙها ڳاڙين.

ڏيٺو آهي آخرت لاءِ نيڪ ۽ صالح عمل جي توشي جي ضرورت آهي. هو انهي فڪر کان پريشان هئا.

مُـــون ڪـــاهَوڙي لڪئـــا، آيـــن نـــہ آرامُ
ڪيـــائُون تَـــنِ تمـــامُ، جهــ ڏوتِـــي ڏُتَ گــڏُ تِئِـــا

(دا - 1 _ بيت 7)

- آين نہ آرام = هنن کي ڪو بہ سک ۽ سڪون ڪو نہ آهي
- ڪيائون = هنن ڪيو.
- تن تمام = پنهنجي وجود کي پنهنجي جان کي ڏاڪڙي ۾ وجهي ڇڏيو.

مون انهن ڪاهوڙين کي انهن جهنگ ڏوريندڙن کي سڃاتو، انهن کي ڪو بہ آرام ۽ سڪون ڪو نہ آهي. ڇو تہ هنن جي اندر ۾ جيڪا تلاش ۽ ڳولا جي چِڪ آهي اها انهن کي سک سمهڻ ئي ڪين ڏئي ٿي.

هنن پنهنجي وجود کي ڏاڪڙي ۾ وجهي چور، چور ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن اهي ڏوٽي ڏت گڏ ڪرڻ وارا هڪ جاءِ گڏ ٿيا تہ پنهنجي انهي حال کي اوريائون.

مُـــون ڪـــاهَوڙي لَڪئـــا، سُـــمهَن ڪِـــيَن، پئـــي
ثَمـــرُ ڪَيـــائُون سُـــجَ جـــو ڏَوري ڏُتَ لَهـــي
وِئـــا اُت وَهِـــي، جِـــتِ نِهايَـــتَ نـاهِـــ ڪَـــا

(دا - 1 _ بيت 8)

- سُمهي = سمهي آرام ڪن.
- سُمَهن ڪِيَن پَئي = اهي سمهي ڪين پون ۽ آرام ڪجي.
- ثمر = توشو، راهہ سفر واري راهہ لاءِ کاڌ خوراڪ.
- ڏوري (مصر ڏورڻ) = ڳولهڻ تلاش ڪرڻ، ڳولهي تلاش ڪري.
- ڏُت لَهي = ڏت لڌائون، هٿ ڪيائون اهو پنهنجو ثمر ڪيائون
- وِئا = اهي وِئا.
- اُت = انهيءَ جاءِ، انهي ماڳ، هنڌ.

- وھي = ھلي. وڃي.
- جت نھايت ناھ ڪا = اھي ات وڃا انھي ماڳ وڃا جنھن جي ڪا منزل ڪا نہ آھي، جنھنجو ڪو بيان ڪري نٿو سگھجي.

مون اھي ڪاھوڙي/ اھي سالڪ اھي ٻانھا سڃاتا جيڪي سمهي ڪو آرام نٿا ڪن پر پاڻ کي سڄو وقت ياد الاھي ۾ مشغول رکن ٿا. رب کي راضي ڪرڻ لاءِ انھي جي ذڪر ۽ عبادت ۾ محو ۽ مشغول آھن.

انھن سالڪن انھن فقيرن درويشن رباني راھ جي سفر لاءِ عبادت ۽ پنھنجو پاڻ تي غور ڪري پاڻ کي سڃاڻن لاءِ صرف ڪري ڇڏيو آھي. سندن زبان ۽ دم ذات حق جي اسم کان خالي نہ آھي. ھنن کي پنھنجي وجود جو ڪو سماءُ ڪو نہ آھي ۽ نہ وري پنھنجي وجود کي ڪو سک ۽ آرام ڏيڻ پسند ڪن ٿا. ھو ھر وقت پاڻ کي ناظر بالله تصور ڪن ٿا تہ ھو ان ۾ ڪا غفلت ۽ ڪوتاھي نٿا ڪن. ھو سو ھر آن حاضر حق سمجھن ٿا.

اھي الله جا نيڪا ٻانھا، اھي حق جي راھ تي ھلندڙ حقيقت جاڳو لاٿو ھڪ اھڙي مقام ۽ منزل تي وڃي پھتا آھن/ پھچن ٿا جنھن جو ڪر ڪرڻ محال آھي اھي حيرت جي عالم ۾ جت ذات حق جي نور جي ضيا پاشي انوار حق جي جو نزول آھي. ھر طرف انھي جي ذات جو جلوو ۽ جمال آھي. سندن اک پسي ٿي تہ حق کي ئي پسي ٿي، انھي نھايت جي عالم ۾ اھي ڪاھوڙي مستغرق ۽ محو آھن جتي صرف ھو حق آھي.

پارئــــا پڇُـــي آءٌ، خَبَـــر ڪَـــاھَوڙِين جـــي
ڏُوتـــين ڏُونگـــراءُ، ڪَنھِـــ پـــر ڏورئـــو ڏُٺُ ڪـــي

(دا - 1 - بيت 9)

- پارئا = (پار = پاسو، طرف، ٻيو ڪپ، ھن پر) ھن پار وارن کان ھن پاسي وارن کان.
- پارئا پڇي آءٌ = ھن پار وارن کان پڇي اچ.
- ڏونگراءُ = ڏونگر منجھ، جبل منجھ/ ڏونگر مان، جبل مان.

- ڏوٽين = ڏٽ گڏ ڪندڙن.
- ڪنهه پر = ڪهڙي ريت ڪهڙي طريقي.
- ڏوريو = ڳوليو، گهوريو، تلاش ڪيو.
- ڏٽ = جهنگلي گاهن جا ٻج جهڙوڪ، ڪرنگهه، ساوڙي، ڪهه، لنب، ڪو ڏير وغيرهه.

هن پار وارن کان هن پاسي وارن کان جيڪي جبل ڏانهن رهن ٿا ته ڪاهوڙين جي ڪهڙي خبر آهي، انهن جو ڪهڙو حال آهي.

انهن ڏٽ گڏ ڪندڙن جبل کي ڪهڙي طريقي سان/ جبل ۾ ڪهڙي چلي ۽ طريقي سان ڏٽ کي ڳوليو آهي ان جي گهورپ ڪئي آهي.

تـــان ونءُ ويهـــي آءٌ، اڳــڻ ڪـــاهَوڙِين جـــي
جـــوش ڏِنـــائون جِـــيءَ کـــي، لِڪـــائي لوڪـــاءِ
ڏوتِـــينُ ڪَنهِـــ ڏُکـــاءُ، سُـــمهِي سُـــکُ نـــ مَـــاڻئو

(10 بيت ـ 1 - دا)

- تان = تن.
- ونءُ = وڃي.
- تان ونءُ ويهي آءٌ = تن کان وڃي ويهي اچُ.
- اڳڻ آڳند، هنڌ، آڳر.
- جوش ڏنائون = پچايائون، سيڪ ڏنائون تو ڏنائون.
- جيءُ کي = پنهنجي جان کي، پنهنجي وجود کي پنهنجو پاڻ کي.
- لڪائي لوڪاءِ لوڪ کان لڪائي، ماڻهن کان لڪائي ڳجهي نموني پنهنجي.
- ڏوتين = ڏٽ گڏ ڪندڙن.
- ڪنهه ڏکاءُ = ڪنهن تڪليف جي سبب ڪنهن وڏي غمر ۽ ڏک سبب
- سمهي سُک نہ ماڻئو = هنن ڪو بہ سمهي آرام نہ ڪيو.

شاعر انهن ڪاهوڙين جيڪي همہ تن خدا جي ياد ۾ مشغول آهن.

انهن لاءِ چوي ٿو تہ وڃي انهن جي اڳڻ تان ٿي اچو تہ حقيقت ڪيئن آهي.

جو هنن پاڻ کي لوڪ کان لڪائي ماٺهن کان پري ٿي ڪري پنهنجي جان کي زهد ۽ عبادت جي. فقر ۽ فاقہ جي ايڏي ساري تڪليف ڏني آهي.

ان جو بنيادي ڪارڻ معلوم ڪرڻ ضروري آهي جو هنن پاڻ کي هيڏي ساري تڪليف ۾ وڌو آهي، يقينا انهن سالڪن ڪنهن ڏک يا اهڙي ڳالھ سبب اهو طريقو اختيار ڪيو آهي. هت غور طلب نڪتو آهي پنهنجي نفس جي سڌن ان جي خواهشن جن کان انسان پريشان رهي ٿو جيڪو سڀ کان انساني حياتي جو وڏو ڏکئي ۾ ڏکيو مسئلو آهي. انهي کي حل ڪرڻ لاءِ حق جي ڏورينڌڙن پاڻ کي جيڪو ڏک يا تڪليف برداشت ڪئي آهي تہ ان جو مقصد تزڪيہ نفس آهي اندر جي پاڪائي ۽ قلب جي يڪسوئي اختيار ڪرڻ آهي. انهي ايڏي وڏي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن سالڪن ڪڏهين بہ سک جي طلب نہ ڪئي آهي. پر پنهنجي جي ۾ الاهي عشق جي طلب يا ائين چئجي تہ انهي آتش کي هنن وڌيڪ پکو ۽ پختو ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ ڪو بہ دم غير جي حوالي نہ ڪيو آهي پر هر دم سان هنن حق جي وائي واري آهي، تہ جئن نوري نظاري پسڻ ۾ آساني ٿئي.

تُـون هَـڏِ ڪُڄاڙِيـا، سَـنجهي سَـعيو نــہ ڪَـرِين
ســـــوارا سَـــــنَڌِ ڪَٽِـــــي ڪـــــاهوڙِي وِئـــــا
آڻِيـنـــدِين ڪِئـــا، ڏُتُ ڏوراڻـــي ڏيهَـــہ جـــو

(دا - 1 _ بيت 11)

- تُون هَڏِ = تون بنھ.
- ڪُڄاڙِيا = (ڪڄا = ڄا + ڙيا = (ڙي) ڄا جي ڪري.
- سنجهي سعيو نہ ڪرين = سنجهي کان، سج لٿي کان ڪوشش ڄو نہ ڪرين.
- سوارا = صبح جو سويل، ڏڪيءَ سان.

- سنڌ = ڏت لاءِ گڏ ڪرڻ وارو سامان، سانداريون گودڙيون.
- آڻيندين ڪئا = ڪتان آڻيندين، ڪهڙو آڻيندين، ڇا آڻيندي.
- ڏوراڻي = پري جو.
- ڏيهه = ملڪ.
- ڏوراڻي ڏيهه جو = پري واري ملڪ جو.

اي تون سست ڇاجي ڪري سج لٿي ئي سمجهيو پوين ڪو سعيو ۽ ڪوشش صبح لاءِ نٿو ڪرين.

ٻيا ڪاهوڙي صبح جو سويل ئي ڏت گڏ ڪرڻ لاءِ گودڙيون ۽ پاٽي واريون سانداريون ڪٽي وڃن ٿا. تون پري واري/ ڏور واري يا نہ ڏٺل ملڪ جو ڪهڙو ڏت آڻيندين هت مقصد آهي اڻ ڏٺل ملڪ لاءِ ڇا ڪٽي ويندين.

هي بيت جتي ڪاهوڙين جو سويل ئي سنڌ ڪٽي ڏت لاءِ ڳولا ڪرڻ جو ذڪر بيان ڪري ٿو ۽ ان سان گڏ انهن سست ۽ ڪاهل انسانن جي پڻ نشاندهي ڪري ٿو جيڪي هڏ ساڻيو سنجهي ئي ستا پيا آهن. يعنيِ هنن کي ياد الاهي جو ڪو فڪر ڪو نہ آهي، پر ٻيا اهي ٻانها آهن جن کي پنهنجي مالڪ جي ياد جو خيال آهي ان جو اونو آهي هو ان لاءِ عبادت ۾ ڪوشان آهن. انهن غافلن ۽ وسيلن لاءِ شاعر چوي ٿو تہ جڏهين اوهان ڏوراڻي ڏيهه ۾ جيڪو ملڪ صرف اوهان جو ٻڌل آهي ڏٺل نہ آهي اتي لاءِ اوهان ڪهڙو ڏت ڪٽي ويندا. هت مقصد آهي آخرت لاءِ نيڪ عملن جو پاڻ سان گڏ هئڻ اهو ئي ڏوراڻو ڏيهه آهي اهو ئي اڻ ڏٺل ملڪ آهي جتي نيڪ اعمال ڪان سواءِ پرهيزي ۽ تقويٰ ڪان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه ڪم نہ اچڻي آهي.

مـــاءُ ڪـــاهوڙِي هلَيـــا دڪـــائي ڏُونهـــان
ڇپـــر جـــا سُـــونَهان، ڏوتِـــين ڏت ڇِتَـــائِيو

*(دا - 1 - بيت 12)*

- ڏُڪائي دونهان = دونهان دڪائي هليا.
- ڇپر = جبل.

- سونهان = واقف، سونهپ وارا، گس سڃاڻندڙ.
- ڇپر جا سونهان = جيل جي گسن ۽ لڪن جا واقف ڄاڻو.
- ڏت ڇتائيو = ڳولي لڌو.
- اي ماءُ! اهي جفاڪش ڳوليندڙ دونهان دکائي هليا آهن اهي هڪڙو عزم ۽ پختو ارادو ڪري نڪتا آهن.

اهي جبلن جي گسن، لڪن ۽ ان جي لاهين چاڙهين کي ڄاڻندڙ آهن انهن ڏت ڳوليندڙن کي اُتي ڏت سُجهي تو تڏهين اهي ايڏانهين پنڌ پيا آهن، هي بيت فقراءَ جي ياد الاهي جي ووڙ جي عزم کي ظاهر ڪري ٿو تہ حق جي حقيقت معلوم ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا گهٽي ۽ رستو انسان لاءِ نہ اهي تہ هن ۾ عبوريت جو عنصر پڪو ۽ پختو هجي هن جو هئڻ پنهنجي لاءِ نہ هجي پر ذات الاهي جي ياد لاءِ هئڻ گهرجي. ان جي ماهيت ۽ عظمت کي ڇتائڻ هنن لاءِ ضروري آهي.

ڏُوٽِــي سَــا ڏُورِيــنِ، جَــا جُــوءِ سُــئِي نــہ ٻُــڌِي
پَــا سَــامَتِي پَــاهَٽِين کَــاهُوڙِي کَــوڙِينِ
وِٺَاتِــتِ وُوڙِيــن، جِــتِ نِهايَــتَ ناهِــہ کَــا

(دا - 1 ـ بيت 13)

- سا ڏورين = اها جاءِ اهو هنڌ ڳولين، تلاش ڪن.
- جوءِ = هنڌ، جاءِ، مقام.
- سُئي نہ ٻڌي = نہ ڪڏهن سڻڻ ۾ آئي نہ ڪڏهن ٻڌڻ ۾ آئي يا جنهنجي ڪا ڄاڻ نہ هئي.
- پاسا = پنهنجي وجود جا حصا.
- متي پاهٽين = پهڻ متي، پٿرن تي.
- ڪاهوڙين ڪوڙينئ اهي ڳولڻ وارا انهن تي وجيو ڪوڙين، ڏکيا ٿين.
- وٺاتت = تمام پري نڪري ويا.
- ووڙين = (مصدر ووڙڻ = ڳولڻ) = ڳولين، تلاش ڪن.

- وثاتت ووڙين = تمام پري نڪري پيا ڳولين.
- جت نهايت ناهہ = جنهن جي ڪا ڳالهہ ڪري نٿي سگهجي اهڙي هنڌ جنهنجي ڪا حد ئي ڪا نہ آهي.
- جت نهايت ناهہ ڪا = جنهن جي ڪا ڳالهہ ڪري نٿي سگهجي اهڙي هنڌ جنهنجي ڪا حد ئي ڪا نہ آهي.

هن بيت ۾ يقيناً ڪاهوڙين جي اڻ پورڻ ملڪ ڏانهن سفر ۽ ذات ڳولڻ جو ڀرپور طريقي سان بيان آهي تہ هو اتي وڃي نڪرن ٿا جن کي هنن نہ ڏٺو ۽ نہ ٻڌو ۽ انهي ماڳ تي پهچڻ تي بہ پاسا ڪوڙي تڪليف وٺي هو پنهنجي عمل ۾ ڪا ڪوتاهي ڪا نہ ٿا ڪن.

لطيفؒ حق جي ڳوليندڙن جي انهي رمز جنهن ۾ هڪ قسم جو عزم ۽ استقلال آهي ارادي جي پختگي ۽ مقصد جي حاصلات لاءِ هڪ اهڙو جذبو نظر اچي ٿو جنهن کي عشق سان يا انتهائي محبت ۽ وجدان واري ڪيفيت سان تعبير ڪجي تہ بجاءِ آهي. عالم نهايت/ نهايت جو عالم جتي هڪ حق جي نور جو جلوو ۽ جمال آهي. اها جاءِ آهي جيڪا اسباب جي علائق کان خالي آهي. حق جا طالبو انهي تمام کي ڳولڻ لاءِ ڪوشان آهن. ان جي حصول لاءِ هو هر تڪليف جيڪا زهد، عبادت، ذڪر فڪر، صحو، سڪر، قرب ۽ بعد تلوين ۽ تڪوين جي صورت سان اچي ٿي ان کي برداشت ڪن ٿا. هو انهي امر تي عامل آهن تہ: سڀئي سبحان جي ڪو حوالي ڪم الخ يا وري قل ان صلاتي و محتاي ومماتي لله رب العلمين..... يعني هنن جي عبادت هنن جو مرڻ جيئڻ الله جي واسطي آهي. هت پنهنجي وجود جي نفي آهي ۽ پاڻ کي تابع امر الاهي ڪوٺو آهي هي اها جوءِ ۽ جاءِ آهي. جنهن کي ووڙڻ لاءِ اهي ڪاهوڙي آتاءِ اڪنديل آهن. هي اهو مقام آهي جنهن جو ڪو پرو پاند ڪو نہ آهي، جنهن لاءِ ڪو مثال ڏيئي نٿو سگهجي جو تہ جنهن هر جاءِ حق آهي تہ هو ”ليس ڪمثلهٖ شيءٍ“ آهي. جيڏان ڪريان پرک تيڏانهن صاحب سامهون .

اهو حيرت جو ٿئي عالم آهي. اهو نهايت جو مقام آهي، جنهن کي الله جي جلوي پسڻ وارو ووڙين ۽ ڳولين ٿا.

پـاڻيءَ مٿـي پيـرُ، ڪَنهـ پَـرِ ڪَڙيـو پيـريين
لِهـرين مـان لطيـف چئـيَ، سُـنهَين لَـڌائون سَـيرُ
اِنَ پُـونءِ سَـنـدَو پَيـرُ، پَـر پـروَڙڻ ڏاڪـڙو

(دا - 1 _ بيت 14)

- ڪنهہ پر = ڪهڙي ريت، ڪنهن طريقي.
- ڪڙيو پيرين = پيرين يعني پير ڪٽڻ وارن ان کي ليڪو ڏنو.
- سنهين = سونهان ٿي خبر رکي.
- لڌائون = ڳولي ورتائون.
- سيرُ = واٽ، گس.
- ان پونءِ = انهي ڌرتي، انهي ماڳ، انهي هنڌ.
- پير = طريقو، انداز، نمونو.
- پر = واٽ نمونو پاڙڻ پر پاڙڻ.
- پروڙڻ = سمجهڻ، ڄاڻ ۾ آڻڻ، عالم ۾ اچڻ.
- ڏاڪڙو = ڏاڍو ڏکيو.

هي حقيقت آهي تہ پاڻي جي مٿان وڃڻ واري جو ڪڏهين بہ پير ليڪو ڪڍي ظاهر ڪري نٿو سگهجي. اسان وٽ سماج ۾ چوري چڪاري جي سلسلي سان پيري پير ڪٽندڙ ۽ سڃاڻندڙ جنهن کي پيري واڍي چيو وڃي ٿو اهي پير ڪٽڻ مهل ڪاٿيءَ سان انهن پيرن کي ڳول ليڪو ڪڍندا آهن، جنهن کي پير ڪڙڻ چئبو آهي.

شاعر چوي ٿو تہ ڪڏهين ڪنهن پيري پاڻي جي مٿان ليڪو ڪڍي پير ڪڙيو آهي؟ ليڪن ناممڪنات ۾ ممڪن موجود آهي. ڇو تہ الله جا ٻانها جيڪي ڪامل آهن. رب جي راهہ ۾ ڪماليت جي در جي ڪي پهتل آهن. اهي انهن لهرين مان سونهان ٿي اها واٽ ڳولي لهن ٿا، جيڪا ڪين

حق ڏانهہ وٺي وڃي ٿي. اها واٽ اهو دستو آهي صراط المستقيم جنهن لاءِ تقويٰ جي ۽ صالح اعمال جي ضرورت آهي، لهرين جي لڙ مان سير اڪارڻ ۽ اونداهيءَ مان سوجهري آڻيندڙ الله و تبارڪ و تعاليٰ جي ذات آهي. انهن ڪاملن کي اهائي رستو ڏيکاري ٿي.

قول الله تعاليٰ: الله ولی الذین امنویُخرجهم من الظلمت الی النور

الله مومنن جو سنياليندڙ آهي کين اونداهين مان سوجهري ۾ ڪڍندو آهي. اهائي سيرُ ۽ اهائي واٽ آهي. جنهنجو لطيف ذڪر فرمائي ٿو. هي اها پونءِ آهي هي اها جاءِ ۽ اهو مقام آهي. جنهن جو پير پتو لهڻ ان جو طريقو ۽ انداز لهڻ ڏاڪڙي وارو ۽ تڪليف وارو آهي ۽ صبر ۽ سهپ جو ۽ توڪل جو متقاضي آهي. انهيءَ لاءِ تہ لطيف فرمايو تہ:

اَن پُــونءِ سَــندوَ پيــرُ، پَــر پَــروُڙڻ ڏاڪــڙو
سُــک نـــہ سُــتا کَــڏِهين کَرکَٽــا لاهـــي
اوســـيِڙو آهـــي، کـــاهوڙِينُ اِن پَنـــڌ جـــو

(دا - 1 ــ بيت 15)

- سک نہ ستا = ڪڏهين بہ آرام نہ ڪيائون.
- ڪرڪٽا = چپا، چليون، چنل ٽنل ڪيٽڙا.
- اوسيڙو = الڪو، اونو، خيال، اُڪو.
- ان پنڌ جو = انهي سفر جو، او ڏانهن پنڌ ڪرڻ جو، پراهين پنڌ جو.

هن بيت ۾ لطيف انهن عبادت گذار بانهن جن کي خوف خدا هر وقت دامن گير آهي جيڪي پان کي هر وقت الله آڏو حاضر تصور ڪن ٿا. اهي پنهنجي رب جي خوف تہ آيا اسان ان جي حڪمن جي ڪيتري پوئواري ڪئي آهي ۽ جو ڪجهہ ڪيو آهي يا ڪريون پيا اهو رب پاڪ آڏو ڪيتري قدر صحيح ۽ مقبول آهي. مطلب تہ هنن تي هر وقت خشيت الاهي ڇانيل آهي. هو انهي سبب ڪڏهين آرام سان نہ ستا آهن يعني پاڻ کي غافل نہ رکيو آهي. انهن ڪاملن کي هر وقت ان پنڌ جو جيڪو حقيقت جي راهہ

ڏانهن وجي ٿو. ان تي هلڻ جو اوسيئڙو ۽ اونو آهي.

سُــــڪا سَــنڌَ ڪَچُـــنِ ۾ ڪَرڪَـٽــا پيـــرين
ٽِمَـنــدي نِيٽــينِ، آن ڪـــي ڪَــاهوڙي گــڏئا.

(دا - 1 ـ بيت 16)

- سنڌ: وسلا ڇپا ڇليون، ڪليون وغيرهه.
- سُڪا سنڌ : پٽي بنا سانداريون، سڪل سانداريون.
- ڪچن ۾ : ڪلهن ۾ لٽڪيل.
- ڪرڪٽا پيرين : پيرن ۾ ڪٽل ڪيتڙا.
- ٽمندي نيٽين : اکين مان لڙڪ وهائيندي، رئندي.
- آن ڪي : اوهان ڪي ڪي.
- ڪاهوڙي گڏ ئا: اهي جبل جها ڳيندڙ فقر ۽ فاقہ وارا گڏيا.

انهن ڪاهوڙين ڪي ڪچن ۾ پاٽيءَ ڪان خالي ڪليون (سانداريون) جن جا منهن ئي سڪا پيا آهن اهي ڪچن ۾ آهن سندن پيرن ۾ ڪا سڃي جتي ڪا نہ آهي. خوف خدا ڪان انهن جي نيٽن مان نير جاري آهي. سندن اک تان ڳوڙهو سڪي ئي ڪو نہ ٿو. شاعر چوي ٿو انهي پر وارا انهي طور طريقي وارا ڪاهوڙي اوهان ڪي گڏئا. جيڪي خوف الاهي ۽ پنهنجي نہ هئڻ واري رويي سان اوهان ڪي نظر آيا.

ڪَـــٽَن نـــہ ڪَرَڪـــاڻ، پَنـــڌَ پـــراهِين هَلِئـــا
ڏوتِيـــڙَا ڪَنهـــہ ڏُٺُ ڪـــي جُنبئـــا ڏونهـــہ جَـــا بـــاڻَ
ڪـــاهَوڙِينِ اُهجـــاڻ، اَنـــگ نـــہ سَـــڃي اڳـــڙي

(دا - 1 ـ بيت 17)

- ڪرڪاڻ: ڪرڪٽا، ڇپا، ڇليون، ڇنل، ٽٽل جوتا.
- پراهين : پري واري.
- هلئا : هلڻ لڳا، هلي پيا.
- جُنبئا : وڏي همت ۽ جوش جذبي سان هلڻ لڳا.

- ڏونهه : ان ڏانهن، انهي طرف.
- جباڻ: انهي جو ۽ هنڌ جتي ڏٺ گهٽي جو ڏس هو.
- اهڃاڻ : پار پتا، سڃاڻپ وارا نشان.
- انگ : بدن، وجود، جُسو.
- سڄي اڱڙي: انگ تي ڪو سڄو ڪپڙو نہ آهي. ڪا سڄي سالم پوشاڪ ڪا نہ آهي.

اهي ڪاهوڙي اهي ڏٺ ڳوليندڙ انهن پاڻ سان ڪو ڪرڪٽو ڪا ڇپي يا ڪيتڙو نہ ڪنيو ائين پري واري پنڌ ڏانهن هلي پيا.

اهي ڏٺ گڏ ڪرڻ وارا ڏوتيئڙا انهي جوءِ ڏانهن جوش مان هلڻ لڳا جتي ڪين ڏس مليو تہ اتي ڏٺ جام آهي.

انهن ڪاهوڙين، ڏوتيئڙن جي سڃاڻپ جا اهي اهڃاڻ ۽ نشان آهن جو انهن جي بت تي ڪو سڄو ڪپڙو نہ آهي پر سندن لباس ليڙون تيل آهي.

يڪلئـــا يُـــوٽَنِ، دَلـــقَ گـــڏيو ڏُوڙ ۾
رَاتيـــان رُج رَهـــنِ، ڏِينهـــان ڏِورن ڏُونگـــرِين

*(دا - 1 - بيت 18)*

- يُڪلئا (يُلڪئا) : ڌوڙ ۾ گڏيا، انگ پيوت تيو.
- يوٽن : هلن.
- دلق: لباس پاتل فرقو.
- راتيان: راتين جو.
- رج رهن : بيابانن، پونن جتي پاڻي جي ڪا وتاڪ ڪا نہ آهي. اتي رهن ، جهڙ ڦڙ جو اوير وارو وارياسو پٽ.
- ڏينهان : ڏينهن جو.
- ڏورن : ڏورين.

اهي ڏوتي ڏٺ گڏ ڪرڻ وارا ڌوڙ ۾ گڏيل سندن لباس سڄو ڌوڙ تيل آهي. اهي فقير اهي حق جا ڳولائو راتين جو رج ۾ رهن ۽ ڏينهن جو

ڏونگرن ۾ ڏوريندا وتن.

يُڪَلِئا پُوٽَنِ، دَلَق گَڏِيو ڏوڙِ ۾
ڳالِهِيُون ڳِهلي لوڪ سِين پَڌَرِ نہ ڪَنِ
ڪَامِلِ آهي تَنِ، مُون پَرِيان جِي ڳَالَهڙِي

(دا - 1 - بيت 19)

- پهرئين سٽ جي معنيٰ اڳئين بيت ڏنل آهي.
- ڳهلي : سادي سمجھ واري.
- لوڪ : ماڻهو.
- سين : ان سان.
- پڌر نہ ڪن : ڪلي ظاهر نہ ڪن.
- ڪامُل: ڪا اهڙي ڳجهي شيءِ.
- تن : تن وٽ.
- مون پرياڻ: منهنجي پرين.
- ڳالهڙي : ڪا ڳالهہ.

شاعر هن بيت ۾ انهن لاطمع ۽ دنيا سان دل نہ ڳنڍيندڙ درويشن جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ اهي لاطمع فقير جيڪي ابدال جي درجي تي آهن جن کي پنهنجي وجود جي ناهہ ئوهہ جي ڪا ڳالهہ ڪا نہ آهي جتي پئي اتي وهاڻي نہ صرف سندن وجود متي هاٺو آهي پر سندن پوشاڪ بہ ڪا صاف ڪا نہ آهي انهن کي استغراق جي حالت ۾ اهو سماءُ نہ هوندو آهي تہ اسين متي ۾ پيا آهيون يا ڪنهن صاف ستري هنڌ تي ويٺا آهيون اهي فنائيت جي حالت ۾ هوندا آهن ۽ قدرت جي رازن جي متن جيڪا ڪشف ذريعي پڌرائي ٿئي ٿي اها ڪنهن سان سلڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. هنن جو هر لمحو مشاهدي جي صورت وارو هوندو آهي. خارج سان هنن جو ڪو تعلق نہ هوندو آهي، ڪو ڇا پيو ڪري يا نہ پيو ڪري ان سان هنن جو ڪو تعلق نہ هوندو آهي. هي خدا رسيده انسان حق جي جلوي جي مشاهدي ۾

غرق هوندا آهن ۽ سندن ڪيفيت محاضره واري هوندي آهي. يعني هر وقت پاڻ کي الله جي آڏو حاضر تصور ڪرڻ. اهي انهي راز کي ٻين تي منڪشف ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. ڇو تہ اها هڪ امانت آهي جيڪا صاحب امانت جي حڪم کان سواءِ ظاهر ڪري نٿي سگهجي. حضرت شاھ لطيف انهي حقائق جو جوباءِ راز هو سندن عرفان جي حد ڪمال کي پهتل هئي انهي ڪري ئي تہ پاڻ فرمائي ٿو تہ، انهن الله جي ٻانهن وٽ جيڪي ڏوڙ ۾ گڏيل نظر اچن ٿا وڏي وٽ آهي انهن کي وڏي امانت سونپيل آهي. هو پرين جي انهي ڳالهڙي کي سواءِ امر جي اظهار ۾ نٿا آڻي سگهن.

خُوفان ڪاهوڙِينِ، ڳوڙهو سُڪَي نہ ڳَل تان
حُزنَ ڏِينهَہ حشر جَو تَوڙاَن لِتو نہ تَنِ
ڪِئائُون ڪِي ڪَنِ، آجِڪَو اُخريٰ جَو

(دا - 1 _ بيت 20)

- خوفان : پنهنجي عيبن، ڪچاين ۽ ڏوهن جي خوف کان.
- ڳوڙهو : لڙڪ اکين مان وهندڙ پاڻي.
- سُڪي نہ ڳل تان : انهن جي ڳل تان اهو لڙڪن ڳوڙهو سڪي ئي ڪو نہ ٿو.
- حُزن : غم ملال دائمي گريو، سدائين جو ڏک.
- ڏينهہ حشر : حشر جو ڏينهن يعني عاب ثواب جي جزاءِ سزا وارو ڏينهن قيامت جو ڏينهن.
- توڙان : توڙ تائين آخر تائين.
- لتو نہ تن : تن نہ لتو.
- ڪئائون : انهن ڪيو.
- ڪي ڪن : ڪجھ نہ ڪجھ ڪيو.
- آجڪو : ثمر، آخرت لاءِ توشو.

- آخريٰ: آخرت، روز قيامت.

خدا جو خوف رکندڙ ٻانهن جن کي هر وقت خدا جو خوف آهي ۽ هو اهو تصور ڪن ٿا تہ الله جي ذات اسان کي ڏسي پئي ۽ اسان تي ناظر آهي، جن ٻانهن جي دل ۾ اهو خيال هربحر هر آن موجود آهي انهن تي ذات حق جي جلال ۽ جمال جو اهڙو تہ رعب طاري آهي جو هنن جي اکين مان ڳوڙهو سڪي ئي ڪو نہ ٿو. ڇو تہ هنن جي قلب تي اها ڳالهہ نقش ٿيل آهي تہ الله جا حڪم جيڪي رب پنهنجي ڪلام پاڪ ذريعي نازل فرمايا آهن. پنهنجي ڪلام جي حيثيت ۽ خوف جو ذڪر ڪندي ذات باري تعاليٰ فرمايو تہ

"لو انزلنا هاذ القرآن علی جبل لرایئته خاشعا متصدعا من خشیت الله"

(اي پيغمبر جيڪڏهن اسين هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها تہ تون ان کي الله جي ڊپ کان عاجزي ڪندڙ ڦاٽي پوندڙ ڏسين ها.) الله جا اهي ٻانها رب جي انهي حڪم کي ٻڌندي ڪنبي وڃن ٿا تہ جيڪڏهن اهو ڪلام رب سائين جبل تي نازل ڪري ها تہ اهو بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ها. اسان انسانن جن ڏانهن هن پيغام کي موڪليو آهي انهن جو پنهنجي رب جي حڪمن جي انحرافي سبب ڪهڙو حشر ٿيندو انهي خوف ۽ ڊپ کان انهن جي اکين ۾ سدائين ڳوڙها ڳڙندا رهن ٿا تہ آخرت جو ڏينهن جزاءِ سزا جو روز جڏهين انسان جا هٿ پير ان تي شاهد ٿي بيهندا انهي ڏينهن لاءِ نيڪ ۽ صالح اعمال جو توشو يا ثمر ئي ڪم اچي سگهي ٿو. جن ٻانهن کي انهي روز محشر جو خوف آهي انهن تان انهي جو خيال لهي ئي ڪو نہ ٿو هو هر وقت پاڻ کي ناظر بالله تصور ڪن ٿا ۽ انهي خشيت الاهي ۾ آهن.

**وائي**

وسائيندڙي مينهن، مان ملان ڪي سڄڻين

اکَـــيُن آگـــمَ لائِيَـــا، ڪَرَمُنـــدائتا مِيـــنهَن
مـون کـي پـرِين ميـڙئين، روجهڙيـون ميـڙئين مينهـ
مــادَرِ مــوتّي نَــ وهــان، مُــون پريَـان سـين نينهــ
آءٌ مِلِنـــدي پِـــرِينءَ کـــي، رَاتيُـــون ڏُورَي ڏِينهَـــ

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ محبت جا مينهن وسائيندي آئون پنهنجي سجڻن کي ملان، پنهنجي حقيقي محبوب کي ملان.

منهنجي اکين ايترا آگم لاتا آهن ايترو تہ نير وهايو آهي جهڙو منڌائتو مينهن وسندو هجي.

اي منهنجا مالڪ مون کي پرين ملاءِ هنن روجهڙين (جانورن) کي مينهہ پيڙو ڪر جيڪي آسائتا آهن.

اي منهنجي ماءُ آئون موتّي نہ وهان مون پرين سان نينهن ڪيو آهي. انهن سان محبت ڪئي آهي. دل لڳائي آهي.

آئون پنهنجي پرينءَ کي راتيون ڏينهہ ڏوري پنڌ ڪري پڄائي وڃي ملنديس. ڇو تہ سواءِ سڄڻ جي وصال جي ٻيو ڪو حيلو نہ آهي.

# سر ڪاهوڙي

## داستان پهريون

گَنجــي ڏُونگــر گــام جــو، پئــو جَــنِ پــرو
ڇَــڏي ڪَيــتُ ڪَــرو، لــوچِي لاهُــوتيَ ٿِيــا.

*( دا - 2 — بيت 1)*

- گنجي (گنجو ٽڪر) : هي اهو ٽڪر يا جبل آهي جنهن تي ڪو وڻ ٽڻ ساوڪ ڪا نہ آهي ان ڪري نالو مليل اٿس گنجو ٽڪر اسمن ۾ هن جو تفصيل ڏنل آهي.
- ڏونگر : جبل.
- گام : ڳوٺ، هنڌ.
- پرو : خبر، ڄاڻ، سُڌ، ڏسُ.
- پئو جن پرو : جن کي انهن ڪامل ٻانهن جي سڌ پئي، خبر پئي.
- ڇڏي ڪيٽ ڪرو: اهي پنهنجون ٻنيون ٻارا ڪرا ڪيٽ ڇڏي انهي ڳولها ڪي لڳي ويا.
- لوچي : وڏي محنت ڪري وڏو ڪشالو ڪري.

جن کي گنجي ٽڪر تي انهن ماڻهن جي خبر پئي تہ اتي سالڪ ۽ الله کي هردم ياد ڪرڻ وارا ان جي عبادت ۾ مشغول ڪامل فرد موجود آهن. انهن سان ملڻ لاءِ انهن کي ڳولڻ ۽ ڄاڻڻ لاءِ جئن انهن سان ملاقات ڪري صحبت ڪري پنهنجي نفس کي نمائڻ ۽ حق تعاليٰ جي قرب حاصل ڪرڻ

لاءِ انهن ڪان پرائجي ڪجهه حاصل ڪجي انهي حق جي واٽ ڪي لهڻ لاءِ هنن پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي ڏنا تہ جئن انهن ڪامل انسانن ڪي ڳولهي انهن ڪان تمام الاهي جي معرفت حاصل ڪجي. جڏهين ائين ڪيو تہ هو انهي راهہ تي روانا ٿي پيا.

گـنَجــي ڏُونگــر گــامَ جِــي پيئــي جــن پَــرڪَ
وَاريَ سَـــــي وَرقَ، لَـــــوچَي لَاهـــــوتِي ٿَئِـــــا

*(دا - 2 _ بيت 2)*

- پهرئين ست جي لفظن جي معنيٰ پهرئين بيت ۾ ڏنل آهي.
- پرڪ : سڌ، سمجهہ، ساڃاهہ.
- ورق: پنا.
- لوچي : ڪشالا ڪري، محنت ڪري، جفا ڪري.
- لاهوتي ٿيا: لاهوت جي مقام ڪي حاصل ڪيائون.

شاعر گنجي ڏونگر گام ڪي هڪ علامت طور بيان ڪيو آهي. جيئن گنجي لاءِ مشهور آهي تہ گنجو آهي ڏنجهو، يعني گنجي جو سفر ڏاڍو ڏکيو ۽ تڪليف وارو آهي. ڇاڪاڻ تہ ايڏو اوچو جبل ڪو نہ آهي جنهن تي ساوڪ سبزي هجي برف باري پوندڙ هجي يا بارش جي گهٽائي وارو هجي جنهن ۾ قدرتي پاڻي جا ڪنب ۽ چشما هجن. گنجي تي انهن مان ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ آهي. انهي ڪري گنجي جي سفر ڪي ڏنجهو چيو ويو آهي.

هاڻي جڏهين اهڙي ڏکي جاءِ جي جڏهين سُڌ پوي ٿي. ان جي خبر پوي ٿي تہ هت مواد دراصل آهي. اها تڪليفي علامت جيڪا ٻانهو پاڻ ڪي حق جي واٽ پسڻ لاءِ ڏئي ٿو. پنهنجي پاڻ ڪي تڪليف ڏيڻ مان مقصد آهي اندر جي پاڪائي لاءِ ۽ پاڻ ڪي سجاڻڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ واري سي ورق جو مقصد آهي جو ڪجهہ اڳ ۾ آهي ان ڪي اٿلائي يا بدلائي ڇڏڻ يعني پنهنجو پاڻ ۾ اها تبديلي آڻن جنهن سان اهو عظيم

مقصد حاصل ٿئي جيڪو زندگي جو اصل مقصد آهي. اهو سماجي تبديلي طور بہ آهي تہ انسان جي شخصي روين جي تبديلي ڏانهن بہ اشارو آهي جنهن ۾ خير جو عنصر هجي ۽ انسان جي وجودي تبديلي جنهن سان قلب روشن ٿئي. اهي سيئي مقصود آهن. اهي سڀ حقيقتون جفا ڪشي، محنت ۽ اورچائي سان حاصل ٿي سگهن ٿا. ٻيو نڪتو آهي. لاهوتي ٿيڻ لطيف جي انهن لاڳيتن بيتن ۾ جيڪي قريباً پنج آهن انهن ۾ اهو نڪتو بيان ڪيل آهي ۽ هر بيت ۾ انهي نڪتي جي اظهار اسان اڳ ۾ جدا جدا ڪيفيتون گنجي جي نسبت سان ڪاهوڙين جي بيان سان اوريون آهن .اهي بنيادي طور تي حقائق آهن جن کي سمجهڻ ضروري آهي.

گَنجي ڏونگر گام جي پيئي جَنِ پَٽِي
چَڏي نِندَ گهٽي، لَوچِي لاهُوتِي ٿِيا

(دا - 2 ـ بيت 3)

- پٽي : دز ، مٽي، خاڪ.
- ڇڏي نند گهٽي: گهٽي سمهڻ کي ترڪ ڪرڻ.

جن سالڪن کي/حق تلاش ڪندڙن کي گنجي تمام تان انهي اعليٰ مقام واري جاءِ تان لاهي قرب جي حق جي حقيقت سمجهڻ جي ذري جيتري بہ ڪا ورچ ۽ پتي ملي تہ انهن گهٽي ننڊ کي ترڪ ڪري قم اليل الا قليلا تي عمل ڪيو ”ورتل قرآن ترتيلا جو ورد ڪيائون انهي طريقي سان انهي خشوع ۽ خضوع واري حالت کي اختيار ڪري اهي لاهوت جي مقام تي پهتا جتي صرف حق جلوو ۽ ان جي اسم جي پچار آهي.

جَني پيئي بُوءِ، گنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي
ڏوريَ سَائِي جُوءِ، لوچي لاهُوتِي ٿيا

(دا - 2 ـ بيت 4)

- جني پيئي : جن کي ٿوري خبر پئي، چاڻ ٿي ، ڪڙڪ پئي.

- بوءِ : باس خوشبوءِ انهن جو واس اچڻ.
- ڏوري: هلي ڪري اتي وڃي.
- سائي : ساڳ اها.
- جوءِ : جاءِ، هنڌ، سيمر.

جن ڪي ڪاملن جي هئڻ جي خوشبوءِ آئي ۽ سُڌ پيئي انهن گنجي جي انهي مقام ڪي جتان اها خوشبوءِ آئي تي انهي ڏس ڪي ڏوري وڃي انهي هنڌ ۽ جوءِ ڪي لڌو، جتان فيض الاهي سبب انهن تي انهي حق جي روشني حاصل ٿي ۽ هو انهي رنگ ۾ رنگجي ويا.

گنَجــي ڏُونگَــرَ گَــامَ جِــي پيئــي جَنِــي بَــاسَ
چَــڏي سَـــي لبــاسَ، لَــوچِي لاهُــوتِي ٿِيَــا

*(دا - 2 ــ بيت 5)*

- جني : جن ڪي.
- باس : بوءِ، خبر، سڌ، چاڻ.
- سي : اُهي.
- لباس : پوشاڪ، پهرڻ، ڪوڙو ڏيک.

جن بہ سالڪن ڪي انهي مامر جي مذڪور جي خبر پئي ٿوري ڪڙڪ ملي اهي پنهنجي دنياداري جي ڪوڙي ڏيک ڪي ڇڏي حقيقت ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ روانا ٿي ويا ۽ انهي ڪي لوچي ڳولهي وڃي لڌائون ۽ انهي رنگ ۾ رنگجي ويا.

گنَجــي ڏُونگَــر گَــامَ جِــي پيئــي جَنِــي سُــڌ
سَــي ٻِــي ڇَــڏي ٻُــڌَ، لَــوچِي لاهُــو تِــي ٿِئــا

*(دا - 2 ــ بيت 6)*

- سڌ : خبر، چاڻ.
- ٻڌ : چاڻ، علمر.

جن کي انهي حقيقت واري مقام جي جڏهين سُڌ پئي تہ انهن پنهنجي انهي ڄاڻ کي پنهنجي علم کي حقيقت جي ڄاڻ جي مقابلي ۾ ناقص ۽ اڻ پورو تصور ڪيو تہ ھي تہ اسان جي ہڌ پاءِ چوبين جي برابر آهي جنهن جو ذڪر مولانا روم پنهنجي مثنوي ۾ ڪرڻ فرمايو آهي تہ حقيقي علم ۽ ڄاڻ شين جي ڏسڻ سان نہ آهي پر ان سلسلي جي بصيرت سان وابستہ آهي. هت لطيف انهي بصيرت جو ذڪر ہُڌَ جي سلسلي سان ڪرڻ فرمايو آهي.

گَنجي ڏونگر گامَ جي پيئي جَنِ پَرُوَرَ
ڇَڏي سَي ضَرورَ، لوچِي لاھُوتِي ٿِيا

(دا - 2 ـــ بيت7)

- پروڙ : ڄاڻ، خبر چار حال حقيقت.
- ضرور : ضرورتون، گهرجون، دنياوي ڳالهيون، ضروري ڪم.

جن انهي حقائق جي پروڙ پئي سندن علم ۾ اهي ڳالهيون جيڪي حقيقت جي واٽ لهڻ لاءِ اهم هيون/ آهن. انهن جي مام کي سمجهڻ سان هنن پنهنجي دنياوي ضرورتن کي ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ اهي ڳالهيون ۽ لاڳاپا جيڪي مادي آرام ۽ آلائش سان ڳنڍيل هئا انهن کي ترڪ ڪيو فقر ۽ فاقہ کي ذڪر ۽ فڪر جي حقائق سي اختيار ڪيو جن کي پنهنجي ڪرڻ سان انهن کي تزڪيہ نفس حاصل ٿيو پنهنجي اندر جو آئينو هنن کي صف لڳو ۽ پاڻ کي لاهوت جي مقام لاءِ قابل سمجهڻ لڳا.

گَنجَو ڏونگر گامَ، پيهي جَنِ پَروُڙِئو
ڪري تَنِ تَمامُ، لوچِي لاھُوتِي ٿِيا

(دا - 2 ـــ بيت8)

- پيهي : اندر گهڙي، ٽڪر ۾ اندر وڃي ڏوري.
- پروڙئو : (مصدر پروڙڻ : سمجهڻ معلوم ڪرڻ) سمجهئو، معلوم ڪيو.
- تن تمامُ (تن تمام ڪرڻ) : پنهنجو پاڻ کي ڳاري ڇڏڻ، پڻ کي

ضعيف ڪري ڇڏڻ.

جن سالڪن انهي ماڳ ۽ منزل کي جيڪا حقيقت جي طلب واري هئي ان ۾ پيهي اندر گهڙي معلوم ڪيو تہ هي وجود هي مادي لوازمات ضرور انسان لاءِ آهن پر اهي سڀ مقصود باالذات نہ آهن اهي جسم کي زندهہ رکڻ جو هڪ ذريعو آهن. اصل حقيقت آهي. اندر واري روح جو قلب جو سجاڳ هئڻ ان جو زندهہ هئڻ. جيڪو تڏهين ٿي سگهي ٿو جڏهن پنهنجي خواهشن کي ترڪ ڪجي جن جي ڇڏڻ سان ۽ زهد ۽ عبادت کي اختيار ڪرڻ سان ۽ الله جي اسم جي اورڪ سان پنهنجي روح کي سجاڳ ڪري سگهجي ٿو. ۽ پنهنجي پاڻ کي سڃاڻن جي حقيقت کي معلوم ڪري سگهجي ٿو. جيستائين ٻانهو انهي رمز آشنائي کان روشناس نٿو ٿئي ان وقت تائين سندس قلب جي ڪيفيت قبض واري رهي ٿي يعني ذڪر الاهي جو عمل خود بخود نٿو ٿئي. جنهن سبب سالڪ جو قلب انوار الاهي جي توارد کان وانجيل رهي ٿو اهي لمحات سالڪ يا طالب لاءِ نهايت بيقراري ۽ اضطراب وارا هوندا آهن ۽ هو انهي مقام ڪبريائي جو نظارو نٿو پسي جنهن جو هو متمني آهي.

داستان ٻئي جي بيت نمبر پهرئين کان وٺي بيت نمبر اٺين تائين وارن بيتن ۾ اصطلاحي طور تي جن لفظن کي معنوي صورت سان بيان ڪيو ويو آهي اهو امر غور طلب آهي. جنهن ۾ گنجو ڏونگر گام، سيني بيتن ۾ آيل آهي. ليڪن پهرئين سٽ جي پوئتان ۽ ٻئي سٽ جي وچ ۾ ۽ آخر ۾ "لوچي لاهوتي ٿئا" جو سيني ۾ تڪرار آهي. جيئن پهرئين بيت ۾ "پئو جن پرو"، "ڇڏي ڪيٽ ڪرو" ٻئي بيت ۾ "پيئي جن پرڪ" ۽ "واري سڀ ورق" ٽئين بيت ۾ "پيئي جن پٽي" ۽ "ڇڏي نندٻ گهٽي" چوٿين بيت ۾ "جتي پيئي بوءِ" ۽ " ڏوري ساجوءِ" پنجين بيت ۾ "پئي جني باس" ۽ ڇڏي سي لباس" ڇهين بيت ۾ "پيئي جني سُڌ" ۽ سي ٻي ڇڏي ٻڌ" ستين بيت ۾ پيهي جن پروڙئو ۽ "ڪري تن تمام" ۽ اٺين بيت ۾ "پيئي جن

پروڙ“ ۽ چڙي سي ضرور“ انهن لفظن کي معنوي طور ڪمر آندو آهي جنهن مان هر هڪ نڪتو پنهنجو سلوڪ جي راهہ ۾ تصور رکي ٿو. اسان هر بيت جي بيان ۾ ان جو اجمالي طور تي ذڪر ڪيو آهي، ليڪن انهن لفظن جو انداز ٻڌائي ٿو تہ لطيف سرڪار آڏو گنجي جي گامر جي ڪيفيت ۽ حقيقت لهڻ لاءِ ان قسمر جي ترغيب مان روحاني ارتقا جي مدارج جو عيان ڪرڻ مقصود هو. پرو پوڻ يا سپ ورق واري چڙڻ، پوءِ بہ باس، پروڙ ۽ ضرور، سُڌ ۽ ٻڌ لوچي لاهوتي ٿيڻ لاءِ انهن مرحلن مان گذرڻ ڪان لطيف لازمي تصور ڪري ٿو. صوفيا ۽ ڪرام سالڪ جي ذڪر ۽ فڪر انهي جي معمولات سان جيڪي رويہ پيدا ٿين ٿا انهن کي ڪيفيت جي نسبت سان نالا ڏنا آهن ۽ انهن جي عملي صورت کي بيان ڪيو آهي. جن مان سالڪ ناسوت ملڪوت جبروت جي مقامات مان گذري معرفت جي ميدان لاهوت ۾ پهچي ٿو جتي سواءِ حق جي جلوءِ ۽ جمال ۽ ان جي ڪبريائي ۽ احديت کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ نہ آهي. ”جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن صاحب سامهون“ آهي ”فا انما تولو فثمر وجہ الله“ جو منظر ۽ مقام آهي. لطيف جو فڪري ڪمال آهي جو هن عارف بالالله ”لوچي لاهوتي ٿيڻ“ لاءِ انهن انن بيتن ۾ اهي ڪيفيتي رويہ بيان ڪيا آهن ۽ سالڪ کي انهن تي عمل لاءِ ترغيب ڏيندو نظر اچي ٿو تہ پنهنجو پڻ کي سمجهڻ لاءِ پرک جي پروڙ ضروري آهي ۽ زندگي ۾ عملي صورت سان ورق ورائڻ ضروري آهي. لطيف انهي جوءِ (مقام) کي پسڻ لاءِ پنهنجي عقلي دلائل جو ۽ ڪيئن جي ڳالهين کان اڳتي وڏي حق جي حوالي ڪرڻ لاءِ جيئن چئي ڏنائين تہ ”سي ٻي چڙي ٻڌ“ ”لوچي لاهوتي ٿيا“ لطيف هر بيت ۾ نئون، نئون نڪتو بيان فرمايو آهي. انهي چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ تصوف جي اصطلاحات کي لطيف هڪ نئين صورت ڏني آهي. جيڪا ”من عرف نفسہ فقد عرف ربہ“ جي سلسلي سان سالڪ کي وڏي سونهپ جو ڪمر ڏيندي، لطيف گنجي جي گامر سان انهي راهہ جو تعين

ڪيو آهي. جيڪا ”معرفت هڪ اصل عاشقن جي“ راهہ ۽ رمز آشنائي جو هڪ وسيلو آهي جنهن سان سالڪ لوچي لاهوتي ٿئي ٿو. اهو رنگ صبغتہ الله جو رنگ آهي. جنهن رنگ ۾ رنگجڻ لاءِ ڪاهوڙين خفيءَ سان خيما ڪوڙي سبحان جي سونهن جو نور پريو نظارو ماڻيو.

پَيهي چِپرُ پسُ، گَنجَي ڏ_ونگر گَامَ جو
تَوڪَي ڏِينَدا ڏسُ، ڏوتِي آهين ڏِيھَ ۾

(دا - 2 _ بيت 9)

- پيهي : اندر گهڙي، منجهہ لهي.
- پس : ڏس.
- ڏس: پتو اهڃاڻ.
- ڏيهہ ۾ : ملڪ ۾، ديس ۾.

اي سالڪ تون چپر (جبل) ۾ پيهي اندر گهڙي ان جي ڳجهہ ۾ وڃي اهو نظارو ڪر گنجي جي گام جو اهو نهايت اعليٰ درجي وارو نظارو آهي، توکي اتي اهي درويش ڪامل فقير جن جي رب سان رهاڻ آهي اهي ملندا. توکي اهي ئي ڏس ڏيندا تہ هن جهان ۾ ڏوئي ڏڻ ڳڏ ڪرڻ وارا يعني پنهنجي نفس کي مارڻ ان جي ڪر لهڻ وارا اڃا موجود آهن اهي اولياءَ الله آهن جيڪي غوث ۽ قطب جي ابدال ۽ مجذوبيت جي منصبن تي فائز آهن.

گَنجَي ڏ_ونگَرَ گَامَ ۾ کَهڙو اَتِئي ڪَامُ
پَسئِو تَنهن پَهاڙَ کي اَچي نَہ آرامُ
مَتان ڏُونگَر ڏورِئين اُجھي جيئَن عوامُ
هُوَنُ کَرِ حَرامُ، ڪَامُ تہ ڪاهَوڙِي ٿيئِين

(دا - 2 _ بيت 10)

- ڪام: ڪم.
- پسئو : ڏسئو.

- آرام : سک، سُکون.
- ڏورئيين : ڳولين، تلاش ڪرين.
- اُجهي : اجايو هلي.
- عوام: عام ماڻهو خدا جي خلق.
- هوڻ: پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ تہ آئون هيان منهنجي هستي آهي. اهو هٺ آهي.
- حرامُ : هوڏ ۾ هستي کي پاڻ لاءِ لازم نہ ڪر ان کي ختم ڪرڻ اهو واجب نہ آهي.
- ڪام : جل، سڙ، ٻرُ.

شاعر فرمائي ٿو تہ گنجي جي گام ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي. انهي اهم مقام تي ڪهڙي نظاري جي صورت آهي. اتي اهو ڪجهہ آهي اهو نظارو آهي جو انهي پهاڙ کي پسندي آرام ختم ٿيو وڃي. هت غالباً شاعر جو مقصد سالڪ کي پيش ايندڙ "احوال ۽ مقمات" جي منزل جي مڪاشفات جي آهي هت تاڪيد ڪندي اهو ذهن نشين ڪرايو وڃي ٿو تہ جئن عوام اجايو هلي پيو تون تيئن انهي حقيقت جي واٽ لاءِ نہ هلجانءِ ڇو تہ انهي راهہ جا پنهنجا طور طريقا آهن. پهريون اهو آهي تہ پنهنجي هستي ۽ هٺڻ جي نفي ان بعد آهي عشق جي اڳ جو اندر ۾ دونهہ دکائڻ جڏهن ائين ڪندين تڏهن تون ڪاهوڙين (سالڪن) جي سٽ پيڙو ٿيندين.

گَنجَـــي ۾ گُـــن گَهڻــا، پيــرُ پَــرُوڙي پــاءِ
ڪـــاهَوڙي ڪَـــڙ وئـــا نَڪــا اُوڏي مـــاءِ
جَنِـــي ڏِٺِـــي جـــاءِ، تنَـــي مَـــونڻ مِيهڻـــو

*(دا - 2 ـ بيت 11)*

- گُن : خاصيتون، گُن، چڱايون.
- پير پروڙي پائڻ : سوچي، سمجهي انهي طرف وڃڻ.
- ڪڙ وئا: ڪڙاوئا يعني سڌا ويا سڌو رستو ورتائون.

- نڪا : نہ آهي.
- اوڏي : ويجهي قريب، نزديڪ.
- ماڻ : وسئون يا آباد هنڌ/ ڪو ماڻهو ساهوارو رهندڙ هجي.
- جني ڏني: جن ڏني.
- جاءِ : اهو هنڌ.
- تني : تن ڪي.
- موٽڻ : واپس ٿيڻ.
- ميهڻو : طعنو، سخن.

شاعر فرمائي ٿو تہ گنجو ٽڪر جيڪو اوهان کي ائين نظر اچي ٿو، ان ۾ وڏيون خوبيون ۽ خاصيتون سمايل آهي، هڪ تہ هي اڪيلائي ۾ عبادت گذارن ۽ زهد ۽ فڪر ڪرڻ وارن جي جاءِ رهيو آهي. جيڪي لوڪان لڪي هتي اچي ياد الاهي ۾ مشغول ٿين ٿا ٻيو تہ ناني ۽ هنگلاج ڏي ويندڙ يوگي، جوڳي سامي ڪاپڙي، نيهہ جا نانگا ٽولا ٽاهي اتي ناني جي آستان جي پيتا ڏئي پوءِ اصل ماڳ روانا ٿين ٿا، ٽيون تہ ڏوتي ۽ پورهيت ماڻهو هن ٽڪر تي ميٽ جي ڪاٽين ڪوٽڻ ۽ چُن جي پٽر ڪڍڻ لاءِ پورهئي ۾ مشغول هوندا آهن انهي سبب هي ٽڪرا هي تہ گنجو پر سدائين هن جي ڌهرن ۽ ٽڪرين مٿاهين تي شغل ۽ شور هوندو آهي مال وند ماڻهن جي درياهہ جي ڏيئي وهڻ ڪري هر وقت آمد جدا هوندي آهي. ان لاءِ شاعر چوي ٿو تہ انهي اهڙي جاءِ تي پير سوچي سمجهي رک.

ڪاهوڙي جيڪي سلوڪ جا شيدائي الک کي اوريندڙ آهن. اهي هتان سڏا ويا آهن ۽ اوڏاهين ويا آهن. جتي ڪو ساهوارو بہ وڃي نہ سگهي، چو تہ اتي جيڪو ميڙو متل آهي جن اها جاءِ هڪ پيرو ڏني آهي ۽ انهن کي ايڪانت ۽ اڪيلائي ۾ الک اورڻ سان جيڪو سڪون حاصل ٿيو آهي ان لاءِ هو اتان واپس موٽڻ مهڻو سمجهن ٿا تہ ههڙي روحاني جياپي واري جوءِ ڇڏي ٻئي پاسي ڪيڏانهن وڃجي.

ڪـــاهوڙين ڪَٽـــي ســـاجهر ٻَـــڌا سَـــنَدرا
ڏورِينـــدي ۾ ڏ_ونگـــريَن ڪئـــائون پـــاڻَ پَٽـــي
ڏُکَـــنِ ڏيـــلِ هَٽِـــي، ڇَيهـــ لَـــڌائُون ڇِپَـــرين

*(دا - 2 ـ بيت 12)*

- ■ ڪاهوڙين، ڪاهوڙي : کهيڙو يا کهو ڪٽي جهنگ صاف ڪندڙ ٻٽ ٻوڙن کي پاڙان ڪڍندڙ.
- ■ ساجهر : سويل ڏکيءَ جو، تمام سويرو.
- ■ سندرا ٻڌڻ: پر جوش تي ڪم لاءِ تيار ٿيڻ، باهمت ٿيڻ.
- ■ ڏوريندي: تلاش ڪندي، هلندي.
- ■ ڏوريندي ۾ ڏونگرين: جبلن ۾ هلندي، تلاس ڪندي ڳوليندي.
- ■ پاڻ پٽي ڪرڻ: پاڻ کي فنا ڪري ڇڏڻ، نہ هئڻ واري حيثيت اختيار ڪرڻ.
- ■ ڏکن: تڪليفن.
- ■ ڏيل : بدن، انگ، جسم، وجود.
- ■ ڇيهہ: دنگ، آخري حد.
- ■ لڌائون: وڃي دنگ ڪيائون. پوري ڪيائون، ڏنائون.

شاهہ صاحب هتي ڪاهوڙين جي ڏونگر ڏورڻ جو احوال اوريندي فرمائي ٿو تہ اهي کهيڙو يا کهو ڪٽندڙ پنهنجي پورهئي ۽ جهنگ کي صاف ڪرڻ لاءِ ساجهرئي سندرا ٻڌي پختو پهہ ڪري تيار ٿي ويا. هت بنيادي طور تي لطيف جو مقصد آهي الله جي اسم سان پنهنجي قلب جي سرزمين کي صاف ڪري سنوارڻ ان کي صيقل ۽ شفاف ڪرڻ.

جبلن ۽ ڏونگرن ڏورڻ مان اهڃاڻ کي پنهنجي وجود کي زهد عبادت رياضت جي ذريعي پنهنجو پاڻ کي الاهي عبوديت ۾ غوط زن ڪري ڇڏڻ جئن وجود جو هر حصو خشيت الاهي کان متاثر هجي ان ۾ الله جي اسم جو عڪس جلوه گر هجي جيئن بندو پنهنجو پاڻ نہ هجي پر هو فنائيت

جي مقام تي هجي. اهڙين نفساني تڪليفن ۾ پنهنجي وجود کي حق جي حوالي ڪري ڇڏڻ سان جيڪا الاهي قربت ۾ القاءُ جي روين جو نزول ٿئي ٿو ان سان ئي روحاني طور تي سالڪ انهي حد کي پهچي وڃي ٿو جي ڇپرن جو ڇيهه يعني دنيا جي اسباب جي حد ختم ٿي وڃي ٿي ۾ وجود مادي آلائش آرائش ۾ لوازمات کان خالي ٿي معرفت جو مقام ماڻي ٿو. لطيف ڪاهوڙين جي انهي تلاش ۾ ڏٺ کي اوٽ ۾ در اصل حقيقت جي انهي عنصر کي بيان ڪيو آهي. اهو ڏٺ جتي سگڙ ۾ سائون ڪوڏير ۾ گاهن ٻج جي حيثيت رکي ٿو اتي هن عظيم شاعر جو بنياد آهي جو هر حق جي تلاش ۾ ان جو حصول جنهن کي پنهنجي فقيراڻي رمز ۾ شاهه صاحب بيان فرمايو آهي.

اُٿِئو اُٿِئو ڪَن هَلو هلون ڏُٿُ ڪي
پَئِي پَوتڙين ۾ ڪُنڌَرَ سَرِ ڪُلهنِ
ڏوران ڏُورِ سُجَنِ، وِيئِي وِهَامِي راتڙي

*(دا - 2 _ بيت 13)*

- اُٿئو، اُٿئو ڪن : صبح سوير ساٿين کي وينو اٿارين ته اُٿو، ننڊ ۾ غفلت ڇڏيو.
- هلو هلون ڏٺ کي : هلو ته سيئي گڏ جي هلي ڏٺ ڳوليون.
- پوتڙين جمع واحد پوتڙي: هڙيا ٿانو جنهن ۾ ڪجهه وجهي سگهجي.
- ڪنڌر : انگڙو.
- سرڪلهن: ڪلهن تي.
- ڏوران ڏور: پري کان به پري، پيا سڄڻ ۾ ٻڌجن.
- سجن: ٻڌجن، معلوم ٿين.
- وهامي: گذري.

اهي ڏوٿي ڏٺ ڳوليندڙ راتين جو پوئين پهر ۾ اٿئو اهو آواز ۾ اها پڪار ڪن ته هلو هلو ڏٺ کي هلي ڳوليون.

اهي ڏوئي پنهنجي پوتڙين ۾ انهن پتل جي ڪَرسبَين ۾ پاڻي وجي انگڙا ڪلهن تي رکي روانا ٿيڻ جي تياري ڪن ٿا.

پنهنجي ساٿين کي چون ٿا تہ ڏٺ ڏوران ڏور آهي يعني تمام پري آهي ائين نسبت ڪندي سنيرندي ڪين رات وهاميو وجي

هن بيت ۾ شاعر مقصد جي حصول لاءِ پاڻ کي هر وقت تيار ٿيندو رکڻ جو سبق ڏيندو نظر اچي ٿو تہ ننڊ جو غلبو سستي ۽ ڪاهلي پيدا ڪندو ان لاءِ سجاڳي ضروري آهي. پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ جن وسيلن ۽ شين جي ضرورت آهي تہ شاعر ڏٺ ڏورڻ واري رمز ۾ ان طرف نہ اظهار ڪري ٿو. ۽ اهو واضح ڪري ٿو تہ اهي سڀ ڳالهيون پري ڪان سُڄن ٿيون ان لاءِ ان کي ڏوري ڏسڻ ضروري آهي.

وييـوُن پَـبَ پَئـي، ڪيـرُون ڪـاهوڙين جيُـون
آءٌ تَـنِ ڏوتيَئـڙَن ڪـي پُڇَـان ڪَيـرُ پَهـي
رُجـن رات رَهـيِ، جَنِـي ڏونَگـرَ ڏورِيـا

(دا - 2 ـ بيت 14)

- ويئون : هلي ويئون.
- پب پهي : پب جبل ۾ پيهي ويئون لنگهي ويئون.
- ڪيرون : ٽوليون، قطارون.
- پڇان : پڇا ڪريان پئي.
- ڪير پهي : ڪهڙو پانڌيئڙو يا ڏوتيئڙو ايندو يا ڪير لنگهندڙ ايندو.
- رُجن رات رهي : ويرانين ۾ رات گذاري.
- ڏونگر ڏوريا: جبل جهاڳيا، جبلن ۾ ڳولها ڪئي.

هي بيت ذو معنيٰ وارو آهي ڏٺ ڪندڙ ڏوتيئڙن جي ڪم ۽ مقصد جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ انهن پانڌيئڙن جي پڇا ڪرڻ وارا بہ آهن ان سان گڏ انهن ڏوتين رجن ۾ ويرانين ۾ جت آدم بوءِ بہ ڪا نہ هئي اتي راتيون گذاري ڏونگر ڏوريا، ٻئي طرف وري قومي جدوجهد ڪندڙ انقلابي

ماڻهن جي ٽولي تي بہ صادق اچي ٿو. انهن سماج سڌارڪ انسان جي هر هنڌ پڇا ۽ انتظار هوندو آهي. اهي تاريخ جي ورقن کي بدلائڻ وارا سماجي تبديلي آڻن وارا انسان هر انهي تڪليف کي برداشت ڪن ٿا جيڪا سندن فڪري ۽ نظري روين کي سبوتاز ڪرڻ لاءِ پنهنجا طريقا استعمال ڪندي آهي. پر اهي سچا ۽ سرويچ انسان جن کي پنهنجي نظر ۾ پنهنجي مقصد جي حاصلات جي اون آهي اهي رجن ۾ اچن ۾ ٻڪن م ظلم جي شڪنجن ۾ پاڻ کي وجهي بہ انهي مقصد کي ڏورين ٿا پوءِ ڇو نہ انهن کي جبل جهاڳڻا پون ۽ سر تي تڪليفون سهڻيون پون هو انهيءَ ڪان منهن نہ موڙيندا آهن.

ٿي صورت آهي انهن سالڪن ۽ حق جي طالبن جي جيڪي ديدار الاهي کي پسڻ لاءِ انهن جا ساٿ ۽ قافلا انهن ڏکين هنڌن ۾ پيهي ويا جن پنهنجي نفس جي جبل ۾ جهاتي پائي ان کي سبات ڪان پاڪ ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي ۽ خشيت الاهي پاڻ تي سوار ڪري نفس جي انا کي زير ڪيو اهڙن سالڪن صادقن ۽ سچن انسان جن وٽ حق ۽ سچ جي اهميت آهي سندن قلب تي اسم الاهي نقش آهي سندن وجود جو سنڌ ۽ سنڌ خوف خدا ڪان ڪنبڊڙ ۽ ان جي حضور ۾ پاڻ کي تصور ڪندڙ هي اهڙن لائق ۽ فائق انسان کي جن جو اندر روشن آهي انهن لاءِ آئون پڇا پئي ڪريان تہ اهي هتان ڪڏهين ۽ ڪيڏي وير گذرندا. انهن جون ٽوليون ۽ قطارون خدا جي ذڪر ۽ فڪر سان هتان ڪنهن مهل ۽ ڪڏهن گذرينديون. اهو محض انهي لاءِ آهي تہ انهن سالڪن پنهنجي مالڪ کي راضي ڪرڻ ۽ پنهنجي نفس کي سجاڻڻ لاءِ رجن ۾ بہ راتيون گذاريون انهي امر تي غور ۽ فڪر ڪيو. خلق باالله کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ان لاءِ سالڪن ۽ صادق ڏاڍيون تڪليفون برداشت ڪيون. فقر ۽ فاقہ کي اختيار ڪيو صبر ۽ لشڪر جي دامن کي هٿان نہ ڇڏيو ۽ ”انا الحڪم الا الله“ .

جــي كــو ڏت كري، تــہ ڏونگــر ڏورڻ ڏاكــڙو
چپــرُ كـــو نـــہ ڏي، ســـو كڙيون سُـــتن كـــي

(دا - 2 ـــ بيت 15)

- ڏت كرڻ : ڏت ڳولڻ، ڏُت كي ڏورڻ.
- ڏونگرُ ڏورڻ(اصطلاح): وڏيون تكليفون ڏسڻ ۾ تكليفن سان ڳولها كرڻ.
- ڏاكڙو: ڏاڍو ڏكيو، انتهائي تكليف وارو.
- چپر كو نہ ڏي: جبل كنهن كي كڏهين بہ كجهہ نہ ڏنو آهي يعني هن كو سك نہ ڏنو آهي.
- سوكڙيون: سوغاتون.
- سُتن كي: جيكي سُتا پيا هوندا.

جيكڏهين كير بہ ڏت ڳولڻ جي كري تو تہ ڏونگر كي ڏورڻ جهاڳڻ ان جو ذرو، ذرو ڳولڻ نهايت ئي مشكل وارو آهي.

جبل كڏهين بہ كنهن كي كجهہ نہ ڏنو آهي. چو تہ هن وٽ سواءِ پهڻن ۽ پٿرن جي ٻيو كجهہ نہ آهي. اتان ستن كي جيكي ڏت لاءِ ڳولهائي نہ كندا تہ انهن كي ڇا مِلندو. بيت جي پوئين سٽ پنهنجي اندر هك جدا گانہ مفهوم ركي ٿي "تون ڇپر تون ڇانوَ" لطيف اتي ڇپر كي نهايت وسيع معنيٰ ۾ استعمال كيو آهي. جت مقصد جبل نہ پر قوت رحيمي آهي. ذات رحيمي ڏانهن جيكو هٿ كٽندو التجا كندو اهو مقصد ماٽيندو پر جيكو ستو پيو هوندو حق جي انهي قوت رحيمي ڏانهن وڌندو ئي كين تہ ان كي كهڙي سوكڙي سپجندي.

كِجئا كـــاهوڙِي، پســـي پورهَـــتِ ويسَـــرا
ڏوتيئَـــڙا ڏورِي، وِكَ ورايـــو پنـــڌ جِـــي

(دا - 2 ـــ بيت 16)

- كجئا (مصدر كجڻ: ونجهڻ، بي حال ٿيڻ) خفا ٿيا، چڙي پيا، ورچي پيا.
- پسي : ڏسي (مصدر پسڻ، امر پس).

- ويسرا: سست ڪم ڪي وساري ويٺل، واندا.
- ڏوڙي: ڀيٽي، وڏي.
- وک وڌائڻ: (اصطلاح): ڪم ۾ تيزي آڻڻ، اڳتي وڌڻ.
- پورهت: پورهيو ڪندڙ.

پنهنجي پورهئي کي وساري ويهي رهيلن کي ڏسي ڪاهوڙي خفا ٿي پيا. يعني پنهنجي مقصد کي جن ڇڏي ڏنو انهن تي ڏونگر ڏوريندڙن يعني مقصد جي حصول لاءِ ڪوشش وارن کي چڙ ويئي ته زندگي کي بي مقصد ڪري تصور ڪرڻ انسانيت نه آهي. انسان لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي سماجي زندگي ۾ انقلابي راهه ۾ ڪنهن تحريڪي سلسلي ۾ يا ياد الاهي ۾ جنهن به رويه ۾ هجي اتي ان لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي وک کي وڌائي ان ۾ تيزي پيدا ڪري. انهي جهد سان انسان پنهنجي مقصد جي موتيءَ کي حاصل ڪري سگهي ٿو پوءِ ان جو تعلق روحانيت سان هجي يا پنهنجي پورهئي سان، انسان ۾ انهي صفت جو هئڻ ضروري آهي.

ڪـــاهَوڙِي کِجَـــنِ، پَســـي پُورِهَـــتِ ويسَـــرا
سَـــي ڏَوڙِيئَـــڙَا ڏُورِ ٿِئَـــا رُڃَـــنِ جـــي رَهـــنِ
ڪامُـــلِ اَهـــي تَـــنِ، مـــون پريـــان جـــي ڳَـــالهڙِي

(دا - 2 - بيت 17)

- پهرئين سٽ جي لفظن جي معنيٰ اڳئين بيت ۾ ڏنل آهي.
- ڏورٿئا: پري ٿئا، پهچ کان نڪري ويا.
- رڃن: بيابانن سڃ، جبل جي ويران هنڌن.
- ڪامُل: اڻلڀ، ناياب.
- مون پريان جي ڳالهڙي: منهنجي پرين جي ڪا اهم ڳالهه تن وٽ آهي.

جيڪي سالڪ ۽ سچا ٻانها صدق وارا آهن اهي خلق کي خدا جي حڪمن ان جي موڪليل هدايتن کان وسيلو ۽ غافل ڏسي انهن جي روش

تي ڪجن يا خفا ٿين ٿا. اهي عبادت گذار جيڪي دنيا جي هل هنگامي ۽ ان جي اسباب کان ٻاهر ٿي ان کي ترڪ ڪري ائين رهن ٿا ڄڻ اهي ڪنهن ويراني ۾ رچ ۾ هجن دراصل سالڪ جي اها حالت محو ۽ سڪر جي آهي جنهن ۾ پتر ۾ موجود هوندي بہ غير موجود هوندو آهي. هن جي قلبي ڪيفيت حق جي طرف ايترو مائل هوندي آهي جو ان کي پنهنجي وجود جو بہ احساس نہ هوندو آهي. اهو فنائيت جو پهريون ڏاڪو آهي. ان مقام تي ڪي مجذوب تي پوندا آهن ڇو تہ هنن جي قوت قلبي اڳتي نہ هلي سگهندي آهي ۽ هو انهي تجلي تي معتڪف ٿي ويندا آهن. شاھ لطيف فرمائي ٿو تہ اهڙن سالڪن وٽ ڪا وڏي راز جي ڳالھ آهي جيڪا پرين جي پار جي آهي جنهن کي سلڻ نٿا چاهين .

سَڪِئا سينھ گھمن، جتي پير نہ پڪٽين
تتي ڪاهوڙِينُ، وَرَڏيئِي وَڻُ چُوندِئا

(دا - 2 ـ بيت 18)

- سڪئا (سڪتي ۾ اچڻ) : ڊڄي وڃڻ، چپ ٿي وڃڻ.
- سينھ (شينهن): شير.
- پير نہ پڪٽين : ڪنهن پکي جو بہ پير نہ آهي.
- ور ڏيئي : وري، وري، ڦيرو ڪري.
- وڻ چونديا: وڻن مان جهڙوڪ ڪندن مان سگر، ڪيڙ مان پيرون، ڪتر مان پڪا ليار وغيرھ.

جتي شينهن سڪتي ۾ اچي وڃن ٿا ڊڄي وڃن ٿا اهي انهي حالت ۾ اتي هلن ٿا. پنهنجي انهي طاقت جو اظهار نٿا ڪن. اهو اهڙو مقام ۽ جاءِ آهي جتي پکي جو بہ پير ڪو نہ آهي، معنيٰ تہ اتي ڪاشيءِ نہ آهي. انهي اهڙي جاءِ تي ڪاهوڙين ور، ور ڏيئي وڻن مان ڏٿ پيئي چونديو آهي.

لطيف هتي ڪهڙي مقام جي ڳالھ ڪري ٿو ۽ شينهن جي نسبت سان ڪنهنجو ذڪر ڪرڻ چاهي ٿو. هتي ٻن قسمن جي ڳالھ نظر اچي ٿي

هڪڙي نفس جي جيڪو شينهن جي حيثيت رکي ٿو ۽ انسان تي غلبي قوت رکي. ٻيو نڪتو آهي انهن عارفن جو جيڪي فنائيت جي مقام ۾ آهن. ور ڏيئي ور چوندڻ جتي ڏت کي گڏ ڪرڻ کي ظاهر ڪري ٿو اتي اهو نڪتو جتي الاهي جي ديدار ڪان بار، بار مستفيض ٿيڻ آهي. يعني اهو عارفن جو اهو گروهه يا طبقو آهي. جيڪو صبغتہ الله جي ڪيفيت ۾ آهي. يعني الله جي رنگ ۾ رنگيل آهي.

ڏُتُ گهٽان ئِي ڪَنِ، اِنِ اُو راهَين پَنڌَ جو
سَندا ڪاهوڙِينِ، پَري سُڄَنِ پيچَرا

(دا - 2 _ بيت 19)

- ڏت ڪرڻ (اصطلاح): ڏت ڏوڙڻ، ڏت لاءِ هلڻ گهٽو ڪرڻ.
- اوراهين : اورتي، ويجهو.
- پري سُڄن : تمام پري انهن جي ڳالهه آهي. تمام پري آهن. ڏور آهن.
- پيچرا: واٽون گس، راهون.

ويجهڙائي ۾ يعني ويجهو تہ ڏت گهٽائي گڏ ڪن ٿا پر جيڪي ڪاهوڙي/ جفا ڪش آهن انهن جي پنڌ جا گس ۽ واٽون پري سُجهن ٿيون اهي ويجهو ڏت گڏ ڪين ڪن پر جبلن ۾ ٽرن، برن ۾ نڪريو وڃن ۽ اتي وڃيو ڏت ڪن.

جِتِ نَہ پَکيءَ پيرُ، تِتِ تَمڪَي باهڙِي
ٻِئو ٻاريندو ڪيرُ، ڪاهوڙڪيءَ ڪيرَ ري

(دا - 2 _ بيت 20)

- جتي : جنهن هنڌ، جنهن جاءِ، ماڳ.
- تت : تنهن هنڌ، تنهن جاءِ.
- تمڪي : چمڪي، اهاءِ ڪري.
- ڪاهوڙڪيءَ : ڪاهوڙين جي.

- ڪير: قطار، ٽولو، ساٿ.

شاعران منظر جو عڪس چٽي ٿو يا انهي رويي جو اظهار ڪري ٿو ته جتي پڪي جو بہ پير نہ آهي يعني ڪا وسندي آبادي مطلب بہ ڪا بہ شيءِ ڪا نہ آهي پر اتي بہ اها روشني چمڪي ٿي انهي روشني کي سواءِ ڪاهوڙين جي ساٿ جي ٻيو ڪو ٻاري نٿو سگهي انهن جو ساٿ ئي اها روشني انهي ويراني ۾ ڪري سگهي ٿو. هت انساني سوچ جي انهي عمل جي تقاضا آهي جيڪا پاڻ ۾ اجتماعيت رکي ٿي اهو طبقو انهي ويران ۾ هت ويراني مان مراد ذهني پسماندگي يا سماجي انقلاب کان خالي ذهنن جو هئڻ يا وري ياد الاهي کان غافل طبقي جو هئڻ ٻئي رويہ ٿي سگهن ٿا انهن ٻنهي حالتن ۾ ذهني تبديلي جي ضرورت آهي ذهنن ۾ اها سجاڳي اها روشي ذهني ويران ۾ اهو اهاءُ ڪيو انهي ريت کي هڪ انقلابي طبقو نيائي سگهي ٿو. ٻي صورت ۾ صالح ٻانها ۽ عبادت گذار طبقو ئي انهن ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿو. جن کي لطيف ڪاهوڙيءَ سان تعبير ڪري ٿو.

هُـو ڏوٽِـي هُـو ڏِينهَـہ، هـو ڏونگَـرَ هُـو لَڪِيُـون
ڪِنهِـہ جِنهَـہ لِـڌا نِيهَـہ، جـئن پُٽـا لُوسـينِ لُـڪَ ۾

(دا - 2 - بيت 21)

- هو ڏوٽي هو ڏينهہ : اهي ئي ڏٽ ڳڏ ڪرڻ وارا ڏوٽي ۽ اهي ساڳيا ڏينهن مقصد آهي حالت جي تبديلي جا نہ ٿي آهي.
- هو ڏونگر هو لڪيرون: اهي ساڳيا جبل ۽ پهاڙ اهي ئي انهن جا لڪ ۽ رستا سڀ پنهنجي جاءِ تي ساڳيا آهن.
- ڪَنهہ جِنهہ : ڪنهن ڪهڙيءَ طرح، اهڙيءَ ئي طرح.
- لڌ نيهہ : انهن کي نيهہ ۾ ٻڌو پنهنجي عشق ۾ قابو ڪيو.
- پٽا : پيا، مورهين.
- لوسَنِ : لهسجن، لوساڻجن.
- لُڪ ۾ : تهان جي گرم هوا ۾ تپش واري واءَ ۾ جهولي واري گرم هوا.

شاعر هن بيت ۾ پنهنجي ديس جي انهن ماڻهن ۽ انهن ڏينهن لاءِ فرمائي ٿو ته وقت گذرڻ جي باوجود ڪجھ نه بدليو آهي. جبل به اهي ساڳيا ۽ انهن جا پنڌ پيچرا به ساڳيا ياد ماضي آهي. ڪنهن به سماجي تبديلي نه هئڻ سبب اهي سڀ ائين محسوس ٿين ٿيون جهڙوڪر انهن ڪي ڪنهن نيهه ۾ ٻڌي ڇڏيو هجي هيئت بدلي نه ڪيفيت بدلي نه ڪميت بدلي، ڪنهن سماجي انقلاب يا تبديلي نه اچڻ ڪري ها مخلوق جڻن لوڪ ۾ وڻ ۽ ٻوٽا لوساٽجن ٿا تيئن پيئي لوساٽجي.

پيو نڪتو آهي انسان جي پنهنجي نفس جو جيڪو انهيءَ ساڳي پيرهن ۾ آهي انهن ساڳين روين جو شڪار آهي انهن ئي ڪامنائن جي ور چڙهيل آهي ان جي طرح ۾ مزاج ۾ فڪر ۾ ڪا به تبديلي نه آئي آهي، جبل ۽ ان جي لڪن جيان هو پنهنجي انهي نقش پاتي قائم آهي جهڙوڪر ڪنهن اشتياق ۽ شوق جي جذبي هن ڪي پنهنجي انهي روش تي قائم رکيو آهي. هو مورهين انهي تپش ۽ لڪ ۾ پيو لوساٽجي جنهن ڪي هن پهرئين ڏينهن کان پنهنجي لاءِ قائم ڪري رکيو آهي. هن بيت ۾ هڪ قسم جي تنبيهه آهي. زمان ۽ مڪان جي تبديلي جي عنصرن سان شاعر متوجهه ڪري ٿو ته وقت نه رڪجندڙ عمل آهي ان ڪي جامد تصور ڪرڻ غلطي آهي ۽ انسان جيڪو سماجي حيوان آهي اهو پڻ وقت جي ڌارا کان مجبور آهي ساڳيا گس ۽ پيچرا ارتقا ۽ حيات ۾ ڪار آمد نه آهن. پاڻ ڪي وقت سان پايهِ جولان ڪرڻ دانش مندي ڪا نه آهي پر جي لمحات جي تبديلي ڪي محسوس ڪرڻ ۽ ان مان پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ راهه پيدا ڪرڻ ضروي آهي. اهو نيهه کهڙو جيڪو منزل تي نه پهچائي ۽ ماڻهو ائين لڪ وقت گهرجي گرمائش ۾ پيو لوساٽجي بجاءِ ان جي حقيقت پسندي منزل تي پهچائي سگهي ٿي.

ڏُونگــريَن ڏِســجَنِ، اَڄُ پـــ رَهيُــون اُن جِيُــون
ڏُوتِيــــڙا ڏُٿَ کـــــي آرهـــــاڙَ اِن اَڇَـــنِ
خِيمـــا کـــاهُوڙِينِ، اَڄُ نـــ اُنِـــي پيِٽيـــنِ

(دا - 2 – بيت 22)

- رهيون : رهيل، ڇڏي ويل، رهجي ويل شيون.
- اُن جيون : انهن جون انهن کاهوڙين جون.
- ڏوتيئڙا : ڏٿ ڪندڙ.
- آرهاڙان: آرهڙ ۾ گرمي جي مند ۾ جنهن ۾ سنگر ۽ پيرون پچن.
- خيما: طنبو رانئيتون، يا پکن ۽ پتن وارا سنهڙا.
- اڄ نہ : آڄ نہ آهن.
- اُني : انهن.
- پيٽين: هنڌن ماڳن.

جبلن ۾ اڄ بہ اهي رهيل شيون ڏسجن پيون جي ڏٿ لاءِ ايندڙ ڏوتيئڙا آرهڙ ۾ گرمي جي مند ۾ سگر، پيرون، پڪا ۽ جهنگ جون ڏٿ واريون شيون گڏ ڪرڻ ايندا هئا ۽ پنهنجي رهڻ لاءِ اڇي خيما کوڙيندا هئا ڏٿ گڏ ڪري رواني ٿيڻ سان سندن ڪي شيون انهن هندن تي رهجي ونديون هيون جيڪي انهن جي هٿ اچڻ جي شاهدي پيون ڏين. صرف اهي رهيل نشان آهن پر نہ کاهوڙي آهن نہ کاهوڙين جا خيما صرف انهن جون يادون آهن. جيڪي انهن شين ڏسڻ سان اچن ٿيون.

هتي ڏٿ گڏ ڪندڙن جي ذڪر ڪي صرف انهي هڪ نڪتي تي محمول ڪري نٿو سگهجي پر انهي بيت ۾ بيا رويا بہ اڇي وجن ٿا اهي سڃاڻ ۽ ڏاها انسان جن پنهنجو پاڻ ڪي ڳولڻ لاءِ پنهنجي وجود جي اندر جهاتي پائڻ لاءِ ڏاڪڙا ڏنا درويشن ۽ نيڪن سان صحبتون ڪيون عبادت رياضت ۽ تقويٰ جي حصول لاءِ هنن پنهنجي نفس سان هر قدم تي جنگ ڪئي ان جي سڌن ان جي انا ڪي پنهنجي روحاني قوت جي تابع ڪرڻ لاءِ

حيلا هلايا. انهن چلہ ڪشيون ڪيون ذڪر ۽ مراقبہ ڪيا هنن انفرادي طريقي سان گڏ اجتماعي طور تي حلقا ٺاهيا. اهي راهي انهن رندن ۾ هنڌن تان روانا ٿي پنهنجي ماڳ هليا ويا عالم ٺالوت کي الوداع ڪري عالم بقا ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيو. عالم ناسوت ۾ هنن جيڪو خيما کوڙي رنگ رچايو انهيءَ جي ياد اهي پيڙهيون ۾ اهي ماڳ ڏيئي رهيا آهن. هن بيت کي انهي نڪتي تي بہ صادق ڪري سگهجي ٿو تہ سماجي تبديلي جي روين سان بہ ان جي مطابقت ٿي سگهي ٿي شاهہ جي ڪلام جي اها خصوصيت ۾ همہ گيري آهي جو سندن ڪلام معنوي طور تي وسيع مفهوم رکي ٿو.

ڪِ ڪـــي ڪـــاهوڙيِ، چَپَـــر ۾ سَـــڏُ ٿِيـــو *
اڳِـــي ٿَـــي سُـــئي، اُنِـــي سَـــندِي ڳَـــالهڙِي

(دا - 2 _ بيت 23)

- ڪي ڪي : شايد ڪي.
- چپر : جبل هاڙهو، ڏونگر، پٻ وغيرهہ.
- سڏ ٿيو: ڪنهن پڪاريو، آواز آيو، پڙلاءُ پيو، تنوار ڪئي.
- اڳي ٿي سئي: اڳ ۾ ٿي ٻڌي.
- اُني : انهن.
- سندي: سندن.

* پيرَن واري سلسلي سان بيت جي پوئين سٽ مختلف قلمي نسخن جي سلسلي سان هن ريت ڏنل آهي. اچن اُهاڙي تازو پير پريان جو مٿي بيت ۾ جيڪا سٽ ڏني ويئي آهي ان جو ڪو نالو نشان ڪو نہ آهي جناب ڊاڪٽر صاحب جن انهي سٽ کي ڪٿان آندو ۽ بيت ۾ ڏني ان جو ڪو حوالو يا بحث نہ آهي اڳي ٿي سئي، اُني سندي ڳالهڙي ۽ بحث ۾ جيڪا ٻي سٽ ڏني ويئي آهي انهن ۾ وڏو فرق آهي مون هت هڪ مثال پيش ڪيو آهي ليڪن پيرَن جي سلسلي سان اهڙو طريقي ڪار ٻين هنڌ بہ اختيار ڪيل آهي. انهي امر کي کهڙي خاني ۾ آڻجي جا ڳالهہ توجهہ طلب آهي. (ڪاشف)

■ ڳالهڙي: انهن جي ڳالھ انهن جو بيان، ذڪر.

ڇپر مان آواز آيو ائين محسوس ٿيو شايد اجا ڪي ڪاهوڙي جبل ۾ آهن. يا ڪو ڪاهوڙي جبل ۾ رهيل آهي. اهري ڳالھ ٻڌي هئي تہ ڏڻ وارا ايندا هئا. ڏٽ ڏوري هليا ويندا هئا ليڪن منجهائن ڪو ڪنهن عذر سبب يا انهي منظر جي سپنڌ سبب اتي رهي پوندو هو ۽ انهي جي تنوار ڪڏهن، ڪڏهن ڪنهن جي ڪن پوندي هئي يا وري انهن ڏوتين جي صدا باز گشت انهن سان محبت سبب ڪنن ۾ پئي گونجندي هئي. انهن پيرا پسبا هئا تہ دليل ايندو هو تہ ڪاهوڙي يا ڏوتي غالباً آيا آهن.

شاعر هت مقصد طور کهڙي حقيقت کي بيان ڪرڻ گهري ٿو. اهو نهايت مشڪل آهي "المعنیٰ بلبطن الشاعر" معنیٰ شعر جي پيڙ ۾ اصل حقيقت شاعر پاڻ ڄاڻي، باقي هت آهي هڪ اندازو جيڪو ڪاهوڙي جي سلسلي سان بنيادي طور اچي پيو تہ شاعر ڪاهوڙي مان نفس ڪش طبقو بہ مراد ونئي ٿو تہ رزق روزي تلاش ڪرڻ وارن جو مقصد بہ رکي ٿو تہ سماجي تبديلي لاءِ انقلابي روين وارن انسانن جو بہ انهي سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. هن بيت ۾ ڊاڪٽر صاحب کي پيتا ۾ ڏنل سٽ جي عيوض پنهنجي طرفان سٽ ڏني آهي. جنهنجو ڪو اتو پتو ڪو نہ آهي اِسان حاشيہ ۾ پيتا ۾ ڏنل سٽ ڏني آهي انهيءَ جي بنياد تي انهن لائق انسانن کي سندن پيرن جي نشانن جي اهاڙ تي اتان جا پاسي اهو ئي چون پيا تہ هي تہ تازو پير آهي. معنیٰ تہ ڏوٽين مان ڪو آيو آهي جا هت رهجي ويل ڪو آهي. جنهن جو نشان پسجي پيو. هت عمل پسندي جي مظاهري جي حقيقت جو بيان آهي. جو انهن پيٽن ۾ هندن تي پنهنجي ذڪر فڪر ۾ صحيح سماجي سوچ جا جيڪي انهن لائق انسانن نشان ڇڏيا آهن اڄ بہ اهي تازا آهن انهن جا ڳڻ اڄ بہ پيا ڳائجن ۽ انهن جي ڳالهين جو پڙلاءُ ڪن پيو پوي.

ڏونگَـر نـہ ڏوتَـي، ڏُونَگَـرُ سـجو ري ڏوتيـين *
پُڇـان پَـرو تـي، ڪَ ڏوتـي ڏُتـي اَچٽـا

(دا - 2 ـ بيت 24)

- ڏونگر نہ ڏوتي : نہ ڏونگر رهيو آهي نہ وري ڏوتي هت شاعر وقت ڳالھ ڪري ٿو، ڳالھ ات وڃي بيٺي آهي جو ڪا بہ شيءِ ڪا نہ آهي. هڪ تبديلي ڏانهن اشارو آهي سڀ بدلجي چڪو آهي.
- سجو : اجڙيل، ويران.
- ڏونگر ڏوتين ري انهن چڱن انسانن ڪان سواءِ سجو آهي، بي حقيقت آهي.
- پرو: ڏس پتو.
- ڪ : شايد.
- ڏوتي ڏت اچٽا: ڏت جي ڳولا لاءِ ڪي ڏوتي اچٽا آهن.

آئون انهن چڱن ۽ نيڪ انسانن/ سماج سڌارڪ/ انقلاب آڻيندڙ انسانن جو ڏس پتو پئي پڇان انهن کي ڳوليان پئي جو تہ مون ٻڌو آهي مون کي انهن بابت پرو پيو آهي تہ اهي لائق انسان هت انهي مقصد لاءِ اچٽا آهن.

وائي

آءُ جيهـائي جـات، تُـون پـاڻ سـڃاڻج سُـپرين
اوِيُـون آريءَ ڄـامر جُيـون پريـان سَـڃيائي راتِ
ٻـانهِي ڇَـونمر ٻاجَهـہ سِـين، تـہ ڪَـرَ لـڌيم ڏاتِ
تـان ڪـي ڏونگـرُ ڏورِيـان، جـان نـہ وهـامي راتِ

---

* هن بيت ۾ جناب ڊاڪٽر صاحب جن صرف ڀهرئين سڄ کي زير بحث آندو آهي باقي ٻي سٽ گنج يا ٻين نسخن ۾ ڪيئن آهي ان بابت ڪجھ بہ نہ ڏنل آهي. هئڻ تہ ائين گهربو هو تہ پيڙا ۾ سڄو بيت ڏنو وڃي ها ۽ ان جي صحت عدم صحت کي ظاهر ڪيو وڃي ها جيڪو نہ ڪيل آهي. جيڪا ڳالھ پيڙا جي عمل کي مجروح ڪري ٿي (ڪاشف)

آئون جيهائي يعني جهڙي بہ ذات آهيان ڪني آهيان ڪوجهي آهيان يا عيبن ڀري آهيان سپرين تون پاڻ سچائج پنهنجي شان ڪي ڏسج منهنجي عيبن ۽ ڪوتاهين تي نظر نہ ڪج.

آئون آريءَ ڄام جون اوبون يعني اهي ساندارين سڄي رات ڀريندس يعني آري ڄام جي هر تابعداري ڪنديس.

مون ڪي جيڪڏهين منهنجا پرين ٻاجهہ سان، قرب سان محبت سان ٻانهي چوندا تہ آئون ائين ڄاڻنديس تہ مون ڪي وڏو اعزاز مليو، مقصد آهي عبوريت جي درجي/ ٻانهپ جي در جي ڪي رڳو پرين قبوليو تہ اها بہ وڏي نعمت ۽ وڏو اعزاز آهي. ”اسين ٻانها تون ڏڻي“

آئون هن ڏکئي ڏونگر ڪي جاڏي جبل ڪي ايترو تہ ڏوريندس جو رات بہ وهامي ويندي. هت مقصد آهي ياد الاهي ۾ سڄي سڄي رات ڪي گذاري ڇڏڻ ۽ پاڻ ۾ خشيت الاهي جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ، جيڪا رات جي اڪيلائي واري عبادت ۾ ٻانهي ڪي حاصل ٿئي ٿي.

# سُر کاهوڙي

## داستان ٽيون

وِيجهـو وانءُ واٽ کـي، کهـج ڏُونُهـ کُـواٽ
اُجِهــي منجهــان آٽَ، اَويسِــي تِــي آءٌ تُــون

*(دا - 3 ـ بيت 1)*

- ويجهو : قريب، نزديڪ پر سان.
- وانءُ : وڃ.
- کهج : (مصدر کهڻ: هلڻ، کهج مضارع): هلج پنڌ ڪج.
- ڏونهہ : ڏانهن.
- ڪواٽ: ڪريل واٽ اهو گس جيڪو سڌو سولو نہ هجي، سٽائو نہ هجي.
- اجهي : (اجهڻ مصدر): ٽڙي ٽاپڙي، ڳولي، ڳولي، هتان هتان پڇي
- آٽ : آواٽ: اجائي واٽ اها واٽ جنهن ۾ ڪا سڌائي ۽ سوالي نہ هجي.
- اويسي: اويسي طريقو غائبانہ محبت وارو رستو اهو رستو جيڪو حضرت اويس قرنيؓ جن پاڻ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي محبت ۾ غائبانہ طور اختيار ڪيو ۽ ايمان آندو.

تون انهي سڌي واٽ ڏي وڃ جيڪا توکي منزل تي آساني سان پهچائي اهڙي گس ۽ واٽ کي اختيار نہ ڪجان جيڪا سٽائي ۽ سولي نہ هجي چو تہ ان تي هلڻ سان منزل تي پهچي ڪين سگهبو. جئن چوندا آهن تہ پڇٽان تہ منجهٽان جيڪو ماڻهو ڪنهن گس تي ڳولي ڳولي هتان هتان

پڇي تہ هي رستو ڪيئن آهي. سڌائي ۽ سولائي وارو آهي يا نہ ان لاءِ تون دليل ڪرين ٿو. ان لاءِ اهو ئي آهي تہ اُجھڻا نہ منجهڻا. شاهہ صاحب هتي اهم نڪتي کي بيان فرمائي ٿو تہ انسان حق سان محبت جي رستي کي اختيار ڪري ٿو ۽ پنهنجي قلب جي ڪيفيت کي يقين محڪم سان ذات الاهي سان ڳنڍي تہ پوءِ انهي لاءِ سڀ سولائي آهي، ليڪن باوجود ان جي جيڪڏهين هو سچائي ۽ حق کي سڃاڻڻ واري وات تي هلي ئي نٿو ۽ اوجهڙ ۾ وڃي پوي ٿو يعني پنهنجي وجود پنهنجي نفس پنهنجي روحاني رمز کي زماني جي آلائشن ۽ نفس جي تابع ڪري ٿو تہ اهو رستو هن لاءِ ڪوات آهي ڪا سڌي وات نہ آهي. هت روحاني رمز سان هلڻ لاءِ لطيف فرمائي ٿو تہ حضرت اويس قرني واري وات گهرجي جنهن حضور ڪريم صلي الله عليهہ وسلم جن تي بنا ڏٺي ايمان آندو ۽ پاڻ ڪريمن جي ڏند مبارڪ جي شهادت تي پنهنجا سڀ ڏند ڪڍائي ڇڏيا. جنهن جي روح تي ڪائنات جي رسول مقبول صلي الله عليهہ وسلم جن جي نور جي تجلي فروزان هئي ۽ ڪين قرب الاهي لاءِ سڌو فيض جناب رسول الله صلي الله عليهہ وسلم جن ڪان عنايت ٿيو لطيف سالڪ کي نصيحت ڪندي سڌي وات جيڪا صراط المستقيم آهي ان جو ڏس ڏئي ٿو ۽ انهي وات ڪان ٻئي طرف وڃڻ ڪان منع فرمائي ٿو ۽ اهو پڻ فرمائي ٿو تہ محبت وارو رستو جيڪو حضرت اويس قرني اختيار ڪيو اهو اختيار ڪري محبت جي ميدان ۾ پير پايو پنهنجي وجود کي حق جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ انهي جي رنگ ۾ رنگجي وڃو.

سُونَهپَ ۾ سَپَ گهنا، مُنجَهڻ ماڪِي هو ۽
پرو تَنهِين پوءِ، جو اُجهِي پئي اُن مان

(دا - 3 ــ بيت2)

- سُونَهپَ : واقفيت، ڄاڻ.
- سپ : نانگَ مطلب آهي ڊپ، ڊاءِ خوف خطرا.

- منجهڻ (مصدر): پلجي پوڻ، گس ڪان هٽي وڃڻ، گس جي خبر نہ پوڻ.
- ماڪي هوءِ : ماڪي ٿيو پوي، سولائي ٿيڻ.
- پرو : خبر، پتو، ڏس.
- تنهين پوءِ: تنهن کي پوي.
- اُجهي: منجهي، رُلي، پلجي.
- پئي ان تان: انهيءَ تان وڃيو پوي.

سونهپ يعني ڄاڻ ۽ واقفيت ۾ يعني حقيقت جي علم واري لاءِ ڏاڍا ڏاڪڙا ۽ خوف خطرا آهن. جيئن اسان وٽ چوڻي آهي تہ ”مال تي ملھ پنڌ تي پاڙو ۽ عقل تي مار“ جنهن بہ انسان ۾ جيترو ظرف هوندو ان لاءِ اوتري ئي تڪليف آهي ڇو تہ عقل ڇو ۽ ڪيئن جو متلاشي آهي سبب ۽ اسباب تي غور جو متقاضي آهي. مسئلي معاملي جي ڪيفيت ۽ ڪميت جي ڄاڻ جو طالبو آهي. اهو طريقو مهاڄار کي وجود ڏيندڙ آهي. ان لاءِ جيڪي ڏکيائون ۽ تڪليفون پيدا ٿين ٿيون شاعر ان کي سونهپ جي سپ سان تصور ڪري ٿو. ڪنهن فلسفي جو قول آهي تہ .انسان کي جيترو نقصان ڄاڻ پهچايو آهي اوترو اڻ ڄاڻائي هن کي نہ پهچايو آهي، عقليت ۾ توڪل جو عنصر نہ آهي پر لاعلمي هميشہ توڪل کي اختيار ڪري ٿي اڻ ڄاڻي وارو سيئي ڪم سبحان جي حوالي ڪري ٿو، پر ڄاڻ وارو مسئلن ماموف لاءِ محتاج عقل هوندو آهي. هت شاعر ”منجهڻ“ جي لفظ کي استعمال ڪيو آهي تہ ”منجهڻ ماڪي هوءِ“ هت مواد اهو منجهڻ جيڪو هم بڪم غشي جي پيداوار آهي اهو مقصود نہ آهي، پر هت شاعر جي مراد سالڪ جي ”قبض“ جي ڪيفيت آهي جنهن ۾ ذڪر الاهي ۾ سالڪ کي دشواري اچي ٿي هڪ قسم جي من تي مونجهہ محسوس ٿئي ٿي دراصل اها قلب جي مونجهہ قلب کي .سبط“ جي منزل يا ڪيفيت ڏانهن وٺي ويندڙ آهي ۽ سالڪ انهي مقام تي پنهنجي نفس لوامہ تي غالب ٿي اڳتي وڌي ٿو انهيءَ ڪري انهي منجهڻ کي شاعر ماڪي سان تصور ڪري

ٿو. جو تہ اتان ئي ٻانهي کي پرو پوي ٿو خبر پوي ٿي محسوس ٿئي ٿو تہ منهنجي قلبي ماهيت ڪهڙي آهي منهنجي منزل ڪهڙي آهي. هو ذڪر الاهي جي مختلف ڏاڪن تان گذري خفي ۽ جلي جي راهن کي اختيار ڪري لطائف ستہ مان پاڻ کي گذاري ٿو سندس اهو اچڻ قبض جي منزل بعد ئي آهي. اها مونجهہ ئي هن جي سنئين رستي لاءِ سندس قلب کي تيار ڪري ٿي هو نفس جي حقيقت کي سمجهڻ جي لائق ٿئي ٿو ۽ رب ڏانهن/ حق جي حقيقت ڏانهن سندس لاءِ راهہ هموار ٿئي ٿي.

اُجهي پئا اَواٽَ ۾، واٽ وِڃائي جَنِ
ڪُرَندان ڪين پَروڙئو، رَنڊ نہ سي رِڙهن
ٻيئي دارَديُون ڪِئو، پيرت تان نہ پُڄن
دوُر پرين لَئي ڏار ٿئو ويچارا وِجَن
خَبَرَ ڪاهوڙِيَنِ، آهي لِڪَ لاهُوت جِي

(دا - 3 ـ بيت 3)

- اُجهي: ڳولي، ڦولي، تلاش ڪري، متا مونا هٽي ڳولي.
- اواٽ: را : نہ + واٽ : گس) اها واٽ جيڪا سڌي نہ هجي پر منجهيل ورن، وڪڙن واري جهڙوڪر ڪا واٽ ئي نہ هجي.
- پئا: وجي ان ۾ پئا.
- واٽ وڃائي جن: جن رستو وڃايو، گس ڀلجي ويا سڌي واٽ ڇڏي ويا.
- ڪرُندان : ڪ: ڪُسجو+ رندان: رند: رستو) بگڙيل رستو اهو رستو جيڪو آڏو ٽڏو هجي ۽ منزل تي پهچائي نہ سگهي.
- ڪين : ڪجهہ تورو، گهٽو.
- پروڙئو: ڄاتو، سمجهيو، سمجهہ ۾ آندو.
- رند: واٽ، رستو.
- سي: اُهي.
- رڙهن: اڳتي ٿين، رڙهي هلن.

- ٻيئي دار: (ٻيئي: ٻ + دار: گهر) ٻئي گهر هي جهان، هو جهان، دنيا ۽ آخرت.
- ديون ڪيو : (اصطلاح دئي ڪري ڇڏيو): ختم ڪري ڇڏيو. وجود ئي وڃائي ڇڏيو، ٻاري ڇڏيو.
- پيرت: پير، پيرواٽ، سنهو پيچرو.
- دور : پري، ڏور.
- دور پريان لئي ڏار ٿئو : پرين کي پسڻ لاءِ عام خلق کان جدا ٿيڻ پري ٿيڻ.
- خبر: سڌ، چاڻ.
- خبر ڪاهوڙين: ڪاهوڙين کي/ سالڪن کي الله وارن کي اها خبر آهي
- بک: تمام ٿورڙي ذري جيتري
- لِک لاهوت جي: لاهوتين کي جيڪي لاهوت جي مقام کي پهتا آهن انهن کي به حق بابت ذرڙي جيتري خبر مس آهي، اهي به لاهوت جي مقام کان پوري ريت با خبر نه آهن.

شاهه صاحب هن بيت ۾ جتي واٽ ۽ اواٽ جو ذڪر جنهن طريقي سان ڪرڻ فرمايو آهي اهو نهايت ئي توجهه طلب ۽ خور جي لائق آهي هت ڳالهه سلوڪ جي به آهي ته ان سان گڏ انسان جي پنهنجي شخصي روين جي پڻ رستو اهو سلوڪ جو هجي يا زندگي گذارڻ جو اهو ڳولڻ سان ملي ٿو ليڪن وقتي جيڪي واٽ تلاش ڪن ٿا حق جي راهه ڳولين ٿا انهن کي اهو رستو ڏاڍي جُهد ۽ جتن سان ملي ٿو سڌي واٽ کي پروڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انسان فطري طور تي هميشه تن آسان رهيو آهي. جنهن پنهنجي نفس جي ڦندي ڦاسي هميشه سڌي راهه کان روءِ گر داني ڪئي آهي. جڏهين زندگي جي جدوجهد يا حق جي راهه ڳولڻ ۾ انسان سڌي رستي بجاءِ آڏو ڦڏو رستو ورتي ٿو ته هو منزل کان پنهنجي مقصد کان پري ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجا ٻئي جهان خراب ڪري ٿو " نه هن جي دنيا موچاري ٿئي ٿي ته وري عاقبت" ڪائنات جي رب جو ارشاد آهي ته "اوهان ڦهرئين

پنهنجي دنيا جي بهتري ڪيو نيڪ ۽ چڱا عمل ڪيو تہ اوهان جي آخرت بهتر ٿئي قول الله تعاليٰ. ربنا اتنا في الدنيا حسنت وفي الاخرت حسنت وقنا عذاب النار. انهي آيت ڪريمہ جو مطلب ئي اهو آهي.

اهي سالڪ ۽ سچا ٻانها جن کي حق جي ديدار جي طلب آهي. اهي خلق کان ڌار ٿي اڪيلائي ۽ خلوت ۾ پرين پسڻ لاءِ پنهنجي قلب جو سچو توجهہ حق ڏانهن رکن ٿا تہ جيئن قلب تي القاءَ يا تجلي جو نزول ٿئي. سالڪ انهي حالت لاءِ پنهنجي وس ۾ نہ هوندو آهي پر انهي ڪيفيت جو سچو سلسلو روحاني ڪيفيات سان منسلڪ ۽ مڪتشف هوندو آهي. سالڪ جي قوت نفسي جيڪا وجود سان تعلق رکي ٿي اها روح جي ڪيفيت صمودي سان لاڳاپيل هوندي آهي. سالڪ پاڻ هوندي بہ نہ هوندو آهي. سندس انا حقيقت جي بحر بيڪران ۾ تڙ ڳندڙ هوندي آهي. سندس حواس پنهنجا حواس نہ هوندا آهن. انهن صالح ٻانهن کي جن پنهنجي نفس کي سڃاتو آهي ۽ ان جي سڃاڻپ سان هن رب کي سڃاتو اهي. اهي باوجود انهي ڄاڻ جي اڻ ڄاڻ جي ڪيفيت ۾ هوندا آهن ڪين مقام لاهوت جي جيڪا خبر هوندي آهي اها ان مام جو جيڪو مرتبو ۽ شان آهي ان جي جيڪا ڪبريائي ۽ صمديت آهي ان انهن عارفن کي لک جيتري بہ خبر سر هوندي آهي. بقول لطيف:

لوچيان تي لاحد ۾ هادي لهان نہ حد
سپريان جي سونهہ جو قد نہ مد،

*الخ*

انهي سڄي منظر ۽ صورت حال کي لطيف مٿئين بيت ۾ نهايت بهتر طريقي سان بيان ڪيو آهي.

ڏوري ڏسي ڏونگرين واٽ وڃائِي جَنِ
اوءِ بَصِير بَرَنِ ۾ انڌا ٿئو اَيِنَ
ڪَنَنِ آڏِيُون تاڙِيُون، گُنگَن جِيئَن گُهمَنِ

فراقِـــي فرمـــانَ جـــو آهـــي پَـــرُ پـــوڙَن
لڳـــا ٽئـــا لَطيـــفُ چئـــيِ، سُـــتا پئـــا سِـــرڪَنِ
ڪَپَـــتِ ڪـــاهوڙِينِ، آهِـــ اُتـــي پـــي نـــہ لَهَـــي.

(دا - 3 ـ بيت 4)

- ڏوري: ڳولهي.
- ڏوري ڏسي ڏونگرين: جن جبلن ڪي ڏونگرن کي ڳولي ڦولهي ڏوري ڏسي ڇڏيو.
- واٽ: رستو، ڏگ، گس.
- واٽ وڃائي جن: جن جبلن کي ڏوري ڏٺو خبر هـي انهن پنهنجي انهي واٽ کي وڃائي ڇڏيو.
- اوءِ بصير: اهي جيڪي بصيرت رکندڙ آهن جن جو قلب ڪليل ۽ روشن آهي انهن جون اندر واريون اکيون ڪليل آهن. زمان ۽ مڪان جو قيد انهن لاءِ نہ آهي اهي ناظر باالله آهن. قوت القائي سان سرفراز آهن.
- برن ۾ : ويرانين ۾ جتي ڪجهہ بظاهر نہ آهي.
- اُيين: ٻيهن، ٻيهي رهن.
- فراقي: فراق وارو وڇڙيل.
- فراقي فرمان: وڇوڙي وارو حڪم يعني جڏهين روح پنهنجي روح ۽ ارواح کان جدا ٿيا ۽ الست بربڪم جو آواز آيو.
- پڙ پوڙن: پروسو، پرجهلو هئڻ، اهو هو قول قالو ابليٰ "هائو تون اسان جو رب آهين انهن کي پنهنجي رب جي ربوبيت جو پر ۽ پروسو آهي.
- لڳا ٽيا: (اصطلاح هڪ لڳو/ لڳا ٽيڻ: هٿيڪو ٽيڻ هڪ پاسي ٽيڻ) هڪ پاسي ٽيا. سولا ٽيا.
- ستا پيا سڪن: ستلن کي سواءِ ننڊ جي کي پلئہ ڪين پئو
- ڪپت : ڳٽتي، اونو، اوسيئڙو.
- آهہ: دانهن، درد واري آهہ، فراق ۽ وڇوڙي واري دانهہ.

- اُتي: انهي هنڌ، وصال واري جاءِ تي.
- نہ لهي : نٿي لهي فراق واري ڪشتي اتي بہ قائم رهي ٿي.

لطيفؒ هن بيت ۾ انهن سالڪن جيڪي صاحب بصيرت آهن جن جو قلب ڪليل آهي، هو حق جي واٽ جي رمز آفريني ۽ رمز شناسي ڪان ڪما حقھ واقف آهن. انهن جي مختلف ڪيفيتن ۽ مقام اوليٰ جي ماڳ ماڻڻ وارن روين جي حالتن جو ذڪر فرمائي ٿو. انهي حق واري منزل ڪي انهن ڏوري ڏنو پر ڪن انهي راھ جي اختيار ڪرڻ بعد انهي واٽ ڪان پلجي ويا ڪنهن امتحان ۽ آزمودي ۾ اچي ويا.

اهي صاحب بصيرت جن جي اندر جي اک ڪليل آهي ۽ مٿن حق طرفان ڪائنات جا راز واشگاف آهن. باوجود انهي انڪشاف ۽ القاءِ جي هنن عالم ناسوت ڪان جهڙوڪر اکيون بند ڪري ڇڏيون هجن ۽ هو انهي حق جي نظاري ايا ٿيا بينا آهن. هنن جي ڪنن ڪي تاڙيون ۽ زبان ڪي مهر آهي بقول هنن اقوال جي ”من عرف نفسہ فقد عرف دبہ“ جنهن سڃاتو پنهنجي نفس ڪي انهي سڃاتو پنهنجي رب ڪي. جڏهين سالڪ اها منزل ماڻي ٿو تڏهين وري تجلي جي توارد بعد ٻيو حڪم لاڳو ٿي وڃي ٿو. ”من عرف بره عليٰ ڪل لسانہ“ جنهن پنهنجي رب ڪي سڃاتو انهيءَ جي زبان بند ٿي ويئي“ هو انهي راز ڪي ظاهر نہ ڪندو.

لطيف هن بيت ۾ عارفن جي انهي ڪيفيت جو ذڪر ڪري ٿو.

انهي منزل تي عارف انهي وڇوڙي واري منزل ڪي ياد ڪري ٿو جڏهين سندس روح روح الارواح سان ڳنڍيل ۽ ان جو جز هو ان ڪان الڳ نہ هو ذات، ذات ۾ سمائي پيئي هئي. اتي انهي جي ڪن آواز پيو تہ ”الست بربڪم“ ڇا آئون اوهان جو رب آهيان ”قالو ابليٰ“ هنن چيو هائو بيشڪ تون اسان جو رب آهي. حضرت جنيد بغداديؒ انهي سلسلي ۾ ڏاڍو سهڻو نڪتو بيان ڪيو آهي تہ انهي ڪيفيت ۾ جڏهين روح الارواح“ پنهنجي اظهاري ڪيفيت هو ۽ هن ڪان روح جدا نہ ٿيا هئا انهي وقت سوال ڪندڙ حق پاڻ هو ۽ جواب بہ ڏيندڙ

حق جي ذات پاڻ هئي. ڇو تہ مر تابع امر آهي ۽ جتي جدائي جو تصور محال آهي جڏهين امر روءِ عمل ٿئي ٿو تڏهن فراق ۽ وڇوڙي جي ڪيفيت وجود وٺي ٿي اهو مرحلو عالم ارواح مان عالم ناسوت جي اچڻ وقت پيدا ٿئي ٿو عارفن جا روح انهي وقت ئي دانھ ڪندا آهن ۽ پنهنجي مبدا حقيقي ڏانهن موٽڻ جو غم هنن کي دامن گير هوندو آهي. اها فراقي واري ڪيفيت منجهن محبت ۽ عشق کي پيدا ڪري ٿي ۽ اهي هڪ لڱا ٿيڻ بعد بہ انهي سڪ ۽ سوز جو اظهار ڪن ٿا. انهن مان جيڪي ڪمال جي درجي کي پهتا اهي ظاهري ڏسڻ، پسڻ، ٻڌڻ جا محتاج نہ آهن ڇو تہ عالم معليٰ جيڪو بصير ڪلي جو مقام آهي اتي انهن ظاهري حواسن جي ڪا نہ اهميت آهي نہ ضرورت. ڇو.. اتي روح جي انهي تجلي الاهي سان هن جي تعلق جو واسطو آهي. جتي ظاهري اک ڪم نٿي ڏئي.

”جنين ڏٺو پرينءَ کي تنين ڏسڻ غير گناهہ
لــڌي جنهين راهـ، وهڻ تنهين وهہ ٿيو“

حق جي جلوه نمائي ۽ جلوه آرائي بعد عارف لاءِ تواتر تجلي ۽ تعبد تجلي جو سلسلو اچي ٿو ڪي استغراق ۾ هوندا آهن تہ ڪي القاءِ جي اولڙي ۾ هوند آهن هر ڪنهن عارف کي پنهنجي پنهنجي روحي ظرف مطابق عنايت هوندي آهي. جنهن تي تواتر تجلي ناهي ان لاءِ ڪيت ۽ ڳٽتي آهي اها ان جي روح ۾ اضطرب ۽ اضمر حلال پيدا ڪري ويهندي آهي. انهي وصال واري مقام تي بہ فراق واري ڪيفيت ۽ ڪشش عارف لاءِ بي سڪوني پيدا ڪري وجهندي آهي ۽ هو حق جي تجلي ۽ ان جي نوري احساس لاءِ ماندو هوندو آهي.

سپريان جي سونھ جو قد نہ مد
هت سڪڻ بہ ي عدد،
هت پرين پرواهہ ناهہ ڪا

(شاهہ)

کَپيريـــان پـــري ٽئـــا. اُبـــدَيِ بُـــدَائُون
اُنِـــي کـــي آئُـــون، هيـــر ڏِســـي آيِـــو

(دا - 3 - بيت 5)

- کپيري: (ڪُ: نہ+ پير: پير جو نشان) اها هيٺي يا اهو هنڌ يا اها واٽ جتي پير جو نشان ئي نہ لڳي ۽ پيري يعني پير ڪٽندڙ ڳولي نہ سگهي ۽ وڃائي ويهي ۽ منجهي پوي تہ پير کهڙي پاسي ويو.
- اڀڏي: (اَ : نہ+ ٻڏي: سئي) جيڪا ڪنهن نہ سئي نہ ٻڏي.
- ٻڌائون: (مصدر ٻڌڻ امر ٻڌ) نہ ٻڌل سُئل کي ٻڌائون نامعلوم کان معلوم ڏانهن آيا اڻ ڄاڻي کان ڄاڻ ڏي آيا.
- اُني کي: انهن کي (جن نامعلوم کي معلوم ڪيو).
- آئون : آئون پاڻ، پنڌ.
- هير : هن وقت، هن وير، هن مهل، هاڻي، تازو.

لطيفؒ هن بيت ۾ نهايت اهم نڪتي کي بيان ڪرڻ فرمايو آهي. سر ڪاهوڙي جي اڳين ڪن بيتن ۾ نہ ”پڪڻان پير“ يا ”جتي پکي نہ پير“ انهي قسم جا اصطلاح استعمال ڪري حقيقت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ليڪن هن بيت ۾ تہ انهي ماڳ جو ذڪر فرمائي ٿو جيڪو هنڌ نشان کان بالاتر آهي. جنهن لاءِ ڪا تشبيهہ يا مثال ڪم نٿو اچي سگهي. ”ابن العربي“ انهي مقام کي ”حقيقت سرقدم“ سان تعبير ڪري ٿو. جتي الله تبارڪ و تعاليٰ بذات پنهنجي ذات لاءِ پنهنجي غير سان مقيد نہ آهي ۽ مطلق الموجود آهي. اَبڏي اتي ٻڌي سگهجي ٿي جو تہ اهو مقام، مقام اعراف آهي. جيڪو علت و معلول کان پاڪ آهي. هت ذات، ذات لاءِ موجود آهي ۽ وجود وجود ۾ سمايل آهي ۽ وجود وجود جي شهادت آهي. حق تعاليٰ جي وجود جي نہ تہ عالم جي وجود سان قلبيت و معيت آهي نہ وري زبان کان بعديت آهي. لطيف فرمائي ٿو تہ پنهنجي عرفان وسيل انهي مقام اعراف کي هير ڏسي آئيو آهي.

ڏوري، ڏوري ڏيهـ، مـاءِ ڪـاهوڙِي آئِيـا
مَـيَنِ پَيـرَين ڪيهـ، ڪُـ ڄاڻـان ڪنهِـ پـارَ جِـي.

(دا - 3 _ بيت 6)

- ڏوري، ڏوري : ڳولي، ڳولي تلاش ڪري.
- ڏيهه: جهان، جڳ.
- ماءِ: ماڳ، هنڌ، جاءِ.
- آئيا: اهي آئيا.
- مين: باهمت جوان مڙسن، مي وارن طاقت رکندڙ جوانن.
- ڪيهه: دز، مٽي.
- ڪهه ڄاڻان: نٿي ڄاڻان. خبر نہ آهي.
- ڪنهه پار جي: ڪهڙي پاسي جي.

صاحب شعور فرد ڏيهه جا اهي ماڳ ۽ هنڌ ڳولي تلاش ڪري آيا. جيڪا جوءِ نهايت عجيب ۽ حيرت جهڙي هئي. اهي مي رکندڙ پنهنجي فهم ۽ فڪر جي هستي رکندڙ پنهنجي پيرن تي انهي جهان جي دز پاڻ سان ڪٺي آيا آهن جا ڪنهن اهڙي پار جي آهي جنهن جي خوشبوءِ ۽ سڳند سان سڄو ماحول واسجي ويو آهي.

ڪـاهوڙِين ڳـرا، سُـوڌي خَبَـرَ پَڪيَـان
سُـوجِهي جَـنِ ڪَيـا، متـي اَنگُهـن آنهَـرا

(دا - 3 _ بيت 7)

- ڳرا (ڳران) = وٺان، انهن ڪان.
- سوڌي = سنيالي، سڄي سربستي.
- خبر = حال احوال.
- خبر پڪيان = پڪين جي خبر چار انهن بابت حال احوال.
- سوجهي = (مصدر سوجهڻ = جاچڻ، معلوم ڪرڻ) = جانچي، معلوم ڪري.

- جن ڪيا = جنهين/ نهن ڪيا.
- انگهن = ڀشانگي واريون ٿاريون/ ڀشانگي واريون منيون جيڪي منهه ٿاهڻ ۾ ڪم اچن/ وڻن جون متي ڀشانگي واريون چوٽيون.
- آنهرا = آڪيرا.

انهن ڪاهوڙين جيڪي نہ صرف ذٽ گڏ ڪن ٿا پر مال پڪين جي حال حقيقت جي بہ ڄاڻ رکن ٿا. انهن کي اها بہ خبر آهي تہ پڪي پنهنجي ٻچن/ ٭ نسل جي بچاءَ ۽ بقاءَ لاءِ پنهنجا آکيرا وڻن جي چوٽين تي ڀشانگي ٿارين تي وڃي ٺاهين ٿا، جئن سندن آنن/ ٻچن کي ڪو ٻيو پکي نقصان پهچائي نہ سگهي.

دراصل هي بيت انهن انقلابي يا سماج سڌارڪ انسانن سان بہ لاڳو ٿي سگهي ٿو جيڪي انسان جي بقاءَ ۽ بچاءَ لاءِ سماجي طور تي ڪم ڪن ٿا تہ انهن کي پنهنجي بچاءَ يا انساني بقاءَ جي سلسلن کي انتهائي محتاط طريقن سان هلڻ گهرجي ۽ اتي پنهنجا ٺڪاڻا ٺاهڻ گهرجن جت مخالف قوتون پهچي نہ سگهن.

جَهنگَل هَلِيَا سَي نَہ پُليا، راهَہ هَليا ڦُرجِن
اَوجَهڙِ سَي نہ پَون، جَني ٻيئِي ڇَڏِيُون

*(دا - 3 ـ بيت 8)*

- جَنگل هَليا = جيڪي واٽ کي ڇڏي جهنگل ۾ هليا.
- سي نہ = اهي نہ.
- پُليا = گس نہ وڃايائون ڀلجي ڪين ويا، ٻتال ڪين ٿيا.
- راهہ = واٽ.
- راهہ هليا = جيڪي واٽ وٺي هليا.
- راهہ هليا ڦرجن = جيڪي واٽ وٺي هليا اهي بہ نہ ڦورن هٿان ڦرجيو وڃن.
- اوجهڙ= ڪريل واٽ ڏنگي ڦڏي ورن وڪڙن واري واٽ
- جني = جن

- جني ٻيئي ڇڏيون = جن جهنگل وارو رستو به ڇڏيو ته اوجهڙ وارو رستو به ڇڏيو اهي ٻئي رستا ڇڏي ڏنا.

لطيفؒ جو هي بيت انسان جي سوچ ۽ عمل جي مختلف روين جي سلسلي ڪي بيان ڪندو نظر اچي ٿو. انسان ۾ حوصلو ۽ ذهني پختگي آهي ته اهو ڏڪئي ڪان ڏڪئي سلسلي مان جهنگل ۾ هلڻ تمام ڏکيو آهي انهي مان به پنهنجي هوشياري ۽ ان جهنگل جي ٻوائتي ماحول مان نڪريو اچن ۽ سندن وار به ونگو ڪو نه ٿئي پر ان جي مقابلي ۾ پنهنجي بي همتي ۽ ناهلي سبب سڌي واٽ تي به ماٺهو پاڻ ڦرايو وڃهن يعني هنن ۾ ڪا شعوري پختگي ڪا نه آهي جو مدافعت ڪري سگهن شاعر چوي ٿو ته اهي ٻئي ڳالهيون ٻليون پر سڀ ڪان وڌيڪ اهو ڪامياب آهي جيڪو انهن ٻنهين رستن ڪي ڇو ۽ ڪيئن واري ڳالهه ڪي ترڪ ڪري ٿو. يعني اسباب جي روين ڪي ترڪ ڪري ٿو. بقول شاعر:

سبب جن سندوريا سي اچا اورانهان،
ترڪ ڪري تدبير ڪي پرنيو پاڻ خدا

*(ڳرهوڙي)*

جيئن لطيف پاڻ فرمائي ٿو ته "سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم" هت ڳالهه آهي طمع ڪي ترڪ ڪرڻ ۽ پنهنجي نفس ڪي ضابطي ۾ آڻن جيڪو هن دنيا جي جهنگ مان صاف سترو ٿي نڪري ۽ پنهنجي حق جي حقيقت ڪي سمجهي، باقي پڻ نه سڃاڻڻ آهي راهه هلندي ڦرجڻ هتي ٻئي طمعائون ڪين ڪرڻيون آهن. هن جهان توڙي هن جهان ٻنهين جي سلسلي ۾ ترڪ اختيار ڪرڻو آهي ۽ پاڻ ڪي رب جي حوالي ڪرڻو آهي. ٻانهو جڏهن خشيت الاهي ڪي اختيار ڪري ٿو ۽ پنهنجي وجود جي نفي ڪڙي ٿو ۽ حق جي حقيقت ڪي تسليم و رضا سان قبول ڪري ٿو. تڏهين ان لاءِ خير جي راهه پيدا ٿئي ٿي.

جهنــگ کــامي پَــٽُ تِئــو، پڳــي چَــوران لِــکَ
سَـــيڪِڙُو ۽ سِـــکَ، ٻيئِـــي گَـــڏِيا پـــاڻَ ۾

(دا - 3 ـ بيت 9)

- جهنگ کامي پٽ ٿيڻ = (اصطلاح) خوف خطرن جو ختم ٿي وڃڻ/ نفساني خواهشن جو ختم ٿيڻ.
- پڳي چوران لک = وهمن ۽ وسوسن جي وجود وٺڻ جي قوت ختم ٿي ويئي
- سيڪڙو ۽ سک = محبت ۽ محبتي ٻئي گڏئا پاڻ ۾.

هن بيت ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ نفس جي خواهشن ان جي روين ختم ٿيڻ سان روحانيت جي پنڌ لاءِ واٽ صاف ٿي ويئي ۽ وهمن وسوسن يا شيطاني خيالات جي پيدا ٿيڻ جو ڪو جواز ئي نہ رهيو آهي، چاڪاڻ تہ جڏهن سالڪ جو پنهنجو اندر جو آئينو صاف ۽ صيقل ٿي پوي ٿو تہ پوءِ نفس اماره ڪي ٻاهر نڪرڻ جو ڪو موقعو ئي نٿو ملي سگهي. هن جي لڪڻ لاءِ ڪا گهٽي ڪا نہ ٿي بچي. انهي مقام تي محبت ۽ محبتي ٻئي پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي وڃن ٿا دوئي جو ڪو دخل نٿو رهي. صرف حق جو جلوو ۽ جمال انهي مقام تي هجي ٿو.

جَهنــگُ کــامي پــٽ تِئــو، لِتِــي چــوران لِــکَ
ويئــيِ وجــودان نِڪــرِي جــي ڪــا ڏڙي ڊِڪُ
هيــڪُ سَــڄڻُ ٻــي سِــکَ ٻيئــي پهنــا پــاڻ ۾

(دا - 3 ـ بيت 10)

- پهرئين سٽ جي معنيٰ بيت نائين ۾ ڏنل آهي.
- وجودان = وجود مان پنهنجي آپي مان.
- ڏڙي ڊک = ننڍا وڏا ڏڙا يعني رنڊڪون، رڪاوٽون، اٽڪون.
- هيڪ = هڪڙا.
- هيڪ سڄڻ = هڪڙا سڄڻ.
- ٻي سک = ڇڪ، ڪشش، محبت جي مناس ان جي لغار.

- پهنا = پرتا، پرچي ويا.

اسان اڳئين بيت ۾ پهرئين سٽ جي معنيٰ ۽ مفهوم کي بيان ڪيو آهي. شاعر نفس اماره جي خاتمي ۽ ان جي لڪڻ وارن روين جي ختم ٿيڻ جي ڪيفيت کي بيان ڪندي فرمائي ٿو ته انهي منزل تي سالڪ جي وجود مان غير جا عوامل نڪري وڃن ٿا ۽ اسماءِ صفات يا ائين چئجي ته هن جو قلب اسماءَ الحسنيٰ جو معين ٿي پوي ٿو ۽ حضرت الاهيه جي تجلي هن جي قلب کي پنهنجي انوار سان منور ڪري ٿي، اتي سڄڻ ۽ سڪ ۾ ڪو ويڇو نٿو رهي.

جَهنگُ ڪامي پَٽُ تَئو، ڪيڙِنِ مورئو گاهُ
جَنِي پاس الله، تئُ نه اچِي تَنِ ڪي

(دا - 3 _ بيت 11)

- جهنگ ڪامي پٽ تئو = هن جي معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- ڪيڙن = ڪيڙين ڪيڙيل زمين جيڪا هر ڏنل هجي ۽ پٽرن واري هجي.
- مورئو = اُپڙيو، ڦٽو، پيدا ٿيو.
- جني پاس الله = جن جي پاسي الله آهي/ جيڪي الله سان گڏ آهن.
- تئُ = سيڪ، گرمي.
- تن کي = انهن کي، تنهين کي.

نفس اماره جي خاتمي سان جيئن ڪيڙيل زمين ۾ گاهه جا ٻوٽا مورجي اچن ٿا تيئن نفس اماره جي ختم ٿيڻ سان سالڪ جي قلب جي سرزمين تي الله جي اسم جي ذڪر لاءِ راهه هموار ٿئي ٿي. شاعر فرمائي ٿو ته جنهين جي پاس الله آهي يا جيڪي الله جي رحمت ۽ ان رنگ ۾ رنگيل آهن. انهن کي ڪا تڪليف ڪا نه ٿي اچي. اهي الله جا دوست آهن. قول الله تعاليٰ: الا ان اولياءَ لاخوف عليهم ولاهم يحزنون. (الله جي دوستن لاءِ نه ڪو خوف آهي نه انهن لاءِ ڪو غم/ ڳڻتي آهي). لطيف جا هي لفظ انهي آيت ڪريمه جا غماز آهن:

جهَنگـــلُ آهيـــڙين کـــي، يَـــنڻُ ڪئـــو روءِ
”نـــ ڪُتـــا نـــ ڪوڙڪيـــون“ ، چريـــو اُيـــو چـــوءِ
هـــاڻي هِنجِهَـــان پـــوءِ، لڳـــيءَ لُوٺـــو نـــ تيـــان

(دا - 3 ـــ بيت 12)

- آهيڙين کي (آهڙين: جمع) = شڪارين کي، شڪار ڪندڙن کي.
- ينڻ = وڏي آواز سان رئڻ گڏجي رئڻ، روڄ راڙو ڪرڻ.
- نہ ڪُتا نہ ڪوڙڪيون = هينئر هتي نہ اهي شڪار وارا ڪتا آهن ۽ نہ وري ڪوڙڪيون جن ۾ شڪار ڦاسي.
- چريو = فاطر العقل، بي عقل، دماغي توازن صحيح نہ هجي.
- اُيو چوءِ = بينو چوي.
- هاڻي هنهان پوءِ = هاڻي هن کان پوءِ.
- لوٺو = خالي، بيڪار، بي پتو، بي حس.
- لڳيءَ = جهنگ کي باهہ لڳي بيت (11) ۾ ان جو ذڪر آهي.

جهنگ جي سڙي وڃڻ سان ان ۾ جيڪي ساهہ وارا هئا اهي بہ سڙي رک ٿي ويا انهي جهنگل ۾ جنهن ۾ شڪاري شڪار لاءِ ايندا هئا اچي ڪوڙ ڪيون منڊيندا هئا. ان جي سڙي وڃڻ ڪري اهو پٽ انهن شڪارين لاءِ ٻاڪار ڪريو پيو روءِ تہ اڄ نہ اهي ڪتا آهن نہ ڪوڙڪيون (مقصد آهي نفس کي شڪار ڪرڻ وارا طور طريقا) سالڪ جنهن تي نفس جي خاتمي ۽ صحو سڪر جي منزل مان گذرڻ بعد هو مجذوبيت جي عالم ۾ دانهہ ڪري چوي ٿو تہ منهان پوءِ جنهن ۾ نفس جي سرڪشي جو خاتمو ٿي ويو آهي ان جي خاتمي بعد آئون بي حس ٿيان حق کان غافل ٿيان اهو حق جي وات جي ڏورڻ جي خلاف آهي.

جَهنگـــلُ آهيـــڙين کـــي يَـــنَڻُ ڪِئـــو رُونـــدو
نـــ ڪُتـــا نـــ ڪوڙڪِيُـــون! چَڙهيـــو ٿيـــو چُونـــدو
هـــڏِهن نـــ هُونـــدو، اَنهـــان پـــوءِ عـــالَمَ ۾

(دا - 3 ـــ بيت 13)

- جهنگل ....... الخ هنن لفظن جي معنيٰ اڳ ۾ بيان ڪيل آهي.
- نہ ڪتا نہ ڪوڙيون = اڳ ۾ بيان ڪيل آهي.
- چڙهيو ٽيو چوندو = سامهون ايو تي چوندو.
- هڏهن نہ = هرگز نہ، مور نہ، بنهہ نہ.
- انهان پوءِ = انهن کان پوءِ جيڪي شڪار ڪرڻ وارا شڪاري ايندا هئا. انهين کان پوءِ.
- عالم ۾ = جهان ۾، دنيا ۾.

جهنگل جنهن کي ساڙي رک ڪيو ويو انهي جهنگل جو پڌ ان جا نشان انهن شڪارين کي جيڪي انهي جهنگ ۾ ايندا هئا اڇي ڪوڙڪيون منڊي شڪار ڪندا هئا انهن جي انهن يادگيرين کي ياد ڪري وڏو روڄ راڙو ڪندو ايو تي چوندو تہ اڄ نہ ڪتا آهن نہ ڪوڙڪيون آهن. جڏهين اهو سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو آهي تہ پوءِ هن عالم ۾ هن جهان ۾ هرگز مور ڪو نہ هوندو. لطيف جو هي بيت نهايت معنيٰ ڀريو آهي ان ۾ ڪم آيل اشارن کي ڇا سان تعبير ڪجي اهو ڏاڍو مشڪل مسئلو آهي ڇاڪاڻ تہ شاعر پنهنجي تخيل ۽ فڪر جي بنياد تي ان ۾ جيڪو راز سمايو آهي ان کي ان جي ذات ئي ڄاڻي سگهي ٿي. باقي شارح يا لکندڙ انهي بابت جو ڪجهہ لکندو اهو ان جي پنهنجي ظرف وٽان هوندو جنهن کي هو شاعر جي فڪري روين مان اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جهنگل انسان جي وحشيت بہ آهي جنهن ۾ هو پنهنجي نفس اماره جي تابع هجي ٿو. انسان جي خودسري بہ ان ۾ اچي وڃي ٿي. آهيڙين يا شڪارين مان کهڙو نتيجو اخذ ڪجي اهو تہ اهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ نفس کي شڪار ڪندڙ فقر، فاقہ، زهد، عبادت، صحو سڪر ۽ ٻيون سلوڪ جون منزلون آهن جن کي مالڪ اختيار ڪري پنهنجي خودي ۽ انانيت کي ضابطي ۾ آڻي ٿو ۽ اهو تصور ڪري ٿو تہ ”الدنيا سيجن المئومنين (ح)“ هي دنيا مئومن لاءِ بنديخانو آهي. قيد جي انهن ڪوڙڪين کان آجائي ضروري آهي. نفس

انساني ڪُتي جي مثال آھي. جو نجس ۽ پليت آھي ھن ۾ حلال ۽ حرام جي ڪا تميز نہ آھي. جيستائين انھي ڪي پنھنجي قبضي ۾ ٻانھو نٿو ڪري ان وقت تائين سندس لاءِ مشڪل آھي، شر جون قوتون/ يا قوت شر انساني نفس ڪي ھر قدم تي للڪاري ٿي ۽ ھن ڪي غفلت جي اوڙاھ ڏانھ وٺي وڃڻ جي ڪوشان ھوندي آھي، ھت اصل مقصد آھي انھي شر جي قوتن ۽ سيات جي روين ڪي جيڪي اخلاص ۽ حق جي راھ ۾ جھنگ جي حيثيت جيان آھن انھن ڪي ختم ڪرڻو آھي انھن کان پاڻ بچائڻو آھي. ڪتا ۽ ڪوڙڪيون ڪوڪار ۽ ڪارون سڀ نفس جي چار جا حصا ۽ ان جا پاڳا آھن جيڪي انساني وجود ڪي ھن جي قوت نفسي ڪي ان ۾ ڦاسائڻ لاءِ ھوندا آھن سالڪ لاءِ انھن سيني شين تي غالب ٿيڻ ضروري آھي انھيءَ ساڻ ٿي ھو پنھنجي لاءِ حسنات جي راھ ڪڍي حق جي حقيقت باقي سگھي ٿو. ھن عالم ۾ ھن جھان ۾ پاڻ ڪي بچائڻ لاءِ انھيءَ کان وڌ ٻي ڪا صورت ڪا نہ آھي.

ڪُتا نہ ڪُوڪارَ، نہ سي سَڏَ شڪارِيين
پِٽِيو ڪَٽِي پَارِ، جَھنگُل آھيڙِين ڪي

*(دا - 3 - بيت 14)*

شاعر ھن بيت ۾ جھنگ ڪامي پٽ ٿيو.... الخ جي پوري معنيٰ بيان ڪئي آھي. ڪا شيءِ ڪا نہ رھي وقت جي لاھين چاڙھين سبب سماجي روين سبب سڀ ڪجھ فنا ٿي ويو ھي اھا حالت ٿي جو نہ سي وونئڻ وٽن ۾ نہ سي ڪا تياريون .الخ نہ ڪتا، نہ ڪوڪار، مطلب تہ ڪوڪار ڪرڻ وارو ڪو نہ رھيو شڪاري جيڪي شڪار جي آھڙ ۾ سڏڪندا ھئا انھن جو وجود ئي ويو ھليو اھو جھنگل جتي منگل ھوندو ھو سو ختم ٿي ويو ھاڻي اھو جھنگل جيڪو پنھنجي وٽن جي ڪري آباد ھو شڪارين جا ٽولا منجھس شڪار لاءِ ايندا ھئا ڪوڙڪيون منديندا ۽ ڪتن ڪي ساڻ ڪري شڪار جي آھڙ ڪندا اڄ اھو جھنگل انھن حالتن ڪي پار ڪٽيو پٽي پيو تہ

چا مان چا ٿي ويو.

لطيف بنيادي طور تي ڪن بيتن ۾ جهنگل کي نفس اماره سان تعبير ڪيو آهي. ليڪن هتي انهي روي جو ڪو شائبہ نظر نٿو اچي لطيف سڌو سنئون شڪارين جي شڪار ۽ جهنگل جي رونق ۽ ان جي اندر ٿيندڙ انهي منظر کي بيان ٿو فرمائي تہ برباد ٿي ويل وسيون جهنگل آباديون اهي بہ غير موئي طور تي پنهنجي هئڻ جا فضا ۾ نقش ڇڏين ٿا جن ۾ آهہ و بڪا سمايل هوندي آهي، اهي منظر انهن روين جي ياد تازي ڪندا آهن.

سانَيرِ ٻَڌِي بيٺ، جَنِي ڏونگَرَ ڏورِئا
تَنِ ڪاهوڙِين کِهہ هيٺِ، وِڃِي پاسا ڪوڙئا

(دا - 3 – بيت 15)

- سانير = سوير، وقت ۾.
- ٻڌي بيٺ = چيلهہ کي سندرو ٻڌو، پڪو ارادو ڪيو.
- جني = جن.
- ڏونگر ڏورئا = جبل جهاڳيا، تڪليفون ڏٺيون.
- تن = تنهين، انهن.
- ڪاهوڙين = کهيڙا ڪٽي ڏٽ ڳوليندڙن، جاننن جوانن.
- کهہ هيٺ = متيءَ هيٺ يعني قبر ۾.
- پاسا ڪوڙيا = دفن ٿيا، پورئا ويا.

سويل ئي وقت تي چيلهہ تي سندرا ٻڌي پڪو ارادو ڪري جن ڪاهوڙين ڏت ڳوليندڙن/سماجي انقلاب لاءِ ڪوشش ونندڙن/ رب جي راهہ ڳوليندڙن پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ پڪو ارادو ڪري نڪتا مضبوطي سان ان ڪم لاءِ ڪوشش ۾ رهيا. اهي اهڙا طاقتور همت وارا انهن بہ وڃي پاسا ڪوڙيا يعني بقا جي صورت سندن ڪم اختيار ڪري نہ سگهيا. انهن پاسا ڪوڙي وڃي پٽ ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي، تہ مقصد هي آهي تہ انسان فاني، هي جهان فاني هن جي هر شيءِ فاني، بقا آهي تہ صرف

انهي ذات باري تعالىٰ کي آهي جنهن کي هر شيءِ ڄڻائي ٿي.

وائي۔1

سياڪو سيٽانِ، پوري تو پاڻ سُڃاڻي نہ ڪئو
هوند نہ پييين هيٽري، وئين جي سيٽَان
موٽئو ماڳ نهارِيين، ڪهڙي مُنهہ ڪيٽانِ

اي پوري! اي اوڳي! اهو سڳ تو پاڻ سڃاڻي نہ ڪئو تو پنهنجو پاڻ کي نہ سڃاتو تہ تنهنجي قدر قيمت يا تنهنجو مان ڇا آهي.

جيڪڏهين تون انهي حقيقت کي سمجهين ها تہ هوند هيترن سورن ۾ ڪين پوين ها ۽ خفا ۽ ڪشالا توکي ڪين ڪڏهن پون ها، جيڪي انهي سڳ سبب تون ڪڍين پيئي.

توکي اها ڳالهہ بہ وسري ويئي تہ موٽي انهي ماڳ تي وري اچڻو آهي جتان تو سفر شروع ڪيو، وري تنهنجي واپسي انهيءَ هنڌ تي آهي قول الله تعالىٰ ڪُل شيءِ يرجع الا اصلهہ“ هر شيءِ کي پنهنجي اصل ڏانهن موٽڻو آهي. تنهنجو وجود هڪ عارضي گهر آهي اصل حقيقت روح جي آهي جيڪو عالم بالا مان جدا ٿي هن دارخاني ۾ آيو آهي ۽ هن کي وري موٽي واپس انهي ساڳئي مقام تي وڃڻو آهي، جيڪا هن جي اصل جاءِ آهي. هاڻي تون پنهنجي ڪج روين ۽ صحيح سڳ جي سڃاڻپ نہ ڪرڻ سبب اتي ڪهڙو منهہ ڪڍي ويندئن، معنىٰ تہ منهن مرڪندو تڏهين ٿي سگهي ٿو جڏهين تو وٽ آخرت لاءِ پنهنجي اصل مقام لاءِ توشو هوندو.

وائي۔2

جا ڳي اڪَڙِين، ڪوهَہ اوجاڳو نہ ڪِئو
اڪڙيون پرِين ڪي ٿَهہ ٿَهہ ڪيو ٿِمَنِ
جي سَنَجهيَڙِي سُتيون سي مَرُسُورَ سَهَنِ

تــون اَٽاسِــي اوجَھــرِين، هــوءَ ٽــاھون ھَلَــنِ

شاعر چوي ٿو تہ تنھنجي اکڙين چو اوجاڳو نہ ڪئو ۽ پرين لاءِ انتظار نہ ڪئو. منھنجو اکيون پرين کي ياد ڪيو/ انھن جي ياد ۾ نيٽڻ مان زاروزار لڙڪ پيئون وھائين.

چو تہ جيڪي سنجھيئي سمھي پيئون ھنن پرين جو انتظار نہ ڪيو سي پنھنجي سستي سبب اھي سور پلي سھن.

تون اٽاسي ٿيو غير ذميوار ٿيو ننڊ ۾ پئي اوجھرين جھوٽا کائين تنھنجي انھن جھوٽن ۽ اٽاسائيءَ سبب ھوت ھتان ھليا ويندا، جڏھين پرين پنڌ پئي روانا ٿيندا تہ سواءِ افسوس جي ھيو تو کي ڪجھ ھٿ نہ ايندو.

# سُر ڪاپائي

# سُر ڪاپائِتي

سُرڪاپائتي جي راڳ جي صورت سان کھڙي حيثيت آهي هي سر مکيہ راڳن مان کھڙي راڳ جي دائري ۾ يا انهي راڳ جي راڳڻين مان کھڙي راڳڻي سان هي سُر لڳي ٿو ۽ هن جي فني طور تي حيثيت ڪيئن ۽ ڪھڙي آهي ۽ راڳ جي دنيا ۾ هن سُر کي ڪٿي جاءِ ملي ٿي. انهي سلسلي سان اسان جي راڳ جي ماهرن جي تحقيق شاهہ سائين جي هن سر جي سلسلي سان خاموش نظر اچي ٿي، البتہ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اوائلي دور ۾ ”ڪاپائتي ۽ ڏهر“ ٻئي سُر گڏ رکيل هئا ۽ انهن کي انهي دور ۾ شاهہ جا راڳائي ساڳئي سُر ۾ ڳائيندا هئا ۽ وهائي رات جو يعني رات جي وهائڻ تي ڳائيندا هئا. شاهہ جي ڪلام جي ۽ راڳ جي ڄاڻو پير سائين غلام شاهہ کان جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن پڇا ڪئي ان بابت پاڻ لکن ٿا تہ ”راقم جي پڇا تي پير غلام شاهہ تصديق ڪئي تہ ”چار سُر يعني گهاتو“ ڪا پائتي، سينهہ ڪيڏارو ۽ بسنت هن وقت شاهہ جي راڳ ۾ ڪين ٿا ڳائجن.“

جيئن تہ ڏهر سُر کي جيڪو ڪاپائتي سان گڏ هو ان کي وهائي رات جو ڳايو ويندو هو ڇاڪاڻ تہ ڏهر ”ذڪر جو سُر ڪري ليکيو ويندو هو، ڪاپائي جيڪو ڏهر سان رليل هو يقين آهي تہ ان کي بہ انهي سُر ڳاتو ويندو هوندو ڪاپائتي تي غور ڪجي ٿو تہ هي سر ڪتڻ ۽ ڪنبڻ يعني رب جي عبادت ڪرڻ ۽ ان جو خوف ۽ جلال پاڻ تي ٻانهي کي طاري ڪرڻو آهي. جيڪو عمل ذڪر جي جذبي کي ظاهر ڪري ٿو.

نارو ڀڳت شاهه جي راڳ ۽ ڪلام جو عاشق ڳائڻو هو ڳائڻ مهل نارو ڀڳت تي وجد جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. آئون ڪيئن آتڻ وچان ۾ سنئين پئي شراف ڪي قوري نه قولهو "جي لفظن تي راڳ جي ليءِ تي نارو ڀڳت جو پنهنجو منفرد انداز هوندو هو جيڪو سامعين ڪي پڻ بي خود ڪري وجهندو هو، نارو ڀڳت جي گائيڪي جي ادائگي سرد يسي ۾ محسوس ٿيندي هئي. انهي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته ڪاپائتي جنهن فن جو سنڌ جي قديم تاريخ سان تعلق آهي اهو انهي جو غماز آهي ته هي سُرنج سنڌي سُر آهي ۽ راڳ جي دنيا ۾ هن جي ڪارج جي بنياد تي قديم حيثيت آهي اسان جي عالمن، دانشورن جيڪي راڳ جي معلومات ۽ ان جي تاريخ تي دسترس رکن ٿا انهن لاءِ ضروري آهي ته اهي هن سر کي جيڪو قدامت جي لحاظ پنهنجو خاص مقام رکي ٿو ان جي فني حيثيت کي نروار ڪن ته هي سر راڳ جي ڪهڙي زمري ۾ اچي ٿو.

سرڪاپائتي شاهه سائين جي رسالي ۾ سيني ڪان ننڍي ۾ ننڍو سُر آهي رسالي جي ترتيب ۾ مختلف مرتبين هن سُر کي جدا جدا هنڌن تي رکيو آهي. ۽ بيتن جو تعداد پڻ هر ڪنهن وٽ ساڳيو نه آهي. گنج ۾ هي سُر 20 نمبر تي آهي ۽ منجهس 34 بيت ڏنل آهن. اهڙي ريت 1270/1269 هجري وارن ٽن رسالن ۾ هي سُر 25 نمبر تي آهي بيتن جو تعداد 30 ڏيکاريل آهي. 1253 هجري 1303هه، 1310هه 1329هه ۽ 1340 هجري وارن رسالن م بيتن جو تعداد مختلف آهي ۽ سرُ پڻ ڪنهن ۾ 16 تي ڪنهن ۾ 19 تي 1283هه واري ۾ 25 نمبر تي بيتن جو تعداد 44 آهي. ٽرمپ واري رسالي ۾ 23 نمبر تي ۽ 29 بيت ڏنل آهن خان بهادر محمد صديق واري رسالي ۾ ۽ بمبئي واري ڇاپي جي چويهين سرن واري رسالي ۾ بيتن جو تعداد 43 آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب ڏنل سسئي جي سر سان شروع ٿيندڙ رسالي ۾ بيتن جو تعداد 33 آهي. غلام محمد شاهواڻي ۽ تارا چند شوقيرام واري رسالي ۾ مولانا قاسمي واري ترتيب

ڏنل رسالي ۾ بيتن جو تعداد 32 آهي. ڪلياڻ آڏواڻي واري ترتيب ڏنل رسالي ۾ بيتن جو تعداد 20 ۽ سُر 25 نمبر تي آهي ڏيپلائي جي پاڪيٽ سائيز ۾ بيتن جو تعداد 41 آهي سُر 23 نمبر تي آهي مرزا قليچ بيگ واري ۾ بيتن جو تعداد 39 ۽ سُر 26 نمبر تي آهي. علامہ آءِ آءِ قاضي واري ۾ بيتن جو تعداد 32 آهي انصاري وٽ بيتن جو تعداد 35 ۽ سُر 26 نمبر تي آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي پهرئين رسالي ۾ بيتن جو تعداد 31 آهي ۽ 1999ع ۽ 2009ع تي ڇپيل رسالي ۾ بيتن جو تعداد 41 ۽ سُر 9 نمبر تي آهي. ۽انهين خان وٽ بيتن جو تعداد 43 ۽ سُر جو نمبر 24 آهي. صرف ڪاپائتي جي سُر جي بيتن جو مختلف مرتبين وٽ تعداد مختلف آهي اهڙي ريت رسالي جي هر سُر جو اهو حال آهي. مون هت مثال طور ڪاپائتي کي پيش ڪيو آهي. بيتن جي تعداد کان هٽي ڪري بيتن جي پڙهڻي ۾ هر مرتب پنهنجو رخ اختيار ڪيو آهي، شاهہ جي ڪلام کي صحيح صورت ۾ اهي ڳالهيون هڪ مسئلو بنيل آهن. جيڪي ـقت کان هلنديون اچن ۽ ڪنهن متفق سلسلي نہ هئڻ سبب هلنديون رهنديون.

## سُر ڪاپائتي ۾ اسم

## ڪاتار

صراف، سٽ، ڏتار، تند، آتڻ، پهي (پهو) پرت، ذور، ارٽ، مُنا، منجي، مال (مالهہ) سون، عزازيل ڳچيءَ، پاند، ڦورو، چت، دُڪو، رنڍا، ماٽڪ، ململ، جهرڪين، تڪ، اوبندي (اوبٽي)، لينجهون ( جمع) لينجهہ تاجي، پڙا، اُتل، ڪوريين (جمع) ڪوري. نجهرا، ووڻ، بازاريون (جمع) بازار، لوڻ، عرب، ڪابل، پجيائون مصدر پجڻ.

**ڪاتار:**

مصدر (ڪتڻ) ڪاتيار ڪتڻ واري اڳئين وقت ۾ جڏهين مشيني دور نہ هو تہ ماڻهو ڪپهہ توڙي ان مان ڌاڳو ٺاهيندا هئا انهيءَ کي ڪتڻ چئبو

هو. سٽ مان ڌاڳو ٻن نمونن سان تيار ڪيو ويندو هو. هڪڙو ارٽ تي ٻيو ڏيري ڪتڻ وسيلي انهي ڪم ڪي سرانجام ڏيڻ واري کي ڪتيندڙ يا ڪاتيار چيو ويندو هو، يعني سٽ کي ڪتي ڌاڳو تيار ڪندڙ.

## صراف:

هن جو بيان اسان سُر سري راڳ ۾ پڻ ڪيو آهي. هت وضاحت طور اهو بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ صراف انهي کي چئبو آهي جيڪو شين جي پوري پرک رکي سون کي پرکيندڙ ۽ اُن جو ڪاروبار ڪندڙ بہ صراف آهي تہ هت وري سٽ کي پرکي ان مطابق ملهہ ڏيڻ وارو پڻ صراف آهي. لطيف صراف کي وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. صراف جو مادو آهي صرف يعني خالص، نج اهو ماڻهو جيڪو شين جي نج ۽ خالص هئڻ جو ڪاروبار ڪري اهو بہ صراف آهي. پرک واري دانا ماڻهوءَ کي جيڪو ڳالهين مان صحيح نتيجا ڪڍي ان کي صراف چئبو آهي.

## سٽُ:

هي ڪپهہ مان تيار ٿئي ٿو. هي هڪ قسم جو ڌاڳو آهي جيڪو مختلف قسمن جو ٿئي ٿو، جنهن ڌاڳي کي گهٽو وٽ نہ آهي ۽ هو نرم آهي ان کي ڪچو سٽ چون ۽ جيڪو ڌاڳو وٽ وارو ۽ ٿورو ٿلهيرو ٿئي ان کي پڪو سٽ چون، سٽ جا ڦورا ٿين جيڪي اصل ۾ ڪپهہ جي رنگ تي اچا ٿين بعد ۾ انهن کي مختلف رنگ ڏيئي رنگين بنايو ويندو آهي. اڳرائي وقت ۾ سٽ ائٽ/ ارٽ تي ڪتي تيار ڪيو ويندو هو اڄ ڪالهہ مشيني دور سبب اهو مشينن وسيلي تيار ٿئي ٿو. سٽ ارٽ ڪان سواءِ ڏيري ذريعي ڪتي پڻ تيار ڪيو ويندو هو اهو سٽ ارٽ واري ڪان وڌيڪ ٿلهو ۽ وٽائتو هوندو هو.

## ڏَتار:

سٽُ جي ڪتيندي ان ۾ پڙو يا گهنڊي ٿئي تہ اهڙي سٽ واري ڌاڳي کي ڏَتار وارو ڌاڳو چيو ويندو يعني اهو ڌاڳو ريشو ۽ صاف نہ هوندو

آهي، سُٽ ۾ ڏٽار اڪثر ڪري ڪپهه جي پهي ڪي پنبڻ ۽ ان کي صاف طرح سان پنبي ريشو تيار ڪيل نہ هوندو آهي اهو ڪتڻ مهل ڌاڳي ۾ پڙو يا وٽ پيدا ڪندو جنهن کي ڏٽار چيو ويو آهي تو.

**تند:**

سٽ جي سنهي ڌاڳي کي جيڪو نهايت باريڪ تئي ۽ ان کي ڪيترو بہ وٽي ويجهي تہ نہ ٽٽي ان کي تند چئبو آهي. تند هڪ قسم جو آواز پڻ آهي جنهن ۾ ڌاڳي جي ڪنهن ٽڪري ڏندن ۾ جهلي ۽ هٿ جي ڊيگهه ۾ ٻئي هٿ سان جهلي ان کي آگر سان تنڪ ڏبي تہ آواز نڪرندو انهي آواز کي تند پڻ چئبو آهي. يڪتاري جي تار کي بہ تند چئبو آهي. قلب جي رڳن کي جيڪي دل کي پمپ ڪن ٿيون انهن کي بہ تنتون/ تندون چيو ويجي ٿو. جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ:

تنـــدون جـــي طلـــب جـــون وحـــدت ســـروچن،

*الخ*

تندتنوار راڳ لاءِ اسان وٽ اصطلاح آهي ۽ هڪ ٻئي کي ياد ڪرڻ واري رويي کي بہ تند تنوار چيو ويجي ٿو، جيئن لطيف فرمايو:

نســـر تـــي تنـــد نيـــاز ســـين ٻرائـــي ٻيجـــل،

*الخ*

**آتڻ:**

اها جاءِ يا اهو هنڌ جنهن تي ڪم ڪرڻ واريون هڪ ڪان وڌيڪ عورتون ويٺي ڪو ڪم ڪن جهڙوڪ چرخي تي سٽ ڪتڻ، ڪپهه مان ڪڪڙا ڪڍڻ لاءِ اٽري هلائڻ هن کي ارٽ بہ چئبو آهي، چرخي کي بہ ارٽ چون يا عورتون گڏجي جنهن هنڌ پرت پرين رلهيون ٺاهين ان کي آتڻ چئبو آهي، بنيادي طور تي آتڻ جي معنيٰ آهي وهٽ واري جاءِ، هن کي آسڻ بہ چيو ويجي ٿو. پر هو اڪثر دڪاندار يا هٿ سان ڪم ڪرڻ

واري هنر مند جي جاءِ کي ڪوٺيو ويجي ٿو. آتڻ وهڪ سان واسطو رکي ٿو جيئن سُر مومل راڻي ۾ لطيف فرمائي ٿو تہ ”سوڍي بنا سرتيون آتڻ اُجهاڻو.“ الخ

**پهي (پهو):**

ڪپهہ مان ڪڪڙا ڪڍي ان کي ساڻي سان سڻيو ويندو آهي تہ جيئن ڪپهہ ۾ جيڪو ريشو آهي، اهو وڌيڪ مضبوط ٿئي ۽ سڻيل ڪپهہ پڻ ۾ ريشي جي لحاظ کان گڏجي وڃي انهي سڻيل ڪپهہ کي جيڪا نهايت نفيس ٿي ويندي آهي. پاڻ ۾ تهہ ورائي پهو تيار ڪبو آهي جيئن ارٽ تي سٽ ڪتڻ ۾ آساني ٿئي. ننڍي کي پهي چئبو ۽ ڪپهہ جي پهي کي پوڻي بہ چئبو آهي. جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ ”پلڻ پايو پوڻيون در، ، در ڦيراڏي، الخ“ ان کي بہ سڻي پهو تيار ڪبو آهي اگ ۾ سٽي جي ڪلن کي سڻي باريڪ ڪري ان کي ڊيري تي ڦيرڻ لاءِ پڻ پهو تيار ڪيو ويندو هو. ٻڪري جي ڏاس کي بہ سڻي ان مان ڪتڻ لاءِ پهو تيار ڪندا هئا. سٽي، ڏاس، اُٺ جي وارن جي ملس، رڍ جي وارن جي ان انهن جا پها ڪپهہ جي پهي جي مقابلي ۾ ٻئي طرح ٺيندا هئا جو انهي سڻيل ان توڙي ڏاس يا ملس کي يا سٽي جي ريشي کي پهو ڊگهو ڪري پوءِ اُن کي پاڻ ۾ اهڙي ريت ور ڏيندا تہ جئن ان جو ريشو پاڻ ۾ نہ ملي ۽ ڪتڻ وارو ان کي ڪلهي ۾ وجهي ڊيري تي ڪتيندو. اهو ڌاڳو ارٽ کان ٿلهو ٺيندو آهي. البتہ ڪپهہ جي پهي کي ارٽ تي ڌاڳي لاءِ ڪم آڻيندا هئا جو ان ۾ وڌيڪ ريشو ۽ لچڪ آهي. پهي/ پهو رڍ ٻڪري جي ننڍڙي ڦر کي بہ چئبو آهي. جئن مارئي ڏوراپو ڏيندي لطيف جي لفظن ۾ چوي ٿي تہ:

مـوٽي منجهـاران ڪـا نـہ ڪـاتن پنهـوارن پَهـي.

*الخ*

**پرت:**

ٿلهي ڪپڙي کي جنهن ۾ سٽ توڙو ٿلهيرو ڪم آيل هجي تہ اهو

ڪپڙو جڏهين تيار ٿيندو ته اهو سخت ۽ هٿ لائڻ ۾ هٿ کي سنهي بجا ۽ ڳرو يا ٿلهو لڳندو اهڙي ڪپڙي کي پرت وارو ڪپڙو چوندا آهن. اڪثر ڪپڙو ناهيندڙ ڪپڙي ناهڻ وقت نڪتل تاجي کي پيڻ جو برش ڏيندا ۽ ڪپڙو ناهيندا ويندا آهن اهڙو ڪپڙو تيار ٿيڻ بعد ٿلهو لڳندو ۽ ان ۾ شوخائي هوندي. ڳاڏين ۾ مال پرڻ وقت به مزور پرت جو لفظ استعمال ڪندا آهن ته جا پوري ريت پرائي نه ٿي آهي. ڪورن ۾ سُرن جي ڊوئڻ وارا جيڪي ڪچو مال ڪوري ۾ پهچائيندا آهن ته اهي به انهن جي ٽولي کي پرت وارو چئبو آهي. اج ڪالهه آرسي سي جي چتين جي تياري وقت ان جي پرائي ڪرڻ واري مزورن کي پرت وارا ڪري ڪوٺبو آهي، سئي ڌاڳي، جنهن ۾ سٽ وغيرهه ڪم اچي گهرن ۾ زالون ڪپڙي تي ان جو ڪم ڪن ان کي به پرت پرڻ چئبو آهي.

## ڏور:

ارٽ جي چرخي ڪان وٺي اوپٽي واري حصي جي ڦرٽي تائين هلائڻ لاءِ ايندڙ انهي هلڪي قسم جي رسي کي ڏور چئبو آهي. ان کي مالهه به چون اها ڏور چرخي جي ڦرڻ سان ڳڏ سٽ جي ناهڻ يا ڪتڻ وارن شين کي حرڪت ۾ آڻيندي آهي.

## ارٽ:

جڏهين اجا مشيي دور نه هو ته ماڻهو ڪپهه مان ڌاڳو ناهڻ لاءِ ”ارٽ“ کي ايجاد ڪيو، هي هڪ سادي، سودي ڪل آهي. هڪ تختو ان جي ساڄي هٿ واري ۽ ڪابي پاسي ڪاٺ جا به اڌا تختي ۾ سل ڪڍي هٽبا ان لاءِ ته انهي ۾ ارٽ جو چرخو جنهن جي وچ ۾ سرائي ٿئي اها بيهي جنهن تي چرخو نهيل هوندو آهي انهي سرائي جي هڪ پاسي ور ڏيئي مُنيو ناهبو آهي جيڪو چرخي هلائڻ لاءِ ڪم ڏئي سرائي ڪرسي واري ڪاٺ جي به ناهين ته لوهه جي به ڪرسي وارو ڪاٺ اهو ڪاٺ آهي جيڪو وڻ جي ڳپ مان تيار ٿئي ٿو ان جو رنگ ناسي يا ڪار سروٿئي

انهي ڪاٽ ۾ گاٽ نہ ٿيندي آهي لوهہ وانگر ڪم ڏئي.

ٻئي ڇيڙي تي جيڪو ڪبي هٿ تي ٺئي ان ۾ وري ننڍا ٻہ اڏا ٿين جن ۾ ڀرٽي هوندي آهي جيڪا ڏور يا مالهہ جي وسيلي چرخي سان لاڳاپيل ٿئي چرخي هلائڻ سان اها ڀرتي هلي تي ڀرٽي جي وچ تي پوڙي رکي ويندي آهي جنهن ۾ ڪپ ڏيئي ارا ٺاهيا آهن پوڙي جي ڦرڻ سان ارن وسيلي ڀرٽي ڦرندي ڀرٽي ۾ لوهہ جو ننڍو بلڪل سنهو چار پنج انچ جو ٽڪرو جنهن جو منهن ٿورو وريل ٿئي ان کي اوبٽي چون جيڪا ڪپهہ جي ڦوري يا پوڻي مان ريشو ڇڪي ڌاڳي جي صورت ڏئي تي ۽ ان کي ٽڪ جي تي چاڙهي ٿي ٽڪ يا سرائي سنهي بناورن ٿئي اها ڦرندي انهي ڌاڳي کي وٽ ڏيندي ۽ ڌاڳي کي ڦوري لاءِ نهيل سانگين تي چاڙهيندي ويندي، جنهن ۾ ڌاڳو ورسان هڪ ٻئي کي ڪراس ڪندو ڦورو ٺاهيندو ويندو ٽڪ ذريعي ڌاڳو هيٺائين مٿاهين طور تي چڙهندو ويندو چرخي تي ڌاڳو سڌو نہ هوندو آهي اهڙي ريت ارٽ تي ڌاڳو سٽ ڪتي تيار ڪيو ويندو هو ٽڪ جو ڪم جتي ڌاڳي کي ور ڏيڻ آهي اتي ان کي انهي مان پڙا يا ڳنڍڙيون بہ صاف ڪونيون هونديون آهن. جيترو ٽڪ سنهي ۽ صاف هوندي اوترو ڌاڳو سنو تيار ٿيندو. موهن جي دڙي جي کوٽائي مان پڻ ارٽ جي سامان جا وسلا مليا آهن جيڪي انهي ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ سنڌي ماڻهو اڄ کان پنج، ست هزار سال ق م اڳ اهو هنر ڄاڻنيدو هو ”يامل“ ۽ ”اُر“جي کوٽاين مان ڪپڙن جي فهرست ۾ ”سنڌو ململ“ جو ذڪر ملي ٿو جيڪا سنڌي ململ آهي فراعنہ مصر جي لاشن کي ممي جي صورت ڏيڻ لاءِ جنهن سنهي ڪپڙي کي مسالو لڳائي چاڙهيو ويندو هو ان لاءِ بہ مورخن اهو ثابت ڪيو آهي تہ اها سنڌو ململ هئي. اهي سڀ ڳالهيون انهي امر جو دليل آهن تہ سنڌو ڌاڳو ٺاهڻ ۽ ڪپڙي جي صنعت ۾ پنج هزار سال ق م وڏو نالو رکندڙ ملڪ هو.

**مُنا:**

چرخي جي پاسن کان جهلڻ لاءِ جيڪ منيا هوندا آهن انهن کي مُنا ڪري چيو ويندو آهي. اهي ڪاٺ جا هوندا آهن.

**منجي:**

ڪاٺ جو اهو تختو جنهن تي ارٽ ٺهيل هوندو آهي انهي تختي کي پاوا يا پايا چئني ڪندن تي هوندا آهن جيڪي چرخي کي زمين کان اڌ مُنو فوٽ متي بيهاريندا آهن جئن ڪتڻ واري کي سٽ ڪتڻ ۾ آساني ٿئي ۽ پهو پوري سڌائي ۾ اوپٽي سان هجي ۽ چرخي کي هلائڻ ۾ آساني ٿئي.

**مال (ملھ):**

اها ڏور يا رسي جيڪا چرخي جي چٽ ۽ يونٽري واري حصي کي هلائي جيئن ارن مان يونٽري ڦري سٽ مان ڌاڳو تيار ڪري. اها مالھ کي چم جي پٽي سان بہ تيار ڪن جئن مضبوط رهي ڪي سٽ کي وٽي ان مان تيار ڪن.

**سون:**

دنيا جي ڌاتن ۾ سڀ کان وڏيڪ قيمتي ڌات سون آهي. انسان جي ارتقائي تاريخ ۾ ڪنجهي، ڪانسي، ٽامي ۽ لوھ بعد چاندي ۽ سون جي استعمال جو ذڪر نظر اچي ٿو. رگ ويد جيڪو 2000 ق م يا 500 ق م ۾ لکيو ويو ان ۾ اسان کي سنڌو درياھ لاءِ ”سون ورني“ يعني سون جهڙي يا سون وانگيان جا لفظ ملن ٿا.

اهرام مصر جي کوٽائي مان فراعنہ مصر جا جيڪي لاش مليا آهن ۽ جيڪو سامان مليو آهي انهن م سونا زيور وغيرهھ آهن ۽ ڪن ممين کي اهي پارائي پوءِ دفن ڪيو ويو تو ڏسجي. انسان پنهنجي ارتقائي حيات جي جدوجهد ۾ سون کي بہ آڳاٽو حاصل ڪيو ٿو ڏسجي. مهر ڳڙھ جي کوٽائي مان جيڪو سونو هار مليو انهي تهذيبي دور لاءِ بہ اهو رايو آهي تہ

اها بہ اٺن کان ڏھ هزار سال ق .م پراڻي آهي. اهڙي ريت مهين جي دڙو هڙپہ يا ٻين هنڌان قديم آثارن ذريعي جيڪي شاهديون مليون آهن انهن جي آڌار ۽ انساني ارتقا ۾ سون جو استعمال ان جي قدر، قيمت ۽ اهميت جو اندازو اڄ کان پندرهن ويهہ هزار سال اڳ تصور ڪري سگهجي ٿو. سون حد کان وڌيڪ باھ ۾ ٻري ڳنڍو ٿي سگهي ٿو. سون هڪ اهڙو ڌاتو آهي جيڪو پنهنجي وجود کي وڃائي نٿو لوھہ يا ٽامي وانگيان هن کي ڪٽ ڪا نہ لڳي موسمي اثرات سندن وجود کي ختم ڪري نٿا سگهن.

سون کي انگريزي ۾ ”گولڊ“ عربي ۾ ذهب“ ”هندي ۾ ”سونا“ فارسي ۾ ”زر“ ۽ ”طلا“ چيو وڃي ٿو هي ڌات نامياتي وحدت ۾ اجزاءَ ترڪيبي طور هڪ ئي جُزر ڪي ٿي. هن جو رنگ پيلو پر ڳوڙهائي وارو ٿئي. ماڻهو پنهنجي دولت گڏ ڪرڻ لاءِ سون کي ترجيح ڏين حڪومتون ناڻي جي قهلاءَ لاءِ زر ضمانت طور سون رکن. سون جا سڪا هر حڪومت ۾ نهن سڪندر يوناني جو سونو سڪو هو. ان جي دور کان اڳ يا پوءِ پڻ بادشاهن جا سونا سڪا رائج رهيا. انگريزن جي دور ۾ ”گني“ جو سڪو هلندو هو. سون مان عورتن لاءِ ڳهہ ڳٺا تيار ٿين جيڪي سندن حسن کي دوبالا ڪن ٿا. سون جي سچائي ۽ رنگت کي ان جي حسن کي شاعرن پنهنجي شعري ۾ ڳايو آهي. سون سچائي جو بدل آهي چوٽي آهي تہ هي ڳالهہ سچي نبارسون جهڙي آهي. معنيٰ تہ ٻوليءَ ۾ پهاڪي يا اصطلاح ۾ بہ سون جو لفظ وڏو ڪم ڏئي ٿو.

سون ورنيون سوڍيون رپي رانديون ڪن. الخ
ساٺهہ سال ڪلهن تي سامي سون سري. الخ
پکي تنهنجا پر سڀ مڙهايان سون سان.

## عزازيل

اسلامي روايات جي نقطئہ نظر سان ”ابليس“ عزازيل ۽ شيطان هڪ

ئي شخصيت جا مختلف نالا آهن. مسلمانن جي روايتي ڳالهين جي مطابق عزازيل بهشت مان تڙي ڪڍيل فرشتو آهي. قرآن شريف ۾ عزازيل جو لفظ ڪٿي بہ ڪم آيو آهي. بلڪ ابليس جي نالي سان هن کي پڪاريو ويو آهي. توريت ۾ هن جو نالو ”عزائيل“ آيل آهي ( 16-26.10.8 Levitious) مسلمانن جي روايتن ۾ ۽ يهودين جي بعض اسفار معرفہ يعني خنوخ ۽ صحيفہ ابراهيم جي بيانن ۽ يهودي مت جي شرح ۾ هن کي شرح و بسط سان بيان ڪيو ويو آهي. جنهن جي مطابق ”عزازي“ هڪالي ڪڍيل فرشتن عزه ۽ ”عزائيل“ سان تعلق رکي ٿو.

ڪن حديثن ۾ هن ڳالھ کي بيان ڪيو ويو آهي تہ نڪرڻ کان اڳ ابليس جو نالو ”عزازيل“ هو. ان حديث جي رواين جو سلسلو ابن عبس رضہ تائين پهچي ٿو. ان کي الجيلي عبدالڪريم پنهنجي ڪتاب ”الانسان الڪامل“ ۾ پڻ بيان ڪيو آهي.

حضرت آدم کان اڳ روءِ زمين تي جنات آباد هئي ابليس جيڪو ملائڪن جي هڪ گروھ مان هو جنهن کي الجنت چيو ٿي ويو. الله تعاليٰ ان کي انهن ۾ قاضي ڪري موڪليو ۽ هڪ هزار سالن تائين هن انهن ۾ عدل قائم رکيو مگر ايندڙ ٻن هزار سالن ۾ جنات روءِ زمين تي فساد ۽ غارتگري برپا ڪري ڇڏي ۽ ابليس کي آسمان تي واپس اچڻ جو حڪم ٿيو ۽ اتي خازن مقرر ٿيو.

ابليس الله تعاليٰ جي ايتري عبادت ڪئي، جيتري ٻئي ڪنهن فرشتي نہ ڪئي. الله تعاليٰ هن کي معتبر فرشتو بنائي ڇڏيو ۽ هن جو لقب ”عزازيل“ ٿيو. مگر جڏهين آدم جي تخليق ٿي تہ ان موقعي تي آدم جي عظمت ۽ تڪريم سبب هن جي اندر ۾ حسد جي باھ ڀڙڪي اٿي، ڇاڪاڻ تہ رب تعاليٰ جي طرفان فرشتن کي حڪم ٿيو تہ آدم کي سجدو ڪيو. ( واذ قلنا للملائڪت اسجدو لادم فسجدو الا ابليس ابي واستڪبر وڪان من الڪفرين (البقر 34)

(اسان فرشتن کي حڪم ڪيو تہ آدم جي اڳيان جهڪي وڃو (سجدو ڪيو) سيئي جهڪي ويا (سيئي سجدو ڪيو) مگر "ابليس" انڪار ڪيو پنهنجي وڏائي ۽ گهمنڊ ۾ اچي نافرمان ٿي ويو) هنن بنا چون چران جي آدم کي سجدو ڪيو ليڪن ابليس ملعون آدم کي سجدي کان انڪاري ٿيو. انهي تڪبر ۽ وڏائي جي سبب کيس مردود قرار ڏيئي لعنت جو طوق سندس ڳلي ۾ وجهي هڪاليو ويو.

*(ماخذ اردو معارف دائرت الاسلاميہ ص 312)*

**ڳچي:**

انساني جسم جي مٿي ۽ ڌڙ کي ڳنڍڻ واري حصي کي ڳچي يا ڪنڌ چئبو آهي هي ڪلهن کان شروع ٿئي ڳچي جي ڊيگهہ چار يا ڇهہ انچ ٿئي مٿئين حصي کي سر چئبو آهي. انسان توڙي جانور کي ڳچي ٿئي ڊگهي ۾ ڊگهي ڳچي زراف جي ٿئي ان بعد اٺ جي ڳچي ڊگهي آهي، ڳچيءَ ۾ عورتون ڳهہ پائين جيڪي ان جي حسن کي وڌائين پر ظلم ۾ بہ ڳچي ۾ ڦاهي اچي يا زنجير پون.

ڳچي ڳانا لوهہ جا زيرون ۽ زنجير...الخ

**پاند:**

ڪپڙي کي ڀن پاسن کان جهلي ڪنهن ڏانهن سجبو تہ اهو پاند آهي. پاند گنڍي جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ واري حصي کي بہ چون، پنهنجي قميص يا چولي جي اڳر کي جهلي جهول ڪبو تہ اهو بہ پاند آهي. ماڻهوءَ کي پرچائڻ ۽ آري نيزاري لاءِ پاند وجهبو آهي. رب جي حضور ۾ بہ پاند جهلي دعا پنبي آهي تہ مشڪل حل ٿئي. پاند کي "پلئو" بہ چئبو آهي.

پائي "پاند" ڳچيءَ ۾ اڱڻ جي اچن...الخ
ڪانڌ مَ ڪٽي ٻانهڙي پرهہ مَ ڪٽي "پاند"...الخ

**ڦورو:**

سٽ کي ڪتي ان کي ور ڏيئي ڦورو ٺاهبو آهي ملس، ڏاس، اُن سٽي وغيرهه مان ڌاڳو وٽي ٺاهڻ لاءِ به ڦورو ٺاهبو آهي ڍيري تي ڌاڳو وٽي ٺاهيندڙ اهو ڦورو ڪلهي ۾ وجهي پوءِ ڪتين ڪپهه جو به ڦورو ٺاهي ڍيري تي سٽ ڪتبو آهي. ڌاڳو ٺهي وڃڻ بعد ان کي ويڙهي ور ڏيئي ڦورو ٺاهبو آهي.

”سنئين پوي صراف کي، ڦولهي نه ڦورو. الخ

**چت:**

انساني دل دماغ واري يادگيري واري عمل کي چت سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. ”چت“ دل کي به چيو ويندو آهي. چت کي نيت سان به ڳنڍيو ويندو آهي. چت احساس ۽ انساني فڪر جو اهو مرڪز آهي جيڪو سندس تشخصيت کي جوڙي ٿو.

چَتُر رهي نه ”چت“ ويڻن واڳيو نه رهي...الخ

**دُڪو:**

وزن يا تور ڪرڻ وارو وٽ هن کي تولو به چون اڳئين انگريزن واري وقت جو رپيو دڪي/ تولي جو هوندو هو يعني 12 ماسا. محمود شاهه بيگڙي وارو سڪو ٽامي جو پڻ دڪي جو آهي، اڪبر ۽ اورنگزيب جي دور جا چاندي جا سڪا پڻ انهي وزن جي مثال آهن. ٻار کي زالون ننڍي هوندي صبح جو سوير مکڻ ۾ ڦوٽا سنها ڪري ڪنڌ ملائي اهو مکڻ ڪارائينديون هيون، انهي کي پڻ ٻار کي دُڪو ڪارائڻ چيو ويندو هو اڄ ڪالهه اهو رواج ختم آهي ايا به ٻهراڙي جون عورتون ٻارن کي صبح جو دڪو ڪارائينديون آهن.

**رنڍا:**

ڪتيل سٽ ۾ پڙايا آڻ هوندي ته چوندا ته هي رنڍن وارو سُٽ آهي

يعني صاف ۽ سريڪو ڪتيل نہ آهي. ڪتي سنهو تہ ڪتان وري ٿلهو تہ ڪتي وري پڙا هجن اهڙي سٽ کي ”رنڍين وارو سٽ“ چئبو آهي. ڪاٺ کي سولو رندو لڳل نہ هوندو تہ ڪاريگر چوندو تہ هي رنڍن وارو تختو يا ٻانهين آهي معنيٰ تہ ڪردري آهي. رسي کي وٽڻ مهل سولو وٽ ۽ آنٽ نہ آئي تہ چوندا هي رنڍين وارو رسو آهي. يعني سريڪو ۽ هڪ جهڙو نہ آهي.

**ماڻڪ:**

هي هڪ قسم جو قيمتي سرخ رنگ جو پٿر هوندو آهي. جيڪو قدرتي طور تي جبلن جي اندر پيدا ٿئي ٿو، جيئن زمرد وغيرهہ جا پٿر ٿين تيئن ماڻڪ بہ هڪ قسم جو پٿر آهي ۽ کاڻين مان ملي ٿو. هن کي ”لال“ بہ ڪري ڪوٺين هن پٿر جي ڪاريگرن کي وينجهر چئبو آهي، اهي تراشي پالش ڪري تيار ڪندا آهن. هن جا ننڍا توڙي وڏا ٽڪرا ٿين هن مان گول مڻڪا بہ تيار ڪن جيڪي گلي ۾ هار طور تي ڪم اچن ماڻڪ هيري وانگيان قيمتي آهي ماڻڪ کي اوندهہ ۾ رکبو تہ هن جي چمڪ ڏسڻ ۾ ايندي. هي پٿر نہ صرف جواهرات جي سلسلي سان ڪم اچي ٿو پر هن مان حڪيم ڪُشتا وغيرهہ تيار ڪندا آهن. هن پٿر کي بادشاهي تاج جي ڇٽ ۾ يا گلي ۾ پيل هار ۾ هڻندا آهن. ڪي ماڻهو هن سان ستارن جي علم جي بنياد تي ڪئين ڳالهيون وابستہ ڪندا آهن. بهرحال لڳي تہ لڪ لهي بقول لطيف

”ماڻڪ“ منڊ هٿان پيتيءَ ۾ پرزا ٿيو..الخ
ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو..الخ
اگهيو ڪائو ڪچ ماڻڪن موٽ ٿي..الخ

**ململ:**

هي ڪپڙي جو هڪ قسم نفيس قسم آهي جيڪو ڪپهہ جي ڌاڳي مان تيار ڪيو ويجي ٿو. واديءِ سنڌ جي ململ تاريخ ۾ وڏي حيثيت واري آهي. ململ جي ڪپڙي جو ذڪر تاريخ جي ڪتابن ۾ نهايت آڳاٽو نظر اچي ٿو. 500 ق م يوناني مورخ ”هيرو ڊوٽس“ پنهنجي سفر نامي ۾

”سندين“ نالي هڪ نفيس ڪپڙي جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو مصر، بابل، اُر ۽ يونوچ سمونڊ وارن ڪناري وارن ملڪن ۾ استعمال ٿيندو هو. بنيادي طور تي اها سنڌ جي ململ هئي جيڪا انهن ملڪن جي بادشاهن ۽ انهن جي بيگمات لاءِ خصوصي استعمال ۾ ايندي هئي. قسطنطنيه ۽ روم جون شهزاديون اهو سنهو ڪپڙو نهايت پسند ڪنديون هيون ۽ پائينديون هيون. مصر جي فراعنه مصر جي لاشن کي ممي ڪرڻ وقت سندين ململ کي ليپ ڏيئي استعمال ڪيو ويندو هو. ”توريت“ ۾ پڻ ”سنڌيل“ ڪپڙي جو نالو آيل آهي. عهدنامه جديد ۾ آيو آهي ته ”يسوع مسيح“ کي صليب تي چاڙهڻ کان پوءِ ”سندن“ ۾ ويڙهي هڪ پيتي ۾ وڌو ويو. عهدنامه جي يوناني متن ۾ لفظ ”سندن“ ٿن هنڌن تي استعمال ٿيل آهي. رگ ويد ۾ پڻ سنڌ جي انهي نفيس ڪپڙي ”ململ“ جو ذڪر آيل آهي (ماخذ: سنڌ جا هنر ۽ قديم سنڌ).

**جهرڪين (جمع) جهرڪي:**

هي هڪ قسم جو ننڍڙو پکي آهي. جيڪو اڪثر ڪري گهرن جي ڪانن جڙيل پٽين يا ڪائين گهر ۾ پنهنجو آکيرو ٺاهيندو آهي جهرڪي جو رنگ ميرانجهڙو ۽ ڪنين تي هلڪا گهرا ميرا نشان ٿين ڇهنب سنهي ٿئي نر جو رنگ ماديءَ کان مختلف هوندو آهي. هن جو مٿو ڪارسرو ۽ ڪنڀ قدري ناسي ڇٽن وارا ٿين. جهرڪي ٻئي پير گڏي ڪٽي ٽيڪو ڏيئي هلندي آهي. جهرڪين جا ولر ڪرن جي ٻٽئي ٽيڻ بعد ٻاهه واري هنڌ تي جهرمٽ ڪري اچي لهندا آهن. جهرڪي ڪمزور پکي آهي هن کي سرڻ ۽ ڪانو پنهنجو شڪار سمجهي ڪاچ ڪندا آهن. جهرڪي ڪک ڪٽي پنهنجو آکيرو آنن لاهڻ وقت ٺاهيندي آهي. هن جا ٻچا ڇاليهن ڏينهن بعد مس ڪنڀ ڪڍندا آهن جهرڪي پنهنجي ٻچن کي چوڳو پنهنجي ڇهنب ۾ جهلي آڻي ڪارائيندي آهي. جيستائين هو اڏامڻ جهڙا ٿين. جهرڪي کي چڙي به چئبو آهي.

**ٽڪ:**

هي لوهہ جي سنهي سرائي وانگر ٿئي ٿي هن جو هڪ پاسو نهايت باريڪ سنهو ٿئي جيڪو اوبڻي مان ڇڪي آندل ڪپهہ جي ريشي کي وٽ ڏيئي ڌاڳي جي صورت ڏئي ٿي ٽڪ جيترو صاف ۽ صيقل هوندي اوترو هو ڌاڳو سنهو تيار ڪندي، ٽڪ ۾ ور پئجي ويو تہ هو ڌاڳي کي سٺي ريت نہ ٺاهيندي. لطيف چواڻي:

ٽڪ ڏنگي ور گهڻا ڪتيان ڪچاڙو....الخ

چرخي يا ارٽ ۾ ٽڪ جو وڏو ڪم آهي. هي ڌاڳو ٺاهي ان کي ڦيري سان ڦوري جي شڪل پڻ ڏيندي ايندي آهي. توري ڪير واري يا اجا ڦرون آهي تہ ان کي بہ ٽڪ چون. ٽرڪ لفظ بگڙيل صورت ۾ ٽڪ استعمال ٿئي ٿو.

**اوبڻي:**

هي لوهہ جو هڪ ننڍو سنهو ٽڪرو ارٽ جي پڙٽي واري چڪري سان لاڳو هوندو آهي. هن جو منهن آر جي ڪنڊي جيان ٿئي هي ڪپهہ جي پهي مان انجيريشي جي تند ڇڪي ٽڪ تي آڻي ٿي جيڪا ڌاڳو تيار ڪري ٿي سنڌي ۾ پهاڪو آهي تہ ”آهر ڪٿي اوبڻي رن وڃائي رنبو“

**لينجهون: (جمع) لينجهہ:**

سٽ جي تند جيڪا پهي مان نڪري اڳتي وٽ لاءِ وڃي ٿي ان ۾ وٽ سان ڪٽي پڙا يا ڳنڍڙيون جيڪي نهايت خفيف يا اڻ لکيون هونديون آهن تڏهين بہ اهي سٽ جي تند ۾ ظاهر ٿي بيهنديون آهن. اهڙي قسم جي سٽ کي لينجهہ وارو سٽ چئبو آهي.

**تاڃي:**

ڪپڙي اڻڻ لاءِ سٽ جا بہ قسم ٿين هڪڙو تاڃي وارو سٽ ٻيو پيٽي وارو سٽ تاڃي وارو سٽ وٽائتو ۽ نفيس ٿئي ڪوري ڪپڙي اُڻڻ کان اڳ سٽ جي ڦري جي ڌاڳي کي سڌو ڪري ان جو يڪو ويڙهو يا ڍيرو ٺاهين ۽ پوءِ جيتري لام وارو ڪپڙو ٺاهڻو هوندو ان لاءِ ڪاٺ جي اوتري ويڪر

يعني ڪپڙي بر جيترن ٽڪرن تي تمام سنهيون ڪليون هڪٻئي جي نهايت لڳو لڳ هونديون ڪاريگر پنهنجي اڏي تي تند کي شروع وارو وٽ ڏيئي تاڃي ڪيندو ۽ اهي تندون انهن هڪ ٻئي سان مليل ڪلين وسيلي هونديون تاڃي تيار ڪري ان کي پنهنجي آڏاٽي جي اڏي تي چاڙهيندو ۽ سڻ جي نڙن ذريعي اٽت جي حساب سان نڙا هلائيندو، هت "تاڃي توريائون" مان مراد تاڃي وارو سڻ آهي.

**پڙا:**

سڻ جي تند ۾ تيل ڳنڍڙين کي پڙو يا پڙا چيو ويجي ٿو. اهي ڪپهه جي پهي کي صحيح طور تي تيار نہ ڪرڻ جي ڪري ڪتڻ مهل ٿيندا آهن جو ڪپهه پوري ريت سائيل/سٽيل نہ هوندي آهي ڪپهه کي ساٽي سان جيترو گهٽو سٽبو اوترو ان ۾ ريشو يعني تند وڌيڪ پيدا ٿيندي ڪي ڳوٽ ٿي ڊهي وڃن تہ انهن لاءِ پڙو، پڙا لفظ استعمال ٿئي ٿو، جئن مومل جا پڙا، ڳاڙهو پڙو وڏن دڙن کي بہ پڙو چئبو آهي.

**اٽل:**

ساهي ۾ تور وقت هڪ پاسي وٽ/ ٽورا وجهبا آهن ۽ ٻئي پڙ ۾ سامان وجهي توربو آهي. سامان وارو پاسو ٿورو هيٺ ٿيو يعني ڪانٽو يا ڪانو ٿورو نميو تہ ان کي چوندا تہ اٽل آهي. يعني جيڪو وزن پيل آهي ان کان سوائي شيءِ آهي انهي کي اُٽل چئبو آهي. بقول لطيف:

اٽــل اوڏاهــين جيڏانهــ پيجــل پرائــي...الــخ

**ڪوريين (جمع) ڪوري:**

ڪپڙي جي اٽت واري ڪم ڪندڙ کي ڪوري چيو ويندو آهي، انهي پيشي ۽ ڌنڌي اختيار ڪرڻ ڪري اهو ذات ٻڌجي ويو ڪپڙي جي اُڻڻ جو ڪم اڳئين وقت ۾ ميمڻ، گهراڻا، سما، پٽي توڙي ٻيون ڪيتريون قومون ڪنديون هيون پر هن ۾ اڪثريت ميمڻ گهراڻن جي وڌيڪ هئي جيڪي پنهنجي انهي اهم فن سبب ڪوري سڏ جڻ لڳا ڪورين جي آڏاٽن جا آڪاڙا

ڪچهرين ۾ محبتن جا مرڪز هوندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو لطيف فرمايو تہ:

هلو هلو ڪوريين نازڪ جن جو نينهن
ڳنديين سارو ڏينهن، چنڻ مور نہ سڪيا

شاهہ

ڪو ٽانو جهڙوڪ ماٽي ڏڌ ولوڙڻ واري يا پاٽ استعمال نہ ٿيو آهي هتان آوي مان نڪتي آهي تہ چوندا تہ هي پاٽ ڪوري آهي. هي ماٽي ڪوري آهي يعني اجا استعمال نہ ٿي آهي، سمونڊ جي پاڻي جي چاڙهہ جيڪا زمين ۾ اڳتي ڪاڏ ڪري ڪنڌائتي نڪري اچي تہ ان کي بہ ڪوري ڪاري چون.

**نجهرا:**

اهي ماڳ هنڌ جتي ڪتڻ واريون ويهي انهن جهوپڙن يا آڪاڙن ۾ ويهي ڪتين تہ انهي کي نجهرو يا نجهرا ڪري چيو وڃي ٿو.

**ووڻ:**

هي هڪ قسم جو ٻوٽو آهي جيڪو ڪپهہ پيدا ڪري ٿو. هي ٻوٽو واديءِ سنڌ جو نهايت آڳاٽو ٻوٽو آهي جنهن لاءِ يوناني اهو چوڻ لڳا تہ هتي چاندي جا وڻ آهن. ووڻ جي پوک اپريل يا مارچ جي پڇاڙي ۾ پوکي ويندي آهي هن ٻوٽي جو پن پنجن ڦاڪن وارو ٿئي جئن هيرڻ جو پن آهي هيرڻ جو پن وڏو آهي هن جو پن ننڍو ٿئي ووڻ سفيد گل جهلي جيڪي ڳيجي ڳاڙها ٿي ڇٽي پون ۽ انهن ۾ گوگڙو لڳي گوگڙو لاٽون جي شڪل جو ٿئي هن تي بہ ڦاڪن جا نشان هوندا آهن. گل ڇاٽي بعد ووڻ ۾ گوگڙي لڳڻ بعد چاليهہ ڏينهن ۾ گوگڙي اندر ڪپهہ تيار ٿيندي آهي. ان کي ڦٽي چئبو آهي جولاءِ ۽ جون جي پڇاڙي ۾ گوگڙو ٽڙڻ شروع ٿئي جنهن مر ڦٽي سفيد گل جيئن سونگڙي ۾ ڪلي بيهندي آهي. قديم زماني ۾ سنڌي ووڻ هوندو هو جنهنجي ڦٽي جون چار ڦاڪون ظاهر هونديون هيون انگريزن

آئي ېج تبديل ٿيا هاٿي ته تجربا ڪري نيون جنسون ووٽن جون تيار ڪيون ويون آهن جيڪي نهايت لاياڻيون آهن. ووڻ جي ڦٽين مان ڪڪڙا جيڪو ووڻ جو ٻج آهي اهو ناٽي ڪڍي ڪپهه تيار ڪئي ويجي ٿي. جنهن مان ڌاڳو تيار ٿئي ٿو ۽ ڪپڙي ناهڻ جي ڪم اچي ٿو. بقول لطيف:

نه سي ووڻ ووٽن ۾ نه سي ڪاتياريون...الخ

## بازاريون( جمع) بازار/ بازار:

مال ۽ جس يا شين جي ڏي وٺ وڪڻڻ ۽ وٺڻ لاءِ شهرن يا وڏن ڳوٺن ۾ انهيءَ جا مختلف دڪان هوندا آهن، جڻن ريزڪي جو دڪان سيڏي جو دڪان ڪپڙي جو دڪان، دوائن جو اسٽور، پسارڪي وڪر جو دڪان، وغيره شهرن ۾ اهڙي قسم جا دڪان هڪ ٻئي جي آمهون سامهون وچ تي هلڻ چلڻ گاڏن ريڙهن وغيره ماڻهن جي اچڻ وڃڻ لاءِ جاءِ هوندي آهي. اهڙي گذرگاهه يا هنڌ کي بازار چئبو آهي. جيڪو بازار لفظ آهي يعني جتي زر يعني ناڻي جي ڏيڻ ۽ وٺڻ سان ڪاروبار هلي. مال جي وٺڻ وڪڻڻ جو ڪم ٿئي جيئن حيدرآباد جي شاهي بازار، ڪراچي ۾ صدر بازار، لاڙڪاڻي ۾ ڪپڙي بازار، خيرپور ۾ ڪجور بازار، سکر ۾ ريشم بازار، وغيره اهڙين بازارن جا وري چونڪ هوندا آهن. انهن بازارن ۾ شاهوڪارن جون پيڍيون دلال ۽ گماشتا هوندا آهن جيڪي مال جي ڏيڻ وٺڻ جا سودا ڪندا آهن. لطيف اهڙين بازارن جي ڦٽي وڃڻ تي دانهه ڪئي. پسيو بازاريون هينئڙو مون لوڻ ٿئي" شاهه

## لوڻ:

ڪي اڪثر ڪري سمونڊ جي پاڻي مان تيار ڪيو ويندو آهي ڪراچي ۾ ماڙي پور ويجهو لوڻ جون ڀنيون آهن جن ۾ سمونڊ جو پاڻي ڇڏيندا آهن ته اهو زمين جي ڪلراٺي هئڻ سنبب سج جي گرمي تي خشڪ ٿي پوندو آهي ۽ لوڻ جا سنگ ٺهي پوندا آهن .ڪلر وارين زمينن ۾ لوڻ پيدا ٿئي، هن جو ذائقو ڪڙو آهي. هي ڪاڌي ۾ ڪم اچي لوڻ کي اج ڪالهه

صاف ڪرڻ جا ڪارخانا پڻ آهن. لوڻ ڳنڍين جي صورت ۾ تئي ۽ پاڻي ۾ وجهڻ سان هڪدم ڳري وڃي ٿو. پنجاب ۾ کيوڙا ۾ لوڻ جون ڪاٽيون آهن. جيڪي جبلن ۾ آهن انهي کي سينڌو لون چون هي وڏن ڳنڍين جي شڪل ۾ ٽڪري ان ڪان سواءِ پسار ۾ ڪارو لوڻ پڻ تئي جيڪو دوائن ۾ ڪم اچي.

**عرب:**

عرب نسل قوم دنيا جي نهايت قديم ترين قوم آهي ارتقائي حيات ۽ اقوام عالم ۾ هي قوم پنهنجو هڪ خاص مقام رکي ٿي علم السينہ يعني علم الانسان جي بنياد تي دنيا جي تاريخ دانن ماهر اثرايات ۽ باقيات جي کوجين تحقيق جي بنياد تي قومن جي اوسر ۽ ارتقا جي جيڪا تقسيم ڪئي آهي انهيءَ ۾ آرين نسل، سامي نسل، دراوڙ نسل ۽ حامي نسل قومون اچي وڃن ٿيون جيڪي هن ڪرهہ ارض جي ملڪن ۾ هن وقت آباد آهن.

سامي نسل قومن ۾ اموري، اشوري، صورابي، فنيقي، ڪلراني، ڪنعاني عبراني، آرامي وغيرهہ قومون اچي وڃن ٿيون، جيڪي وچ مشرق، اتر آفريڪا، خليج فارس، عدن جي نار، صحراءِ عرب ۽ صحراءِ سينا تائين ڦهليل آهن. سامي قوم مان اشورين امورين بابل، اُر، نينوا، سوسا جهڙن شهرن کي پنج هزار ق م سالن ڪان اڳ آباد ڪيو ۽ تهذيب جي عروج تي پهچايو. ٻئي طرف واديءِ نيل جي تهذيب مصر ۾ پنهنجو ڌاڪو ڄمايو آثار قديمہ ۾ اڄ بہ انهي خطن جي عدن کي وڏي جاءِ مليل آهي انساني تهذيب جي ارتقا جي ڪهاڻي انهن جي ذڪر ڪان سواءِ اڻ پوري آهي. جناب حضرت ابراهيم لاءِ تاريخ دانن جو فيصلو آهي تہ اهو ”اُر“ شهر ۾ پيدا ٿيو جنهن جا قديم آثار عراق ۾ موجود آهن. حضرت ابراهيم دين حنفيہ جو بنياد وڌو. حق جي دعوت ۾ ان وقت جي بادشاهہ نمرود حضرت ابراهيم کي آڙاهہ ۾ وڌو خاران ساڻس گڏ هو، جيڪو جلي

خاڪ ٿي ويو. ڪائنات جي رب باهه کي حڪم ڪيو ته تون ابراهيم لاءِ ٿڌي ٿي. حضرت ابراهيم ٿي شاديون ڪيون تنهين مان ڪيس نرينه اولاد هو. ساجده مان اسماعيل، ساره مان اسحاق، پنهنجي زال ساره جي اصرار تي حضرت ابراهيم حاجره ۽ اسماعيل کي فاران جي طرف هجرت ڪري وٺي ويو جتي اڄ مڪ معظم آهي، ڪائنات جي رب عرب جي بي برگ بيابان ۾ اسماعيل لاءِ پاڻي جو چشمو مهيا ڪيو، جيڪو آب زم زم جي نالي سان 2500 سال ق م کان اڄ تائين قائم آهي. ڪائنات جي رب حضرت ابراهيم کي انهيءَ جاءِ تي پنهنجي گهر تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان وقت کان وٺي ڪعبہ الله جي نالي سان مشهور آهي ۽ عالم السلام لاءِ متبرڪ آهي خداوند قدوس انهي شهر کي مڪ جو نالو ڏنو جتي دنيا جو آخري پيغمبر رحمت اللعالمين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن پيدا ٿيا جن جو آخري آرام گاهه مدينة المنور ۾ آهي. دنيا جا لکين مسلمان هر سال فريضہ حج ادا ڪرڻ لاءِ اتي ايندا آهن.

عرب دنيا مراڪش، تيونس، لبيا، الجزائر، مصر، شام، اردن، فلسطين، لبنان، سعودي عرب، عراق، يمن، عمان، حضر موت، بحرين، عرب امارات وغيرهه ملڪن تي مشتمل آهي. عربي دنيا جي پهيو نمبر ٻولي آهي. عرب دنيا ۾ سعودي عرب کي وڏي اهميت آهي. عرب اڪثر ڪري مٿي تي سفيد يا رنگين ٽوال رکي ان مٿان عقال ٻڌندا آهن ۽ ڊگهو جبو پائيندا آهن سندن سلوار پائجامي نما تمام ننڍي هوندي آهي عرب جا ڪيترا ملڪ جهڙوڪ مصر، مراڪش تيونس ۽ ٻيا مغربي تهذيب سان آشنا آهن. دنيا جي تاريخ ۾ عرب قوم کي وڏو مقام حاصل آهي.

## ڪابل:

هي شهر افغانستان جي گادي جو هند آهي. ڪابل شهر جديد ۽ قديم طرز جي ٻنهين قوتن سان آراسته آهي. ڪابل شهر پهاڙي علائقي ۾ هئڻ سبب ۽ سرد آب هوا ۽ وڻڪار سبب نهايت وڻندڙ شهر هو ليڪن

گذريل ڏهن پندرهن سالن کان طالبان ۽ گهرو ويڙهہ سبب ڪابل جي اها رونق نہ رهي آهي ۽ سياحن جي آمد گهٽ آهي.

**پچيائون، پچ، پنچڻ:**

ڪپهہ مان ڪڪڙا ڪڍي ان کي نهايت سنهين لڪڙين جيڪي ليءُ يا بانس جون هونديون آهن انهن سان سٽبو آهي انهن لڪڙين کي ساڻو ڪوٺبو آهي. ڪپهہ ان، يا ملس ۽ ڏاس وغيرهہ کي جيڪو گهٽو سٽبو يا پچبو اوترو اها وڌيڪ باريڪ ۽ ريشم دار ٿيندي ڪپهہ يا ان وغيرهہ جي انهي سٽڻ واري عمل کي پچڻ چئبو آهي. پچ ڏاڍي مار ڪڍڻ کي بہ چئبو آهي. اڳئين وقت ۾ استريون ڪون هونديون هيون انگريز يا ڌوبي ڪپڙي کي تهہ ڪري پاٽي جو چندو ڏيئي ڏونگري سان سٽيندا يا پچدا هئا تہ ڪپڙي مان مر وغيرهہ نڪري وڃي پچڻ جي ڳالهہ تي لطيف فرمائي ٿو تہ:

مون کي ماءُ مجاز پيچارڙي جيئن پچيو. *الخ*

ڪپهہ يا ان وغيرهہ کي پچڻ وارن کي پچارو چوندا آهن. جيڪي ڪپهہ کي پچي ان جا پها ٺاهي سٽ ڪتڻ لائق بنائيندا آهن انهي سبب پيچارو ذات بڻجي ويئي. سوڙ يا پٽراڻي وغيرهہ ٺاهڻ لاءِ ڪپهہ کي پچيو ويندو آهي. هڪڙو ساڻي سان جنهنجو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ٻيو ان لاءِ وري ڪاٺ جي ٺهيل گول يڪتاري جهڙي تند وجهي جيڪا ٽي چار فوٽ ڊگهي ٿئي ان کي ڪپهہ جي وچ ۾ رکي تند کي ڌڪ هڻندا تہ ان سان ڪپهہ جا ڦندڻ ٿيندا ۽ ان مان ڪن ڪچرو نڪرندو ويندو ڪپهہ جون ڳنڍيون کلي وينديون ۽ ڪپهہ اڦرڪي پوندي جئن سوڙ وغيرهہ ڀرڻ ۾ آساني ٿئي ۽ ان کي ٽوپي ڏيڻ ۾ سولائي ٿئي شهرن ۾ انهي قسم جا دڪان آهن هاڻي تہ مشينن ذريعي بہ ڪپهہ پچي صاف ڪري ڏيندا آهن.

# سُر ڪاپائتي

## داستان پھريون

تـــوڙي تـــونِ ڪاتـــار، جَـــم هيڪَلـــي پيـــرِيين
ڏِنـــي ڪـــا ڏُئـــارِ، صـــراف تنهنجـــي ســـٽَ ۾

*(دا - 1 ـــ بيت 1)*

- توڙي = جيڪڏهين، جيئن ئي.
- ڪاتار = (مصدر ڪتڻ امر ڪت، ڪاتار (اسم فاعل) سٽي ڪتڻ واري قابل ڪتيندڙ ڪتڻ ۾ پڙ، ماهر، هوشيار.
- هيڪلي = اڪيلي، يڪي سر، پنهنجو پاڻ.
- پيرين = (مصدر پيرڻ = هلائڻ ڦيرائڻ) چرخو هلائيين ڪتيين، ڦيريين.
- ڏني = تو ڪاڏني، توکي نظر آئي.
- ڏئار = پڙي ڏاڳي ۾ گُهندي اصطلاحي معنيٰ ۾ بدبختي.
- صراف = پرکيندڙ جيڪو سون چاندي ۽ شين جي اصليت ۽ سچائي کي پرکي هت سٽ پرکيندڙ مراد آهي.

لطيف ارٽ تي سٽ ڪتيندڙ عورت کي مخاطب تيندي فرمائي ٿو تہ جيئن تہ توڙي جو تون سٽ ڪتڻ ۾ پڙ ۽ هوشيار آهين انهي هوشياري کي شاعر توڙي تون ڪاتار“ جي لفظن سان مخاطب آهي برابر تون سٽي ڪاتار آهين پر تون سرتين، سهسين هڪ جيڏين کان الڳ تي ڪري چرخو چورين تي سٽ ڪتين تي تنهنجي انهي ڪم کي ڏسڻ ۽ توکي

ڪجهہ ٻڌائڻ وارو ٻيو ڪير ڪو نہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو صراف ڪي تنهنجي سٽ ۾ ڏنا ڏسڻ ۾ آيو يعني تنهنجي سٽ ۾ پيڙا ۽ گهنڍيون هيون انهي لاءِ ضروري آهي تہ تنهنجي سٽ ۾ ڪاڪمي نظر نہ اچي ان لاءِ توکي سرتين سان گڏ آتڻ تي چرخو ڪتڻ گهرجي.

هن بيت ۾ تورو غور ڪبو تہ ڪي حق جا طالب بنا ڪنهن رهبري جي ذڪر فڪر ۾ مشعول هوندا آهن جن کي ذڪر جي لطيفن ۽ منزل جي ڪا خبر نہ هوندي آهي هنن جي دل ۾ محبت، عشق ۽ اتساهہ ضرور آهي پر قلب جي مختلف ڪيفيتن جيڪي ذڪر ذريعي پيدا ٿين ٿيون يا قلب تي جن روين جو توارو ٿئي ٿو سالڪ انهن کي سمجهڻ کان قاصر هوندو آهي. ان لاءِ شاعر اهو ڏس ڏئي ٿو تہ اڪيلو انهي ڏور کي نہ ڏور پر ڪنهن رهبر جي پاڻان وڏيڪ ڇاڻ واري جي رهبري حاصل ڪرڻ ضروري آهي. جيئن قبض ۽ ضبط جون منزلون سوليون طئي ٿين ۽ مالڪ کي تنهنجي ذڪر ۾ ڪا ڪوتاهي ۽ غيريت نظر نہ اچي.

جَنــــي پيرئــــو هيڪَلـــي تَنِـــي ميڙئـــو مـــاءِ
تَنــــدُ اِهـــڙي ســـاءِ، مـــون آتَـــڻِ نـــہ اُجَهَـــي

(دا - 1 ــ بيت 2)

- جني = جن، ضمير.
- پيرئو = ڦيريو (چرخو هلايو).
- هيڪلي = اڪيلي سر، پنهنجي منهن.
- تني = تن (ضمير جواب موصول).
- ميڙيو = گڏ ڪيو (مصدر ميڙڻ، اويڙ).
- ماءِ = اي امڙ!
- تند = سٽ جي تار، ڌاڳو.
- اهڙي ساءِ اهڙي طريقي سان اهڙي ساءِ يعني محبت واري رمز سان، ويهي ڪتيو جن ٻين کي ڏيکارڻ کان سواءِ پنهنجي منهن اڪيلي سر

ويهي ڪتيو.

- مون آتڻ نہ اڇهي:
- آتڻ= ڪتن واري جاءِ جتي ويهي چرخي تي سٽ ڪتجي.
- اُڇهي = (مصدر اڇهڻ) اُڪلي، بيان ٿئي. ڪم ٿئي مون ڪان آتڻ تي ڪجهہ نہ نٿو اڇهي.

هن بيت ۾ شاعر پنهنجي منهن ڪتڻ واري جو ذڪر فرمائي ٿو تہ انهي اهڙي "ساءِ" يعني محبت ۽ عشق مان پنهنجي منهن ويهي جيڪو سٽ ڪتيو ان ڪان اهڙو سٽ آتڻ تي جيڪي هيون سرتيون سهيلون آهن، اتي ڪتجي نٽي سگهيو ڇو تہ انهن سَان ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪتڻ مهل عشق جي جيڪا ڇڪ ۽ لنو هئي ان ۾ گهٽي ياد ٿي پئي.

پورو خيال ۽ توجهہ انهي پاسي نہ پئي ٿيو جيڪو اڪيلائي ۾ ٿيو ٿي. هن بيت ۾ عبادت جي ڏيکاءَ واري عنصر کي ظاهر ڪندي شاعر ان جو ذڪر ڪري ٿو تہ جن بہ ٻين کي ڏيکارڻ ۽ ڏيکاءَ بدران پنهنجي نفس جي خواهشن کي ماري صرف الله جي خوشنودي لاءِ عبادت ڪئي انهن ڪٿيو ۽ اها عبادت جيڪا هنن لوڪان لڪائي پنهنجي منهن خيال ۽ ڌيان جي يڪتائي سان ڪئي وسوسن ۽ وهمن کي داخل ڪرڻ نہ ڏنو پر پاڻ کي حاضر حضور سمجهي عبادت ڪئي.

جـان ڪَتِـين تَـان ڪَـتِ، هـيءَ هَـڏِ وهـاڻي
ڪاپـائِتي سَـيَڪا ڪتـي سـيباڻي
ڄـانتو جَـنِ ڄـاڻي، تَـنِ هتـان پَهـيِ نَـہ ڇَـڏي

*(دا - 1 _ بيت 5)*

- جان = جيسين، جيترو جيستائين.
- ڪتين = تون ڪتين.
- تان = تيستائين، تيترو.
- هيءَ هڏ = هي ويل، مهل، وقت، ٽاڻو.

- وهاڻي = ويئي، گذري ويئي، هلي ويئي.
- هي هڏ وهاڻي = هي ويل ڇاڻ ويئي، هي وقت وهامي ويندو، گذري ويندو.
- ڪاپائتي = ڪتڻ واري ڪاپي واري.
- سيباڻي = وٽندڙ، سٺي لڳندڙ.
- ڪاپائتي سيڪا = سيئي ڪتڻ واريون.
- ڪتي سيباڻي : ڀر انهن ڪا ڪا ڪتيندڙ وٽي تي سيني، ڪتڻ وارين مان مانائتي ٿئي.
- ڄانتو (ڄاڻڻ) = سمجهيو، خيال ۾ آندو.
- جن = انهن، جنهين، ڊ.
- ڄاڻي = سمجهي، خيال ۾ آڻي صحيح طور تي پرجهي .
- تن = تن ڪان تنهين ڪان.
- تن هٿان = انهن جي هٿان تنهين جي هٿان.
- پهي = ڪپهہ جي پئي، جيڪا هٿ ۾ جهلي سٽ ڪتبو آهي، جنهن مان تند نڪري ڌاڳو ٺهي ٿو.

شاعر ڪتڻ واري ڪي مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو تہ توڪان جيترو ٿي سگهي يا جيئن بہ ٿي سگهي سٽ ڪت ڇو تہ هي ويل يا وقت وڃڻ وارو آهي. وهامڻ وارو آهي موٽي نہ ايندو جيڪا بہ گهڙي/ ساعت گذري ٿي اها زندگي ۾ وري موٽي نٿي اچي لطيف وقت جي ”ويرا“ يا ساعت، عمل جي اهميت کي اجاگر ڪندي عمل ڪرڻ لاءِ جتائيندي نهمايش ڪندي فرمائي ٿو تہ ”تي هڏ وهاڻي“ هي مهل وري نہ ايندي وهامي/ گذري ويندي.

ڪتڻ واري ڪاپائتي سيڪا ڪتي ٿي، پر ڪنهن ڪنهنجو ڪتيل وٽي ٿو. سيبائي ٿو روح کي وٽي ٿو. سٺو لڳو ٿو. پوءِ اهو ڪهڙو بہ هجي اصل ڳالهہ وٽڻ جي آهي. جن انهي رمز کي سمجهيو تہ اهو پورهيو جنهن ۾ اتساهہ ۽ محبت جو دخل آهي اهو پسند پوي ٿو جن انهيءَ کي محسوس

ڪيو انهن هئان پهي ڪا نہ ڇڏي، عبادت ۽ ياد الاهي جو عمل بہ انهي رمز سان لاڳاپيل آهي جيڪو "يحببڪم ۽ يحبو ناالله جي مصداق هجي.

هِـيءَ هَـڏِ وِهـاڻي، جـان ڪَتِينـدينءَ تـان ڪَـتُ
ڪَــو پَنهنجِــي عَيــد ڪــي، پيــري ڪــجُ پَـرَتُ
متـــان روئِـــين رَتُ، صُـــباح وچ سَـــرتيين

(دا - 1 _ بيت 4)

- هي هڏ وهاڻي = بيت ٽئين ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- جان = جيستائين/ جيترو تي سگهي.
- ڪتيندينءَ = تون ڪتيندينءَ.
- تان = تيستائين، ان وقت تائين.
- ڪو: ضمير مخفف جي صورت ۾ ڪم آيل آهي. لاڙي لهجو "ڪو ڪرين/ ڇا پئي ڪرين، ڪُلاڪرين/ ڪنهن لاءِ پئي ڪرين/ ڇالاءِ پئي ڪرين/ ڪنهن لاءِ پئي ڪرين هت "ڪو" ڇو ڪرين جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي.
- عيد ڪي = پنهنجي عيد لاءِ.
- پيري = چرخو ڦيري، سٽ ڪتي.
- ڪج = تون ڪجائين، (مضارع جي صورت).
- پرت = پراءُ وارو، پيٽ وارو.*
- متان = پوءِ وري امر = نہ + تان = ڪان پوءِ) ان ڪان پوءِ.

---

* لطيف هتي سٽ ڪتڻ واري ڪاتار جو ذڪر ڪندي ان کي پرت وارو سٽ ڪتڻ جو تاڪيد تو فرمائي جئن ان مان جاڏو ۽ پيٽ وارو ڪپڙو تيار ٿي سگهي جيڪڏهن پرت پرڻ مقصود هجي ها تہ شاهہ سائين "پرتيار" جو ڪتي ذڪر فرمائي ها جيڪا پرت پريندڙ هجي. بيت ۾ چرخي تان سٽ ڪتڻ جو ذڪر آهي. ان لاءِ اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ سني قسم جو سٽ ڪتي جنهن سان پراءُ وارو ڪپڙو پيٽ دار نموني ۾ تيار ٿي سگهي (ڪاشف).

- رت روئين (اصطلاح رت رئڻ) = سخت افسوس ۾ ارمان ڪرڻ.
- صباح (صبح) = صبح جو سويل صبح ٿيڻ سان.
- وچ سرتين = سرتين جي وچ ۾ پنهنجي سهيلين هڪ جيڏين جي سٿ ۾ شاعر سٽ ڪتيندڙ ڪاتار ڪي نصيحت ڪندي تاڪيد سان فرمائي

ٿو تہ وقت نهايت تيزي سان گذري رهيو آهي. ويل وڃي پئي جيڪا گهڙي گذري ٿي اها وري موٽي ڪا نہ ٿي توڪي جيترو بہ ڪتڻو آهي اهو ڪتي وٺ. هت شاعر انسان کي پنهنجي نيڪ عملن ڏانهہ بہ ڌيان ڇڪائي ٿو تہ جو ڪجهہ ڪرڻو آهي اهو ڪري وٺ حياتي جو وقت گذرندو پيو وڃي. ٻئي سٽ ۾ فرمائي ٿو تہ انهيءَ خوشيءَ واري ڏينهن جيڪو عيد جو سڳورو ڏينهہ آهي ان کي ماڻڻ ۾ ملهائڻ لاءِ پرت وارو سٽ ڪت جيڪو سٽو ۾ پيٽ دار هجي هتي آخرت جي ڏينهہ جي توشي لاءِ تاڪيد ڪندو نظر اچي ٿو. ٽئين سٽ ۾ فرمائي ٿو تہ تان ان ڏينهہ تي جيڪو حساب ڪتاب جو ڏينهہ آهي. توکي انهيءَ صبوح سان پنهنجي هڪ جيڏين سرتين جي وچ ۾ رت روئڻو پوي شرمسار ٿيڻو پوي، جن کي پنهنجي نيڪ عملن سبب سرهائي هجي ۾ تون پنهنجي ڪوتاهين ۾ لڳاين ڪري افسوس ڪندي نظر اچين، ان لاءِ ضروري آهي تہ تون انهي آخرت واري ڏينهہ لاءِ نيڪ عملن سان پاڻ کي سنوار جيئن توکي ڪنڌ هيٺ ڪرڻو نہ پوي.

ڪتڻ جي ڪا نہ ڪرين، سُتي ساهين هڏ
د سباح اينديئي اوچتي، عيد اڳهاڙن گڏ
جت سرتيون ڪنديون سڏ، اُت سڪنديءَ سينگار کي

*(دا - 1 - بيت 5)*

- ڪتڻ جي نہ ڪرڻ (اصطلاح) = ڪنهن ڪم کي اختيار نہ ڪرڻ. پورهيو نہ ڪرڻ سستي ۾ غفلت ڪرڻ.
- سُتي = سمهين پئي آهين، بي خبر ٿي پئي آهين، بي اوني آهين.
- ساهين هڏ = (اصطلاح هڏ ساهڻ) = ڪم نہ ڪرڻ ڪم ڪار کان

لنوائڻ سستي اختيار ڪرڻ، آرس موڙڻ، ڪرموڙڻ.

- صباح = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي/ سپاٽي، اڳئين ڏينهن، ايندڙ ڏينهن پوءِ جيڪو اچي.
- اينديئي اوچتي بنان ڪنهن خبر ۽ ڄاڻ جي ڪنهن شيءِ جو ٿي پوڻ، اچانڪ اوچتو.
- عيد = خوشيءَ جو ڏينهن.
- عيد اڳهاڙن گڏ = سجن، سڪڻن، بي ثمر سامان وارن سان عيد ڪرڻ.
- جت = جتي، جنهن مهل، جنهن هنڌ.
- سرتيون = هڪ جيڏيون، سهيليون.
- اُت پ اتي، انهي ماڳ، هنڌ، جاءِ، ان وقت.
- سڪندينءَ = مايوس ٿينديءَ ارمان ٿيندو.
- سينگار = (پرا، سنگار: سن، شرنگار، شرنگ = پيار جو وڌڻ+ ر = وجڻ) اها سونهن سجاوٽ جنهن سان پيار وڌي، سينگار جا سورهن قسم چيا وجن ٿا. يا سينگار لاءِ سورهن شيون گهربل آهن. جن سان سونهن وڌي ٿي. عورت جا سورنهن سينگار مشهور آهن جن جي سجاوٽ سان من موهي ٿي.

شاعر ڪتڻ واري ڪا تار ڪي چوي ٿو تہ تون ڪتڻ جي ڪا ڪار ڪا نہ ٿي ڪرين پر آرس موڙيو هڏ ساهيو سٽي پئي آهين پير ڊگها ڪري سمهڻ مان ڪي ڪين ورندو چو تہ سپاٽي يعني ايندڙ ڏينهہ جيڪو اچي پيو يا ايندو اهو اچانڪ ايندو اتي تون بي ثمرن سان، سڪڻن سان ڪهڙي عيد ڪندئين ڪهڙي خوشي ملهائيندئين اتي توکي تنهنجون سرتيون هڪ جيڏيون جن وٽ سپ ثمر هوندو توکي سڏينديون سڏ ڪنديون تون اتي بنا سينگار جي ڪهڙو منهن ڪڍندئين.

بنيادي طور تي هن بيت ۾ شاعر قيامت جي ڏينهہ جو ذڪر ڪندو نظر اچي ٿو. جيڪو اوچتو ئي ايندو انهي ميدان ڪارزار ۾ انهي وڏي

ڏينهہ تي جت عملن جو ليکو ٿيندو جن وٽ پنهنجي چڱاين ۽ نيڪ عملن جو ثمر هوندو انهن کي ڪا پرواهہ ڪا نہ هوندي، تون انهي ڏينهن جي اون ڪر ستي هڏ نہ ساهي، تو جيڏيون تو جهڙيون پنهنجي نيڪ ڪمائي ۽ عملن سان سينگار جي ميدان تي اچي بيهنديون ۽ توکي پاڻ ڏانهن سڏ ڪنديون اتي تنهنجي حالت شرمساري ۾ ڪهڙي ٿيندي. هت ڀانهي کي عمل ۽ زندگي جي لاءِ چڱاين جي جدوجهد جي ترغيب ۽ ان ڏانهہ ڌيان ڇڪايل آهي.

پــــائي ڏورِ اَرَٽَ ۾ ڪتـــين نـــہ ڪُـــوڙِي
وِنهـــانءَ جـــي واڌا ئيـــين پُـــوٽِي سَـــنيُوڙِي
مَتــي جَنِهــہ مــوڙِي، ســاڪِئُن ويهــي ويسَــرِي

(دا - 1 — بيت 6)

- پائي = (مصدر پائڻ = وجهڻ جئن سُئي ۾ ڌاڳو پائڻ مطلب تہ ڪنهن بہ شيءِ ۾ ٻيو ڪجهہ وجهي اهو پائڻ ۽ وجهڻ آهي).
- ڪتين نہ = ڇو نہ ٿي ڪتين، ڪتڻ جو ڪم نٿي ڪرين.
- ڪوڙي = ڪم ڪوس، ڪم ڪان نٽائيندڙ.
- ونهان (وهانءَ) = (پرا، وهاهہ، سن: وراهہ = پاڻ ۾ چڱي طرح سان + وهہ = وٺي وڃن = سَتوٽن سائن سان پرٽجن، شادي، پرٹو.
- واڌائيين = مبارڪون، خوشيون.
- پوٽي= (پٽي) هلين.
- پوٽي سنيوڙي =(سنيرڻ مصدر (ن مان نڪتل) سنيري، تيار ٿي پئي هلين.
- جنهن = جنهن کي.
- موڙي = مڙ، پري نندي، ذميداري.
- متي جنهن موڙي = جنهن جي متي تي بار آهي. ذميداري آهي.
- ويسري = (مصدر وسرڻ) = غافل ٻي خبر، ٻي اوني.

ڪتڻ واري کي گهرجي تہ ارٽ/ چرخي ۾ ڏور يا مالهہ وجهي ڪم

ڪان نتائي نہ چرخي ڪتڻ ڪان لنوائي نہ ڪم ڪوس نہ تئي. شاعر ڏيان چڪائيندي چوي ٿو تہ شادي جي واڌائين/ مبارڪن لاءِ هيڏانهن، هوڏانهن تون سنيپريو هلندي وتين. توکي پنهنجي ڪم ۾ مقصد جي ڪا يادگيري ڪا نہ آهي. چو تہ تنهنجي متي تي ڪو بار ڪو نہ آهي. ڪا اون ۾ اوسيئڙو ڪو نہ آهي. پر اها ڪاتار جنهن جي متي تي بار آهي ذميداري آهي. اها ڪڏهين بہ ويسري يا غافل نٿي رهي سگهي. هت بنيادي طور تي زندگي جي مقصد سان لڳاءُ ۾ ان جو حصول ماڻهوءَ کي پنهنجي وجود جي اهميت ۾ ان جي هئڻ جو احساس هئڻ گهرجي ۾ پنهنجي آدرش/ مقصد سان سچو رهڻ گهرجي، ڪڏهين بہ انهي ۾ غفلت ۾ ويسر نہ ڪرڻ گهرجي زندگي جي ڪاميابي جو راز البيلائي ڳهيلائي ۾ سنيوڙي وتڻ ۾ نہ آهي. پر عمل ۾ جدوجهد ۾ آهي. هت شاعر ڪاتار جي ڪتڻ واري نڪتي کي بيان ڪندي زندگي ان جي چڱاين جي حصول جو سبق ڏيندو نظر اچي ٿو. جنهن سان انسان جي زندگي ۾ سقلتا ۾ بهتري پيدا ٿئي ٿي.

نہ ڪين ڪتوءِ ڪالَ، اَجُ پڻُ اُجهڻَ کي مَرين
مُنا مَنجِي اُڪرِئا، اَرِٽ ڍِرُڪي مالَ
هَٽي تَنِي جي حالَ، جن ڪاپي مَنجهان ڪِينَ ڪِئو

(دا - 1 - بيت 7)

- نَ ڪِين ڪتوءِ = تو ڪجھ نہ ڪتيو.
- ڪال (ڪالھ) = ڪلھوڪي ڏينهن اڳئين ڏينھ.
- اُجهڻ = ڪجھ بہ نہ اُڪلڻ، سمجھ ۾ نہ اچڻ.
- اوجهڻ کي مرين = توکان ڪجھ نٿو اڪلي رڳو رلڻ لاءِ آتي آهين، توکي ڪجھ سمجھ ۾ نٿو اچي.
- مُنا = چرخي پاسن وارا بہ مُنا هڪڙو هڪ پاسي ٻيو ٻئي پاسي اهي مضبوط ڪاٺيون جيڪي چرخي کي جهلي بيهن.
- منجي = چرخي واري ڪاٺ جي تختي جي ٺهيل منجي جيڪا زمين

ڪان متيري ٿئي.

- اڪرڙا = لڏي نڪري ويا، ڍرا ٿي ويا.
- ڍُرڪي = ڍري ٿي پئي. لڙڪي پئي.
- مال (مالهه)= چرخي ڪي هلائڻ واري گولائي ۾ سٽ جي ڏوري.
- هئي = (هاءِ) افسوس.
- هئي تني جي حال = انهن جي حال تي افسوس آهي.
- ڪاپي منجهان = ڪتڻ مجهان. ڪاپو ڪرڻ اصطلاح = محنت/ پورهيو ڪرڻ.
- ڪين ڪئو = ڪجهه نه ڪئو.

شاعر ڪتڻ واري کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته نه تو ڪالهه ڪجهه ڪيو يعني ڪالهه به تو نه ڪتيو ۽ اڄ به توکي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪا نه ٿي اچي ته ڇا ڪجي ۽ ڇو ڪجي ۽ ڪيئن ڪجي. تنهنجي بي توجهي ۽ ڪم سان لڳاءُ نه هئڻ سبب چرخي جي منجي جا مُنا اڪرڙي ويا ۽ ارٽ کي نه هلائڻ سبب ان جي مالهه به لڙڪي پئي آهي. تنهنجي انهي حال تي افسوس ۽ ڏاڍو ڏک آهي جو تو پنهنجي ڪاپي/ پورهئي مان ڪجهه به حاصل نه ڪيو آهي، ڇو ته تو انهي ڪم کي جيڪو توکي ڪرڻو آهي ان کي ڪيو ئي نه آهي. هن بيت ۾ انسان لاءِ نصيحت جا نڪتا آهن. پهريون ته انسان کي ڪو به ڏينهن يا گهڙي ڪم/ عبادت کان واندو وهڻ نه گهرجي. شاعر ڪالهه جي سستي ۾ عمل نه ڪرڻ ۽ اڄ به انهي روش کي اختيار ڪرڻ واري ڪيفيت ڏانهه ڌيان ڇڪائي اهو واضح ڪري ٿو جنهنجي جنهن به پورهئي سان وابستگي آهي اهو انهي کي نٽو ڪري ته ان سان لاڳاپيل شيون خود به خود خراب ٿي وڃن ٿيون. عابد عبادت نه ڪندو ته نفس پنهنجي خواهشن جي ور چڙهي ويندو ۽ ان ۾ سرڪشي پيدا ٿيندي. جيئن ڪتڻ واري جي ارٽ جا منا اڪرڙي ويا مالهه ڍري ٿي ويئي. زهد عبادت ۾ به سستي سبب انسان خواهشن ۽ دنياوي روين جي ور چڙهي وڃي ٿو. آخر ۾ انهن جي

حال تي افسوس ظاهر ڪندي چوي ٿو تہ اهڙن فردن کي حيف آهي انهن لاءِ افسوس جو مقام آهي جيڪي دنياوي، ديني توڙي روحاني رمز ۾ روين مان ڪجھ حاصل ڪري نہ سگهيا آهن جڏهن سگهہ هوندي بہ ست آهن عقل هوندي نادان آهن .

اَڄُ پـڻ اُڄَهـڻَ ڪـي مَـرِين، نڪـين ڪتـو ۽ ڪـال
اَرَتِ اوڏِيـائي نـہ وهـين، محڪـم وٽـي مـالَ*
پـوري توسـين پَـالَ، ڪانـڌُ ڪرِينـدو ڪيتـرا

*(دا - 1 - بيت 8)*

- اڄ پڻ = اڄوڪي ڏينهن.
- اُڄهڻ = (سن: اُ ٻڌ) = ڏسڻ، سمجهڻ (هي لفظ بيت 7 ۾ پڻ آيل آهي مختلف رسالن ۾.

انهي لفظ جي صورت اڄڻ، اوڄڻ= اُڄهڻ ڪري ڏنل آهي سنڌيءَ لفظ اڄهڻ = اڪلڻ، صادر ٿيڻ، سمجھ ۾ اڄڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي "ڪا ڳالھ نٿي اُڄهي يعني سمجھ ۾ نٿي اڄي آهي، نہ ڪي رلڻ آهي. "اُڄهڻ" ۽ "اڄهڻ" ۾ فرق آهي. گنج توڙي 1867ع واري بمبئي اول ڇاپي ۾ لفظ "اُڄڻ" ڏنل آهي. جيڪو "اڄهڻ" جي صورت آهي ۽ بمعنيٰ اڪلڻ، سمجھ ۾ اڄڻ جي مترادف آهي.

- نڪي ڪتوءِ = هن جي بيت 7 ۾ معنيٰ ڏنل آهي.

---

* وچين سٽ جي پڙهٽي ۾ پويون حصو "محڪم وني" مال ڏنل آهي. جڏهين تہ بيت جي پڙهٽي ۽ ان جي ٻہ سٽو يا تہ سٽو هئڻ لاءِ جناب ڊاڪٽر صاحب جن رقمطراز آهن تہ: متن ۾ رکيل ٽن سٽن وارو بيت اوائلي دور جي فقط ٻن رسالن گ يعني گنج ۽ ڪل يعني مير علي احمد خان ٽالپور واري قلمي نسخي ۾ ائين آندل آهي ٻي سٽ جي پڙهٽي لاءِ اڳتي فرمائين ٿا تہ اصل ۾ ٻي سٽ جي پڙهٽي هن طرح آهي (ارت اوڏيائي نہ وهين محڪم وٽين نہ مال) ڊاڪٽر صاحب جن وٽين کي وٽي ۾ تبديل ڪري لکيو آهي حالانڪ وٽين وڌيڪ ﺷﺘہ هو (ڪاشف).

- ارٽ اوڏيائي = ارٽ کي ويجهي، ارٽ تي ڪم ڪرڻ سٽ ڪتڻ لاءِ وهين نٿي.
- محڪم = (ع) (حڪم) = مضبوطي سان جهلڻ، پختائي سان وٺڻ.
- پوري = اٻوجهہ.
- توسين = توسان، توساڻ.
- پال = پلايون، تورا = مهر بانيون.
- ڪانڌ = ور، ولهو سنڀاليندڙ.
- ڪريندو = (مصدر ڪرڻ) ڪندو.

اج پڻ توڪان ڪا ڳالهہ يا ڪم نٿو اچهي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نٽي اچي تو ڪالهہ بہ ڪو ڪم نہ ڪيو نہ ڪتيو نہ ڪنبيو ائين ڏينهہ گذاري ڇڏيءِ بنيادي طور تي هي زندگي جي گهارڻ لاءِ تنبيهہ ۽ سجاڳي جو سڏ آهي تہ انسان کي هر لمحي ۽ هرگهڙي لاءِ سمجهہ ڏارڻ کپي تہ وقت کي جيڪو هڪ وهندڙ پاڻي جيان آهي ۽ موٽ نٿو ڪائي، ان ۾ پنهنجي زندگي کي سڦلو ۽ سجايو ڪرڻ لاءِ دينوي توڙي روحاني طور تي انسان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي، زندگي عمل جو ميدان آهي. ان ۾ جي ڪجهہ ڪبو تہ اهو آخرت لاءِ توڙي سماجي طور تي ڪم ايندو. انهي نڪتي کي نظر ۾ رکندي شاعر ارٽ جو مثال ڏيندي چوي ٿو تہ تون ان کي ويجهي نٽي وڃين انهي مالهہ کي مضبوطيِ سان جهلي ڪجهہ ڪتين. هت مقصد آهي الاهي حڪمن کي مضبوطيءَ سان جهلڻ انهن تي عمل ڪرڻ، جيئن فرمايل آهي تہ ”واعتصمو بحبل الله جميعا“ الله جي رسي کي مضبوطيءَ سان جهليو/ پڪڙيو.

اي اٻوجهہ! پوري توسان تنهنجو مالڪ جيڪو تنهنجو رب آهي ان جون اڳ ۾ ئي توتي ڪافي مهربانيون آهن اهو توتي اجا ٻيون ڪيتريون مهربانيون ڪرڻ فرمائيندو. توکي انهي ڳالهہ تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجو وقت وڃائڻ نہ گهرجي.

سي تـو وَهـيءَ وِجائِيا جـي ڪَـتڻَ سَـندا ڏِيـنهَن
اَرَٽ اوڏِيـائي نـہ وجـين، پُـورِيِ پُـورِيِ سِـيئَن
تَنـدُ پَسـنَدِينءَ ڪيـئَن، هـاڻي تُـون وڏِي ٿئـين

(دا - 1 - بيت 9)

- سي = اهي (اشارو ڏينهن ڏانهہ).
- وهيءَ = ويهي، سستي ڪري، بي اونو ٿي.
- وهيءَ = عمر جو حصو اهو جيڪو ڪم جي قابل آهي ان کي تو ويهي گذاريو يا اها وهيءَ ويئي هلي.
- ارٽ اوڏيائي نہ وجين = عمر رسيدگي جي ڪري وڏي هئڻ سبب هاڻي تون ارٽ کي ويجهو وڃي نٿي سگهين جو تو کي پيري پيرڻ سان ڪت جي تند جي خبر پئجي سگهي.

شاعر ٿئين سٽ ۾ انهي سچي ڳالهہ کي کولي سمجهايو آهي تہ عمر جي وڏي وڃڻ جنهن ۾ تو وقت وڃائي ڇڏيو ڪجهہ نہ ڪيو، جيڪي ڪتڻ جا ڏينهہ هئا اهي وڃائي ڇڏيا. هاڻي تون تند ڪيئن ڏسي سگهندينءَ. تنهنجي عمر وڏي ٿي ويئي آهي. عمل، ڪمائي، عبادت سڀ وهيءَ تي مدار رکن ٿا. جواني جو وقت انهن لاءِ سڀ کان بهتر ۽ پلو آهي. جئن وهيءَ وڌندي تيئن عذر ۽ ڏوجهرا ڪر ڪڻندا انهيءَ ۾ اهي ڪم نہ ٿي سگهندا. آن لاءِ ضروري آهي تہ وهيءَ وقت ۾ اهو کي ڪجي جيڪو حياتي جي باقي عرصي توڙي آئيندي/ آخرت لاءِ ڪم اچي.

تـــوڙِي تُـــون وڏِي ٿِيـــين، اُتَـــي آتَـــڻ آءِ
ٿِـي پيـرِڙي پيـرَمَ واريِـين، پـي هَـڏَ ڪَـرمَ ڪـاءِ
تـہ صَـرافَ تـو صُـباحِ، ڪـوئي ڪاتـارِينَ سِـين

(دا - 1 - بيت 10)

- توڙي = جيتوڻيڪ.
- وڏي ٿيين = وڏي ڄمار وارِي ٿي ويئي آهين.

- اُٿي = (مصدر اٿڻ) ويهہ نہ همت ڪري اُٿ.
- تي پيڙي = اٽي ڳڏجي وڃ انهن سان رلي وڃ.
- پيرم = پيرو ڏيندڙ ، چرخو هلائيندڙ اها شيءِ جنهن کي پيرو ڏجي/ چرخو.
- ہي هڏ ڪرم ڪاءِ = ہيو ڪجهہ بہ نہ ڪر ان ۾ سستي نہ ڪر.
- صراف = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- صباح = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- ڪرئي = (مصدر ڪوئڻ = سڌ ڪرڻ) سڌ ڪري، سڌي.
- ڪاتارين = سٽ ڪتيندڙن.
- ڪاتارين سين = سٽ ڪتيندڙن ماهر ڪاتارين سان ڳڏ توکي سڌي

توڙي جو تون وڏي تي ويئي آهين تو ۾ اها ڳالهہ نہ رهي آهي باوجود ان جي تون همت ڪري ڪوشش ڪري اٿي آتڻ تي اچي جتي ہيون ڪاتاريون پيون ڪتين انهن سان چرخي هلائڻ ۾ اچي پيڙي تي حصو وٺ انهيءَ ۾ ڪا سستي نہ ڪر تي سگهي تہ صراف توکي سياڻي سڌ ڪري انهن ڪاتارين سان ڳڏ ويهاري ڪم ڏي، هت اشارو چڱن جي صحبت ڏي آهي. بقول فارسي واري جي صحبت صالح ترا صالح ڪنند .

سونَ سارِيڪا هَتَڙا کُهہ نہ ڪَتين رَڏِ
ويهي کُندَ ڪاپو ڪَر، گهيتين گوهيون چَڏِ
تہ صرافاڻي سَڏِ، مَرَڪِئو هُوند متائِيين

*(11 بيت – 1 - دا)*

- سون ساريڪا = سون جهڙا سچائي سان ڪم ڪرڻ وارا هٿ.
- هٿڙا = هٿ.
- کُهہ = چو نہ.
- ڪتين رڏ = ٿلهو ڪتيل سٽ رندين وارو سٽ.
- ڪند ڪاپو ڪر = (اصطلاح ڪند ۾ ڪاپو ڪرڻ) هڪ طرف ويهي

پاسيرو ڪم ڪرڻ پورهيو ڪرڻ.

- گهٽيين = (جمع) گهٽين ۾.
- گوهيون = هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ، ڪم ڪان نٽائڻ.
- صرافاٽي = صراف جي، پارکو خريدار جي.
- سڏ = آواز ڪري پڪار ڪري پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ لاءِ آواز.
- مرڪئو = (مرڪڻ خوش ٿيڻ) = خوش ٿيو.
- مٽائيين = پنهنجو سٽ ڏيئي ان جو عيوض خوشيءَ مان وٺين .

تنهنجا سچائي سان ڪم ڪندڙ هٿ سون جي برابر آهن پوءِ اهي جن هٿن ۾ محنت جو گڻ آهي اهي ڇو نہ ڪٽي رڏ يعني ٽلهو ۽ رنڊن وارو ڪتين ”الڪاسب يحب الله“ جي مصداق پورهئي واري کي الله بہ پسند ڪري ٿو. هو اهو پورهيو سچائيءَ سان پنهنجي ڇاڻ ۽ معيار مطابق ڪري ٿو سندس پورهئي ۾ ڪا کوٽ ۽ ڪسائي ڪا نہ آهي. اهڙو پورهيو سون جي سچ جيان آهي. شاعر پورهيت کي جنهن وٽ سچائي عنصر آهي. ان کي چوي ٿو تہ انهيءَ طرح سان تون جيڪو ڪتين اهو سون جي برابر آهي. تولاءِ ضروري آهي تہ هڪ ڪنڌ ۾ يعني هڪ مُنو تي گهتون گهوهيون ۽ گهٽين ۾ هلڻ ۽ نٽائڻ کي ڇڏي پاسيرو تي ويهي ڪاپو/ محنت ڪر ڇاڪاڻ تہ محنت ڪنهن جي بہ ضايع ڪا نہ ويڃي آهي. انهي محنت سان تون جيڪو ڪجهه ڪندئين اهو سٽ ڪتڻ/ عبادت ڪرڻ اهو ضايع نہ ٿيڻو آهي پر تون صرافاٽي سڏ تي ان جي ڪوٽ تي خوشي، خوشي پنهنجو مال مٽائيندئين/ مٽائي سگهندئين هٽ نيڪ عملن جو نڪتو بہ اڇي وڃي ٿو. جڏهين صراف جو سڏ ٿيندو ۽ توراڙو ترندو اتي نيڪي جي بدلي نيڪي ملندي ۽ بدي جي بدلي سزا ملندي.

مَجُــڻ پــا ڳَ يَــرُ ڏيـــين، ڪَـــتُ ڪَنبنَــدِي آءٌ
جَـــڏهِن تــڏهن مـــاءُ، پُلـــنِ پيـــرَڻَ وارِيُـــون

(دا - 1 ـــ بيت 12)

- مڇڻ = متان، هرگز، ڪڏهن بہ نہ.
- ڀاڳ = نصيب، قسمت، بخت.
- پر ڏيين = (اصطلاح پر ڏيڻ) = پاسو وٺن، ڀاڙڻ، تڪيو ڪرڻ.
- ڀاڳ پر ڏيڻ = ڀاڳ تي ڀاڙڻ، قسمت تي تڪيو ڪرڻ/ تہ منهنجو ڀاڳ ڀلو آهي سڀ ڪجهہ صحيح آهي ۽ هميشہ ائين هلندو ڪا ڳالهہ نہ آهي. اهو سوچڻ ماڻهوءَ لاءِ غلط آهي.
- ڀُلن = (ڀلجن)= گمراهہ ٿين.
- ڀيرڻ واريون = چرخي ڪي ڦيرڻ واريون يعني گهڻو ڪتڻ واريون جن کي پنهنجي ڪتڻ تي باور يا ناز ۽ فخر هوندو آهي.
- ڪنبندي آءُ = (مصدر = ڪنبڻ امر ڪنب) = ڏڄڻ، ڏڄندي آءُ هميشہ دل ۾ خوف رک.

شاعر فرمائي ٿو تہ انسان کي پنهنجي ڀاڳ تي ڀاڙڻ نہ گهرجي اهو سوچي تہ منهنجي قسمت سٺي آهي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ بخت ۽ تخت سدائين ڪنهن وٽ نہ رهيا آهن. اهي اچڻا وڃڻا آهن. ڀاڳ سج جي ڇانو جيان آهي. جنهن کي دائميت ڪا نہ آهي. انهي لاءِ تہ شاعر چوي ٿو تہ ”ڪت ۽ ڪنب“ جتي چڱا ڪم ڪرين پيو اتي پنهنجي دل ۾ پنهنجي مالڪ جو خوف رک ڇا جو ڪجهہ تون ڪرين ٿو اهو قبول ڪجي تہ جيترو تہ اها بہ وڏي خوش قسمتي نہ تہ مٽن ئي موٽ ٿيو وڃي. ڀاڻ ڏٺي ڀاڻ ڄاڻي هن کي ڪنهنجي ڳالهہ ۽ ڪهڙي ادا وڻي ٿي، اها هن صاحب رب ستار کي خبر آهي.

شاعر گهڻي ڪتڻ واري جو مثال ڏيندي چوي ٿو جڏهين ڀليو آهي تہ اهو گهڻي ڄاڻ وارو يا ڀاڻ کي گهڻو عامل/ عمل ڪندڙ چوائيندڙ ڀليو آهي. ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ دنيا کي نقصان جيترو ڄاڻ پهچايو آهي اوترو اڻ ڄاڻائي نہ پهچايو آهي. جيترو نفعو ٿيو آهي نقصان ان جي مقابلي ۾ گهڻو ٿئي ٿو ۽ ٿيو آهي. ڇو تہ حد درجي ڄاڻ ماڻهوءَ ۾ ”مان“

پيدا ڪري ٿي ۽ ”مان“ هميشه مارائيندڙ آهي.

جـــئَن پيـــرِيين ۽ پـــانئِيين، ايڏانهـــ هَـــڏَ مَ آءُ
اِنَ ســـرُڪِيءَ ســـاءُ، آهـــي عزَازِيـــل ڪـــي

(دا - 1 – بيت 13)

- جئَن = جهڙي ريت.
- پيرِيين = چرخو ڦيرين.
- پانئيين = پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ، وڏائي ۾ اچڻ.
- جئن پيريين ۽ پانئيين = جئن تون/ جهڙي ريت تون چرخو هلائي پنهنجو پاڻ کي وڏي ڪاتار ۾ سئي ڪم وارو سمجهي وڏائي ڪرين ٿي.
- ايڏانهه = انهي طرف، وڏائي واري پاڱي ڏانهه.
- هڏ مَ = هر گز نه، بلڪل نه.
- ان = انهيءَ.
- سُر ڪي = سُرڪ، ڍُڪ، چُڪي.
- ساءُ = سواد، مزو، نتيجو.
- عزازيل = هن بابت احوال اسمن ۾ ڏسو.

شاعر چوي ٿو ته جئن تون ڪتي پنهنجو پاڻ کي برک سمجهين ٿي ته هاڻي ڪتڻ جو مون تي دنگ آهي، انهي وڏائي ۽ تڪبر جو مزو عزازيل کان پڇ جيڪو پنهنجي وڏائي سبب تڪبر ۾ اچي انڪاري ٿيو ۽ تا قيامت تائين لعنتي ٿيل آهي. هٺ ۽ وڏائي شيطاني/ ابليسي صفت آهي. جيڪا انسان ۾ غرور پيدا ڪري شيطاني صفت سان آراسته ڪري ٿي تڪبر هميشه مارائيندڙ آهي. ”جنهين پانيو پاڻ ڪيبن توائي تن ڪي ”شاهه“

پيـــرِيين ۽ پـــانئِيين، اِئـــين وِڏُوٽـــو ڪانـــڊُ
ويـِنـــي اور اَرَتِ سِـــين ڳچـــي پـــايو پانـــدُ
تـــ تُـــنهِن جـــو ئـــي وِڙانـــدُ، ڪِتـــو وِتـــو نـــ ٿئـــي

(دا - 1 – بيت 14)

- ڀيريين = چرخو هلائين، ڦيرين، ڦيرا ڏيئي ڪتين.
- پانئيين = (مصدر پانئڻ = پاڻ کي سمجھڻ، هستي ڪرڻ = پاڻ سمجھڻ پاڻ پڻو، هستي رکڻ.
- ائين = اهڙي ريت، انهيءَ طرح.
- وڏوڻو = (وڏ = خامي، ڪوتاهي) خامي ڏيڻ، ڪوتاهي ڏيڻ، ڪاوڙ اچڻ.
- ڪانڌ = ور، سنڀاليندڙ، مڙس.
- اور = (مصدر، اورڻ = حال بيان ڪرڻ) ويٺي اورِ ارٿ سين = ارٿ سان پنهنجي دل جو حال ويٺي بيان ڪر.
- ڳچي پايو پاند = ڳچيءَ ۾ پاند وجهي ارٿ سان ويهي اهو حال اور جنهن سبب تنهنجي دل کي ڏيجهو يا ڪو ڏک پهتو آهي.
- وڙاندُ (اصل لفظ وٽواندُ آهي بيت جي ڀيڻا واري سلسلي ۾ اهو لفظ گنج ۽ ٻين آڳاٽن نسخن ۾ آيل آهي بيت ۾ وڙاند بجاءِ وٽواند صحيح رهي ٿو) = وٽواند: (سن. وچن + وان) = مهٽي هاب، خراب، نہ وٽندڙ
- ڪتو = ڪتيل.
- وتو = اجايو، بيڪار.

تون ڦيرا ڏيئي چرخو هلائي ڪتي پاڻ کي سمجھين ٿي تہ ڪتڻ واري ڪا صرف آئون ئي آهيان پنهنجو پاڻ کي سڀ ڪجھ سمجھڻ وڏي خامي ۽ ڪوتاهي آهي. اهو پاڻ پڻو ۽ هٺ ڪانڌ آڏو ڪاوڙ جو سبب ٿي سگھي ٿو. مالڪ کي ڏمرائي سگھي ٿو. توڪي تہ اهو گھرجي جو ڳچي ۾ پاند پائي جيڪا آزي ۽ نيزاري جي نئڙت ۽ پاڻ کي نہ سمجھڻ جي نشاني آهي. انهيءَ سان ويهي ارٿ سان اور ان سان ڪتيندي ڪنبڻ جي ڳالھ ڪر، ائين ڪرڻ، سان تنهنجو خراب ۽ ردي ڪتيل سٽ بہ قبول پئجي ويندو.

هٺ مقصد هستي ۽ هوڏ کي ختم ڪري پنهنجي مالڪ آڏو آزي نيزاري اختيار ڪري توبھ تائب ٿي هر وقت ان کي حاضر ڄاڻي خشوع جي حالت پيدا ڪري عبادت ڪجي پوءِ اها ارڪانن ۾ ڪھڙي بہ هوندي

پر نيت ۾ خلوص ۽ خوف جو عنصر آهي ته اها اڌوري سڌوري عبادت واري ڪمائي به ضايع ڪا نه ويندي ڇاڪاڻ ته رب جي ذات جي نظر ٻانهي جي دل ۽ نيت ان جي خلوص ۽ پاڻ تي يقين واري ڪيفيت تي آهي، ظاهر داري تي نه آهي. الاعمال بنيات اعمال جو مدار نيت تي آهي. انهيءَ لاءِ انسان کي هر لمحو پاڻ کي ناظر خدا سمجهڻ گهرجي ته هو مون کي ڏسي ٿو منهنجي ڪا به ڳالهه ان کان ڳجهي ڪا نه آهي. آئون هر وقت ذات حق آڏو جوابدار آهيان اها خشوع جي ڪيفيت آهي  شاعر ان ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو.

پيــــرِيين ۽ پـــانئيين، پـــانئِڻُ پِڃَــــي ڇَـــڏ
ڪِتــو وتِــو پورِهيــو هــوڏ وڃهنــديئِي هَــڏَ
هت ڏيـڍو متـين ڏڌِ، جِت ڏُڪَـنِ ڏهسَـئي واريـون

*(دا - 1 ـ بيت 15)*

- پيريين = مصدر پيرڻ (ڦيرڻ) پيرا ڏين، وري وري هلائين، ڦيرين.
- پانئيين = بيت 14 ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- پانئڻ = پاڻ کي ڪجهه ڪري سمجهڻ: پانئڻ پيڃڻ اصطلاح = هستي هوڏ ڦٽي ڪرڻ.
- ڪتو = هي لفظ ڪتڻ ۽ ڪرڻ ٻنهي مصدرن جي صورت مان نڪري ٿو = ڪيل ڪم يعني ڪتيل، ڪتيو ويو، ڪاپو ڪيل.
- وتو = بي قاعدي نهيل فعل اصل مصدر وڃڻ جنهن مان ويو جيڪو بگڙي ٿيو وتو يعني ويل يعني اها شيءِ جاڪي ائين وڃي يعني بيڪار ڪري ڇڏجي ڦٽي ڪري ڇڏجي.
- پڃي ڇڏ، هو ڏهسئي کي ڇڏي ڏي ان کي وجود مان ختم ڪر.
- هوڏ = تڪبر، هٺ، وڏائي.
- وڃهنديئي = (مصدر وڃهڻ) ڦٽو ڪري ڇڏيندءِ.
- هڏ = بنهه، بلڪل.

- هت = هتي، هن جاءِ، هنڌ، ماڳ اها جاءِ جت سوداگر سٽ سان ناٽي جي مٽا سٽا ڪن.
- ڏيڍو مٽين = ڏيڍو هڪ سڄو ۽ ٻئي جو اڌ ڪري اهو مٽائين مٽا سٽا ۾ ڏين. يا ڏيڍ سو سندن جي تاڃي ۾ اُچت وارو سٽ، سٽ جو هڪ قسم جنهن کي ڪوري ڏيڍو سٽ ڪري چون.
- جت = جنهن جاءِ.
- ڏکن = ڊپ ۽ خوف سبب ڏڪڻ، سراسيمگي واري حالت، خوف طاري رهڻ.
- ڌهسئي = ڌهہ سو تندن جي تاڃي وارو سٽ ڪتيندڙ ڪاتاريون (ماهر ڪاتاريون).

هن بيت ۾ اڪثر مطلب چوڏهين بيت وارو آهي. شاعر مزيد ڳالهہ کي ڪوليندي ماهر ڪتڻ وارن جي مثال سان بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ جيڪي ڪاتاريون هزاريو سٽ يعني هزار تندن جي تاڃي ۾ ڪم اچي يا ڏيڍ سئو واري تاڃي ۾ ڪم ايندڙ سٽ جن جي تند نهايت نفيس ۽ نازڪ ٿئي. اهي بہ مٽا سٽا مهل هيسيل هونديون آهن. اصل مقصد آهي جيڪي ڪامل شخص آهن ڏينهن رات خشوع خضوع ۾ رهن ٿا سندن وجود تي هر وقت رب جي جلال جو خوف طاري آهي. جن کي هر وقت اهو ڊپ آهي تہ اسان جي هي عبادت رياضت عشق جي اها رَمز جنهن ۾ اسين مستغرق آهيون ڪٿي نفس جي هوڙاهين يا ان جي شر جو شڪار نہ ٿي وڃي ۽ ڪيو ڪرتو ائين هليو وڃي ۽ جيڪا منزل ماڻي اٿئون ان تان هيٺ ڪري نہ پئون.

پيرَڻا جَنِ پانئِيو، تَنِ پَئِي ڪاپاتين ڪاڻ
تُنهنجي تِہ سَئِي مَٽِي تاڻ، هُتِ ڏکَن ڌهسَئِي واريون

*(دا - 1 _ بيت 16)*

- پيرڻا = مصدر : پيرڻ = ڦيرائڻ هلائڻ.
- پيرڻا جن پانئيو = جن ڦيرا ڏيئي چرخو هلائي ڪتڻ تي فخر ڪيو.

- تن = تن کي تنهين کي.
- پئي = (مصدر - پوڻ) ضرورت محسوس ٿي، غرض پيو.
- ڪاپائتين ڪاڻ = ڪتڻ وارين کي ڪتيل سٽ لاءِ خريدارن جي ڪاڻ/ ضرورت پئي/ پوي ٿي، جڏهين اهي پنهنجو مال ڪٽي اچن ٿيون تہ دڪاندار ان مان عيب ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جئن اگهہ ماري ڏي.
- تہ سئي : ٿن سون واري تاجي وارو سٽ.
- ڏکن: اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.
- ڏهسئي = اڳ ۾ معنيٰ ڏنل آهي.

هن بيت جو مفهوم ۽ مطلب قريب، قريب بيت 14 ۽ پندرهين سان لاڳو آهي. مذڪورہ ٽئي بيت ساڳي زمري ۾ اچن ٿا بيت نمبر 14 (ظ) نسخي تان ورتل آهي جيڪو ظفر ڪاظمي وارو نسخو هو باقي بيت 15 ۽ 16 وچئين دور جي رسالن تان ورتل آهن گنج ۾ نہ آهن. ظفر ڪا ظمي وارو نسخو 1206 هجري جو لکيل آهي جڏهن تہ گنج 1207 هجري ۾ تحرير ڪيو ويو.

ڪَـــتُ ڪَنبَنـــدي آءٌ، متـــان پـــاڳ پَـــرُ ڏيـــين
تـــو جيـــڏيون، تـــو سـرتيون، رونـــدي رات وهـــاءِ
اَرَتِ اولاٽئـــو مـــاءُ، ســـمورا ســـاٽ نـــي

*(دا - 1 _ بيت 17)*

- ڪت ڪنبندي آءٌ = اصطلاح ڪتڻ ۽ ڪنبڻ = عبادت بہ ڪجي ان سان گڏ خوف رهڻ ضروري آهي پنهنجي ڪئي تي فخر نہ ڪجي.
- پاڳ = پاڱو، حصو، نصيب، قسمت.
- پر = پاسو، جهلو.
- پاڳ پر ڏيين = اصطلاح، پاڳ جي پرجهلڻ، پاڳ تي پاڙڻ، پنهنجي بخت ۽ قسمت کي يا ستاري کي زور سمجهي ان تي تڪيو ڪري ويهڻ.

- تو جيڏيون = تنهنجون جيڏل تو جيتريون تنهنجي همر عمر.
- تو سرتيون= ساڳي معنيٰ ڏيندي.
- روندي = (مصدر رئڻ) روئي گذاريندي ڏک ۾.
- رات وهاءِ = رات گذاري ڇڏ.
- اولاڻو = ( اولڻ) ڦٽو ڪري ڇڏيل.
- سمورا= سڀ.
- ساٿ ني = ساٿين کان سواءِ، سرتين ۽ هڪ جيڏين ڪاتارين کان سواءِ.

انسان کي پنهنجي عملن تي/ عبادت تي/ پورهئي تي ڪڏهين بہ فخر ڪرڻ نہ گهرجي هر وقت ان جي مقبوليت هئڻ يا نہ هئڻ جو ڊپ ۽ اونو رکڻ گهرجي سٽ سٽو ڪاتار ڪتيو پر صراف وٽ پسند نہ پيو تہ هڙئي وئي ۽ ڪنبڻ جي معنيٰ اها آهي. پيو تہ انسان کي پنهنجي خوش بختي يعني اهو تہ آئون جنهن ڪم ۾ هٿ وجهان ٿو ڪامياب آهيان. مون سان قسمت جي يا وري آهي اهو ڀاڳ تي ڀاڙڻ آهي. جنهن تي ڪڏهين بہ نہ ڀاڙ جي پر پنهنجي محنت ۽ ڪم ايمانداري تي مدار رکجي ان ۾ بہ پورهيو صاب پوي يا نہ اهو اڳين جي اختيار آهي، جئن صراف وارو مثال مٿي ڏنو ويو آهي. عبادت رياضت ۾ انهيءَ خيال کي مدنظر رکجي رب کي ڪنهنجي ۽ ڪهڙي ڳالهہ وڻي ٿي اهو غيب جو علم آهي انسان کي زهد عبادت ڪري آپي کان ٻاهر نہ نڪرڻ گهرجي ۽ نہ وري پنهنجي رمز جي هامر هڻڻ گهرجي. پر بجاءِ ان جي رب آڏو آهہ و زاري ۽ التجا ڪندي راتيون گذارجن. آخري سٽ ۾ ارتِ اولاڻڻ جي نُڪتي ۾ ۽ سمورن ساٿين جي ڳالهہ ڪندي فرمائي ٿو تہ اهو مجلسي ماڻ ۽ سواد قرب ۽ ڪاڏو ويو هليو سمورا ساٿي بہ ويا هليا. هت ”صحبت سپرين جي جڏهن پوي ياد“ واري ڳالهہ جو اظهار آهي وقت جي ڌارا ان جي رفتار خبر نہ آهي. ڪيترن کي جدا ڪري ڇڏيو آهي. قرب ۽ محبت واريون مجلسون هلي ويئون شاعر اهو ياد ڏياري ٿو تہ هي سڀ ڪجهہ عارضي آهي. هلندڙ ۽ ويندڙ

آهي ان لاءِ پاڻ کي هستي ۾ نہ سمجهو پر نہ هئڻ واري راهہ اختيار ڪيو. ”نابودي نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو“ شاهہؒ.

اَنئي پهر ارٽ سين جي ڪتن ۽ ڪنبن
تن جو صرافن قورو قولئو ڪينڪين

(دا - 1 _ بيت 18)

- اَنئِي پهر = ڏينهن رات مقصد لاڳيتو، مسلسل.
- اَرٽِ سين = ارٽ ساڻ ارٽ تي سٽ ڪتينديون رهن.
- ڪَتَنِ = اهي ڪتين.
- ڪَنبَنِ = اهي ڪنبن، خوف ۾ رهن، دل ۾ ڌپ رکن.
- صرافن (جمع) صراف = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي تفصيل اسمن ۾ ڏسو.
- قورو = سٽ جو ويڙهو، ڍيرو.
- قولٽو = (مصدر قولڻ/ قولهڻ) ڪولڻ، ڪوليو ان کي جاچڻ لاءِ ڪوليو

هن بيت ۾ جتي ارٽ تي سٽ ڪتڻ ۽ صراف آڏو ڪٽي وڃڻ تہ خبر نہ آهي تہ قبول ڪندو يا ان مان عيب ۽ وڏون ڪڍندو جي ذڪر جي عام ۾ شاعر وحدت جي واٽ لهڻ وارن جي عبادت رياضت جنهن ۾ خشوع ۽ خضوع شامل آهي ۽ اهي ٻانها جيڪي پاڻ کي ناظر باالله تصور ڪن ٿا اهو هنن جي حضوري جو عالم يا مقام حضوري آهي هو پاڻ کي خوف ورجا جي وچ ۾ رکن ٿا. ”واعبد ربک حتي يا تيک اليقين“ ۽ ايستائين پنهنجي پالڻ هار جي عبادت (پيو) ڪر جيسين توکي موت پهچي.“ انهي ڪيفيت تي هلڻ وارن ٻانهن کي ڪو حُزن ۽ ملال ڪو نہ آهي ڇو تہ ذات حق انهن جي رهبري ڪري ٿي ان جو بنيادي ڪارڻ ڪتڻ ۽ ڪنبڻ آهي. الله جي ذات انهن کي دنوي توڙي روحاني طور تي اونداهي يعني غيويت مان ڪڍي سوجهري يعني حق تي آڻي ٿي. الله ولى الذين امنوا يخرجهم من الظلمت الى النور........ الله مئومنن جو سنياليندڙ (دوست) آهي ڪين اونداهين مان سوجهري ڏانهن آڻيندو آهي. اها آهي قورو نہ قولڻ جي

حقيقت انهن لاءِ حساب ڪتاب تہ نہ آهي. اهو مقام اعراف آهي جنهن تي غوث ۽ قطب، ابدال ۽ مجذوب فائز آهن. ۽ فنائيت جي انهي مقام تي آهن جت صرف حق ئي حق آهي.

چائُتِ پائي چِتَ ۾ سَنهُون ڪَتِيو جَنِ
تَنِ جو صَرافَنِ، ڏُڪو داخِلُ نہ ڪِئو

(دا - 1 - بيت 19)

- چائت = ڪوٽ، ٻيائي، دل جو صاف نہ هئڻ.
- پاٽي (مصدر پائڻ = رکڻ) = رکي.
- چت = (پرا، چت، سن: چت = سمجهڻ) = من ، جيءُ، هر دو، انسان جو اندر ضمير.
- چت ۾ چائت رکڻ (اصطلاح) = اندر ۾ ٻيائي = ڪوٽ رکڻ.
- سنهو = باريڪ.
- سنهون ڪتڻ = (اصطلاح) ڪولي ڳالهہ نہ ڪرڻ/ رازداري ڪان ڪم وٺڻ.
- جن = جنهين، انهن جو.
- تن = تنهين، تن جو.
- ڏُڪو = تمام ٿورو.
- داخل نہ ڪيو = قبول نہ ڪيو، ڏڪو داخل نہ ڪيو = پنهنجي ڪتاب ۾ نہ لکيو.

هي بيت 18 بيت جي معنوي وضاحت آهي، پنهنجي دل ۾ ٻيائي/ ڪوٽ رکي جن بہ ڪم ڪيو/ يا ڪتيو انهن جو صرافن وٽ/ صراف وٽ قبول نہ ڪيو ويو. هت ڳالهہ عمل جي آهي جنهن ۾ خلوص ۽ محبت هجي ڏيکاءَ ۽ ظاهرداري ڪان پاڪ هجي "الاعمال بينات" ان لاءِ چيو ويو آهي، بنا خلوص ۽ خشوع جي ڪيتري بہ عادت ڪبي اها انسان ۾ اهو روح ۽ نفس جو تزڪيہ يا پاڪائي پيدا نہ ڪندي پر خوف خدا ۽ ناظر باالله ٿي ڪري عبادت ڪجي قبوليت جو اختيار مالڪ کي آهي. ٻانهو تہ التجا ۽ انڪساري ڪري سگهي ٿو. نمرتا نماڻائي ۽ پاڻ کي ڪجهہ نہ سمجهڻ ئي

قبوليت جي درجي تي پهچائين ٿا.

مُحَبــتَ پـــائي مـــن ۾ رنـــدا روڙيـــا جَـــنِ
تَـــنِ جـــو صَـــرافَنِ، اَڻ تورئـــو اگهـــايو

(دا - 1 - بيت 20)

- مُحَبتَ پائي = حب رکي، پيار سان، وڏي چاهہ ۽ صدق سان.
- من ۾ = دل ۾، اندر ۾، پنهنجي وجود ۾.
- رندا = ڳنديون، پڙن وارا اهو سٽ جيڪو صاف نہ جي ۽ ٿلهو هجي .
- روڙيا = (مصدر روڙڻ = ڏار ڏار پٽڻ بجاءِ يڪو ٽاري ۾ هٿ وجهي ڇڪي وٺجي انهي کي روڙڻ چئبو آهي) چيٽ ڪري نہ ڪتيل پر جيڪو آيو جئن ڪتيو اهو ڪيو ويو.
- جن = جنهين.
- تن = تنهين.
- صرافن (جمع) = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- اڻ تورئو = اڻ= نہ + توريو = وزن ڪيو) بنا تورڻ جي بنا ڪنهن وزن ڪرڻ جي .
- اگهايو = (مصدر: اگهامڻ = قبول پوڻ) قبول ڪيو. پنهنجي حوالي ڪيو.

هن بيت ۾ جتي محبت سان ڪم/ پورهيو ڪرڻ جي آهي، "الکاسب يحب الله" ڪم وارو الله کي پيارو آهي جيڪو پورهيت پنهنجي پورهئي سان سچائي رکي ٿو ۽ ان کي محبت ۽ ذميداري سان نيائي ٿو. ان ۾ نہ صرف سترائي ۽ اُڪلاءُ ٿئي ٿو پر ڪاريڙهہ پيڙهہ ڪا نہ ٿي ٿئي ۽ برڪت پوي ٿي، قدرتي واڌارو ٿئي ٿو هت شاعر ڪتڻ واري ڪاتار جي محبت سان ڪتيل سٽ جو ذڪر ڪري ٿو تہ جنهن نهايت سچائي ۽ محبت سان پئي ڪتيو. ان جو اهو سٽ بنا ڪنهن تورڻ ۽ قولڻ جي قبول ڪري گدام حوالي ڪيو.

شاعر پهرئين بيت يعني 19 ۾ دل ۾ دغا رکي چائت ۽ ہيائي رکي

واري گڻ جي ۽ ان جي نتيجي جي ڳالھ ڪئي آهي ۽ هن ۾ محبت ۽ سچائي جي روين جو اظهار ڪري اهو ڏيکاري ٿو ته جن به محبت ۽ عشق سان ڪم ڪيو ان ۾ برڪت ۽ سڦلتائي ٿي. ڳالھ وري به انهي نڪتي تي اچي ٿي ته عبادت هجي رياضت هجي/ پورهيو پار هجي انهن سيني ۾ اصل مول انسان جي خلوص، سچائي ۽ محبت ڪي آهي. پنهنجي مالڪ جو خوف ۽ ان سان محبت رکي جن به عبادت ڪئي اها کھڙي ۽ ڪيئن به ڪئي اها ان عبارت ڪان جنهن ۾ ظاهرداري ۽ وڏائي جي ڏيکاءَ جو دخل آهي ان جي مقابلي ۾ سادگي ۽ سچائي وارو عمل مقبوليت جو درجو ماڻي ٿو.

اجا به جيڪڏهن ڳالھ کي وڌيڪ گهرائي ۾ وٺي وجبو ته اسفل ۽ احسن جو حسنات ۽ سيات جو مسئلو اچي ٿو. انسان لاءِ ضروري آهي ته هن کي جڏهين احسن تقويم سان پيدا ڪيو ويو آهي ته انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي بداعمالي ذريعي پاڻ کي اسفل السافلين ۾ جي زمري ۾ نه آڻي، پر هو پنهنجي تخليق جي مقصد کي ڏسي ان تي غور ڪري پنهنجي زندگي لاءِ لائحہ عمل تيار ڪري. باقي ادنبر ۽ تڪبر، بيائي ۽ چائت اهي اهڙا عمل آهي. جيڪي انسان کي اسفل السفالين تائين پهچائين ٿا ان جي مقابلي ۾ خوف ورجا خشوع خضوع، خلوص ۽ نيڪ نيتي ماڻهوءَ کي روحاني طور تي اعليٰ درجي تي پهچائي ٿو لطيف انهن ٻنهين بيتن ۾ زندگي کي ٻنهين رخن کي بيان فرمايو آهي. قول الله تعاليٰ : ”انہ لايحب المتسڪبرين“ بيشڪ الله وڏائي ڪندڙن کي پيار نہ ڪندو آهي (يعني پسند نہ ڪندو آهي) سچن لاءِ ارشاد آهي ته: ليجزي الله الصدقين بصدقهم الله.... سچن کي سندن سچائي جو بدلو ڏئي ٿو ”لطيف قرآن جي انهن حقيقتن جو ترجمان آهي.

ٿُلهو سَنهو اڳهيو، ڪِين جي ڪتيائين
مَرَڪئِو مَنِيائِين، صباح وِچ سَرِتيين

(دا - 1 – بيت 21)

- ٿُلهو = اهو جيڪو سنهائي وارو نہ هجي پر جاڏو هجي.

- سَنهو = باريڪ، سنّي تند رڪندڙ.
- تلهو سَنهو اَگهيو = تلهو، توڙي سنهو قبول پيو، واپس نہ ٿيو.
- ڪين جي ڪتيائين = جيتوڻيڪ هن سنهو نہ ڪتيو ائين ڪتيندي ويئي ڪتي تلهو تہ ڪتي سنهو، جهڙي ريت بہ جهڙو بہ ڪتيائين.
- مرڪئو = (مصدر مرڪڻ = خوش ٿيڻ) خوشيءَ سان.
- متيائين = سٽ کي ڏئائين ۽ ان جو اگهہ ورتائين متا ستا ٿي.
- صباح وچ سرتيين = صبح سان سرتين هڪ جيڏين جي وچ ۾ .

ڪتڻ واري جنهن لاءِ شاعر فرمايو تہ محبت پائي من ۾.... الخ،... هن بيت ۾ انهي محبت جي قياس جي بيان سان فرمائي ٿو تہ ڪتڻ واري سنهو تلهو جيڪو بہ جهڙي طرح وارو بہ جيئن ئي ڪتيو اهو صراف وٽ آڻي حاضر ڪيائين جنهن ڪاتار جي اکين ۾ السٽي محبت جي مٺيا ڏسي خلوص ۽ سچائي کي محسوس ڪندي خريد ڪري ورتو اها ڪاتار جنهنجو سنهو تلهو رنڍين روڙن وارو صراف سيبائي ڪنيو اها صبح سان ڪم ايندي پنهنجي سرتين ۾ آتڻ وارين ۾ خوش پئي ٿي. هت بہ اصل اها ڳالهہ سچائي ۽ محبت جي ۽ صداقت جي اچي ٿي اهي اهڙا قدر آهن جيڪي دنوي توڙي ديني حقائق سان لاڳو آهن ۽ بانهي لاءِ مقبوليت جو باعث آهن .

سُــتُ اُنــي جــو سَـقِرو جــي پَــرِ ۾ پچــائين
آواز اُو اَرٽ جـــو ســـاهَ نـــہ سُـــٽائين
لڪِــايو "لَطيــف" چَئــي ڪَنبئــو ڪَتــاِئينَ
جــي ماڻِــڪَ مَتــاِئين، تــوءِ مُــل مهــانگو اُنِ جــو

*(دا - 1 ـ بيت 22)*

- اُني جو = انهن جو.
- سقرو = صفائي وارو، سنو ڪتيل.
- پر ۾ = پنهنجي منهن، لڪ ۾، لوڪان لڪي، ٻين جي ڏيکاءَ کان پري
- پچائين = مصدر پچڻ = ڪپهہ کي ساڻي سان سٽ تيار ڪرڻ لاءِ

ستين جئن ان ۾ ريشو پيدا ٿئي ان کي پچڻ چئبو آهي. وڌيڪ لاءِ احوال اسمن ۾ ڏسو.

- اَو = اهي.
- ساهہ کي نہ سٽائڻ (اصطلاح) = اهڙي ريت هلائڻ جو ڪو آواز بہ نہ ٿئي پنهنجي سرير جي ساهہ کي بہ ان جي ڄاڻ نہ رهي.
- ڪُنبِئو = (مصدر ڪنبڻ = ڏڃڻ) ڏڃڻو، ڏپ ۽ خوف ۾ اچي ڪري.
- ماڻڪ مٺائين = اهي اهڙي سڦري سٽ جي عيوض ماڻڪ وٺن وڏي قيمت وٺن.
- توءِ = تنهنجو ( انهي سٽ جو).
- مل مهانگو = اهو اهڙو تہ نفيس ۽ سهڻو سٺو ڪتيل آهي جو ماڻڪ جي عيوض ان کي اجا بہ مهانگو ڪري ڏجي تہ بہ ٺهي ٿو. يعني هن جي قيمت ماڻڪن ڪان بہ مٿي آهي.

لطيف ؒ سٽ جي سڦري هئڻ ۽ ”پر ۾ پچڻ“ ۽ ارٽ جي آواز ڪي ساهہ بہ نہ سُٽي، جيڪو دم ذريعي اندر ٻاهر نڪري ٿو ان کي بہ انهي آواز جي ڪل نہ پوي. اهو سڀ هو لوڪ ڪان لڪي پنهنجي پر ۾ ڪن ٿا. بنيادي طور تي پٽ ڏٽي ؒ سالڪ جي خلوت، جلوت، زهد، عبادت ۽ رياضت سان گڏ ذڪر خفي ۽ جلي جي ذڪر سان گڏ خوف درجا جي ڪيفيتن جو ذڪر ڪندو نظر اچي ٿو ڪاتار جي ڪتڻ جي مام ۾ روحانيت جي انهن رازن ۽ حقيقتن ڏانهہ سالڪ جو ڌيان ڇڪائي ٿو هت ضروري آهي تہ ان جو ذڪر ڪجي.

- خلوت: سالڪ جو اڪيلائي ۾ ذڪر اذڪار ۽ عبادت جو شغل اختيار ڪرڻ جيئن ڪيس نہ ڪو ڏسي ۽ نہ محسوس ڪري.
- جلوت: پنهنجي روحاني ڪيفيت کي وجود ۾ يڪ جا ڪرڻ جئن جلوو نظر اچي.
- زهد/ عبادت: ڪثرت سان نفلن جي ادائيگي تهجد، اشراق ۽ مقصده

غارون باقاعدي ادا ڪرڻ ذڪر کي جاري رکڻ.

- رياضت: عبادت ۽ ذڪر جي عمل کي وري، وري دهرائڻ ۾ پنهنجي وجود جي تڪليف جو خيال نہ ڪرڻ.
- ذڪر: الله تعاليٰ کي اهڙيءَ طرح ياد ڪيو وڃي جو غير الله جو دل ۾ ڪو دخل نہ ٿئي قلب وسوسن کان پاڪ هجي ۽ حضور قلب جي ڪيفيت هجي.
- ذڪر لساني : هن کي ذڪر جهر يا جهلي چئبو آهي جنهن ۾ الله جو اسم زبان سان آواز ڪري اپاريو وڃي ٿو.
- ذڪر قلبي: هن کي ذڪر خفي چيو وڃي ٿو. جنهن ۾ الله جو اسم "لااله الا الله" قلب تي نقش ڪري زبان جي بجاءِ ساهہ جي اندر ٻاهر نيڻ سان اچاريو هي نفي ۽ اثبات وارو ذڪر آهي. قلب تي زور ڏيڻ سان دم خودبخود اسم الاهي کي قبول ڪندو ذڪر قلبي جا ست لطيف آهن. الطيف نفس 2- لطيف قلب 3- لطيف روحي 4- لطيف سري 5- لطيف، خفي 6- لطيف مخفي/اخفيٰ. نفي اثابت جي ذڪر کي قلب جو ساڃو پاسو، دل، دماغ ۽ ساهہ جي اندر ٻاهر سان انهن هنڌن تي زور ڏبو جيئن سڄو وجود اسم الاهي جي ارتعاش سان مانوس ٿئي.
- خوف درجا: هي اها ڪيفيت آهي جيڪا سالڪ کي پاڻ ۾ پيدا ڪرڻي آهي تہ مون کي خدا ڏسي پيو آئون ناظر باالله آهيان مٿس ذات جي جلال ۽ جمال جو رعب هجي ان جي عظمت ۽ التفات ڏانهن توجهہ رهي.

پر پڇائڻ وارو جڏهين اهڙي ريت حضوري عالم ۾ رهي ڪتي ڪنبي ٿو ذڪر ۽ زهد ڪري ٿو تہ ان جي روحاني منزلت جي ڳالهہ ئي ٻي هوندي آهي. جنهن کي اڳين بيتن ۾ مون ڪتي مقام اعراف سان تعبير ڪيو آهي. جيڪي "الم نشرح للڪ صدررڪ" جي مصداق آهن ۽ سندن

قلب ۾ ذڪر خود بخود جاري هوندو آهي. هنن جي نظر بجاءِ ظاهر جي حق جي تجلي ۽ ان جي نزولي ڪيفيت ڏانهہ هوندي آهي. اهڙا سالڪ، عارف ماڻڪن ڪان بہ ٿي آهن. املهہ ۽ اڻ لپ آهن لطيف انهن عارفن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ انهي وات جو ڏس ڏئي ٿو.

تُنبَائي تاڪيدَ سين جَنِ پچايو پاءُ
لَسي تَندُ لَطِيفُ چَئي هلي تَن هَتاءُ
مَلمَلِ مَنجهان ماءُ، جَنِ سکِيُو تَنِ سُونُ ڪِئو

*(دا - 1 – بيت 23)*

- تنبائي= (مصدر تنبڻ ڪپهہ کي وچائي سٽڻ جئن هو صاف ٿئي) صاف ڪرائي.
- تاڪيد = پارت ڪرڻ وارائي چوڻ.
- پچايو = معنيٰ اڳ ۾ ڏنل آهي.
- لسي تند = اها تند يا سٽ جي اها تار جيڪا پڙن ۽ گهندين کان صاف هجي انهن واري نہ هجي.
- ململ = انتهائي سنهي سٽ مان ٺهيل ڪپڙو تمام نفيس ڪپڙو هن جو احوال اسمن ۾ ڏنل آهي.
- جن سکيو = جن اهڙو سٽ ڪتڻ سکيو جنهن مان ململ تيار ٿئي/ ٿي سگهي
- سون ڪئو = انهن پنهنجي ڪاريگري سبب وڏو نفعو ڳڏ ڪيو.

هن بيت ۾ سنهي ۽ باريڪ ڌاڳي ڪتڻ لاءِ ڪپهہ کي وڌ کان وڌ پچائڻ جي ڳالهہ ڪيل آهي. جت اهو مقصود آهي اتي پنهنجي نفس اماره کي حقيقت جي وات ڏانهن پچي/ ماري مچائي/ عبادت جي ذريعي سڌارئو آهي جن ائين ڪيو ۽ انهي روش کي گس کي حاصل ڪيو. جيئن سنهين تند واري جنهن مان ململ تيار ٿي انهي ڪمايو تيئن پنهنجي نفس کي انا کي پنهنجي هئڻ واري خيال کي ترڪ ڪري جيڪا مٽيا حاصل ڪئي ان جو ڪو ملهہ ئي ڪونہ آهي.

وائي

ڪا هنيين سِين لاءِ، پوري ڪاهنيين سين لاءِ
پَهيوُن تُنهنجُون جهرڪِين جهوريُون پيئون اُڏَايُون واءُ
اَرِتَ پاسَي اوجهرين، تَو ڪي سُمَهڻ آيو سَاءُ
سَنجهَي سمُهين، صُبح سُمهين وَهي سپ وهياءِ
جَڙِ جَنِي جي جَانَ ۾ سَي لوچَنِ لالَڻَ لاءِ

اي پوري، اي موڳي هنيين سان ڪا ڳالهه لاءِ پاڻ ۾ سمجهه پيدا ڪر تنهنجي ڪپهه جون پهيون جيڪي بيگانيون ٿيون پيون هيون انهن مان جهرڪين آڪيرن لاءِ تندون ڪڍي انهن کي خراب ڪيو ۽ باقي جيڪي بچيون سي واءَ ۾ اڏامي ويئون.

تنهنجي حالت اها آهي جو ارٽ پر سان ويهين ٿي تہ بہ تون ننڊ ۾ پئي اوجهرين توکي سمهڻ اهڙو منو لڳو جو ارٽ ڪتڻ جي ڪار ئي وسري ويئي.

تو سنجهي، صبح سمهين پنهنجي ڪم جو وقت وڃائي ڇڏيو/ هت مقصد آهي عبادت ڪرڻ جي وهي وڃائي ڇڏڻ ۽ غفلت ۾ وقت گنوائي ڇڏڻ. ليڪن جن کي پنهنجي پنهنجي محبوب جي (ذات حق) جي يادگيري آهي خوف آهي ان جو عشق لڳل آهي انهن جي جان ۾ جڙ لڳي پئي آهي. اهي هر دم هر وقت لالڻ لاءِ محبوب حقيقي لاءِ لوچيندڙيون رهن ٿيون. هنن کي انهيءَ جي تات ۽ تنوار آهي.

# سُر ڪاپائتي

## داستان ٻيو

تانِسينءَ ڀڳوئي ڀير، جانِسينءَ رَتو راس ٿئي *
ٻــريءَ بيڪَــارِيءَ سِـين، هــاري پــاڻ مَر هيــر
ڪَــتُ ڪَتينــدِي ڪيــرِ، نَئِين سِــين نَڃــاٽَڃي

(دا - 2 – بيت 1)

- تانسينءَ = تيستائين، ان وقت تائين.
- ڀڳوئي ڀير = انهي ڀڳل چرخي/ ارٽ کي ڦيرائي انهيءَ ڪان ڪم وٺ
- جانسينءَ = جيستائين جڏهن اهو وقت اچي.
- رتو راس ٿئي = اهو ڳاڙهو رتول چرخو ٺهي اچي، تيار ٿي اچي.
- ٻُريءَ بيڪاريءَ = بيڪار ويهڻ، واندو ويهڻ بنا ڪم جي وهڻ ڏاڍو ٻرو يعني خراب آهي.

---

* بيت جي پهرئين سٽ ۾ ڊاڪٽر صاحب جن لفظ "تانِيَنءَ" لکيو آهي جيڪو صرف وچئين دور جي 1283هه ۽ 1329هجري وارن ٻن نسخن ۾ آيل آهي جڏهن ته گنج جيڪو 1207 ۾ لکيو ويو ۽ ٻيا اڳاتا قلمي نسخا جن جو گنج سميت تعداد 33 ٽيٽيهه آهي پيٽا ۾ انهن ۾ اها سٽ "ڀڳوئي ڀير جانسينءَ رتو راس ٿئي" ڏنل آهي. لائق محقق انهن ٻن رسالن ۾ آيل سٽ ۾ انهيءَ لفظ کي کهڙي بنياد تي ترجيح ڏني ان جو ڪو سبب ڄاڻايل نه آهي. جڏهين "جانسين" پڙهڻ سان ته انهن جو تصور مخفف+ خودبوخود پڙهندڙ آڏو اچي ٿو پوءِ به انهي لفظ کي زائد ڏيئي پڙهٽي ۾ جيڪا ڳرائي ٿئي ٿي اها انهي لفظ جي نفي ڪري ٿي (ڪاشف)

- هاري = مٽي/ تون پاڻ.
- پاڻ م هير = پاڻ کي انهي بيڪاري ۾ واندي ويهڻ تي نه هيراءِ اها بري عادت پاڻ ۾ نه وجهه.
- ڪت ڪتيندي ڪير = ڪير اچي ڪتيندي اشارو انهي رتول چرخي ڏانهن
- نئين سين نڄاڻجي = نئين ئي ڪير ڪتيندو اها خبر نه آهي.

شاعر ڪم، وقت ۾ حياتي جي بي بقاءُ هئڻ واري خيال کي نظر ۾ رکندي ڪاپائتي کي نصيحت ڪندو نظر اچي ٿو ته انهي ٻڳل ٽٽل ارٽ کي بہ اولاٽا ڏيئي پئي ڦيراءِ جئن ڪم ۾ ڪا رندڪ نه پوي ان ڳالهه جو تون انتظار نه ڪر ته جيستائين تنهنجي ڪم لاءِ ڳاڙهو رتول چرخو نهي اچي انهي جي انتظار ۾ بيڪار ويهڻ برو آهي. تو ۾ جيڪڏهين اها هير/ عادت پئي ته اها توکي زندگي جي جدوجهد ۾ عمل کان روڪيندي. توکي ڪهڙي خبر ته اهو رتو ڪڏهين راس تي رنهي جڙي ايندو ۾ توکي اهو يقين آهي ته تون ان وقت تائين حياتي هوندئين ۾ انهي چرخي تي ڪت ڪتيندينءِ خبر ته آهي ته انسان جي حياتي ڪيتري آهي انهن آتڻ تي ڪير ويهي ڪتيندو ڪا خبر ڪا نه آهي. هن ۾ شاعر زندگي جي عمل ۾ چڱاين ڏانهن ڌيان ڇڪائي اها ترغيب ڏئي ٿو ته پورهيو هجي. عبادت هجي زندگي جي جدوجهد جو عمل هجي ان کي موخر يعني آئيندي لاءِ نه ڪجي ڇو ته وقت هڪ گذرندڙ عمل آهي، جيڪو ساعتن، ڪلاڪن، ڏينهن ۾ سالن جي بنياد تي گذرندو وڃي ۾ وقت جي هر لمحي جو پنهنجو ماڻ ۾ مقدار آهي ان جي پنهنجي سياڳت ۾ سوڏا آهي ان لاءِ وقت کي هٿان نه ڇڏجي خبر نه آهي ته سياڻي ڪير اچي انهن آتڻن تي ويهندو ۾ وسيون وسائيندو.

تَـــڪَ ڏنگـــي وَرَ گهـڻـــا، ڪتيـــان ڪُـجــاڙَو
ڪـــاَپي مَتـــان ڪيتَـــرو آڻيـــان اڏارو
جـــي وَرُ ڏِئـــي وارو، تـــه سُـونهان ســرتين وچ ۾

(دا - 2 - بيت 2)

- ٽڪ ڏنگي = سٽ ڪتڻ واري سنهي سرائي ورن واري آهي.
- ڪتيان ڪڄاڙو = ونگي ٽڪ سبب ڇا ڪتيان.
- ڪاپي مٽان = پورهئي جي اجوري تان، ان جي بنسبت.
- ور = ڏٽي، مالڪ.
- ورڏئي وارو = (اصطلاح قدرت ياڳ ورائي).
- سونهان = سونهن واري لڳان، سٺي لڳان.
- سونهان سرتين وچ ۾ = سرتين جي وچ ۾ منهنجو منهن مُرڪي.

ڪتڻ واري ارٽ جي ٽَڪُ جي ورن، دنگي هئڻ جي حالت بيان ڪندي چوي ٿه اهڙي حالت ۾ آئون ڪيترو سٽ ڪتي سگهنديس.

ڪتي ڪاپو ڪري جيڪو سٽ ڏيان ٿي ان جي ايتري رقم ملي ٿي جو ان جي مقابلي ۾ مون کي وڏيڪ اوڌارو ملي نٿو سگهي ڇو ته ڪاپي ۾ ايترو سٽ ئي ڪو نه ٿو لهي جو انهن مٿين پئسن کي لاهي سگهي.

باقي ايترو سو ضرور آهي ته جيڪڏهين قسمت ۽ بخت يا وري ڪري ڪو وارو ڏئي ته پوءِ ٻي ڳالهہ آهي. جيڪڏهين قسمت ساٿ ڏنو ۽ بخت پرايو ته آئون پنهنجي هڪ جيڏين سرتين جي وچ ۾ منهن مٿي ڪري سگهنديس.

او بِينـدي عيـبن جِيُـون لِينجَهـون ڪِـيَم لِڪـاءِ
ڏاجـــي ۾ ڏِينـــداءِ ، ڪتـــي مُقابـــل ڪپـــڙا*

*(دا - 2 ـ بيت 3)*

- اوبيندي = مصدر (بڻ = تنند ڪيڻ) تنند ڪيندي.

---

* هي بيت گنج ۽ ان سان ملحق پهرئين دور ۽ ان بعد جي ٻئي دور وارن رسالن ۾ نه آهي بلڪ محقق جي لکڻ مطابق هي بيت پوئين دور جي رسالن جو آهي جيڪو ج م ع ٽن نسخن ۾ آهي جيڪي چوڏهين صدي هجري جي ٽئين ڏهاڪي جا آهن. پيٽا ۾ بيت لاءِ روايت يا ان جو تسلسل ڄاڻايل نه آهي ۽ ائين شامل ڪيل ٿو ڏسجي 1283 هجري واري پهرئين بمبئي ڇاپي توڙي ٽرمپ واري ۾ به نه آهي (ڪاشف).

- عيبن (جمع) عيب = غلطيون، ڪچايون، اوڻايون.
- لينجهون (جمع) لينجهه = پڙيون سٽ جي تند ۾ ننڍڙيون ڳنڍڙيون.
- ڏاجي ۾ (ڏيج ۾) = شادي وقت ڪنوار کي مائٽن طرفان جيڪو ساز سامان ڪپڙو گهه ڳتا ملن ان کي ڏاجو چئبو آهي.
- ڪتي مقابل (ڪتئي) = پنهنجي ڪتيل سٽ جي برابر.

چرخي تي سٽ جي تار ڪتڻ وقت ان ۾ پڙا ۽ ڳنڍيون ڪري عيبن وارو يا ڪسو نہ ڪر توکي ڏيج/ ڏاج ۾ اهو ئي ڪجهہ ملندو جيڪو تنهنجي سٽ ڪتڻ جي برابر يا مقابل هوندو.

هت بہ انسان کي پنهنجي عملن ڪرڻ ڏانهن ڏيان ڇڪايل آهي تہ جهڙي طرح جو سندس عمل هوندو ان جي مطابق کيس ان جو ڦل ملندو. جَوَ پو کي ڪڻڪ ڪا نہ لڻندو، پر جو لڻندو ان لاءِ انسان کي گهرجي تہ نيڪي ۽ چڱائي وارا عمل ڪري جئن سندس اعمال نامي ۾ چڱاين جو واڌارو ٿئي.

چَرڪــو ڏِئــي نــہ چَــسَ، پيريــان پينَــرَ نَــہ پــري
مُــون کــي مــاري مَــس، ڪتائِينــديُون ڪيتَــرو

*( دا - 2 ــ بيت 4)*

- ڏئي نہ = نہ ڏي.
- چس = مزو، آساس.
- ڏئي نہ چس = مون کي آساس ۽ مزوئي نہ ڏي.
- پيريان = (مصدر پيرڻ = ڦرڻ) ڦيريان ڦيرو/ ڦيرا ڏيان.
- پينر = اي اديون منهنجون پيٽون.
- نہ پري = نہ هلي، مون کان هليئي نہ.
- مس = زوري، سان سين.
- مون کي ماري مس = مون کي زوري زبردستي هلارائي.
- ڪتائيندِيون ڪيترو = اوهين انهي طرح سان ڪيترو ڪتائينديون

ڪتڻ واري پنهنجي ڪم ۾ عدم دلچسپي/ حرص ۽ شوق نہ هئڻ واري

صورت جو اظهار ڪندي چوي ٿي تہ چرخو تہ مون ڪي ڦيرائڻ ۾ ڪو مزو ۽ آساس ئي ڪو نہ ٿو ڏئي ڦيريان ٿي تہ ڦريئي سولو نٿو. اي منهنجي پينر!

اوهين مون ڪي زوري مسي آٽڻ تي وهاري ڪيترو ڪتائينديون. هت مقصد آهي چڱاين ۽ نيڪ عملن ڏانهن انسان جو پنهنجو ذاتي لاڙو ۽ احساس باقي زوري زبردستي ڪنهن کي چڱاين ڏانهہ وٺي وڃبو تہ اهو ڪيترو وقت هلي سگهندو. بنيادي طور گهرجي انسان جو پنهنجو ذوق ۽ ڪم لاءِ حرص جيڪو لاپائتو ٿيندو.

تـــاڃي تورِيـــائون، تـــان عيـــب نِڪتَـــا اڳـــرا
ڪـــوٽي ڪاپـــائتيءَ ڪـــي پَـــرَ ۾ پُڇيـــائون
اڳلِـــڙَي آئـــون مُونهـــان پَـــڙا پڳـــا نَـــہ ٿِيـــا

(دا - 2 _ بيت 5)

- تاڃي = تاڃي وارو ڪتيل سُٽ.
- توريائون = (مصدر تورڻ = وزن ڪرڻ) وزن ڪيائون.
- تان = تہ، ان وير.
- عيب = اوڻايون، وڏ، نقص.
- نڪتا (نڪتا) = نڪري آيا، پڌرا ٿي پيا.
- اڳرا = اڳي کان بہ وڌيڪ.
- ڪوٽي = سڏ ڪري.
- ڪاپائتي = ڪتڻ واري جنهن جو سٽ ڪتيل هو.
- پرَ ۾ = پنهنجي منهن پنهنجي خيال سان. راز واري نموني سان.
- اڳلڙي = ميري، ڪني، عيبن واري، ڪوجهي.
- مونهان = مون کان.
- پڙا پڳا نہ ٿيا = سٽ جي تندن / تار مان ڳنڍيون ۽ گهنڊيون نڪتيون نہ ٿيون سٽ صاف ڪري نہ سگهيس.

ڪاپائتي پنهنجو حال بيان ڪندي تاڃي واري سٽ جو مثال ڏيندي

چوي ٿي تہ جيئن انهي سٽ کي توريائون ۽ تورڻ مهل هيٺ مٿي ڪري ڏٺائون تہ ان صراف کي ڳنديون ۽ پيڙا نظر آيا. ڪتڻ واري کي سڌ ڪري پنهنجي پر ۾ رازداري سان پڇيائونس تہ تو هي ڇا ڪيو آهي. جو تنهنجي سٽ جي هيڏي هاڪ ان ۾ اهي پيترا ۽ ڳنديون. ڪاپائتي نهايت انڪساري ۽ عجز مان چيو تہ آئون اڳلي عيب دار آهيان آئون ڪا هامر ڪا نہ ٿي هٽان مون کان اهي پيڙا پيگا نہ ٿيا آهن. بنيادي طور تي هن بيت ۾ انسان جي عمل جو بيان آهي هو ڪيترو بہ ۽ ڪيڏو بہ چڱو عمل ڪري پر هن لاءِ اهو لازم نہ آهي تہ هو پاڻ کي پڏائي پر بجاءِ انهيءَ جي هن کي عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪرڻ گهرجي عيبن نہ هوندي پاڻ کي عيبن هاٺو تصور ڪرڻ سان نفس جي انانيت زور نہ وٺندي بلڪ انسان ۾ نهٺائي ۽ عزت پيدا ٿيندي ڪائنات جي رب کي پنهنجي ٻانهي جو خشوع، خضوع ۽ عجز انڪساري زيادھ پسند آهي جنهن ۾ ٻانهو پاڻ کي ڪجھ نٿو سمجهي پر پنهنجي هستي کي نيستي ۾ تبديل ڪري مالڪ آڏو پاڻ کي پيش ڪري ٿو. بقول لطيف:

"ڪمنـــــدن ڪتيـــــو، هــــــارايو هــــــوڙن"

جَنِـي ڪتـو ڪالهہ، سـي پاٽـان پيُـون مـامرِي
جَنِـي ٿَـڪُ نـہ مالهہ، سَرَهيُون سي صـرافَ سـين

(دا / - 2 _ بيت 6)

- جني ڪتو (ڪتيو، ڪالهہ = جن ڪالھ ڪتيو / جن اڳ ۾ ثمر ناهي رکيو.
- پاٽان = پنهنجي طور پنهنجي ليکي.
- پيپون مامري = جهيڙي ۽ جهنجهٽ ۾ وجي پيئون. جنجال ۾ اچي ويئون.
- جني ڏکُ نہ مالهہ = جن وٽ سچو ارث نہ آهي جو پورو ڪتين.
- سرهيون = سرخرو، آباٿيون، مان واريون.
- صراف سين = قدردان وٺڻ واري سان پر کي وٺڻ واري سان.

جن اهو خيال ڪري تہ اڳهہ وڌندو ان لاءِ اڳواٽ ڪتي پاڻ وٽ ڍگ ڪري رکيائون مال جي چڱي مٺي ڪي نہ ڏنائون.

پر جن وٽ سچو ارٽ/ چرخو بہ ڪو نہ هو انهن وقت جي ويرا ڪي ڏسي ڪتيو ۽ انهن جو سٽ صراف وٽ قبول پيو. هت مقصد آهي وقت ڪي ڏسي ڪم ڪرڻ لالچ ۽ هٻچ ڪي من رکي ڪم ڪبو يا مال گڏ ڪبو تہ اهو فائدي وارو نہ ٿيندو بنيادي نڪتو آهي نيت ۽ مقصد عبادت بہ انهيءَ سان تعلق رکي ٿو پورهيو بہ انهيءَ سان واسطو رکي ٿو. قبوليت ۾ بہ اهو عمل ۽ اها ڳالهہ اچي ٿي جنهن ۾ نيڪ ۽ خلوص وارو مقصد آهي لوڀ ۽ لالچ ڪان اهو پاڪ آهي.

چَرڪو پَنهنجِيءَ چِتَ ۾، يَئِيءَ پيرِئو جَنِ.
توٽي ڪِين ڪَتِن، تہ پَہ ڪانڌَ اُنِي جو ڪوڏِيو

(دا - 2 _ بيت 7)

- چت ۾ = اندر ۾، من ۾ قلب سان.
- يئي = (يو = ڊپ) ڊڄي، ڊپ ۾ اچي، خوف مان.
- پيرئو = معنيٰ اڳين بيتن ۾ ڏنل آهي.
- پيرئو جن = جن، جنهين هلايو، ڦيريو.
- توٽي = جيتوٽيڪ، جيڪڏهن اهي.
- عين ڪتن = ڪين ڪتين، چرخو نہ هلائين سٽ نہ ڪتين.
- تہ پہ = پوءِ بہ/ ان هوندي بہ.
- ڪانڌ = ور، مڙس، سنڀاليندڙ، مالڪ.
- ڪوڏيو = چاهيندڙ، پائيندڙ.

هن بيت ۾ شاعر "چرخوچت ۾ چورڻ" جي اصطلاحي معنيٰ ۾ دل ۾ خفي طور تي ذڪر ڪرڻ ۽ الله جي اسم ڪي اورڻ جو سبق ڏيندو نظر اچي ٿو. انهي سان گڏ اهو بہ فرمائي ٿو تہ "يئيءَ پيرئو جن جن خدا جو خوف پنهنجي اندر ۾ رکي پاڻ تي جلال الاهي جي ڪيفيت طاري ڪري سندس

ذات جو اسم اوريو، لطيف مذڪوره بيت ڪي هن آيہ ڪريمہ جي معنيٰ ۾ بيان ڪندا نظر اچن ٿا: "واذ ڪر ربڪ في نفسڪ تصبر عا وخيفتہ و دون الجهر من القول بالغد و والاصال والاتڪن من الغفلين" (۽ پالڻهار ڪي پنهنجي دل ۾ عاجزي ۽ ڀَوَ سان وڏي آواز ڏاران (بنا) صبح ۽ سانجهي ياد ڪر ۽ غافلن مان نہ هج) جن بہ پانهن انهي طريقي ۽ رمز سان خوف خدا رکيو ۽ ائين تصور ڪيو تہ هو الله ذات آڏو حاضر آهن. يعني سندن وجود ناظر باالله آهي انهن جي دل ۾ خوف درجا عجز ۽ انڪساري پاڻ نہ ياڻئڻ وارو رويو موجود آهي. اهي ظاهري طور تي ڪجھ بہ ڪندا نظر نہ اچن تہ بہ هو ذات الاهي انهن ڪي پسند فرمائي ٿي. اهڙا ٻانهان غوث ۽ اقطاب جي منزلن تي فائز هوندا آهن ۽ حق سبحان تعاليٰ ڪي سندس ڪبريائي ۽ وحدانيت جي اعتبار ۾ ڏسندا پسندا آهن پنهنجي وجود جي نفي جي ڪيفيت متن طاري هوندي آهي. ممڪنات جي بجاءِ عين ذات حق تي سندن توجھ مرڪوز هوندو آهي. اهڙن جو پاڻ ڏٺي ڪوڏيو ۽ پائيندڙ آهي.

ڪَتيمر سَپ جَمارَ. توءِ پاندي پُوري نہ ٿئي
جِئي مُون پِتارُ، جو ڪوني ڏِيندُمر ڪَپَڙا

(دا - 2 _ بيت 8)

- ڪتيمر = (مضير متصل هن ۾ متڪلم جي آيل آهي) = مون ڪتيو.
- سپ جمار = پوري حياتي، سڄي عمر.
- توءِ = تڏهين بہ .
- پاندي پوري نہ ٿئي = (اصطلاح پاندي پوري نہ ٿيڻ) خرچ پکي جي پورائي نہ ٿيڻ گهٽ ڪمائي هئڻ= خرچ وڌيڪ واري حالت، پاندي = گندي جو پاند سڄي عمر ڪتيمر پر گندي جي پاند ڍڪڻ جيترو بہ سٽ ڪتي رکي نہ سگهيس.
- جئي مون پتار = منهنجو ڪانڌ/ مڙس سدائين حياتي هجي.
- جو ڪوني = اهو سڏي.

- ڏيندم = مون کي ڏيندو.
- ڏيندم ڪپڙا = مون کي ڪپڙا وٺي ڏيندو منهنجو ستر رکندو.

هن بيت ۾ شاعر انسان جي سڄي عمر جي پورهئي/ ڪمائي ۽ زندگي گذارڻ لاءِ خرچ جي پورت نہ ٿيڻ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اهو اظهار ڪري ٿو تہ ڪتڻ واري پنهنجو اهو حال بيان ڪندي اهو بہ واضح ڪري ٿي تہ منهنجي سڄي ڄمار جي ڪتڻ سان گندي جي پاند جيترو سٽ بہ بچت ڪري نہ سگهيس شابس! منهنجي پيتار ۽ ولهي ڪي هجي جيڪو منهنجي گندي ڪپڙي جي سنيال رکي ٿو. مون کي پنهنجي ڪانڌ جو ڀَرُ آهي اهو سدا جيئي ان جو هٿ سدائين مون تي هجي. انسان سڄي عمر پيو ڪمائي پر پاندي پوري ڪا نہ ٿي ٿئي ڪيئن پيو گاڏو هلي اها خبر خدا کي آهي جيڪو ڏک سک ۾ هلائڻ وارو آهي. انهي مالڪ جي سدائين مهر ۽ ٻاجھ هجي باقي انسان کي ڪهڙي طاقت آهي جو هام هڻي سگهي اهو مالڪ آهي جيڪو برڪتن ڀريو آهي. جنهنجي سهاري هي سارو جڳت هلي پيو.

ڪَتــي مَتــي آئِيــون، ڪَــري تَنــدُ تيــارُ
اُتَــل اُوڏاهِــين ٿئــي جيڏانهــ پــرينءَ پــارُ
ڪاپــائتي قَــرارُ، پــورهيي مــان پرائيــو

*(دا - 2 ـ بيت 9)*

- ڪتي متي (ٻٽو اسم فعلي صورت) = ڪتي ڪري، ٺاهي جوڙي.
- آئيون = (مصدر اچڻ) اهي آئيون.
- تند تيار = (اصطلاح تند تيار ڪرڻ) = پوري ريت ڪم ڪرڻ/ سٺو سٽ ڪتي اچڻ)= سٽ ڪتي تند تيار ڪري آئيون.
- اُتل = ڪَتر، لاڙو، ڪاتي جو نور واري پاسي جنهن پڙُ ۾ سامان هجي ان پاسي جهڪڻ، هيٺ ٿيڻ.
- جيڏانهن = جنهن طرف جنهن پاسي.
- پرينءَ پار = جيڏانهن پرين جو پاسو هجي.

- قرار = آرام، سک، اطمينان، سڪون.
- ڪاپائتي قرار = ڪتڻ واري ڪي اطمينان تيڻ آرام / سک اچڻ تسلي، ٿئي.
- پورهئي مان پرايو = (پورهئي مان پرائڻ اصطلاح) محنت مان حاصل ڪيو، محنت سان پلئہ پيو.

ڪتڻ واريون سٽ ڪتي تند تيار ڪري ان جا ڦورا ۽ ويڙھا ٺاهي جوڙي آئيون شراف وٽ جڏهين پنهنجو مال تيار ٿيل سٽ ڏيڻ لاءِ ڪٺي آيون تہ انهن مان ڪن جي تور اُٿل واري پئي تي ڪاپائتي/ ڪتڻ واريءَ ڪي انهي تور تي قرار اچي ويو هن ڪي سڪون ملي ويو تہ مون پنهنجي پورهئي مان پرايو آهي. بنيادي طور تي هن بيت ۾ روز محشر تي جڏهين ميزان ٿيندو نيڪيون ۽ بديون ڏوھہ ثواب چڱايون ۽ لڳايون ترنديون تہ ڪن ٻانهن جا گناھہ گهٽا هوندا پر نيڪيون ٿوريون هونديون ليڪن اهي نيڪيون اهڙيون هونديون جو ميزان جي پڙ ۾ وجهڻ سان اهي پڙ ڪي هيٺ ڪري وجهنديون ۽ ڏوهن وارو پاسو مٿي پوندو نيڪيون اٿل ۾ هونديون رب العالمين نيڪين لاءِ وڏيڪ درجا ۽ ثواب مقرر ڪيا آهن. ٻانهو جڏهين پنهنجي رب جي اها شفقت ۽ ڪرم ڏسندو تہ هن جي دل ڪي سڪون اچي ويندو ۽ رب جي رحم ۽ مهر ڪان سندس ڪنڌ جهڪي پوندو ۽ خود بخود چوندو تہ الله غفور رحيم آهي. چڱن عملن جو نتيجو هو ٻانهي ڪي انهيءَ طرح سان ڏٺي ٿو.

نـہ ڪَتــي ڪَتــائي نَــہ ڪــدي ڪــورِيين ڪــانَ
رَبَ ســان جَــنِ رهــاڻ، تَــنِ اُدو ناهِــہ اُگهــاڙجو *

(دا - 2 ـ بيت 10)

---

* هي بيت گنج ۽ ان دور جي ٻين رسالن، ان ڪان پوءِ جي يعني 1270هجري = 1269 هجري جي آڳاٽن ٽن نسخن توڙي ٽرمپ وارو رسالو جيڪو 1271/1270 هجري مطابق 1856ع ۾ شايع ٿيو يا بمبئي جو اول وارو ڇاپو جيڪو 1283هجري/1867ع ۾ شايع ٿيو انهن ۾ نہ آهي ان ڪان پوءِ دور وارن رسالن ۾ آهي. ڊاڪٽر ان جي روايتي تسلسل جي ڪا سند نہ ڏني آهي (ڪاشف).

- نہ ڪتي = هوءَ ڪتي بہ ڪا نہ ٿي.
- ڪتائي = ٻين کي بہ ڪتائڻ ۾ ڪا مدد ڪري ٿي.
- ڪورڀين ڪاڻ = ڪورين/ ڪتڻ وارن جو بہ ڪو غرض ڪا نہ ٿي ڪڍي.
- رب سان جن رهاڻ = جن جي پنهنجي رب سان لنو لڳل آهي ان جي ياد ۾ مشغول آهن.
- تن = تن کي/ انهن کي.
- اُڏو = الڪو، ڊپ، خوف.
- ناهہ اڳهاڙ جو = عيبن جي کلڻ جو ڪو ڊپ ڪو نہ آهي.

هن بيت ۾ شاعر ڪاتار جي انهي روش جو ذڪر ڪرڻ فرمايو آهي، جنهن ۾ نہ هو پاڻ ڪتي ٿي ۽ نہ وري ٻين کي ڪتائڻ جي ڪم ۾ مدد ڪري ٿي. بجاءِ ان جي هن جو پنهنجو سڄو خيال ياد الاهي ڏانهن مائل آهي ۽ هو انهي ذات حق جي ذڪر، غور ۽ فڪر ۾ مشغول ۽ محو آهي. هن آڏو دنيا جي ڪا حيثيت ۽ حقيقت ڪا نہ آهي تہ انهيءَ لاءِ ڪو ڪم ڪريان يا ڪم لاءِ ڪنهن جو غرض ۽ ڪاڻ ڪڍان. آئون ڇو نہ انهي مالڪ جي آڏو پاڻ کي پيش ڪريان ۽ پنهنجي روح کي انهي ذات حق جي ملاقات لاءِ ان جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ڪوشان رهان. هت شاعر اهڙن الستي عاشقن جو ذڪر ڪري ٿو جن آڏو دنيا جي، دنيا وارن جي، دنيا جي اسباب جي ڪا حيثيت ڪا نہ آهي. اهڙن فردن لاءِ ”شاهہ ولي الله محدث دهلوي“ جن لکن ٿا تہ : نوع انساني ۾ ڪي ڪامل فرد اهڙا بہ هوندا آهن جن تي باري تعاليٰ جي وجود جو حڪم زيادهہ موثر هوندو آهي. انهن جي فطري تقاضا ڪجهہ اهڙي هوندي آهي جو هو ڪائنات جي تمام شين کي اصل وجود ۾ فنا ٿيندو ڏسن ٿا ۽ هر شيءِ ۾ انهن کي اهو وجود (حق) جاري ۽ ساري محسوس ٿئي ٿو. اهڙا فرد واصلين مان هوندا آهن ۽ مقام وجود تي فائز هوندا آهن.“ لطيف جو اشارو ”رب سان جن رهاڻ“ اهڙن ئي واصلين ڏانهن آهي. جن کي ڪنهن ڳالهہ جو اُڏو ۽ ۽

الڪو نہ آهي. ”ادو ناهہ اگھاڙ جو“ بيت جي انهي سٽ جي انهن پوين لفظن مون کي ”سرمد شهيد“ جي ياد ڏياري ڇڏي جنهن کي اورنگزيب عالمگير ذاتي عناد ۽ دارا شڪوهہ جي وڏي صحبتي هئڻ جي ڪري ماريو. ”سرمد“ جي شهادت يعني حڪومت جي خاتمي جو سبب بڻجي ويئي. جو هڪ اهل الله مجذوب کي اورنگزيب ناحق قتل ڪرايو. انهي واقعي کي مولانا عبدالڪلام آزاد پنهنجي مقالي ۾ لکن ٿا تہ ”ايشيا ۾ هميشہ ڪان سياست مذهب جي آڙ ۾ رهي آهي ۽ هزارين خونريزين جو سبب سياست رهي آهي. انهيءَ کي مذهب جي چادر چاڙهي ان ۾ لڪائي پيش ڪيو ويندو آهي“ (رمضان پاڪ صفحو 3 مغليہ دور)

هت انهي واقعي کي جيڪو بيت جي انهن لفظن جي پس منظر جي روئداد کي منصور ڪري ٿو بيان ڪرڻ بي محل نہ ٿيندو ”سرمد شهيد نٿي مان اُبي چند کي ساڻ ڪٺي دکن مان ٿيندو دهلي پهتو. انهي دوران صورت جي نظاري سرمد کي حقيقت جي انهي منزل تي وڃي پهچايو جتان مجذوبيت وجود وٺي ٿي. سرمد ننگ ڌڙنگ دهلي جي ڪوچہ بازار ۾ هلندو رهيو. سندس ڪيف و جزب ۽ نظر جي تاثير سبب سندس چاهيندڙن جو حلقو وڌندو ويو. دارا شڪوهہ جيڪو اهل الله جو پرستار ۽ ڪوڏيو هو ان جي نظر ”سرمد“ جي روحاني مرتبي کي محسوس ڪيو ۽ هن آڏو روازانو ٿي ويهي رهندو هو. اورنگزيب کي دارا شڪوهہ سان عناد هو ۽ هن کي اهو گمان هو تہ ”سرمد منهنجي اقتدار خلاف سازش ۾ آهي. عالمن جيڪي ويڪائو تہ اڳ ۾ ئي هئا انهن کي ”سُرمد“ تي چڙ هئي ۽ هنن اورنگزيب تي ”سرمد“ تي فتويٰ لاءِ زور ڀريو تہ ”سرمد“ ڪلمو پوري ريت نٿو پڙهي. انهي تي ”سرمد کي حاضر درٻار ڪيو ويو. عالمن جو هڪ وڏو گروهہ موجود هو درٻار جي حاضري ۾ ”سرمد“ کي ڪلمي جي پڙهڻ لاءِ چيو ويو تہ هن جواب ۾ چيو تہ ”اهو منهنجو ۽ خدا جو معاملو آهي.“ اوهان جي چوڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي وري عالمگير طرفان

حڪم ڏيو تہ تون ننگو آهين ۽ تنهنجو اهو فعل غير شرعي ۽ غير اخلاقي آهي انهيءَ تي "سرمد شهيد" اورنگزيب کي مخاطب ٿيندي چيو تہ:

آن کس که ترا کار جہانبانی داد ما را همه اسباب پریشانی داد

پوشاند لباس ہر کرا عیبی دید، بی عیبان را لباس عریان داد

انهي تي اورنگزيب کي ڪاوڙ لڳي ويتر جو "سرمد" اهو چيو تہ منهنجي اگهاڙپ ماذرِ رادبار وانگيان آهي. تون گناهن ۽ عيبن ۾ پريو پيو آهين. تو انهن کي لڪائڻ لاءِ پوشاڪ پاتي آهي. ان تي "سرمد" لاءِ قتل جو حڪم صادر ڪيو ويو ۽ "سرمد" کي دهلي جي جامع مسجد جي اڳيان شهيد ڪيو ويو. سرمد تلوار جي وار سان گڏ پنهنجي سر مبارڪ کي هٿن ۾ جهليو ۽ هي رباعي چئي اڳتي وڌڻ لڳو ۽ انهيءَ سان گڏ ڪلمو پاڪ پورو چيائين:

سر جدا کرد از تنم شوخی که با ما یار بود

قصہ کوتاہ شد و گرنہ، درد سر بسیار بود

"سرمد" وٽ عشق کي ترجيح آهي. فرمائي ٿو تہ:

"سرمد" غم عشق بوالهوس را ندهند، سوز دل پروانہ مگس را ندهند

عمری باید کہ یار آید بکنار، این دولت سرمد همہ کس را ندهند.

اهي واصلين ۽ فنا في الله واري منزل وارا "سرمد شهيد" جهڙا مجذوب هوندا. جن کي پنهنجي اوگهڙ ۽ عرياني جو ڪو اونو ڪو نہ هوندو آهي. دنيا جون اکيون هنن کي اگهاڙو ڏسن ٿيون پر ذات حق آڏو هنن جي اها اوگهڙ مادرزاد ٻار جيان آهي جيڪو جهان ۾ اچي ٿو تہ هر سلسلي کان هو پاڪ صاف آهي پوءِ ماحول ۽ وقت جون حالتون نفس جون خواهشون هن کي گندو ينائين ٿيون. "رب" سان رهاڻ ۽ "تن ادوناهہ

اگهاڙ جو" منهنجي ذهن تي "سرمد" جي واقعي کي آندو ان ڪري تحرير ڪيم جيڪا پڻ مڪمل نہ ڪئي اٿم.

سيءِ اَڄُ نہ آتَڻ آئيُون جني ڪتو ڪالهہ*
ارٽ اُڪلي مالهہ، پوري ويئون نِجَهرا

(دا - 2 - بيت 11)

- سي = اهي.
- نہ اتڻ آئيون = آتڻ تي وري ڪتڻ لاءِ نہ آئيون.
- جني = جن.
- ڪتو ڪالهہ = جن ڪالهہ ڪتيو هو.
- اڪلي مالهہ = مالهہ اڪلي ويٺي.
- پوري ويئو = بند ڪري ويئون، تاڙيون، تالا ڏئي ويئون.
- نجهرا = پنهنجا جهوپڙا، پنهنجا آستان، آسڻ، آتڻ.
- نجهر پورڻ = (اصطلاح) = تاڙا ڏيڻ گهر بند ڪرڻ.

جن ڪاتارين ڪالهہ ڪتيو هو، سي اڄ پنهنجي آتڻ تي ئي نہ آئيون آهن. نہ ڄاڻان تہ ڇاجي ڪري ڪهڙو سبب ٿيو سندن ارٽ خراب ٿي ويا. انهن جون مالهون اڪلي ويئون يا ڪا ٻي ماجرا ٿي ائين تہ نہ آهي جو هو پنهنجا ڪک تاڙا ڏيئي ڪنهن سبب ويئون هليون. هن بيت جو اندر ڪساد بازاري پورهئي جو قدر نہ هئڻ ۽ ڪم ڪندڙ طبقي کي ايندڙ پريشانين کي ظاهر ڪري ٿو. جنهن سبب هو ڪم کي ڇڏي هليا وڃن ٿا.

پَلَئہ پايو پوڻِيُون دَرَ، دَرَ پَيَرا ڏي

---

* بيت جي مذڪوره ستن گنج ۾ اوائلي دور جي رسالن 1283هجري وغيره ۾ ائين نہ ڏنل آهي پر بجاءِ ان جي هن ريت بيان ڪيل آهي "ڪتي ڪتي ڪال (ڪالهہ) اڄ نہ آتڻ آئيون" ڏنل آهي. محقق طرفان سي لفظ جو واڌارو ۽ جني ڪالهہ ڪري لکڻ لاءِ ڪو دليل وغيره نہ آهي. ڪتي ڪتي ڪال کي جني ڪتو ڪالهہ ۾ تبديل ڪرڻ جو بظاهر ڪو سبب نظر نٿو اچي (ڪاشف).

## ڪــامُون ڪَتــائي، ڪاپــائِتي آهيــان **

*(دا - 2 ــ بيت 11-ب)*

■ پلئہ = پاند گندي جي پاند ۾ پلئہ پايو = گندي جي پاند ۾ وجهيو جهولي ۾ ڪيو/ وجهيو.
■ پوٽيون = پچيل ڪپھ جون پھيون جن مان سٽ تيار ٿئي.
■ در در پيرا ڏي = (اصطلاح درد در تي وڃڻ) جن هنڌ آتڻ هئا انهن درن تي ڦيرا ڏنا.
■ ڪامون ڪتائي = مون کي ڪا ڪتائي، مون کي ڪا پنهنجي آتڻ گڏ وهاري
■ ڪا پائتي آهيان = آئون پڻ ڪتڻ وارين مان آهيان .

نــہ ســي وَوڻ ووڻَــنِ ۾، نــہ ســيِ ڪاتــاريون
پســئو بــازاريون، هنيــڙو مــون لُــونءَ ٿئــي.

(دا - 2 ــ بيت 12)

■ نہ سي = نہ اهي.
■ وَوڻ = پوک جو اهو قسم جنهن ۾ ڪپھ ٿئي. ڪپھ پيدا ڪندڙ هڪ ٻوٽو.
■ ووڻن = اڳين ووڻن جهڙا، پلا ووڻ، جهجهو فصل ڏيندڙ.
■ ڪاتاريون = قابل ۽ هوشيار ڪتڻ واريون.
■ پسئو = (مصدر پسڻ = ڏسڻ) = ڏسيو.
■ بازاريون (جمع) بازار = اهو هنڌ ۽ جاءِ جتي دڪان هجن ۽ واپار جي

** هي بيت گنج ۽ اوائلي دور ۽ وچئين دور جي قريباً 38 رسالن ۾ موجود اهي. هي بيت نمبر 11 جي قبيل ۾ اچي ٿو ڊاڪٽر صاحب جن انهيءَ ڪي شاهہ جو بيت قرار نٿا ڏين ان لاءِ ڪو سبب ڄاڻايل نہ آهي اهو چئي رد ڪيو ويو آهي تہ هي بيت شاهہ لطيف جي دور کان اڳ جو آهي. ڪنهن جو آهي ان جو بہ ڪو پتو نہ آهي. روايتي تسلسل کي اهو چئي رد ڪري نٿو سگهجي. اسناد ۽ اشتهار ان لاءِ ضروري آهي (ڪاشف)

ڏي وٺ ٿئي.

- هنيڙو/ هينئڙو = دل هنيون، وجود.
- مون (ضمير متڪلم) = منهنجو.
- لوڻ ٿئي = ڳريو پوي، جهڄيو پوي.

شاعر وڻج وپار واري هنڌن توڙي پوڪي راهي وارن ماڳن جتي آباديون ٿين ڳوٺ ۽ شهر آباد هجن جن ۾ بازاريون ۽ هنر جا هنڌ هجن اهي درياهي وهڪرن جي ڦير گهيريا يا ڏارين جي ڏاڙي ۽ ڦرلٽ سبب برباد ۽ تباهه ٿي وڃن جتي آدم بوءِ هجي نه چلر چٽ نه هٽ نه دڪان نه اوهي نه واهي ويراني ۽ بربادي جو ڏيک نظر اچي اهي ماڳ سي شاعر جي حساس دل رت نه رئندي، آهه و بڪا نه ڪندي ته ٻيو ڇا ڪندي لطيف به اهڙن ماڳن جي بربادي ڏسي انهيءَ قسم جي دانهه ڪئي آهي. جنهن ۾ درد، پيڙا ۽ تاريخ جو سبق سمايل آهي.

ويُــون ڪَنهـــ وِگَهـــ تَــري، پيــرا پِجَـــي مــاءِ
آتَـــــڻ مَتـــــي اُســــريِ آيـــــس ٻَنِـــــي لاءِ
تِئــان هِــت نـــ ڪــاءِ، آتَــڻِ ڪَــتمِ جَــنِ ســين*

(دا - 2 - بيت 13)

- وييون = اهي ويوين هلي.
- ڪنهه = ڪهڙي.
- وگهه = ويرا، وقت ٻي معنيٰ وگهه= (سن: وگهن، و= گهٽو + هن =

* هن بيت جي پوئين سٽ کي فاضل محقق "آتڻ ڪتم جن سين" ڪري لکئو آهي جڏهن ته گنج توڙي اڳتي ۽ وچئين دور جي رسالن لاءِ پاڻ ئي لکن ٿا ته "جني سور سرير ۾ لکيل آهي. يا ٻي سٽ ۾ "انهين" لکيل آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جني لکيو آهي. ايڏين لفظي تبديلين لاءِ ڪو مناسب سبب ڄاڻايل نه آهي. جڏهن ته پڙهڻي ۾ بيت جئن اڳ ۾ آهه اهو وڌيڪ شستہ نظر اچي ٿو (ڪاشف).

مارڻ) = روڪ، اٽڪاءُ، بگاڙ.

- ٽري = (بنيادي طور تي هي لفظ ٽري آهي مصدر ٽرڻ = پاسو ڪري وڃڻ ٽري وڃڻ.
- وگهہ ٽري = وقت ڪي ٽاري ڇڏڻ، وقت وڃائي وڃڻ، مهل يا موقعو ڇڏي ڏيڻ. ڪنهن سبب ڪري ٽري وڃڻ، نہ اچڻ.
- پيرا پيچڻ = (اصطلاح )= ڦيرو نہ ڪرڻ/ ڦيرا نہ ڪرڻ، وري نہ اچڻ
- اُسري = سنيري، تيار ٿي.
- جني = جن لاءِ، انهين لاءِ.
- تيئان = تن منجهان.
- تئان هت نہ ڪاءِ = تن منجهان جن لاءِ آئون آيس انهن مان ڪا بہ هڪ ڪا نہ آهي.
- آتڻ ڪتم جن سين   آتڻ = ڪتڻ واري جاءِ ويهڪ وارو هنڌ .
- ڪتم = مون ڪتيو(م) ضمير متڪلم جي نشاني.
- جن سين= جن ساڻ، جن ساڻ مون ويهي آتڻ تي ڳڏ ڪتئو.
- گنج واري سٽ: ”جني سور سرير ۾“ : ”جني“= جن ڪي انهين ڪي، ”سور“= تڪليف ڏک، سرتين جي ياد جو ڏک، ”سرير ۾“ = اندر ۾ پنهنجي جيءَ ۾.

اهي ڪتڻ واريون ڪنهن اٽڪاءَ جهڙو، بيماري، موڪل نہ ملڻ، روڪ پوڻ. سبب هنن وقت تي اچڻ ڪي ٽاري ڇڏيو اي ماءُ! ڪو ڦيرو ڪو نہ ڪيو نہ اچڻ جو ۽ نہ وري ڪتڻ جو.

آئون آتڻ تي سنيري ٿي انهين لاءِ آيس تہ اهي جيڏيون سرتيون انهي هنڌ تي هونديون.

ليڪن جڏهين اچي ڏٺم تہ آتڻ تي انهين مان ڪا ڪا نہ هئي جن مون سان ڳڏ آتڻ تي ڪتيو ٿي. تڏهن هاڻ ڇڄي پيو. حيرت جي عالم اچي ويس.

(2) سنيري ٿي جڏهين آتڻ تي آيس تہ انهن مان جن ڪي سرير ۾

سورهو جن کي اندر ۾ لنو لڳل هئي ۽ ڪا محبت جي ميخ هئي يا پنهنجي تڪليفن جي ڪا پچار هئي انهن مان ڪا به هڪ اتي ڪا نه هئي.

بيت ۾ پورهيت جي اندر جي انهي رويہ جو اظهار آهي جنهن ۾ هو ٻين سان گڏ جي رفاقت ۾ ڪم ڪري ٿي رفاقت/ ساڻ هڪ اهو رويہ آهي جيڪو انسان ۾ هڪ ٻئي لاءِ محبت اتساهہ ۽ ڏک سک ونڊڻ ۾ ڪم اچي ٿو. ويچاري ڪا تار انهي ڳالهہ کي انهي منظر کي انهي وقت کي ياد ڪندي پنهنجي ساٿ وارين سرتين کي ياد ڪري ٿي ۽ سنيري نهي آتڻ تي اچي ٿي تہ اتي ڪيس ڪو نظر ڪو نہ آيو. هي ظاهر ڪري ٿو تہ پورهئي گهرجڻ سان جت پورهيت رلي ٿو اتي رفاقت ۽ ساٿ جو رويہ مجروح ٿئي ٿو. ماضي جا اهي اهڃاڻ ماٺهوءَ کي ماري وجهن ٿا.

اولاٽئـان اَرٽَ، ويــون ڪِيڏَنهـ ڪَـتَڻَ وارِيُـون
لُـــڙجَنِ لاڪَيٽِـــينِ جُـــونَ پَهيُـــون متـــي پَـــٽَ
اوبَـــڻَ ۽ اڳهـــٽَ، چـــڏي پيئِيُـــون چَپَـــرَين

*(14 دا - 2 - بيت)*

- اولاٽئان = هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويا اول پٽڻ ٿي ويا. رُلي ويا.
- اولاٽئان ارٽ = انهن جا ارٽ/ چرخا هلڻ بند ٿي ويا. بيهي ويا. اولجي ويا هيٺ متي ٿي ويا.
- ارٽ اولجڻ = (اصطلاح) = دربدر ٿي وڃن، ڪاروبار جو رلي وڃڻ ڏنڏي وارين شين جو قدر نہ ٿيڻ.
- ڪيڏنهہ (ڪيڏانهن يا ڪيڏاهن) = ڪهڙي طرف ڪهڙي پاسي.
- ڪتن واريون = اهي ڪتڻ واريون ڪيڏاهن وئيون، اتن اولجي وڃڻ ڪري.
- لڙجن= (مصدر لڙڻ، لڙجن مضارع) متيءَ ۾ پيئونڻ ميريون ٿين. متيءَ ۾ پيون آهن.
- لاڪيٽين جون = اشارو انهن مانائتين ڪتڻ وارين ڏانهہ جيڪي لک

لهنديون هيون يعني مٿان واريون هيون.

- پهيون = ڪپهہ جون پوٽيون جيڪي سٽ ڪتڻ لاءِ تيار شين.
- اوبڻ = سٽ ويڙهڻ.
- اگهٽ = سٽ جي بها، قيمت، سوداگري، ڏي وٺ.
- پيئنيون = اصل لفظ وينيون (جتڪي ۾ لاڙي لهجو پيئنيون) وينيون ويئون هليون.
- چپرين = چپر ڏان، جبل ڏانهن/ چپر = پناهہ ۾ ويئون، پاڻ لڪايائون
- هن بيت ۾ شاعر زماني جي ستم ظريفي ۾ سدائين ڪنهن شيءِ جو هئڻ يعني "بقاءُ" جي رويہ جو اظهار ڪندي شال ڏئي ٿو تہ اهي ارٽ ۾ انهن تي ڪتڻ واريون ڪتي آهن انهن جو ڪو وجود ڪو نہ آهي. ڪو پتو ڪو نہ آهي. انهن لاڪيٽن وڏي مان ۾ مرتبي وارين ڪاتارين جون ڪپهہ جون پهيون مٽيءَ ۾ ڏوڙ پيون تين ڪو ڪٽڻ وارو ڪو نہ آهي. جن اهو سمجهيو تہ ڪتڻ ۾ وتڻ واريون آهيون ئي اسين. مقصد آهي هي جهان ان جا ساز سامان سڀ فاني آهن انهن ڪي ڪو بقاءُ ڪو نہ آهي. اوبڻ ۾ اوڏڻ ڪي چڏي زمين جي اندر دخل تيٽو آهي هر ڪا شيءِ هت پئي هوندي هئڻ واري ذات رب جي آهي بقا ۾ دائميت انهي ڪائنات جي رب ڪي آهي قول الله تعاليٰ:

"ڪل من عليها فان ويبقیٰ وجه ربڪ ذوالجلال والاڪرام(سورة الرحمان)

(جيڪو بہ زمين تي آهي سو سڀ ناس ٿي ويندو ۾ اي پيغمبر ﷺ تنهنجي پالڻهار جي ذات باقي رهندي جو عزت وارو نعمتن وارو آهي).

غور ڪبو تہ لطيف سرڪار جو بيت مزڪورهہ آيت جو مثال سان تفسير بيان ڪيل آهي جنهن ۾ هن عظيم شاعر ڪتڻ واري ۾ چرخي جي اولائجڻ جو مثال ڏئي واضح ڪيو آهي تہ انسان ڪي پنهنجي ضمير ۾ پنهنجي وجود ۾ ذهن ۾ اهو خيال پختو هئڻ گهرجي تہ هي دار فاني آهي جنهن ڪي ڪو بقاءُ ڪو نہ آهي. صرف نيڪ اعمال ڪم ايندا، سدائين

هئڻ واري رب جي ذات آهي. جيڪا وڏي شان ۽ نعمتن واري آهي.

سَـــجَڻُ ڏٺـــو جَـــنِ، تـــن اَرَتَ اولاٽـــي ڇـــڏائا
مَتِـــي مُـــنِنِ هٿَـــڙَا اڪيـــون ڏانهـــ پـــرين
توٽي ڪين ڪتن، تہ پہ ڪانڌانهين جو ڪوڏ ئو*

(دا - 2 _ بيت 15)

- سڄڻ ڏٺو جن = جن پنهنجي پرينءَ کي ڏٺو، ان جو ديدار ڪيو محبوب کي ڏٺو بيت جي پهرئين سٽ جا اهي لفظ مخدوم گرهوڙي جي مشهور بيت ”سڄڻ ڏٺو جن، تني ڏسڻ غير گناهہ“ جي صدا ۽ باز گشت آهن غالباً ڪاتب يا ڪنهن فقير انهي سٽ جي آڌار تي بيت جي باقي حصي کي جڙيو تو پانئجي.
- ارٽ اولاٽي ڇڏڻ = اڳئين بيت ۾ معنيٰ ڏني ويئي آهي.
- ارٽ جي منن جن ڪائين تي چرخو بيٺل آهي ڪتڻ واريءَ جا ٻئي هٿ انهن تي اکيون پرين جي تلاش ۾ آهن. اهي جيڪڏهين ڪتيون بہ نٿيون تہ بہ انهن لاءِ ڪا ڳالهہ ڪا نہ آهي. پنهنجي ڪانڌ لاءِ اهي ڪوڏ واريون ۽ دادليون آهن. هت بنيادي طور تي اشارو آهي انهن ٻانهن ڏانهن جن وحدت جي وادي ۾ ٽپي ڏيئي فنا کي بقا ۾ تبديل ڪيو انهن جي نظر ذات احد ڏانهن هر لمحي ۽ هر آن آهي اهو اهل الله جو اهو طبقو آهي جيڪو ”اولي الا برابر“ جي زمري ۾ اچي ٿو جيڪو بخشيل آهي. انهن جو وجود ذات حق جي سايہ ۾ هوندو آهي ۽ هو ذات حق جي احساس ۽ خيال کان ڪا بہ گهڙي غافل نہ هوندا آهن. هنن کي پنهنجي وجود جو احساس ئي نہ هوندو آهي. هنن جي هستي نيستي ۾ هوندي آهي.

* مذڪورهہ بيت گنج اوائلي دور جي رسالن توڙي وچئين دور جي رسالن مان 1283هجري بمبئي ڇاپو ٽرمپ وغيرهہ ۾ نہ آهي پر پوئين دور جي 1331 هجري کان وني 1371هجري تائين واري دور جي چند رسالن ۾ آهي. فاضل محقق کهڙين روايتن يا درايت ۽ تصديق جي آڌو آهي ان بابت ڪو بحث نہ ڪيل آهي اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ ”پوئين دور جي رسالن جو بيت (ڪاشف)

ڪـي اوِ بـيِنِ عَـرَبَ ۾ ڪـي ڪابَـلُ منجهہ ڪَـتَنِ
سُـــتُ اُنَـــي جـــو سَـــقَرو، مَتِئـــو مَـــاٽِڪَنِ
قـادِرَ ڪِـينَ ڪَـدِنِ، شـال تيلـي تُلهـي واريـون

(دا - 2 – بيت 16)

- اوبين (مصدر اوبڻ) = سٽ جا ڦورا ڌاهڻ.
- ڪي اوبين عرب ۾ = ڪي صالح ٻانها رب ڪي ياد ڪرڻ وارا عرب ۾ مشغول آهن.
- ڪي ڪابل منجهہ ڪتن = ڪي ٻانها يا ولي ڪابل منجهہ عبادت الاهي ۾ مشغول آهن.
- سٽ اُني جو سقرو = انهن جي عبادت مقبوليت واري ۽ پسنديدگي واري آهي جنهن ۾ سچائي خلوص خشوع خضوع موجود آهي.
- متئو ماٽڪن = اهڙي عبادت انهي اوچي سٽ وانگيان آهي جيڪو ماٽڪن جي ملهہ وڪامي ٿو. هت اهڙي عبادت ڏانهن اشارو آهي جنهن لاءِ لطيف فرمايو تہ "وڃائي وجود تهان پوءِ تڪبير چئو" عبوديت جي حق ادائيگي انهي ڪيفيت ۾ آهي جنهن ٻانهو اهو محسوس ڪري تہ آئون پنهنجي مالڪ ڪي ڏسان پيو ان جي حضور ۾ حاضر آهيان.

ٽئين سٽ ۾ شاعر التجا ٿو ڪري شال خدا ڪري (قادر ڪري) قدرت جو مالڪ ڪري شال اهي ٿلهي سٽ واريون مون ڪي تيلي ڏڪي نہ ڪڍن. هت ٻانهي جي خوف ورجا ۽ انهي ڊپ جو ذڪر آهي جنهن جو عبادت گذار کي احساس آهي تہ منهنجي بارگاهہ الاهي ۾ مقبوليت قائم رهي ۽ منهنجي اوڻاين سبب متاثر نہ ٿئي.

ڪـي اوبـين عَـرَبَ ۾ ڪـي ڪابُـل تيـون ڪَـتَنِ
سُـــتَ تَنِـــي جـــو سَـــقروَ مِـــيمُ جَنِـــي جـــي مَـــنِ

ٻـوڙي ڪِينَ ڪَتِن تـہ بـہ ڪانڌ انُي جو ڪوڏِيو *

(دا - 2 ـ بيت 17)

هن بيت جو مطلب بيت 16 ۾ گهٽو ڪري اچي ويچي ٿو. سٽ جي سڦرائي يعني عبادت ۽ رياضت جي سلسلي سان جن جي من ۾ حضرت محمد ڪريم ﷺ جن جي محبت رچيل ۽ بسيل آهي جيڪي ان هدايت ۽ روحاني توصل ۾ اڳيرا آهن جن تي حقيقت محمدي جو انڪساف ۽ انڪشاف آهي جيڪي هن جهان جي تخليق ڪي حقيقت محمدي جو مظهر تصور ڪن ٿا ۽ واحديت جي واري جا خواص آهن اهي پنهنجي محبوب رباني (حضور ڪريم ﷺ) جن جي صدقي ڪائنات جي رب ڪي پيارا آهن.

نفـــيءَ جـــا ناهـــ ســين پَهـــي پڇيـــائُون
پــــڙا جـــي پـــانڻَ جـــا پيـــري پَڳـــائون
هُــــو جــــو ونَ هُــــئَڻَ جــــو ودِي وِڏائَـــون
اســـين ۽ آئُـــون، آتِـــڻ نـــاهي اُنِ جـــي *

(دا - 2 ـ بيت 18)

- نفي = اثبات جو ضد (نفي = اثبات جي ذڪر طرف اشارو) پنهنجو پاڻ ڪي ڪجهہ نہ سمجهڻ.
- پهي پڇيائون = ڪپهہ جي پهي/ پوئي پڇيائون مقصد تہ پنهنجي نفس

---

* مذڪورهہ بت گنج ۽ ان جي دور وارن رسالن ۾ نہ آهي 1306هجري ۽ 1329هجري وغيرهہ وارن پوئين دور جي رسالن ۾ آهي جنهن بيت جي آخري سٽ سڃي 15 بيت جي آهي ۽ پهرئين سٽ 16 نمبر بيت جي لفظ منجهہ ڪي ٿيون ۾ بدلايو ويو آهي ۽ وچين سٽ جو پويون حصو مٽئو "ماڻڪن" بجاءِ "ميم جني جي من ۾" تبديل ڪيل آهي. اهڙي بيت ڪي ڊاڪٽر صاحب جن بنا ڪنهن روايت ۽ درايت جي سلسلي جي شاهہ جو ڪلام ڄاڻايو آهي گنج ۽ پوءِ جو ڪو تسلسل هجي تہ بہ تسليم ڪجي (ڪاشف)

* هي بيت گنج اوائلي دور جي رسالن، وچئين دور جي رسالن ۾ نہ آهي پوئين دور جي رسالن جنهن ۾ سائين غلام شاهہ وارو لڪايل رسالو پڻ اچي وڃي ٿو ۽ 1329 هجري کان پوءِ وارن رسالن جو بيت آهي. هن بيت ڪي ڪاپائتي ۾ رکڻ لاءِ روايت ۽ شهادت جو ڪو حوالو ڪو نہ آهي ۽ ائين پنهنجي طور تي شامل ڪيل ٿو ڏسجي (ڪاشف)

ڪي ماري مڃايائون ۽ وجود کي زهد عبادت جي سختي ڏنائون.

- پڙا جي پانئن جا پڳائون = پنهنجو پاڻ کي نہ سمجهڻ واري ڪيفيت اختيار ڪري هيڻ واري هٿ ڪان پنهنجي جان کي، وجود کي خيال کي آزاد ڪيائون صرف واحد جي وصال لاءِ آتا رهيا. ٽين سٽ جو بہ ساڳيو مطلب آهي. شاعر چوٿين سٽ ۾ ان حد جي ڳالهہ ڪري ٿو جتي دوئي ۽ ٻيائي جا پردا هٽي وڃن ٿا زمان ۽ مڪان جو قيد نظر نٿو اچي هر طرف حبيب جو حسن ۽ جانب جي جمال جو نوري نظارو آهي. اتي عابد ۽ معبود جو قيد نٿو رهي. اهو تمام اعراف آهي. اها ڪيفيت حضوري آهي. جيڪا اقطاب ۽ ابدال لاءِ مخصوص آهي.

**وائي**

آءٌ جا ويندڙي پار پرين ڏي
مُون کي آيَل جَهلَ مَ پاءِ
جَهلون پڪون پائيين، پاٽان مت نہ آڇين ماءُ
وِئو ٻاروچو نِڪرِي مون کي سُور چُڪائي ساءِ
مَنهنجا ڪم ڪريم تي، ريبي تان مَ رهاءِ

آئون جيڪا پرين جي پار ڏي وڃن واري آهيان اي آيل يعني منهنجي ماءُ! مون کي پرين جي پار وڃڻ کان ڪا جهل پل نہ ڪر مون کي وڃڻ ڏي. مون کي پرين ڏانهن جهلين پلين پئي ماءُ پر مون کي ڪا مت يا صلاح نہ ڏجائين ڇاڪاڻ تہ منهنجي من ۾ محبت جو جيڪو مچ متل آهي، اهو ان کي قبول نہ ڪندو.

ٻاروچو منهنجو خان پنهل/ هت مقصد محبوب جيڪو مون کان هٽان هليو ويو آهي انهي سوز ۽ فراق جو جيڪو سور چکايو آهي. انهي منهنجي اندر ۾ جيڪا جهانءِ ۽ جهوري وڌي آهي اها بيان ڪري نٿي سگهان.

منهنجو ڪم ڪريم تي آهن انهي مالڪ جي حوالي آهن. اهو ئي منهنجي محبوب کي ڪا مت ڏيندو ۽ هن کي هت رهائيندو.